
ABC
CERTIFIED
سَرتيون
شهيد راڻي
خاص نمبر
سنڌي ادبي بورڊ

ABC CERTIFIED

# سَرتيون

# شهيد راڻي خاص نمبر

جلد 21 | مارچ 2010ع | نمبر3

ايڊيٽر

گلبدن جاويد

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

ماهوار

# سرتيون

سنڌي ادبي بورڊ

چام شورو سنڌ


مواد موڪلڻ لاءِ ائڊريس

ايڊيٽر "سرتيون"، سنڌي ادبي بورڊ.
چام شورو، سنڌ. پوسٽ ڪوڊ نمبر 76070

رسالي گهرائڻ لاءِ ائڊريس

مئنيجر، سنڌي ادبي بورڊ، ڪتاب-گهر، تلڪ چاڙهي،
حيدرآباد، سنڌ، پوسٽ ڪوڊ نمبر 71000 فون 2633679

Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiadabiboard.org


(هيءَ خاص شمارو =/ 310 :RS)

قيمت: 00 - 25 رپيا، ساليانو چندو 00 - 300 رپيا
(ٽپال خرچ سميت)


Printed & Published by Secretary
Sindhi Adabi Board, at the Board's
Printing Press Jamshoro, Sindh - Pakistan.
Ph: (022) 2771300 - 271276-Fax:2771602

# سَيوئي سُبحَانُ، آيو نَظَر اُنِ جَي،

”سرتيون“ طرفان ”شهيد راڻي خاص نمبر“ اوهان پڙهندڙن جي هٿن تائين پڄائيندي تمام گهڻي افسردگي محسوس ٿي رهي آهي ته ڪاش اهو نمبر اسان سندس زندگيءَ ۾ ڪڍي سگهون ها. پاڻ پنهنجن هٿن سان ان جو مهورت ڪري ها! ڪاش! خوشيون ۽ خواب اسان جا.... خواهشون اسان جون حسرتون نه بڻجن ها....!

ڊسمبر 2007ع کان پوءِ هر ڊسمبر مهيني جي پهرين تاريخ اچڻ سان ئي من اندر جا بند ٽٽي پوندا آهن ۽ اکين مان آب جاري ٿي ويندو آهي. ڀلا اکيون روئن به ڇو نه ۽ دل دانهون به ڪيئن نه ڪري اسان کان اسان جي پنهنجي ڌرتيءَ تي، اسان جي مارئي، اسان جي نياڻي، سنڌ راڻي ۽ سنڌ جي ابوجهه ۽ بي پهچ عوام جي ماءُ، دنيا جي عظيم ليڊر ۽ تاريخ جي عظيم هستي ائين ڏينهن ڏٺي جو اسان جي سامهون گولين جو بک ٿي ويئي، هيڏي اڏول شخصيت دنيا جي سڀ کان خوبصورت ليڊي، سونهن جي ديوي، ڌرتيءَ جيڏي ليڊر، ڌرتيءَ حوالي ٿي. اهو هڪ بينظير ڀٽو تي نه پر ڪروڙين دلين تي وار ڪيو ويو، ڪروڙين هانوَ ڦاٽي پيا. ڪروڙين اکيون رت رُئنديون رهيون. ايڪيهين صديءَ ۾، سنڌ سان هيڏو هاڃو!

جڏهن به سنڌ تي ڪاهون ٿيون ته هتان جي سورمن ۽ سورمين ڌرتيءَ جي عزت، آجپي لاءِ جنگ جوٽي سر ڏئي شهادت ماڻي. پر اڄ جي دؤر ۾ جيئن محترمه سنڌ راڻي جيڪو پاڻ موکيو آهي اهو حب الوطنيءَ جو وڏو مثال آهي. سندس شهادت کي زمانو صدين تائين ياد رکندو، ۽ سندس نالو تا قيامت زنده و جاويد رهندو.

”شهيد راڻي خاص نمبر“ ۾ لکندڙن، شهيد راڻي کي لفظن جي جيڪا پيٽا ڏني آهي. اها ڪا رسمي ڳالهه نه پر هُنن جگر جي خون مان قلم ٻوڙي عقيدت جي پني تي لفظ اُڪاريا آهن. هن شماري ۾ شامل لکندڙن جون لکڻيون سچن موتين مثل آهن. جن کي اسان ڌاڳي ۾ پوئي هڪ خوبصورت مالا تيار ڪئي آهي، ۽ انهيءَ تي اطمينان پڻ آهي ته هيڏو وڏو ڪم خوش اسلوبيءَ سان مڪمل ٿيو.

”سرتيون“ سان سهڪار ڪندي هن خاص نمبر لاءِ جن به ليکڪائن ۽ ليکڪن اسان کي پنهنجون لکڻيون ڏنيون آهن انهن لاءِ اسين سندن نهايت ئي ٿورائتا آهيون. ٻيو ته هن نمبر لاءِ ڪن ليکڪن جون لکڻيون اڳ ڇپيون ۽ ڪن جون دير سان اچڻ ڪري ترتيب به ان

ئي حساب سان رکي وئي آهي. مطلب تہ هن نمبر ۾ شامل سڀئي محترم تالا آهن. جيڪي آسمان ۾ تارن وانگر چمڪي ۽ چلڪي رهيا آهن.

شهيد راڻيءَ جي شخصيت ۽ سندس گهراڻي تي جڏهن ويهي سوچجي ٿو تہ هن گهراڻي جو ڏرتي ۽ عام لاءِ پريم ۽ قرباني عام انسان جي سگهہ ۽ قوت کان گهڻي مٿانهين نظر اچي ٿي. پر جيئن تہ انسان اشرف المخلوقات آهي ۽ هي گهراڻو ان اشرف المخلوقات جي شرف کي قائم رکندي. انسان ۽ انسانيت جي ڀلي لاءِ پاڻ پتوڙيندي سر ڏيئي امر ٿيو. جيئن سُر ڪاهوڙي ۾ شاهہ سائين فرمائي ٿو:

ڪاهوڙِين خَفِيءَ سين، سوجهي لَڌو سُبحانُ،
عاشِقَ اِهڙين اَڪرين، لَنگهيا لامَڪانُ،
هُوءَ ۾ گَڏجِي هوءِ ٿِيا، بابُو سي بِريانُ،
سَيِوئِي سُبُحانُ، آيو نَظر اُنِ جي.

**وضاحت:** جيئن تہ هِن "خاص نمبر" جو ڪم اسان نومبر 2008ع کان شروع ڪيو هو، انڪري فوليا بہ انهيءَ حساب سان لڳايا ويا هئا، پر جيئن تہ هيءُ تمام اهم ۽ ضخيم نمبر آهي. انڪري گهڻو وقت لڳي ويو. پر "دير آيس، درست آيس" جي مصداق هيءُ نمبر جنهن ۾ نہ صرف اسان جي ڪوشش ۽ محنت شامل آهي، پر اسان جي سچائي ۽ محبت پڻ شامل آهي، جيئن شاهہ سائين فرمايو آهي:

محبت پائي من ۾، رنديا روڙيا جن
تَن جو صرافن، اڻ توريو اگهايو.

**گلبدن جاويد مرزا**

01 -03 -2010

# محترمہ بينظير ڀٽو شهيد



ولادت: 21- جون 1953ع

شهادت:27 — دسمبر 2007ع

پُورب ماريا،ِ ڪنهن دَرِ ڏيان دانهَڙي؟
مَتيون ڏيندي لوڪ کي، ڇَرِي پاڻ ٽِياسِ.
(شاهہ)



”اي منهنجا پالڻهار ۽ رب!
اسان سڀني کي پنهنجي ملڪ ۾ سک، سلامتي ۽ خوشحالي عطا ڪرڻ فرماءِ.“

# پيغام



شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي وزارت عظميٰ جي پهرين دؤر ۾ جتي ملڪ لاءِ وڏا وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا اتي سنڌ جي ادارن تي خاص توجهه ڏنو. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي جڳ مشهور اداري سنڌي ادبي بورڊ مان عورتن ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ ۽ کين ادبي ميدان فراهم ڪرڻ لاءِ 'سرتيون' رسالي جو اجراء ڪرايو.

۽ پهريون دفعو سنڌي ادبي بورڊ ۾ خواتين کي نوڪري ۾ رکيو ويو.

اسان جي عظيم اڳواڻ جي جرئت ۽ بهادريءَ جون ڪهڙيون ڳالهيون ڪري ڪهڙيون ڳالهيون ڪجن. هن جي قربانيءَ جو ڪوبه نعم البدل ناهي.

پاڻ امن جي پرچارڪ انسان دوست هئي. هن پوري ملڪ جي ماڻهن کي خوشحال ڏسڻ پئي چاهيو. هوءَ دنيا لاءِ حق ۽ سچ جي ويڙهه وڙهندي شهيد ٿي وئي.

محترمه جي شهادت اسان جي مٿان جيڪي غمن جا پهاڙ ڪيرايا آهن انهن کي هٽائڻ لاءِ ته ڪي زمانا گهرجن، پر شاهه سائين جي چواڻي ته

"آڏو ڏکر ڏر، مٿان روهه رتيون ٿئين."

سو اسان به پنهنجي شهيد نياڻي، سنڌ راڻي جي هر وچن هر قول کي عملي صورت ڏيڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهيون ۽ شهيد راڻيءَ جي تعين ڪيل منزل تي پهچڻ لاءِ سچ ۽ همت جو سنڌرو ٻڌي اُٿيا آهيون. انهيءَ سوچ ۾ آهيون ته مٿان ڪٿي مياري نه ٿيون.

اسان اڃا تائين سنڌ راڻيءَ جي جدائيءَ جي صدمي مان ٻاهر نڪري نه سگهيا آهيون. شايد شهيد راڻيءَ جي درد جي سگهه اسان کان اهو وچن ڪرايو آهي ته اسين پنهنجي ديس سان گڏ عالمي سطح تي پڻ آسودگي، خوشحالي، انصاف ۽ امن لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهون. سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن شپ ملڻ شرط مون اهو عهد ڪيو ته 'سرتيون' پاران 'شهيد راڻي نمبر' شايع ڪرايو ويندو.

پير مظهر الحق

سينئر وزير، وزير تعليم

حڪومت سنڌ

چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ






شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀُٽو دنيا جي هڪ وڏي عظيم اڳواڻ هئي، جنهن نہ فقط پنهنجي ملڪ پر دنيا جي ٻي پهچ ۾ ڏتڙيل ماڻهن کي بنيادي انساني حق ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪئي؛ جنهن سبب ڪروڙين عوامر سندس پوئلڳي ڪري ڪيس جيءَ ۾ جايون ڏنيون، ۽ سندس شهادت تي ملڪ ۾ ٻاهيون ٻاري ڏنيون. شهيد راڻي هڪ اهڙي شخصيت هئي، جنهن جي سونهن توڙي ڏاهپ جي سحر ۾ ماڻهو حيران ٿي ويندا هئا. مون کي خوشي آهي تہ هُن عظيم شخصيت سان منهنجي نيازمندي هئي. هن نمبر سهيڙڻ تي "سرتيون" جي ايڊيٽر شاباس لهڻي.

**شيخ عزيز**
وائيس چيئرمن
سنڌي ادبي بورڊ





دنيا جي هن گولي تي ڪيترين ئي شخصيتن اُڀري اُچن ٿيون ۽ پنهنجو وارو وڄائي يا تہ تاريخ جي صفحن جي دز ۾ گم ٿي وڃن ٿيون يا وري اُنهيءَ دز مان ٻاهر نڪري تاريخ جي صفحن تي اُجريون ٿي بيهن ٿيون. سندن اُجري شخصيت خود تاريخ جي ورقن جي سونهن پٽجيو پوي. اُنهن شخصيتن جو مان بہ پنهنجو آهي تہ سونهن بہ قدرت اُنهن کي سجيح ڏيو ڇڏي. سنڌ جي علمي ادبي ادارن انهن شخصيتن کي وقتائتو عزت ۽ مان ڏئي پاڻ پي ملهايو آهي. جنهن عظيم هستي لاءِ سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي رسالي سرتيون جو خاص نمبر ڪڍي ڪيس خراج عقيدت جو نذرانو پيش ڪيو آهي. اُنهي هستي لاءِ ڪا معنيٰ نہ ٿو رکي ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي راڻي بينظير شهيد ٿي آهي ۽ شهادت جو درجو سڀ کان مٿانهون آهي. شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو امر ٿي وئي آهي. تاريخ جي صفحن تي سندس نالو چمڪندو رهندو. روشن، روشن جرڪندو رهندو.

سرتيون جي ايڊيٽر گلبدن جاويد مرزا سندس سٽ ۽ ادبي بورڊ جو سيڪريٽري زوار نقوي ۽ اداري جا ڪارڪن جس لهڻن جو سرتيون جو ضخيم نمبر شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي ورسي جي موقعي تي ڪيس ارپي، سندس هٺڙي شخصيت ۽ سدا حيات هستي کي ادبي دنيا ۾ بہ امر ڪري ڇڏيو آهي.

**حميد سنڌي**

ميمبر- بورڊ آف گورنرس

سنڌي ادبي بورڊ



# پيغام



"سرتيون" رسالي طرفان محترمہ شهيد راڻي بينظير ڀٽو تي نمبر شايع ڪري اداري پنهنجو حق ادا ڪيو آهي. شهيد راڻي جو شمار دنيا جي عظيم شخصيتن ۾ ٿئي ٿو ۽ اسان لاءِ اها فخر جوڳي ڳالهہ آهي تہ محترمہ شهيد راڻي سنڌ ڌرتيءَ تي جنم ورتو ۽ هتان جي ڏتڙيل طبقي کي چڱي زندگي ڏيڻ خاطر جيلن جون صعوبتون برداشت ڪيون. هوءَ ڌرتي ۽ ڌرتيءَ جي ڏتڙيل ۽ ڏکويل ماڻهن لاءِ جاکوڙيندي ۽ جهيڙيندي شهادت جو درجو ماڻي امر ٿي وئي.

**آغا سليم**
ميمبر- بورڊ آف گورنرس
سنڌي ادبي بورڊ





تاريخ جي عظيم هستي شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ سنڌي ادبي بورڊ مان شايع ٿيندڙ رسالي ”سرتيون“ پاران خاص نمبر شايع ڪري اداري وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. ”سرتيون“ هن کان اڳ به ڪيترائي شاندار نمبر جيئن ”ڪهاڻي نمبر“، ”شاعري نمبر“ ۽ ويجهڙائيءَ ۾ ”انٽرويو نمبر“ شايع ڪيا آهن، پر هن نمبر جي ڳالهه ئي نرالي آهي. مون اڳ ڪٿي لکيو آهي ته سرتيون جي ايڊيٽر گلبدن آصف مصراڻي جي ادبي ميدان ۾، تربيت سنڌس دانشور، اديب، عالم ۽ قادرالڪلام شاعر والد جي زير سايه ٿي، جنهن جو عڪس هن وقت به گلبدن جي لکڻين ۾ نمايان آهي، ۽ اسان جي هن جي نياڻيءَ جي لڳاتار محنت ۽ جاکوڙ سبب ”شهيد راڻي نمبر“ تمام خوبصورت لکڻين سان سنوارجي پڌرو ٿيو آهي. هيڏي وڏي جاکوڙ ڪرڻ تي ڪيس جس هجي!

**عبدالغفار صديقي**
**ميمبر- بورڊ آف گورنرس**
**سنڌي ادبي بورڊ**





محترمہ بينظير ڀٽو هڪ تاريخ ساز شخصيت آهي جيڪا غريبن، يتيمن عورتن توڙي مردن جي حقن لاءِ وڙهندي. پيءُ وانگر شهادت جو درجو ماڻي هڪلون ڏئي موت کي بہ مات ڏئي وئي. سڄي پاڪستان کي خاص طرح سنڌ صوبي کي هئيهات ۾ وجهي وئي. هن کان پوءِ ڇڻ بي سهارا ٻڄي ويا آهيون. سنڌس پرستار اڄ بہ روئندا رهن ٿا.

بابا هن دنيا جي تختي تي صدين کان وني اڄ تائين اهڙي بيباڪ بهادر ۽ سهٽي راڻي اسان نہ پڙهي آهي نہ ٻڌي آهي نہ ڏٺي آهي. هن امن جي ديويءَ جو صدين تائين ڏک نہ ويندو. توقع آهي تہ سندس پيروڪار شال سندس نقشي قدم تي هلي ملڪ ۽ قوم جي خدمت هن وانگر بلا امتياز ڪن.

اسان جن حوصلن تي، وارَ هيڪاندا وسايا ويا
مگر الله اڪبر چئي، ڪھُڻ کي بي کهي وياسين.
تڏهن 'مدهوش' ميت کي مليو اعزاز عظمت جو
جڏهن ڳاڙهن گلن جي سيج تي سينگارجي وياسين.

**احمد خان مدهوش**

ميمبر- بورڊ آف گورنرس

سنڌي ادبي بورڊ





”سرتيون“ رسالي جي ايڊيٽر گلبدن جاويد جي چوڻ تي سنڌ جي عظيم نياڻي محترمه شهيد بينظير ڀٽو لاءِ هي چند سٽون لکندي دل ۾ سانديل سور هڪ دفعو ٻيهر چيڻ لڳو آهي. اعتبار ئي نٿو اچي ته اسان جي اڳواڻ اسان جي ڀيڻ ائين ڪن پل ۾ اسان کان ڌار ٿي وئي. هوءَ اسان جي نياڻي جيڪا عظيم هستي هئي، ان لاءِ ڇا لکي ڇا لکجي. هوءَ سونهن ۽ سندرتا جو سنگم هئي. هوءَ عوام جي دلين تي راڄ ڪندي هئي. هوءَ عوام ۾ رهڻ پسند ڪندي هئي. هن جي شخصيت، هن جو ڪردار، هن جي ذهانت، هن جي بصيرت، هن جي ڪهڙي ڪهڙي خوبي بيان ڪجي. هوءَ ته سراپا سچ هئي، هوءَ هتان جي اٻوجهه ۽ بي پهچ ماڻهن کي حق وٺي ڏيڻ لاءِ آئي هئي ۽ هن سچ لاءِ وڙهندي وڙهندي شهيد ٿي امرتا ماڻي. هوءَ شهيد آهي. هوءَ امر آهي. هوءَ بينظير آهي.

سرفراز راڄڙ
صوبائي صدر
پاڪستان پيپلز پارٽي ڪلچرل ونگ سنڌ
۽
ميمبر بورڊ آف گورنر سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو



دنيا جي تاريخ ۾ جتي نهايت وڏا ظالم، سفاڪ ۽ جابر حڪمران پيدا ٿيا ۽ جن انسانن جي خون سان راند ڪرڻ کي پنهنجي لاءِ هڪ اعزاز ٿي سمجهيو، جڏهن ظالم و استبداد جي حڪمراني واري دور ۾ انسانن جون زبانون ڪاٽيون وڃن ته متان اهي ڪو احتجاج جو آواز نه بلند ڪن، تڏهن اهڙين ئي حالتن ۾ اهڙا بي باڪ، ليڊر هماليه جبل کان وڌيڪ اڏول ۽ مرد حق پيدا ٿيا جن حق ۽ سچ جي ڪلمي چوڻ ۾ ڪڏهن به نه ڪيٻايو ۽ سر کي سوري جو سينگار بنائي ڇڏيو. تاريخ اهڙن واقعن سان ڀريل آهي.

پاڪستان کي قائم ٿئي 62 سال ٿي ويا. اهو به الله تعاليٰ جو احسان آهي ته پاڪستان کي به اهڙن ئي اڳواڻن جي قيادت نصيب ٿي جن سر ته ڏنو پر آمر جي اڳيان ڪنڌ نه جهڪايو. هڪ شعر جي تشريح:

هڪڙو مان ناهيان جو قاسي چڙهندس
ملڪ سڄو منصور ٿيو پيو آهي.

۽ اها سعادت به سنڌ کي نصيب ٿي جو شهيد قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت کان پوءِ سندس نياڻي شهيد جمهوريت محترمه بينظير ڀٽو انهيءَ جهنڊي کي هٿ ۾ کڻي اڳتي وڌي جنهن پنهنجي ڀرپور صلاحيتن جو عالمي سطح تي اعتراف ڪرايو. شهيد جمهوريت محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلندي ملڪ جي غريب عوام سان پنهنجي ناتي کي برقرار رکيو. هر هنڌ انهيءَ انداز، انهيءَ جوش ۽ ولولي سان عوام کي آمر جي ڏاڍاين وارين زنجيرن کي ٽوڙڻ لاءِ بيدار ڪيو ۽ ائين ٿيو ته هن ملڪ مان ڊڪٽيٽر هميشه لاءِ وطن ڇڏي ڀڄي ويا جن کي هاڻي شايد ملڪ جي مٽي به نصيب نه ٿئي. پر شهيد جمهوريت جنهن کي پنهنجي وطن، ملڪ جي ڪروڙين غريب عوام سان بي پناهه محبت هئي ان پنهنجي ئي اباڻي مٽي ۾ اچي ابدي آرام ڪيو.

شهيد بينظير ڀٽو جنهن ايتري جدوجهد ڪئي آهي. اها پاڪستان جي تاريخ جو هڪ اهڙو باب آهي جنهن کي ڪوبه "مخبوط الحواسي" ڊڪٽيٽر ڪڏهن به ڦاڙي اجلائي نٿو سگهي ۽ ڪوبه جمهوريت جو دشمن ظالم اڳواڻ انهيءَ قرباني جي ڏنل سبق کي پاڪستان جي ڪروڙين عوام جي دلين مان ڪڍي نٿو سگهي. يقيناً سڄي دنيا انهيءَ بي باڪ ۽ دلير اڳواڻ جي سياسي بصيرت کي سلام ڪري ٿي.

**پروانو ڀٽي**
ميمبر- بورڊ آف گورنرس
سنڌي ادبي بورڊ



# پيغام



"سرتيون" طرفان شايع ٿيندڙ "محترمہ شهيد راڻي نمبر" شايع ٿيڻ تي ايڊيٽر گلبدن جاويد جي بيحد اصرار تي هيءُ پيغام لکندي محسوس ٿي رهيو آهي تہ مانو ٽيل درد دل جا بند ٽوڙي لڙڪن جو روپ وٺي نيڻن مان نيسارا ڪري وهي رهيو آهي. وڇوڙو ڇا آهي؟ درد ڇا آهي؟ اهو اسان ڪان وڌيڪ بهتر ڪير ٿو ڄاڻي سگهي ڇو تہ جڏهن سنڌ جي سرزمين تي ڪارا ڪڪر ڇانيا ۽ ڪڙڪاٽ ڪري وڄون ڪريون تڏهن اسان جا وجود لرزي ويا. هڪ تہ اسان جي محبوب اڳواڻ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت جو درد گهٽيوئي نہ هو، اجا اکين جا ڪنارا سُڪائي نہ هئا تہ مٿان وري اسان جي نياڻي اسان جي رهبر اسان جي اڳواڻ، جنهن جو عوام سان محبت ۽ پنهنجائپ جو اهو ڪمال هو جو ماڻهن بيخود ٿي نعرا لڳايا:

"تنهنجي ڀيڻ منهنجي ڀيڻ بينظير بينظير" "مارئي ملير جي بينظير بينظير"

سو اسان جي مارئي سنڌ راڻي جنهن همت ۽ جرئت سان پنهنجي جان جو نذرانو ڏنو، ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. اسان کي شهيد جمهوريت "سنڌ راڻي" جي ڏسيل راهہ تي پختا پير ڪري بيهڻو آهي. همت ۽ صبر جو دامن هٿان ناهي ڇڏڻو. هن نمبر سهيڙڻ تي سرتيون جي ايڊيٽر کي شاباس هجي!

**سينيٽر مولا بخش چانڊيو پاڪستان پيپلزپارٽي**
**۽ ميمبر- بورڊ آف گورنرس سنڌي ادبي بورڊ**



# پيغام



مون کي اهو ڄاڻي ڏاڍي خوشي ٿي آهي، ته سنڌي ادبي بورڊ پاران عورتن لاءِ شايع ٿيندڙ مئگزين ماهوار ”سرتيون“، محترمه بينظير ڀٽو شهيد جي حوالي سان هڪ خاص اشاعت مارڪيٽ ۾ آڻي رهيو آهي. شهيد راڻي اسان جي ملڪ جي نه پر سڄي دنيا جي عظيم رهنما هئي، جنهن جي ذهانت ۽ سياسي شعور سبب ملڪ جي عوام کي سندن حق ملڻ جي شروعات ٿي. شهيد راڻي جنهن جي پرورش ايشيا جي عظيم اڳواڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي نهايت ئي لاڏ ڪوڏ سان ڪئي هئي، تنهن پنهنجي والد محترم جي شهادت کان پوءِ هن جي حقيقي جانشين هجڻ جو فرض نڀايو. هوءَ به ڀيرا پاڪستان جي چونڊيل وزيراعظم رهي ۽ اسلامي دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم رهي. هوءَ هڪ ماءُ، هڪ ڀيڻ، هڪ گهرواري، هڪ سياستدان ۽ هڪ پارٽي جي اڳواڻ جي حيثيت ۾ ڪامياب رهي. سندس محبت نه صرف سندس اولاد لاءِ پر سڄي پاڪستان جي عوام لاءِ مشعل راهه بڻيل آهي. اميد ڪجي ٿي ته سنڌ جون عورتون هن عظيم ۽ مثالي ڪردار جي پيروي ڪندي پنهنجو ۽ پنهنجي ملڪ جو نالو روشن ڪنديون.

**قاضي اسد عابد**
**ميمبر- بورڊ آف گورنرس، سنڌي ادبي بورڊ**
**چيئرمن عبرت گروپ آف پبليڪيشن**





# پيغام

”سرتيون“ سنڌ جي عورتن جو هڪ سگهارو آواز آهي جنهن هميشه حق ۽ سچ جو نعرو بلند ڪيو آهي. سچ تي هلڻ واري راهه عام رستي کان گهٽي ڏکي ۽ اٽانگي هوندي آهي. پر پاڻ وٽ چوڻي آهي ته ”سچ جي ٻيڙي لڏي، پر ڪين ٻڏي.“ هي رسالو اسان جي نياڻي ۽ رهبر محترمه شهيد سنڌ راڻيءَ جي پهرين دور حڪومت ۾ سندس خواهش موجب شايع ٿيو ۽ هن رسالي اڄ ويهه سال پورا ڪري ايڪيهين سال ۾ قدم رکيو آهي. شاباس هجي اسان جي سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهر رهندڙ ليکڪائن شاعرائن کي جن جي لکڻين سان هي رسالو دائم ۽ قائم رهندو اچي. ٻيو وري جس هجي ايڊيٽر نياڻيءَ کي جنهن جي ڪوشش سان هن رسالي پنهنجي هڪ تاريخ ٺاهي آهي. ”محترمه شهيد راڻي نمبر“ شايع ڪرڻ لاءِ ادارو مبارڪباد جو مستحق آهي.

**ڊاڪٽر محمد لائق زرداري**

**ميمبر- بورڊ آف گورنرس سنڌي ادبي بورڊ**



# پيغام



" شهيد بينظير ڀٽو نمبر" ڇاپي، "سرتيون" رسالو انهيءَ عظيم هستيءَ کي خراجِ تحسين پيش ڪري رهيو آهي، جيڪا موهن جو دڙو جي سڀيتا جي وارث آهي. جيڪا شاهه جي سورميءَ مارئيءَ وانگي وطن ورڻ لاءِ واجهائيندي آهي! ۽ وطن واپس وري پنهنجي وطن تان ۽ پنهنجي عوام تان قربان ٿي وئي ۽ هميشه لاءِ امر ٿي وئي. سچ جا دشمن اهوئي سوچيندا آهن ته هو سچارن کي ماري سچ کي به ماري ڇڏيندا، پر اصل ۾ اهي پاڻ مري ويندا آهن! ۽ سچ چوڻ وارا سچ وانگر وڌيڪ اُجاگر ٿي ويندا آهن.

شهيد محترمه بينظير ڀٽو شهادت ماڻي اسان کي اهوئي پيغام ڏنو آهي ته سچ کي ڪوبه نٿو ماري سگهي! ۽ سچ سان جڏهن پيار به گڏجي ٿو وڃي تڏهن ان جي طاقت اڳتي ڪوڙ ۽ ڏڪار جا پير پٽ تان پٽجي ٿا وڃن.

اهڙيون هستيون پنهنجي لازوال قربانيءَ سان اسان لاءِ اهو سبق ڇڏي ٿيون وڃن ته زندگيءَ جي هڪ اعليٰ مقصد آهي ۽ انهيءَ مقصد کي ماڻڻ لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪري ڇڏڻ گهرجي.

"سرتيون" هن کان اڳي به ڪيترائي اهم نمبر ڇاپيا آهن، ۽ مان ڄاڻان ٿي ته انهن ۾ "شهيد محترمه بينظير ڀٽو نمبر" تارن ۾ چنڊ وانگر آهي.

"سرتيون" جو اهو نمبر شهيد محترمه بينظير ڀٽو لاءِ اسان سيني جي سُرخ سلام وانگر آهي. جيڪا هڪ بين الاقوامي سطح جي اڳواڻ هئي ۽ اسان لاءِ اها ڪيڏي نه فخر جي ڳالهه آهي ته اها سنڌ ڄائي آهي!

**پروفيسر ڊاڪٽر سحر امداد حسيني**

**ميمبر- بورڊ آف گورنرس**

**سنڌي ادبي بورڊ**



# پيغام



اسان جي عظيم اڳواڻ محترمہ شهيد راڻي تي ”سرتيون“ پاران هي تاريخي نمبر پيش ڪري سنڌي ادبي بورڊ تمام وڏو ڪم سرانجام ڏنو. جنهن لاءِ ان جا مخلص ڪارڪن سرتيون جو پورو سٿ مبارڪباد جي مستحق آهي. سچ پچ تہ هي نمبر ڪڏي شهيد راڻي جي روح کي تسڪين پهچايو ويو آهي. يقينن هي اشاعت سنڌ وارن لاءِ علم و ادب جو وڏو ذخيرو ثابت ٿيندي.

اسان جي دعا آهي تہ آئينده بہ سرتيون اهڙا با مقصد علمي ادبي شخصيتن جي حوالي سان يادگار نمبر شايع ڪندو رهندو.

**اياز پاتولي**
**ميمبر- بورڊ آف گورنرس**
**سنڌي ادبي بورڊ**





سنڌ جي ادبي ڪيتر ۾ جن رسالن سنڌيءَ جي ”مليراڻي شعورَ“ ”ڪالهہ مليران مَهَڪَ اُٿي جا، نگر نگر ڦهلايان“ ڪي سنڌيءَ جي هر طبقي جو ڳَڏيل شعوري ورثو ٻڌائي ڇڏيو آهي تن ۾ ”سرتيون“ مُک شعوري سرواڻي ڪندي، مارئيءَ جي اُن مَهَڪَ سان سنِڌُ ڄايُن جي روحن کي ڇڻ گُلرنگ گيتن سان رڱي ۽ راڳي ڇڏيو آهي. جنهن سبب سنڌي، علمي، ادبي ڪيتر مَهَڪَ مَهَڪَ مينهُن ٿي پيو آهي. ”سرتيون“ جي سرواڻ/ ”ايڊيٽر“ گلبدن جاويد مرزا پنهنجي فرض جي پوئواريءَ سان ڳڏخانداني، پيڪاڻي توڙي ساهراڻي ادبي پسمنظر ۽ ذاتي تخليقي حوالي سان پڻ ”مليراڻي مَهَڪَ“ شعور جي نمايان ”گُلَ پري“ آهي.

هن ڪان اڳ ”سرتيون“ طرفان شايع ٿيل عورتن جا نمبر پڻ سندس سنجيدگيءَ سان ڪيل پورهئي جو خوبصورت سرمايو آهن. اميد ٿي ڪجي تہ ”شهيد راڻي نمبر“ يقينن سنڌي ادب ۾ نمايان حيثيت ماڻيندو.

**احمد سولنگي**

ميمبر- بورڊ آف گورنرس

سنڌي ادبي بورڊ





هي چند سٽون لکندي مون کي انتهائي سرهائي محسوس ٿي رهي آهي تہ ”سرتيون“ رسالي پاران ادارو محترمہ بينظير ڀٽو شهيد تي خاص نمبر شايع ڪري رهيو آهي. هن عظيم هستي کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ لفظن جي مالاپوئجي يا لڙڪن جو نذرانو پيش ڪجي. هڪ اهڙي هستي جنهن پنهنجي ديس ۽ ديس واسين کي سُک ۽ سلامتي ڏيڻ لاءِ آمرن سان مهاڏو اٽڪايو. ۽ پنهنجي جان جو نذرانو ڏئي جمهوريت جو سج روشن ڪيو. هوءَ هستي جيڪا ملڪ جي چئني صوبن جي ڳانڍاپي جو باعث هئي اها اسان کان جدا ڪئي وئي. هوءَ اسان جي اڳواڻ هئي، اڳواڻ آهي ۽ اڳواڻ رهندي. هوءَ سدائين بي مثال ۽ بينظير رهندي!

**محمد قاسم ماڪا**

ميمبر- بورڊ آف گورنرس

سنڌي ادبي بورڊ





اڄ ” شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ نمبر“ لاءِ پيغام جون هي چند سٽون لکندي خوشي سان گڏوگڏ منهنجيون اکيون لڙڪن هاڻيون ٿي رهيون آهن. خوشي، اها تہ هي رسالو جيڪو سنڌ جي عورتن جو واحد، سنڌي نمائنده رسالو آهي، اُن جو اجراءُ بہ محترمہ بينظير ڀٽو جي پهرين دؤرِ حڪومت ۾ ٿيو. هن رسالي وسيلي سنڌي ادب ۾ جيڪي بہ سنڌي عورتون سامهون آيون آهن، اهي سڌي طرح ياڻ سڌي طرح محترمہ جي ئي ان سياسي ۽ سماجي بصيرت جو عملي روپ هيون، جنهن ۾ هن سنڌ کي عورتن جو سگهارو آواز ڏيڻ چاهيو ۽ بلاشبہ اڄ ”سرتيون“ سنڌ جي انتهائي پوئتي پيل عورتن جي نمائندگي ڪندي بي زبان عورتن جو آواز بڻجي سامهون آيو آهي. اها سچ پچ تہ محترمہ بينظير ڀٽو جي عملي صورت آهي. پر اها شخصيت جنهن جي اکين ۾ هن خطي جي عورت کي پسماندگيءَ مان ڪڍڻ، ڪيس معاشيءَ ۽ سياسي طور سگهارو ڪرڻ وارو خواب سانديل هو، اُها پنهنجي خواب جي تعبير ۽ عملي صورت ڏيڻ لاءِ اسان جي وچ ۾ ناهي ۽ اسان سچ پچ تہ ان باهمت عورت قيادت کان محروم ٿي چڪا آهيون، جنهن اسان جي رستن جي ڪنڊن کي پنهنجي سياسي جدوجهد وسيلي پنهنجي اکين جي پنبڻين سان ٿي هٽايو، اُها قيادت بيشڪ تہ جسماني طور اسان وٽ ناهي پر سندس ٻاريل لاٽ جي روشني، عورتن جي ڀلائي جون اسڪيمون ۽ گڏوگڏ هيءَ ”سرتيون“ رسالو اسان وٽ موجود آهي. جيڪو سندس خواب کي ساڀيا ڏيڻ لاءِ سدائين هيٺي عورتِ کي سگهارو بنائڻ جو ڪم ڪندو رهندو.

**امر سنڌو**





سنڌ جي ڪک مان ڪيترائي املهہ ماڻڪ انسان جنم وٺي نہ صرف پنهنجي يوميءَ پر سموري دنيا ۾ پنهنجو پاڻ مڃائي سنڌس مان متاثهون ڪرڻ جو سبب ٿيا آهن جن مان ويجهي ماضيءَ ۾ بہ نالا وڏي اهميت حاصل ڪري نہ صرف پنهنجي زندگيءَ ۾ پر شهادت کان پوءِ بہ ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪن ٿا. انهن مان هڪڙو هو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ٻي سنڌس سدا سهڻي بي مثال نياڻي شهيد بينظير ڀٽو.!
ٻئي انتهائي جينئس، گهڻ پڙهيا، ڏاها، بهادر ۽ اصول پسند انسان هئا. جن اصولن خاطر بهادريءَ سان موت کي قبول ڪري شهادت جو رتبو ماڻيو ۽ هميشہ لاءِ امر ٿي ويا. شاهہ لطيف اهڙن ئي امر انسانن لاءِ چيو آهي تہ:

**مرڻا اڳي جي مئا سي مري ٿين نہ مات**
**هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيا**

هنن جو جيئڻ ۽ مرڻ پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ان جي ماڻهن لاءِ هو ۽ هو سنڌن لاءِ بنيادي انساني ضرورتن اٽي، لٽي ۽ اجهي کان سواءِ عزت نفس، آجپي ۽ خوشحال آئيندي جي اميدن وارا خواب ڏسڻ وارا آدرشي انسان هئا.
اسان کي شهيد بينظير جي ذات ان ڪري وڌيڪ متاثر ڪري ٿي ۽ هوءَ اسان کي ان ڪري پياري آهي جو هوءَ عام سنڌي ماڻهوءَ لاءِ تہ اهم هئي پر سنڌي عورت جو آئيڊيل پڻ هئي. هوءَ عورت لاءِ اهڙو اُتساهہ هئي جنهن سنڌي سماج ۾ عزت آجپي ۽ اميد جا سوين ديپ جلائي ڇڏيا هئا. جنهن سنڌي سماج جا ڇڳا مڙس، جاگيردار وڏيرا تہ هڪ طرف عام ماڻهو هاري ناري، نوڪري پيشور، پڙهيل لکيل اڻ پڙهيل سڀئي عورت کي پنهنجي پاڻ کان ڪمتر، ڪنيز بلڪ پير جي جتي سمجهندا هجن، اهي ساڳيا ماڻهو بينظير ڀٽو کي هڪ عورت کي، هڪ سنڌياڻيءَ کي اکين تي رکن، ان جي عزت، مان مرتبو ۽ شان تمام اُچو سمجهن... ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آهي ۽ اها ڳالهہ هن سماج ۾ تبديليءَ جو پيش خيمو ثابت ٿئي ها، ذهني، عملي انقلاب ڏانهن قدم ثابت ٿئي ها. پر قدرت سنڌي قوم کان اهو سونهري موقعو کسي ورتو، انهيءَ سنڌي عورت کي وري نڌڻڪو ڪري ڇڏيو، ان جا خواب پورا پورا ڪري ڇڏيا، هوءَ جيڪا سنڌي عورت جي حيثيت/ اسٽيٽس وڌڻ جي ضمانت هئي. ان جي وڃڻ سان سنڌي عورت ڪجهہ وقت لاءِ تہ ضرور مايوس ٿي پر پوءِ هوءَ سنڌس لاءِ اتساهہ جو ذريعو بنجي اڀري ڇو تہ هن ساهہ ڏنو پر ويساهہ ڪونہ وڃايو. بلڪ هوءَ جان جي قرباني ڏئي سنڌي عورت جو ويساهہ بنجي ويئي ۽ اڄ هر سنڌياڻي ڪيس پنهنجو رول ماڊل بنائي چڪي آهي... هوءَ صرف نالي ۾ بينظير ڪانہ هئي بلڪ پنهنجي ڪردار ۾ بہ بينظير هئي.

ڊاڪٽر فهميده حسين

چيئرپرسن سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو





سنڌ جي سموري تاريخ ۾ محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت جهڙو ڪو ٻه واقعو نه ٿيو آهي. جنهن سڄي قوم کي ڏوٽي ۽ ڏونڌاڙي رکيو هجي. هن اڏول عورت جي شهادت تي نه رڳو سڄي قوم جو هر هڪ فرد رُنو پر اُن سان گڏ ڄڻ وڻ ٽڻ، پکي پکڻ، رستا، ڳوٺ شهر، در دروازا ۽ ٻيون بي جان شيون پڻ سُڏڪي رهيون هيون. هڪ ڳجندڙ آواز خاموش ٿي ويو، هڪ لُڏندڙ هٿ ساڪت ٿي ويو، هڪ مُرڪ مرجهائجي وئي. هڪ پوتي سُرنگون ٿي وئي ۽ هڪ للڪار لحد ۾ لهي سانت ٿي وئي. ڀٽائيءَ جي سورمين کان پوءِ بينظير ئي اهڙو ڪِرشماتي ڪردار آهي. جنهن کي ايندڙ وقت جو ادب ۽ شاعري وڌيڪ اُجاگر ڪندي.

هوءَ هڪڙو جادو هئي جنهن سڄي سنڌ کي پنهنجي سحر ۾ وٺي ڇڏيو هو، نفاست ۽ سختيءَ جو سنگم هئي. هو هڪ ئي وقت عوامي اسٽائيل رکندڙ ۽ تدبر سان ڀرپور شخصيت هئي. ايندڙ وقتن ۾ جڏهن جديد سنڌ جُڙي راس ٿيندي ته اُن سنڌ جي بنيادن ۾ هن سُپَتِ ڌيءَ جي ڀرپور ڀيٽا ڀيل هوندي. هن جي شخصيت ۽ جدوجهد تي لطيف سائين جو هيءُ بيت ڪيڏو نه نهڪي ٿو اچي:

جان جان هئي جيئري، ورچي نه ويٺي،
وڃي پوءِ پيٽي، ساريندي کي سڄڻين!

**ماهتاب محبوب**





شهيد محترمہ بينظير ڀٽو سنڌ ڌرتيءَ جي اها بهادر خاتون هئي، جنهن جي حوصلي اڳيان جبل بہ راڪ ٿي ويندا هئا. هن پنهنجي بهادر والد محترم وانگر قيد و بند جي صعوبتن کان يا سولي چڙهڻ جي خوف کان ڪڏهن بہ ڪين ڪيٻايو. جيئن تہ هوءَ هڪ پيدائشي شهزادي هئي جيڪا سونن چمچن ۾ کائيندي هئي ۽ جيڪا اطلس بخمل ۽ ڪيم خواب جي بسترن تي سمهندي هئي. جنهن دنيا جي بهترين يونيورسٽين مان تعليم حاصل ڪئي هئي. هن جي سڄاڻپ دنيا جي عظيم ليڊر ۽ پاڪستان جي چونڊيل وزيراعظم جي ڏيءَ جي حيثيت سان هئي. پُرآسائش زندگي هن جي منتظر هئي. پر هن جو روحاني ڳانڍاپو وطن جي مٽي ۽ مسڪين ماڻهن سان هو. هن پنهنجي ڌرتيءَ تي پنهنجي ماڻهن ۾ رهي جيئڻ پئي چاهيو. هن جي منزل جو تعين هو غربت ۽ مسڪين ماڻهن کي حق ڏيارڻ. هن کي مارئي جو لقب ائين نہ مليو هو. پر هوءَ سچ پچ شاهہ جي سورمي مارئي هئي. هوءَ محلين ماندي هئي، هن جو جهوپڻ ۽ جهانگيئڙنَ ۾ جيءُ جڙيل هو. اسان جي شهيد راڻي ۾ ڪرشماتي طاقت هئي، جنهن سبب اسان عورتنِ سنڌس اڳواڻيءَ ۾ پيرپٽون ڪري جبل جهاڳڻ جو وچن ڪيو. اڄ شهيد راڻي جسماني طور اسان ۾ موجود ناهي. پر روحاني طور پاڻ هر لمحي اسان سان گڏ آهي. آئون "سرتيون" جي ايڊيٽر گلبدن جاويد کي هي شاندار ۽ ساهہ سان ساندڻ جهڙو نمبر مرتب ڪرڻ تي دلي مبارڪباد ڏيان ٿي.

**کلثوم چانڊيو**

ايم. پي. اي پاڪستان پيپلز پارٽي





محترمه شهيد بينظير ڀٽو جي شخصيت اسان سنڌين لاءِ هڪ وڏي فخر جو باعث آهي پاڻ مسڪين ماروئڙن جو وڏو سهارو هئي. پر قاتل وڏو وار ڪري اسان جي هڏ ڏوکياڻي ۽ عظيم ليڊر اسان کان کسي ورتي. اسان جي هن نياڻيءَ ۾ هزارين خوبيون هيون. هوءَ اسان مان هئي ۽ اسان جي هر دک درد و رنج جو کيس فڪر هو. هن ملڪ کي سڌارڻ چاهيو پئي. هن چاهيو پئي ته هر مسڪين ماڻهو عزت جي زندگي گذاري . هن چاهيو پئي هاري مزدور سڀ سکي سهنجي زندگي گذارين.

محترمه جي آمد تي پنهنجي ديس جي ماڻهن پنهنجي اکين ۾ خواب ڏسڻ شروع ڪيا. اهي خوشحالي ۽ امن جا خواب هئا. بهرحال شهيد راڻي پنهنجي جان جو نذرانو ڏئي ملڪ ۾ جمهوريت بحال ڪرائي. پاڻ امر ٿي وئي. پر سنڌس شهادت اسان جي دلين ۾ جيڪي گهاءُ وڌا آهن اهي ڪڏهن به پرجڻ جا ناهن.

**اڪبر لغاري**

ڊي.سي. او عمرڪوٽ



# پيغام



محترمه شهيد بينظير ڀٽو صاحبه تي اسان کي وڏو فخر آهي. هوءَ تمام ذهين، پُراعتماد، ڏاهي ۽ مدبر اڳواڻ هئي، جنهن جي سياسي بصيرت سبب دنيا کيس عظيم اڳواڻ مڃي ٿي. محترمه پنهنجي وزارت اعظميٰ جي ٻنهي دَورن ۾، جتي ملڪي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪيو. اتي سنڌ جي پوئتي پيل عورتن لاءِ پڻ قابل تعريف ۽ قابل فخر ڪردار ادا ڪيو، عورتن کي تعليم پرائڻ جون سهولتون ڏنيون، صحت جي شعبي تي خاص توجهه ڏنو ۽ هيلٿ ورڪر جي سري هيٺ پوري ملڪ جي عورتن سان گڏ سنڌ جي عورتن کي روزگار فراهم ڪيو. شهيد راڻي پنهنجي ڏاهپ سان ملڪ جي عام ماڻهوءَ کي عام طرح ۽ عورتن کي خاص طرح معياري زندگيءَ ڏيڻ لاءِ گهڻو جاکوڙيو.

اڄ اسان پنهنجي اداري پاران شايع ٿيندڙ رسالي ”سرتيون“ پاران ”شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو“ نمبر شايع ڪري کيس ڀيٽا ڏئي رهيا آهيون. اميد ته اسان جي لائق پڙهندڙن کي اسان جي هي ڪوشش ضرور قبول پوندي.

**پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي**

**سيڪريٽري**

# سٿاءُ

**شاعري:**


بينظير ڀٽو جي ڪهاڻي شاهه لطيف ۽ ملير جي مارئي جي زباني. شهيد راڻي/ ترجمو: شگفته شاهه


**مقالا:**


| | | |
|---|---|---|
| سپنا ڪڏهن مرندا ناهن! | ڊاڪٽر سحر امداد حسيني | 25 |
| منهنجون يادگيريون | ڊاڪٽر قمرجهان مرزا | 31 |
| احساسن جي تازگي ۽ جذبن جي نرميءَ واري بينظير | ڊافين بارڪ/ تنوير جوڻيجو | 44 |
| عظيم پيءُ جي عظيم نياڻي | ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو | 49 |
| سنڌ جي راڻي: شهيد بينظير ڀُٽو | نور افروز خواجه | 58 |
| بينظير ڀٽو اسلامي دنيا ۽ اولهه وچ ۾ پُل جو ڪردار ادا ڪرڻ چاهيو هو. | عرفانه ملاح | 61 |
| سنڌ جي ائين سورمي- شهيد راڻي بينظير ڀٽو ۽ گل حيات انسٽيٽوٽ | ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ | 70 |
| اُها ئي بينظير آهي! | امداد حسيني | 75 |
| بينظير ڀٽو سان گهاريل ڪجهه گهڙيون | ڪرسٽينا ليمب/ يوسف سنڌي | 78 |
| عوام جي بهادر راڻيءَ جو قتل | حسن مجتبيٰ | 84 |
| انمول موتيءَ ڊاڻو: شهيد بينظير ڀٽو | ڊاڪٽر تهمينه مفتي | 88 |
| چنو هيءُ چا ته گل آهي! | نصير مرزا | 91 |
| سچ جي ڏيءُ | اڪبر سومرو | 94 |
| ادي! | محمود مغل | 97 |
| بينظير تي ڇپيل ڪتابن جو جائزو | روزينا جوڻيجو | 100 |
| ايڪيهين صديءَ جو وڏو الميو | ڊاڪٽر مهرالنساء لاڙڪ | 102 |
| پکين به ٻولڻ ڇڏي ڏنو....! | امبرين هيسباڻي | 105 |
| هڪ بهادر سنڌياڻي | نظير قريشي | 108 |
| هن ساهه ڏئي ويساهه ڏنو | ڊاڪٽر بختاور جام | 110 |
| شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه سنڌ ۽ سنڌين جي آس ۽ اُميد هئي | پروفيسر رشيده ڀٽي | 112 |
| آلا ڏاهي مَ ٿيان | ڊاڪٽر عذرا سرور | 116 |

| | | |
|---|---|---|
| عوامي ليبر شهيد بينظير ڀُٽي جون ڪيل خدمتون | غلام محمد ڀٽي | 121 |
| اي فرشتہ اجل توکي ڇا مليو | امر لغاري | 124 |
| ماڻهو سڀ نہ سُهڻا | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | 129 |
| سوريءَ سڏ ٿيو | شوڪت حسين شورو | 132 |
| خوشبوءِ جو موت | جئہ پرڪاش موراڻي | 135 |
| بينظير ڪان پوءِ | مسرت جبين/ ثمينہ ميمڻ | 137 |
| تنهنجي ياد جي وري آ ورير | ڪزبانو سنڌو | 140 |
| شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀُٽو | حسين مسرت شاهہ | 142 |
| سنڌ جي بهادر ڇائي | شگفتہ شاهہ | 144 |
| واويلا وڏڪار | عرفانہ ملاح | 155 |
| هڪ دل، ٻہ درد | حميرا علواڻي | 162 |
| ڳڙهي خدا بخش ۾ نهيل هڪ نئين قبر! | شبنم گل | 165 |
| بينظير بيمثال | افروز امير صديقي | 169 |
| پنڪيءَ ڪان پوءِ....... | انيتا شاهہ | 172 |
| اڄ بہ ڀٽو زندهہ آهي | زاهده حنا | 177 |
| شهيد بينظير ڀٽو جي خاندان ۾ هڪجهڙايون | حميرہ نور | 182 |
| هوءَ جيڪا بينظير آ | آمنہ ابڙو | 184 |
| بينظير: هڪ گهڻ رُخي شخصيت | دين محمد ڪلهوڙو | 186 |
| بينظير جي شهادت ۽ سنڌ جي وچولي طبقي جو ڪردار | ظفر جوڻيجو | 195 |
| بي بي بينظيران | غلام مصطفيٰ بلوچ | 200 |
| هوءَ هڪ تحريڪ هئي | نصرت لاشاري | 203 |
| بينظير هڪ ماءُ جي روپ ۾ | ناهيد نواز | 206 |
| هن عورتن لاءِ روزگار فراهم ڪيو | رضيہ هگورو | 203 |
| يادگيريون: سورهيہ پيءُ جي سورهيہ نياڻي | اختر مرزا | 210 |
| تاريخ جو هڪ يادگار ورق (شهيد راڻيءَ جي پهرين حڪومت جا ويهہ مهينا 2 ڊسمبر 1988ع کان 6 آگسٽ 1990ع تائين) | عبدالغفار صديقي | 218 |
| جهُڙالي هَوا، گلابي گلي | ذوالفقار هاليپوٽو | 222 |
| شهيد بينظير ڀٽو | غلام رباني آگرو | 227 |
| سگهہ ڏي اهڙي سچ | حسينا ساند | 229 |
| لٽو سچ لَڪن تان | نجمہ پنهور | 234 |

| | | |
|---|---|---|
| توکي ڪيئن وساري سگهبو | ريحانہ نظير | 237 |
| ڀٽو، هڪ عظيم خاندان | زينب سردار بنگوار بلوچ | 239 |
| دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ لڪيل محترمہ بينظير جي آخري ڪتاب جو خلاصو | زيب لغاري | 241 |
| ضياء جي لڪايل گولي، نيٺ بينظير کي نشانو بڻائي ويئي | امر سنڌو | 243 |
| شهيد راڻيءَ جو وڇوڙو | آپا اختر جبين صديقي | 248 |
| خواب، سرچ ۽ لوچ ۾ بينظير | امينہ اڪرم انصاري | 250 |
| دلين جي فاتح | سعيده شفيق ميمڻ | 252 |
| شهيد راڻي جي زندگي جو سرندو | پروفيسر سعيده بشير | 254 |
| هڪ بهادر پيءُ جي بهادر ڌيءُ | شبانا سنڌي | 256 |
| شاعري: | | 257 |
| شهيد احمد خان آصف مدراڻي | بخشڻ مهراڻوي | |
| سرفراز راڄڙ | منظور منگي | |
| ڊاڪٽر سحر امداد حسيني | ادل سولنگي | |
| احمد خان مدهوش | مريم مجيدي | |
| نصير مرزا | نذير ناز | |
| رشيد خانواهي | ربنواز ناريجو | |
| خاتم جانوري | ربن فقير | |
| اياز پاتولي | خليل عارف سومرو | |
| بيخود بلوچ | ڪزبانو سنڌو | |
| نجمہ شيخ | غلام شبير ڀٽو ناز | |
| گلشن لغاري | عظيم آديسي | |
| فقير محمد ڍول | ايوب گل | |
| اختر افروز شاهہ | قاضي منظر حيات | |
| نجمہ نور قلپوٽو | امداد حسيني | |
| ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو | تاج جويو | |
| گلبدن جاويد | حفيظ قريشي | |
| حميره نور | شبنم گل، صنم اياز | |
| حاجي ساند | فياض چنڊ ڪليري، زاهده زادو ابڙو | |
| ميرزا فتح علي شاهد | ميرزا فياض علي فياض | |
| حليم باغي | ضميره شيخ/مسعود لوهار | |
| سنڌلاجي: شهيد بينظير ڀٽو گئلري | ايس طارق/ اياز مرزا | 289 |



مان واجهايان ٿي سني وقت موٽڻ لاءِ
منداڻتي مينهن ۾
مليل خوشين جيان
مان پيهر
پنهنجن مارن جو ساٿ حاصل ڪنديس
اي پروردگار!
شل بيوطنيءَ ۾
ماءُ جي بيماري وڌي نہ وڃي
هُن کي تہ هاڻي ڪجھ بہ ياد ناهي!
سندس دل روئي ٿي انهن لاءِ،
جيڪي ماريا ويا
اي ربّ! شل منهنجي جيجل پنهنجو ديس،
اڳ جيان ڏسي!
اي سرتيون! منهنجو وَر ڪيڏانهن ويو؟
سندس جواني، سندس سَگھ
جيل جي ديوارن ۾ قيد آ،
عدالتن جا ڪمرا ڪيس نااُميد ڪن ٿا،
جج ڪيس ڏيڇارين ٿا
هن جي سگھہ موڪلائي وئي آهي،
پگھارون وڏيڪ اهم آهن غيرتن کان،
جن لاءِ ڪڏهن مڙسن جانيون ٿي قربان ڪيون
هر روز مان دنيا خاطر مُرڪان ٿي
پنهنجن ٻارن ۽ پنهنجي خاطر
هو مون کان پڇن ٿا:
”اسان ڪڏهن وطن ورنداسين؟“
مان جواب ڏيندي آهيان تہ
ماڻهن (حاڪمن) جي دلين مان نياءُ نڪري ويو آ
۽ حيوانن جي سيني ۾ هليو ويو آ
مان پنهنجن غريب ماروئڙن لاءِ سوچيان ٿي
هو چڱي زندگيءَ جا حقدار آهن
نہ ڪي ان جا تہ
آمرن جا بُوٽ
منهنجي ڌرتيءَ کي ٿوٽ ڪري ڇڏين
منهنجا جهانگيئڙا پاڻيءَ لاءِ ٻاڏائين ٿا
فصل ناس ٿي ويا آهن
مال مري پيو
چُلهيون ٺڏيون پيون ٿين
مزدور گهرن ڏانهن اماڻيا پيا وڃن
پوءِ بہ زمين لاءِ حِرص وڌي پيو
پلازه ۽ پلاٽ حاصل ڪيا پيا وڃن
سرڪاري گهر بہ
هڪ بہ نہ، پر ٻہ ٻہ
بڪايلن جي وات تان ڪسيل گِرھ آهن
پاڪستان جي اڇي اجري ڇهري کي
داغدار ڪيو پيو وڃي
مجرمن جا فوٽو ۽ فنگر پرنٽس گهريا پيا وڃن



تازي برسات ۽ صحرا جي واريءَ جي
(برسات ۾) پنل وڻن جي
اڄ مان ايڏو پري هڪ وڏي حويليءَ ۾ رهان ٿي
پر منهنجي آرزو آهي ته
مان پٽرن جي روڊن تي مهم هلايان
ڪوبن ۾ جهٽڪا ڪائينڊز جيپ ۾ سوار
ٿيان
بينر ۽ جهنڊا ساڻ هجن
هڪ بي غرض جذبي سان
هن دور جي اداسيءَ کي بدلايان
هڪ مرڪندڙ مستقبل ۾
مان ديس جي هوا ۾ ساهه کڻڻ چاهيان ٿي
صاف ۽ سهڻو پساهه کڻڻ چاهيان ٿي
منهنجو روح هُتي آهي
۽ مان هِتي آهيان

منهنجو ذهن منتشر آهي
اليڪشن غير شفاف هو
واعدا ٽوڙيا ويا
ڪروڙين رپيا خرچ ڪيا ويا
آمريت کي جمهوريت ظاهر ڪرڻ لاءِ
اهي سڀ ناڪام ويا
يورپي يونين ڪين نِنديو
ساڳي ڳالهه "دولت مشترڪ" جي آفيسرن چئي
دبا پريا ويا
(Ballots) بيلٽ پيپر ڦاڙيا ويا
عوامي رايو رد ڪيو ويو
ڪائنرن کي محبِ وطن طور پيش ڪيو ويو
صدر جو محل ڪيڏو نه بدنماءُ ٿو لڳي
ان ڌرتيءَ تي جتي هر پاسي غربت آهي
پارليامينٽ اڃا به پساهه کڻي پئي
آئين جي طاقت سان



ڪُڪنس پڪي ڦُليارَ مان اڏامي تو
عوامي طاقت بيهر جنم وٺندي
مان غريبن جي ٻارن لاءِ
سِکيا جا مرڪز تعمير ڪنديس
جوان توڙي ٻڍي کي عزت، اميد ۽ تحفظ ڏينديس
اسين عمارتون ڪڙيون ڪنداسين
اتي جتي هينئر رڻ پٽ آهي
ديس ڄائين جا ڳوڙها اگهنداسين
نہ روئو...
ڏاڍ جا هي ڏينهن جلد گذري ويندا
جيئن اڳوڻا گذري ويا
ذهنن ۾ اڄ بہ "قائد عوام"
جي ياد تازي آ
هو سچ جي ترارَ هو
هن پنهنجي جان جو نذرانو ڏنو
تہ جيئن اسين پنهنجي قانوني حقن کي
حاصل ڪري جيئون
معاشي ترقي، علم ۽ نمائندگيءَ جي
موقعن سان امن ۽ ترقيءَ سان
سندس نالو سدا جرڪندو رهندو
ڪيس ڪير وساري سگهندو؟
تاريخ جي حافظي ڪيس
پنهنجي اندر سانڍي ڇڏيو آهي
هُو... جيڪو سون پائيندو هو
هن مسڪينن خاطر اهو ڦٽو ڪيو
هُو ريشمي چادرن تي سمهندو هو
۽ چانديءَ جي چمچن ۾ کائيندو هو
هن اهي سڀ موٽ- ڪُولي جيّ اونداهہ ۾
اڇلائي ڇڏيا
حڪمرانن ڪيس سڪ آڇيو
ضمير جي سودي عيوض
نہ آڇ اهو عيش ۽ آرام
تاريخ جي اولادن کي
بهادرن ۽ سرويچن کي
ڪُردَن ورهن ڪان جنگ ڪئي
ڪشميرين پڻ
فلسطيني پڻ هٿيار ڦٽا ڪرڻ کان انڪاري آهن
هر خطي ۾
هر زماني ۾
بهادرن ۽ سرويچن
پنهنجن خالي هٿن سان
تاريخ کي اُڪيريو آهي
هڪ وٽ فاشي طاقت آهي
ٻئي وٽ سچ
هڪ وٽ خوني ترارَ آهي
ٻئي وٽ قلم
بندوقن کي زنگ لڳي تو ۽ اهي ڪِرن ٿيون
فڪر سدائين زندهہ رهندو،
ظالم!
ڪِيمَ آڇ عيش ۽ آرام!
راحت منهنجن جذبن کي ناري ٿي
مون کي بيحد پياري آ
مارئي جي اباڻي لوئي
جيڪا علامت آهي اسان جي، تهذيبي
خزاني جي،
مارئي کان مون پرايو
ماضيءَ جي صوفين ۽ ولين کان
پنهنجي پياري پياءُ "شاهہ" کان مون سِکيو
اهو خوبرو جوان
جنهن جهيڙيو هڪ جابر سان

اهو (چوندو هو)
مان مري ويندس
پنهنجي وطن کان ڏور
منهنجو جسم مون کي قيد نٿو ڪري سگهي
”شاهه“ وطن موٽي آيو
جڏهن سندس روح آزاد ٿيو
هو پنهنجي مٽيءَ لاءِ اوپرو نه هو
ڌرتيءَ کيس پنهنجي اندر سموئي ڇڏيو،
۽ زماني جي حڪايتن ۾ هو امر ٿي ويو
جڏهن هن پويان پساهه کنيا
اسين هن کي هڪ لڪيل ٿڌ ۾ ڪٽي آياسين
جيڪا صحرا جي خاڪ جي هئي
اداسي ۽ فخر اسان جي دلين ۾ گڏ وچڙ ٿي ويا
جذبا ايريا
اهو سوچي ته
هن پنهنجي حياتي آزاديءَ جي چٽي مقصد
خاطر قربان ڪئي
هڪ غاصب آمر جي قبضي کان
ان مٽيءَ ۾ جيڪا سندس ڌرتي هئي
ماڻهن جي سمنڊ جهڙي انبوهه ۾
جن کيس ساڻس پيار هو
زندگيءَ توڙي موت خاطر
هو ماريو ويو پر جدوجهد جاري رهي
**ڪونجون وطن ڏانهن ورن پيون**
**منهنجي دل چوي ٿي ته**
**جيڪر هنن سان گڏ اڏري وڃان**
(پر) نه ڏسجندڙ ڪي زنجيرون آهن
جن مون کي قيدي بنايو آهي
ماضيءَ جا ڦٽ
ڀيهر چڪن ٿا

جڏهن مان ڏسان ٿي
منهنجن سانگيئڙن کي حق نٿا ملن
موقعا نٿا ملن
نوجوان اميد جي ڳولها ۾ آهن
ملڪ مان جمهوريت کي نيڪالي ڏني وئي،
آمريت بي درديءَ سان
هڏ چم چيري ٿي
معيشت کي برباد ڪري ٿي
سماج کي برباد ڪري ٿي
خودڪشيءَ جو تعارف ڪرائي ٿي
معيشت جي خودڪشي
انهن لاءِ جيڪي بيحد مسڪين آهن
سياسي خودڪشي
هڪ اڌنگي خانا جنگي ۾
جڏهن چُلهيون ٿڌيون ٿينديون آهن ته
خوشيون موڪلائي وڃن ٿيون
جڏهن گرجا ۽ اسپتال رڪ ٿين ٿا ته
خوشيون رُسي وڃن ٿيون
ڪي نياپا موڪلين ٿا ته
سياست کي وساري ڇڏ
عوام کي وساري ڇڏ
جيڪڏهن خوشيون گهرجنئي
هو ان کي بي عقلي سمجهن ٿا
ته ان اذيت جو بار کيڏو نه ڳرو هوندو
بيمار ماءُ همراهه
صغير ٻارن سان
جلاوطنيءَ جو درد
وري پري کيو ويو ته قيدخاني جي
ديوارن وسيلي
هو ان کي فراخدلي سمجهن ٿا

تہ ان دستبرداريءَ سان مون کي
آزادي آچين ٿا
عوام تان هٿ کڻي، وطن تان
ان خواب لاءِ جدوجهد تان
ضمير جي اصولن تان
مان ان کان انڪاري آهيان
مون کي خبر آهي
مان موٽندس
عوام جي ويرَ جي سهاري
۽ هتي ڏيندس
سندن دلير پارٽيءَ سان
جيڪا شهيدن جي پارٽي آهي
جدوجهد جي پارٽي آهي
اها پارٽي
جيڪا خدمت ڪري ٿي
اها عوام جي پارٽي آ
منهنجا دشمن خواهش ڪن ٿا
ڪاش! آءٌ پيدا نہ ٿيان ها
چو تہ اها ڳالهہ هنن لاءِ شرم جي بہ آهي
جو مان هڪ اسلامي رياست جي
پهرين خاتون اڳواڻ بڻيس
مون صدين کان قائم سندن قبضو
پور پور ڪري ڇڏيو
۽ وڏي واڪ، فتحيابي سان
عورت ۽ مرد جي برابريءَ جو اعلان ڪيو
جيڪو اسلام جو اصل پيغام آ
جيڪو تعصب ۽ جنسي تفاوت هيٺ لڪيل رهيو
تقدير پنهنجي هٿن سان پنهنجي ڪهاڻي
پاڻ لکي ٿي
ڪاميابين جي ۽ ڏکوئيندڙ حادثن جي
جنگ ۽ امن جي
بمن سان پسم ٿيل گهرن جي
۽ موت جي مٿان
زندگي ٻيهر جنم وٺي ٿي
درد جو طوفان وَري ٿو
سرهائيءَ جو سمنڊ اوسيئڙي ۾ آهي
صبر ڪرڻ وارا ثابت قدميءَ سان
دعا ڪن ٿا
وڇڙيل محب وري ملندا
باندي آزاد ٿيندا
تازا توانا سندن جاءِ والاريندا
يا پيجي ويندا
تقدير جون آڱريون حرڪت ۾ اچن ٿيون
موسمون بدلجن ٿيون
حقيقتون بدلجن ٿيون
ساهي هڪ امتحان آهي
آزمائش واري زندگي بهتر آ
هڪ بيڪار آسائشي حياتيءَ کان
ڌرتي خود اعلان ڪري ٿي
جڏهن مور مرن ٿا
اهي ٻيهر زندهہ ٿين ٿا
۽ مٽيءَ جو جز بڻجي وڃن ٿا
صديون پراڻن رازن کي سانديندڙ
هڪ عظيم تهذيب کي
گذريل وقت جي سورمن ۽ سورمين
جي تاريخ ۽ ميراث بڻائين ٿا
ثقافت ناهين ٿا
مستقبل بڻائين ٿا
وقت شروع ٿئي ٿو
وقت پورو ٿئي ٿو

فيصلو اسان کي ڪرڻو آهي
ته ان وقت کي
ڪيئن ڪارائتو ڪجي
غريبن ۽ مصيبت مارين کي ياد ڪجي
مايوسين ۽ اُميدن کي ياد ڪجي
الله جي مقدس پيروسي کي ياد ڪجي
ڌرتيءَ جاوا پنهنجو ضمير مرڻ نه ڏيندا
طاقت ۽ فخر لاءِ
وطن جي مٽيءَ جي خوشبو
سمنڊن ۾ ٽري اچي ٿي
دور ديس مان
ان جي هوڏي سڏ جو آواز
صبح شام پڙاڏو بنجي ٿو
اهو سڏ جبلن مان
جڻ اعلان لاءِ واجهائي ٿو ته
پنهنجن پيارن کي ٻڌايان ٿو
مايوس نه ٿيو
هنجون نه هاريو!
پڇتاوَن تي نه روئو
هي ڏکيا ڏينهن نيٺ ته گذري ويندا
رات پنيان ڏينهن اچي ٿو
ڏکن پنيان سک
صحرا جائي جي
ان تقدير کي زنجيرون پارائي نٿيون
سگهجن
هڪ خواب آزاد عوام جو
جتي انساني حق
معيشت جا حق
غربت جو زندان ٽوڙيندا
بيمارين جي اونداهي کولي کي ٽوڙيندا

انڻ هوند جو ظلم
ڊائون سائيزنگ جي مايوسي
بيروزگاريءَ جي بُرائي
جيڪي آمرن کي للڪارين ٿا
جيلن ۾ آهن
جيڪي آزاديءَ جي قيمت ادا ڪن ٿا
جاڻن ٿا ته
آزاديءَ کي پاتل زنجير ٽٽندا
صحرا جا رهواسي
صحرا جي حوصلي بابت لکندا
سالميت، سچائي، ايمانداري، ۽ ٻڌي بابت
ڏکن ۾ ورتل
هڪ صحرا جائي
واپس وطن ورندي
هوا جي صدا کي ٻُڌ!
هوءَ اهو پيغام آڻي ٿي
ته ڪيترائي آمر آيا ۽ ويا
ڪيترائي ظالم هيئر
وقت جي واري بنجي ويا آهن
ڪيتريون ئي فوجون آيون ۽ ويون
ڪيتروئي خون وهايو ويو
سوين جا اعلان ٿيا
بادشاهيون پٽ پئجي ويون
ظالم پڻ
صحرا جي واري سرباٽ ڪري ٿي
سچ جي سوڀ ٿيندي
صحرا جائي نيٺ ته موٽندي
پانڌي اهي نياپا آڻين ٿا
سياسي ترقيءَ جا
مان ٻُڌان ٿي

ڏکن ۽ دردن بابت
انهن گهرن بابت جن وٽ روزگار ناهي
بک جو خوف
مَان ٻڌان ٿي تہ منهنجا ڏک ختم ٿيندا
اهي ڏينهن گذري ويندا
زندگي گذري ويندي
مان زنجيرن ۾ جڪڙيل آهيان
جمهوريت جي خواب سان
اهي ڏکيا ڏينهن
ملير ۽ ملتان کان پري
مردان ۽ مڪران کان پري
منهنجا مارونڙا ڏور آهن
ڪين ڪو لوڏي نٽو سگهي
اهي ثابت قدم رهندڙ ۽ مضبوط آهن
جيئن آڪٽوبر جي اليڪشن ڏيکاريو
هڪ ڏينهن مان انهن کي ياد ڪنديس
۽ سورن کي وساريندس
هڪ ڏينهن مون کي اهي ڏينهن ياد ايندا
جڏهن سياسي طوفان گجندو
جڏهن ڌمڪيون هوائن ۾ ڌمنديون
هڪ ڏينهن مان اهي ڏينهن ياد ڪنديس
ڄاڻان ٿي تہ منهنجي پنهنجي ڌرتيءَ سان
پَسند دائمي ۽ پاڪيزه آهي
مان سوچيان ٿي جلاوطنيءَ جي
انهن ڏينهن بابت
پنهنجي ڏيهہ کان پري
لاس اينجلس، لنڊن ۽ دبئي ۾
اهي ڏينهن گذري ويندا
ڪجهہ مايوسيءَ ۾
ڪجهہ نااُميديءَ ۾
ڪجهہ پختن ارادن ۾
وقت منهنجي چهري کي بدلايو آهي
هِنن جو چهرو پڻ.............
ڇا مُنهنجا ڳوڻائي مون کي سڃاڻندا
هڪ چهرو
قسمت جي سببن جي عڪاسي ڪري ٿو
رات ٿئي ٿي
دنيا سمهي ٿي
جڏهن اونداهي فضا ۾ پکڙجي ٿي
مان پنهنجا ٻئي هٿ دعا لاءِ کڻان ٿي
۽ پنهنجن ٻارن کي بہ چوان ٿي
تہ پنهنجا ننڍڙا هٿ کڻي دعا ڪن
مارئي، مارو ۽ ملير
وقت جي ڪوهيڙي ۾
هوءَ بہ پنهنجا هٿ دعا لاءِ کڻي ٿي
جڏهن دنيا سمهي ٿي
اُميدن ۽ آسن سان
پنهنجو وطن ڏسڻ جي دعا ڪري ٿي
مارئي!
اسين بہ پنهنجا هٿ کڻي دعا ڪريون ٿا
جيئن تو هٿ کڻي دعا گهري
ان اميد سان
تہ وطن ڏسان
جتي مان ڄايس
جتي منهنجو پيءُ دفن آهي
منهنجا پائر دفن آهن
منهنجي شادي ٿي
ٻار ٿيا
جتي قوم جي خدمت ڪيم
نہ اتي ٽيليفون نہ بجلي
نہ ڪمپيوٽر نہ اِي ميل

نہ پوليو جا قطرا نہ آئيوڊين
۽ داخل ٿيون پيا جديد دور ۾!
پر گوليون وسايون ويون
منهنجي بهادر ۽ قدآور ڀاءُ جي جسم مان آرپار
سندس املهہ بدن رستي تي ڪريو
جتي ڪڏهن اسان هلندا هئاسين
فرشتا آيا
۽ ڪيس پاڻ سان وٺي ويا
منهنجي پيءُ ۽ منهنجي ڀاءُ ڏانهن
جولاءِ ۾ اسين ملياسين
سندس گرم ڀاڪر مون کي ياد آهي
پرائيم منسٽر هال جي قنديل هينئان
جڏهن هو روانو ٿيو
سندس خاص طرح الوداع چوڻ
فون تي سندس آواز
جڏهن اسين ڳالهائيندا هئاسين
جيئن گهر ڀاتي ڳالهائيندا آهن
فون آئي
مون کي گولين جي فائرن بابت ٻڌايو ويو
مرتضيٰ جي زخمي هئڻ جو
مان قرآن کڻي جهاز ۾ چڙهيس
ان اسپتال ويس جتي هُو هو
**اي الله! نہ گهراءِ هن کي**
**هي ڀاءُ جنهن سان مون کي پيار آ**
پر ڏاڍي دير ٿي چڪي هئي
هو وڃي چڪو هو
ٻيهر مون هڪ ڀاءُ دفنايو
آمرن منهنجي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو
وَرَ کي قيد ڪيو
معصوم صغير ٻارڙا جلاوطن ڪيا ويا
بيمار نانيءَ سميت

آڌيءَ رات جا ڇاپا ۽ قيد و بند
اذيت ۽ ڏهڪاءَ
ڪوڙن ڪيسن تي ڪروڙ خرچ ڪيا ويا
پروپئگنڊا تي
نفسياتي جنگ ۽ خصوصي آپريشن تي
هڪ ماءُ تي
ڪورٽن وٽ آرڊرن جا ڍيا ماپا هئا
روز جهاز جو سفر هوندو هو
هڪ جاءِ تان ٻي جاءِ
لاهور کان راولپنڊي
پوءِ ڪراچي
سٽائيندڙن تي قدرت جو قهر نازل ٿيو
فوج وري اچي وئي
هوا جو آواز ٻُڌ!
اها پاڻ سان اها صدا آڻي ٿي
اهي گهوڙا جيڪي تِکا ڊوڙيا
اهي قافلا جيڪي آيا
اهي ٽينڪون جن گوڙ گهمسان ڪيو
اهي جهاز جيڪي اُڏاڻا
وقت جي قنديل وسامڻ کان اڳ
تاريخ جو Pendolium لڏي ٿو
صحرا جي هوا پڪاري ٿي
مارئي پڪاري ٿي
وقت کان آجي پڪار
هڪ پڪار
صحرا جي هوا کڻي اچي ٿي
ٻارو! صحرا جي هوا جي صدا ٻڌو
ان جو سرباٽ ٻڌو
يقين رکو
اسان نيٺ تہ کٽنداسين!

(The Queen of People Benazir Bhutto تان ورتل)



قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، بيگم نصرت ڀٽو،
محترمہ بينظير ڀٽو، ميرمرتضيٰ ڀٽو، صنم ڀٽو ۽ شاهنواز ڀٽو



شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ پنهنجي ور جناب آصف علي زرداري صاحب سان گڏ



جامشورو: (14- جولاءِ 1996ع) شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو صاحبه سنڌ يونيورسٽيءَ جي سالياني ڪانوڪيشن دوران ڊاڪٽر سحر امداد حسيني سان ڳالهائي رهي آهي. پرڀرو محمود اي هارون بيٺل آهي



اُيري ڪاريءَ اُس ۾، سورج مُکي جيئن،
ڏک ڏسي مان تيئن، سرسي ٿيان سونهن ۾.
شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه اسڪاء نيوز چينل کي انٽرويو ڏئي رهي آهي.

هوءَ چاندڪا پرڳڻي جي بهادر ڀُٽن جي نياڻي هئي، انڪري اٿاهه ڏک بہ هن کي ٽوڙي ڪونہ سگهيا ۽ هن ڏکن کي پنهنجي طاقت ۾ بدلايو. بي بيءَ جي مسلسل جدوجهد ۽ جاکوڙ ۽ هن جي اورچائيءَ جو اعتراف هڪ زمانو ٿو ڪري. هوءَ جنهن جو ننڍپڻ محلن ۽ ماڙين ۾ گذريو، گهڻين آسائشن ۽ گهڻن سُکن ۾. ڪراچي ۽ ڪوهه مريءَ جي بهترين اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪري، اعليٰ تعليم انگلنڊ ۽ آمريڪا مان حاصل ڪندڙ بي بيءَ پنهنجي ڦوهه جوانيءَ جا ڏينهن اڪيلاين ۾، سنگينن جي سائي ۾ جيل جي ڪال ڪوٺڙين ۾ گذاريا. سالن جا سال هن اڪيلي سر اهي عذاب سَٺا، پر پوءِ بہ هوءَ جيئري رهي، پنهنجي ذهن جي سُموريءَ سگهہ سان هوءَ جيئري رهي ۽ آمريت آڏو جهڪي ڪا نہ! هوءَ آمريڪا جي ريڊ ڪلف ڪاليج ۾ چار سال پڙهي. هارورڊ ۾ پنهنجي تعليم دوران هن ويٽنام مان آمريڪي فوج واپس گهرائڻ لاءِ ڪڍيل جلوسن ۾ شرڪت ڪئي. هن سوشل ايڪٽيوٽيز ۾ حصو ورتو. هن لکڻ پڙهڻ ۾ رُچي رکي. آڪسفورڊ ۾ پنهنجي تعليم دوران هوءَ يونين جي ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ جي صدر ٿي، جنهن ڳالهہ هُنن انگريزن کي بہ حيران ڪري ڇڏيو. هوءَ اتي هڪ بهترين ڊبيٽر رهي. هوءَ جنهن سان گڏ پڙهندڙ هن جا ڪيترائي ڪلاس فيلو بعد ۾ آمريڪا ۽ لنڊن ۾ اهم ۽ وڏن عهدن تي رهيا ۽ انهن ئي بي بيءَ جي آزاديءَ جي مهم هلائي ۽ نيٺ هوءَ ان آمر جي چنبي مان آزاد ٿي. اهو آمر جنهن سان پنهنجي پهرين ملاقات جو احوال هن Daughter of East ۾ لکيو هو تہ: ”5- جنوري 1977ع تي هوءَ هڪ اهڙي ماڻهوءَ سان ملي، جنهن کي ڏسي هوءَ ڇرڪي وئي هئي. هُن جي سامهون هڪ ٻندرو ۽ بي اثر شخص هو، جنهن کي وارن ۾ تيل لڳل هو ۽ وچ مان سينڌ نڪتل هئي. جيڪو ڪنهن انگلش ڪارٽون جي ولين جهڙو ٿي لڳو ۽ جيڪو گهڻو خوشامدي ۽ چاپلوس ٿي لڳو.“ بي بيءَ سوچيو هو تہ: ”منهنجي پيءُ کي ان ڪان ڪنهن بهتر شخص کي چونڊڻ کپي ها!“ پر هن پنهنجي پيءُ کي ڪجهہ ڪو نہ چيو.

> **محترمہ بينظير ڀٽو جي اڻٿڪ محنتن رنگ لاتو. هن جون ڪوششون ڪامياب ٿيون. پاڪستان ۾ هڪ ڀيرو وري جمهوريت ڏانهن واپسيءَ جو سفر شروع ٿيو. 18 آڪٽوبر 2007ع تي هوءَ دبئيءَ کان ڪراچي پهتي. اهو منظر تاريخ جي صفحن ۾ فريز (Freeze) ٿي ويو آهي، اهو منظر ڪنهن کان بہ ڪڏهن بہ وسري نہ سگهندو.**

. اهو ئي شخص پوءِ ڀُٽن جي پوري گهر جي تباهيءَ جو ڪارڻ بڻيو. پر ڇا سندن ڪُٽنب سان جيڪي ڪجهہ بہ ٿيو، ان جو ذميوار محض ڪنهن هڪ شخص کي قرار ڏيئي سگهجي ٿو؟ ڇا ڀُٽو ڪٽنب سان ٿيل سمورن هاڃن ۾ ڪنهن ٻاهرين طاقت جي هٿ کي خارج ڪري سگهجي ٿو؟ انهن طاقتن ٽين دنيا کي ذلتن جي انڌيري ۾ اڇلائڻ لاءِ حد کان وڌيڪ تعصب کان ڪم ورتو آهي. ان ڳالهہ جو احساس پڻ بي بيءَ کي هارورڊ ۾ پنهنجي تعليم دوران ٿي

بي بيءَ جي اکين ۾ لُڙڪ هئا، بي بيءَ جي چپن تي دعائون هيون ۽ بي بيءَ جا هٿ دعا لاءِ ڪجيل هئا. هن جا دعا لاءِ ڪجيل اهي هٿ خالي هئا. اسان جي عوام جي خالي هٿن جيان! ۽ پوءِ سڄي دنيا ڏٺو بي بيءَ جي دعا لاءِ ڪجيل ان خالي ٻُڪ کي رت سان ڀريو ويو. سَون بيگناهن جي رت جو درياهہ وهايو ويو. ان لاءِ تہ هوءَ خوف ۾ ونجي، ڊڄي وڃي، ڀڄي وڃي- واپس هلي وڃي... اُتي جتان هوءَ آئي هئي، پر هوءَ هُتان تہ نہ آئي هئي! هوءَ تہ هئي هتي جي! هن ڌرتيءَ جي، هن مٽيءَ جي!

هوءَ تہ هتان هڪڙو وچن ڪٽي وئي هئي، تہ سٽائو واءُ ورندي ئي هوءَ پنهنجي وطن ورندي. هوءَ اهي سمورا سال وطن ورڻ جا خواب پوکيندي رهي هئي. ستر جي ڏهاڪي ۾ پنهنجي پيءَ جي هڪ خط جي جواب ۾ هن پنهنجي وطن جي سڪ کي هيئن اظهاريو هو:

**"اتي تہ منهنجي دل هئي،**
**منهنجو ورثو هو،**
**منهنجي ثقافت هئي!"**

ڪو بہ بم، ڪا بہ گولي، ڪنهن کي بہ پنهنجي ورثي سان ملڻ کان روڪي نٿي سگهي. هوءَ جا اکين ۾ خواب ۽ چپڙن تي دعائون ڪٽي پنهنجي وطن وري هئي. هن جي وڏنڙ پيرن کي روڪڻ لاءِ پوري پاڪستان کي Suicide Bombing جي ور چاڙهيو ويو هو.

ظالم، سفاڪ ۽ بي چهره انسان جيڪي اهو سڀ ڪرائي رهيا هئا، ڇا انهن جا ٻارٻچا نہ هئا؟ ڇا انهن جو ڪُٽنب نہ هو؟ ڇا انهن جو هن ملڪ سان، هن ڌرتيءَ سان، هتي جي ماڻهن سان، ڪو بہ واسطو نہ هو!؟




پوءِ جو ڪجهہ بہ ٿيو، سو سيني ئي ڏٺو. اهو تہ دلين جو اهو ناسور آهي جو ڪڏهن بہ ڪونہ ڇُٽندو. اهو ناسور تہ تاريخ جي سيني ۾ سدا سائو رهندو. شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي شهادت تاريخ جو رت هاڻو باب آهي، جنهن مان رت سدائين ٽمندو رهندو!

بي بيءَ کي مارڻ لاءِ جن رت جا درياهہ وهائي ڇڏيا، سي هن کي ماري تہ ڪو نہ سگهيا!

ڪرستينا لئمب سان نوديرو ۾ ڳالهائيندي سندس ور آصف علي زرداريءَ ڪيڏي فخر مان چيو هو:

"We were all of the opinion that she was a Superwoman and could survive anything".

(The Sunday Times, Jan 6, 2008)

هوءَ جا اسان سيني لاءِ SuperWoman هئي، سا اڄ بہ زنده آهي. اسان جي لڙڪن ۾، اسان جي مُرڪن ۾، اسان جي سپنن ۾. ڇا سپنا بہ ڪڏهن مرندا آهن؟!

**ڊاڪٽر قمر جهان مرزا**

# منهنجون يادگيريون

1970ع کان اڳ پاڪستاني عوام گهڻي ڀاڱي سياست کان بي خبر هو. سرڪاري نوڪري وارا ته سياسي جلسي ۾ وڃڻ کان به ڊڄندا هئا. ڪو به سرڪاري نوڪر کُلي طرح سياست تي نه ڳالهائي سگهندو هو. عوام ۾ ايتري جاڳرتا نه هئي. خصوصاً سنڌ ۾، چند سياستدانن جا نالا مشهور هوندا هئا.

جي.ايم سيد صاحب، مير علي احمد خان ٽالپر صاحب، مير رسول بخش خان ٽالپر صاحب. سيد صاحب جو نالو ته سياست ۾ سر فهرست هو، پر عوام ۾ ايتري جاڳرتا نه هئي.

جناب ذوالفقار علي ڀٽو پهريون سياستدان هو، جنهن پوري ملڪ جي عوام کي جاڳايو. ڀٽو صاحب اعلان تاشقند تان صدر ايوب خان سان ناراض ٿي پيو ۽ وزير خارجه جي عهدي تان استعفيٰ ڏيئي، ميدان تي لٿو، ۽ پوءِ ته سمورين اخبارن ۾ سندس چرچو شروع ٿي ويو.

غالباً 1968ع ۾ جناب ذوالفقار علي، جناب مير حاجي علي احمد خان ٽالپر ۽ جناب مير رسول بخش خان ٽالپر کي خط لکيو ته آءٌ توهان وٽ اچڻ چاهيان ٿو. هنن بزرگن جناب



ڊاڪٽر قمر جهان مرزا- امير بيگم (شيرين) شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي وڏي گهرواريءَ سان گڏ

ڀٽي صاحب جي ڀرپور آجيان ڪئي. چيو وڃي ٿو ته ڀٽي صاحب پهرين قاضي اڪبر کي خط لکيو ته آءٌ توهان وٽ اورينٽ هوٽل (گاڏي کاتو) ۾ رهڻ چاهيان ٿو، جنهن تي قاضي صاحب ڪيس جواب ڏيئي ڇڏيو هو. ان کان پوءِ ڀٽي صاحب ٽالپرن ڏانهن رخ ڪيو، ڀٽي صاحب پنهنجي پارٽيءَ جي وفاداريءَ جو عهد ڪيو. مير صاحبن لاءِ وڏيڪ اڳتي لکنديس پر في الحال آءٌ ٻڌائيندي هلان ته هو سڄي علائقي جا وڏا ماڻهو هئا ۽ پاڙي جي سيني ماڻهن سان برادرانه تعلق رکندا هئا. ۽ سيني سان پدرانه شفقت سان هلندا هئا. هر ڪم ۾ پاڙي جي بزرگن ۽ جوانن سان مشورو ڪندا هئا. اسين سڀ انهن کي پنهنجو وڏو، بزرگ، هڏ ڏوکي سمجهندا هئاسين، هنن صاحبن سڄي علائقي جي ماڻهن کي گڏ ڪيو. ان کان علاوه پنهنجي ٽالپر برادرين جي ڳوٺن جي ماڻهن ۽ ٽالپرن کي سڏايو. معراج محمد خان، ٽنڊي محمد خان جا ٽالپر، ٽنڊي غلام حسين جا ٽالپر، ٽنڊي مير نور محمد جا ٽالپر، ٽنڊي فضل جا

ٽالپر، ٽنڊي مير غلام علي جا ٽالپر، ٽنڊي مير جان محمد جا ٽالپر، ٽنڊي باگڻي جا ٽالپر، ميرپورخاص جا ٽالپر، چُڪي جا ٽالپر جُهڏي جا ٽالپر، شهدادپور جا ٽالپر، اهي سيئي ٽالپر پنهنجي برادرين ۽ ڳوٺ واسين سان اچي گڏ ٿيا. مير علي بخش ميرپورخاص وارو، مير صاحبن سان گڏ گڏ هو. ان کان علاوه پيٽي جي پارٽيءَ ۾ جيڪي ماڻهو گڏ ٿيا، انهن ۾ ڊاڪٽر مبشر حسن سندس پيڻ آئيمہ حسن، بيگم نسيم، ميجر جنرل اڪبر، بيگم شميم زين الدين، بيگم رياض، بيگم احمد آباد، تاج بيبي، معراج محمد خان، طارق عزيز، احمد رضا قصوري، شاعر اسلم گرداس پوري، سردار حق نواز گندا پوري، شيرپائو وغيره ۽ سنڌ مان مخدوم طالب المولىٰ، مخدوم امين فهيم، غلام مصطفىٰ جتوئي، قائم علي شاهه، حفيظ پيرزادو، قمر زمان شاهه، رئيس حسيب علي خان جوڻيجو سنڌڙي وارو ۽ هزار خان بجاراڻي، شير باز مزاري کان علاوه ٻيا ڪيترائي ماڻهو هئا، جيڪي مون کي ياد نہ آهن. هي اهي ماڻهو هئا جيڪي پنهنجي شخصيت، ڪردار، حسن و جمال ۽ اميريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. ٻيا پٽو قبيلي جا اهم فرد ۽ انهن جا سردار، هي سڀ پيٽي جا جان نثار هئا. مير صاحبان اسان جي علائقي جي سيني خاندانن کي گڏ ڪري پيٽي جو خطاب ڪرايو ۽ اهڙي طرح پٽو اسان جي علائقي جي هر پار ۽ وڏي جي نس نس ۾ سمائجي ويو. 1969ع واري زماني ۾ آءٌ انين ڪلاس جي شاگرداڻي هيس پر قد

ڪاٺ ۾ قداور ۽ صحتمند هئڻ ڪري وڏي لڳندي هيس. سياست ۽ حڪومت جون ڳالهيون ۽ سوشل ورڪ سان منهنجي دلچسپي هئي. تمام گهڻي "Vocal" هوندي هيس. منهنجي دل ۾ پيٽي لاءِ تمام گهڻي عقيدت ۽ محبت هئي. منهنجا ڀائر بہ پيٽي صاحب لاءِ ڪوشش ۾ لڳي ويا. وڏو ڀاءُ محمد علي مرزا آفيسر هئڻ باوجود اسان جي پٺ ڀرائي ڪئي. اهڙي طرح اسان جو مائٽ ڊاڪٽر خدا بخش بہ اسان سان گڏ هو. منهنجو وڏو ڀاءُ مرزا محمد علي، جناب پيٽي جو سچو عاشق هو، اسان سيني جناب پيٽي جي دعوت پنهنجي پاڙي ۾ ڪرڻ لاءِ رٿي ۽ مير برادران کي چيوسين تہ پيٽي صاحب جو جلسو اسان پنهنجي پاڙي ۾ ڪرائڻ چاهيون ٿا ۽ ليڊيز برانچ کولڻ چاهيون ٿا. بس اسان کي چوڻ جي دير هئي، هو تہ اڳ ئي تيار ويٺا هئا. هاڻ اسان جي اڳيان پئسن جو مسئلو هو، انهن ڏينهن ۾ ماڻهن وٽ ايترا پئسا نہ هوندا هئا، جيترا اڄ جي دؤر ۾ آهن. اسان سوچيو تہ چو نہ چندو ڪجي، سڀ چندي لاءِ تيار ٿياسين. ڪجهہ پئسا پاڻ ۾ ملي گڏ ڪياسين، ڪجهہ پاڙي مان چندو ڪيوسين. هر ڪم ۾ ڊاڪٽر خدا بخش اڳيان اڳيان هو. اسان جي پاڙي ۾ هڪ اردو اسپيڪنگ ٺيڪيدار رهندو هو، اها تہ سيني کي خبر هئي تہ ٺيڪيدارن وٽ پئسا گهڻا هوندا آهن. ڊاڪٽر خدا بخش ان کي قابو ڪري ڪانئس چڱو خاصو چندو ورتائين ۽ کيس پڻ پارٽيءَ جو ميمبر بنايائين. آفيس جو ڪو مسئلو نہ هو ڇاڪاڻ

تہ منهنجي ناني صاحبہ جون ڪيتريون خالي جايون جيڪي هو وقتاً فوقتاً مسواڙ تي ڏينديون هئي. ان هڪ ڪمرو ڏنو، جنهن کي اسان آفيس لاءِ استعمال ڪندا هئاسين. تحفي لاءِ پاڻ ۾ صلاح ڪئي سين تہ جناب ڀٽي جي نالي جي حساب سان چانديءَ جي تلوار 'ذوالفقار' انقلابي نشان ڪري ڏجيس. سڀني کي اها راءِ پسند آئي. جناب ڀٽي صاحب جي لاءِ هڪ چانديءَ جي تلوار ٺهرائيسين. ان کان پوءِ جلسي جي تياري ۾ لڳي وياسين. پنهنجي گهر جي سامهون سڙڪ کي ٻنهي طرفن کان بند ڪري شاميانا لڳراياسين.

**ڀٽي جو نعرو هو "روٽي، ڪپڙا اور مڪان" سڀ ماڻهو نعرن ۾ پرجوش هئا. سندن چهرن مان خوشي پئي بکي. ائين پئي لڳو تہ جڻ سڀني کي ڪو خزانو هٿ آيو هجي!**

دلي دروازا ناهياسين، رستي جي ٻنهي پاسن کان ڪيوڙن جا وڻ هنياسين، مطلب، تمام گهڻو اهتمام ڪيوسين. سڀ ماڻهو ڇوڪرا ڇوڪريون سندس استقبال لاءِ گلن جا هار کڻي بيٺا، عورتون ڇتين تي گلن جون ٽوڪريون کڻي وينيون، صبح جو 11 لڳي جناب ڀٽي اچڻ جو ٽائيم ڏنو هو. هو ٽائيم جو تمام گهڻو پابند هو. اسان دهلاري گهرايا هئا. ڪين چيوسين تہ جيئن ئي گاڏيون اچن، تہ توهان دهل وڄائڻ شروع ڪجو. اهڙي نموني سان جيئن ئي گاڏين تي دهلارين جي نظر پئي، تہ دهل ۽ شرنايون وڄڻ شروع ٿي ويا. اهڙو منظر سهڻو هو جو چا ٻڌايان! پهرين ڀٽو صاحب ۽ مير صاحب گاڏين مان لٿا. انهن جي پويان گوناگون گاڏيون اچي بيٺيون، جن مان ڪيترائي ماڻهو لٿا، جن جا نالا هن ريت آهن:

حفيظ پيرزادو، معراج محمد خان، طارق عزيز، هزار خان بجاراڻي، قائم علي شاهہ، قمر زمان شاهہ، بيگم نسيم، رٽائرڊ ميجر جنرل اڪبر، لطيف انصاري، ڊاڪٽر مبشر حسن، احمد رضا قصوري، امين فهيم، لعل بن يوسف، مير علي بخش خان ٽالپر، مير نبي بخش خان ٽالپر، مير رفيق خان ٽالپر، مير خادم حسين خان ٽالپر، بديع الحسن زيدي ۽ ٻيون ڪيتريون ئي نامور شخصيتون هيون جن مان ڪن جا نالا مون کان وسري ويا آهن. اسان جي سڄي ڳوٺ جا ماڻهو ننڍي مير محمود جا سڀ ماڻهو وڏا بزرگ ٻار ٻچا ڇوڪرين ۽ عورتن جو علحده انتظام هو، اسان جي پاڙي جي اردو ڳالهائيندڙن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ماڻهن مٿن گلن جي ورڪا ڪرڻ شروع ڪري ڏني، مان بہ گلن جي "ورڪا" ڪرڻ ۾ لڳي ويس. اهڙي طرح جناب ڀٽو صاحب دهلن، شرنائين ۽ تاڙين جي گونج ۾ اسٽيج تي اچي وينو. سندس پاسي ۾ مير رسول بخش خان، بيگم نسيم اڪبر ۽ مير رسول بخش خان جي ننڍي نياڻي اَلوينہ هئي.

سڀ ماڻهو ڪرسين تي ويهي رهيا، مون ڀٽي صاحب جي شخصيت جو جائزو ورتو. هو

وچولي قد جو هو، رنگ انتهائي گلابي، سونهن ۾ سيني ماڻهن ۾ مٿاهون، بلڪل منفرد شخصيت، ڪو بہ ماڻهو سندس مقابلو نٿي ڪري سگهيو، جڻ تہ فرشتو آسمان تان زمين تي لهي آيو هجي. ڀٽي صاحب کي ڏسي تقريباً سڀ عورتون وائڙيون ٿي ويون ۽ پاڻ ۾ هن جي سونهن تي ڳالهائڻ شروع ٿي ويون. جلسي جي ڪاروائي 'قرات' سان شروع ٿي، تنهن بعد منهنجي مامي مرزا بخش علي، سندس شان ۾ نظم لکيو هو، سو ماما پڙهيو. تنهن کان پوءِ ڊاڪٽر خدا بخش سپاسنامو پڙهيو، اجرڪ واري رسم ٿي، ڀٽي صاحب کي چانديءَ واري تلوار پيش ڪئي ويئي. آخر ۾ ڀٽي صاحب تقرير ڪئي، تقرير ڇا هئي؟ چئني طرفين فلڪ بوس نعرا هئا. ڀٽي جو نعرو هو "روٽي، ڪپڙا اور مڪان" سڀ ماڻهو نعرن ۾ پرجوش هئا. سندن چهرن مان خوشي پئي بکي. ائين پئي لڳو تہ جڻ سيني کي ڪو خزانو هٿ آيو هجي! جناب ڀٽي فرمايو: آءٌ "پنهنجي ملڪ کي بهترين نظام ڏيڻ چاهيان ٿو. جيئڻ جو حق فقط 22 خاندانن کي ڪونهي، بهترين زندگيءَ جو حق توهان سيني کي آهي. منهنجي پارٽيءَ جي دستور جا چار نقطا آهن:

1. Islam is our Faith
2. Democracy is our Policy
3. Socialism is our Economy.
4. All power to the People"

جناب ڀٽو ڳالهائيندو رهيو. ماڻهن جون تاڙيون وڄنديون رهيون. ان ڏينهن مون کي Hyd W/G جي چيئرپرسن بنايائين ۽ جلسو برخواست ٿيو، مگر اها ڳالهہ تاريخ بڻجڻ گهرجي تہ جيڪا تلوار 'ذوالفقار' جناب ذوالفقار علي کي انقلابي نشان ڪري ڏنيسين، بعد ۾ اها ئي تلوار سندس انتخابي نشان بڻجي ويئي. جناب ڀٽي صاحب مون کي پارٽيءَ جي چيئرپرسن بنايو. ڪيترائي ماڻهو خوش ٿيا، مگر ڪيترائي ماڻهو غم ۽ غصي ۾ پرجي ويا. پر ڇا ڪري ٿي سگهيا؟ ڇاڪاڻ تہ مون جهڙي بولڊ باهمت ان وقت بي ڪا ڇوڪري بہ نہ هئي. چيئرپرسن ٿيڻ بعد مون باقائدي ڪم شروع ڪري ڏنو. آءٌ ۽ ڊاڪٽر خدا بخش، اشرف ابڙو، پاڙي جا ڇوڪرا آفيس ۾ اچي ويهندا هئاسين. آءٌ ڇوڪرين کي ميمبر بڻائيندي رهيس. ڇوڪرا مردن کي ميمبر بڻائيندا رهيا. ميمبر شپ في فقط چار آنا هئي. مون سان گڏ اسان جي پاڙي جون نياڻيون بہ گڏ هيون. اهي بہ پڙهيل ۽ چڱيون بولڊ هيون، انهن کي بہ ميمبر بڻايوسين، بديع



ڊاڪٽر قمر جهان مرزا- شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي
ڀيڻ نورجهان صاحبہ ۽ امتياز صاحبہ سان گڏ

الحسن زيديءَ جون ڏيئرون بہ اسان سان ورڪ تي هلنديون هيون. حيدرآباد ۾ جتي بہ ليڊيز جلسو ٿيندو هو، تہ صدارت آءٌ ڪندي هيس. مثلاً لعل بن يوسف جي حلقي ۾ ليڊيز جلسي کي خطاب ڪرڻ لاءِ مون کي گهرايو ويو، لطيف انصاري وارن بہ ليڊيز جلسي جو اهتمام ڪيو ۽ مون کي گهرايو. اهڙيءَ طرح حيدرآباد شهر ۾ آءٌ ۽ مون سان گڏ جيڪي ڇوڪريون هونديون هيون سي سڀ گڏجي هر هنڌ پهچنديون هيون سين، اسان جي ڪم ۾ ڊاڪٽر خدا بخش اڳيان اڳيان هوندو هو، تقريرون آءٌ بہ ڏاڍيون سنيون ڪندي هيس. آءٌ جناب ڀٽي جي صدقي ماڻهن ۾ چڱي مقبول ٿيس. ماڻهو منهنجي تمام گهڻي عزت ڪرڻ لڳا. زمانو بہ اهڙو هو جو ماڻهوهڪٻئي سان عزت سان پيش ايندا هئا. هينئر ماڻهو چڱي ڪي چڱو چوڻ لاءِ تيار ئي نہ آهن.

جنهن بہ پاڙي ۾ ڀٽي صاحب جي ورڪ لاءِ ويندا هئاسين، مايون ڏاڍي غور سان ٻڌنديون هيون، عزت سان ويهارينديون هيون ۽ خوش ٿينديون هيون. ڀٽو صاحب پنجاب، بلوچستان، پشاور ۾ طوفاني دورا ڪري وري سنڌ جا دورا ڪري ٽالپر هائوس تي اچي رهندو هو. حيدرآباد ۾ پڻ سنڌس وڏا وڏا جلسا ٿيا. ثروت جي باغ وارو جلسو، لطيف آباد وارو جلسو اهي ٻئي تاريخي جلسا هئا، ايڏا وڏا جلسا اڄ ڏينهن تائين ڪو نہ ٿيا آهن. ان جو سبب جناب ڀٽي جي شخصيت ۽ سندس پيغام هو. هر ماڻهو ائين ٿي سمجهيو تہ 'ڀٽو' سندن آهي. پاڪستاني آرمي بہ ڪيس پسند ڪندي هئي. ڀٽو ملڪ کي خوبصورت خوشنما بنائڻ جو پروگرام کڻي آيو هو. هن ملڪ ۾ جمهوريت آڻڻ ٿي چاهي، غربت ۽ جهالت کي ختم ڪري مساوات تي مبني معاشرو قائم ڪرڻ ٿي چاهيو. صدين کان پنتي پيل انسانن لاءِ هن جو پيغام تمام گهڻي ڪشش رکندو هو.

سوشلزم جو نعرو ٻڌي سڀ مولوي صاحب ڪاوڙجي پيا. چوندا هئا تہ ڀٽو ڪافر آهي، اسلام کي خطرو آهي. ان تي حبيب جالب تمام ڏکهي شاعري ڪئي هئي پر چند شعر جيڪي مون کي ياد آهن سي هيئنئين ريت آهن:

جس نام سي قائم هي دنيا،
اسي نام کو خطرا کيا هوگا.
اسلام تو هي مجبورون کا،
تنگدستون کا لاچارون کا،
اسلام نهين تيمورون کا.
اسلام کو خطرا کيا هوگا.
جس نام سي قائم هي دنيا،
اس نام کو خطرا کيا.

انتهاپسندن جي مخالفت جي ڪري، جناب ڀٽي پنهنجي منشور ۾ تبديلي آندي 'سوشلزم' سان اسلامي مساوات لفظ جو واڌارو ڪيائين. سندس مخالف، عوام ۾ سندس مقبوليت ڏسي ٽڙپڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا تہ ڀٽو 'سامري جادوگر' آهي. ماڻهن کي هيپاٽائز تو ڪري. مطلب مخالفن کان جيڪو پڄي سگهيو، انهن ڪيو. ڀٽو صاحب ۽ مير رسول بخش سانگهڙ ۾ خطاب ڪرڻ لاءِ ويا، تہ مٿن حملو ڪرايو ويو. سندن جان بچڻ هڪ

ڪرشمو هئي، ان حملي جو پارٽيءَ تي ايترو اثر ٿيو جو جيڪو ماڻهو پارٽيءَ ۾ نه هو، سو به شامل ٿي ويو ۽ مون هلال پاڪستان 'اخبار' ۾ پڻ تي ٿيل حملي جي مزاحمت ڪئي هئي. جڏهن اها اخبار منهنجي ياءُ محمد علي مرزا پڙهي ته خوش ٿي اچي مون کي ٻڌايائين. سيني مبارڪون ڏنيون ڇاڪاڻ ته آءٌ پهرين ڇوڪري هيس، جيڪا پيپلزپارٽيءَ حيدرآباد W/G جي چيئرپرسن ٿي هيس، ٻيو ته هڪ ڇوڪري سياسي مزاحمت ڪري ۽ سو به اخبار ۾. هينئر دؤر ٻيو آهي، اڄ جي دؤر ۾ اخبار ۾، سياست ۾، T.V تي اچڻ ڪا وڏي ڳالهه نه آهي. هر ماڻهو سياستدان، هر ماڻهو ليکڪ، عورتون ٻارڙيون سڀ K.T.N تي وينيون آهن، ڪو مسئلو نه آهي. پر آءٌ جنهن ماحول جي پيداوار هيس، تنهن لاءِ هي سڀ قدم انقلابي هئا.

1970، July 1، 2 تي هالا ۾ ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ شرڪت لاءِ عورتن ۾ ڪراچيءَ مان ڊاڪٽر شميم زين الدين، تاج بيبي، بيگم رياض، پنجاب مان بيگم آئمه حسن، ڊاڪٽر مبشر حسن جي ڀيڻ بيگم احمدآباد، بيگم نسيم اڪبر، حيدرآباد مان آءٌ ۽ بيگم پٽو به اچڻي هئي، پر اچي نه سگهي.

پهرين لاءِ 1970ع تي سوين اهم ماڻهو مير برادران جي بنگلي تي گڏ ٿيا، مٿي ڄاڻايل عورتون به اتي ئي مهمان بنجي آيون هيون. صبح جو اٿين لڳي سمورا ماڻهو گاڏين ۾ وينا ۽ هي قافلو هالا ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ روانو ٿيو. رستي جو منظر توهان کي ڇا ٻڌايان، ٽالپر هائوس کان وٺي هالا تائين وڃڻ واري رستي جي ٻنهي پاسن کان ماڻهو قطارون ڪيو بينا هئا ۽ اسان جي گاڏي مٿان گلن جي ورکا ڪندا رهيا ۽ جهمريون هڻندا رهيا.

جڏهن هالا پهتاسين ته عجيب منظر هو، سڄي هالا کي ڪنوار وانگر سينگاريو ويو هو، عاليشان دلي دروازا رنگ برنگي جهنڊيون، پيپلزپارٽيءَ جا جهنڊا لڳل هئا مطلب ته شهر سجائڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي هئائون.

هالا جي عوام ڀرپور استقبال ڪيو. ڪانفرنس محفل سينيما ۾ منعقد ڪئي ويئي هئي. اسين سڀ پنهنجين سيٽين تي وهي رهياسين، ڪيترائي والنٽيئر بار بار اسان کان پاڻي ۽ چانهه وغيره جو پڇڻ لڳا.

ايتري ۾ پٽو صاحب به اچي ويو. اسٽيج تي جناب پٽو، جناب ممتاز علي پٽو، مير علي احمد خان ٽالپر، مير رسول بخش خان ٽالپر، مخدوم طالب المولىٰ ۽ ٻيا اچي وينا. طارق عزيز ڪمپيئرنگ ڪئي.

ڪانفرنس جي ڪاروائي منهنجي نعت شريف سان ٿي:

نسيم لائي هي پيغام هر ڪسي ڪي لئي.
ڪي جي رهي هون محمدڪي پيروي ڪي لئي.

نعت ٻڌڻ وقت ماڻهن تي وجد طاري ٿي ويو ۽ سڀ سبحان الله چوڻ لڳا. ان کان پوءِ واري واري سان سڀ تقريرون ڪرڻ لڳا. مون کي ياد آهي ته سردار حق نواز تمام پرجوش تقرير ڪئي. تقريرن جو اصل مطلب اهو هو ته هر

ماڻهوءَ کي مساوي حق ڏنا وڃن. زميندار اڌ هاريءَ کي ڏي، فيڪٽرين وارا اڌ ڪمائي مزدورن کي ڏين. مطلب تہ هر شيءِ اڌ جي حساب ۾ هجي. ڪانفرنس جي هڪ نشست کان پوءِ لنچ بريڪ ٿيو. مخدوم صاحب طرفان لنچ بہ يادگار رهي. عورتن لاءِ الڳ پورشن رکيو ويو. مانيءَ ۾ تريل سَيل پلا، ڪڪڙ تريل، رانون سيڪيل، انب مطلب تہ هر قسم جا ڊش هئا. منهنجو سيني ماڻهن خيال تي رکيو. اهو ڏسي بيگم نسيم اڪبر آئمہ حسن کي چيو تہ ”سنڌ کي لوگ اپني لڙڪيون کا بهت خيال رکتي هين. هم لوگون ڪويي ايڊوانس سمجهتي هين“ ان تي آئمہ حسن جواب ڏنس تہ ”يي لوگ هماري بهي عزت ڪرتي هين، وه بڇي هي، اس لي زياده خيال رک رهي هين“.

ڊاڪٽر شميم زين الدين مون کي پيار ڪندي چيو تہ ”مين بهي گياره سال کي عمر مين سياست مين آئي ٿي، اور آپ مين جو ٽيلينٽ هي مين سمجهتي هون آپ بهي اڇهي سياستدان بنين گي.“ ڊاڪٽر شميم زين الدين جي پيشگوئي غلط ثابت ٿي، آءٌ اڄ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر آهيان، اتي ماڻهن مون کي تمام گهڻي عزت جي نگاهہ سان ڏٺو پئي. بہ ڏينهن ڪانفرنس هلي يعني 1، 2 جولاءِ. خواتين جي رهائش پٽ شاهہ واري گيسٽ هائوس ۾ ڪئي هئائون، اسان کي وڏي احترام ۽ اهتمام سان اتي رهايائون، تاج بيبي تہ مون سان گڏ گڏ هئي، اسين ئي ٻئي سنيون دوست ٿي ويوسين، هوءَ چڱي سينيئر ليڊي هئي، پر غير شادي شده هئڻ ڪري چوڪرين واري طبعيت هيس. هر ڳالهہ مون کان پڇي. ”ديکهو بيبي مين اڇي لگ رهي هون“. آءٌ بہ سندس تعريف ۾ لڳي پئي هيس. مون کي ايترن ماڻهن سان ملڻ ۽ ڏسڻ جو پهريون موقعو مليو هو. هاڻ سوچان ٿي تہ اهي ماڻهو ڪيترا تہ سنا، سهڻا، سلڇڻا ۽ معتبر هئا. اسان جي خاندان کي سجاڻڻ جي ڪري بہ هنن منهنجي عزت پئي ڪئي. پر پنجاب کان آيل بہ مون سان ڏاڍي توجهہ ۽ اخلاق سان پئي پيش آيا، خصوصاً احمد رضا قصوري تہ ڳالهائڻ ۾ ڏاڍو مٺو ۽ سليقي وارو هو. ’شاعرن جي تہ ڪهڙي ڳالهہ ڪجي‘ ائين پي لڳا جهڙا ڪنهن حسين شعر جون مصراعون. رات جو پٽ شاهہ تي راڳ هو. سڀ ماڻهو اڳ ٻڌڻ ويا. مگر عورتن چيو، هڪ تہ اتي رش هوندي، ٻيو تہ سڀئي ٿڪجي پيون هيون. تنهنڪري گيسٽ هائوس تي ئي وينيون رهيون. هي ڪانفرنس ڪامياب ويئي. پٽي صاحب اليڪشن ۾ بيهڻ جو اعلان ڪيو. اسين سڀ ورڪ ڪرڻ لڳي وياسين. اسان جي حلقي مان لطيف انصاري M.P.A لاءِ ۽ الاهي بخش قائم خاني M.N.A جي سيٽ تي بينا. اسين رات ڏينهن محنت ڪري ورڪ ڪندا هئاسين. لطيف انصاريءَ جي مسز بہ ڪڏهن ڪڏهن ورڪ يا ڪارنر ميٽنگ ۾ ايندي هئي. اسان ڏاڍي جانفشاني ڪئي. پيپلز پارٽيءَ جي ڪاميابي اسان جي ڪاميابي هئي. آخر اليڪشن وارو ڏينهن بہ آيو. اهڙو تہ حسين ڏينهن هو ۽ روح پرور منظر هو.

ماڻھن جي منھن تي اعتماد ۽ خوشي ھئي. ھر ماڻھوءَ جي 'ڪالر' تي ڀُٽي جو بيج لڳل ھو، ھر ڪنھن گاڏيءَ تي ڀُٽي جو جھنڊو لڳل ھو. حيدرآباد جون عورتون انھن ڏينھن ۾ اڄ جي دؤر وانگر ٻاھر نہ نڪرنديون ھيون، ان ڏينھن تي سڀ پرده نشين بہ ٻاھر ھيون.

"جيئي ڀٽو! جيئي ڀٽو! سدا جيئي" واريون ڪيسٽون وڄي رھيون ھيون. شام جو جيئن ئي پيپلزپارٽيءَ جي کٽڻ جو اطلاع مليو، سڄو شھر نعرن سان گونجڻ لڳو، ماڻھن رستن تي نچڻ شروع ڪري ڏنو. پھريون دفعو پاڪستان ۾ جماعتي بنيادن تي پاڪ صاف چونڊون ٿيون ھيون، جنھن ۾ پيپلزپارٽي اولھہ پاڪستان ۾ اڪثريت سان ڪامياب ٿي. سنڌ، پنجاب جي اسيمبلين ۾ پڻ ھن پارٽيءَ کي اڪثريت حاصل ٿي، اوڀر پاڪستان ۾ مجيب الرحمان کي اڪثريت حاصل ٿي. 1971ع ۾ انڊيا پاڪستان جي جنگ لڳي، جنھن ۾ مشرقي پاڪستان اسان کان ڌار ٿي ويو. جناب ڀٽو مغربي پاڪستان جو پھريون چونڊيل وزيراعظم مقرر ٿيو. 1973ع ۾ پيپلزپارٽيءَ ملڪ کي آئين ڏنو، جنھن کي ملڪ جي تمام چونڊيل نمائندن تسليم ڪيو.

اسين جيڪي جناب ڀٽي جا عاشق ھئاسين، انھن کي اليڪشن کٽڻ کان پوءِ ڪنھن بہ نمائندي اچي ڪو نہ پڇيو تہ ڪھڙو حال اٿو؟ مير برادران بہ ائين ڪيو. مير رسول بخش خان سنڌ جو گورنر مقرر ٿيو. ھن کي وقت ئي نہ ھو جو اسان ابتدائي ايام جي ورڪرس جي سارلھي. اسين سڀ حيران ٿي وياسين.

ڊاڪٽر خدا بخش بہ خاموش ٿي ويو ۽ پنھنجي ميڊيڪل جي پڙھائي ۾ لڳي ويو. ھاڻ جناب ذوالفقار علي ڀٽيءَ تائين پھچڻ اسان لاءِ نا ممڪن ھو. مير رسول بخش خان ٽالپر جو سنڌس پرائيوٽ سيڪريٽري "يارو سولنگي" ائين لڳندو ھو ڄڻ ٻيو گورنر ھجي. مير صاحب سان ملڻ ئي ڪنھن کي ڏنو ويندو ھو. جن ماڻھن سان ووٽ وٺڻ وقت جيڪي واعدا ڪيا ھئاسين تہ پيپلزپارٽي ڪامياب ٿيندي تہ اسين توھان کي نوڪريون وٺي ڏينداسين، گھر وٺي ڏينداسين ۽ توھان جي ٻارن جي تعليم مفت ٿيندي وغيره، سي سڀ ماڻھو ڊاڪٽر خدا بخش وٽ ۽ عورتون مون وٽ اچي پھچنديون ھيون. اسين انھن کي ڇا ٻڌايون، تہ ڀٽي صاحب مير رسول بخش خان کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو. وڏن عھدن وارن وٽ رسائي فقط چالاڪ ۽ چاپلوس ڪري سگھندا آھن. اسان جي جاءِ نہ ھئي تہ ماڻھن جا مسئلا ڪٿي وٺي پھچون.

پر ھاڻ سوچيان ٿي، وڏن عھدن تي ذميداريون بہ ايتريون ئي وڏيون ھونديون آھن. ڪنھن بہ ڪم کي سمجھڻ لاءِ وقت جي ضرورت ھوندي آھي، پر اسين اھو نٽا سمجھون قبل از وقت، ٻئي لاءِ غلط راءِ قائم ڪري ڇڏيون. مير صاحب گورنر ٿيو تہ ٽنڊي مير محمود جي ماڻھن کي گورنر ھائوس ۾ مختلف ڪمن ڪارين لاءِ مقرر ڪيائون.

منھنجو ۽ ڊاڪٽر خدا بخش جو اھو حال ھو جو ماڻھو وٽس ڪمن لاءِ ويندا ۽ عورتون سڀ منھنجي گھر، امان سين عورتن جا

مسئلا ٻڌندي هئي، مون کي هٿ اهو ٻڌائڻ وسري ويو تہ منهنجي امان نهايت ذهين ۽ حسين پڙهيل لکيل، هنرمند خاتون آهي. درحقيقت ۾ پارٽيءَ لاءِ ڪم سڀ والده جي حڪم سان پئي ٿيا. آءٌ تہ بس هڪ تقرير ڪرڻ ۽ نعرا هڻڻ وارو ٻار هيس.

جيڪي عورتون مسئلا ڪٺي اينديون هيون، انهن کي اسين مير برادران جي پيڻ بيبي زينت ڏانهن موڪليندا هئاسين. بيبي زينت مير صاحبن جي اڪيلي پيڻ هئي. هوءَ نهايت عظيم، محبت ڪرڻ واري غريب پرور عورت هئي، هر ماڻهوءَ سان پيار ڪندي هئي، ماڻهن جا مسئلا ٻڌندي هئي ۽ پوءِ پائرن ڪان هنن جا ڪم ڪرائيندي هئي. اهڙيءَ طرح ڪم لاءِ ايندڙ عورتن کي سندس حوالي ڪري ڇڏيندا هئاسين.

پارٽي جي ڪمن منهنجي پڙهائي ۽ منهنجي مائٽ ڊاڪٽر خدا بخش جي پڙهائي تي وڏو اثر وڌو. اسان پنهنجي پڙهائي کي لڳي وياسين. البتہ اسان سان گڏ اشرف ابڙي کي ميرن آڪٽرا انسپيڪٽر ڪرايو، مگر ڪنهن سبب ڪان ٿوري عرصي ۾ انسپيڪٽريءَ تان لهي ويو. ڊاڪٽر خدا بخش محنتي هو. هن وقت هو وڏن ڊاڪٽرن ۾ شمار ٿئي ٿو.

پارٽيءَ طرفان ڪنهن بہ رسپانس نہ ملڻ ڪري اسين پنهنجن ڪمن ۾ لڳي وياسين. منهنجا پائر ۽ ڪزنس سڀ سرڪاري آفيسر هئا، سي بہ پنهنجي معمول تي هئا. اهو جوش اهو جذبو فقط اليڪشن تائين هو. پر پٽي صاحب سان جيڪا محبت ۽ عقيدت هئي سا اڄ ڏينهن تائين برقرار آهي.

ميدان خالي ڏسي اسان جي علائقي جون اهي مايون جيڪي پٽي جون پهرين مخالف هيون، سي وجي پيپلزپارٽيءَ ۾ گهڙيون. اهي مايون اهي هيون، جڏهن اسين پارٽيءَ ۾ هئاسين تہ اسان لاءِ ڪِنو ڳالهائينديون هيون. جڏهن ڪين موقعو مليو تہ پاڻ سنيون ٿي ويون. اها ڳالهہ ائين ٿي جيئن ڪا شيءِ تنهنجي هٿ ۾ آهي تہ ڪني اگر منهنجي هٿ ۾ آهي تہ سني. انهن ڏينهن ۾ انهن ماين اسان کي ڏاڍيون گاريون ڏنيون هيون. پر جڏهن اهي پارٽيءَ ۾ داخل ٿي ويون تہ نهيل گرهہ ڪائڻ لڳيون، تہ اسان ڪين ڪجهہ بہ نہ چيو. خير دنيا اها ئي آهي. هر ڪو هڪ ٻي جي گهات ۾ وينو آهي.

ڪجهہ عرصي کان پوءِ ٻڌوسين تہ جناب مير رسول بخش خان گورنر جي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. اها خبر نہ پئي تہ ڇو؟ ميرصاحب پنهنجي ڳوٺ ٽنڊي مير محمود ۾ واپس موٽي آيو. "مگراب وه بهار ڪهان" پٽي جو هڪ جملو مون کي ياد آهي تہ "جگانا بهي مشڪل هي اور سلانا بهي مشڪل هي". سو مير بہ قوم کي بيدار ڪري چڪا هئا. ڳوٺ جا ماڻهو جيڪي پٽي جا عاشق ۽ سچا شيدائي ٿي چڪا هئا. سوهاڻ انهن جي واپسي ناممڪن هئي. پر مير صاحبن جا ذاتي تعلقات ۽ ماڻهن سان اهڙا سنا پير پريل هئا جو باوجود پٽي سان محبت جي ماڻهو ڪيس گهيري ويا. استعيفيٰ جا سبب پڇڻ لڳا ۽ همدردي ڪرڻ لڳا.

مير صاحب وري بہ پنهنجن ۾ واپس پهتو.

مير برادران ۽ ڀٽي جي تعلقات خراب ڪرڻ ۾ ڪيترن ئي ماڻهن جو هٿ هو، جن ۾ K.B جعفر وڏو رول ادا ڪيو ۽ هنن جي وچ ۾ غلط فهميون وجهندو ويو. اهڙيءَ طرح جناب ڀٽو صاحب پنهنجن جان نثار دوستن کان ڪٽجي ويو. خوشامدي ۽ مطلب پرست ماڻهو ڪيس گهيري ويا. جيڪي سوشلسٽ ۽ سوشلزم جا حامي هئا، انهن اهو ڏنو ته ڀٽي کي جاگيردار گهيري ويا آهن ۽ جنهن نظام کي هنن آڏڻ تي چاهيو، ان جو نقشوئي بدلبو وڃي پيو، ته هو به پارٽي ڇڏي هليا ويا. اهڙيءَ طرح جناب ڀٽو صاحب پنهنجا سچا ساٿي وڃائي ويٺو.

مير صاحبن کي ڀٽي جي جدائيءَ جو ڏک به هو ته غم غصو به هو. تنهنڪري هو، سندس سخت مخالف ٿي ويا. پر عوام جنهن ڀٽي سان پيار ڪيو هو، سو ڪنهن جي به مخالف ڪري ڀٽي کان نه هٽي ۽ "جيئي ڀٽو جيئي ڀٽو!" ڪندو رهي ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪندو اچي. ڀٽي صاحب جو قوم تي احسان آهي. هن ماڻهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪئي، ڪين پنهنجي حقن جو احساس ڏياريو. ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ چڱا ڪم ڪيا. ڀٽو ملڪ لاءِ جيڪو نظام ڪٺي آيو هو، ان ۾ ته هو ڪامياب نه ٿي سگهيو، پر عوام کي بيدار ڪري منجهن سياسي شعور پيدا ڪيو. ڀهرين ماڻهن جي قسمتن جو فيصلو بيورو ڪريسي يا مدي خارج سياستدان ڪندا هئا. عوام کي خبر نه هوندي هئي ته سندن بنيادي، سياسي ۽ شهري حق ڪهڙا آهن. ڀٽو ڀهريون ليڊر هو، جنهن اسلامڪ سمٽ ڪانفرنس ڪرائي، تمام مسلم ملڪن جي سربراهن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو. هن جو مقصد تمام وڏو هو. ڀٽي صاحب پنهنجي حڪومت جي مدي پوري ٿيڻ کان ڀهرين چوندن جو اعلان ڪيو. چوندون ٿيون ۽ پيپلزپارٽي ٻيو دفعو به ڀرپور انداز ۾ ڪامياب ٿي. ڀٽي جي مخالفن سندس خلاف تحريڪ هلائي، جيڪا ٻن ٽن شهرن تائين محدود هئي، پر ان ۾ ملڪ جو وڏو نقصان ڪيائون. ڀٽي حڪومت مخالفن کي مذاڪرات لاءِ سڏيو. جنهن ۾ ٻيهر اليڪشن جو فيصلو ڪيو ويو.

جيئن ٻيهر اليڪشن ٿي، تنهن کان اڳي فوجي انقلاب اچي ويو. ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ڪئي ويئي. پيپلز پارٽي ۽ مخالف ڌر جي به سياستدانن کي نظربند ڪيو ويو. مارشلا نوي ڏينهن تائين هئي. فوجي حاڪمن واعدو ڪيو ته هو ٽن مهينن کان پوءِ چوندون ڪرائي، اقتدار چونڊيل نمائندن کي ڏيئي هليا ويندا. مخالف ڌرين جنهن ۾ ڪميونسٽ، سوشلسٽ ۽ اسلامي اتحاد وارا به شامل هئا، انهن "پاڪستان قومي اتحاد" جي نالي سان پارٽي ناهي. هي اهي هئا جن کي اليڪشن ۾ شڪست ملي هئي. هو سڀ فوجي حڪمرانن کي ڀيرين پوڻ لڳا، ته ٻيهر اليڪشن ائين ڪئي وڃي جو، جنهن ۾ ڀٽو حصو نه وٺي. حقيقت ۾ هنن ڀٽي کي ميدان مان هٽائڻ ٿي چاهيو. هنن سمجهيو ٿي ته جيسين ڀٽو آهي، ته هو اليڪشن ڪٽي نه سگهندا. انهن سياستدانن گڏجي ان ڳالهه تي زور ڀريو ته

ڀٽو دؤر حڪومت جو احتساب ڪريو. انهيءَ دوران ڀٽي تي نواب محمد احمد خان جي قتل جي سازش جو الزام هڻي قيد ڪيو ويو. پنجاب هاءِ ڪورٽ ۾ متس ڪيس هلڻ شروع ٿيو. هاءِ ڪورٽ ڪيس موت جي سزا ٻڌائي. ان ڪانپوءِ وري ڪيس سپريم ڪورٽ ۾ هليو جتي ستن ججن مان ٽن ججن ڪيس باعزت بري ڪرڻ جو فيصلو ڏنو. سڄي دنيا مان ڀٽي جي جان بخشيءَ جو اپيلون ٿيون. پاڪستاني عوام انتهائي رنج الم ۾ ٻڏل هو. لکين مرد، عورتون، ٻار ٻچا قلندر لعل شهباز ۽ ٻين پيرن فقيرن جي درگاهن تي وينا رهيا. هر گهر ۾ قرآن خواني ٿي رهي هئي.

ماڻهن لک پئي پڙهيا. رات ڏينهن ماڻهو عبادت ڪندا رهيا ۽ خير خيراتون ڪندا رهيا. الله تعاليٰ کي ٻاڏائيندا رهيا. ماڻهن جي روزمره جي زندگي جهڙي مهمل ٿي چڪي هئي. اسين سڀ غم اندوه ۾ ٻڏل ۽ پريشان هئاسين تاهم دل چوندي هئي ته ڀٽي کي ڦاسي نه ايندي. پر آخر اها منحوس رات به آئي. 4 اپريل 1979ع رات جي اونداهيءَ ۾ ڪيس ڦاسي ڏيئي، هن دارالفنا مان هميشه لاءِ رخصت ڪيو ويو. هو آخر تائين چوندو رهيو ته ”اي الله آءٌ بي قصور آهيان.“ صبح جو ريڊيئي تي جڏهن عوام سندس ڦاسيءَ جي منحوس خبر ٻڌي ته عوام پنڊ پهڻ ٿي ويو. شهر خاموش هو، ماڻهو ڪيڏانهن ويا هليا. گهرن مان معمول جي زندگي رخصت ٿي ويئي ماڻهو بيهوش ٿي ويا، ڪن کي هارٽ اٽيڪ ٿي ويا، اسپتالون بيهوش ماڻهن سان ڀرجي ويون، حالانڪ 1971ع کان پوءِ منهنجو سياست ۽ پارٽيءَ وغيره تان ڌيان هٽي ويو هو. پر جيڪا محبت جي جوت ڀٽي اسان جي اندر ۾ جاڳائي سا ته ڪا نه وساڻي هئي. منهنجو بلڊ پريشر ايترو ته گهٽ ٿي ويو جو مرڻينگ حالت کي پهچي ويس. منهنجي ماءُ جيڪا ڀٽي جي شيدائي هئي، سا ايترو ته رني جو آءٌ سمجهان ٿي، ته بابا جي جهان ڇڏڻ تي رنو هونديئين.

منهنجي خيال ۾ ڀٽي جي:

1. سحر انگيز حسين شخصيت.
2. غير معمولي ذهانت.
3. عوام جي دلين ۾ ڌڙڪڻ.

اهي سڀ شيون بدصورت، متعصب، جاهل، سياستدان ۽ متعصب ماڻهن کان برداشت نه ٿيون. ڀٽي ته شهادت ماڻي، اَمر ٿي ويو. اَڄ ڏينهن تائين سندس مزار تي ميڙا لڳا پيا آهن. قرآن خوانيون ۽ خير خيراتون پيون ٿين، هو اڄ به زنده آهي. باقي جن هن سان ڪيو، سي سڀ ڪيفر ڪردار کي پهچي چڪا آهن. هڪ چوڻي آهي: ”مرجا مردود تيرا ڪفن نا درود“ انهن تي ڪو دُرود پڙهڻ وارو به ناهي. رهي نالو مولا جو. جناب ڀٽو هڪ فوجي آمر جي هٿان ڦاسي چڙهي ويو. سندس فيمليءَ کي جلاوطن ڪيو ويو. آمريت جو دؤر شروع ٿيو، سڀ ماڻهو خاموش ٿي ويا ۽ هر ڪو پنهنجي ڪمن سان لڳي ويو. ڀٽي جي خاندان سان محبت جي ڪري قدرت طرفان انهي خاندان سان رشتو جڙيو. 1984ع ۾ منهنجي ڀاءُ امداد علي جي شادي نبي بخش خان ڀٽي جي

نياڻي، بيبي مختار سان ٿي. انهيءَ طرح منهنجي دوستي جناب پٺي صاحب جي پيڻن ۽ سندس وڏي گهر واري امير بيگم سان ٿي. هي سڀ بزرگ عورتون نهايت لائق ۽ عظيم هيون. آءٌ وقتاً فوقتاً ساڻن ملاقات تي ويندي هيس. بلڪ پٺي صاحب جي پيڻ بوئا امتيازءِ بوئا نورجهان اسان وٽ ٿنڊي آغا ۾ پڻ ملڻ ايندييون هيون. سندن محبت ۽ دل ۾ جاين ڏيڻ جو انداز بلڪل اسان جي وڏن وارو هوندو هو. هو مون سان ذوالفقار علي پٺي صاحب جون ڳالهيون ڪري ڳچ ڳرنديون هيون. هو ٻڌائينديون هيون ته ڪيئن هو پٺي جو لاش هيلي ڪاپٽر ۾ ڪٺي آيا؟ ڪرفيو لڳل هو، هنن پيڻين جي اندر ۾ پٽر لڳي رهيا هئا.

هنن ٻڌايو ته اسان پنهنجي پائرن تان جان قربان ڪنديون هيونسين. مون سندن تڙپ ۽ بيقراري پنهنجي اکين سان ڏٺي ۽ اندر ۾ محسوس ڪئي. هو مون سان پنهنجي زماني جون خوشگوار ڳالهيون پڻ ڪنديون هيون. 1985ع ۾ اوچتو هڪ بري خبر آئي ته جناب پٺي صاحب جي ننڍي فرزند شاهنواز پٺي کي قتل ڪيو ويو آهي. هن خبر سان عوام ڪيترو بيچين ٿيو، اها خبر خدا کي، پر منهنجي پاپي، امان ۽ مان انهيءَ وقت روانا ٿياسين. انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد کان فلائٽ هلندي هئي، اسان موئن جو دڙو ايئر پورٽ لٿاسين. اتان اسان لاءِ نواب صاحب گاڏي موڪلي ۽ اسان ميرپور پهتاسين، هزارين ماڻهو اتي آيل هئا. جڏهن ذوالفقار علي پٺي جي شهزادي جو لاش پهتو، جڻ ته لاڙڪاڻي

۾ قيامت هئي. پٺي صاحب جي پيڻن جو روج راڙو قيامت، وارو منظر هو. انهيءَ صدمي ۾ پٺي صاحب جي پيڻ بوئا ملڪ جان فوت ٿي ويئي.

عجب جهڙي ڳالهه آهي ته سنڌ جو هيءُ سياسي خاندان ڪهڙيءَ طرح ناانصافين جو شڪار ٿيو. وڏي درد انگيز ڪهاڻي آهي. شهيد پٺي جي نياڻي مون کي ياد آهي غالباً 1971ع ۾ يا 1972ع ۾ منهنجي ساڻس ملاقات مير علي احمد خان ٽالپر جي بنگلي تي ٿي. اتي ڪو فنڪشن هو. هوءَ به نوجوان ڇوڪري هئي، نازڪ نازڪ، خوش مزاج، ڏاڍي خوشدليءَ سان مون سان ملي ۽ ٻين سيني ڇوڪرين سان ملي، اِها منهنجي هن سان پهرين ۽ ننڍپڻ جي ملاقات هئي.

وقت گذرندو رهيو آخر جرنل به ڪيفر ڪردار کي پهتو. اهڙيءَ طرح بينظير صاحبه پٺو جلاوطنيءَ جو دؤر ڪاٽي اقتدار ۾ اچي ويئي. آءٌ ڪيسT.V تي ته ڏسندي هيس پر ملاقات لاءِ نه ويس پرل ڪانٽينٽل هوٽل ۾ سردار پير بخش پٺي جي نياڻي جي شاديءَ ۾ مون کي سندس پڦي منور اسلام ڇيو ته ڊاڪٽر قمر، آءٌ بينظير کي توهان وٽ وٺي ايندس. خدا جي قدرت بوئا منور اسلام انهيءَ مهيني ۾ وفات ڪري ويئي. هوءَ ايتري ته سهڻي ملنسار هئي جو ڪيس ياد ڪري منهنجي دل غم سان پرجيو وڃي. هوٽل آواري ٽاور ۾ منهنجي ملاقات بينظير سان ٿي. اڇي لباس ۾ جڻ آسماني حور زمين تي لهي آئي هجي. ساڻس گڏ هڪ

خادم هئي، سندس ڪڇ تي سندس نياڻي هئي. اسٽيج تي گهوٽ ڪنوار جي پاسي ۾ نواب نبي بخش خان ڀٽو صاحب ويٺو هو، تمام گهٽي ضعيفي سبب سندس حواس پڻ پورا سالم نہ هئا. بينظير صاحبہ اسٽيج تي چڙهي نهايت معصومانہ انداز ۾ بزرگ نواب جي پيرن تي هٿ رکي چيائين: ”بابا آءٌ بينظير، نواب صاحب غور سان ڪيس ڏٺو ۽ ڏڪندڙ هٿ مٿي تي رکيائينس. بينظير گهوٽ جي پاسي ۾ ويٺي. منهنجي ڀاڄائي پڻ سندس پاسي ۾ ويٺي، ايتري ۾ بيگم نصرت ڀٽو بہ اچي ويٺي أمير بيگم ۽ ٻيون خاندان جون عورتون أتي پهتيون. أهي سڀ بيگمات مون سان ملي رهيون هيون ۽ مون چاهيو پئي تہ رش هٽي، تہ آءٌ بينظير سان ملان، حالانڪ آءٌ اسٽيج جي ٻي ڪنڊ وٽ هيس. آخر مون چيو تہ پري ٿيو تہ آءٌ پنهنجي پرائم منسٽر سان ملان، بينظير مون کي ڏٺو مسڪرايو ڀاڪر پائي پنهنجي مخصوص انداز ۾ چيائين: ”ڀيڻ خوش آهين؟“ سندس نرم ۽ خوبصورت هٿن جو لمس مون کي اڄ بہ محسوس ٿئي ٿو. سندس دلفريب مسڪراهٽ جڻ تہ الله تعاليٰ ڪيس فرصت ۾ ناهيو هو. ان ملاقات کان پوءِ منهنجي ملاقات ساڻس نہ ٿي. جڏهن کو حڪومت تي هوندو آهي تہ ان سان ملاقات مشڪل ۽ حڪومت ختم ٿيڻ کان پوءِ اهو انسان وري پرديس ۾ هوندو آهي. پر آءٌ انهن ماڻهن مان آهيان، جيڪي پنهنجي آئيڊيل شخصيتن کي پريان کان وينا ڏسندا آهن. سو آءٌ بہ هن کي پريان ڏسي خوش ٿيندي هيس. حالانڪ هن سان ملڻ منهنجي لاءِ ڪو مسئلو نہ هو.


محترمہ بينظير ڀٽو، مخدوم امين فهيم سان گڏ

بينظير صاحبہ ٻيهر ملڪ جي وزيراعظم ٿي ۽ سندس ٻئي دؤر حڪومت ۾ مير مرتضيٰ ڀٽي جو جانڪاهہ حادثو ٿيو. مون سندس يقين کي وري تڙپندي ڏٺو. بينظير صاحبہ جو غم تہ T.V تي هر پاڪستاني عوام ڏٺو تہ ڪيئن هوءَ پنهنجي ڀاءُ لاءِ لڇي ۽ تڙپي رهي هئي، ڪيس ٻيهر وزارت اعظميٰ تان لاهي. جلاوطن ڪيو ويو. 10 سالن کان پوءِ هاڻ جڏهن هن پنهنجي سرزمين تي قدم رکيو تہ ظالمن ڪيس هن دنيا مان هميشہ لاءِ رخصت ڪري ڇڏيو.

بينظير هڪ بيمثال شخصيت هميشہ پاڪستاني عوام جي دلين ۾ رهندي مگر ڀٽي خاندان سان ٿيل ظلم پاڪستاني جي ڪاري تاريخ ٿي رهيو. ناحق خون رنگ ضرور لائيندو، جيڪي بہ بينظير جي قتل ۾ شامل آهن، سي هڪ ڏينهن ڪيفر ڪردار کي ضرور پهچندا.

**”جاڳي هيڪ الله پاڻ وٽنديون سو ڪري“.**

ڊافين بارڪ / تنوير جوڻيجو

# احساس جي تازگي ۽ جذبن جي نرميءَ واري بينظير



بينظير ڀٽو، جنهن کي جمڻ وقت بيشڪ سون جو چمچو مليو هو پر جيئن شاهه سائين فرمايو آهي:

**سرڄي تان سور، سامائي تان سک ويا.**

نوجوانيءَ کان کيس ڪنڊن ڀري راهه ملي، جنهن تي هلندي سندس پير ڦٽون ٿيا. لطيف جي هيءَ مارئي هن ڳالهه تي اٽل رهي ته:

آڏو ٿڪر تر، متان نه روهه رتيون ٿئين.

انهيءَ صورتحال کيس هڪ مدبر ۽ سخت گير سياستدان جي حيثيت ۾ اڀاريو. بينظير ئي اها خاتون هئي، جنهن نه فقط پيپلز پارٽيءَ کي عروج ڏنو، پر ڀٽو خاندان جو نالو تازو ڪيو. سندس جاکوڙ ۽ جدوجهد ئي شهيد ڀٽي کي ابديت بخشي.

**ايڏين سختين سهڻ جي باوجود به بينظير جي شخصيت جي فطري حسن ۾ هڪ طرف احساس جي تازگي، ٻئي طرف جذبن جي نرمي موجود هئي. بينظير انهن سڀني جو سنگم هئي.**

زي.ٽي.ويءَ تي سندس انٽرويو ٿي هليو. ”ڇا اوهان هندي فلمون ڏسنديون آهيو؟“. ڪانئس سوال ڪيو ويو. ”جي ها“ سندس جواب هو. ”ڪهڙا ڪهڙا فنڪار اوهان کي پسند آهن“؟ ٻيو سوال هو. جنهن جو جواب بينظير نهايت مزي ۽ شوق سان ڏنو هو: ”جي ها، سلمان خان، زائد خان، ابيشڪ بچن، شوتا بچن“.

حامد مير پنهنجي هڪ ڪالم ۾ لکيو ته ”بينظير هڪ ڀيري پنهنجي وزارتي دور ۾، ڪنهن وفد ۾ مون کي به پاڻ سان گڏ وٺي وئي. اتي پروٽوڪول جي ڀڃڪڙي ڪندي مان مخالف ڌر جي اڳواڻن سان وڃي مليس. واپسيءَ تي کيس خبر پئي. جهاز ۾ مون کي گهرايائين. مان سندس لگزري ڪلاس ۾ وڃي حاضر ٿيس. پهرين ته مون کي ناهوڪي دٻ پٽيائين. ۽ پوءِ منهنجو پيلڙو منهن ڏسي ايئرهوسٽيس کي سڏ ڪيائين. ۽ کيس چيائين: ”آئيس ڪريم کڻي اچ“ ۽ مون کي اتي ويهڻ جو حڪم ڪيائين. ۽ پوءِ پاڻ اخبار پڙهندي رهي ۽ مون ويٺي آئيس ڪريم کاڌي“.



اهڙيءَ طرح پنهنجن ورڪرن کي پڪوڙا کارائڻ پنهنجي باغ جا زيتون کارائڻ. اهي عمل جنهن مان سنڌس جذبن جي نرميءَ جو احساس ٿئي ٿو.

ٽي.وي جرنلسٽ Daphne Barak جيڪا دنيا جي مشهور سياسي اڳواڻن جي دوست آهي. جنهن نيلسن منڊيلا کان وٺي شمعون پيرس تائين ڪيترن ئي سياسي اڳواڻن کان انٽرويو ورتا آهن.

اها به بينظير ڀٽو جي ويجهي دوست هئي. سنڌس لکيل تحرير جيڪا انگريزي اخبار The News وارن پڻ شايع ڪئي.

انهيءَ تحرير جو ترجمو پيش آهي:

"ڊافين، ڇا تون نه ٿي چاهين ته آءٌ واپس پنهنجي گهر ڏي وڃان؟ بينظير ڀٽو مون کان سوال ڪيو هو. جيتوڻيڪ اها به حقيقت هئي، ته ڪيس منهنجي جواب جي به ڄاڻ هئي، چاڪاڻ ته گذريل ڪيترن ڏينهن کان اسان وچ ۾ انهيءَ موضوع تي بحث پڻ هلندڙ هو. ۽ هن مٿان ٿيندڙ آڪٽوبر واري حملي کان پوءِ، منهنجي راءِ اها هئي، ته ڪيس واپس وطن وڃڻ نه گهرجي.

**بينظير منهنجي گهاٽي دوست هئي، ڪيترن ئي معاملن تي مون کان راءِ وٺندي هئي، صلاح مشورو ڪندي هئي ۽ هن ڀيري به حسب دستور مون ڪيس صلاح ڏني هئي ته "وطن واپس نه وڃ".**

پر هوءَ ته وطن وڃڻ لاءِ بي انتها اتاولي هئي. "ڏس ڊافين، منهنجا وطن واسي، منهنجي واپسيءَ لاءِ ڪيترا نه بيقرار آهن، نه ڄاڻ ڪيتري وقت کان هو شدت سان منهنجو انتظار ڪري رهيا آهن. ملڪ جي هر گهٽي هر چوڪ تي هنن منهنجون تصويرون سجايون آهن.

منهنجي آڌر ڀاءُ لاءِ ڪيڏا نه جشن ۽ پروگرام رٿيا آهن ۽ هاڻ آءٌ هن مرحلي تي سنڌن قرب کي پٺي ڏيان؟ نه ڊافين اهو مون لاءِ ڏاڍو ڏکيو ٿيندو. ۽ جي هاڻ نه ويس ته ڪڏهن به نه وڃي سگهنديس ۽ پوءِ مون کي سياست کي هميشہ لاءِ الوداع چوڻو پوندو."

هوءَ بش انتظاميا جي سهڪار مان پراميد هئي، پر مون کي انهن مان ڪنهن به چڱائيءَ جي توقع نه هئي. الائي ڇو منهنجيءَ دل کي وهمن جي جار وڪوڙي ڇڏيو هو. ۽ مون کي لڳي پيو ته شايد هاڻ مان ڪيس ڀيهر ڏسي نه سگهان!

**بينظير ڀٽو، جنهن سان مان بي انتها پيار ڪندي هيس، سا ڪا عام عورت نہ، پر بي انتها غير معمولي خاتون هئي. هر ڪنهن کي خبر آهي تہ هوءَ هڪ طرف تہ نهايت ذهين ۽ ٻئي طرف نهايت پر جوش ۽ پرامنگ خاتون هئي. پر شايد ڪن ٿورن کي اها خبر هوندي، جن ۾ خوشقسمتيءَ سان مان بہ شامل آهيان تہ، سندس شخصيت جو هڪ روپ "فطري نخري" وارو بہ هو.**

هوءَ هڪ "نازڪ نفيس نازن پري ڇوڪري" بہ هئي، جيڪا اسڪن ڪيئر (Skin Care) کان وٺي وارسنوارڻ (Hair Style) جي موضوعن تي نهايت دلچسپيءَ سان گفتگو ڪندي هئي، ۽ هن ۾ اها بہ قابليت هوندي هئي جو پنهنجي گفتگوءَ جو موضوع ڳري سياست مان ڦيرائي هلڪي ڳپ شپ تائين آڻي رسائيندي هئي. جنهن ۾ کيس فقط چند منٽ لڳندا هئا.

بينظير ڀٽو سان منهنجي پهرين ملاقات، جون 1995ع ۾ هڪ انٽرويو دوران ٿي ۽ ان وقت هوءَ پاڪستان جي ٻيو ڀيرو وزير اعظم بڻي هئي. هيءُ اهو دور هو، جڏهن اقوام متحده پنهنجي اڌ صدي ڪارڪردگيءَ جو جشن ملهائي رهي هئي. ۽ ساڻس ٻيو ڀيرو ملاقات، اسان جي مشترڪ دوست ايسٽرڪو پرسمٽ جي رهائشگاهہ تي سن 2000ع ۾ ٿي هئي. ان وقت هوءَ پاور ۾ نہ هئي. ايسٽر هن لاءِ نهايت حيران ڪن مانجهاندي جو اهتمام ڪيو هو.

پاڪستان جي جهنڊي جي نسبت سان، هر شيءِ نيپڪن ۽ پليٽ کان وٺي ڪاڏي تائين، سائي ۽ اڇي رنگ تي مشتمل هئي. ان وقت کان وٺي اسان ۾ دوستيءَ جو مضبوط رشتو جڙيو. ۽ اسان جڏهن بہ ملندا هئاسين تہ اسان جي گفتگوءَ جو موضوع سياست ئي هوندي هئي. هن کي پختو يقين هوندو هو، تہ هو ملڪ ۾ جمهوريت ضرور آڻيندي. ۽ مان سندس ارادي کي هٿي ڏيارڻ لاءِ پارٽين جو بندوبست ڪندي هيس ۽ کيس بهترين سياستدانن سان ملرائيندي هيس.

عام صورتحال ۾ هوءَ هڪ مدبر ۽ سخت گير سياستدان هوندي هئي، پر بحيثيت خاتون، سندس هڪ جداگانہ روپ بہ هوندو هو. عام عورتن جيان هوءَ اڪثر پنهنجي وزن لاءِ بہ محتاط رهندي هئي ۽ سندس ڪوشش هوندي هئي تہ هوءَ وڌيڪ خوبصورت ۽ جوان لڳي.

بينظير کي ڪاڏي پيتي سان بہ رغبت هوندي هئي، خاص طرح کيس اٽالين ۽ فرينچ ڪاڌا پسند هوندا هئا. اڪثر اسان ماني کائڻ لاءِ اهڙن ريسٽورينٽس جي چونڊ ڪندا هئا سين، جي ڪنڊائتا هجن ۽ جتي پاپارازي فوٽوگرافن جي نظر اسان تي نہ پئجي سگهي. ڪاڌي کان پوءِ مني لاءِ اڪثر "Desserts Cake" ۽ چاڪليٽس جو آرڊر ڏيندي هئي. جڏهن اسان ڊنرس لاءِ ويندا هئاسين تہ سندس لباس بہ دستور کان ڪجهہ مختلف هوندو هو. اڪثر بلائوزر ۽ Slacks پهريندي هئي ۽ وار بہ ڪونہ ڍڪيندي هئي.

ڪڏهن ڪڏهن هوءَ ڊائيٽنگ پڻ ڪندي هئي. ۽ انهيءَ سلسلي ۾ مون سندس ملاقات، پنهنجي ذاتي پريڪٽشنر Mark Hyman سان بہ ڪرائي، جيڪو نيويارڪ ۾ رهندو هو. ۽ پوءِ سندس ڊائيٽنگ لاءِ پلان تجويز ڪندو هو. هڪ ڀيري سندس ناهيل منصوبي تي عمل ڪندي، هن ڪيترائي پائونڊ وزن گهٽايو. ۽ انهيءَ ڳالهہ کيس بي انتها خوشي ڏني. هوءَ روز وٽامن پڻ وٺندي هئي.

هوءَ چاهيندي هئي تہ فنڪشنس ۾ خوبصورت ۽ نمايان لڳي. اسڪارف جو استعمال اڪثر اهڙين جاين تي ڪندي هئي، جيڪي هن لاءِ سياسي طور اهميت جون حامل هونديون هيون.

وارن سنوارڻ ۾ مان بہ کيس مدد ڪندي هيس. اهڙيون پارٽيون جيڪي مان هن لاءِ ترتيب ڏيندي هيس. ان لاءِ آءٌ کيس پنهنجي هيئر ڊريسر وٽ وٺي ويندي هيس. سندس وار نهايت خوبصورت، گهاٽا، ڪارا، ڊگها ۽ جاندار هوندا هئا. ۽ هوءَ هميشہ وارن کي کليل رکڻ واري اسٽائيل کي ترجيح ڏيندي هئي.

عام عورتن جيان، ماڻهن جي پريم ڪهاڻين ٻڌڻ ۾ بہ کيس مزو ايندو هو. خاص طرح شهزادي ڊائنا ۽ ڊوڊي الفوائد جي پريم ڪهاڻيءَ جو ذڪر نهايت دلچسپيءَ سان ٻڌندي هئي، مون کي چڱيءَ ريت ياد آهي تہ شهزاديءَ جي موت کان اڳ، هن چيو هو تہ "ها محض وقت گذاري تي لڳي."

البتہ جيستائين سندس پريم ڪهاڻيءَ جو تعلق هو، پاڻ آصف سان بي انتها محبت ڪندي هئي. آصف جي ذات ۾ کيس بي انتها تحفظ جو احساس ملندو هو. ۽ جڏهن هوءَ آصف سان گڏ هوندي هئي تہ، سندس منهن ۾ لالاڻ اچي ويندي هئي.

جيتوڻيڪ بينظير ۽ آصف گهڻو وقت گڏ رهي نہ سگهيا هئا ۽ سندن ويهن سالن جي ازدواجي زندگيءَ ۾، ڪين ڪيترن مامرن کي منهن ڏيڻو پيو هو، جنهن باعث هن جوڙي جي شادي شده زندگي، عام جوڙن کان مختلف گذري هئي. گذريل ٽن سالن دوران بہ سندن ملاقات سال ۾ ڪي ويهہ پنجويهہ ڏينهن رهي هوندي. آصف دل جي علاج باعث نيويارڪ ۾ رهندو هو! جڏهن تہ بينظير جلاوطنيءَ دوران دبئي ۾ رهندي هئي، البت اي ميل ۽ فون ذريعي هڪٻئي سان هر وقت رابطي ۾ رهندا هئا. بينظير ۽ سندس ٻارڙا، بلاول بختاور ۽ آصفا اڪثر آصف سان ملڻ لاءِ نيويارڪ بہ ويندا هئا. بينظير جو خيال هوندو هو، تہ "ٻارڙن ۽ پيءُ جي وچ ۾ ويجهو رشتو هئڻ گهرجي".

جيتوڻيڪ آصف بہ هڪ بهترين پيءُ ۽ بهترين مڙس هجڻ جي ڪوشش ڪندو هو. پر جيئين تہ هو ڪيترا سال جيل ۾ بند رهيو هو، ان ڪري سندس طبعيت مزي ۾ نہ رهندي هئي ۽ گوڙ گهمسان برداشت ڪري نہ سگهندو هو.

شروعات ۾ آصف هڪ اپارٽمينٽ هوٽل ۾ رهندو هو. ۽ چاهيندو هو تہ بينظير ڪنهن ٻئي اپارٽمينٽ ۾ رهي چاڪاڻ تہ هو نہ چاهيندو هو تہ بينظير جي حوالي سان

سندس سجاڳ ٿئي ۽ ماڻهن جي آمدرفت شروع ٿئي. پر بينظير آهستي آهستي ڪيس گڏ رهڻ لاءِ آماده ڪري ورتو. ۽ بينظير اتي گمناميءَ سان رهندي هئي. ۽ سندس فليٽ پڻ بي انتها سادو هوندو هو. اتي سندس گهرياتين ۽ ويجهن دوستن ڪان سواءِ ڪنهن ٻئي کي اچڻ جي اجازت نه هوندي هئي. سندس چواڻي ته "منهنجو ذهن هر وقت سياست ۾ الجهيل رهندو آهي ۽ نيويارڪ اچڻ پڻ وقتي هوندو آهي. ان ڪري مون لاءِ اهو مشڪل آهي ته گهر کي خوبصورت ۽ آرام وارو بڻايان".

بينظير هڪ بهترين ماءُ پڻ هئي، جيڪا نه رڳو پنهنجن ٻارن سان بي انتها پيار ڪندي هئي. پرڪين اڳتي وڌائڻ ۾ به ڪوشان هوندي هئي ۽ چاهيندي هئي ته سندس ٻار بهتر کان بهتر هجن. هوءَ سخت گير ماءُ نه هئي جا هر دم ٻارن کي دڙڪا ڏئي. پر سندس رويو هميشه ٻارن سان شفقت ڀريو هوندو هو ۽ کيس اهو به احساس هوندو هو ته سندس سياسي اتساهه باعث هو اها توجهه حاصل ڪري نه سگهيا آهن جيڪو کين ملڻ گهربو هو. سندس خاص ڌيان ۽ بهتر پرورش باعث سندس ٻار نهايت فضيلت وارا ۽ پڙهيل ڳڙهيل ۽ سڌريل آهن. بينظير ان وقت نهايت خوشي ۽ فخر محسوس ڪيو هو. جڏهن سندس پٽ بلاول کي آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ملي هئي. آصف ۽ بينظير گڏجي پنهنجي پٽ کي انگلينڊ ۾ ڇڏيو ۽ ٻنهي

پڪو پهه ڪيو هو ته سندس بهتر مستقبل لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندا.

انن سالن جي جلاوطنيءَ ڪان پوءِ نيٺ اهو ڏينهن به آيو، جنهن جو بينظير کي شدت سان انتظار هو. ارڙهين آڪٽوبر ٻه هزار ست تي، هوءَ پاڪستان واپس وري، جتي پهرين ڏينهن ئي مٿس قاتلاڻو حملو ٿيو. هڪ خودڪش بمبار سندس ريليءَ تي حملو ڪيو، جنهن ۾ هڪ سو چاليهه ماڻهن پنهنجي جان جا نذرانا ڏنا. پر پاڻ بچي ويئي. مون کيس فون ڪئي. ۽ محسوس ڪيو ته هن بلاسٽ ۽ نقصان باعث هوءَ ڪافي نفسياتي دٻاءُ ۽ پيڙا جو شڪار آهي. منهنجي هڪ فون جي جواب ۾ هن چيو هو ته "مان هيءُ موقعو وڃائڻ نه ٿي چاهيان، جنهن لاءِ مون اٺ سال انتظار ڪيو. اسان کي پاڪستان ۾ جمهوري دور قائم ڪرڻو آهي. ۽ هن وقت منهنجي ملڪ کي، منهنجي ضرورت آهي. ۽ جيڪڏهن هاڻ نه، ته پوءِ ڪڏهن به نه".

هونئن به بينظير ارادي جي پڪي هئي. ۽ جيڪا ڳالهه سوچي وٺندي هئي، ته پوءِ ان کي ڪنهن به حالت ۾ تبديل نه ڪندي هئي. ڪاش مان سندس فيصلي کي تبديل ڪرائي سگهان ها! بيبي مان هميشه توکي ياد ڪندي رهنديس توکي ساريندي رهنديس.

(ڊافين بارڪ Daphne Barak)
هڪ آمريڪي صحافڻ آهي.

ڊاڪٽر ممتاز پٺو

# عظيم پيءُ جي عظيم نياڻي

فيبروري جي سترهين تاريخ هئي ۽ سال 1843ع هو، جڏهن ڦليليءَ جي تڏي ڪپ لڳ مياڻيءَ جي ميدان تي نيپيئر سنڌ جي هڪ آزاد ملڪ کي پنهنجي طاقت جي زور تي قبضي ڪرڻ لاءِ جنگ جو طبل وڄايو. آزاديءَ جا متوالا ملڪ کي بچائيندي پنهنجي خون جو نذرانو ڏيندي ڪي شهيد ٿيا ڪي قيد ٿيا. اهڙيءَ ريت هڪ آزاد ملڪ غلاميءَ جي سنگهرن ۾ جڪڙجي ويو.

جيتوڻيڪ ان وقت ملڪ ۾ ماتم هو پر سنڌو درياءَ وٽان گهلندڙ هوائون پيغام ڏئي رهيون هيون، ته عظيم تهذيب موهن جي دڙي پرسان رهندڙ هڪ اعليٰ خاندان مان اهي فرد اُڀرندا، جيڪي نہ صرف انگريزن سان مد مقابل ٿيندا، پر آئنده ملڪ ۾ پيدا ٿيندڙ هر آمر خلاف ۽ جمهوريت جي جدوجهد لاءِ قربان ٿيندا، جيڪي ملڪ جي ڏتڙيل عوام کي ويساهه ڏيندا، جيڪي سورهيہ هوندا ۽ سچار هوندا.



ان خاندان جي عظيم نياڻي وفا، سونهن، تهذيب ۽ سخاوت جي نشاني، علم جي اڪابر جنهن کي ناز هو پنهنجي سنڌ ۾ جمڻ تي ۽ سندس چوڻ هو:

"My brothers & sister and I took great pride that we had been raised i  the shadow of Moen jo Daro, that we lived on the bank of the Indus which had been bringing life to the land since the beginnings of time. (Daughter of the East).

خوشقسمتيءَ سان سندس جنم اهڙي والدين وٽ ٿيو، جيڪي سنڌ جي ان روايت کان متاثر هئا، جتي نياڻيءَ کي اها اهميت ملندي هئي، جيڪا نريني اولاد کي ملندي هئي يعني تعليم و تربيت يا لاڏ ڪوڏ وغيره ايڪيهه جون 1953ع تي گلابي گل جهڙي گلابي نياڻي، پٺو خاندان ۾ جنم ورتو. سندس

**خوشقسمتيءَ سان سندس جنم اهڙي والدين وٽ ٿيو، جيڪي سنڌ جي ان روايت کان متاثر هئا، جتي نياڻيءَ کي اها اهميت ملندي هئي، جيڪا نريني اولاد کي ملندي هئي يعني تعليم و تربيت يا لاڏ ڪوڏ وغيره ايڪيهه جون 1953ع تي گلابي گل جهڙي گلابي نياڻي، پٺو خاندان ۾ جنم ورتو.**

سندس عظيم والد ڪي صلاح ڏني تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال انتظار ڪيو وڃي پر هن اهو مناسب نہ سمجهيو ۽ آگسٽ 1969ع ۾ پنڪي کي هدايت ڪيائين:
"Never forget that the money it is costing to send you comes from the land, from the people who sweat and toil a debt to them, a debt you can repay with God blessing by using your Education to better their lives."

ڪيس والده بيگم نصرت ڀٽو سان گڏ آمريڪا روانو ڪيو ويو، جيڪا ڪيس اتي ڇڏي آئي.
هارورڊ ۾ هن کي ڪيترين ئي آزمائشن مان گذرڻو هو. پاڪستان جي هڪ عظيم سياستدان ۽ اڳوڻي وزير اعظم جي ڌيءُ آمريڪي ثقافت ۾ ان ٽئين دنيا جي رهواسڻ هئي، جنهن کي قدم قدم تي رنگ، نسل ۽ معاشرتي تفاوت سامهون هو، اتي هن نہ صرف پنهنجي ملڪ کي بين الاقوامي سطح تي متعارف ڪرايو، پر وڏي ڪاميابيءَ سان پنهنجي صلاحيتن کي مڃرايو ۽ پنهنجي خاندان ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪيو.
ملڪ ۾ ايوب جي آمريت جا پويان ڏينهن هئا، جنهن جلدئي ملڪ هڪ ٻئي جنرل يحييٰ خان جي حوالي ڪيو، جنهن صدارتي هائوس کي مذاق هائوس بڻائي ڇڏيو. ملڪ ۾ شديد احتجاج جاري هو، آخرڪار هن 7 ڊسمبر 1970ع ۾ ملڪ ۾ عام چونڊون ڪرايون.
ملڪ ۾ عام چونڊون هلي رهيون هيون، پر دنيا جي ٻئي حصي ۾ ڪيمبرج ڪنڊ ۾ نهيل هاسٽل ۾ سياست ۾ متقابل حڪومت Comparative Government جي شاگرد پنهنجي پرسان فون رکي پنهنجي پڙهائيءَ ۾ مصروف هئي ۽ فون جي اچڻ جي انتظار ۾ بہ هئي. اوچتو فون جي گهنٽي وڳي، هن جي مني ماءُ هن کي مبارڪباد ڏئي ٻڌايو تہ سندس عظيم والد کي اليڪشن ۾ ڀرپور ڪاميابي حاصل ٿي آهي.

هن جي دوست سمعيہ، پنڪي کي خطن ذريعي جنگ متعلق آگاهي ڏيندي هئي، ڪيس لکيائين تہ ڪراچيءَ ۾ بليڪ آئوٽ هوندو آهي. سندس ننڍڙو ڀاءُ شاهنواز ڀٽو، جنهن جي عمر ان وقت تيرنهن سال ڪن هئي، لکيائين تہ هن سول ڊفينس ۾ شموليت اختيار ڪئي آهي ۽ رات جو موٽر بائيڪ تي پاڙيسرين ۽ ٻين کي بتيون بند ڪرڻ جي هدايت ڪندو آهي، جيئن هو دشمن جي حملي کان محفوظ رهي سگهن.

انهن ئي ڏينهن ۾ ڊاڪا ۾ جنگ جو طبل وڳو. هن جي دوست سمعيہ، پنڪي کي خط ذريعي جنگ متعلق آگاهي ڏيندي هئي، ڪيس لکيائين تہ ڪراچيءَ ۾ بليڪ آؤٽ هوندو آهي. سندس ننڍڙو ڀاءُ شاهنواز ڀٽو، جنهن جي عمر ان وقت تيرنهن سال ڪن هئي، لکيائين تہ هن سول ڊفينس ۾ شموليت اختيار ڪئي آهي ۽ رات جو موٽر بائيڪ تي پاڙيسرين ۽

ٻين کي ٻتيون بند ڪرڻ جي هدايت ڪندو آهي، جيئن هو دشمن جي حملي کان محفوظ رهي سگهن.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي چونڊن ۾ ڪاميابي ماڻڻ کان پوءِ به اقتدار کان پري رکيو ويو، ملڪ ۾ افراتفري پکيڙي ويئي، بنگالي پاڪستان جي خلاف ٿي بيٺا، سڄي دنيا ۾ پاڪستان جو نالو خراب ٿيڻ لڳو، مجبوراً وقت جي سرڪار شهيد ڀٽو کي اقوام متحده موڪليو ڇاڪاڻ ته هن جهڙو قابل ڇاٽو فصيح ۽ بليغ ٻيو ڪو به نه هو.

"مان يونائيٽيڊ نيشن اچي رهيو آهيان، نائين ڊسمبر تي نيويارڪ جي هوٽل Pierre ۾، مون سان مل."

عظيم پيءُ جو پيغام هن کي مليو.

باصلاحيت ڌيءُ سان گفتگو ڪندي ڪانئس پڇيو ته ڇا اقوام متحده ۾ اسان جو موقف مڃيو ويندو يعني اقوام متحده طرفان هندستان تي جنگ بنديءَ جو زور وڌو ويندو ۽ هنن جي فوج کي واپس موٽڻو پوندو. نوجوان پنڪي پُراميد هئي، پر هن جي حيرت ۽ ڏک جي حد نه رهي جڏهن ڪيترن ملڪن جي راضپي باوجود سويت ۽ پنجن مستقل ميمبرن ويٽو پاور استعمال ڪري هر راءِ کي ٽڏي ڇڏيو. جنرل اسيمبليءَ ۾ هن پنهنجي والد کي ٻڌو، جيڪو شينهن وانگر گجگوڙ ڪري رهيو هو. هو ملڪ جي تباهي ڏسي رهيو هو. هن فرانس ۽ برطانيه جي ميمبرن کي مخاطب ٿيندي چيو:

**You have to be either on the side of justice or the side of injustice; you have to be either on the side of the aggressor or the aggressed. There is no such thing as neutrality.**

هن جو والد مسلم دنيا جو عظيم ليڊر اجلاس مان ٻاهر نڪري ويو. ڊيليگيشن ۾ آيل ٻيا ميمبر هن جي پنيان نڪري ويا. دنيا جي ملڪن جا وينل ميمبر هن جي حق تي ٻڌل پُر تاثير نڪتن تي حيران ٿي ويا، پنڪي پنهنجي والد جا ڪاغذ ۽ فائيل گڏ ڪري سندس پنيان هلي ويئي.

ان ڏکئي مرحلي ۾ هوءَ پنهنجي پيءُ سان گڏ رهي. اوير پاڪستان ۾ پاڪستاني فوج گهيري ۾ اچي ويئي. پنڪيءَ، ڀٽي صاحب لاءِ پاڪستان جي صدر يحييٰ خان لاءِ فون ڪال بوڪ ڪئي، پر هو يحييٰ خان سان ڳالهائي نه سگهيو، ڇاڪاڻ ته هن جي ملٽري اسسٽنٽ چيو ته صدر صاحب آرام ۾ آهي ۽ هن کي disturb ڪرڻو ناهي. ڀٽي صاحب ڏک وچان چيو ملڪ جنگ جي شعلن ۾ آهي ۽ ملڪ جو صدر سمهيو پيو آهي!"

اهڙين ئي حالتن ڪري پاڪستان جي فوج هٿيار اڇلايا، شڪست تسليم ڪئي ۽ اوير پاڪستان بنگلاديش بڻجي ويو. پاڪستان جي نوي هزار فوجين کي گرفتار ڪري هندستان ۾ قيد ڪيو ويو. ملڪ جي معيشت ڪري

پيئي، فوجي آمر تماشو ڏسندو رهيو. پنڪي تي ان سانحي جو گهرو اثر پيو، ملڪ جي تباهيءَ سان گڏ پرڏيهه ۾ ٿيندڙ ٺٺولين کي بہ هوءَ منهن ڏئي رهي هئي. عوام جي شديد دٻاءَ ڪانپوءِ يحييٰ خان ملڪ جي هر دل عزيز شخصيت ۽ اڪثريتي پارلياماني پارٽيءَ جي سربراهہ شهيد ذوالفقار ڀٽي کي آمريڪا مان گهرائي ملڪ جون واڳون سنڌس حوالي ڪيون. هن پاڪستان جي قوم کي ٻڌايو تہ اسين زندگيءَ جي بدترين بحران ۾ ڦاٿل آهيون: ملڪ جو هر ادارو تباهہ هو ۽ هر شيءِ ٽڪر ٽڪر ٿيل هئي. هن ٽڪر ٽڪر ملائي نئون ملڪ ناهيو، نئون پاڪستان ناهيو. جنهن ۾ عوام کي شعور ۽ سجاڳي ملي، جتي پهريون ڀيرو ملڪي آئين ٺهيو. گرفتار ٿيل فوج سنڌس ئي تدبر سان ملڪ ۾ واپس آئي. ملڪ ”جيئي ڀٽو سدا جيئي“، جهڙن نعرن سان گونجي اٿيو. پر استحصالي قوتون سرگرم رهيون: ڪجهہ فوج جا ماڻهو ۽ ڪجهہ مذهبي انتهاپسند جماعتون هن جي ۽ ملڪي ترقي جي خلاف ٿي بيٺيون. هنن کي تہ ملڪ اڃا تباهہ ڪرڻو هو.

آخر 5 جولاءِ 1977ع تي جڏهن پنڪي راولپنڊي جي پرائيم هائوس ۾ ستي پيئي هئي، تہ ڪيس عظيم والده ننڊ مان اٿاريو. هن ڏٺو تہ فوج هنن کي گهيرو ڪري بيٺي هئي. ضياءالحق نوي ڏينهن جو ڪوڙو وعدو ڪري اقتدار تي قبضو ڪيو ۽ ملڪ جي محبوب شخصيت ۽ عظيم ليڊر کي گرفتار ڪيو. ڀٽي صاحب جي نياڻي هارورڊ جي تعليم يافتہ اهي حالتون ڏسي، لکي ٿي تہ:

“On the day my father was arrested, I changed from a girl to a woman (Reconciliation. Benazir Bhutto)

ڀٽو صاحب جيل ۾ ملاقاتن دوران هن کي گائيڊ ڪندو رهيو. آخر آمر راتاهو هنيو، ملڪ جي عوامي ليڊر کي مختلف مڪارانہ ۽ شيطانيت سان ڪيس 4 اپريل 1979ع تي تختہ دار تي پهچايو. ملڪ ۾ هڪ بي رحم مارشل لا هئي. نوجوان بينظير ڀٽو پنهنجي والده سان گڏ سهالا ريسٽ هائوس ۾ قيد هئي. سنڌس ڀائر جلاوطن ڪيا ويا. ڪيس پنهنجي شهيد پيءُ جي منهن ڏسڻ کان محروم ڪيو ويو. هنن ٻنهي ماءُ ڌيءُ کي اها بہ خبر نہ هئي، تہ ان تاريخ تي ڀٽي صاحب ڪهڙي وقت شهادت ماڻي، هوءَ سڙي ڪامجي ٿامو ٻڌجي ويئي، پر بهادر هئي، هوءَ چوي ٿي تہ:

“On the day was murdered, I understood that my life was to be Pakistan, and I accepted legacy and my Father’s Party”

ملڪ هڪ اهڙي بحران ۾ هليو ويو، جتي سڄي دنيا ۾ هن جي بدناموسي ٿيڻ لڳي. ملڪ جا ماڻهو جمهوريت جي نالي کان اڃا واقف مس ٿيا هئا، تہ ملڪ ۾ افغان مجاهدين، القائده ۽ طالبان جهڙيون جماعتون آنديون ويون.

هن عظيم ليڊر ۽ سنڌس خاندان کي خاص نشانو بڻايو ويو. ڪين جيل خانن ۾ رکيو ويو. هن تي ۽ هن جي جيالن مٿان مصيبتن جا پهاڙ ڪيرل هئا پر حوصلا بلند هئا. هنن جي محنت رنگ لاتو. ايتري مخالفت ۽ دشمني باوجود محترمہ بينظير ڀٽو 2 ڊسمبر 1988ع تي پاڪستان جي چونڊيل وزيراعظم جي

حيثيت ۾ قسم کنيو. پر ملڪ جون اهي غاصب قوتون سرگرم ٿي ويون ۽ هن سان ناحق ٿيندو رهيو. صدارتي آمريت هن خلاف هلندي رهي، هوءَ جيڪا انساني حقن ۽ عوامي طاقت ۾ ڀروسو رکندي هئي، تنهن کي هٽائڻ ۽ ملڪ جي معيشت کي لٽڻ لاءِ اهي قوتون سرگرم ٿي ويون. آخرڪار ان تي 6- آگسٽ 1990ع تي عمل ٿيو. منتخب وزيراعظم جي سٽيل سازش تحت حڪومت ختم ڪئي ويئي. هن کي ڪيترن الزامن هيٺ رکيو ويو، پر هن جي چاهيندڙن ڪيس 24- آڪٽوبر 1993ع تي وري وڏي اڪثريت سان چونڊيو. مخالفت جي هزارين حيلن سازشن ڪوڙن ڊانڊلين جي باوجود به هوءَ چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر روشن رهي. هن ملڪ ۽ ملڪ جي ماڻهن جي ترقي لاءِ پاڻ پتوڙيو، ڪين ترقيءَ جي راهه تي گامزن ڪيو. پر ڪيئي انتهاپسند گروهه ملڪ ۾ پيدا ٿيندا رهيا، سازشون هلنديون رهيون. هن جي ساک تي وار ٿيندا رهيا. هڪ ڀاءُ ضياءالحق جي دور ۾ شهيد ٿيو، ٻيو ڀاءُ سندس دور ۾ شهيد ڪيو ويو. سندس عظيم والده هوش وڃائي ويٺي ۽ هن کي جلاوطن ٿيڻو پيو. ملڪ ۾ ناسور پيدا ٿي ويو، پر عوام جي ڀٽو فيملي لاءِ چاهت ساڳي رهي. انن سالن جي جلاوطنيءَ کان پوءِ هوءَ پنهنجا جذبات ٻڌائي ٿي:

As I stepped down on to the tarmac at Quaid-e-Azam International Airport in Karachi on October 18 2007, I was overcome with emotion. Like most woman in Politics, I am especially sensitive to maintainingg my composure to never showing my feelings. But as my feet touched the ground of my beloved Pakistan for the first time after eight lonely and difficult years of exit, I could not stop the tears from pouring from my eyes and I lifted my hands in reverence, in thanks and in prayer.

ان وقت دنيا ڏٺو ته محترمه اڳي کان به وڌيڪ باوقار خاتون هئي. هوءَ هڪ اعليٰ قيادت سان اُها سنجيده ۽ داناءِ اڳواڻ هئي، جيڪا دنيا ۾ رونما ٿيندڙ هر واقعي کان واقف هئي. هوءَ پاڪستان جي معاشي، معاشرتي، سماجي ۽ تعليمي مسئلن سان گڏ ملڪ ۽ دنيا ۾ ٿيندڙ دهشتگرديءَ جي چئلينج کان پڻ واقف هئي. هن کي ملڪ اچڻ کان اڳ ۾ جيڪي به ڌمڪيون مليون هيون ۽ جيڪي به رپورٽون مليون هيون، تنهن کان هوءَ بخوبي واقف هئي. ڪيس اها به ڄاڻ هئي، ته ديس وڃڻ کان پوءِ هوءَ زنده به رهندي يا ماري ويندي؟ هن انهن رپورٽن متعلق پاڪستان جي اڳوڻي صدر پرويز مشرف ۽ هڪ مسلم ملڪ جي سربراهه کي آگاهي پڻ ڏني ته ڪيس ٻڌايو ويو آهي ته چار خودڪش حملہ آور گروهه هن تي حملو ڪري سگهن ٿا، جيڪي طالبان ۽ القائده جا هوندا، انهن ۾ بيت الله مسحود، حمزه بن لادن، (اسامه بن لادن جو پٽ) لال مسجد مليشن ۽ ڪراچي جو ڪو مليشن گروپ هوندو. ايترين موتمار ڌمڪين جي باوجود به هوءَ بهادر خاتون ملڪ جي غريب پورهيتن هارين مزدور خواتين محنت ڪش عوام ۽ پنهنجن ڪارڪنن ۽ جيالن کان دور نه پئي رهي سگهي. هن پنهنجن پيارن ٻچن،



نہ موڪلجو، اوچتو ان بار مان بم ڦاٽو[1] وين ۾ وينل سڀ ماڻهو مارجي ويا. گاڏيءَ مان شعلا ڀڙڪي اٿيا، اڃا ماڻهن پاڻ سنڀاليو ئي نہ ته، پنجاهہ سيڪنڊن کانپوءِ هڪ وڏو طاقتور بم ماڻهن مٿان ڦاڙيو ويو. سڄو روڊ انساني لاشن، انساني جسمن جي عضون رت ۽ دونهين سان ڀرجي ويو. هنن جو ٽارگيٽ تہ سنڌ راڻي هئي پر سنڌس جان نثارن قرباني ڏني ۽ هن کي ڪجهہ ڏينهن اڃا زندگي ملي وئي.

انهن ئي ڏينهن ۾ محترمہ بلاول هائوس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو، تہ هوءَ پنهنجن دشمنن کي سڃاڻي ٿي ۽ انهن مان ڪجهہ شخصن جا نالا هن صدر کي بہ لکي موڪليا، جن تي ڪو بہ عمل نہ ٿيو.

آخر اها نياڳي شام، جيڪا شام غريبان ٿي وئي، 27- ڊسمبر 2007ع جو اهو نياڳو منظر سڄيءَ دنيا ۾ محفوظ ٿي ويو، دنيا ۽ ملڪ جو هڪ قيمتي اثاثو اسان کان کسيو ويو، ملڪ ۾ انسانيت ۽ انساني حقن جي آواز کي بي سهارا ڪيو ويو. هڪ نڊر، جرئتمند دلير ۽ بهادر خاتون کي سفاڪن بمن ۽ گولين سان شهيد ڪيو.

عظيم والد جي عظيم نياڻي، ان پارٽيءَ جي علمبردار هئي، جيڪا عوام جو آواز ۽ سوشلسٽ انقلاب جي علامت هئي. ڪيس عوام جو ساٿ ڏيڻ عوام کي سرمائيدارن، جاگيردارن ۽ سامراجين خلاف شعور ڏيڻ جي سزا ڏني وئي. محترمہ ڀٽو انن سالن جي جلاوطنيءَ کان پوءِ پاڪستان جي بقا، جمهوريت جي استحڪام ۽ انتهاپسنديءَ جي خاتمي جهڙا عزائم کڻي آئي. سنڌس چوڻ هو.

**تم ڪتني ڀُٽو ماروگي**
**هر گهر سي ڀٽو نڪلي گا**

ڪيس 28 ڊسمبر 2007ع جمعي جي ڏينهن پنهنجي پياري والد جي پيرانديءَ کان دفن ڪيو ويو.

**الست بربڪم جڏهن ڪن پيوم،**
**قالو بليٰ قلب سين ،تڏهن تت چيوم،**
**تنهين وير ڪيوم، وچن ويڙهيچن سين.**

اي سنڌ جائي! اي ڀٽي جي نياڻي! شهيد راڻي توکي منهنجو سُرخ سلام.

*

[1] ڪن جو خيال آهي، تہ ٻار انساني ٻار هو ۽ هن کي پهريل ڪپڙا پلاسٽڪ جا هئا، جنهن ۾ بم جو مٽيريل نصب ٿيل هو. ڪن جو چوڻ آهي تہ ٻار ربڙ جو گڏو هو، جنهن ۾ بم ٻڌل هو. (م.ب)

نور افروز خواجه

# سنڌ جي راڻي: شهيد بينظير ڀُٽو



محترمه بينظير ڀُٽو، شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي نياڻي ۽ سر شاهنواز ڀُٽي جي پوٽي هئي. سنڌ توڙي پاڪستان ۾ شاهنواز ڀُٽي، ذوالفقار علي ڀُٽي ۽ بينظير ڀُٽي جو والهاڻو سياسي دور هميشه هميشه ياد رهندو، محترمه به پنهنجي پيءُ وانگر ڊائنامڪ سوچ رکندڙ هئي، هوءَ سڄي دنيا جي پسنديده ۽ مشهور شخصيت هئي. محترمه پنهنجي پيءُ ڏاڏي وانگر ذهين ۽ بهادر هئي، ڪيس جمهوريت جي چيمپيئن چيو ويندو هو، هوءَ غريبن ۽ مسڪينن جي هڏ ڏوکي هئي. هوءَ جڏهن کان سياست ۾ آئي، پنهنجن وڏن وانگر پنهنجي ملڪ جي عوام ۽ قوم سان وفادار ٿي رهي، هوءَ پنهنجي پيءُ وانگر عوام لاءِ "اَنُ، لٽو، اجهو" ڏيڻ جو نعرو کڻي آئي. هن جي اقتدار ۾ اچڻ سان نه صرف پاڪستان جي عوام خوشحال ۽ آسودو ٿيو پر ملڪ جي ساک ٻاهرين دنيا ۾ تمام گهڻي وڌي ويجهي. سڄي دنيا ۾ سندس سياست جي هاڪ هئي، هن کي هر لمحي پنهنجي ملڪ ۽ عوام جو ئي فڪر هوندو هو. هوءَ جيئن پاڻ آڪسفورڊ ۽ هارورڊ يونيورسٽي ۾ پڙهي هئي، تيئن هن کي پنهنجي ملڪ جي هر ٻار کي اهڙن ادارن تائين پهچائڻ جي خواهش هئي. هوءَ مشهور عوامي ليڊر هئي. هوءَ ملڪ جي هر ٻار، جوان، پوڙهو، عورت توڙي مرد جي پسنديده رهبر ۽ رهنما هئي. هوءَ دنيا جي خوبصورت ۽ ذهين ترين شخصيت جي مالڪ هئي. هوءَ هر ماڻهو جي دل جي راڻي هئي.

هوءَ سنڌ جي مارئي هئي. سنڌي قوم کي فخر آهي، جو مالڪ سنڌ ۾ محترمه بينظير ڀُٽو جهڙي عظيم شخصيت پيدا ڪئي، جنهن جي ڪري سنڌين جو ڳاٽ هميشه اوچو رهيو آهي، سندس پيءُ کي ملڪ جي غريب عوام جي بهتري، ڀلائي ۽ آسودگيءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ عيوض ڦاسيءَ جو ڦندو وڌو ويو. سندس ڀائرن شاهنواز ۽ مرتضيٰ ڀُٽي کي قتل ڪيو ويو ۽ آخر ۾ دشمنن محترمه کي به شهيد ڪيو، سندس ڏوهه صرف اهو هو جو هوءَ محب وطن هئي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرپرسن

هئي، جيڪا عوامي پارٽي هئي، جنهن ۾ غريب ۽ مسڪين شامل هئا. جن کي هن خوشحال ۽ آسودو ڏسڻ چاهيو ٿي. سندس ئي ڪوشش سان پنهنجي پيءُ ڀُٽي صاحب جي قائم ڪيل پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي هن ان مقام تي پهچايو جو پوري دنيا ڪيس داد ڏيندي رهي، ڪيس دنيا جي چند وڏن ليڊرن ۾ شمار ڪيو ويندو هو. جيڪو جاگيردارن، آمرن ۽ جرنيلن جي برداشت کان ٻاهر هو. اُهي سندس انهيءَ مقبوليت کان خوفزده ٿي ويا هئا، انهيءَ ڪري جڏهن بہ پاڪستان پيپلز پارٽي پاور ۾ آئي ٿي تہ سندس تختو اونڌو ڪرڻ جون شازشون سٽيندي ۽ محترمه ۽ سندس پارٽيءَ جي ليڊرن کي جيلن ۾ بند ڪيو ويندو هو، هنن جي ٻارن کي پريشان ڪيو ويندو هو ۽ کين ڌمڪيون ڏنيون وينديون هيون.

ڀُٽي صاحب کان پوءِ جڏهن محترمه اقتدار ۾ آئي تہ عوام طرفان کيس ڀرپور سهڪار حاصل رهيو ۽ هوءَ هڪ مشهور عوامي ليڊر بڻجي وئي. هوءَ ڀهرين عورت هئي جيڪا ملڪ جي وزيراعظم هئي، جنهن جو شان، مان ۽ مرتبو اعليٰ هو، سندس ذهانت جو قدر پوري دنيا ڪندي هئي، تنهن کي جيل جي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ بند ڪيو ويو هو ۽ ان جي مڙس آصف زرداري کي اٺ سال جيل ۾ بناڪنهن ڏوهہ جي قيد رکيو ويو. محترمه ۽ سندس ٻارن کي ڪيترائي سال ملڪ بدر ڪيو ويو. پر بہ هوءَ هڪ بهادر عورت هئي، انهيءَ ڪري هوءَ دشمنن جي اهڙن منصوبن کان خوفزده يا نااميد نہ ٿي هئي. هن کي پنهنجي عوام سان پيار هو، هوءَ پنهنجي ملڪ سان وفادار هئي. هن سسئي وانگر جبل جهاڳيا، ڏونگر ڏوريا، تڪليفون برداشت ڪيون پر ملڪ جي عوام سان دغابازي يا ڌوڪيبازي نہ ڪئي. هوءَ چاهي لنڊن ۾ هئي يا دبئي ۾، هن بلاول، آصفہ ۽ بختاور جي خوشحال مستقبل جو فڪر بہ نہ ڪيو تہ اهي ٻار ڪيئن پنهنجي ماءُ کان سواءِ رهي سگهندا، ڪيئن اعليٰ تعليم حاصل ڪندا، ڪيئن زندگيءَ ۾ ترقيون حاصل ڪندا ۽ ڪير سندن شاديون مراديون ڪرائيندو، ڪير سندن ساٿي ۽ دوست هوندو، اسان وٽ سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ "پيءُ مُئي اڌ چورو، ماءُ مُئي سڄو چورو" انهن ٻارن کي اجا وڏي منزل طئي ڪرڻي آهي. جيئن تہ هوءَ هڪ فرض شناس عورت هئي، هوءَ هر پُٽ کي بلاول ۽ هر ڌيءَ کي آصفا ۽ بختاور سمجهي انهن جي مستقبل سنوارڻ لاءِ جاکوڙي رهي هئي. عوام کي خوشحال زندگي ڏيڻ لاءِ وطن واپس اچڻ جو ارادو ڪيائين. حالانڪ ڪيس پارٽي جي ليڊرن بہ روڪيو هو، هن جڏهن پاڪستان واپس ورڻ جي ڳالهہ ٿي ڪئي تہ ڪيس ڌمڪين وارا خط ٿي موڪليا ويا، ڪيس مختلف طريقن جا خوف ۽ دپ ڏنا ويا، پر هن جو ارادو مستحڪم هو. محترمہ جي احساساتي ۽ ادراڪي قوت تيز هئي. هوءَ جڏهن پاڪستان اچي رهي هئي تڏهن هن سڄي دنيا کي ٻڌايو تہ هن کي ماريو ويندو. انهيءَ ڪري هن پاڪستان اچڻ کان بہ ڏينهن ڀهرين پنهنجي وصيت بہ لکي ڇڏي هئي. هوءَ هڪ عظيم عورت هئي، هن اهوئي چيو ٿي تہ آءٌ موت کان ڪونہ ٿي ڊڃان، موت برحق آهي. جيڪو انسان پيدا ٿيو آهي ان کي مرڻو تہ آهي. موت جو وقت مقرر آهي جيڪو گهٽڙو نهيو آهي، اهو ٽُنندو تہ سهي، اهو هڪ فطري عمل آهي. هن کي پنهنجي ملڪ ۽ عوام سان بيحد پيار هو. انهي ڪري هن انهن لاءِ

موت بہ قبوليو ٿي، هوءَ هڪ وفاشعار عورت هئي، جڏهن گهٽي عرصي کان پوءِ پنهنجي ملڪ جي ڌرتيءَ تي قدم رکيا تہ بي اختيار سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا، اهي خوشيءَ جا ڳوڙها هئا، جن ۾ هن مالڪ جو شڪريو ٿي ادا ڪيو، پر هوءَ دشمنن جي ور چڙهي ويئي ۽ جڏهن 18- آڪٽوبر تي وطن واپس آئي تہ لکين ماڻهو پيرين پيادا، ٻُڪيا اُجيا سندس استقبال لاءِ ڪَڏ تي ويا دشمنن کان اهو ماڻهن جو سمنڊ ڏسي برداشت نہ ٿيو ۽ هنن ڪيس مارڻ لاءِ بم ڌماڪا ڪرايا، جنهن ڪي رب رکي تنهن کي ڪير چکي. ڪهن سان عوام جون دعائون شامل هيون. هن کي الله سائين بچائي ورتو، مارڻ واري ڪان جيارڻ وارو وڏيڪ ويجهو آهي پر هو بمن کان بہ ڪونہ ڊني، هوءَ نهايت ئي سمجهدار ۽ هڏ ڏوکي هئي، ڌماڪن جي ٻئي ڏينهن بنا ڪنهن ڊپ، خوف يا پروٽوڪول جي مختلف اسپتالن ۾ وڃي زخمين جي عيادت ڪيائين، انهن جي هر طرح مالي مدد ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. هوءَ جلسي ۾ شهيد جيالن جي گهر وارن جي پرگهور لهڻ لاءِ انهن جي گهرن ۾ ويئي، انهن جي زالن، ٻارن، مائرن، ڀينرن سان ائين قرب، پيار ۽ همدرديءَ سان ملي جيئن اهي سندس ئي گهر جا ڀاتي هجن، انهن شهيدن جي لاوارث لاشن جو فڪر هئس. جن کي لاڙڪاڻي ۾ دفنائڻ جو حڪم بہ ڏنائين. هوءَ نهايت ئي بهادر عورت هئي، هن کي موت جو فڪر ڪونہ هو، هن جي هر جلسي ۾ لکين ماڻهن تي شرڪت ڪئي، پاڪستان ۾ ڪنهن بہ ليڊر جي جلسي ۾ ايترا ماڻهو ڪونہ هوندا هئا، جيترا محترمہ بينظير جي جلسي ۾ هوندا هئا. پر نيٺ دشمنن ڪيس 27- آڪٽوبر تي راولپنڊيءَ جي جلسي ۾ شهيد ڪيو. هن سمجهيو تہ بينظير کي مارڻ سان پارٽي ختم ٿي ويندي، عوام خوفزده ٿي ويندو، ڪير بہ ڪجهہ ڪونہ ڪُڇندو، پر بينظير عوامي ليڊر هئي، سندس شهادت جو ٻُڌي هر گهر ۾ هر فرد جي اکين مان رت جا ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا. ماڻهو ڪيئن بدحواس ٿي روڊن تي نڪري آيا، اهي مچرجي پيا ۽ هنن کي جڏهن ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ احتجاج ۾ باهيون لڳائي ڇڏيون. ان وقت هر گهر جي ماڻهوءَ تي سڪتو طاري ٿي ويو، گهر ۾ رڌل کُني وڏي ڪونہ ڪاڏي ويئي، پاڪستان ۾ ٽن ڏينهن تائين هر گهر ۾ ماتم هو، ملڪ جو ٻار ٻار سوڳ ۾ هو، هر گهر ۾ اهو ٿي محسوس ٿيو تہ اهو سانحو سندن ئي گهر ۾ ٿيو آهي. محترمہ اهڙين حالتن جو اظهار اڳ ۾ ئي ڪري چڪي هئي تہ "توهان ڪيترا ڀُٽا ماريندا، هر گهر مان، هر گليءَ مان ڀُٽو نڪرندو" ۽ ٿيو بہ ائين، ملڪ جو هر ٻار اسڪول ۾، گهر ۾، گهٽيءَ ۾ جيئي ڀُٽو جو نعرو هڻندو رهيو. دشمنن سمجهيو تہ بينظير مري ويندي هوءَ تہ هميشہ لاءِ امر ٿي ويئي، بلڪ سندس شهادت تہ ڌاڍن کي ڌهڪائي ڇڏيو آهي، هوءَ پاڪستان تہ ڇا پر آمريڪا، يورپ، چين، ايران، عربستان، انڊيا وغيره پوري دنيا جي عوام جي دلين ۾ راڄ ڪندي هئي، هرڪنهن جي وات تي محترمہ بينظير جو ئي ذڪر هو، سڄي دنيا سندس شهادت تي جيڪي پيغام موڪليا اهي انهن دشمنن جي منهن تي ڪارا ڌبا هئا. پاڪستان جو عوام سندس هميشہ قدر ڪندو، هوءَ عوام جي دلين ۾ هميشہ زندهہ رهندي، اهڙيون عظيم هستيون مرنديون نہ آهن پر هميشہ زندهہ جاودان رهنديون آهن. اڄ بہ بينظير هر دل ۾، هر گهر ۾، گهر گهٽي ۾ هر وقت موجود آهي، نيٺ اهو ڏينهن بہ ايندو جڏهن عوام دشمنن کان سندس شهادت جو بدلو وٺندو.

ٿي سگهي ٿي. سنڌن وات مان گرھ ڇنڻ وارن جو حساب ڪتاب ڪريٰ سگهي ٿي ۽ هن پنهنجي قسمت سنڌن حوالي ڪئي آهي، سو هو گلگت جي جبلن مان نڪري پورو ملڪ لتاڙي ڪراچي پهتا هئا. جنهن ملڪ ۾ بارود جي بوءِ جو راڄ هو اتي دهل ۽ شرنائين جي ڌن تي ڏڙڪندڙ جسم، عورتن ۽ مردن جون جهمريون قاتلن کان برداشت نہ ٿيون.

پوري دنيا ان رات پاڪستان جو هڪ نئون روپ ڏٺو. گذريل 30 سالن ۾ ڏاڍي چالاڪيءَ سان سڄيءَ دنيا ۾ اهو تاثر پيدا ڪيو ويو هو تہ هن ملڪ ۾ رڳي جنوني جهادي رهن ٿا، جن کي قابو ڪرڻ لاءِ موجوده ملڪي حڪمران جو هجڻ ضروري آهي. 30 سالن کان هتي راڄ ڪندڙ Sectarian Violence فرقہ پرستي، ڪلاشنڪوف، شهري دهشتگردي ۽ هاڻي خودڪش بمبار مطلب تہ نت نوان دهشت جا سامان پيدا ڪري ملڪ اندر توڙي ٻاهر خوف وارو ماحول جوڙيو هو. ۽ 1986ع کان پوءِ هن ميڊيائي انقلاب واري دور ۾ 18- آڪٽوبر 2007ع آيو، جڏهن رقص ڪندڙ مخلوق جا هجوم هئا، خوشي ۽ مستي هئي. دنيا پهريون ڀيرو حقيقي پاڪستان ڏٺو. پوري دنيا ۾ هتان نوان اميجز وڃي رهيا هئا. دهشتگردي خلاف جنگ وارا ملڪي حڪمران چاڻن پيا تہ هيءُ پاڪستان سنڌن مفادن وٽان نہ آهي، هت ماڻهن کي دهشتگرد ڄاڻائي حڪومت ڪندڙ ڏرين جو پيدا ڪيل تاثر فقط چند ڪلاڪن ۾ زائل ٿيڻ لڳو تہ اوچتو ڌماڪو ٿيو ۽ هر طرف لاشن جا ڍير لڳي ويا. امن ۽ ريڪنسيليئشن (مفاهمت) جو پيغام کڻي ايندڙ شهزاديءَ کي ختم ڪرڻ جي اها ڪوشش تہ ناڪام ٿي پر سنڌس پرس ۾ موجود سڀ امن ۽ جمهوريت وارا پنا رت ڍ ٿي پڪڙجي ويا.

اسلام ۽ جمهوريت ۾ هڪجهڙائي بيان ڪندڙ ليکڪا، جيڪا پاڻ پنهنجي ٿيسز جو عملي روپ هئي، تنهن کي بنياد پرستن رت ۾ وهنجاري ڇڏيو. هوءَ جن ماڻهن جي هٿن ۾ پنهنجي قسمت ڏئي آئي هئي، اهي پنهنجي پيار ۾ سنڌس مٿان قربان ٿي ويا.30 لک ماڻهن جي خوشيءَ کي روڄ راڙي ۾ تبديل ڪيو ويو. حڪمران ٽولن ۽ 30 سالن کان اسان توهان کي دهشتگرد ڏيکاري حڪومت ڪندڙن هڪ دفعو وري دنيا کي ڏيکاريو تہ هن خطرناڪ ملڪ ۾ رقص حرام آهي ۽ بم حلال آهن. محترمہ بينظير ڀٽو ايتري وڏي حادثي کان پوءِ اجا وڏيڪ ڏيان سان ڪتاب لکڻ ۾ مصروف ٿي وڃي ٿي. هن مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ هو دنيا کي ٻڌائڻ چاهي ٿي تہ جهادي جيڪي ڪجهہ اسلام جي نالي ۾ ڪري رهيا آهن، اهو اسلام نہ آهي، بمن جو جواب قلم ۽ ڪتاب ان کان وڌيڪ جمهوري عمل کهڙو ٿيندو. ڪتاب جي مهاڳ ۾ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو 18 آڪٽوبر جي سانحي تي تفصيل سان لکيو آهي. هوءَ لکي ٿي تہ ڪيئن نہ ڪجهہ ڪلاڪن کان پوءِ جاءِ واردات ڌوتي وئي ۽ هن جي مطالبي باوجود اسڪاٽليند يارڊ کان تحقيق نہ ڪرائي وئي. نہ ئي ملڪي سطح تي ڪو جوڳو بندوبست

ڪيو ويو. آخر تائين تحقيقاتي ٽربيونل ان حوالي سان محترمہ کان بيان نہ ورتو هو. مطلب تہ جڏهن محترمہ حيات هئي، سندس مٿان قاتلاڻي حملي جي باوجود حڪمران صرف رسمي تحقيقات تي بہ راضي نہ هئا، تہ پوءِ سندس شهادت کان پوءِ اندازو اسين لڳائي سگهون ٿا. ايٽرن جان ڪسيندڙ خطرن ۽ حملن جي باوجود محترمہ پنهنجي آخري ڏينهن ۾ اليڪشن مهم سان گڏوگڏ هن ڪتاب کي پوري ڪرڻ ۾ رڌل هئي. مارڪ سيگل مطابق هيءُ ڪتاب سندس نظر ۾ تمام گهڻي اهميت رکي پيو، هوءَ سمجهندي هئي تہ جمهوريت ۽ آمريت جديديت ۽ بنياد پرستيءَ ۾ جنگ ٿي هن صديءَ جون بہ مرڪزي قوتون آهن. هن کي يقين هو تہ اسلام جو سياسي طور تي اسلام جو مرڪزي تصور آهي جنهن جو سبب 'جهاد' جي فلسفي جو غلط استعمال آهي. اسلام ۾ جهاد جو مطلب جنگ دهشتگردي يا معصوم انسانن جو قتل ۽ غارت نہ آهي پر جهاد جي اصلي معنيٰ 'جدوجهد' آهي ۽ سچ جي جدوجهد ، اهڙي عمل جو حصو ٿيڻ جيڪو انصاف ۽ سچ لاءِ هجي، برائي جي خلاف هجي. ان ۾ بہ پنهنجي نفس خلاف جهاد کي وڏو جهاد سمجهيو وڃي. ڪتاب ۾ تقريبن 6 حصا آهن، جنهن جي شروعات شهيد محترمہ اسلام ۽ جمهوريت جي نالي سان ڪئي آهي، هن باب ۾ پاڻ قرآني حوالن سان جهاد جي بنيادي فلسفي کي بيان ڪيو آهي. ان سان گڏ جهادين ۽ دهشتگردن جي عورت دشمن

پاليسين جهڙوڪ قبائلي علائقن ۾ عورتن جي اسڪولن تي پابنديءَ جهڙن فرسوده عملن کي غير اسلامي ثابت ڪيو آهي، جنهن جي مثال ۾ پاڻ قرآن شريف جي پهرين آيت بيان ڪئي آهي تہ جيڪو پهريون لفظ الله تبارڪ و تعاليٰ جي طرفان نازل ٿيو سو هو "اقرء" يعني "پڙهہ" ان ۾ اهو بلڪل نہ آهي تہ "مرد پڙهہ"! بينظير ڀٽو لکي ٿي تہ اسلام ۾ اڻ برابريءَ کي عظيم ناانصافي سمجهيو ويو آهي. اسلام صحيح معنيٰ ۾ جمهوريت جو پرچارڪ آهي. قرآن شريف ۾ بيان آهي تہ حقيقي اسلامي معاشري جو بنياد جمهوري روايتن تي آهي. اسلام ۾ "شوريٰ" يعني گڏيل صلاح مشوري ۾ نہ صرف هر ڪنهن کي هڪ جهڙي اهميت هجي پر ان سان گڏ سيني جو راضپو يعني "اجماء" بہ ضروري آهي. مطلب تہ ڪنهن فرد کي رنگ، نسل يا دولت جي بنياد تي ٻئي مٿان فوقيت حاصل نہ آهي، اسلام انهيءَ سموري عمل کي جمهوري طريقي سان اڳيان وڌائيندي، اجتهاد جي منزل تي پهچائي ٿو.

شهيد محترمہ اسلام ۾ عورتن جي رتبي کي پڻ تفصيل سان بيان ڪيو آهي. بينظير ڀٽو قرآني آيتن جي روشنيءَ ۾ ان ڳالهہ کي رد ڪري ٿي تہ اسلام ۾ عورت ۽ مرد ۾ اڻ برابري آهي. سندس مطابق پاڻ سڳورن عورت کي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ هڪ جهڙا حق ڏنا آهن. پاڻ سڳورن ﷺ سماج ۾ عورت کي هڪ جيترو حصو ڏنو آهي. ايتري قدر جو پاڻ سڳورا عورتن کي جنگ ۾ بہ گڏ ڪڻندا هئا ۽

هو مردن سان گڏ جنگ ۾ شريڪ ٿينديون هيون.

شهيد محترمہ پڙهندڙن (مغربي دنيا) کي ذهن ۾ رکندي انتهائي بنيادي ڳالهين کي Re-define ڪيو آهي. مغربي سماجن ۾ اسلام بابت اڻ ڄاڻائيءَ کي دور ڪرڻ ۾ هيءُ ڪتاب اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. ان سان گڏ اسلامي ملڪن اندر بنياد پرستيءَ جي اڀار جهڙي پيچيده مسئلي کي پڻ محترمہ بينظير ڀٽو انتهائي نفاست سان سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اسلام متعلق مغربي معاشري ۾ موجود تعصبن کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پاڻ قرآن شريف سان گڏ اسلامي قانون ۽ پاڻ سڳورن جي زندگيءَ مان مثال ڪٺي اهو سمجهايو آهي تہ انساني زندگيءَ کي بچائڻ ئي اسلام جو بنيادي اخلاقي قدر آهي. معصوم انسانن جي زندگي وٺڻ حرام آهي. ڪو بہ فرد پنهنجو پاڻ اهو فيصلو ڪرڻ جو حق نہ ٿو رکي تہ صحيح ڇا آهي ۽ غلط ڇا آهي. صرف اسلامي قانون جي روشنيءَ ۾ رياست ئي طئي ڪري سگهي ٿي تہ 'صحيح جنگ' ڪهڙي آهي. يعني اڄڪلهہ جيڪي جهادي ٽولا اسلام جا ٺيڪيدار ٿيو پيا گهمن، مذهب جي روح کان سندن اهو فعل غير اسلامي آهي، تنهنڪري شروعاتي دور ۾ پوري مسلمانن جي تاريخ ۾ اهڙا گروهہ نظر نہ ٿا اچن.

اهي جهادي ٽولا اسلام جي سياسي استعمال لاءِ پيدا ڪيا ويا. جنرل ضياء جي دور ۾ مغرب جي پئسي سان انهن جي آبياري ڪئي وئي. پاڪستان ۾ جنرل ضياء جي دور ۾ آفيشل پيپرن ۾ مذهب جي خاني سان گڏ 'فرقو' لکڻ بہ لازم قرار ڏنو ويو. آمريت نہ صرف مذهب جو ناجائز استعمال ڪيو. پر صدين کان برداشت ۽ برابريءَ تي بيٺل سماج کي پڻ مذهب کان پوءِ فرقن جي بنياد تي ورهايو. جديد دهشتگرديءَ کان پهرين 80 جي ڏهاڪي ۾ ئي انهيءَ مذهب جي سياسي استعمال جي نتيجي ۾ فرقيواريت دوران سوين ماڻهو شهيد ٿيا. هن مهل تائين خودڪش بمن ۾ ايترا ماڻهو شهيد نہ ٿيا آهن جيترا امام بارگاهن ۽ مسجدن ۾ بم حملن ۾ ٿيا آهن.

ڪتاب جي آخري باب ۾ محترمہ بينظير ڀٽو اسلام ۽ جمهوريت جي تاثر کي ڇٽو ڪيو آهي. ان سان گڏ مغرب تي پڻ تنقيد ڪئي آهي تہ هو سيني مسلمانن کي هڪ خاني ۾ بيهاري ڇڏين ٿا ۽ مسلمان جيڪي دنيا جي آباديءَ جو هڪ ارب آهن، انهن جي ڪلچر جي وسعت نہ ٿا ڏسن. عام طور تي مغرب ۾ اهو خيال آهي تہ اسلام جمهوريت جي خلاف آهي تنهن ڪري ئي تہ ڪيترن ئي اسلامي ملڪن ۾ ڊڪٽيٽرشپ يا بادشاهت آهي. عوام جي حڪمرانيءَ بجاءِ ڪجهہ فردن جي اجاره داري آهي. محترمہ بينظير ڀٽو انهيءَ ٿيسز کي رد ڪندي ڪيترن ئي مسلمان ملڪن جي تاريخ جو نوآباديت واري دور کان ذڪر بيان ڪندي اهو ڏيکاريو آهي تہ اهو سڀ مغربي آقائن جي مفادن ڪري آهي. مسلمان ملڪن ۾ آپي شاهيءَ کي پهرين برطانيا پنهنجي مفادن

لاءِ بهتر سمجهندي هتي ونرائي بعد ۾ آمريڪا انهن ملڪن ۾ هلندڙ جمهوري عمل پنهنجي نندڙن نندڙن فائدن لاءِ سبوتاز ڪيو. خاص طور تي ايران، مصر ۽ پاڪستان انهي ڳالهه جا اهم ثبوت آهن. ان سان گڏ محترمه مغرب جي ٻٽي رويي ڪي پڻ ننديو آهي ته پنهنجي ملڪن لاءِ سندن پاليسيون انساني حقن تي مشتمل هجن ٿيون پر پنهنجي اتحادي ملڪن ۾ انساني حقن جي لتاڙ کي هو نظرانداز ڪن ٿا. جارج بش پاڪستان جي ماڊل ڊڪٽيٽر پرويز مشرف کي مسلسل شاباش ڏيندو رهيو، جنهن جي دور ۾ هزارين ماڻهو گم ٿيا آهن ۽ عراق تي ڪاهه پڻ جمهوريت جي نالي تي ٿي ته ٻي طرف فلسطين ۾ جمهوري طور چوندبل 'حماس' جي حڪومت کي غير جمهوري طريقي سان ختم ڪيو وجي ٿو. هڪ طرف ايران کي غيرجمهوري چئي ڌمڪايو وجي ٿو. ٻي طرف سعودي عرب ۾ انساني حقن جي پائمالي ۽ عورتن سان جانورن جهڙي سلوڪ تي مغربي حڪومتن توڙي ميڊيا جي اک به ڪا نه ٿي ڪڇي. محترمه لکي ٿي ته مغرب جي اهڙين پاليسين جي ڪري ٽئي ترقي پذير ملڪن ۾ ماڻهو سندن نيت تي شڪ ڪن ٿا.

"Some might say the west has unintentionally created its own Frankston monster"

(يعني ڪافي ماڻهو ته اهو سمجهن ٿا مغرب غير ارادي طور پنهنجو فرنڪسٽائين پاڻ پيدا ڪيو آهي.)

محترمه بينظير ڀٽو هن باب ۾ فريڊم هائوس پاران شايع ڪيل دلچسپ تحقيق جو به ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ ٽئين دنيا ۾ غربت ۽ آمريت جا سبب بيان ڪيل آهن. ان رپورٽ مطابق غربت، جهالت ۽ غير جمهوري روين جو مذهب سان ڪوبه واسطو نه آهي. ٽئين دنيا جي ملڪن جو الميو اهو به آهي، ته اتي جي آمرن پوري سماج ۾ آمراڻن روين جي آبياري ڪئي آهي، جنهنڪري ٽئي جمهوري قدر پيدا ٿي نه سگهيا آهن. اتي اليڪشن جي عمل کي ٽئي جمهوريت سمجهيو وڃي ٿو. محترمه مطابق جمهوريت رڳو چونڊ جي عمل جو نالو نه آهي پر سماج ۾ سهپ، رواداري، انصاف، آزاد ميڊيا ۽ سول سوسائٽيءَ جو فعال ڪردار ۽ مخالف پارٽين جي سياسي حقن جي احترام جو نالو جمهوريت آهي. محترمه ڪجهه اسلامي ملڪن جي ڪيس هسٽري به هن ڪتاب ۾ بيان ڪئي آهي. ايران کان افغانستان ۽ پاڪستان تائين جي نو آباديت کان آزادي ۽ آزاديءَ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين مغربي حڪومتن خاص طور تي آمريڪا ڪيئن انهن ملڪن ۾ جمهوري روين کي ڪچليندڙ ۽ پائمال ڪندڙ حڪمرانن جي پنيرائي ڪئي. ان جو مفصل احوال به ڏنل آهي.

محترمه بينظير ڀٽو هڪ سچي قومي اڳواڻ هجڻ جي ناتي پنهنجي مغربي پڙهندڙن اڳيان نه صرف پنهنجي مذهب جو دفاع ڪيو آهي پر پنهنجي ملڪ جو ڪيس به اثرائتي نموني پيش ڪندي نظر اچي ٿي. A case of Pakistan نالي باب ۾ هن ويهين صديءَ جي شروعات کان اڄ تائين جي ملڪي تاريخ جو مختصر

جائزو پيش ڪيو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي تہ تاريخدان ان ڳالهه تي اختلاف رکن ٿا تہ پاڪستان جي تاريخ کي برصغير جي مسلمان حڪمرانن جي تاريخ سان جوڙيو وڃي پر محترمہ جو ٽارگيٽ خطي جي تاريخ ڪان وڌيڪ هن خطي جي مسلمانن جي سماجي، تهذيبي ارتقا جو اسلامي يا مسلمانن جي حوالي سان مطالعو آهي، جنهن ۾ ''هوءَ مغل شهزادين جي عقل، همت ۽ بهادريءَ کي تمام گهڻو ساراهي ٿي. محترمہ بينظير ڀٽو هن باب ۾ پنهنجي ڏاڏي سر شاهنواز ڀٽي جي باري ۾ لکي ٿي تہ هن ئي سنڌ ۾ سکر بئراج جو بنياد وڌو ۽ پهرين سنڌي اخبار 'زميندار' بہ سندس ڏاڏي پاران ئي جاري ڪئي وئي. ٻي طرف پنهنجي ور آصف علي زرداري جي پڙناني جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. سندس مطابق ڪراچي جي سنڌ مدرسي جو بنياد رکندڙ حسن علي آفندي دراصل آصف علي زرداري جو پڙ نانو هو. هن باب ۾ چوندڙ تاريخ آيل آهي. ڪجهہ ٽيڪسٽ ڪتابن جهڙي انداز ۾ بيان ڪيل آهي. عالمي سطح تي پڙهي ويندڙ هن ڪتاب ۾ جيڪڏهن ٿوري وڌيڪ تحقيق ۽ غير جانبدار تاريخدانن جا حوالا ڏنا وڃن ها تہ بهتر هجي ها. ورهاڱي کان پوءِ جي تاريخ البت ڪافي صحيح نموني بيان ٿيل آهي.

هن باب جي ٻئي حصي ۾ محترمہ ضياء شاهي خلاف پنهنجي جدوجهد ۽ بنياد پرستي جي اڀار جا سبب ڄاڻايا آهن. افغان جنگ دوران آمريڪا، سوويت يونين کي سبق سيکارڻ لاءِ سي.آءِ.اي جي مدد سان الله جا سپاهي ناهيا، جنهن عمل جي پوري مغربي ميڊيا توڙي حڪومتن ڀرپور پنيرائي ڪئي. بلين ڊالر پاڪستان انهن جهادي تنظيمن کي ڏنا، اسلام جو سياسي استعمال آمر ضياء، جماعت اسلامي مغرب جي چوڻ تي ئي شروع ڪيو. جماعت اسلامي، جيڪا پاڻ کي مذهب جي دعويدار ۽ ٺيڪيدار سمجهي ٿي ان جماعت ئي مذهب کي آمريڪا جو هٿيارناهي جهاد جي نالي تي هزارين نوجوانن کي جنگ جو اوزار بڻائي ڇڏيو. باب جي آخر ۾ آمر ضياء جي پراسرار موت کان پوءِ ٿيندڙ اليڪشن ۾ ڌانڌليءَ جو پروگرام پڻ رٿيو. محترمہ مطابق هو صرف 26 سيٽن تي ڌانڌلي ذريعي پنهنجا من پسند نتيجا حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيا. جڏهن تہ سنڌ جي باشعور ۽ غيرتمند ماڻهن سندن ڌانڌلي ناڪام بڻائي ڇڏي، محترمہ لکي ٿي تہ جڏهن اليڪشن جا نتيجا اچڻ لڳا تہ سندس هڪ آمريڪي دوست فون ڪري ڪانئس پڇيو تہ ڇا نتيجا آهن. هن وراڻيو:

"Humpty Dumpty sat on a wall humpty Dumpty had a great fall. all kings' horses and all kings' men couldn't put Humpty together again"

جنهن تي سندس دوست ڪاوڙ ۾ چيو تہ خدا جي واسطي سنجيدگيءَ سان ٻڌاءِ تہ "ڇا ٿيو؟" ان تي محترمہ وراڻيو تہ حقيقت اها ئي آهي. "Kings men" بادشاهہ جا ماڻهو يعني پير پاڳارو، غلام مصطفيٰ جتوئي، ممتاز ڀٽو سيني جو great fall ٿيو آهي ۽ هو سڀ منهنجي نظر ۾ همپٽي ڊمپٽي ئي تہ آهن.

محترمہ مطابق سندس پهرين حڪومتي دور ۾ جنرل حميد گل، برگيڊيئر امتياز ۽ ميجر عامر مسلسل سندس خلاف سازشون ڪندا رهيا. ياد رهي تہ ميجر عامر اهو ئي ماڻهو آهي جنهن آرمي ڇڏڻ کان پوءِ سوات ۾ هن مهل رڻ باريندڙ تنظيم نفاذ شريعت محمد (TNSM) ناهي هئي. ان تنظيم 94-1993ع ۾ بينظير جي ٻي حڪومتي دور ۾ سوات ۾ خانہ جنگيءَ جو اعلان ڪيو هو، جنهن کي ان وقت آفتاب شيرپاؤ ڏاڍي خوش اسلوبيءَ سان مانو ڪيو هو. جنرل حميد گل هاڻي وڏو جمهوريت جو علمبردار ۽ Ex- Service man Society جو روح روان آهي ۽ هو صدر مشرف خلاف ايڪشن جو مطالبو ڪندو رهيو. جڏهن تہ ضياء دور کان پوءِ ايندڙ جمهوري حڪومت خلاف سازشون ڪري انهن کي ناڪام ڪرڻ وارن خلاف بہ ايڪشن ڪجڻ گهرجي.

محترمہ هتي تفصيل سان پنهنجي ٻنهي حڪومتي دورن جو احوال ڏنو آهي. سندس مطابق سندس خلاف عدم اعتماد واري تحريڪ لاءِ پئسا اسامہ بن لادن فراهم ڪيا هئا، جيڪي سعودي مان انبن جي پيٽين ۾ پري موڪليا ويا هئا ۽ سندس ٻي حڪومتي دور دوران ڪيس نشتر پارڪ ۾ جلسي دوران گولي هڻي مارڻ جو پروگرام ناهيو ويو هو، جنهن جو اعتراف رمزي يوسف پنهنجي بيان ۾ بہ ڪيو آهي. محترمہ پنهنجي جلاوطني ختم ڪري واپس ورڻ واري سفر جو پڻ تفصيلي احوال بيان ڪيو آهي. هو ڄاڻي پئي تہ انتهاپسند هاڻي پهرين کان بہ وڌيڪ مضبوط ٿيا آهن. صدر مشرف مغرب کي بيوقوف ناهڻ لاءِ ۽ ملڪ ۾ خوف پيدا ڪرڻ لاءِ اندران ئي اندران انهن ٽولن سان سازباز رهندو پئي آيو. انتهاپسندن جديد ٽيڪنالاجي ڪري دهشت جا نت نوان طريقا سکي ورتا هئا. محترمہ مطابق ارڙهين آڪٽوبر جي بم ڌماڪي لاءِ گهڻي قدر انهيءَ ٻار کي استعمال ڪيو ويو، جيڪو بار بار جلسي ۾ هن ڏانهن موڪليو پئي ويو پر پوليس وارن جي منع ڪرڻ تي هن اهو نہ ورتو. نيٺ اهو ٻار پوليس جي وين جي ويجهو پهتو، تہ هانءُ ڏاريندڙ ڌماڪو ٿيو. اهو بم ايترو تہ خطرناڪ هو جو جن ماڻهن کي ان بم جا ڇرا لڳا، تہ اهي زخمي ماڻهو بہ مري ويا جن متعلق ڊاڪٽرن جو خيال هو تہ اهي ڇرا زهريلا هئا ۽ ماڻهن جو موت زخم جي ڪري نہ پر زهر جي ڪري ٿيو هو. مطلب تہ ظالمن ڪيس مارڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي هئي پر محترمہ پاڻ لکي ٿي، تہ پاڪستان ورڻ کان اڳ هوءَ پنهنجي خاندان کان ائين موڪلائي آئي هئي جڻ آخري دفعو موڪلائيندي هجي، تڏهن بہ هوءَ قسمت ۾ پڪو ويساهہ رکندڙ هئي، هن موڪلائڻ وقت پنهنجي ٻارن کي چيو هو تہ "گهبرايو نہ زندگي ۽ موت الله جي هٿ ۾ آهي، مان ايسٽائين نہ مرنديس جيسٽائين منهنجا ڏينهن نہ پورا ٿيندا."

18 آڪٽوبر اهو ڏينهن نہ هو ۽ وقت محترمہ کي مهلت ڏني. تہ جيئن هوءَ پنهنجو مشن اڳتي وڌائي سگهي. سندس بيان مطابق ڪيس مارائڻ لاءِ مخالف پارٽي جي رهنمائن پنج لک

ڏالرن جي بدلي ٽن انتهاپسندن کي (hire) ڪيو هو ۽ ٻـم وري قاري سيف الله جي مدد سان ٺهرايو ويو هو. انهن انتهاپسند قاتلن مان هڪ ته موقعي تي مري ويو. شايد هيءُ اهو ئي ماڻهو هو، جنهن کي ٻار وارو ٻم ڪنيل هو جڏهن ته ٻيا به اڄ ڏينهن تائين فرار آهن.

پنهنجي جلاوطني دؤران بيڪ چينل ڊپلوميسي ذريعي محترمه بينظير ڀٽو مسلسل ملڪ ۾ جمهوريت جي بحالي لاءِ ڪوشان رهي ٿي. سنڊس مطابق 2001ع ۾ ڪيس چيو ويو ته جيڪڏهن هوءَ 10 سال ملڪي سياست کان ڪناره ڪشي اختيار ڪري ته مشرف گورنمينٽ آصف زرداريءَ کي آزاد ڪري ڇڏيندي. پر هن انڪار ڪيو. 2005ع تائين مشرف حڪومت جڏهن آصف زرداريءَ خلاف ثبوت حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام وئي ته آخرڪار ڪيس آزاد ڪيو ويو. محترمه لکي ٿي ته هن جلاوطني مسلسل لابنگ ۾ گذاري ته پاڪستان ۾ جمهوريت کي بحال ڪيو وڃي ۽ عالمي دٻاءُ جي ڪري مشرف ڪمزور ٿيو ۽ هن آصف زرداري کي غير مشروط آزاد ڪري ڇڏيو.

هڪ اڳواڻ جي حيثيت ۾ هن تمام مشڪل زندگي گذاري پر هڪ پيراگراف هن پنهنجي ذاتي مصروفيتن ۽ مشڪلاتن کي به ڏنو آهي ته بطور ڌيءُ جڏهن 2003ع ۾ بيگم نصرت ڀٽو مرندي مرندي بچي وئي هئي ته هوءَ کهڙي نه عذاب مان گذري هئي ۽ جڏهن 2005ع ۾ آصف زرداري آزاد ٿي واپس آيو ته هن جي حالت به ذري گهٽ مرڻ جهڙي هئي. ڪيس دل جو انتهائي خطرناڪ دورو پيو ۽ هو مرندو مرندو بچيو. "اهو اسان لاءِ انتهائي تڪليفده وقت هو. هڪ طرف آصف جو خيال رکڻ ته ٻئي طرف سڄو وقت وڪيلن سان مٿي ماري ڪرڻ جيئن عدالتن ۾ پنهنجو بچاءُ ڪري سگهجي. ان سان گڏ اخبارن لاءِ رپورٽون ناهڻ به منهنجو ڪم هو. آخرڪار آصف کي پنهنجي علاج لاءِ نيويارڪ وڃڻو پيو ۽ مان هر ٽئين هفتي سنڊس خيريت معلوم ڪرڻ لاءِ وڃڻ لڳيس. انهيءَ مسلسل سفر جي ڪري منهنجي گوڏن ۾ تڪليف ٿي پئي ۽ مون کي پنهنجو به آپريشن ڪرائڻو پيو."

محترمه لکي ٿي ته ان عرصي دؤران مان خوف ۾ سڄي سڄي رات جاڳندي هيس، ڪا فون ڪال ايندي هئي ته مان ڏڄي ويندي هيس ته ڪا بري خبر نه هجي، ڪنهن معمولي کڙڪي تي ڇرڪ ڀري اٿي ويهي رهندي هيس، پر ان جي باوجود به پوري دنيا ۾ ليڪچر ڏيڻ ۽ پاڪستان ۾ جمهوريت جي واپسي لاءِ لابنگ ڪرڻ مون نه ڇڏي. اهو محترمه جي محنت جو ئي نتيجو هو جو جنرل مشرف وردي لاهڻ تي راضي به ٿيو ۽ ان سان گڏ سنڊس مٿان سياسي بنيادن تي مڙهيل ڪوڙا ڪيس به ختم ڪيا، جنهن تي اسان جي ميڊيا ۽ ماڻهن واويلا مچائي ڏني ته هوءَ ڊيل تحت آئي آهي. اڄ ڏينهن تائين NRO جو راڳ زور شور سان قاضي حسين احمد، عمران خان ۽ سول سوسائٽي ڳائي رهي آهي. جڏهن ته ملڪ ۾ خودڪش ٻم پيدا ڪندڙ جماعت اسلامي ۽ جنرل حميد گل جهڙا ماڻهو اڄ سول سوسائٽيءَ جي ٿرڪن تي سوار ٿي انصاف جا ٺيڪا ٿي بيٺا آهن پر نه سنڊن احتساب جي ڳالهه ٿئي ٿي. نه ئي انهن

کان اثاثا پچيا وڃن ٿا. اڄ سنڌن اک جو ڪنڊو هڪ ئي پارٽي، هڪ ئي ڌر آهي. محترمه ڏاڍي ايمانداريءَ سان لکيو آهي ته هن ۾ صرف مشرف وچ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون ۽ ڪٿي ڪٿي ڳالهيون ٿيون، جنهن ۾ 2007ع واري دبئي جي ملاقات جو بيان آهي. سنڌس مطابق اها سنڌس فتح هئي ته جيڪو شخص ڪيس سياسي طور ختم ڪرڻ جي ڳالهه ڪندو هو، اهو ئي ماٿهو ساڻس ملاقات لاءِ آتو آهي. شيخ زيد بن سلطان جي محل ۾ محترمه سان ٿيندڙ ملاقات ڪيترائي ڪلاڪ جاري رهي، جنهن ۾ يونيفارم کان وٺي اليڪشن تائين ڳالهيون فائنل ڪيون ويون، ان ملاقات ۾ ئي محترمه سان اهو به طئي ٿيو ته هو مشرف جي ٻيهر صدر ٿيڻ ۾ رڪاوٽ نه وجهندي، لکي ٿي ته 31- ڊسمبر 2007ع تي واپس ايندي. ”صدر مشرف مون کي مذاق ۾ چيو ته هو نئون سال بلاول هائوس ۾ مون سان گڏ ملهائيندو. جيڪڏهن آءٌ ڪيس دعوت ڏينديس“، سڀ ڳالهيون پلان مطابق ٿي رهيون هيون ته چيف جسٽس وارو معاملو ٿيو. صدر مشرف جولاءِ 2007ع ۾ ٻيهر ملاقات ڪرڻ لاءِ چيو، ان ملاقات دؤران صدر گهر ڪئي ته پ پ ججن جي عمر گهٽائڻ واري بل کي اسيمبليءَ ۾ پاس ڪرائڻ ۾ مدد ڪري، جنهن تي محترمه انڪار ڪيو ۽ ٻنهي ۾ معاملا بگڙجي پيا، پوءِ مخدوم صاحب ملاقات ڪندو رهيو پر مشرف پنهنجن واعدن تان ڦري ويو. نه هن ڪيس پئي ختم ڪيا نه ئي ٽيهر وزيراعظم ٿيڻ تان پابندي پئي ختم ڪئي. مشرف آگسٽ تائين پنهنجا وعدا پورا نه ڪيا پر پنهنجي صدارتي اليڪشن دؤران NRO پاس ڪيو.

محترمه مطابق جيڪڏهن مشرف پنهنجا وعدا پورا ڪري ها ته پاڪستان ۾ ايتري افراتفري پيدا نه ٿئي ها. محترمه ٽي.ايس.ايلٽ جو حوالو ڏيندي ان عمل کي هن طرح بيان ڪيو آهي ته

”Between ideas and the reality falls shadow“ پر محترمه جنهن خوبصورت جملي کي جمهوري عمل جي معطلي لاءِ لکيو هو، اڄ اهو ئي جملو سنڌس غير موجودگيءَ ۾ سنڌس لاءِ لڳي رهيو آهي. جڻ اهو هن پنهنجي ۽ عوام جي لاءِ لکيو هجي، اڄ محترمه ۽ اسان توهان جي وچ ۾ هڪ گهرو ۽ نه ختم ٿيندڙ موت جو پاڇو اچي چڪو آهي.

محترمه پاڻ ئي لکيو آهي ته هن ملڪ ۾ جمهوريت جي قسمت عجيب رهي آهي. هڪ قدم اڳيان وڌجي ٿو ته پنج قدم پوئتي هٽڻو پوي ٿو ۽ سنڌس شهادت سان ملڪ الائي ڪيترا قدم پوئتي هٽي ويو آهي. محترمه آخري دم تائين هن ملڪ جي مستقبل جي باري ۾ پر اميد هوندي به غير يقيني جو شڪار رهي. هن کي پڪو يقين هو ته هن ملڪ جي خاطر عوام ۽ جمهوريت جا دشمن ڪڏهن به عوامي حڪومت کي آسانيءَ سان اچڻ نه ڏيندا. ايتري ڪٽ هجڻ جي باوجود هن ڪڏهن به حوصلو نه هاريو. نه ئي پوئتي هٽي ۽ نه ئي سياست تان هٿ ڪنيائين. شايد اهو ئي سبب آهي جو هوءَ اسان جي دلين ۽ تاريخ جي ورقن ۾ هميشه زنده رهندي. هن پاڪستان جي باري ۾ آخر ۾ علامه اقبال جو هڪ شعر لکيو هو ته:

“Tyranny can not long endure”

ڊاڪٽر درمحمد پناڻ

# سنڌ جي انين سورمي- شهيد راڻي بينظير ڀٽو ۽ گل حيات انسٽيٽيوٽ

سنڌي شاعريءَ مان جيڪڏهن ستن سورمين جو ذڪر ڪڍيو وڃي تہ شاعريءَ جا دفتر ٻُسا، اڌورا ۽ اڻپورا رهجي وڃن. انهن سورمين کي تمثيل بڻائي، اسان جي صوفي شاعرن قوم ۽ دنيا جهان کي روحاني راز سمجهايا ۽ تصوف جا درس ڏنا.

اسان جي 'ادبي تاريخ' ۾ تہ اڃ اهي ست سورميون بنيادي حيثيت رکن ٿيون. پر هاڻي پنهنجي "سياسي تاريخ" ۾ هڪ بي بدل سُورميءَ جو اضافو ٿيو جيڪا آهي شهيد راڻي بينظير ڀٽو. جنهن کي سنڌ، پاڪستان ۽ باقي دنيا جي سياسي تاريخ ۾ تمام وڏي عرصي تائين ياد رکيو ويندو.

اسان جي تاريخ جي اها عجيب ستم ظريفي آهي جو ايڪڙ ٻيڪڙ سورمين کان سواءِ اسان ڪنهن کي ٻوڙي ماريو تہ ڪنهن کي رولي ماريو. مرد-معاشري ۾ ڪنهن سورميءَ کي اغوا ڪيو ويو تہ ڪنهن کي پاڻ ساڙي مارڻ تي مجبور ڪيو ويو. مرد بي درد اهي قهر ۽ ڪلور بہ پاڻ ڪيا ۽ وري عورتن جي پيٽ ۾ انهن سورمين تي ٿيل ڏاڍ ڏمر ٻڌي ۽ ٻڌائي ڏيل بہ پاڻ پاريا. مطلب تہ ظلم بہ مرد ذات ڪيو ۽ بعد ۾ حد کان وڌيڪ رحم دلي بہ مرد ذات ئي ڪئي. شهيد راڻي بينظير ڀٽو بہ اهڙين مظلوم سورمين ۾ شامل آهي. جڏهن هن جي سنجيدگيءَ جو سچ اپريو ئي مس، جڏهن هن جي بردباريءَ ۽ بهادريءَ تي پنهنجا



توڙي پراوا بانور ڪرڻ لڳا، جڏهن هن جي سياسي تدبر جا واهڙ وهڻ لڳا تہ هر لحاظ کان ميچوئرٽي ماڻڻ واريءَ هن سورميءَ کي مرد معاشري ماڻهن جي هجوم ۾ هوندي اڪيلو ڪري ماريو. هن جي قتل ٿيڻ جي نہ تہ مند هئي؛ نہ وري ڪا موسم. هن جي وطن واپسيءَ کي الائي ڪيترن ماڻهن اونداهي رات کان پوءِ واري باک ڄاتو هو. هن ۾ هزارن نہ پر لکين مايوس، مظلوم ۽ غريبن جون اميدون هيون. ماڻهن کي ڀروسو ٿيڻ لڳو هئو تہ ڏيهہ کي ڏڪار جي منهن ۾ ڏيندڙموڏين کان ملڪ ۽ ملت جو حساب

ڪتاب ورتو ويندو. سک ۽ شڪر جو سولو واءُ ورندو. ماڻهو معاشي بدحاليءَ جي چڪڻ مان ڇڙهي نڪرندا. غربت ۽ افلاس کي غارن ۾ دفنايو ويندو ۽ ماڻهن کي منهن تي مُرڪون موتي اينديون. پر سندس شهادت ماڻهن کي مرڪ بدران لڙڪ ڏنا، سکن بدران ڏک ڏنا ۽ ٿهڪن بدران آهون ۽ دانهون ڏنيون. سندس شهادت ڪو اوچتو حادثو ڪونه هو، پر اها هڪ سوچيل سمجهيل سازش هئي ته جيئن مستقبل ۾ سنڌ مان ڪر ڪٽندڙ ملڪي قيادت کي سدائين سدائين لاءِ مات ڏني وڃي ۽ جيئن ڪوبه سنڌ واسي يا ڪابه سنڌ واسڻ ڏڪئي وقت ۾ ملڪ ۽ ماڻهن جي واهر ڪري نه سگهي.

شهيد راڻي بينظير ڀٽو سان مان ڪڏهن به ويجهو نه رهيس. منهنجو شمار نه ته سندس سياسي پوئلڳن ۾ رهيوءِ نه وري سياسي مداحن ۾. مون کيس زندگيءَ ۾ به ٻيرا ڏٺو ۽ ٻئي ملاقاتون ڪڏهن به وساري نه ٿيون سگهجن. منهنجي ساڻس پهرين ملاقات هڪ فنڪشن ۾ ٿي. سندس شهيد ڀاءُ شاهنواز ڀٽي جي نالي ۽ ياد ۾ شاگردن جي وچ ۾ تقريري چٽا ڀيٽي ٿي. شهيد راڻي ان فنڪشن جي صدارت ڪئي ۽ مان جج طور اسٽيج تي ساڻس گڏ وينس. مختصر ڳالهه ٻولهه ٿي. پر ڪم جي ۽ ڪارائتي. هوءَ ڏاهي مائي هئي ۽ جج واري منهنجيءَ ڪارڪردگيءَ تي سندس نظر هئي. شايد منهنجي فيصلن کيس مون سان ڳالهائڻ ۾ آماده ڪيو. انهيءَ مختصر ملاقات ۾ مون کيس ٻڌايو ته مان سندن والد شهيد ذوالفقار علي ڀٽي

جو پيپلز پارٽي جي قيام کان اقتدار ۾ اچڻ تائين وڏو شيدائي رهيو آهيان، شهيد ڀٽي سان منهنجي انهيءَ زماني ۾ خط و ڪتابت به رهي، شهيد ڀٽو مون کي منهنجي خطن جا تفصيلي جواب به ڏيندو هو.

شهيد راڻيءَ سان منهنجي ٻي ملاقات جنوري 1996ع ۾ هالا ۾ ٿي.” طالب المولیٰ اڪيڊمي“ طرفان مون کي ميڊل ڏنو ويو ۽ اهو ميڊل محترمه بينظير ڀٽو جي هٿن سان ڏياريو ويو. هن فنڪشن جون ٿي ڳالهيون ڪڏهن به نه وسرنديون. فنڪشن هالا ۾ ٿي رهيو هئو، بلا شڪ گلن جي خوشبوءِ انهن مان نهيل عطر مان به ملندي آهي، پوءِ به گل گل ٿيندا آهن. هن فنڪشن ۾ محترم سائين مخدوم امين فهيم ۽ منهنجي قدردان محترم مخدوم جميل الزمان جميل هر وجه کان هر ڳالهه ڪٺي بيٺا، پر پوءِ به حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جي ياد ۽ جدائي شدت سان محسوس ٿي رهي هئي. هُن مٺيادار کي مون جنهن به فنڪشن ۾ ڏٺو، ان فنڪشن تي سندس بزرگي، شفقت ۽ علم دوستي جو رنگ ئي عجيب نظر ايندو هو. مخدوم جميل الزمان جميل جهڙو قدردان مون کي سڄي ڄمار ۾ نصيب نه ٿيو. هن محترم منهنجو شهيد راڻي بينظير ڀٽو سان تمام سُنن ۽ زبردست لفظن ۾ تعارف ڪرايو. ان وقت محترمه بينظير ڀٽو ڪلندي کيس وراڻيو ته: ”هي اهو ئي ماڻهو آهي نه جنهن پنهنجي ڳوٺ ۾ ريسرچ لائبرري جوڙي آهي.“ هن فنڪشن ۾ مخدوم سائين طالب المولیٰ جن

جي ڪمي، مخدوم محترم جميل الزمان جن جي قدرداني ۽ شهيد راڻيءَ جو حافظو، ٿي اهم ڳالهيون مون کان ڪڏهن به ڪونه وسرنديون. حافظي ۽ يادگيري جي حوالي سان مون شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جهڙو ڪوبه ماڻهو نه ڏٺو. هُن هڪ دفعو ڪنهن کي ڏٺو يا ٻڌو، اهو ڪانئس وسرندو ڪونه هو. مان جڏهن به شهيد سان مليس، مون کي نالي سان سڏيائين ۽ سڃاتائين. جڏهن هالا واري فنڪشن ۾ شهيد راڻي بينظير ڀٽو مون لاءِ چيو ته: "هي اهو ماڻهو آهي، جنهن پنهنجي ڳوٺ ۾ لائبرري ناهي آهي." ته انهيءَ جملي ٻڌڻ سان سندس والد جي ياد تازي ٿي وئي. مون ان وقت ته اهو محسوس ڪيو ته محترما بينظير ڀٽو حافظي ۽ يادگيريءَ ۾ سياست وانگر پنهنجي والد جي وارثياڻي آهي. پر اها ان وقت خبر نه هئي ته شهادت جي حوالي سان به سندس وارثياڻي آهي. ڀارت ۾ اندرا گانڌي خاندان کي شهيدن جو خاندان چيو ويندو آهي، پر ڀارت خواهه پاڪستان ۾ جيڪڏهن "شهيدن جو خاندان" آهي ته اهو شهيد راڻيءَ جو خاندان آهي. لاڙڪاڻي جي هن ڀٽا خاندان، تاريخ ۾ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته مانجهي مڙس ڪڏهن به موت سان سمجهوتو ڪونه ڪندا آهن. ذوالفقار علي ڀٽو ۽ سندس خاندان/اولاد موت سان اکيون اکين ۾ ملائي زندگي گذارڻ وارا فرد هئا.

دبئي وڃڻ کان هفتو ڏيڍ اڳ بينظير ڀٽو چند ماڻهن سان دل کولي ڪچهري ڪرڻ ۽ کين ٻڌڻ جو ارادو ڏيکاريو. مون کي پنهنجي محسن ۽ قدردان مخدوم جميل الزمان جميل فون ڪري ٻڌايو ته: " اوهان جي اڄ شام جو محترما بينظير صاحبه سان سندن خواهش مطابق ملاقات آهي." گل حيات ۾ ئي وينو هئس ته جهاز جي ٽڪيٽ هٿ ۾ ملي ۽ ڪراچي روانو ٿي ويس. "مخدوم هائوس تي پهتس ۽ سائين جميل الزمان سان حال احوال ٿيا ۽ مون ساڻن ٿيندڙ ڪچهريءَ جي پس منظر ۽ پيش منظر تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. مقرر وقت تي پاڻ مون کي "بلاول هائوس" تي وٺي ويا، جتي سابق گورنر ڪمال اظفر ۽ سينيٽر اقبال حيدر اڳ ئي موجود هئا. چند منٽن ۾ شهيد راڻي آئي ۽ ڪچهريءَ جو دور شروع ڪيو. شهيد راڻي مون سان مخاطب ٿيندي چيو ته: "ٻڌو اٿم ته توهان ووڪل آهيو ۽ سچ لکڻ خواهه ٻڌائڻ ۾ پاس خاطري يا ڊپ ڊاءَ کان ڪم نه وٺندا آهيو. مان توکي ٻڌڻ چاهيان ٿي. توهان دل کولي ڳالهايو." مون ڏاڍو ڳالهايو ۽ کولي کولي ڳالهايو. مون کي احساس هيو ته مان تاريخ جي انهيءَ ڪردار سان ڳالهائي رهيو آهيان، جنهن کي اسلامي تاريخ ۾ پهرين مسلم عورت وزير اعظم هئڻ جو اعزاز حاصل هئو ۽ جنهنجي والد ۽ ڀائرن کي شهيد ڪيو ويو هو ۽ حالتن جي ستم ظريفي اها هئي ته سنڌس ڳيرو پاءُ انهيءَ وقت قتل ڪيو ويو، جڏهن ملڪ تي سنڌس حڪمراني هئي. هن جي ڳالهين مان صاف صاف ظاهر پئي ٿيو ته ڪيس جهڙو عوام سان ڏک هو ۽ شڪايت هئي ته عوام جهڙوڪ سنڌس ۽ سنڌس خاندان جي جائز قدرداني نه

ڪئي ۽ ماڻهو جهڙوڪ سندن قربانيون وساري وينا هئا ان ڪري نه ته سندس ڀاءُ مير مرتضيٰ جي شهادت وقت جو رد عمل ٿيو ۽ نه وري هن جي حڪومت ڊاهڻ تي ماڻهن کو ٻوڙو ٻاريو. ويتر چوندن ۾ به عوام غيرن کي پنهنجو ڪيو.

انهن ڳالهين تي منهنجو مؤقف نه فقط نرالو پر چرڪائيندڙ پڻ هو. مون ڪيس ٻڌايو ته شهيد ڀٽي کي بيگناهه ڦاهيءَ تي لٽڪايو ويو ته ماڻهن محبت ۽ عقيدت جا مثال قائم ڪيا ۽ پاڻ ساڙيو ۽ ماريو. شهيد ڀٽي کان پوءِ سياست ۽ تاريخ جي ڪايا پلٽ ٿي وئي. سياست جا معيار بدلجي ويا. اقتدار جي ڪرسي تائين پهچڻ جا دڳ ۽ طريقا مٽجي ويا. ان ڪري ماڻهن جي سياسي نسبتن، قربتن ۽ محبتن جا معيار به ٻي صورت وٺڻ لڳا.

مون کي ياد آهي ته شهيد راڻي مون کان وضاحت طلبيندي چيو: ”اقتدار ۾ ته چوندن ذريعي اچبو آهي. تون ڪيئن ٿو چئين ته اقتدار جي ڪرسيءَ تائين پهچڻ جا دڳ ۽ طريقا مٽجي ويا آهن.“ مون پنهنجي مؤقف جي تائيد ۾ سندن توجهه ميان نواز شريف جي انهي بيان ڏانهن ڇڪرايو، جيڪو اخبارن ۾ شايع ٿي چڪو هو ۽ جنهن ۾ هن چيو هو ته:”خدا جو شڪر آهي جو اسان کي طئي ٿيل تعداد کان وڌيڪ سيٽون مليون آهن.“ الٽو مون شهيد راڻي کان انهيءَ بيان جي روحاني راز معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ دريافت ڪيو ته چوندن کان اڳ ڪيئن طئي ٿيو ته ڪنهن کي ڪيتريون سيٽون ملڻ گهرجن؟“

شهيد راڻي مون کي غور سان ڏسندي رهي. مون ڪيس گذارش ڪئي ته بيبي صاحبه! جن کي عوام چوندبندو آهي، يا جيڪي عوام جي ترجماني ڪندا آهن، انهن جي ڏک سک کي عوام پنهنجو ڏک سک سمجهندو آهي. شهيد راڻي تحمل، بردباريءَ ۽ برداشت جا واهڙ وهائي ڇڏيا، ۽ مون کي ڪلندي چيائين: ”تون اهو چوڻ چاهين ٿو ته منهنجي حڪومت عوام لاءِ نه هئي؟“ مون ڪيس عرض ڪيو هو ته: ”بيبي صاحبه! اوهان پنهنجي والد وانگر عوام جا هردلعزيز اڳواڻ هئا ۽ آهيو، پر اوهان سان اهڙا ڪوڙ سارا حڪومت ۾ هئا جن جو عوام سان تر جيترو به واسطو ڪونه هئو.“ ڪمال اظفر وڌيڪ برداشت ڪري نه سگهيو ۽ چيائين: ”مثلاً “ مون چيو: ”جيئن اوهان“ هن جي منهن جو رنگ مٽجي ويو. مون ڪيس مخاطب ٿيندي چيو ته: ” ڪو ماڻهو آمريڪا جي صدر کي خط لکي ٿو ته ان کي موٽ ملي ٿي. تو کي به ياد آهي ته مون تو کي ڪيترا خط لکيا هوندا ۽ ڪيتريون عيد مبارڪون موڪليون هونديون؟ ڪنهن هڪ جو جواب به تو ڪو نه ڏنو. مون کي تو کان نه ته نوڪريٰ ورتي هئي نه ڪا مالي امداد. مون ته پنهنجي خطن ۾ اهي ئي ڳالهيون ڪيون ته اقتدار ۾ اچڻ واري پارٽي پنهنجي ئي حڪومت ۽ پارٽيءَ تي تحقيقي اهميت وارا ڪهڙا ڪم ڪرائي.“ ۽ پوءِ خاموش ٿي ويو.

شهيد راڻيءَ سان ڏاڍيون ڳالهيون ٿيون. هن ڪچهريءَ ۾ اسان کي ڏاڍا لذيذ چولا ڪارايا ويا هئا ۽ وقفي بعد چانهه پياري وئي هئي. تورن ڏينهن کان پوءِ شهيد راڻي دبئي هلي وئي ۽ جڏهن سالن کان پوءِ موٽي آئي ته ڪيس پنهنجي جان جو نذرانو ڏيڻو پيو. هن جي

خون ناحق پاڪستان جي تاريخ ۽ سياست ۾ انقلابي تبديليون آنديون. ائين ٿيو ۽ اهڙو ٿيو جنهن لاءِ ماڻهن سوچيو ئي ڪونه هو ۽ اڳتي به ائين ٿيندو، جنهن لاءِ اسان في الحال سوچڻ لاءِ به تيار ڪونه آهيون. ٿيڻيون اڻٿيڻيون ۽ اڻ ٿيڻيون ٿيڻيون ٿينديون.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سان منهنجي سياسي عقيدت ۽ محبت رهي. هن جيڪي مون ڏانهن خط لکيا، اهي مون سيني سان سانڍي رکيا. سندس خط ملڪ جي مستقبل جي سياست لاءِ پيش گوئين برابر آهن. شهيد ڀٽي جي حڪمرانيءَ ۾ ئي مان پنهنجي لياقت ۽ صلاحيت تي ڪاليجي استاد ٿيس. منهنجي تقرري ڪراچيءَ ۾ ٿي ۽ تمام ويجهڙائي سان ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ جو موقعو مليو ته حالتن جو اُٺ ڪيئن پيو پاسا بدلائي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي بيگناهه ڦاهي چاڙهيو ويو ۽ جڏهن اها خبر ريڊيو تان نشر ڪئي وئي ته مان ان وقت هڪ سرڪاري لائبرريءَ ۾ پنهنجي تحقيقي ڪم ۾ مصروف هئس. ٻيو واري ڪمري ۾ لائبرري جو عملدار ۽ ٻيا ملازم ويٺل هئا. مون ريڊيو تان نشر ٿيندڙ اها منحوس خبر ته ڪانه ٻڌي، پر ان ڪمري ۾ ويٺل ماڻهن جا تبصرا ضرور ٻڌم. ڪنهن تي چيو ته: ”ڏاڍو غلط ٿيو ۽ هاڻي سنڌي ان تي سخت رد عمل ڏيکاريندا ۽ حالتون خراب ٿينديون.“ ۽ ڪي ئي اهڙن ماڻهن کي دلداري ڏني ته: ”هنن سمورن حرامزادن لاءِ هڪ بم ئي ڪافي آهي: نه رهندو بانس ۽ نه نهندي بانسري.“ شام جو جماعت اسلامي سان لاڳاپيل ڪاليجي استاد مٺائي ڪٺي آيا. مون ڪين سنڌي جي اها چوڻي ٻڌائي هئي ته: ”مرڻ نه مهڻو، پرڻون نه گار.“ پوءِ جڏهن بزرگ ۽ ديني عالم مولانا مودودي گذاري ويو ته مان وٽن لنگهي ويس ته جيئن قرض لاهي سگهان. ان وقت هو ڏاڍو رنا هئا ۽ معافيون طلبيون هيائون.

ايم. آر. ڊيءَ جي تحريڪ هلي ته آءٌ ڪراچيءَ ۾ هئس هن تحريڪ ۾ منهنجو هن ريت ڪردار رهيو ته ايم.آر. ڊي ڊڪليئريشن جو ڊرافٽ پيار علي الانا تيار ڪيو هو ۽ ان وقت مان ساڻس گڏ هُئس، بلڪ هن کان ڊڪٽيشن ورتم ۽ پنهنجو اِن پُٽ به ڏنم.

هن تحريڪ هلڻ دوران مون کي خيال آيو ته تاريخي اهميت واري مواد ۽ معلومات جي ميڙي چونڊي ٿيڻ گهرجي. پوءِ مون شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سان گڏ شهيد راڻي ۽ سندس والده جا بيان گڏ ڪرڻ شروع ڪيا. ايم.آر.ڊي تي مواد گڏ ڪرڻ جو آغاز ڪيم، ان کان پوءِ پارٽيءَ جي ڪارڪنن، شهيدن، اڳواڻن ۽ تحريڪن تي ميڙي چونڊي جو سلسلو شروع ٿيو. منهنجي خيال ۾ غير سرڪاري سطح تي ۽ عوامي سطح تي شهيد راڻيءَ، سندس خاندان، پارٽي، پارٽي اڳواڻن ۽ حڪومت تي جيڪو مواد گل حيات ۾ گڏ ڪيو ويو آهي، اهو شايد ئي ڪنهن خانداني يا ذاتي لائبرري ۾ موجود هجي. اردو، سنڌي ۽ انگريزي اخبارن خواهه رسالن کي آڏار بڻائي ايترو ته مواد گڏ ڪيو ويو آهي، جيڪو ڪنهن نئين اداري جو بنياد بڻجي سگهجي ٿو. هن ميڙيءَ چونڊيءَ جا تفصيل اسان جي پنهنجي ويب سائيٽ www.gulhayat.com تي موجود آهن. جيئن شهيد راڻي لکها ماڻهن جي دلين ۾ اڄ به موجود آهي، تيئن سنڌ جي هيءَ انين سورمي گل حيات جي علمي ۽ قلمي خزاني ۾ موجود آهي.

امداد حسيني

# اُها ئي بينظير آهي!

ڪيڏو نه خوبصورت نالو. بلڪ، ڪيڏو نه صحيح نالو آهي! اها ساڳي ڳالهه سنڌس پيءُ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي لاءِ به سچ آهي ۽ سنڌس امڙ لاءِ به، جنهن جو نالو نصرت ڀٽو آهي. هونئن اهي ٽيئي نالا فارسي، عربي ۽ سنڌيءَ جو مرڪب آهن. 'ڀٽو' ذات آهي، پر هتي ائين ٿو لڳي ته ڄڻ انهن نالن جو اٽيچ ڀاڱو هجي! 'ڀٽو' لفظ انهن نالن کي نيٺ سنڌي بڻائي ٿو ڇڏي.



ظاهر آهي ته اهي نالا: بينظير، ذوالفقار علي ۽ نصرت مائٽن ئي رکيا هوندا. آءٌ سوچيان ٿو ته انهن نالن رکڻ مهل مائٽن جيِ ذهن ۾ ڪهڙي سوچ هئي؟ ڪهڙو پيش منظر هو؟ ڪهڙو Vision هو؟ ڇا هو؟ هو به يا نه! ضرور هوندو. ڇاڪاڻ ته مائٽ جڏهن وياءَ تي نالو رکندا آهن، تڏهن سندس ذهن ۾، اُن جي سٺي آئيندي لاءِ، گهڻو ڪجهه هوندو آهي. دعائون هونديون آهن، نيڪ تمنائون هونديون آهن. حسين خواب هوندا آهن. ۽ ڏٽيءَ جي ٻاجهه سٻاجهه سان، اهي دعائون، اُن گهڙيءَ اگهامي وينديون آهن. بينظير جو مطلب آهي- لاثاني. جنهن جو ڪو به مَٽ نه هجي. جنهن جو ڪو به جوڙجيس نه هجي.

اها چوڻي عام آهي ته " گلاب تي ڪهڙو به نالو رکو، اُهو گلاب ئي رهندو." پر جيڪڏهن گُل سهڻو هجي، واس ۽ وڻ به هجيس ۽ نالو به سهڻو هجيس ته اهو ته سون تي سهاڳ، وانگر آهي ڇڻڪ ڪير ۾ ڪند، سو بينظير تي به بينظير نالو ئي سُونهي ٿو.

جڏهن 'سرتيون' جي ايڊيٽر 'سرتيون' شهيد بينظير ڀٽو نمبر لاءِ مواد ڏيڻ لاءِ ٻيهر مون کي چيو. تڏهن مون هڪ مُرڪ مُرڪي هئي. هڪ رُنل مُرڪ، ۽ مون کي پنهنجو هيءُ مختصر نظم ياد اچي ويو هو:

اکين ۾ لُڙڪ جي صورت
چپن تي مُرڪ جي صورت
رهي ٿي جا اُهائي بينظير آهي!

اتاهه پيڙ، ڏک، مايوسيءَ يا گهري صدمي، انتهائي ڏکوئيندڙ واقعي، حادثي يا سانحي

ڪي لفظن ۾ لکڻ ايترو سولو به نه آهي. اهڙي وارتا کي شاعريءَ ۾ جامع طور بيان ڪري سگهجي ٿو، پر ان لاءِ به انهيءَ پيڙ مان پيهر گذرڻو پئي ٿو.

سائڻ بينظير جي شهادت کان پوءِ جڏهن هر گهر ۾ تڏو وڇايل آهي ۽ هر ماڻهوءَ جي اک آلي آهي ۽ من ۾ ماتم آهي، تڏهن اهو سمورو درد لفظن جي روپ ۾ سِٽن ۾ اوتڻ ڪيڏو نه ڏکيو آهي.

جڏهن اوڻهينءَ جي رات هجي ۽ گهاتو جُهڙ به هجي، تڏهن ڪيڏي ڪيڏي مهل ڪنهن تاري جو ٽِڪو به اتاهه نراسائن ۾، من ۾ آس جاڳائي ويندو آهي. نراسائن جي اهڙي ئي انڌي اونداهي آڪاس تي ساروڻيءَ جو هڪ تارو ٽمڪيو ۽ نيڻن جي نير ۾ چمڪيو،

جيڪو تارو گهڻو چمڪي ٿو سين تارن کان
روح جا زخم ڳَڻڻ لاءِ اُتي ويهي رهيو!

آءٌ اوڻٽهينءَ جي جهڙالي اُماس رات ۾ اُن اڪيلي ٽمڪندڙ تاري تي نيڻ کپائي ٿو چڏيان. اهو تارو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو آهي. هڪ ساروڻي ٿي سنيريم. ايوب خاني آمريت جا شروعاتي ڏينهن هئا. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صنعت ۽ واپار جو وزير هو. آءٌ پنهنجي ننڍي ڀڦيءَ انور جي گهر بلڊنگ نمبر 19، گهٽي نمبر- 3 پڪي قلعي ۾ رهندو هوس. ان جي سامهون بلڊنگ نمبر 25 ۾ شبير هاتف وارا رهندا هئا. چاچا الله بخش شاهه ۽ چاچا اڪرم شاهه 1948ع ۾ تکڙ مان لڏي اچي پڪي قلعي حيدرآباد سنڌ ۾ رهيا هئا ۽ چاچا الله بخش شاهه (شبير هاتف جي پيءُ جو ڪٽنب) به انهيءَ عرصي ۾ تکڙ مان لڏي پڪي قلعي حيدرآباد سنڌ ۾ اچي رهيو هو. حيدرآباد سنڌ ۾ مهاجرن جا ڪٽڪ اچڻ شروع ٿي ويا هئا. ۽ سنڌي مسلمان انهن کي اسٽيشن تان، گلن جا هار پارائي، هندن جي ڇڏيل جاين جا ڪرف ڀڃي، رهائي رهيا هئا. پڪي قلعي ۾ سنڌي مسلمانن جون ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ جايون هيون، جن تي به حملا ٿيڻ لڳا، جيڪي ٿورڙي تعداد ۾ هوندي به سنڌي ناڪام ڪندا رهيا. پوءِ سائين ميران محمد شاهه، جيڪو تڏهن سنڌ سرڪار ۾ آبادڪاريءَ جو وزير هو، شبير هاتف وارن جي بلڊنگ هينان فورس ويهاري ڇڏي ۽ انهن حملن ۾ ناپر اچي وئي. سو، انهيءَ پڪي قلعي جي گهٽي نمبر- 3 جي بلڊنگ نمبر- 19 جي هينان گودامن ۾ ”ڊيلي انڊس ٽائيمز“ جي آفيس قائم ڪئي وئي هئي ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي ان جي افتتاح ڪرڻ لاءِ اچڻو هو. نمبر- 19 بلڊنگ چاچا اڪرم شاهه جو هندو دوست سندس حوالي ڪري ويو هو ۽ اُتي چاچا اڪرم شاهه، چاچا اشرف شاهه جو ڪٽنب رهندو هو. ان جاءِ جي مٿئين حصي ۾ نانا وڏو (عبدالحڪيم شاهه) ۽ سڪندر شاهه ۽ چاچا عظيم شاهه وارا رهندا هئا. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ”ڊيلي انڊس ٽائيمز“ جو افتتاح ڪري، مٿي آيو جتي ڪيس آجياڻو ڏنو ويو. مون چاچا اڪرم شاهه جي پُٽ سجاد علي شاهه کي ڊائري ۽ پين ڏني ته ڀٽي صاحب کان آٽوگراف وٺي. ڀٽي صاحب آٽو گراف طور پنهنجي صحي هنئي. هي اُهي ڏينهن هئا، جڏهن

دهشتگردن منهنجي سؤٽ سڪندر شاھ جي پٽ صائم، ۽ منهنجيءَ پڦيءَ جي پُٽ عبدالحليم شاھ (محمد شاھ) جو اجا خون نہ ڪيو هو ۽ انهن جا گهر نہ لٽيا هئا! مان اکيون بند ڪريان تہ لڙڪ منهنجي ڳلن تان لڙن ٿا.

اکيون کوليان ٿو تہ هڪ ساروٽيءَ جو تارو، جهڙالي اُماس رات جي اُڀ تان ٽمڪي، نيڻ جي نير ۾ چمڪيو. اهو روشن تارو شهيد بينظير ڀٽو هئي! چٽ تي هڪ چِٽ چِٽجي ٿو وڃي، حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رح جو ميلو آهي. مون سان گڏ منهنجو پُٽ ساونت علي شاھ (سخي) بہ آهي. وزير اعظم پاڪستان بينظير ڀٽو اچڻي آهي. آءٌ سخيءَ کي ميلي گهمائڻ لاءِ پنڊال مان ٻاهر نڪري آيو آهيان. واپسيءَ تي پوليس وارا اسان کي اندر نٿا وڃڻ ڏين، جيتوڻيڪ مون وٽ ڪارڊ بہ آهي جنهن کي سيڪيورٽيءَ جو ٺپو پڻ لڳل آهي. آءٌ هڪڙيءَ تي، هُو ٻيءَ تي، پريان هڪ پوليس وارو وڏي اچي ٿو ۽ چئي ٿو: ”اڙي، سائينءَ کي نٿا سڃاڻو! سائين امداد حسيني آهي، سنڌي شاعر ....!“ ۽ پوليس وارا معافي ٿا گهرن ۽ رستو ٿا ڏين. آءٌ اُن پوليس واري جا ٿورا ٿو مڃان. پنڊال ڀرجي چڪو آهي. اسان کي پنڊال جي ٻئين حصي ۾ ويهاريو ويو آهي. ڪجھ ئي دير ۾ وزيراعظم پاڪستان بينظير ڀٽو، پنهنجي مخصوص ڪرشماتي مُرڪ مُرڪندي، نعرن جو هٿ لوڏي جواب ڏيندي اندر داخل ٿئي ٿي. سنڌس ور آصف علي زرداري بہ ساڻس گڏ آهي. منهنجي هٿ ۾ اهائي ڊائري آهي، جنهن تي ذوالفقار علي ڀُٽي جو ڏنل آٽو گراف آهي. دل چاهي ٿي تہ سائڻ بينظير کان بہ ان تي آٽوگراف وٺان. آءٌ سخيءَ کي ڊائري ڏيان ٿو انهيءَ مقصد سان، پر سيڪيورٽيءَ جي ڪري پنڊال جي پهرئين حصي ۾ وڃڻ ممڪن ناهي. بينظير کي روبرو، آمهون سامهون ڏسڻ جي حسرت، حسرت ئي رهجي وئي! پر اها حسرت ختم ڪڏهن بہ ڪا نہ ٿي. بلڪ وڌي وڻ ٿيندي رهي. نيٺ، اُهو لمحو بہ زندگيءَ ۾ آيو. اُهو لمحو منهنجي زندگيءَ ۾ اڄ بہ روشن آهي.

ٿيو هيئن جو قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائينءَ جي پهرين ورسي هئي. هالا ۾ انهيءَ موقعي تي زندگيءَ جي مختلف شعبن جي حوالي سان طالب المولىٰ ايوارڊ پڻ ڏنا ويا. شاعريءَ جو ”طالب المولىٰ ايوارڊ“ منهنجي پُڪي پيو، ان ايوارڊ جي منهنجي لاءِ هڪ اهم معنىٰ آهي. هڪ تہ اهو ايوارڊ قبلہ طالب المولىٰ سائينءَ جي نالي سان هو. ٻيو تہ اهو ايوارڊ سائڻ بينظير هٿان ملي رهيو هو. منهنجو نالو انائونس ٿيو. آءٌ اسٽيج تي ويس ۽ اُها هستي منهنجي سامهون هئي ۽ اڄ بہ اُها سهڻي صورت مرڪندڙ مورت منهنجي اکين ۾ زندھ آهي! آءٌ اوٽهينءَ جي جهڙالي رات ۾ اُن ستاري تي اکيون کپائي ٿو ڇڏيان ۽ اُهو تارو وڏيڪ چمڪڻ ٿو لڳي ۽ اکين ۾ لهي ٿو اچي. ۽ لڙڪن لار ڳلن تي لڙي ٿي:

**ڳلن تان ڳاڙها ڳوڙها ڳاڙي**
**پاڻ بہ ميڻ بتيءَ جان ڳاريون**
**۽ اوساريون!**

کرسٽينا ليمب / يوسف سنڌي

# بينظير ڀٽو سان گهاريل ڪجهه گهڙيون



ڪرسمس جا ڏهاڙا. جمع واري رات 27 ڊسمبر 2007ع تي اسين خوبصورت ”پورچوگالي ڳوٺ ”اوبيڊوس“ جي سانتا قلعي ۾ گهڙي رهيا هئاسين، جو منهنجي موبائيل تي هيءُ پيغام پهتو. ”بم ڌماڪي جي نتيجي ۾ بينظير ڀٽو سخت زخمي ٿي پئي آهي. هوءَ اسپتال ۾ آهي، جتي ڊاڪٽر کيس بچائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيا آهن.“ مون اتي موجود ميڙ مان پاڻ کي ٻاهر ڪڍي، پنهنجي فون ٻُڌڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن جي گهنٽي ڪافي دير کان وڄي رهي هئي. ان کان هڪدم پوءِ مون کي ٻيو پيغام مليو. ”نيوزايجنسين خبر ڏني آهي، ته بينظير ڀٽو فوت ٿي چڪي آهي.“

اهو پيغام ملندي ئي مون ائين محسوس ڪيو، ڄڻ آسپاس جي هر شيءِ ڌنڌلي ٿي چڪي هجي.

ڪرسمس جي ان موقعي تي منهنجا والدين ۽ اٺن سالن جو پُٽ به مون سان گڏ هئا. ٻن مهينن کان اڳ جو منظر منهنجي اکين جي اڳيان اڀري ويو. جڏهن بينظير ڀٽو وڏي فخر واري احساس سان، پنهنجي وڏي پُٽ بلاول کي آڪسفورڊ ۾ داخلا ڏيارڻ جي لاءِ آئي هئي. ” هي ٻار به ڪيترو نه جلد وڏا ٿي تا وڃن.“ هن مون کي چيو هو ”جڏهن تنهنجو پُٽ به وڏو ٿي ويندو ته تون به مون جيان محسوس ڪندينءَ، پوءِ تو کي ڏاڍو مزو ايندو.“

ان ملاقات کان هڪ هفتو پوءِ اسين ڪراچيءَ ۾ ان وڏي بس تي گڏ سفر ڪري رهيا هئاسين، جنهن تي بمن سان حملي ڪيو ويو هو. بينظير ڀٽو ان حملو ۾ ذري گهٽ بچي ويئي. پر مون ان وقت ئي اهو اندازو ڪري ورتو هو ته قاتل نيٺ به هن جي زندگي جو ڏيئو اُجهائي ڇڏيندا.

پاڪستاني سياست، عوام جي وچ ۾ گذارڻ جو ٻيو نالو آهي. اوهان کي گهر مان ٻاهر نڪري ماڻهن ۾ وڃڻو پوي ٿو. پوءِ ڀلي اوهان کي ڪيتري به جسماني تڪليف ڇو نه سهڻي

پوي. هوءَ جيترو وقت بہ رستي تي بس ۾ سوار رهي. هن بلٽ پروف پليٽ جي پويان بيهڻ گوارا نہ ڪيو، جيڪا هن جي حفاظت جي لاءِ تيار ڪئي وئي هئي. تنهن ڪري هوءَ بس ۾ بلڪل سامهون بيٺي رهي، يا وري پنهنجي مداحن جي حوصلي افزائيءَ جي لاءِ بلٽ پروف ڪار جي ڇت مان ٻاهر نڪري بيهي، انهن جي پُرجوش نعرن جي جواب ڏيڻ ۾ مصروف رهي. هن پنهنجي پيءُ کي ڦاسيءَ تي چڙهندي ۽ پنهنجي ٻن ڀائرن کي قِتل ٿيندي بہ ڏٺو هو. تنهن ڪري ڪائنس وڌيڪ ڀيو ڪو بہ اهو بهتر نموني ڄاڻي نٿو سگهي، تہ هن جي راهہ ۾ ڪيترا نہ لڪل خطرا ۽ ڪهڙا تہ خدشا آهن. ”ڇا اهو صحيح آهي؟“ هن جو بس اهوئي جواب هوندو هو: ”مون کي پنهنجي رب جي ذات تي پورو ڀروسو آهي ۽ آءٌ پاڪستاني عوام تي مڪمل اعتماد تي رڪان.“

جيڪڏهن آءٌ پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن دلير، بهادر ۽ همت واري انسان سان ملي آهيان تہ ان جو نالو ’بينظير ڀٽو‘ آهي. هن جهڙي خطرن سان مُنهان منهن ٿيندڙ جري عورت مون اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏٺي. بيشڪ هن ۾ ڪي خاميون بہ هيون، پر ان هوندي بہ هوءَ پنهنجي ملڪ ۽ عوام جي اميدن کي نهايت بهتر انداز سان پوري ڪرڻ جي هر ممڪن صلاحيت رکندي هئي.



ڪوالالمپور، ملائيشيا: شهيد راڻي پنهنجي پٽ بلاول ڀٽو زرداري سان گڏ 22 آڪٽوبر 1989ع

اڄ کان ويهہ سال اڳ جو واقعو آهي. يعني ڊسمبر 1987ع جو، آءٌ ڪراچيءَ ۾ هيس ۽ اڄا ننڊ مان جاڳي هيس. فضا ۾ عجيب نميءَ جو احساس موجود هو. چنبيليءَ جي مهڪ ۽ مينديءَ جي خوشبوءِ منهنجي سڄي وجود ۾ واسو ڪري چڪي هئي. آسمان تي آتش بازيءَ جا گل ۽ ستارا رقصان هئا. بينظير ڀٽي جي شاديءَ جون تقريبون زور شور سان جاري هيون. اِهي ئي اُهي گهڙيون هيون، جڏهن منهنجي زندگي هميشہ هميشہ جي لاءِ نئين تبديليءَ سان هم ڪنار ٿي ويئي، پنهنجي جوانيءَ جي زماني ۾ ئي مون کي مهم جوئي جو جنون هو. برطانيا ۾ پنهنجي تعليم جي دوران پنهنجي ان مهم جوئي جي شوق جي ڪري مون کي پنهنجو ڪلاس ختم ٿيڻ کان پوءِ بہ اتي ئي ترسڻو پوندو هو ۽ سزا طور مليل ڪم جلد اُڪلائڻو پوندو هو. انهن گهڙين ۾ ڪلاس روم جي درين ۾ لڳل شيشن مان آءٌ ڏورانهن هنڌن جون دنيائون ڏسڻ ۽ ڪجهہ ڪرڻ جا خواب ڏسڻ ۾ محو رهندي هيس. ۽ اها بينظير ڀٽو ئي هئي. جنهن مون کي انهن ڏورانهن دنيائن تائين پهچڻ جو موقعو فراهم ڪيو. هن جي دنيا منهنجي دنيا کان صفا مختلف هئي. منهنجو واسطو برطانيا جي هيٺين ۽ وچولي طبقي

سان هو. جڏهن تہ بينظير ڀٽو وات ۾ سونو چمچو پائي ڄائي هئي. ڀٽو گهراڻو نهايت وسيع ملڪيت ۽ جائيدادن جو مالڪ هو، تنهن ڪانسواءِ هن جي زندگيءَ ۾ روشنين ۽ اونداهين جو خاص مقام هو. ڪيس جوانيءَ جي زماني ۾ ئي طاقت ۽ تڪليف ٻنهي جو چڱيءَ طرح تجربو ٿي چڪو هو. سندس پيءُ ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جو وزيراعظم هو ۽ جنهن کي فوج اقتدار تان لاهي ڦاسي ڏيئي ڇڏي هئي. آڪسفورڊ ۾ تعليم جي دوران بينظير ڀٽي جو ڳاٽيٽو انتهائي ذهين ۽ قابل شاگردياڻين ۾ ٿيندو هو. هوءَ پهرين ايشيائي شاگردياڻي هئي، جنهن کي آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جو سربراهه چونڊيو ويو هو. هوءَ پنهنجي پيلي رنگ جي اسپورٽس ڪار ۾ گهمندي وتندي هئي. آءٌ ڪيس اڪثر ڏسندي هيس، مون کي يونيورسٽيءَ مان ڇپجندڙ اخبار WELL CHER جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو هو ۽ اسين اڪثر هڪٻئي سان ملنديون رهنديون هيوسين. 1987ع ۾ گرمين جي مند ۾ 'فنانشل ٽائمز' جي انٽرن شپ دوران مون کي هڪ ڊنر ۾ شرڪت جو موقعو مليو، جتي پيپلزپارٽيءَ سان واسطو رکندڙ هڪ شخص مون کان پڇيو "ڇا تون بينظير ڀٽو کان انٽرويو وٺڻ پسند ڪندينءَ؟" مون هڪدم وراڻيو: "هائو، ضرور ڪنديس." هيءُ اهو زمانو هو، هن جي مڱڻي جو باقاعده اعلان ٿي چڪو هو ۽ هوءَ پنهنجي لنڊن واري فليٽ ۾ گلن جي خوشبوئن ۽ مٺ ٻتين جي روشنين ۾ گهيري ويئي هئي. ڪنهن ڪنهن مهل هن جو لهجو ڪافي سرد ۽ خشڪي جو حامل نظر ٿي آيو ۽ بظاهر توريل تڪيل انداز ۾ رهڻ واري محسوس ٿي رهي هئي. پر ان سان گڏ هوءَ نهايت گرمجوش ۽ بي تڪلف بہ محسوس ٿي. تنهن ڪري ان پهرين ملاقات جي دوران ئي اسان جي وچ ۾ دوستي ۽ پنهنجائپ جو رستو جڙي ويو. اهو منهنجو بينظير ڀٽو کان ڪيل پهريون انٽرويو هو، جيڪو هڪ وڏي قومي اخبار ۾ ڇپيو ۽ منهنجي منزل جي لاءِ انهيءَ انٽرويوءَ ئي فيصلو ڪندڙ ڪردار بہ ادا ڪيو. ان وقت پاڪستان جو صدر ضياءُ الحق هو، جنهن بينظير ڀٽو جي پيءُ کي ڦاسي ڏني هئي. آمريڪا جنرل ضياءالحق جي مڪمل پٺڀرائي ڪري رهيو هو تہ جيئن افغانستان مان روسي فوج جي واپسيءَ ۾ ان جي ڀرپور مدد حاصل ڪري سگهجي. پر بينظير ڀٽو جي پيپلزپارٽي ملڪ ۾ عام چونڊن جي گهر ڪري رهي هئي. ان وقت مون پنهنجي ايڪيهن سالن جي صحافتي ۽ سياسي تجربي جي آڌار تي لکيو هو:

"ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ جيڪڏهن سياڻي ئي شفاف ۽ آزادانہ عام چونڊون ٿيون تہ بينظير ڀٽو واضح اڪثريت سان کٽي ويندي. بدقسمتيءَ سان پاڪستان ۾ سياسي فتح ۽ ڪاميابيءَ جو تعين مقبوليت جي بدران فوجي جرنيل، واپاري برادري ۽ مُلن جي هٿن ۾ هوندو آهي، جن تي انهن جا آمريڪي سرپرست گهري ۽ ڪڙي نظر رکن ٿا."

ان ئي انٽرويو ۾ مون اڳ ڪٿي ڪئي هئي تہ "بينظير ڀٽي کي پنهنجي پيءُ جي جاءِ وٺڻ

جي لاءِ هڪ ڏکيو وقت ڪپندو ۽ جيڪڏهن فرض ڪريو ته هوءَ اقتدار ۾ اچي به ويئي ته پنهنجي مبهم پاليسين جي نتيجي ۾ هوءَ ڪاميابي ماڻي نه سگهندي." ظاهر آهي ته منهنجي اها اڳ ڪٿي بلڪل غلط ثابت ٿي. پر ان جي باوجود به بينظير ڀٽي مون کي پنهنجي شاديءَ ۾ شرڪت جي لاءِ دعوت نامو موڪلڻ بلڪل نه وساريو. ڪجهه ئي ڏينهن ڪانپوءِ آءٌ هن جي شاديءَ ۾ شرڪت جي لاءِ 70 ڪلفٽن پهچي ويس، جتي شاديءَ جون تياريون زور شور سان جاري هيون. ان موقعي تي به هن هر معاملي ۾ وڏي سادگيءَ جو ثبوت ڏنو ۽ انهن سيني روايتن ۽ رسمن کي ميڃڻ کان اهو چئي انڪار ڪيو ته. "آءٌ هڪ اڳواڻ آهيان". پنهنجي انڪار جو باقاعده اعلان ڪندي بينظير ڀٽي چيو ته "هوءَ پنهنجي مذهبي ذميدارين ۽ فرض سان گڏوگڏ پنهنجي گهراڻي جي مرضي ۽ خواهش موجب شاديءَ جي لاءِ پنهنجي رضامنديءَ جو اظهار ٿي ڪريان. جنهن جو پيغام منهنجي امڙ قبول ڪري ورتو آهي." پاڪستان جي اڪثر ملاقاتين جو خيال هو ته طئه ٿيل شادي ئي سني هوندي آهي، ڇو ته اوهان جي ذهن ۾ اڳ ۾ سوچيل ۽ سمجهيل تصور ۽ اميدون نه هونديون آهن، تنهن ڪري زال ۽ مڙس شادي کان پوءِ ئي هڪٻئي سان محبت ڪرڻ سگهندا آهن.

ان دوران ڪيترائي واقعا ظاهر ٿيا. جنرل ضياءالحق هوائي جهاز جي حادثي ۾ پنهنجي ڪيترن ئي ساٿين سان گڏ مارجي ويو. ان کان پوءِ جنرل اسلم بيگ فوجي اقتدار



سنڀاليو ۽ عام چونڊون ڪرايون. جنهن ۾ بينظير ڀٽي جي پاڪستان پيپلزپارٽي سيني کان گهڻا ووٽ حاصل ڪيا. ان عرصي دوران بينظير ڀٽو به پيرا پاڪستان جي وزيراعظم ٿي، پر هر ڀيري ڪنهن نه ڪنهن سازش ۽ بهاني سان هن جي چونڊيل جمهوري حڪومت کي هٽايو ويو. نيٺ آڪٽوبر 1999ع ۾، جنرل پرويز مشرف، نواز شريف جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري، اقتدار تي قبضو ڪري ورتو.

افغانستان مان روسي فوج جي واپسي کان پوءِ اها ڳالهه مڪمل طور تي چٽي ٿي چڪي هئي، ته افغانستان جو مسئلو ۽ معاملو اڃا به پنهنجي جاءِ تي بدستور موجود آهي ۽ اها جنگ لڳاتار جاري رهندي، جنهن جو اصل محرڪ ۽ سبب پاڪستان ۾ موجود آهي. اولهه جيترو به چاهي فوج افغانستان رواني ڪري سگهيو ٿي، پر پاڪستان جي ديني ۽ مذهبي مدرسن جي فارغ التحصال ڪتابين (طالبن) جو افغانستان آمد جو مسئلو، جيئن

جو تيئن ٿي رهي ها. اهي فوجون پاڪستان مان طالبانن جي آمد کي روڪڻ ۾ ناڪام ٿي چڪيون هيون. تنهن ڪري نيٺ آمريڪي انتظاميا ۽ اولهه جي ملڪن جون حڪومتون ان نتيجي تي پهتيون، ته افغانستان ۾ طالبانن جي پاڪستان مان آمد کي هر قيمت تي روڪڻو پوندو ۽ نيڪ اهوئي وقت هو جڏهن بينظير ڀٽو ان منظر نامي تي واضح ٿيڻ شروع



ٿي، جيئن جيئن موجوده حڪمرانن جا پاڪستان جي حڪومت تي هٿ ڍرا ٿيڻ شروع ٿيا، تيئن حڪومت ۽ انتظاميا جنرل مشرف تي ان ڳالهه جو دٻاءُ وجهڻ شروع ڪيو، ته جيترو جلد ٿي سگهي، بينظير ڀٽي سان سياسي مفاهمت ڪري ونجي ته جيئن بئي گڏجي پاڪستان کي ائٽمي هٿيارن سان بنياد پرست ملڪ بنجڻ کان روڪي سگهن. جيتوڻيڪ اهو منظر نامو، حقيقت کان ڪوهين ڏور ۽ ناممڪن هو. جو ته اقتدار سنڀالڻ کان هڪدم پوءِ نومبر 1999ع ۾ جنرل مشرف مون کي ٻڌايو هو ته ”اڄ پاڪستان جنهن مصيبت ۾ ڦاٿل آهي، ان جو ذميوار بينظير ڀٽي کان سواءِ ٻيو ڪير به ڪونهي.“ هن پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو هو، ”توکي ته خبر آهي، جو ته تون ان جي دوست آهين. بينظير ڀٽو هڪ زيرڪ ۽ ذهين سياستدان آهي، منجهس اهي سڀ صلاحيتون موجود آهن، جيڪي مجموعي طور پاڪستان کي خوشگوار تبديلي سان هم ڪنار ڪري ٿي سگهيون، پر افسوس جو هن پنهنجي انهن صلاحيتن مان ڪو به فائدو نه ورتو ۽ سڀ موقعا وڃائي ڇڏيا ۽ فقط مال ميڙڻ ۾ لڳي رهي. جيستائين پاڪستان تي منهنجي حڪومت آهي، آءٌ ڪيس اقتدار ۾ اچڻ جي هرگز موڪل نه ڏينديس.“

بينظير ڀٽي کي اقتدار تان به ڀيرا هٽائڻ کان پوءِ، پاڪستان جو فوجي بنياد پرست ’عنصر‘ طالبانن کي ٻيهر جيئري ڪرڻ جي رٿابنديءَ ۾ وڏي ڪاميابي سان اڳيان وڌي رهيو هو. ڪيس ڀلا اها ڳالهه ڪيئن ٿي گوارا ٿي سگهي ته بينظير ڀٽو ٽيون ڀيرو به وزيراعظم بنجي.

بينظير ڀٽي جي جلاوطنيءَ جي دوران ساڻس ملاقاتن جو سلسلو هڪ ڀيرو ٻيهر شروع ٿي چڪو هو. هن مون کي شادي جي سوکڙي طور کي هڪ ’ڪرسٽل بائول‘ موڪليو. ڪينگسٽس ۾ هن جي فليٽ جي پرسان اسين ٻيئي گڏجي مانجهاندو به ڪنديون هيونسين. هوءَ ان ڳالهه تي خوش هئي ته هاڻ ڪيس پنهنجي ٻارن سان گڏ گهمڻ ڦرڻ ۽ سير سپاٽي ڪرڻ جو موقعو ملي رهيو آهي. هوءَ اڪثر پنهنجن ٻارڙن کي ”هائيڊ پارڪ“ به وٺي ويندي هئي. پر مون جيڪا ڳالهه محسوس ڪئي، اها هيءَ هئي ته هوءَ پنهنجي خواهشن ۽ سياسي زندگي جي ائين بيهي وڃڻ تي گهڻي اُداس ۽ ملول به رهندي هئي.

لندن مان دبئي منتقل ٿي وڃڻ ڪانپوءِ ته بس ائين ٿي لڳو ته هن جو گهڻو ٽڪو وقت يوگا ۽ شاپنگ ڪرڻ ۾ ٿو گذري. ڪيس چاڪليٽ ۽ آئس ڪريم کائڻ جو گهڻو شوق هو، جنهن جي ڪري هن جي وزن ۾ واڌارو ٿي رهيو هو ۽ ڪتاب هن جي وقت گذارڻ جو بهترين ذريعو هئا. هن جا شيلف هر وقت ڪتابن سان سٽيا پيا هوندا هئا. ٻه مهينا اڳ آءٌ ڪراچي ۾ ئي هيس، جڏهن حڪومت سان ڏکين ڳالهين ٻولهين کان پوءِ هن دبئيءَ مان پنهنجي ٻنهي فڪرمند ني اڻين کان موڪلائي. اٺن سالن جي جلاوطني ختم ڪري پاڪستان اچڻ جو فيصلو ڪيو هو. هوءَ پنهنجي زندگي کي لاحق سيني خطرن کان چڱيءَ طرح واقف هئي ۽ منهنجي راءِ موجب هوءَ ڄاڻي ٻُجهي خطرا ڪٽي رهي هئي. پر ان جي باوجود به مون اڳ ۾ ڪيس ايترو خوش ۽ مسرور نه ڏٺو هو. خوشي سندس انگ انگ مان ڦُٽي رهي هئي. هن جي اکين ۾ اهائي پراڻي جوت موٽي آئي هئي. تنهن ڪري ڪراچي جي ايئرپورٽ تي پير رکندي ئي هن جي اکين مان لڙڪ وهي پيا. شاهراهه فيصل تي هن جي جلوس ۾ شامل آءٌ اڪيلي صحافڻ هيس. ان رات بمن جا ٻه زوردار ڌماڪا ٿيا. بينظير پٽو ان حملي ۾ ذري تان بچي ويئي، پر ڪيس اهو احساس ضرور ٿيو هوندو ته انهن اٺن سالن ۾، سندس ملڪ ڪيترو نه بدلجي چڪو آهي. ٻئي ڏينهن شام جو آءٌ سندس پڙهڻ واري ڪمري ۾ ساڻس گڏ ويٺي هيس. هن ٻڌايو ته ٿي چار ڪلاڪ ننڊ ڪري اُٿي آهي. ننڊ مان جاڳڻ کان پوءِ ڪيس محسوس ٿيو ته ٻم ڌماڪي جي ڪري هن جي ڪن مان رت وهي رهيو آهي. هن مون کي اهو به چيو ته ”صبح جو سوير ساڍي پنجين وڳي مون کي اوچتو احساس ٿيو ته مون کي پاڪستان نه اچڻ ڪپي ها. مون واپس اچي وڏي غلطي ڪئي. آءٌ سڄو وقت ان هل، هنگامي ۽ باهه جي انهن ڄيين جي باري ۾ سوچيندي رهيس، جيڪي آسپاس پيل لاشن کي نمايان ڪري رهيون هيون. باهه جي ڪري هر شيءِ روشن هئي.“



گذريل سال، ڪرسمس جون موڪلون ملهائڻ جي لاءِ آءٌ پورچو گال ويئي هيس. جڏهن گذريل جمعي واري ڏينهن آءٌ لندن پنهنجي گهر پهتيس ته بينظير جو منهنجي نالي موڪليل ڪرسمس ڪارڊ منهنجي اوسيئڙي ۾ هو، جيڪو هن اسلام آباد مان موڪليو هو. ان ڪارڊ تي بينظير لکيو هو: ”آءٌ عالمي امن جي قيام ۽ تنهنجي گهراڻي جي خوشين لاءِ دعاگو رهنديس.“
منهنجي اکين ۾ بي اختيار لڙڪ پرجي آيا.

چيو هو”(وڏي) ڀٽي کان پوءِ پاڪستان دنيا جي نقشي تان مٽجي ويندو.“ آءٌ حيران آهيان ته ڀٽو فيملي ۽ سنڌس ڪروڙين چاهيندڙن سان اهڙين ڪربلائن کان پوءِ به پاڪستان جو باقي رهڻ ڪرامت ناهي ته ٻيو ڇا هي؟ تاريخ ۾ وقت جي حڪمرانن هٿان شايد ايڏا وڏا الميه فقط ڀٽو خاندان سان ئي ٿيا آهن.

سنڌ کان وٺي سرينگر يعني بدين کان بارا مولاؐ تائين ماڻهو ماتم پيا ڪن. توهان کي ياد هوندو ته ان کان اڳ توهان اهڙو نظارو جمال ناصر جي موت تي ڏٺو هو يا ڀٽي جي موت تي.

سنڌ کان وٺي سرينگر يعني بدين کان بارا مولا تائين ماڻهو ماتم پيا ڪن. توهان کي ياد هوندو ته ان کان اڳ توهان اهڙو نظارو جمال ناصر جي موت تي ڏٺو هو يا ڀٽي جي موت تي.

اصل ۾ بينظير، سرشاهنواز جي ان ڌيءَ جو نالو هو، جيڪا جوانيءَ ۾ جهونا ڳڙهه ۾ بيماريءَ وگهي فوت ٿي وئي. ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي وڏي نياڻيءَ جو نالو پنهنجي ان لاڏلي ڀيڻ جي نالي تي رکيو هو. سڀ کان پهرين بينظير ڀٽو ان وقت مون جهڙن عام ماڻهن جي نظرن ۾ آئي هئي، جڏهن هوءَ پنهنجي والد وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي سان گڏ ڀارت جي وزيراعظم اندرا گانڌيءَ سان شملا ڳالهين لاءِ ويل وفد ۾ شامل هئي. جيڪڏهن ڪجهه شاعر ايندڙ ڏينهن کي ڏسي سگهن ٿا ته رئيس امروهيءَ بينظير ڀٽي جو مقام تاريخ ۾ جولاءِ اُڻويهه سؤ ٻاهتر ۾ ڏسي ورتو هو، جڏهن ناميارو شاعر رئيس امروهيءَ قطعو لکيو هو:

شملا مذاڪرات تي تاريخ گَير ڀي
پر عزم اور عظيم ڀي
ليڪن حقير ڀي
آراسته تي محفل صدر و وزير ڀي
تاريخ ڪي نگاهه ۾ تي بينظير ڀي

لاڙڪاڻي جي ماڻهن کي اهو به ياد هوندو ته جڏهن هوءَ ان ئي راولپنڊي مان ان ئي ڊسمبر جي موڪلن ۾ پنهنجي لاڙڪاڻي ۽ نئين ديري وارن گهرن ڏانهن ايندي هئي، ذوالفقار علي ڀٽي جي تمام پراڻي ذاتي ملازم عثمان سومري عرف فليشمين مون کي ٻڌايو هو ته ”المرتضيٰ لاڙڪاڻي جي مني سينيما هال ۾ پروجيڪٽر تي ذوالفقار علي ڀٽي کيس فلم ”چاند اور سورج“ گڏ ويهي ڏيکاري هئي. جڏهن اسان (ملازمن) بينظير ڀٽي سان ڳالهايو ته اسين کيس ”سر“ چئي مخاطب ٿي رهيا هئاسين.“ عثمان چيو هو ته ”مون کي ياد آهي ته جڏهن هوءَ آڪسفورڊ يونيورسٽي ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ جي صدر چونڊي هئي ۽ 1970ع جي ڍاڪي ۾ سنڌس بيل باٽم ۽ فلاور چائلڊ وارو آئوٽ لُڪ هو.“ عثمان فليشمين جي ”سر“ ۽ بينظير ڀٽو 1976ع ۾ اسلام جي پرڏيهي وزارت ۾ خصوصي عيوضي به مقرر ڪئي وئي هئي. هڪ بي پرواهه پر سنجيده ۽

ٻلين سان پيار ڪندڙ بينظير ڀٽي جي زندگي جي اسٽيشن تي ڏکن ۽ حادثن سان ڀريل ٽرين ان وقت داخل ٿي هئي. جڏهن هوءَ جولاءِ 1977ع جي گرمين جي موڪلن تي هئي ۽ سندس والد ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جو تختو سندس ئي ترقي ڏنل چيف آف آرمي اسٽاف جنرل ضياءُ الحق اونڌو ڪيو هو. ان ڏينهن کان وٺي منهنجي راءِ موجب هوءَ ريل جي پٽڙين تي هٿ پير ٻڌي اڇلايل هيروئن هئي ۽ هر وقت جو هڪ ولين! ضياء الحق کان جنرل پرويز مشرف تائين، آخر دم تائين اها ئي ڪهاڻي رهي.

آءٌ سوچيان پيو ته صديون اڳ چانڊڪا پرڳڻي (موجوده لاڙڪاڻي) جي والي نواب ولي محمد چانڊيي جڏهن زمين جو هڪ وڏو رقبو ڀٽي قبيلي جي 'سنگهار' نالي سان سڄاتي ويندڙ هڪ عورت کي عطا ڪري رهيو هو ته سنڌ جي ان حسين ۽ ذهين ماڻهن سان زندگي جا الميہ ۽ منهنجي ديس جي ڏکن جي سمفني بہ ڪو اڻ ڏٺل، پر بي پرواهه موسيقار اتي ئي ترتيب ڏئي رهيو هوندو.

"اڳلي جنم موهي ٻٽيا نہ ڪيجيو!"

امداد علي ڀٽو، سڪندر علي ڀٽو، ذوالفقار علي ڀٽو، شاهنواز ڀٽو، مرتضيٰ ۽ هاڻ بينظير!

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ چيو هو تہ "سرجي تان سوز ساماڻي تان سک ويا" ۽ اهو ئي ڪجهه بينظير سان ٿيو!

ذوالفقار علي ڀٽي جي ضياءَ حڪومت هٿان گرفتاري ۽ پوءِ قتل ڪيس خلاف سنڌ ۾ احتجاجي دورن دوران هالا ويجهو ڪيس گرفتار ڪري نظربند ڪيو ويو. پ پ جا جيالا تڏهن کيس "بيبي" سڏيندا هئا. ڀهرين هوءَ ستر ڪلفٽن ۽ پوءِ سکر جيل ۾ نظربند ڪئي وئي. سکر جيل ۾ بہ کيس قتل ڪرڻ جي سازش ڪئي وئي. ان وقت سکر جيل جي قيدين پٽين. تي چڙهي سندس حق ۾ نعريبازي ڪئي.

مون کي ياد آهي اهو بينظير جي نظربنديءَ بعد پهريون محرم هو، جڏهن مجلس ۾ قديم مرثئي:

"هَئي هَئي رڻ ۾ بيبي بانو سر تي خاڪ وسائي ٿي" پڙهيو ويندو هو تہ ماڻهو ان کي علامتي طور تي بينظير ڀٽي جي ڏکن سان جوڙيندا هئا.

ستر ڪلفٽن جون پٽيون، تنهائي ۽ عجيب "هيليوسينيشن" جن سان سندس کن بري طرح متاثر ٿيا، مشهور ماهر اي اين ٽي ڊاڪٽر امداد علي بلوچ سندس کنن جو معالج هو. 1979ع ۾ ضياء الحق کيس نظربنديءَ مان آزاد ڪيو ۽ هن خيبر ميل ذريعي ڪراچي کان لاڙڪاڻي جو سفر ڪيو، جڏهن سموري رستي تي هزارين ماڻهو سندس هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ هلندڙ ريل جي پٽڙين تي ليٽي پيا. هر طرف ماتم ڪندڙ انساني متا ۽ هٿ هئا. ڪاري اجرڪ ۽ ڪاري چشمي ۾ ريل جي ڏٻي مان هٿ لوڏيندي تقرير ڪندڙ بينظير کي، لاڙڪاڻي پهچندي ئي فوج کيس ٻيهر گرفتار ڪري ورتو.

جلاوطنيءَ ۾ لنڊن ويندڙ بينظير ۽ عوام سان

پنهنجن جوتن جي پالش ڪرڻ تائين ڪم پاڻ ڪندي هئي ۽ ٻيا ٻه ڪيترائي ننڍا وڏا ڪم ڪيس ڪرڻا پيا. ننڍي عمر ۾ ئي ڪيس سياسي تربيت ڏني وئي، جنهن جو ذڪر ٻه سندس ڪتاب ۾ ڪيل آهي. هوءَ روشن خيال فڪر ڪي ڪٽي هلي، ته جيئن پاڪستان ۽ سنڌ جي حالتن ۾ سلسليوار سڌارو اچي ۽ ان جو امڪان ٻه موجود هو. آئين جي بالادستي، انساني حقن جو تحفظ، تحرير ۽ تقرير جي آزادي سندس مشن هو. هوءَ عالمگير قوتن ۽ ملڪن سان گڏجي ڪم ڪرڻ واري جذبي سان سرشار هئي، هن وقت دنيا جن مسئلن کي منهن ڏيئي رهي آهي، انهن مان دهشتگردي، مذهبي انتهاپسندي، انسانن جي سمگلنگ آهي، جن مان گهٽ ۾ گهٽ دهشتگردي ۽ مذهبي انتهاپسندي ڪان سنڌ، تاريخي ۽ سماجي طرح پري آهي. سنڌ انهن شين ڪان نفرت ڪري ٿي. انهن قدرن ۽ روايتن کي، شهيد محترمہ سڄي ملڪ ۾ ڏسڻ پئي چاهيو، ته جيئن ملڪ امن ۽ سک سان، هجي هتان جو عوام خوشحالي ماڻي، سنڌ پنهنجي سياسي، تاريخي طور پنهنجن حقن جي تحفظ جو آواز اٿاريندي رهي آهي. سنڌ ان سان گڏ رواداري ۽ ٻائپي واري فلسفي تي ٻه يقين رکي ٿي. سنڌ کي محترمہ جي صورت ۾ اهڙو رهنما ۽ رهبر حاصل هو، جنهن ذريعي هوءَ پنهنجو آواز پهچائي پئي سگهي. پر هڪ روشن خيال، جمهوريت تي يقين رکندڙ رهنماءَ کي قتل ڪري ملڪ کي سياسي ۽ سماجي بحران ۾ ڌڪي ڇڏيو. محترمہ ڪان پوءِ هڪ اهڙو خال پيدا ٿيو آهي، جنهن کي پُر ڪرڻ آسان نہ آهي. چاڪاڻ تہ هوءَ عوامي رويو رکندڙ ليڊر هئي. اهڙي مقبوليت، سواءِ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ۽ شهيد بينظير ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن کي نصيب نہ ٿي آهي. سندس شهادت سان اهو سمورو مانداڻ ڊهي پيو آهي، جيڪو سندس اچڻ ڪري جڙي رهيو هو. روشن خيالي، امن ۽ سڄي دنيا سان دوستي ۽ گڏجي رهڻ واري خواهش کي ٽارگيٽ ڪري، قتل ڪيو ويو. هڪ فڪر کي قتل ڪيو ويو. عوام جي آسري ۽ اُميد کي صليب تي چاڙهيو ويو. محترمہ بحيثيت هڪ ليکڪ جي، ٻه شهرت ماڻي، سندس تحرير خاص ڪري Daughter of the east جا ترجما ٻه ٿيا آهن. سندس اهو ڪتاب پڙهي اکين ۾ لڙڪ اچيو وڃن. سندس آمريت خلاف ۽ مارشل لا جيُ خلاف جدوجهد ڪرڻ ۽ سهپ ۽ برداشت ڪرڻ واريون خوبيون سندس شخصيت جو حصو رهيون. پنهنجي والد جي جدائي واري وقت ۽ قيد جي حالتن کي جنهن واضح نمونی ۾ بيان ڪيو آهي، اهو سندس گهري مشاهدي کي بيان ڪري ٿو، ذهني دٻاءَ هجڻ جي باوجود، سندس ذهن جي چابڪدستي کي مڃٿو پوندو. هڪ ڌيءَ ۽ هڪ فرد جي ناتي هوءَ، بهادر هئي. ظلم خلاف آواز بلند ڪرڻ واري علامت ۽ شخصيت نظر اچي ٿي.

شهيد محترمہ لکي ٿي، ”جيتوڻيڪ آءٌ آزاد هيس پر فليٽ مان ٻاهر ويندي مون کي ڊپ ٿيندو هو. آءٌ جڏهن ٻه دروازي مان ٻاهر نڪرندي هيس، تہ پيٽ، گچي ۽ ڪُلهن جون رڳون سيٽجي ويندیون هيون. آءٌ ٻه قدم ڪٽڻ

کان پوءِ منهن ورائي ڏسندي هيس، متان ڪير منهنجي پٺيان ته نه پيو اچي، قيد جي چؤديوارين اندر ڪيترائي ورهيه اڪيلي رهڻ کان پوءِ لنڊن جي ماڻهن سان پريل گهٽين کان به مون کي ڊپ ٿيندو هو. آءٌ ماڻهن، آواز ۽ گوڙ جي هيراڪ ڪو نه هيس، ڊاڪٽر وٽ وڃڻ وقت ريل ۾ چڙهڻ بدران مون کي جيڪا پهرئين ٽئڪسي ڏسڻ ۾ ايندي هئي. تنهن ۾ ٽپ ڏئي چڙهي پوندي هيس ۽ جڏهن پنهنجي منزل تي پهچندي هيس ۽ گهٽيءَ ۾ لهڻ لاءِ مجبور ٿيندي هيس، تڏهن ٿوري فاصلي تي به منهنجي دل ڌڪڻ شروع ڪندي هئي. ۽ آءٌ ساهه به کڻي ڪو نه سگهندي هيس. منهنجي لاءِ حقيقي زندگيءَ سان سرچاءُ به ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو هو.

آءٌ خود اعتماديءَ جو ڏيک ڏيندي هيس ۽ پنهنجين ڳڻتين کي سيني کان لڪائيندي هيس. مون کي اهو ڪرڻو پوندو هو.

............... آزاد ٿي انگلينڊ اچڻ سبب اخبارن وغيره ذريعي منهنجون جيڪي خبرون پکڙيون هيون، تن مون کي قومي اڳواڻ جو درجو ڏنو هو. اهڙو فرد جنهن مارشل لا سان مقابلو ڪيو هو. هائيڊ پارڪ ڪنهن ڪنڊ ۾ ڳڻتي جي اوچتي حملي کان گهبرائجي ڪري پوڻ مناسب ڪو نه هو. آءٌ جڏهن ٻاهر وڃڻ تي مجبور ٿيندي هيس ته پاڻ کي اهو ئي چوندي هيس ته اونهون ساهه کڻ، مضبوطيءَ سان هل، ڊپ کي ويجهو اچڻ نه ڏي."

ايترين ذهني تڪليفن ۽ صدمن سهڻ جي باوجود، هوءَ ملڪ لاءِ سياسي جاکوڙ ڪندي رهي، ملڪ اندر توڙي ٻاهر هوءَ هن ديس کي فوجي ٽولي کان آزادي ڏيارڻ ۽ جمهوريت قائم ڪرڻ لاءِ آمريت ۽ مارشل لا کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ، جاکوڙيندي رهي. سندس مخالف، ارادي جي مضبوطيءَ کان خائف هئا. هو سندس نظرياتي ۽ فڪر جي طاقت ۽ اثر کان به واقف هئا. سندس مخالفن کي اها ڳالهه نه وڻي تن سازش ڪري، 27- ڊسمبر تي، هڪ عوامي ميڙ ۾ (راولپنڊي لياقت باغ) واپسيءَ تي ڪيس شهيد ڪرايو. هوءَ عوامي راڄ تي يقين ڪندڙ، عالمي سطح تي هڪ سياسي اڳواڻ هئي. هوءَ جدوجهد ڪرڻ واري هلچل ۽ نظريي تي يقين رکندڙ هئي. ۽ جاکوڙ ڪندي، شهادت ماڻيائين. هوءَ هڪ اِهڙو ڪردار هئي، جنهن سياسي حالتن موجب فيصلا ڪيا. جنهن جو هن کي پورو ادراڪ هو. هوءَ باشعور هئي، باخبر هئي، هڪ عورت جي حيثيت ۾ ڳڻن جو پندار هئي. سندس ادراڪ ۽ احساس ايندڙ وقت جو منظر ڪيس ڏيکاريندا هئا.

هوءَ، هاڻي آسان سان گڏ نه آهي. هوءَ پنهنجيءَ پيءُ لاءِ ۽ اسان لاءِ هڪ انمول موتيءَ داڻو هئي، جنهن جي چمڪ اَلوپ ٿي وئي آهي. هن پنهنجن ماڻهن سان، هن ديس سان، پنهنجي شهيد پيءُ سان ڪيل انجام کي نڀايو ۽ وعدو پورو ڪيو. ڪيس خراج تحسين پيش ڪندي، سندس والد شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو ڪانئس ورتل وعدو وري به دهرايان ٿي، ۽ هن تحرير کي ختم ڪريان ٿي:

"تنهنجي جاءِ هتي آهي. تنهنجون پاڙون هتي آهن. لاڙڪاڻي جي مٽي، ڌوڙ، گپ ۽ گرمي تنهنجي رڳن ۾ آهي ۽ هيءَ ئي اها جاءِ آهي، جتي توکي دفنايو به ويندو."




( 22- ڊسمبر 1997ع): محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ پنهنجي ور جناب آصف علي زرداري صاحب
سان ڪراچي جيل ۾ ملاقات ڪرڻ کان پوءِ پنهنجن ٻارڙن: بلاول ڀٽو زرداري، بختاور ڀٽو زرداري ۽
آصفہ ڀٽو زرداري سان واپس اچي رهي آهي



دبئي:( 18- آڪٽوبر 2007ع ) شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ دبئي واري رهائشگاهہ تان
پنهنجي ڏيهہ رواني ٿيڻ دوران هڪ خاتون کان موڪلائي رهي آهي. تصوير ۾
جناب آصف علي زرداري صاحب ، بختاور ڀٽو زرداري ۽ آصفہ ڀٽو زرداري بہ موجود آهن



چوندبون 1993ع: شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ اعتماد سان ووٽ ڏيندي مسڪرائي رهي آهي



جَنهِين سُک ناهہ ڪو، چارڻ سي چَئِجَن،
رُجَن راهہَ پُڇَن، مَٿي ڪُلَهن ڪِينرا.

نصير مرزا

# چنو هيءَ چا ته گل آهي!

ياسر قاضيءَ جو موڪليل پھريون ايس. ايم. ايس موبائل جي اسڪرين تي نمودار ٿيو. "**_Benazir is killed_**" اوچتو دماغ ڪي گھوماٽي اچي وئي. لڳم ڄڻ زمين پيرن هيٺان ڪسڪي وئي آهي. بيڪريءَ جي دروازي مان تڪڙو تڪڙو ٻاهر آيس ته ڏٺم، حيدرآباد جا رستا ڪربلا جو ميدان نظر آيا.

هيءَ منهنجي موبائل فون آهي، جنهن تي شهيد ڀيڻ محترمه بينظير ڀٽي بابت تعزيتي ايس.ايم.ايس آهن، جيڪي هڪ ٻئي پٺيان مسلسل اچن پيا ۽ انهن کي پڙهندي، پاڻيان پيو ته سنڌ جي ليکڪن اديبن ۽ شاعرن پاران مون ڏانهن موڪليا ويندڙ اهي محض ايس.ايم.ايس ئي ڪونه آهن، ڄڻ لڙڪن جون زنجيرون آهن، جن ۾ اسان سيني جون دليون جڪڙجي ويون آهن.

ان سانحي جي دڪدائڪ خبر مون کي پھريون پيرو ڏني ڪنهن ۽ ڪٿي؟ ته عرض ڪريان ته خميس ستاويھين ڊسمبر جي شام جو، پنهنجي ڌيءَ سماش زهره جي سالگرھ جو ڪيڪ وٺڻ لاءِ حيدرآباد جي هڪ مشهور بيڪريءَ جي دروازي تائين اچا آءٌ پهتو ئي مس هوس ته اتان موٽرسائيڪل تي تيزيءَ سان لانگھائو ٿيندڙ روزاني "ڪاوش" جي فوٽو گرافر اشتياق شديد پريشانيءَ مان چيو هو "نصير صاحب! جلدي گھر هليا وڃو، ملڪ ۾ وڏو سانحو ٿي چڪو آهي." ۽ تيزيءَ سان اتان لنگھي ويندڙ اشتياق جي ان جملي تي اڃا سوچيم ئي پئي، جو ڪراچيءَ مان ياسر قاضيءَ جو موڪليل پھريون ايس.ايم.ايس موبائل جي اسڪرين تي نمودار ٿيو. "Benazir is killed" اوچتو دماغ ڪي گھوماٽي اچي وئي. لڳم ڄڻ زمين پيرن هيٺان ڪسڪي وئي آهي. بيڪريءَ جي دروازي مان تڪڙو تڪڙو ٻاهر آيس ته ڏٺم، حيدرآباد جا رستا ڪربلا جو ميدان نظر آيا. گاڏي ڪاٿو چوڪ تائين ايندي ايندي ڏٺم ٽريفڪ جام ۽ هرطرف دونهون ئي دونهون... ماڻهن جي هٿن ۾ لٺيون ۽ ڪن جي هٿن ۾ ڪلاشنڪوف ۽ هرطرف ڏھڪاءُ، هجوم، افراتفري... لڳم ڪنهن ڊيڄاريندڙ خواب مان ڇرڪ ڀري جاڳيو آهيان. اهڙيءَ صورتحال ۾ ڪجھ به سمجھ ۾ ڪونه پئي آيو. منهنجو ننڍڙو شهباز حيدر مون سان گڏ هو ۽ گھر ٽنڊي نوڙهي پهچڻ لاءِ ڪاٻه واھ نظر ڪا نه پئي آئي. تڏهن اوچتو مون کي هندي افسانه نگار اميتائو گھوش جو اندرا گانڌيءَ جي قتل واري ڏينهن تي لکيل مضمون ياد پيو، جنهن ۾ هن لکيو هو ته هو

اها خبر ٻڌڻ سان ئي تيزيءَ سان لنگهندڙ هڪ بس ۾ ڊوڙي چڙهي پيو هو ۽ هن بس جي دريءَ مان ڏٺو ته دهلي هر طرف مقتل گاهه بڻيل هئي، سکن کي چونڊي چونڊي هندو قتل ڪري رهيا هئا.. ۽ هيڏانهن حيدرآباد جي شهر ۾ بيشڪ ته مون کي قتل گاهه جو ڏيک نه پئي نظر آيو، پر ستاويهين ڊسمبر جي ان شام جو حيدرآباد جي گهٽين ۽ پراسرار پاڙن مان ساهه مٺ ۾ جهلي ۽ انهن منجهان لنگهندي، لڳم پئي ته هر طرف ۽ گهر گهٽيءَ ۾ جڻ ماتم برپا هو ۽ جڻ گهر گهر ۾ صف ماتم وڇائبي پئي وئي. هي ساهه مٺ ۾ ڪٺي آءٌ جيڪو شام جو ستين وڳي گاڏي ڪاتي مان هليو هوس، پنڌ ئي پنڌ هلندو، رات جو يارهين وڳي ڌاري لڪندو ڇپندو اچي تندي نوڙهي پنهنجي گهر پهتو هوس. ٺيڪ ان وقت ڪنهن ٽي. وي چئنل تان ٻڌايو پئي ويو ته بينظير صاحبه جو مڙهه چڪ لالا ايئر بيس ڏانهن موڪلڻ جون تياريون مڪمل... ۽ مون يڪدم دل ۾ سوچيو: هر دفعي هو اسان کي ڪنهن نه ڪنهن ڪونڊر جو لاش اتان موڪليندا پئي رهيا آهن ۽ هن دفعي وري هنن هڪ بهادر نياڻيءَ جو لاش اسان ڏانهن موڪليو آهي، لهوءَ ۾ لال لاش ۽... ان ئي گهڙي، موبائل ڏانهن ڏٺم، سڪر مان اياز گل جو هانءُ ٽپوڙيندڙ ايس.ايم.ايس پهتل هو: ”سنڌ جي آخري اميد به ختم ٿي وئي، نصير!

تون مان ۽ رڳو ڳوڙها

ناول جي پڄاڻي آ..“



تڏهن مون دلگير ٿي سوچيو، 27 هين ڊسمبر 2007ع ڇا واقعي به سنڌ جي ڏکدائڪ تاريخ جي المناڪ ڏينهن طور تاريخ ۾ رقم ٿي چڪو! ۽ ان سوچ سان گڏ ئي مون کي شهيد محترمه بينظير ڀٽي صاحبه جي سفر جي پڄاڻيءَ واري هن مهيني، ڊسمبر جي ”ر“ سان شروع ٿيندڙ، چنڊ جي مهيني ”رجب“ جي اٺاويهين تاريخ ۽ سن سٺ هجري ياد پيو، جڏهن امام حسين رضي الله عنه حضرت بيبي زينب خاتون کي ساڻ ڪري، مديني مان ڪربلا جو اذيتن ڀريو سفر شروع ڪيو هو. ۽ 28 هين ڊسمبر ۽ 28 هين رجب جي تاريخن جي هيءَ مشابهت پنهنجيءَ جاءِ تي، پر هي ڇا!؟ ان ئي تاريخ تي جڏهن بينظير صاحبه جو مڙهه موهن جي دڙي ايئر پورٽ تان ڳڙهي خدا بخش آندو پئي ويو ته هجوم ۾ هزارين ڪارڪنن ماتم ڪندي چيو پئي: ”ياحسين، ياحسين“! تڏهن ٽي.وي اسڪرين تي اهو سڀ ڪجهه لائيو ڏسندي، مون کي لڳو، جڻ محرم هن سال سنڌ ۾ ڏهين جنوري 2008ع کان نه 28 هين ڊسمبر 2007ع کان ئي شروع ٿي چڪو آهي. ٽي.وي اسڪرين تان نظرون

هتائي، هاڻي موبائل تي ايندڙ هيءُ ايس.ايم.ايس پڙهيم ۽ اهو دوست اسحاق سميجي پاران هو. لکيل هو: ”نصير! سنڌ هڪ ڀيرو وري يتيم ٿي وئي، ياحسين!“ تڏهن ڪمري ۾ اوچتو گهڙي ايندڙ منهنجي ڀيڻ ٻڌايو ته، اڄ 16 هين ذوالحج آهي ۽ اڄوڪو ڏينهن حضرت بيبي زينب خاتون جي شهادت جو به ڏينهن آهي ۽ حضرت بيبي زينب خاتون وانگر ئي ڏس نصير! هيءُ هڪڙي عجيب هڪ جهڙائي آهي، ته حضرت بيبي زينب خاتون جي عقيدت مند ۽ تنهنجي زوار، اڄ تو وٽ اچي پيئي... سائڻ زينب خاتون! هي شهيد جي ڌيءُ اٿئي، شهيدن جي ڀيڻ ۽ خود پاڻ به شهيد. سائڻ زينب! اسان جي بينظير ڀيڻ جي پارت اٿئي، ان جي پيشانيءَ تي ضرور پنهنجا مبارڪ چپ رکجانءِ!!!“ ۽ اياز مهيسر جو ايس.ايم.ايس پڙهندي، اوچتو مون کي وفا ناٿن شاهيءَ جو هيءُ شعر ياد پيو!

عمر گذري وئي حُسين جيان

جو مٿي ۾ لڳو، يزيد لڳو.

۽ 1977ع کان وٺي 2007ع تائين، بينظير صاحبه جي راهه ۾ به ڪيڏا نه يزيد آيا ۽ هر يزيد تي حضرت بيبي زينب خاتون جي هيءُ پوئلڳ، فتح پائيندي وئي. اهو سڀ ڪجهه منهنجي ذهن ۾ ان وقت پئي آيو، جنهن وقت دوست طارق عالم جو بينظير صاحبه جي پُرسي طور هيءُ ايس.ايم.ايس مون وٽ پهتو هو: ”نصير! يزيد اڄ ڪربلا جي تاريخ کي ورجائي ڇڏيو آهي. اجا اهو ميسيج پڙهي پورو ڪيم ته عزيز دوست زيب سنڌيءَ جو جيءُ جياريندڙ ايس.ايم.ايس پهتو: ”سنڌ جي مٽي ڀٽي صاحب جهڙا سوين سورما ۽ بينظير جهڙي بهادر هستي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي، ان ڪري هڪ قوم جي حيثيت ۾ هن دکدائڪ سانحي تي اسان کي شڪست هرگز تسليم نه ڪرڻ گهرجي“ ۽ زيب سنڌي جي ايس.ايم.ايس کان پوءِ شوڪت حسين شوري جو هيءُ ايس.ايم.ايس رسيو ڪيم: ”اڄو ته پاڻ سنڌي گڏجي سنڌ جي عظيم نياڻي شهيد بينظير ڀٽي جو هڪ ٻئي کي پُرسو ڏيون..“ ۽ شوڪت شوري جي ايس.ايم.ايس کان پوءِ دوست غلام محمد ميمڻ ميجر، موهن مدهوش ۽ شاعر دوست نور چاڪرانيءَ جا ايس.ايم.ايس پهتا.

ڏريان ئي ڏاريا، مٽ مُئيءَ جا نه ٿيا!

۽ 28 هين ڊسمبر جي شام مغرب جي نماز کان ٿورو وقت اڳ، جڏهن سنڌ جي هيءُ سون ورن نياڻي سنڌو ماءُ جي هنج ۾ آرامي ٿي چڪي، ته ڪراچيءَ مان هڪ دفعو ٻيهر ياسر قاضيءَ جو هڪ ٻيو هانءُ ڏاري ڇڏيندڙ ايس.ايم.ايس پهتو، ياسيم، اهو ايس.ايم.ايس مون کي ياسر قاضي ناهي موڪليو. اهي لفظ مون ئي پنهنجي موبائل تي پنهنجو پاڻ کي ايس.ايم.ايس ڪيا آهن:

ڇنو هيءُ ڇا ته گل آهي

رکيم جو هٿ سيني تي

لڳو بغداد دل آهي.

اڪبر سومرو

# سچ جي ڏيءُ

سڪندر اعظم جي ماءُ 'اولمپياس' کي خبر هئي، تہ جيڪي ماڻهو پنهنجي نسل جو سلسلو سج سان ملائيندا آهن، سي واقعي غيرفاني هوندا آهن ۽ پنهنجين اکين جي چمڪ دمڪ سان آسانيءَ سان سڃاتا ويندا آهن.

اهو ئي سج، جنهن جو باهہ وارو رٿ آسمان جي محرابي تختي تي روزانو صبح جو روانو ٿيندو آهي.

فخر ايشيا، شهيد عوام ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان ۽ عوام جو سج هو ۽ شهيد بينظير ڀٽو ان سج جي ڏيءُ هئي ۽ سج جي هيءَ ڏيءُ بينظير ڀٽو ڪيڏي نہ اڪيلي هئي! جن ڪمن کي هن سرانجام ڏيڻ ٿي چاهيو، جن ڪمن ۾ هوءَ مگن هئي انهن سوچن ۽ عملن ۾ هوءَ ڪيتري نہ اڪيلي هئي. شهيد ڀٽي جي جيل ۾ پوڻ، ڦاهيءَ تي چڙهڻ، پيءُ جو لاش ڪٽائي دفنائڻ، ٻي پيءُ جو لاش دفنائڻ ۽ ان بعد جلاوطني، اڪيلائيءَ ۽ اجنبيت جا اٺ سال ۽ ان بعد جمهوريت لاءِ تڙپ! هوءَ جمهوريت جي ان عظيم روشني ڦهلائڻ لاءِ جڻ اڪيلي اڪيلي ڪوشان هئي، جيڪا روشني مقدس پيءُ 'زيوس' وٽ مشرق ۾ اولمپس جبل تي قيد هئي، جنهن جي چورائڻ جي سزا ۾ پروميٿئس کي ازلي ابدي سزا ملي هئي! ۽ هن بہ جمهوريت جي آئيندي سان ملڪ جي عوام کي عظيم حرارت، طاقت ۽ زندگي ڏيڻ ٿي چاهي.



شهيد راڻي بينظير ڀٽو، ناهيد خان سان گڏ

ميڊيا يوناني ڪهاڻين ۽ داستانن جي راڻي آهي، هوءَ انڊس ويلي جي راڻي آهي، جيڪا گلگت کان ڦٽي تي ۽ ڪراچيءَ ۾ چوڙ ڪري ٿي! برطانيا مان پڙهي جڏهن هوءَ ملڪ ۾ موٽي تہ هن جي جوانيءَ جا سمورا سونهري خواب قيد ڪيل ذوالفقار علي ڀٽي جي مقدمي، جيل ۽ ڪيس ڏنل ڦاهيءَ جي نذر ٿي ويا. هوءَ ان مهل بہ اڪيلي پنهنجي عظيم پيءُ جي جان بچائڻ جي جدوجهد ڪري رهي هئي، دراصل هوءَ تڏهن بہ پنهنجي ان عمل جي ڪري هن ملڪ ۾ جمهوريت کي بچائڻ لاءِ سِر سان ڪفن ٻڌي ميدان ۾ نڪتي هئي.

تب و تاب مستوري ندارد،
چودربندي سر از روزن بر آرد
(جامي)

(سهڻو چهرو لڪائي نٿو سگهجي- جيڪڏهن



متانئس دروازو بند ڪبو تہ هو پنهنجي پاڻ کي دريءَ منجهان ظاهر ڪندو)

بينظير ڀٽو نہ صرف اعليٰ تعليم يافتہ هئي، بلڪ سياڻي ۽ سياجهي راڻي بہ هئي، جنهن هن ملڪ تي بہ دفعا وزيراعظم تي راڄ ڪيو، پر بديءَ جون قوتون: جيڪي هن ملڪ لاءِ پهرين ڏينهن کان ئي سازشن جا جار اُٽي رهيون آهن. جن هن ملڪ ۾ هڪ لمحي جي لاءِ بہ جمهوريت رهڻ نہ ڏني آهي. جن هن ملڪ جي عوام کي هڪ ڏينهن لاءِ بہ سک نہ ڏنو آهي. جن قائداعظم جي ناهيل ملڪ کي هڪ ڏينهن بہ ان جي اصولن ۽ قاعدن تي نہ هلڻ ڏنو آهي. انهن عوام دشمن ۽ ملڪ دشمن قوتن بينظير جي زندگيءَ جي ڏيئي کي بہ 27- ڊسمبر 2007ع تي اُجهائي ڇڏيو. هنن نہ رڳو بينظير جو قتل ڪيو آهي، پر هنن جمهوريت جو قتل ڪيو آهي. هنن آزاديءَ جو قتل ڪيو آهي ۽ هنن پاڪستان جو قتل ڪيو آهي ۽ هنن عوام جي خوابن جي غورابن کي غرق ڪري ڇڏيو آهي!

"سمورين روشنين کي اجهامڻو آهي
ها سمورين کي هر ڏڪڻي، متان زبردست
واچوڙو
هڪڙو پردو تاڻي تو
بہ وال ڪفن جي تڪريءَ جيان
۽ سڀ بي نور اکين وارا
۽ اجهاميل چهرن وارا ملائڪ
جاڳي تا پون!"

برطانيا دنيا جو پهريون ملڪ هو، جنهن عورتن کي ووٽ جو حق ڏنو، بينظير اها پهرئين عورت هئي، جيڪا گهٽ عمريءَ ۾ ڪنهن مسلمان ملڪ جي وزيراعظم ٿي. پر بديءَ جي قوتن جي هن ملڪ جي خمير کان نفرت ٿي ڪئي. تن سندس وجود کي برداشت نہ ڪيو، ۽ ڪيس بہ دفعا وزيراعظم ٿيڻ جي باوجود مدو پورو ٿيڻ نہ ڏنو، ڪيس حڪمران جي صورت ۾ برداشت نہ ڪيو ويو.

پاڪستان اڄ ڄڻڪ انگلينڊ جي پوڙهي ۽ ناڪارا حڪمران 'هينري- 8' واري دؤر مان گذري رهيو آهي، جنهن پارليامينٽ کي پنهنجي ٻدي ٻانهي بڻائي ڇڏيو هو ۽ پنهنجيءَ هر جائز، ناجائز خواهش پوري ڪرائڻ لاءِ هن

پارليامينٽ کي استعمال ڪيو. هن سول سوسائٽي ۽ ملڪ ۾ روحاني ۽ مادي انارڪي ڦهلائي ڇڏي ۽ هر طبقۂ فڪر کي پنهنجي مرضيءَ سان هلايو.

ملڪ ۾ رجعت پرست قوتون جيڪي جنرل ضياء جي نظرياتي تسلسل جو حصو آهن ۽ ملڪ جي پاسراتين ۾ بابري ڪنڊن جيان ڇُپي رهيون آهن. جنرل ضياء جي باقيات جيڪا ملڪ جي ساهہ جي نلين ۾ تيزاب جيان پرجي وئي آهي، تنهن هن ملڪ کي هڪ وڏي ڪاهيءَ جي ڪناري تي بيهاري ڇڏيو آهي. انهن رجعت پرست قوتن مسلسل ملڪ خلاف سازشون ڪري ان جي بنيادن کي لوڏي ۽ جهوري وڌو آهي ۽ پاڪستان جي عوام کي بہ لانجهو ڪري ڇڏيو آهي. پر هڪ ڏينهن بينظير جمهوريت ۽ عوام لاءِ رت جِي ڏنل قربانيءَ مان جڏهن بادامن جي وڻن تي ڪرمچي گل ٽڙندا، تہ نہ رڳو هيءُ ملڪ پر ان جو عوام بہ بينظير جي وفا جا ترانا ڳائيندو. صدين تائين جيستائين هيءَ ڌرتي قائم آهي، بينظير عوام جي دلين ۾ هڪ ليجنڊ طور، هڪ ديوي هڪ زبردست رزميہ داستان جيان قائم دائم رهندي. پاڪستان جي عوام جي محبوب اڳواڻ هن دنيا مان بيشڪ هلي وئي آهي. بينظير جي وڇوڙي سمورن کي وٺواند ڪري ڇڏيو آهي ۽ بينظير کي وڃائڻ کان پوءِ ڇڻ تہ اسان پنهنجي وجود جو ڪو حصو وڃائي ڇڏيو آهي! وقت جا اهي لمحا ڏاڍا بي رحم هئا، جڏهن بينظير ڀٽو تي ظالمن ڪاري وار ڪيو هو. سموري ملڪ جون گهٽيون ٻري اٿيون



هيون، چوڻڪ جاڳي پيا هئا، پکي پکڻ آکيرن ۾ لڪي ويا هئا. ميدانن مان رعد رڙيون تي ڪيون، جبلن تان پٿر ڪري رهيا هئا. سموريون گهٽيون ۽ گام هن جي رت جي روشنيءَ سان چمڪي رهيا هئا. سڀ ڪجهہ ڄڻ جاڳي پيو هو ۽ ضمير زندهہ تي ويا هئا. بينظير ڀٽو جو پاڪ رت ڄڻ ملڪ جي رڳن ۾ لاوو ٻڄي وهڻ لڳو هو ۽ هوءَ جمهوريت جي سهڻي، سچي ۽ پاڪ ديوي ڪنهن ملائڪا جيان پنهنجن زخمي ڳاڙهن پَرن سان اُڏامي جنتن ڏانهن وڃي رهي هئي.

مسلسل شهادتن جي ڪري هن ملڪ جي هر رستي ۽ گام تي هر حڪومت ۽ پارليامينٽ ۾ پنوز صدين تائين رجعت پرستن جا سڪ ڦنائيندا رهندا.

ڪئي، ايترو ڪجهه پوکيو، اهو سڄو ثمر کنو ڪيو، جيڪو اوهان کي ٻئي جهان ۾ ڀرپور نموني ڪم اچي.

اسان جهڙا، الائي ڪيترا وجود پيڻ، انهن سيني مرحلن کان نا آشنا هوندا آهن، جن کي سياست چئبو آهي. ذاتي طور تي هنن ستن ۾ اهو اقرار ڪرڻ گهران ٿو ته سياست، جو سين سمجهڻ به بي انتها ڏکيو ٿو لڳي، نه ڪڏهن ڪو جلسو جلوس ڏٺو آهي، نه ڪو ميلو نيلو، سچ اهو ئي آهي ۽ جيڪو به پڙهندو سو ڪلندو ضرور... پر ڳالهه ته آهي نه... هاڻي جنهن ماڻهوءَ ڪڏهن ڪو سياسي پليٽ فارم نه ڏٺو هجي، جنهن ڪي نعري وغيره جي سڌ نه هُجي تنهن کي اها حسرت هجي ته ڪيئن به ڪري شهيد ڀٽي جي تصوير ضرور هٿ ڪجي... اها تصوير، جيڪا ساهه سان سانڍي رکجي... جيڪڏهن لائبرري هجي ته اتي ڪنهن روشن جاري ۾ ڪتابن جيان، دنيا جهان جي هر ڪنڊ ڪڙڇ کان واقف ڪندڙ 'ڀٽو' ضرور موجود هجي...ڀٽو، جيڪو هن ملڪ جي اڻ پڙهيل عوام لاءِ هڪ ڪليل ڪتاب هو اهو نوجوان نسل، جيڪو تنهنجي آواز جي گونج ۾ وڏو ٿيو آهي، شايد اهو نه ٿو ڄاڻي ته ڪتابي طور تي اڻ پڙهيلن نندي حيثيت وارن ماڻهن ۽ عام عوام وٽ سمجهه جو جيڪو درياءُ هاڻي بند آهه، اهو 'ڪوزو' ڪين ذوالفقار علي ڀٽو ڏئي ويو هو... اهو ئي ڀٽو، جنهن پنهنجي پنيان توکي، ان راهه جي اڙانگي سفر لاءِ چونڊيو هو.

اٽيهه سال ڀرين ڏانهن ورڻ تا ادي، سکئي ستابي ناهيندڙ ملڪ جي چونڊيل وزير اعظم کي، جڏهن رات وگهي جهان مان رخصت ڪيو ويو هو ۽ گهٽين مان جي چادر ڀهري هئي ته سڏڪا سينن ۾ جڪڙجي ويا هئا. هاڻي جڏهن ڪنڊ ڪڙڇ ڊيڪرون تي ڏئي ته لڳي ٿو ته اهو غم به تازو تي گذريو آهي. وساٽيل چلهين جا ٿانڊا، جڻ وچ واري عرصي ۾ ٻريائي ڪونهن. انهن متان وقت جي اچلايل ڀاڻيءَ، رڳو درد جا دونهان ڪديا آهن. انهن دونهن وري، اکين جي آلاڻ کي جاڳايو آهي، اٽيهن سالن ۾ نيڻ ڪِليا گهٽ آهن. رت گهٽو رُنا آهن...هنن ساعتن ۾،تو سان گفتگو ڪندي، ادي...قلم بار بار، بيهجي ٿو وڃي...دماغ خالي ٿو لڳي، بي ربط شيون، جڻ تال ڪدينديون هجن...سڀ سمجهه ۾ اچي ٿو...اهو به ڄاڻان ٿو ته مئي سان مرندو ڪوبه ناهي...اها'ٻڪ' جيڪا ڪجهه دير لاءِ جهيٽي تي آهي وري لڳي ويندي...ڪار جهان وري شروع ٿي ويندو. هل هنگاما، نعرا شارا، شاديون مراديون، سڀ وري ٿي ويندا، نه هوندينءَ ته تون...۽ اها به ڄاڻ اٿم ته تنهنجي غير حاضري ۾ يقيناً ڪنهن نه ڪنهن تي اها سڄي ذميواري به اچي ويندي، هاڻي اُهو اِها نباهي سگهي يا نه، اُها ٻي ڳالهه آهي... پر اها پڪ ته هر ڪو رکي ٿو ته اهو بينظير تي نه سگهندو.

حياتيءَ ۾ هڪڙي ڳالهه ڏاڍي عجيب آهي ادي...ڪنهن وڏي، گهاٽي وڻ جي ڇانءَ، هينان ننڍڙا ٻوٽا نسري ناهن سگهندا...هاڻي انهن لاءِ سبب ڪٿي ڪهڙو به هجي، اهو سڀ ائين ئي ٿئي ٿو، پر هڪ پيءُ جي ڇانءَ هينان، تنهنجي وجود جي ٻوٽي پاڻ سنڀاليو... ايتري حد تائين

روزينا جوڻيجو

# بينظير تي ڇپيل ڪتابن جو جائزو

بينظير ڀُٽي جي شهادت کان پوءِ سنڌي اردوءِ ۽ انگريزيءَ ۾ سندس شخصيت تي ڪيترائي ڪِتاب ڇپجي چڪا آهن ۽ اهو سلسلو هلندڙ آهي. ڪتابن کان علاوه انٽرنيٽ تي ڪتابن جون گهڻيون ويب سائيٽون موجود آهن، جن تي انگريزي ٻوليءَ ۾ مواد موجود آهي ۽ هر روز انهن ويب سائٽن تي نئون مواد اَپ لوڊ ٿي رهيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتاب اڪثر ڪري مرتب ٿيل آهن، جيڪي گهڻو ڪري اخباري مضمونن کي سهيڙي جوڙيا ويا آهن. پر پوءِ ائين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونهي تہ ائين ڪرڻ سبب بہ اخباري مضمونن جو هڪ وڏو تعداد گهڻي دير تائين محفوظ ٿي ويو.

شهادت جي پسمنظر ۾ شايع ٿيل چند ڪتابن جو جائزو پيش ڪجي ٿو:

ڪتاب جو نالو: **شهيدن جي علمدار بينظير نامو**

| | |
|---|---|
| ٻولي: | سنڌي |
| ليکڪ: | قاضي اياز مهيسر |
| ڇپائيندڙ: | ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد |
| سال: | 2008ع |
| قيمت: | 180 رپيا |

چئن رنگن جي ٽائيٽل ۽ گلاسري ڪاغذ تي ڇپيل، هن ڪتاب جي ارپنا بلاول ڀُٽو زرداريءَ جي نانءُ آهي، هيءُ ڪتاب 107 صفحن کان وڌيڪ پنن تي ڦهليل آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ طارق عالم ابڙي لکيو آهي ۽ پڄاڻي نصير مرزا جي لفظن ۾ ٿيل آهي. هن ڪتاب ۾ خودڪلاميءَ جي انداز ۾ ليکڪ پنهنجي جن ڳالهين کي قلمبند ڪيو آهي، ان کان سواءِ ڪن هنڌن تي ليکڪ شهيد بينظير ڏانهن لکيل ۽ جوابي اِي ميل بہ ڪتاب بہ شامل ڪيون آهن، ان کان علاوه، هڪ هنڌ اردوءِ ۾ شعر پڻ شامل ڪيو آهي. ٿلهي ليکي ليکڪ پنهنجي اندر جي اُڌمن ۽ احساسن کي قلمبند ڪيو آهي.

ڪتاب جو نالو: **اي سنڌ جاڳي**

| | |
|---|---|
| ٻولي: | سنڌي |
| ليکڪ: | ذوالفقار هاليپوٽو |
| ڇپائيندڙ: | سنڌي ساهت گهر |
| سال: | 2008ع |
| قيمت: | 150 رپيا |

هيءُ ڪتاب پڪي جلد ۽ رنگين سرورق سان 144 صفحن تي ڦهليل آهي، هن ڪتاب ۾ ڪل 41 مضمون آهن جن مان رڳو بہ عورتن جا آهن، باقي سڀ مضمون مرد ليکڪن جا آهن. مضمون جي ٻولي ۽ مواد مان اهو تاثر ملي ٿو، تہ اهي اخبارن مان ڪنيا ويا آهن پر ڪٿي بہ اهو ڄاڻايل ڪونهي تہ ڦهريون پيرو اهي ڪٿي شايع ٿيا هئا. اهڙو ذڪر نہ پبلشر ڪيو آهي ۽ نہ ئي سهيڙيندڙ انهيءَ ڳالهہ تي ڌيان ڏنو آهي. هن ڪتاب ۾ مضمونن سان گڏ شعر بہ شامل ڪيا ويا آهن. سنڌي ساهت گهر جي سرواڻ محترم ناز سنائيءَ پبلشر جي نالي ۾ لکيل بہ اکر جي عنوان هيٺ بڌايو آهي. سنڌس اداري طرفان بينظير تي ڪتاب آڻڻ

جي هڪ رتا آهي ۽ هيءُ ڪتاب ان سلسلي جي پهرين ڪڙي آهي.

ڪتاب جو نالو: **مارشي ملير جي بينظير**

| | |
|---|---|
| ٻولي: | سنڌي |
| ليکڪ: | سرمد عثمان |
| ڇپائيندڙ: | سنڌي ساهت گهر حيدرآباد |
| سال: | 2008ع |
| قيمت: | 150 رپيا |

هيءُ ڪتاب ٻه پڪي جلد ۽ رنگين ڪَورَ سان سنڌي ساهت گهر حيدرآباد ڇپايو آهي. هن ڪتاب جو مرتب سرمد عثمان آهي پر هن ڪتاب ۾ نه تاثر آهي نه ئي مرتب پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪُل 34 مضمون آهن. جيڪي مختلف اخبارن تان ورتا ويا آهن. انهن جملي مضمونن ۾ ڪنهن ٻه عورت ليکڪ جو ليک شامل ڪونهي. بهرحال هڪ ڳالهه بهتر آهي ته هر مضمون جي آخر ۾ اخبار جو نالو ضرور ڏنو ويو آهي. جتان اِهو مضمون ڪنيو ويو آهي، جيڪا هڪ مثبت روايت آهي. ان ڪانسواءِ هن ڪتاب ۾ بينظير جا 8 رنگين فوٽو پڻ شامل آهن.

ڪتاب جو نالو: **شهيد راڻي**

| | |
|---|---|
| ٻولي: | سنڌي |
| مرتب: | ذوالفقار هاليپوٽو |
| ڇپائيندڙ: | شهيد ذوالفقار علي ڀُٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي |

ذوالفقار هاليپوٽي جو مرتب ڪيل آهي. هن ڪتاب جو ڇپيندڙ سنڌيڪا اڪيڊمي آهي.

هيءُ ڪتاب 416 صفحن تي پکڙيل آهي ۽ مرتب ڪندڙ ڪتاب کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهايو آهي، پهرين حصي ۾ ڪالم خاڪا ۽ تاثر شامل آهن، جن جو انگ 35 آهي. هن ڪتاب جي ڀاڱي ٻئي ۾ بينظير بابت اهڙا مضمون شامل آهن، جن جو مرڪزي نقطو سنڌ آهي. اهڙيءَ طرح ٽئين ۾ سنڌي اخبارن جا چونڊ ايڊيٽوريل شامل آهن.

ڪتاب جو مرتب لکي ٿو ته هيءُ ڪتاب هڪ عالمگير اڳواڻ، هڪ ڀيڻ ۽ ماءُ کي پرسو آهي. هيءُ ڪتاب نه پر سنڌ جي شعور ۽ ڏاهپ جي اجتماعي تعزيت آهي.

بينظير جي قتل کان پوءِ هن وقت تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ جيترا به ڪتاب آيا آهن، هيءُ ڪتاب انهن سڀني ڪتابن کان مواد ڇپائي ۽ جلدبنديءَ جي خيال کان اهم آهي.

هيءُ ڪتاب بينظير جي چاليهي تي پڌرو ڪيو ويو هو ۽ هن جون ڏهه هزار ڪاپيون ڇپائي مفت ورهايون ويون هيون.

ڪتاب جو نالو: **نایاب هين هم**

| | |
|---|---|
| ٻولي: | اردو |
| مرتب: | ذوالفقار هاليپوٽو |
| ڇپيندڙ: | سيد عبدالله شاهه فائونڊيشن |

مرتب 380 صفحن تي پکڙيل ڪتاب کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهايو آهي. پهرين حصي ۾ منظر، خراج تحسين جي نالي ۾ پنج مضمون شامل آهن. ان کان سواءِ "معنا مين ڪالم خاڪي اور تاثرات" جي عنوان هيٺ 78 مضمون شامل آهن. بعد ۾ اداري واري حصي ۾ جنگ، خبرين ۽ قومي اخبار جا ايڊيٽوريل ڏنل آهن.

ڊاڪٽر مهرالنساء لاڙڪ

# ايڪيهين صديءَ جو وڏو الميو

ڪيڏا ڏينهن گذري ويا، خبر ئي ڪانہ پئي جڻ تہ ڪالھ جي ڳالھ آهي. جي ها- ڪالھ جي تہ ڳالھ آهي، دلين ۾ اڄ بہ اهڙوئي غم آهي جهڙو محترمہ جي شهادت واري ڏينهن هو. جيئن شاھ سائين فرمايو آهي:

جيئن تا ڏينهن لنگهن، تيئن تا پور پون،
هينئون منهنجو جهوري ۾ جهجي تو.

28- ڊسمبر کان دلين ۾ ختم نہ ٿيندڙ ماتم جو سلسلو اهڙو تہ شروع ٿيو، جيڪو تاريخ جو نہ وسرندڙ باب بڻجي ويو آهي.

سنڌ جو لاڙڪاڻو شهر جيڪو زرخيز ذهنن جي ڌرتي آهي، اتي سندس مٽيءَ ۾ انمول موتي پڻ دفن ٿيل آهن. انمول هيرا تہ پهرين ئي ڳڙهي خدا بخش ۾ مدفون هئا پر 28- ڊسمبر 2007ع تي دنيا جي عالمي شخصيت سنڌ جائي، بينظير ڀٽو انمول موتي پڻ جڳ جي مالها مان ٽٽي اتي دفن ٿي ويو. 28- ڊسمبر کان ڳڙهي خدا بخش سنڌ جي هڪ نہ ختم ٿيندڙ ڪربلا بنجي ويو آهي. ڏانهن ۽ سسڪين جو سلسلو جاري آهي، هر وقت جي آھ و بڪا ڇا تي ثابت ڪري؟ سانس خون جو ڪوبہ رشتو ناتو ناهي. پوءِ اها ڪهڙي مقناطيسي قوت آهي؟ ڇا صرف محبت ۽ عقيدت جا جذبا ايترو مضبوط ٿيندا آهن؟ محترمہ بينظير جي شهادت ثابت ڪيو تہ دنيا وارا ۽ خاص طور سنڌ وارا ڪيس ڪيترو نہ چاهيندا هئا ۽ محبت ڪندا هئا.

هوءَ پاڪستان جي اهڙي اڪيلي اڳواڻ هئي جيڪا جيتري پاڪستان ۾ مقبول هئي ان کان وڌيڪ پاڪستان کان ٻاهر هردلعزيز هئي. ان جو هڪ بہ سبب آهي تہ محترمہ سنڌ ۽ ملڪ جي خوشحالي، آجپي ۽ امن جي اڪيلي علامت هئي جنهن جي المناڪ شهادت جي خبر سنڌ واسين ۽ ملڪ واسين توڙي پرڏيھ تي هڪ بجلي وانگر ڪِري پئي. ڳڙهي خدا بخش جي قبرستان ۾ اڳ ئي 69 هيرا مدفون آهن پر 28- ڊسمبر 2007 تي سنڌ جو هڪ روشن ستارو ڪهڪشان جهڙي شخصيت

---

سنڌ جو لاڙڪاڻو شهر جيڪو زرخيز ذهنن جي ڌرتي آهي، اتي سندس مٽيءَ ۾ انمول موتي پڻ دفن ٿيل آهن. انمول هيرا تہ پهرين ئي ڳڙهي خدا بخش ۾ مدفون هئا پر **28** ڊسمبر **2007**ع تي دنيا جي عالمي شخصيت سنڌ جائي، بينظير ڀٽو انمول موتي پڻ جڳ جي مالها مان ٽٽي اتي دفن ٿي ويو.

---

جي مالڪ، اعليٰ پائي جي دانشمند ۽ عالمي مدبر پنهنجي ذات ۾ بيمثال شهيد بينظير ڀٽو صاحبہ جهڙي شخصيت جو 70 نمبر قبر تي ڪتبو لڳي

ويو، شهيد ذوالفقار علي ڀُٽو جو روح تڙپي پيو هوندو. جڏهن سندس گلاب جي گل جهڙي پنکي ان ساڳي ئي شهر ۾ شهيد ٿي، جتي 28 سال اڳ هڪ جابر فوجي سربراهه جي دور حڪومت ۾ ڀُٽي صاحب کي پڻ شهادت جي اعليٰ رتبي تي پهچايو ويو هو. شهيد ڀُٽي جي انتقال کان پوءِ صرف 24 سالن جي ننڍي عمر ۾ والد جي سياسي مشن کي اڳتي مستحڪم طريقي سان هلائڻ صرف بينظير جي ذات جو ڪمال هو.

اي دُخترِ مشرق تنهنجي زندگيءَ جو هڪ هڪ لمحو يادگار ۽ هڪ هڪ ڳالهه ايتري تہ قيمتي آهي جو ڪهڙيون ڳالهيون ياد رکجن ۽ ڪهڙيون ياد نہ رکجن.

اي شهيد راڻي، تو ڀُٽي صاحب جي جانشيني جو پرپور ۽ صحيح حق ادا ڪيو، جهڙي طرح ڀُٽو صاحب جو سياسي جوڙ نہ هو، هو ذاهپ جو اهڃاڻ ۽ عقلمنديءَ جو چٽو ثبوت هو ۽ سحرانگيز شخصيت جو مالڪ هو. اهڙيءَ طرح تنهنجو بہ سياست ۾ ڪو جوڙ نہ هو. تون ڪٽنب جي ذهين، مقناطيسي شخصيت جي مالڪ، اسلامي دنيا جي پهرين ۽ ڪمسن خاتون حڪمران هئينءَ. جهڙيءَ طرح بينظير پنهنجي زندگيءَ جو هڪ رڪارڊ هئي، اهڙيءَ طرح شهادت بہ هڪ رڪارڊ آهي، پاڪستان جي سڀ کان ڪمسن سياسي شهادت.

نہ ڀولي گا اسي صديون زمانہ
يهان جو حادثہ ڪل هوگيا.

اهو محترمہ جي شخصيت جو سحر هو جو هوءَ جيڏانهن بہ وئي پئي تہ ڇانئجي ٿي وئي، هن پنهنجي والد کان بہ وڌيڪ ڏک ڏٺا. شايد اهو انهن تڪليفن جو اثر هو جو هوءَ هن ڀيري جڏهن 11 سال جلاوطني ختم ڪري واپس وطن آئي، تہ تمام گهڻو پراعتماد، ميچوئر ڏسڻ ۾ اچي رهي هئي. شايد سسئي وانگر ڏکن ڪيس انوکي طاقت بخشي هئي. بقول شاهہ لطيف جي:
سکن کان شاباس، ڏهہ ڏهہ ڀيرا ڏکن کي،
منجهي هوند مياس، پر سورن ڪٺي سونهون ڪيو.

سندس وجود ڏکن جي تندور ۾ پچي رچي راس ٿيو هو. محترمہ واپس اچڻ کان پوءِ اهڙي تہ نموني مختلف شهرن جا طوفاني دورا ڪيا جڻ ڪيس خبر هئي تہ وٽس وقت تمام گهٽ آهي. سنڌ جي شهرن جا دورا مڪمل ڪري سرائڪيءَ پٽيءَ مان ٿيندي اسلام آباد پهتي ۽ پوءِ دنيا ڏٺو تہ 27- ڊسمبر شام جو 6:15 وڳي اسان تي قيامت ٽُٽي پئي، زمين پيرن هيٺان کسڪڻ لڳي ۽ آسمان مٿن جي مٿان هٽندو محسوس ٿيو. محترمہ جي شهادت جي خبر دلين تي ڪنهن قيامت کان گهٽ نہ هئي. دنيا جي سڄي ميڊيا ۾ هل مچي ويو، هر دردمند انسان جي دل ۾ قيامت برپا هئي. ذهن مائوف ٿي ويا هئا.

محترمہ کي شايد پڪ هئي تہ ڪيس شهيد ڪيو ويندو، تڏهن تہ شايد هن مختصر وقت کي وڌ کان وڌ پنهنجن پيارن سان گڏ گذاري لمحن کي امر ڪرڻ ٿي چاهيو. هوءَ جيڪا ڇئن صوبن جي زنجير هئي، جيڪا جمهوريت جي قافلي جي سرواڻ هئي، هڪ بهادر ۽ يگاني سالار هئي. سندس ڪامياب دورا سندس سياسي مخالفن کي اک ۾ ڪنڊي جيان چڀڻ لڳا. ماڻهن جا ذهن جيڪي نااميديءَ ۾ ورتل هئا، انهن ۾ انقلابي تبديليون اچي ويون. اهي ماڻهو جن کي محرومين پنهنجي گرفت ۾ قابو ڪري ورتو هو انهن جي من ۾ اميدن ۽ آسن جا ڏيئا ٻرڻ لڳا. ماڻهن جي

چهرن تي ائين مسڪراهٽون اچي ويون، جيئن خزان کان پوءِ بهار ايندي آهي پر محترمہ جي شهادت سان سنڌي قوم يتيم ٿي پئي، هوءَ نہ صرف بلاول، بختاور ۽ آصف جي ماءُ هئي پر سنڌ جي هر فرد جي ماءُ هئي. سنڌي تہ بيشڪ يتيم ٿي ويا پر ملڪ جي وحدت کي وڏو نقصان پهتو آهي.
ملڪ جي تاريخ ۾ ڪوبہ اهڙو مثال موجود ڪونهي جو ڪنهن جي شهادت تي اهڙيءَ طرح پورو ملڪ سوڳ ۾ ورتل هجي. جيڪڏهن محترمہ جي زندگيءَ ۾ ڪافي ماڻهن کي ساڻس سياسي اختلاف هئا پر قاتل سيني کي سندس باري ۾ اعتراف ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.
”خون دل دي ڪي نڪارين گي رخ برگ گلاب
هم ني گلشن ڪي تحفظ ڪي قسم کائي هي.
محترمہ جي دانشمندي ۽ دورانديشي جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ محترمہ حضرت علي رضي الله عنه جي قول تي عمل ڪيو آهي.
حضرت علي رضي الله عنه جو قول آهي تہ روزانو رات جو سمهڻ کان پهرين وصيت لکي ويهاڻي هيٺان رکي ڇڏيو، خبر ناهي تہ بي ڏينهن جو اڀرندڙ سج اوهان ڏسي سگهو يا نہ؟
محترمہ بہ ان قول مطابق پنهنجي وصيت ۾ پنهنجي هونهار شهزادي جيڪو صرف هڪ سال پهرين شناختي ڪارڊ حاصل ڪرڻ جي قابل ٿيو، ان جي ڪلهن تي پنهنجي پارٽي جو بار وڌو. محترمہ جي ٽيجهي کان هڪ ڏينهن پهرين اها وصيت پارٽي جي اهم اجلاس ۾ ٻڌائي وئي. اها وصيت ٻڌڻ لاءِ دنيا وارن جون اکيون ميڊيا تي لڳل هيون. دنيا جون بي-چين ۽ منتظر نگاهون فيصلو ٻڌڻ لاءِ انتظار ۾ هيون ۽ جڏهن اهو اعلان ٻڌو ويو تہ وصيت مطابق بلاول ڀُٽو زرداريءَ کي پارٽيءَ جو چيئرمن منتخب ڪيو ويو. هيءَ ذميداري هڪ وڏي ذميداري آهي. هيءَ ڪا سڪن جي سيج ڪانهي، هر عام ۽ خاص ماڻهو پنهنجي ذهني استعداد مطابق راءِ بہ ڏئي رهيو هو تہ تبصرو پڻ ڪري رهيو هو. بهرحال اهو تہ وقت ثابت ڪندو، تہ بلاول ڀُٽو پنهنجي والده جي طرفان عهدي تي ڪيتري قدر ثابت قدم رهيو. پر يقيناً جيئن بينظير صاحبہ پنهنجي والد شهيد ذوالفقار علي ڀُٽو جي خواهش مطابق پاڻ کي مجرايو. اميد تہ بلاول ڀُٽو بہ پنهنجي والده محترمہ جي خوابن کي سچ ثابت ڪندو ۽ عوام جي توقعات تي پورو لهندو. بهرحال سنڌ جي عظيم نياڻي محترمہ شهيد بينظير ڀُٽو جهڙيءَ طرح سنڌ ۾ پسنديده شخصيت هئي اهڙيءَ طرح دنيا جي 20 بااثر شخصيات ۾ ٻي نمبر تي هئي.
هڪ غير ملڪي ويب سائيٽ دنيا جي 2007ع جي 20 بااثر شخصيتن جي فهرست جاري ڪئي آهي جنهن ۾ دنيا جي 11 عورتن کي پڻ شامل ڪيو ويو، جنهن ۾ آمريڪي سينيٽر هيلري ڪلنٽن پهرين نمبر تي آهي ۽ ٻي نمبر تي محترمہ بينظر ڀُٽو صاحبہ پاڪستان جي واحد خاتون رهنما آهي. جيڪا بہ دفعا وزيراعظم منتخب ٿي چڪي. رپورٽ ۾ اهو پڻ چيو ويو آهي تہ بينظير ڀُٽو صاحبہ جو رويو اهڙين عورتن جهڙو هو جيڪي تاريخ جو اهم حصو بنجي ويندڙيون آهن. محترمہ جي شهادت اهو ثابت ٿي ڪري تہ:
”هوا ڪي دوش پي رکي هوئي چراغ هين هم
جو بجهہ گئي تو هوا سي شڪايتين ڪيسي.“

امبرين هيسباڻي

# پکين به پولڻ چڏي ڏنو......!

چونڊا آهن تہ انسان جيڪو بہ پنهنجي مستقبل بابت سوچيندو آهي. ائين نہ ٿيندو آهي. شايد اهو بہ قدرت جو هڪ نظام جڙيل آهي، ها اسان جي سنڌ جي سينڌ (جيڪا پاڻ کي ملڪ مٿان قربان ڪري هميشہ لاءِ امر بڻجي ويئي) محترمہ بينظير سان بہ ڪجھ ائين ٿيو. هن ڪڏهن بہ پاڻ کي سياسي چڪرن ۾ نہ پئي آڻڻ چاهيو، هن تہ پاڪستان جي سفير يا وري ڪنهن اخبار جي ايڊيٽر بڻجڻ پئي چاهيو، جنهن جو اظهار محترمہ بينظير ڀٽو پنهنجي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ ڪيو هو. قومي اسيمبلي ۾ ٿيندڙ هڪ اجلاس دوران جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ مخالف ڌر وچ ۾ هلڪي نوڪ جهوڪ ٿي رهي هئي، تہ اتي مسڪرائيندي محترمہ بينظير ڀٽي چيو تہ (ميري مخالفين سوچتي هونگي، اس سي تو اچا تا بينظير سفير يا اخبار ڪي ايڊيٽر بن جاتي) پر رب پاڪ پاران اهو لکيل هو تہ هوءَ بہ پنهنجي بهادر پيءُ جيان هڪ بهادر سياستدان بڻجي ۽ ٿيو بہ اهو ئي، ايشيا جي پهرين عورت وزيراعظم جو اعزاز حاصل ڪيو. شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي سياسي زندگي واري سفر کي ڏسجي تہ 1977ع جي چونڊن سياسي منظرنامو ئي تبديل ڪري ڇڏيو. ڪتاب "جو ديکا جو سنا" ۾ قيوم نظامي لکي ٿو تہ ذوالفقار علي ڀٽو اڃا بہ وڌيڪ 5 سال حڪومت ڪري سگهي پيو، پر اندروني ۽ بيروني قوتن هڪ اهڙو ماحول تيار ڪيو، جنهن ۾ ذوالفقار علي ڀٽو ڦاسايو ويو، 5 جولاءِ 1977ع تي جنرل ضياءالحق ڀٽو حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو، ڀٽو چاهيندو هو تہ مارشل لا جو خاتمو ۽ جمهوريت جي بحاليءَ جي لاءِ عوامي تحريڪ هلائي وڃي. هو مرڪزي ليڊرن ڏانهن نهاريندو رهيو، ڪوٽ لکپت جيل مان حفيظ پيرزادي، ممتاز ڀٽي ۽ مصطفيٰ کر کي پيغام اماڻيا تہ هو لاهور اچي احتجاجي جلسن جي قيادت ڪن پر هو خوفزدا ٿي ويا ۽ جاگيردارن بہ ڀٽي کي يقين ڏياريو تہ جتي هن جو پگهر ڪرندو اتي هو پنهنجو رت وهائيندا، جڏهن موقعو آيو تہ سرمائيدار، جاگيردار، وزير، مشير ۽ سفير ڀٽي جو سات ڇڏي ويا ۽ پوءِ بيگم نصرت ڀٽو مشڪل وقت ۾ پارٽيءَ جي قيادت سنڀالي پر سندس صحت سخت جدوجهد ڪرڻ جي قابل نہ هئي، اهڙين حالتن ۾ پارٽيءَ جا حامي ۽ ڪارڪن مايوس هئا. مايوسيءَ جي اهڙي عالم ۾ هڪ بهادر خاتون قيادت مهيا ڪئي جيڪا نہ وزير هئي نہ مشير هئي ۽ نہ وري سفير هئي، هوءَ بينظير هئي. ڀٽي جي خلاف مقدمو هلي رهيو هو، تہ اڳوڻو سينيٽر احمد وحيد اختر ۽ ٻين ساٿين بينظير ڀٽي کي مشورو ڏنو تہ هوءَ پنجاب جو دورو ڪري ۽ ڊويزنل هيڊڪوارٽر تي ڪارڪنن کي

جيڪا پاڻ کي ملڪ مٿان قربان ڪري هميشہ لاءِ امر بڻجي ويئي محترمہ بينظير سان بہ ڪجھ ائين ٿيو. هن ڪڏهن بہ پاڻ کي سياسي چڪرن ۾ نہ پئي آڻڻ چاهيو، هن تہ پاڪستان جي سفير يا وري ڪنهن اخبار جي ايڊيٽر بڻجڻ پئي چاهيو، جنهن جو اظهار محترمہ بينظير ڀٽو پنهنجي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ ڪيو هو.

خطاب ڪري، انهن ڪارڪنن کي متحرڪ ڪري ڇڏي ۽ پوءِ محترمہ بينظير ڀٽو ذوالفقار علي ڀٽي سان جيل ۾ مشورو ڪيو تہ هن انهن تجويزن سان اتفاق ڪيو ۽ بينظير کي هدايت ڪئي تہ هوءَ پنجاب جي دوري ۾ فاروق لغاري ۽ قيوم نظاميءَ کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃي. بينظير ڀٽي پنهنجي سياسي زندگيءَ جي پهرين سياسي تقريب فيصل آباد جي گڏجاڻيءَ ۾ ڪئي. هن تقرير جي تياري اسلام آباد ۾ پنهنجي گهر، شيشي جي آڏو بيهي ڪئي هئي ۽ فيصل آباد جي عوام ۽ ڪارڪنن بينظير جو پرجوش خيرمقدم ڪيو. اهڙيءَ طرح بينظير ڀٽو عوامي سياست جو آغاز ڪيو، تڏهن بينظير لاءِ بہ اهو نعرو لڳڻ لڳو- "ڀٽي جي تصوير بينظير" ۽ اها بينظير ڀٽو کي اڳتي هلي دنيا ڏنو تہ هوءَ پوري عالم جي هڪ اهڙي ليبر طور ابري سامهون آئي، جنهن جو خود سندس پيءُ ذوالفقار علي ڀٽي وٽ بہ تصور نہ هوندو ۽ نہ ئي وري پاڪستان پيپلز پارٽي جي ٻئي ڪنهن ليبر بہ شهيد راڻيءَ بابت اهڙو سوچيو هوندو، ان پنڪي بعد ۾ بينظير ڀٽو ٻنجي عوامي سمنڊ ۾ اهڙيون تقريرون ڪيون جو ملڪ جي وڏن وڏن مخالف ليبرن جا حوصلائي خطا ٿي ويا.

پاڪستان جي سياست بابت ڪا حتمي راءِ تہ ڪنهن بہ وقت سني ڏئي سگهجي پر شهيد راڻي بينظير ڀٽو پنهنجي سياسي سفر ۾ اهڙا لاها چاڙها ڏنا جيڪي شايد دنيا جي ڪنهن بہ سياسي ليبر نہ ڏنا هوندا. سندس والد ۽ پاڪستان جي پهرئين چونڊيل وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي کي ضياءالحق جي ڪاري مارشل لا جي دور ۾ ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ بند ڪيو ويو ۽ آخرڪار ڪيس هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ موت جي سزا ٻڌائي ڪيس ڦاهي چاڙهي شهيد ڪيو ويو. شهيد راڻي بينظير ڀٽي لاءِ پنهنجي سياسي سفر جو ڏکيو دور سندس والد شهيد ذوالفقار علي ڀٽي تختواونتو ٿيڻ ۽ ضياءالحق جي اقتدار تي قبضو ڪرڻ سان شروع ٿي چڪو هو، هن کي پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي والد جي شهادت ڏسڻي پئي، ڪيس پنهنجي سمورن گهرڀاتين سميت جلاوطن ٿيڻو پيو، شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو، شهيد راڻي بينظير ڀٽو توڙي شهيد مير مرتضيٰ پنهنجا پنهنجا مشن جاري رکيا. بينظير ڀٽو 1986ع ۾ جلاوطني ختم ڪري پاڪستان واپس ورڻ جو اعلان ڪيو هو، پارٽي استقبال جون تياريون شروع ڪري ڇڏيون ۽ پارٽي ليبرن محترمہ بينظير ڀٽي کي مشورا ڏنا تہ لاهور ۾ اهو اعلان ڪرايو وڃي تہ محترمہ بينظير ڀٽي عام جلسي ۾ ڀٽي جي آخري وصيت جي حوالي سان لاهور واسين کي اعتماد ۾ وٺندي، پاڪستان جو عوام جنرل ضياءالحق جي ڏکهي مارشل لا کان تنگ اچي چڪو هو، وزيراعظم جوڻيجو هڪ نفيس ۽ پروقار شخصيت هو، ان بينظير کي پرامن جمهوري سياسي سرگرمين جي اجازت ڏئي ڇڏي، تڏهن بينظير سان گڏ پارٽي جا ڪافي رهنما ۽ ڪارڪن پاڪستان واپس آيا، جڏهن بينظير ڀٽو لاهور ايئرپورٽ تي پهتي تہ اتي عوام جو سمنڊ انهن جي استقبال لاءِ منتظر هو، اهو هڪ اهڙو تاريخي ۽ مثالي استقبال هو، جو جنهن جو مثال ننڍي کنڊ جي سياسي تاريخ ۾ نہ تہ ملي ۽ نہ وري عوام جي جوش جذبي کي الفاظن ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو، بينظير ڀٽو ٽرڪ ۾ سوار ٿي ڪافي ڪلاڪن کان پوءِ مينار پاڪستان پهتي، رستي تي هر پاسي گاڏين جي مٿان ماڻهن جا هجوم هئا، هر شعبي سان تعلق رکندڙ ماڻهو، پوڙها، نوجوان ۽ ٻار بينظير جي استقبال لاءِ پهتا ۽ مٽن جي حساب سان بينظير مٿان گل نڇاور ڪري رهيا هئا، ذوالفقار علي ڀٽي جي

قاهي ڪان پوءِ پنجاب جي عوام ڪي پنهنجي محبت ۽ غم جي جذبات جي اظهار جو موقعو مليو هو. پاڪستان جي سيني صوبن، شهرن ۽ آزاد ڪشمير مان پ پ جا حامي پنهنجي قائد جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ آيا هئا، ايم.آر.ڊي جي ڪنهن اڳواڻ کي ٽرڪ ۾ سوار نہ ڪيو ويو، جيتوڻيڪ استقبال ۾ ٻين پارٽين جا ڪارڪن بہ شامل هئا، جڏهن تہ اهو تاريخي شو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو هو ۽ محترمہ بينظير ڀٽو ڪيترائي هفتا ٽرڪ تي سوار ٿي پاڪستان جي مختلف شهرن جو دورو ڪندي رهي، هر جاءِ تي انهن جو پرجوش ۽ بيمثال استقبال ڪيو ويو، اهو استقبال انهيءَ لحاظ سان حيران ڪندڙ هو ڇو تہ انهيءَ دوران ڪو بہ ناخوشگوار واقعو پيش نہ آيو. لاهور ۾ جڏهن پارٽي جي ڪارڪنن آمريڪي جهنڊو لهرايو تڏهن محترمہ انهن کي سختيءَ سان روڪي ڇڏيو. ”وزيراعظم بينظير“ ۽ ”چئني صوبن جي زنجير بينظير بينظير“ جا نعرا پاڪستان جي هر گهٽي، چوڪ ۽ رستن تي گونجندا رهيا، ان وقت پنجاب جو وزيراعليٰ ميان نواز شريف هو، هو بينظير جي عوامي استقبال کي ڏسي خوفزده ٿي ويو ۽ پنهنجن دوستن کان پڇڻ لڳو تہ هاڻي ڇا ٿيندو. آگسٽ 1988ع ۾ رب پاڪ پنهنجي رسيءَ کي ڇڪي ورتو ۽ جنرل ضياءُالحق جو جهاز هوا ۾ ڪريش ٿي ويو ۽ ملبي مان رڳو هن جا ڏند ملي سگهيا.

1988ع جي چونڊن ۾ خفيا ايجنسين پاڪستان پيپلز پارٽي جي خلاف آءِ.جي.آءِ جي نالي سان هڪ انتخابي اتحاد بيهاري ڇڏيو ۽ بينظير جو رستو روڪڻ لاءِ مهراڻ بئنڪ جا چوڏهن ڪروڙ رپيا پ پ مخالف پارٽين ۾ تقسيم ڪيا، محترمہ بينظير ڀٽو وڏين محنتن سان چونڊ مهم هلائي، تڏهن بلاول جي پيدائش بہ ٿيڻ واري هئي، ان جي باوجود محترمہ بينظير ڀٽو سڄي پاڪستان ۾ اليڪشن جو دورو ڪيو، پ پ قومي اسيمبليءَ ۾ اڪثريتي جماعت نهي ابري تڏهن پنجاب ۾ ميان نواز شريف ”جاڳ پنجابي جاڳ“ جو نعرو لڳائي اڪثريت حاصل ڪري ورتي، بينظير ڀٽو ايم.ڪيو.ايم سان اتحاد ڪري مرڪز ۾ پنهنجي پوزيشن مضبوط ڪري ورتي، صدر غلام اسحاق خان بينظير کي وزيراعظم نامزد نہ پئي چاهيو، محلاتي سازشون ڪامياب نہ ٿي سگهيون، حالتن جي دٻاءَ ڪري غلام اسحاق خان کي نہ چاهيندي بہ بينظير کي مرڪز ۾ حڪومت جوڙڻ جي دعوت ڏيڻي پئي، معاملا طئہ ڪيا ويا، بينظير ڀٽو اقتدار ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ راضي ٿي وئي ۽ اختيارات تي زور نہ ڏنو ۽ انهيءَ طرح بينظير ڀٽي جو آڪسفورڊ مان وزيراعظم هائوس تائين جو سفر مڪمل ٿيو، بينظير کي اسلامي ملڪ پاڪستان جي پهرين عورت وزيراعظم جو اعزاز حاصل ٿي ويو.

21 جون 1953ع ۾ جنم وٺندڙ بينظير ڀٽي جي زندگيءَ جي پڄاڻي 27 ڊسمبر 2008ع جي شام جو گولين جي وسڪاري ۽ بم جي ڌماڪن سان ٿي، جنهن جي ڄاڻ ڪنهن کي بہ نہ هئي تہ ڪو محترمہ بينظير ڀٽي جو موت اچڻ ٿيندو، 27 ڊسمبر جي شام تي جيئن ئي محترمہ بينظير ڀٽي جي شهيد ٿيڻ جي خبر ٽي.وي چئنلز تي آئي، تہ انهيءَ گهڙي هر گهر ۾ روڄ راڙو ٿي ويو، ڄڻ تہ هر گهر ۾ موت ٿيو هجي، محترمہ بينظير ڀٽو نہ صرف سنڌ جي عورتن لاءِ اتساهہ جو ذريعو بڻي پر هوءَ اڄ بہ هر عورت جي دل تي راڄ ڪري رهي آهي، محترمہ بينظير ڀٽي جي شهادت تي هر اک آلي هئي پر ان سان گڏو گڏ پڪين بہ ٻولڻ ڇڏي ڏنو هو!

نظير قريشي

# هڪ بهادر سنڌياڻي

اسان ذميدار شهريءَ جي حيثيت رکندي جڏهن ڪنهن سان وعدو ڪندا آهيون، ته اهو به محسوس ڪندا آهيون، ته الائي اهو ڪيل وعدو پورو به ڪري سگهنداسين يا نه؟ آءٌ به سدائين 'سرتيون' لاءِ گلبدن سان وعدو ڪري ويهندي آهيان، اسان جو ساٿ سدائين توهان سان رهندو. سو هن ڀيري به سندس چوڻ جو انداز وٺيو ته "ادي" محترمه تي خاص نمبر شايع ڪري رهيا آهيون، توهان ڪجهه لکي ڏيو. ها ته ڪيم پر سمجهه ۾ نه پيو اچي ته محترمه جي شخصيت جي باري ۾ ڳالهه شروع ڪتان ڪجي. هڪ فاتح عورت واري پاسي کان يا مظلوميت کان، جتي اسان فقط آهون پريندي رهجي ويندا آهيون. 18- آڪٽوبر 2007ع تي جڏهن بينظير ڀٽي جي وطن واپسي تي، ته سڄي جهان ۾ اهي چوٻول گردش ڪري رهيا هئا، ته مشرف سرڪار جي شرطن شروطن کان پوءِ محترمه ڪنهن ڊيل تحت وطن وري آهي. آءٌ نٿي ڄاڻان ته محترمه انهيءَ ڊيل مطابق پنهنجي ڪم جي شروعات ڪئي. يا ڏگ ئي ٻيو اختيار ڪيو، جنهن تحت ڪيس رستي تان هٽايو ويو. بهرحال اسان کي فخر آهي ته اسان جي سهڻيءَ سنڌ هزارين اهڙا عظيم ڪردار پيدا ڪيا آهن. جو سموري دنيا ان جا مثال پيش ڪندي ته سنڌ ڌرتيءَ جي انقلابي ۽ سدا حيات شاعر، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سُرن مان ڦٽي نڪتل سنڌ جيجل ڄايون به پنهنجي وطن، پنهنجي قوم ۽ پوري انسانيت جي بقا خاطر هر دم مردن سان گڏ ڏکين حالتن ۾ ميدان عمل ۾ ڪوشان آهن.

باني پاڪستان قائداعظم محمد علي جناح جي جان نثار ڀيڻ محترمه فاطمه جناح کان وٺي جيڪڏهن اسان سنڌ جي بهادر عورتن جا يادگار ڪردار ڳڻڻ شروع ڪنداسين ته لاتعداد ڪتاب تيار ٿي ويندا. مائي بختاور هجي، نصرت ڀٽو هجي يا ممتاز نظاماڻي هجي، جن سدائين ظالم قوتن کي للڪاريو ته خبردار سنڌ نڌڻڪي ناهي، موهن جي دڙي جون وارث اڏول سنڌياڻيون موجود آهن!

اهڙين ئي هستين جو تسلسل اڄ به هلندڙ آهي. جو سنڌ جي هر عورت محترمه بينظير ڀٽي جي عظيم تاريخي قربانيءَ کي پنهنجي وطن جو هڪڙو المناڪ واقعو قرار ڏيندي، گهر ٿي ڪري ته محترمه جي اصلي قاتلن کي منظر عام تي آڻي ڪين ڦاهين جون سزائون ڏياري سرعام لٽڪايو وڃي.

سياسي حوالي سان محترمه سان تمام گهڻا اختلاف ٿي سگهن ٿا، پر ڏک فقط ان ڳالهه جو آهي ته اسان جي هڪ بهادر سنڌ ڄائي بي سبب ۽ بيگناهه ڪنهن جلاد، سفاڪ ۽ بي رحم

رهزن جي هلايل تير جو نشانو بڻجي وئي، جيڪو سنڌ جي عوام لاءِ وڏو هاڃو آهي.

اهڙا ماڻهو مرندا ناهن، ويس مٽائي ورندا آهن. محترمه جي شهادت کان وٺي اڄ تائين ماڻهن جي ذهنن ۾ سموري ماحول ۾ هڪڙي عجيب قسم جي ويڳاڻپ ۾ سوڳواري ڇانيل آهي.

هاڻي ڇئني صوبن جو پراميد عوام پاڻ سان ٿيل سمورن ڏکن، سورن، تڪليفن، ڏاڍاين جو ڪو اهڙو ازالو چاهن ٿا، جنهن سان عوام سک جو ساهه کڻي سگهي.

محترمه جي پارٽيءَ کي حڪومت ملڻ کان پوءِ جو ٽائم به آهستي آهستي سرڪندو پيو وڃي. وعدا، وچن به اڳواڻن طرفان سلسلي وار جاري آهن.

اصل ڳالهه آهي، ته هن مُلڪ ۾ افراتفري واري جيڪا صورت حال آهي، جنهن مطابق هر ماڻهو عذاب ۾ مبتلا آهي. هاڻي اهو ڏسڻو آهي ته اسان جا چونڊيل اڳواڻ محترمه جو مان رکندي، ڪيتري قدر ٿا ان پوڳنا مان عوام جي جان ڇڏائين.

محترمه بينظير ڀٽو صاحبه هڪڙي ايرانيءَ ماءُ جي ڪُک مان جنم وننڌڙ، سنڌ ڌرتيءَ جي مالڪي ڪندڙ اهڙي هستي هئي، جنهن مرڻ کان پوءِ امر بڻجي سامراجي قوتن کي للڪاريو ته ڏسي ڇڏيو ظالمو! اسان مرڻ کان پوءِ به هميشه روح زمين تي زنده رهنداسين، توهان جيئرا هئڻ جي باوجود به مُرده آهيو.

پنهنجي وطن خاطر محترمه جي شهادت جهڙو انوکو مثال اسان عورتن کي هڪڙو اتساهه پريو پيغام ڏنو آهي ته ڪڏهن به ظالم، مڪار ۽ جابر قوتن اڳيان پنهنجو پاڻ کي ڪمزور نه محسوس ڪجو.

اهائي اسان لاءِ نئين واٽ آهي. نئون ڏڳ آهي. ڀلي ڪٿي ذاتي حوالي سان آءٌ ڪيس پرکي نه سگهي هجان، پر سندس شخصيت ايتري قدر متاثر ڪندڙ هئي جو دوست، دشمن هرڪو انهيءَ سحر مان نڪري ڪو نه سگهندو هو.

روٽي، ڪپڙا اور مڪان جو نعرو ڪٿي عوامي هجوم ۾ هٿ لوڏيندي هئي، ته ڏسڻ وارا دنگ رهجي ويندا هئا.

سندس شهادت کان اڳ آءٌ سمجهندي هيس، ته اهو انداز فقط ماڻهن کي بيوقوف ناهڻ لاءِ ڏيکاءُ آهي.

خبر ئي ڪا نه پئي، ته اصل ۾ اهائي حقيقي انقلابي واٽ هموار ڪرڻ لاءِ هوءَ ڪوشان آهي، پيڙيل طبقن جي اکين جي آلاڻ ۽ محترمه جي وڇڙي وڃڻ جي صدمي جو ڪو ازالو به ٿيندو يا اهي سنڌ جون مائرون ساڳيءَ طرح سدائين ڳوڙها وهائينديون رهنديون.

سُکن واري سڌ، متان ڪا مون سين ڪري،
اندر جنين اڌ، ڏونگر سي ڏوريندين.
(شاهه)

ڀُٽي خاندان جي قربانين جي صدقي ۾ پاڪستان جي عوام پيپلزپارٽيءَ کي ٽيون ڀيرو هن مُلڪ جو والي بڻايو آهي.

اميدن تي دنيا قائم آهي. اسين به محترمه جي پارٽيءَ مان اهائي اميد رکون ٿا، ته پراڻا طور طريقا هاڻي ڇڏي ڪو نئون جهان جوڙيو، سنڌ جي پيڙيل طبقن جي جيئڻ جو ذريعو بڻجي پنهنجي حق ڏيارڻ ۾ مددگار ثابت ٿيو.

ڊاڪٽر بختاور جام

# هن ساهه ڏئي ويساهه ڏنو

ليڊر ماڻهنءَ کي تمام گهڻا پيارا هوندا آهن، پنهنجي محبوب جيان يا ماءُ جيان. محترمه بينظير ڀٽو به اسان لاءِ زندگيءَ جو اهڃاڻ هئي، هڪ اهڙي ليڊر، جنهن سان عوام بي لوث محبت ڪندو هو.

هوءَ منهنجي بيحد پسنديده شخصيت هئي. آءٌ تمام ننڍڙي عمر جي هيس ته منهنجي ماءُ فوت ٿي ويئي هئي ۽ تڏهن کان آءٌ پنهنجن پيارن بابت تمام حساس بڻجي ويئي آهيان. ۽ محترمه بينظير ڀٽي بابت ته سدائين خوف ۽ خطرا صرف مان نه، پر ساڻس پيار ڪندڙ هر ماڻهو محسوس ڪندو آهي ڇاڪاڻ ته جهڙي فريب سان شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاهي چاڙهيو ويو ۽ شاهنواز ۽ مرتضيٰ کي جام شهادت پياريو ويو هو ته انهن ملڪ ۽ جمهوريت دشمن عناصرن جو ٻيو نشانو محترمه ئي ٿي سگهيو پئي ۽ جڏهن محترمه کي 2007ع ۾ وطن ورڻ کان پهرين ڌمڪيون پئي مليون، ته دل هر هر چاهيندي هئي، ته هوءَ وطن نه وري ته بهتر ٿيندو...... جيڪڏهن هو آئي ته هن کي ...... ۽ وري دل کي تسلي ڏني هئي ته هر دفعي آمرن کي ڪاميابي ڪيئن ملندي؟ هر دفعي ته عوام جي اُميدن جو گلو نه گهٽيو ويندو، آخر ڀٽي خاندان جي دشمنن کي به ته رحم ايندو. هن زندگيءَ جهڙي وڻندڙ مرڪ کي اجهائڻ بابت ڪيئن سوچيندا؟ آخر قاتل جا هٿ نه ڏڪندا جو اهڙي فولاد جهڙي مضبوط ۽ مارئي جهڙي منڙي ڌرتي جي ڌيءَ تي وار ڪندا؟ ۽ اُهي سڀ ڳُڻتا چاهيندي به هڪ پاسي رکي نه سگهيس ۽ هن جي وطن اچڻ تي سڄو ڏينهن خوشيءَ ۽ خوف جي ٻنهي ڪيفيتن ۾ ٻڏندي ۽ ترندي رهيس، ٻارن کي رشوت ۾ ڍير سارا بسڪٽ ۽ ٽافيون ڏنم ته جيئن هو ڪارٽون نيٽ ورڪ بجاءِ مون کي نيوز چينل ڏسڻ ڏين، جن تان محترمه جي آمد کي سڌو سنئون نشر پئي ڪيو ويو ۽ جڏهن هن جهاز مان لهندي پنهنجن اکين مان ڳوڙها اُگهيا ته الائي ڇو منهنجي اکين ۾ لڙڪ ٽري آيا، هڪ اهڙي ڌرتيءَ جي بهادر ڌيءَ، جيڪا پنهنجي سر جو سانگو لاهي جنگ جي ميدان ۾ مرڪندي مرڪندي لٿي هئي.



جنهن کي خبر هئي، جن ذوالفقار علي ڀٽي کي بيگناهه قتل ڪري ڇڏيو، جن شاهنواز ۽

مرتضيٰ کي قتل ڪيو آهي، اهي اڄا به سرگردان آهن، اُهي سچ، حق ۽ جمهوريت جا قاتل آهن. ۽ اُهي وري به جمهوريت ۽ وفاق جي علامت کي ضرور نشانو بڻائيندا، هوءَ تمام پڙهيل ڳڙهيل، ڏاهي، بهادر ۽ هن ملڪ جي سياست جي نالي ۾ ٿيندڙ سازشن کان چڱيءَ ريت واقف هئي، پر ته به هوءَ ثابت



قدم هئي، هن ديس لاءِ، عوام لاءِ وڙهندي آمرن کي للڪاريندي ڀرپور نموني جدوجهد ڪئي.

هوءَ جيتري سني ماءُ هئي، اوتري ئي سني ليڊر ۽ ڏيءَ به هئي، هن جي لکڻين، ليڪچرن ۽ تقريرن مان صاف ظاهر هوندو ته هن کي ڪيتري ڄاڻ آهي، هوءَ به ڀيرا وزير اعظم چونڊجي آئي، پر ٻئي ڀيرا هن ملڪ تي سالن کان حڪومت ڪندڙ غيبي طاقتن هن کي پنجن سالن جو مدو پورو ڪرڻ نه ڏنو، ته جيئن هوءَ پنهنجي پاليسين کي مڪمل ڪري ۽ عوام جي خدمت ڪري سگهي ها، سندس وَرڪي جيل ڪاٽڻو پيو، ڪيس ملڪي ۽ غير ملڪي ميڊيا ۾ ڪرپشن جا الزام هڻي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر جڏهن 18 آڪٽوبر تي هوءَ ديس وري ته ماڻهن جو سمنڊ ڪراچيءَ جي روڊن تي اُٿلي پيو هو ۽ جڻ عوام اُن ڏينهن ئي پنهنجي ووٽ جو اظهار ڪري چڪو هو.

18 آڪٽوبر 2007ع تي جڏهن سندس جلوس ۾ بم ڌماڪو ڪيو ويو، ته جڻ دل گهڙيءَ ڪن لاءِ بيهي ويئي، پر جڏهن اها خبر پئي ته محترمه خيريت سان آهي، ته مون خدا جو شڪر ادا ڪيو ۽ سوچيو ته جيڪي ماڻهو وڌيڪ پيارا هوندا آهن، تن بابت وڌيڪ فڪر ۽ وهم ذهن ۾ ايندا آهن! پر جڏهن 27 ڊسمبر 2007ع تي اهو قهر نازل ٿيو ته ڪيترائي ڏينهن جڻ دل ۽ دماغ سُن ٿي ويا هئا، اُن ڏينهن رڳو شهر ۾ نه پر دل ۾ جڻ ٻاهه پئي ٻري ۽ قيامت برپا ٿي ويئي هئي. هوءَ سنڌ جي هر گهر جي نياڻي هئي، هوءَ ته هر دل جي راڻي هئي، هوءَ محبوب ليڊر هئي، ماءُ هئي، ڀيڻ هئي ۽ پاڳ هئي، جيڪو رُسي ويو هو ۽ هر گهر ۾ تڏو ۽ ماتم هو!

اڄ سال گذرڻ باوجود، اُهو ڏک ڪڏهن به نه پراڻو ٿيندو نه وسرندو ۽ اسان جا ايندڙ نسل هن عظيم هستيءَ تي فخر ڪندا، ته هوءَ ڪيڏي سچي هئي. هن ساهه ڏيئي ويساهه ڏنو!

پروفيسر رشيده ڀٽي

# شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه- سنڌ ۽ سنڌين جي آس ۽ اُميد هُئي

اڄ مان هڪ اهڙيءَ شخصيت متعلق پنهنجا تاثرات لکي رهي آهيان جنهن کي الائي ڇو مان پنهنجي حقيقي ڀيڻ سمجهندي رهندي آهيان. شايد ان ڪري به جو ڄڻ جو ۽ منهنجو جنم سال ساڳيو آهي. صرف ٻن مهينن جي فرق سان، هوءَ منهنجي هم عمر هئي. ادي گلبدن جي بيحد اصرار ڪرڻ باوجود مون محترمه لاءِ ڪجهه به لکڻ نه ٿي چاهيو، ڇو ته سياست جي مضمون سان پنهنجي بنهه ڪونه لڳي پر اهو هڪ عجيب اتفاق آهي ته ننڍپڻ ۾ جڏهن اڃان مان پڙهڻ مس سکيو هُيو ته بابا مرحوم جا ڪتاب ڏسندي ڏسندي منهنجي نظر هڪ مئگزين تي ڇپيل هڪ تصوير تي اٽڪي بيهجي وئي هئي ۽ اُها تصوير هُئي، محترمه جي والد بزرگوار شهيد ذوالفقار علي ڀٽي شهيد جي. اُهو چيف مارشل محمد ايوب خان جو زمانو هو ۽ سندس ڪابينا جو اِهو سنڌي نوجوان، جنهن جون اکيون تصوير منجهان ڳالهائيندي محسوس ٿيون هيون. اُها شخصيت هميشه لاءِ منهنجي دل و دماغ تي ڇانيل رهي.

مون کي 1968ع جو اُهو رمضان شريف جو مهينو به چڱي نموني ياد آهي، جڏهن ڀٽي صاحب کي جيل ۾ بند ڪيو ويو ته الائي ڇو، ڪجهه به نه سمجهندي، نه چاهيندي، نه ڪو رت جو رشتو هو، نه ئي وري ڪو پوليٽيڪل بيڪ گرائونڊ هو(جيئن مون اڳ ۾ واضع ڪيو آهي ته .اسين پوليٽڪس مان بلڪل نه ڄاڻون نه واسطو رکون، نه ان موضوع تي ڪو تبصرو



ڪريون) پر پوءِ به هرو ڀرو به ائين سمجهي ورتو جيئن ڪو اسان جي پنهنجي گهر جو فرد جهڙوڪر جيل ۾ بند ڪيو ويو آهي. رب ٿو ڄاڻي ته سڄو رمضان شريف عِشاءَ جي نماز

ڪان پوءِ تراويح پڙهي بس صرف هڪ ئي دُعا گهرندي هُيم ته يا الله ذوالفقار علي ڀٽي کي آزاد ڪر.

حالانڪ مون کي ڪوبه تفصيل معلوم نه هو، پر الائي چو مان هُن کي هميشه معصوم، نيڪ ۽ خوا ترس سمجهندي هُيم. هڪ اڻ واقف ماڻهو لاءِ سچو مهينو بغير ناغي جي مون دُعائون گهريون- سو چو؟ اِها ڳالهه ته مون کي اڄ به سمجهه ۾ نه آئي ، پر هينئر مان عُمر جي جنهن حصي ۾ آهيان، ايترو واضع ٿي ويو آهي، ته الله تعاليٰ نيڪ ماڻهن لاءِ شايد پنهنجو پاڻ ئي اهڙي نموني جا انتظام ڪري ڇڏيندو آهي. برِصغير هِند پاڪ منجهان منهنجي پسنديده شخصيت هئي، مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي جي پوءِ جڏهن بينظير کي ورثي ۾ اُها ذهانت منتقل ٿي ته

مون ڪيس ۾ دفعا سامهون ڏٺو، پهروين ڀيرو تڏهن، جڏهن والد جي شهادت بعد ڪراچيءَ ڪان لاڙڪاڻي قافلي جي صورت ۾ چام شوري منجهان لنگهي رهي هُئي. مان ۾ پنهنجا ٻارڙا وٺي يونيورسٽي ڪالوني منجهان نڪري سپر هاءِ وي تي اچي بيٺي هُيس، عين اُن جڳهه وٽ جتي هاڻي پاڪستان اِسٽڊي سينٽر ٺهيل آهي، ٻيو دفعو جڏهن 1994ع ۾، وزير اعظم جي حيثيت ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ آئي هُئي.

خبر پئي ته بينظير نه صرف پنهنجي شهيد والد وانگر ذهين هُئي پر هڪ بهترين ڀيڻ، پيار ڪرڻ واري ماءُ ۽ ٻي يار و مددگارن جي مددگار ۽ هڏ ڏوکي ٻڻجي سامهون آئي. هوءَ نه صرف منهنجي هم عُمر هئي پر مون وانگر پنهنجي والدين جي پهرين يعني وڏي اولاد پڻ هُئي. اِن نسبت سان هوءَ پنهنجن ننڍن ڀائرن ۽ ڀيڻ لاءِ پڻ ڇپر ڇانوَ هُئي. چو ته اِها پڻ هڪ حقيقت آهي ته جيڪو ٻار پهرين نمبر تي هوندو آهي، سو جيئن ته گهر ۾ ننڍن ڀائرن ڀينرن جو خيال رکندو آهي ته ساڳي نموني هُن جو رويو گهر ڪان ٻاهر به ذميوارانه هوندو آهي.

نفسياتي طور تي جيڪڏهن تجزيو ڪبو ته خبر پوندي ته گهر ۾ وڏور ڀيڻ جو ڪردار نباهيندي، آخر هوءَ پاڪستاني قوم لاءِ هڪ وڏي ڀيڻ ۽ ماءُ جو لازوال ۽ ڪڏهن نه ختم ٿيڻ وارو ڏيو مالائي ڪردار ٻڻجي وئي. ظالمن ظلم ڪري ڪانئس زندگي ته ڦري ورتي، پر اِهو نه سوچيائون ته ائين ڪرڻ سان هُنن ڪيس امرتا بخشي ڇڏي. ڪيس شهيد ڪري هميشه لاءِ اَمر ڪري ڇڏيائون. بيشڪ شهيد زنده هُجن ٿا.

مون ڪيس ٻه دفعا سامهون ڏٺو، پهروين ڀيرو تڏهن، جڏهن والد جي شهادت بعد ڪراچيءَ ڪان لاڙڪاڻي قافلي جي صورت ۾ ڄام شوري منجهان لنگهي رهي هُئي. مان ٻه پنهنجا ٻارڙا وٺي يونيورسٽي ڪالوني منجهان نڪري سپر هاءِ وي تي اچي بيٺي هُيس، عين اُن جڳهه وٽ جتي هاڻي پاڪستان اِسٽڊي سينٽر ٺهيل آهي، ٻيو دفعو جڏهن 1994ع ۾، وزير اعظم جي حيثيت ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ آئي هُئي.

محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ هڪ اعليٰ درجي جي مُدبر، دانشور، سياستدان هُئي. هوءَ ڪا عام خاتون نہ هُئي اهڙي قسم جا ماڻهو صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن. سندس ولادت جي سال 1953ع کان وني شهادت جي سال 2007ع تائين، سندس حاصلات جو جائزو وٺبو تہ عقل حيران ٿي ويندو. هوءَ نہ صرف سياستدان، پر بيشمار قائدانہ صلاحيتون رکندڙ گهڻ رُخي شخصيت سان گڏ و گڏ بيمثال مقرر ۽ دانشور پڻ هئي.

محترمہ 1988-1990-1993 -1996 تائين بہ پيرا وزير اعظم منتخب ٿي پهروين پيرو وزير اعظم جو حلف کڻڻ مهل سندس عُمر 35 سال هُئي. پهروين پيرو کُل 20 مهينا حکومت ڪيائين ۽ ٻيون پيرو 1993ع کان 1996ع تائين حکومت ڪيائين. تنهن بعد 1998ع کان وني خود ساختہ جلا وطني اختيار ڪري دبئي ڏانهن رواني ٿي وئي. محترمہ ڀٽو صاحبہ پهرين منتخب مسلم خاتون وزير اعظم جو اعزاز پڻ ماڻيو. محترمہ بينظير ڀٽو جا وڏا اصل اِنڊيا جي رياست هريانہ جا هُئا. سندس ابتدائي تعليم ڪراچي جي آهي.(O) ليول 15 سالن جي عُمر ۾ ڪرڻ بعد (A) ليول بہ ڪراچي گرامر اسڪول منجهان ڪيائين. تنهن بعد 1969ع کان 1973ع تائين اعليٰ تعليم لاءِ هوءَ يونائيٽيڊ اسٽيٽ هلي وئي. بيچلرس آف آرٽس جي ڊگري مڪمل ڪرڻ بعد هوءَ هارورڊ يونيورسٽي کان واپس آئي ۽ مزيد تعليم لاءِ پوءِ يونائيٽڊ ڪنگڊم (برطانيہ) هلي وئي. 1973ع کان 1977ع تائين هُن فلاسافي، پوليٽڪس ۽ ايڪانامڪس جي تعليم آڪسفورڊ يونيورسٽي منجهان حاصل ڪئي. ان سان گڏ و گڏ اضافي ڪورسز ۾ بہ داخلا ورتائين، جتي انٽرنيشنل لا ۽ ڊپلوميسي جي تعليم مڪمل ڪيائين. 1976ع ۾ هوءَ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ يونين جي صدر منتخب ڪئي وئي. اهڙيءَ ريت هوءَ پهرين اِيشين خاتون هُئي جيڪا صدر بڻي. 1987ع ۾ سندس شادي محترم آصف زرداري سان ڪراچي ۾ ٿي. ڪيس ٽي ٻارڙا بلاول، بختاور ۽ آصفہ آهن.

کيس جيڪي ايوارڊ ۽ اعزازي ڊگريون مليون تن جو تفصيل هن ريت آهي.

ايوارڊس ۽ اعزازي ڊگريون:

1- برونو ڪير سڪاءِ ايوارڊ، ميرٽ ان هيومن رائيٽس، سال 1988ع

2- آنرري ڊگري آف لا، ايل، ايل، ڊي، هاردورڊ يونيورسٽي 1989ع

3- آنرري فيلو شپ باءِ دي ليڊي مارگريٽ هال، يونيورسٽي آڪسفورڊ، 1989ع.

4- آنرري فيلو شپ باءِ سينٽ. ڪيٽرين ڪاليج يونيورسٽي آف آڪسفورڊ، 1989ع.

5- آنرري في بيٽا ڪاپا ايوارڊ 1989، پريزيڊنٽ باءِ ريڊ ڪلفي ڪاليج.

6- هائيسٽ موروڪن ايوارڊ ”گرينڊ ڪورڊون دي وِسام اِلالائوئي“، هائيسٽ فرينچ ايوارڊ ”گرينڊ-ڪورئڪس دي لا ليجن آنر“ 1989ع.

7- دي نوئل فائونڊيشن ايوارڊ، (1990) (يو اين آءِ ايم ايف اي ايمَ).

8- آنرري ڊاڪٽوريٽ آف لا ( آنرس ڪاسا)

يونيورسٽي آف سنڌ، 1994ع.

9- ڪي(K) ٽو دي سٽي آف لاس اينجليس، پريزنٽڊ باءِ دي ميئر آف لاس اينجلس 1995ع.

10- پريزيڊنشنل ميڊل، پال ٽنز اسڪول آف ايڊوانس انٽرنيشنل سائنس 1995ع.

11- ميڊل باءِ يونيورسٽي آف ڪيليفورنيا ايٽ لاس اينجلس، 1995ع.

12- آنرري ڊاڪٽوريٽ فرام ميندينائو اسٽيٽ يونيورسٽي، فلپائين، 1995ع.

13- آنرري ڊاڪٽوريٽ آف لا(آنرس ڪازا) پساور يونيورسٽي، 1995ع.

14- آنرري پروفيسر آف (Kyrghyz) ڪيرغز اسٽيٽ نيشنل يونيورسٽي، 1995ع.

15- آنرري پروفيسر آف ياسِوي ڪذاخ تُرڪش يونيورسٽي، ڪذاخ ترڪش انٽرنيشنل لينگئيج يونيورسٽي، ڪازخستان، 1995ع.

16- آنرري ڊاڪٽوريٽ آف ايڪانامڪس، گڪوشن يونيورسٽي ٽوڪيو، 1996ع.

17- آنرئبل ميمبر آف اوهايوڪاءِ المناءِ ائسوسئيشن آف گڪوشن، ڪنفرڊ باءِ (Ohykai) اوهايوڪاءِ، ٽوڪيو، 1996ع.

18- دي گڪوشن آنرري ايوارڊ ، ٽوڪيو، 1996ع.

19- ايوارڊ باءِ تُرڪش انڊيپيڊنٽ انڊسٽريز اينڊ بزنس مين ائسوسيئيشن (Musaid) آن اڪائونٽ آف پرووائيڊنگ اسسٽنس ٽو دي پيپل آف بوسينا. گولڊ ميڊل ڊريگون آف بوسينا ايوارڊ باءِ پريزيڊنٽ آف بوسينا، 1996ع.

20- ايوارڊيڊ دي 2000 ملينيم ميڊل آف آنر باءِ آمريڪن بائيو گرافيڪل انسٽيٽيوٽ، آءِ اين، سي INC، اِن نومبر 1998ع.

21- ايوارڊيڊ آمريڪن اڪيڊمي ايوارڊ آف اچيومينٽ اِن لنڊن، آڪٽوبر -28، 2000ع.

22- انٽرنيشنل وومن آف دي ايئر- اِن دُبئي 2006ع.

23- نوبل پرائيز.

## شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جا لکيل ڪتابن جا نالا هن ريت آهن:

1- دي گيدرنگ اسٽروم( The Gathering Strom).

2- ڊاٽر آف دي ايسٽ، اين آٽو بائيو گرافي (Daughter of the East, an Autobiography).

3- ڊاٽر آف ڊيسٽني(Daughter of Desintiy)

4- اسلام، ڊيموڪريسي اينڊ دي ويسٽ( Islam, Democracy and de East).

آخر ۾ الله تعاليٰ کان دُعا آهي تہ شال سندس مرقد روشن رهي ۽ کيس جنت ۾ جايون ملن، سندس درجات بلند رهن ۽ تاقيامت سندس نالو جهموري نظام ۽ جهموريت لاءِ رهبر ۽ رهنما طور ڄاتو سڃاتو وڃي. (آمين ثم آمين)

مان خاص طور تي دُعاگو آهيان تہ الله تعاليٰ سندس ٻچڙن جي حفاظت ڪندو ۽ نياڻين جو نگهبان ٿيندو. اسان سڀني کي گهرجي تہ سندس طرفان شروع ڪيل نيڪ ڪمن کي اڳتي وڌايون ۽ غريبن ۽ بي يار و مددگارن جي همدرد ۽ مددگار بڻجون. شال الله تعاليٰ اسان سڀني کي نيڪ راهہ تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي ( آمين ثم آمين).

ڊاڪٽر عذرا سرور

# الا ڏاهي مَ ٿيان

صوفين، بزرگن، شاعرن ولين جي ڌرتيءَ تي جنم وٺڻ واري سنڌ جي جائي شهيدن جي وارثياڻي بينظير جيئن زندگيءَ ۾ بينظير رهي تيئن، شهادت ۾ به بينظير ٿي ويئي! ڪنهن کي خبر هئي، ته 27 ڊسمبر 2007ع هن جي زندگيءَ جي آخري شام هوندي ۽ اُهو ڏينهن جيڪو نه صرف پنهنجي ملڪ جي عوام پر دنيا ڀر جي ڏتڙيل عوام ۽ جمهوريت لاءِ اميد جي روشنيءَ جو هڪ ڪرڻو هو، خوشين ۽ خوشحالي آڻڻ جو آسرو هو، اُها جمهوريت جي مشعل ظالم درندن جي ظلم جو نشانو بڻجي هميشه لاءِ اُجهامي ويندي، پر ايندڙ نسلن کي جمهوريت جي راهه ڏيکاري ويندي؟ بي يارو مددگارن ماڻهن جي دلين جي ڌڙڪن ۽ آخري سهارو شهيد بينظير جي المناڪ شهادت تي ڪهڙي اک هوندي جو نه رُني هوندي، ڪهڙي دل هوندي جيڪا ڏک کان ڏري نه هوندي. جيڪر اڄ شاهه سائين زنده هجي ها ته سنڌس انين سورمي، بينظير هجي ها. مارئي وانگر ملير ۽ ماروئڙن جي سڪ ۾ دنيا جا عيش عشرت ۽ خوشيون ڇڏي پنهنجن اباڻن ڪکن کي اُتاهون سمجهي ماروئڙن جي سڪ ۾ دبئي ڇڏي پاڪستان آئي، وڏا خواب ۽ ارمان، وڏا پروگرام ۽ سوچون ڪٺي! پر ڪنهن کي خبر هئي ته چوڏاري واڳون ڪَرُ ڪنيو بيٺا آهن...

اهڙي ئي هڪ اڻ وسرندڙ شام، جنهن کي ياد ڪندي اڄ به منهنجي دل ڪڏهن ڏک ۾ ته ڪڏهن خوشيءَ ۾ ڌڙڪڻ وساري ڇڏيندي آ. خوشي اُن لاءِ ته اُن شخصيت سان منهنجي ملاقات ٿي، نه صرف ملاقات ٿي پر سياسي ۽ غير سياسي موضوعن تي گپ شپ به ٿي ۽ ڏک ان لاءِ جو اها ملاقات آخري ملاقات ثابت ٿي ۽ اسان وري ڪڏهن هڪٻئي سان ملي نه سگهياسين. هاڻ اهي يادون منهنجي زندگيءَ جو سرمايو آهن.

سياست جي آسمان تي چمڪندڙ اهو ستارو جيتوڻيڪ اڄ اسان جي وچ ۾ موجود نه آهي پر سندس جدوجهد سندس يادون سندس ڪمي، دل جي هر ڌڙڪن ۾ سمايل آهن.

اهڙي ئي هڪ اڻ وسرندڙ شام، جنهن کي ياد ڪندي اڄ به منهنجي دل ڪڏهن ڏک ۾ ته ڪڏهن خوشيءَ ۾ ڌڙڪڻ وساري ڇڏيندي آ. خوشي اُن لاءِ ته اُن شخصيت سان منهنجي ملاقات ٿي، نه صرف ملاقات ٿي پر سياسي ۽ غير سياسي موضوعن تي گپ شپ به ٿي ۽ ڏک ان لاءِ جو اها ملاقات آخري ملاقات ثابت ٿي ۽ اسان وري ڪڏهن هڪٻئي سان ملي نه سگهياسين. هاڻ اهي يادون منهنجي زندگيءَ جو سرمايو آهن.

محترمه بينظير شهيد سان منهنجي ملاقات منهنجي ڪزن مهتاب چنا جي شاديءَ ۾ ٿي. مان محترم ذوالفقار علي ڀٽي شهيد جي نه اڳ ۾ ئي fan هيس، شهيد ذوالفقار جو اسان جي ڊرائنگ روم ۾ هڪ فوٽو آويزان هو، جيڪو منهنجي والد مرحوم ڪريم بخش چنا فريم ڪرايو هو ۽ جنهن تي هيءُ شعر لکيل هو.

"ڳهوڙن ۽ گهوٽن جيئڻ تورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهه ڪوٽن ڪڏهن راهي رڻ جا"

شاهه سائينءَ جي ان شعر ۾ اهڙي ڪشش هئي جو جڏهن به مان ڊرائنگ روم ۾ ويندي هيس منهنجون اکيون خود بخود ڀٽي صاحب . جي تصوير ۽ ان شعر تي مرڪوز ٿي وينديون هيون ۽ اُن ڏينهن جڏهن منهنجي ملاقات

**محترمه بينظير، جنهن کي سندس والد محترم ذوالفقار علي ڀٽو پيار مان پنڪي چوندو هو، جيڪڏهن اڄ زنده هجي ها ته شايد پاڪستان ايڏين ڪٺن آزمائشن مان نه گذري ها. سندس خيال هو ته 2007ع جو سال ٻين سالن جي نسبت وڌيڪ Progressive ثابت ٿيندو ۽ جيڪڏهن اليڪشن صحيح وقت تي ٿي ۽ اختيارات عوام جي نمائندن ڏانهن منتقل ٿيندا، ته گهڻ ۽ افراتفريءَ جو احساس ختم ٿيندو، عوام آمريت جي قنديءَ مان آزاد ٿي صحيح معنيٰ ۾ جمهوريت جا مزا ماڻيندو.**

شهيد بينظير سان ٿي ته منهنجي ته ڄڻ عيد ٿي وئي. هوءَ جنهن پنهنجائپ ۽ اُڪير سان سيني سان هٿ ملائي ڀڳل ٽُٽل سنڌيءَ ۾ ڳالهائي رهي هئي. سچ ته اُن ۾ به ڄڻ هڪ ڪشش هئي. سندس شهادت پاڪستان جي سياست کي لوڏي ڇڏيو آهي ۽ لڳي ٿو ته اهو خال سالن تائين نه پرجي سگهندو.

شهيد بينظير جي شخصيت، هن جي سياسي سوچ ۽ سماج جي اصلاح لاءِ آندل پروگرام تي لکڻ لاءِ اڄ به منهنجو قلم قاصر آهي. سمجهه ۾ نه ٿو اچي، ته ڪٿان شروع ڪريان ۽ ڪٿي ختم ڪريان، جنهن جو قائداعظم محمد علي جناح "رول ماڊل" هجي، جنهن محترم شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي گهر جنم ورتو ۽ ان جي هنج ۾ سياست، محبت ۽ وفا جو پهريون درس سکيو، جيڪا بغير ڪنهن فرق جي هر ڪنهن لاءِ بينظير هئي. هن جي جمهوريت جي باري ۾ سوچ به اسلام جي نظريي مطابق هئي. سندس چوڻ هو ته "اسلام ئي اهو مذهب آهي جيڪو صحيح معنيٰ ۾ جمهوريت جو نظريو پيش ڪري ٿو، جنهن ۾ عورت، مرد، غريب توڙي امير کي معاشري ۾ جيئڻ جو هڪ جهڙو حق حاصل آهي. محترمه هميشه دهشتگرديءَ کي سخت ننديو، سندس چوڻ هو ته " جزا ۽ سزا جو حق صرف خدا کي آهي. هن دنيا ۾ رياست

جي سربراهه کي اهو حق آهي ته هو بغير ڪنهن تفريق جي سڀني سان رواداري جو سلوڪ ڪري ۽ انصاف مهيا ڪري. ڪنهن عام انسان کي ڪو به اختيار نه آهي ته قانون پنهنجي هٿ ۾ کڻي معصوم انسانن کي اسلام جي نالي تي ذبح ڪري.“

محترمه شهيد بينظير پنهنجي ڪتاب “Reconcilation Islam Democarcy and the west” ۾ لکيو آهي ته ”ڪو به ماڻهو جيڪڏهن پنهنجي پروردگار جي ڪمن ۾ دخل اندازي ڪري ٿو ۽ انسانن جي جانين سان ڪيڏي ٿو ته ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ڪبير گناهه آهي؟ اُن گناهه جي سزا اسلام ۾ نهايت سخت آهي. هر ماڻهو پنهنجي نيڪي ۽ بديءَ واري عمل جي ڏينهن قيامت تي جزا ۽ سزا جو حقدار هوندو.“

محترمه جي خيال موجب- ”مذهب کي صرف بربريت، لاقانونيت ۽ سياسي مفادن کي حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ٿو وڃي، جڏهن ته اسلام ان جي قطعي اجازت نٿو. محترمه بينظير جي خيال ۾ ڪنهن ملڪ جي اڪانامي ۽ سماجي انصاف ئي اهي به نقطا آهن، جن تي معاشري جو ڍانچو ناهيو وڃي ٿو. ۽ ان کان پوءِ هر ماڻهوءَ سان هڪجهڙو انصاف ۽ سوچ جي آزادي تي پڻ زور ڏنو آهي. سندس خيالَ ۾ اسلام نه صرف هڪ مذهب آهي پر انسان جي گرد گهمندڙ سڀني اقتصادي، سياسي، سماجي ۽ معاشرتي ضرورتن جي باري ۾ ڄاڻ ڏيندڙ هڪ مڪمل نظريهءِ حيات آهي. آڪسفورڊ، هارورڊ ۽ برڪلي ۾ ليڪچر ڏيندڙ هن عظيم عورت جي نظرئي مطابق سماج جي بقا ان ڳالهه تي آهي ته عورت ۽ مرد ٻئي گڏجي معاشري جي اصلاح ڪن ۽ غربت ۽ افلاس کي دور ڪرڻ ۾ رياست جي مدد ڪن.

محترمه هميشه ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سڀئي سياسي ۽ سماجي سوچ رکڻ وارا مفڪر ۽ مدبر گڏجي اوير ۽ اولهه جي ملڪن جي وچ ۾ ڪانفرنسون ۽ گڏجاڻيون ڪري دنيا ۾ امن ۽ استحڪام جي فضا قائم ڪن. ان ۾ ئي انسانذات جو ڇوٽڪارو آهي. ان سلسلي ۾ محترمه بينظير مختلف فورمن تي جهڙوڪ- Council for foreign Relation جيڪا نيويارڪ ۾ منعقد ٿي، ٻي نشست ڪيليفورنيا ۽ ڪارنيجڪ انسٽيٽيوٽ آف واشنگٽن ۾ منعقد ٿي، ان ۾ هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته جيئن هاڻي دنيا Global Village (هڪ ڳوٺ) بنجي ويئي آهي، جنهن ۾ سڀئي هڪٻئي جي وڌيڪ ويجهو ٿي پيا آهن. انڪري سڀئي ويچا وساري ان Global Village کي امن جو گهوارو ناهڻ گهرجي. سندس انهن ڪوشش کي هميشه مثبت سوچ رکندڙن ساراهيو. اهوئي سبب هو جو سندس اهڙن ليڪچرن ۾ ماڻهو وڏيون وڏيون ٽڪيٽون ڀري هزارن جي تعداد ۾ شريڪ ٿيندا هئا ۽ اهو ئي سبب هو جو سندس شهادت تي سڄي دنيا جي عورتن توڙي مردن ۽ ٻارڙن اکين مان آب وهائي رت روئي ڪيس خراج عقيدت پيش ڪيو.

محترمہ جي ڳالهائڻ ۽ تقريرن ۾ پنهنجي والد محترم وانگر هڪ جادو هو، هڪ ڪشش هئي، هوءَ مظلومن جو آواز هئي. نہ صرف سندس ڳالهائڻ سحر انگيز هو پر سندس اکين ۾ بہ پڙهندڙن لاءِ هڪ پيغام هو- ”امن جو پيغام، خوشحاليءَ جو پيغام، مستقبل روشن جو پيغام“ جنهن شعور رکندڙ طبقي کي هڪ نئين سوچ ۽ نئون فڪر ڏنو.

شهيد محترمہ جي زندگيءَ جو آخري ڪتاب جيڪو ڊسمبر 2007ع تي يعني سندس شهادت کان ستت ئي پوءِ مارڪ اي سيگل (Mark. A. Demcoracy and the Reconciliation Islam, Siegel) ”west“ جي نالي ڇپائي پڌرو ڪيو، جنهن ۾ پاڻ ڪشمير چچنيا، فلسطين ۽ بلقان جو ذڪر ڪيو اٿائين. هن جي خيال مطابق انهن ملڪن جي مسئلن کي ترت کان ترت نبيريو وڃي تہ جيئن اولهہ ۽ اوڀر جي وچ ۾ امن جي فضا قائم ٿئي ۽ دنيا ڪنهن وڏي تباهيءَ کان بچي وڃي.

محترمہ بينظير، جنهن کي سندس والد محترم ذوالفقار علي ڀٽو پيار مان پنڪي چوندو هو، جيڪڏهن اڄ زندهہ هجي ها تہ شايد پاڪستان ايڏين ڪٺن آزمائشن مان نہ گذري ها. سندس خيال هو تہ 2007ع جو سال ٻين سالن جي نسبت وڌيڪ Progressive ثابت ٿيندو ۽ جيڪڏهن اليڪشن صحيح وقت تي ٿي ۽ اختيارات عوام جي نمائندن ڏانهن منتقل ٿيندا، تہ گهٽ ۽ افراتفري جو احساس ختم ٿيندو، عوام آمريت جي ڦندي مان آزاد ٿي صحيح معنيٰ ۾ جمهوريت جا مزا ماڻيندو.

سڀ گڏجي پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي فلاح لاءِ ڪوششون ڪندا. هوءَ وفاق جي حامل هئي، هن جي نظر ۾ وفاق ئي هن قوم جي بقا جو بهترين ذريعو آهي. هُن کي خبر هئي تہ اسان جي صوبن ۾ نااتفاقي ۽ بغاوت ڪڙي ڪري اسان جي پاڙن کي کوکلو ڪيو ٿو وڃي. اها بہ اسلام جي خلاف هڪ وڏي سازش آهي، چاڪاڻ جو هيءُ ملڪ نهيوئي اسلام جي نالي تي هو.

امن جي هن شهزاديءَ تهذيبن جي ٽڪراءَ (Clash of Civilization) تي پنهنجو نقطئہ نظر پيش ڪندي ان ڳالهہ تي زور ڏنو هو تہ تهذيبن جو ٽڪراءُ ئي امن لاءِ هاڃيڪار آهي. ماضي ۾ ٿيل جنگيون يا مستقبل ۾ ٿيندڙ جنگين جو امڪان اوستائين رهندو جيستائين ان جو صحيح حل نہ ٿو تلاش ڪيو وڃي ۽ ان جو صحيح حل اهو آهي تہ مختلف تهذيبن خاص ڪري اسلام ۽ اوڀر جي وچ ۾ جيڪي ڪشيدگيون آهن، انهن کي حل ڪيو وڃي ۽ انهن زنجيرن کي ٽوڙيو وڃي جيڪي سماج ۾ فرقيواريت، غربت، افلاس کي جنم ڏين ٿيون ۽ دنيا ۾ دهشتگردي، آمريت ۽ انتهاپسنديءَ جو ڪارڻ بنجن ٿيون.

محترمہ شهيد جهڙي سوچ رکندڙ هستيون ڪي ورلي ملنديون، جيڪي اسلام جي نظريي تحت دنيا ۾ امن شانتي ۽ غربت افلاس جي خاتمي لاءِ پاڻ پتوڙين. هاڻ تہ ڪي صديون ان خال کي پرڻ ۾ لڳن يا قدرت ڪو اهڙو ڪرشمو ڏيکاري جو هن ملڪ کي شهيد

بينظير جهڙو اڳواڻ ملي، جيڪو غريبن جو هڏڏوڪي، مظلوم عورتن جي درد جي دوا ٿي سگهي، جيڪو ملڪ کي انتها پسندي، آمريت، ظلم ۽ جبر جي آڙاهہ کان ڪڍي جمهوريت جي راهہ تي گامزن ڪري ۽ جمهوريت بہ اهڙي جيڪا اسان جي پياري مذهب اسان کي ڏني آهي ۽ جنهن تي تهذيب يافتہ قومون عمل ڪري اڄ اسان جي اڳيان ڳاٽ اوچو ڪريو بيٺيون آهين.

مون کي فخر آهي، تہ مان ان سر زمين جي جائي آهيان، جتي شهيد بينظير جنم ورتو، جيڪا صدين کان صوفين، درويشن ۽ شهيدن جي وسني رهي آهي. جنهن ۾ شاهہ عنايت، سچل سائين، قلندر شهباز، شاهہ لطيف، مخدوم بلاول، مائي بختاور ۽ بيون انيڪ هستيون شامل آهن. ان ڌرتي تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد مير مرتضيٰ ۽ شهيد بينظير پنهنجي خون جو نذرانو پيش ڪندي هن سرزمين جو مانُ مٿاهون ڪيو.

هن عظيم هستيءَ 21 جون 1853ع ۾ پينٽو نرسنگ هوم ڪراچيءَ ۾ جنم ورتو، ان وقت سندس والد محترم انگلينڊ ۾ قانون جي تعليم حاصل ڪري رهيو هو. ۽ 28 سالن جي ننڍيءَ عمر ۾ سڪندر مرزا جي دور حڪومت ۾ اقوام متحده ۾ پاڪستان جي سفير جي حيثيت سان شموليت ڪئيءَ پنهنجي ذهانت ۽ تدبر سان پاڪستان جو مانُ مٿاهون ڪيو. هيءَ عظيم پيءُ جي عظيم ڌيءَ سياست جي هنج ۾ پروان چڙهي، پنهنجي والد محترم وانگر سياسي ميدان ۾ مصيبتون سٺيون ۽ جيلن جون عقوبتون ڪاٽي پنهنجي اصولن کان منهن نہ موڙيو ۽ جمهوريت جي حصول لاءِ ڪشالا ڪڍي شهادت جو جام نوش ڪيو.

شهيد بينظير جي سڄي خاندان سان جڻ ڪربلا جهڙو ڪلور ٿيو جو پنهنجي ڌرتيءَ تي پنهنجن جي هٿان ظلم سهي سچ ۽ باطل جي جنگ وڙهندي شهادت جو. جام نوش ڪري امر ٿي ويا.

محترمہ جو ڪتاب (Daughter of the East) ڌرتيءَ ڌيءَ" پڙهندي منهنجي اکين مان نير وهڻ لڳا ۽ سوچيم تہ هوءَ ڪيڏي نہ بهادر، بيباڪ هئي جنهن پنهنجي ڏکن ۽ سورن جي ذڪر ۾ بہ حوصلي، همت ۽ جستجو جو زرين سبق ڏنو ۽ اها سچائي وائکي ڪئي تہ عورت هوندي بہ هن سڄي خاندان ۽ سڄي قوم کي ڪيترو نہ حوصلو ڏنو ۽ حوصلي ۽ جوانمرديءَ سان سچائي ۽ جمهوريت جي حصول جو سبق ڏنو ۽ پنهنجي دشمن جي دشمنيءَ جي خبر رکندي هڪ قدم بہ پوئتي نہ هٽي ۽ سچ جو ساٿ ڏيندي هميشہ لاءِ امر ٿي وئي.

خداوند ڪريم اسان سڀني کي محترمه شهيد بينظير جهڙو حوصلو، همت ۽ تدبر ڏئي جو اسين بہ آمريت ۽ انتهاپسنديءَ جي جنگ ۾ امن جي جهنڊي کي اُوچو رکون ۽ سچ جو ساٿ ڏيندي امر ٿي وڃون. آمين!

شاهہ سائينءَ سنڌ جي هن سورميءَ لاءِ ئي شايد پنهنجي ڪلام ۾ اڳواٽ فرمايو آهي تہ:

"الا ڏاهي م ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن."

غلام محمد ڀٽي

# عوامي ليڊر شهيد بينظير ڀٽي جون ڪيل خدمتون

شهيد بينظير ڀٽو، شهيد قائد عوام ذوالفقار عليءَ جي عظيم نياڻي هئي، جنهن جو جنم ڪراچيءَ واري گهر ۾ 21- جون 1953ع تي ٿيو. جنهن کي گهر جا ڀاتي پيار مان پنڪي سڏيندا هئا. بينظير ننڍپڻ ۾ ئي وڏي عقلمند، ذهين ۽ هوشيار هئي، ويتر پيءُ شهيد ذوالفقار علي جي پرورش ۽ اعليٰ ادارن ۾ تعليم وٺڻ ۽ ٻاهرين يونيورسٽين ۾ پڙهڻ دوران سندس حوصلا بلند ٿيا. سياسي گهراڻي ۾ سياسي پرورش ٿيڻ بعد سياسي ميدان ۾ ته پنهنجي پيءُ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کان به گوءِ کٽي وئي. جو ته سونهن سان گڏ رهنما وارا گڻ منجهس ججها هئا. ۽ وڏي ڏاهي سياستدان هئي. جنهن جون تعليم ۽ سياست جي ميدان ۾ خدمتون ۽ ڪارناما گهڻا هئا. بينظير پنهنجي سحر انگيز تقريرن سان عوام کي شعور ڏئي حق وٺڻ لاءِ مائل ڪندي هئي. محترمه سياست جي ميدان ۾ اچڻ بعد بهترين ۽ مثالي ڪردار ادا ڪري سياسي ميدان ۾ پاڻ ملهائي ڏيکاريو ۽ دنيا ۾ به عظيم سنڌي ليڊر هئڻ ڪري شهرت ماڻي. بينظير سياست جو هر گڻ ۽ داءُ پيچ سمجهندي هئي.

بينظير کي هڪ سنڌي عورت هجڻ جي ناتي پاڪستان ۾ به پيرا وزيراعظم بڻجڻ جو اعزاز حاصل ٿيو. هن شهيد ذوالفقار علي



ڀٽي جي مشن کي هلائيندي عوام کي وڌ کان وڌ روزگار ڏياريو ۽ بي پهچ عوام کي اٽو، لٽو ۽ اجهو ڏنو، جنهن جو عالمي ليول تي مثال قائم آهي. بينظير آمرن جي دور ۾ 11 سال جلاوطن ٿيڻ بعد 18 آڪٽوبر 2007ع تي جڏهن پاڪستان پهتي ته پاڪستاني عوام جو اهو ڏينهن عيد جي خوشين جيان هو، ۽ پاڪستاني عوام ۾ وري ڪسيل خوشيون واپس اچي ويون. عوام کي پنهنجي مستقبل روشن ٿيڻ جو خواب ساپيان ٿيندي نظر آيو. عوام کي يقين ٿيو ته بينظير ڀٽو هاڻي اسان جي دردن جو درمان بڻجندي ۽ اسان سان ٿيل

سنڌين لاءِ عوامي ليڊر محترمہ بينظير ڀٽو جڻ شاهہ جي انين سورمي هئي، جيڪا سنڌ ۽ سنڌي عوام ۽ جمهوريت لاءِ قربانيون ڏئي تاريخ ۾ امر ٿي ويئي.

بينظير ڀٽي جي شهادت تي سنڌي قوم ماتم ڪيو، ڪيترائي ماڻهو صدمو برداشت نہ ڪري سگهيا ۽ فوت ٿي ويا. شهيد راڻيءَ کي بہ پنهنجي ملير ۽ مارُن تي فخر هو.

ان ڳالهہ ۾ وڌاءُ نہ آهي تہ بينظير ڀٽي جي شهادت کان پوءِ گهڻو نقصان جاني توڙي مالي سنڌ جو ٿيو آهي. جنهن جو ڪاٿو لڳائڻ ناممڪن آهي. بينظير ڀٽي جي شهادت واريون خبرون يا ڪيسٽون ڏسون ٿا تہ ڄڻ ٿا تہ جُهريل جيءَ ويتر جُهري پوي ٿو ۽ اندر ۾ ماتم برپا ٿي وڃي ٿو چو تہ شهيد بينظير ڀٽو وسارڻ جهڙي تہ شخصيت ناهي. جيستائين ڪائنات رهندي، بينظير ڀٽي جو نالو تاريخ جي ورقن ۾، ۽ عوام جي دلين ۾ زنده رهندو. ڪڏهن بہ ختم يا متجي نٿو سگهي. استاد بخاري جي چوسٽي وانگر بينظير ڀٽو ڪڏهن بہ مرڻي ناهي، تاريخ ۾ امر ٿيل آهي. استاد بخاري چوي ٿو:

جو قوم جياري، اهو جيئندو رهندو،
جو عام اجاري، اهو جيئندو رهندو،
مون کي تاريخ ۽ تقدير ڏني پڪ آهي،
جو سنڌ سنواري، اهو جيئندو رهندو.

شهيد بينظير ڀٽي جي جنم 21.06.1953 کان 27.12.2007 شهادت تائين ان جون وڏيون خدمتون توڙي ڪارناما آهن. سندس ڪيل خدمتن کي جيڪا پيتا ڏئي سگهيا آهيون،

---

## سندس ڪيل خدمتن کي جيڪا پيتا ڏئي سگهيا آهيون، اها گهٽ آهي چو تہ شهيد سورميءَ جون محنتون ۽ عوامي خدمتون ايتريون تہ گهڻيون آهن، جو بيان ڪري نہ ٿيون سگهجن.

---

اها گهٽ آهي چو تہ شهيد سورميءَ جون محنتون ۽ عوامي خدمتون ايتريون تہ گهڻيون آهن، جو بيان ڪري نہ ٿيون سگهجن.

عوامي ليڊر جي شهادت کان وٺي اڄ ڏينهن تائين مزار تي ميلا متل آهن، ملڪي توڙي غير ملڪي سياسي، سماجي، ادبي ۽ صحافتي حلقي جا ماڻهو پاڪستان پيپلز پارٽي جا اڳواڻ، ورڪر هن عوامي ليڊر جا مداح مزار تي حاضريون ڀري ختما پڙهندا رهن ٿا.

موجوده حڪومت کي اپيل ڪنداسون تہ سنڌ جي شهيد راڻي بينظير ڀٽي جي قتل جي جاچ گڏيل قومن کان ڪرائي، قاتلن کي گرفتار ڪري شهيد راڻيءَ جي خون سان انصاف ڪيو وڃي. قاتلن کي ڳولي هٿ ڪري قاسيءَ تي چاڙهي بينظير ڀٽي جي مشن کي پورو ڪيو وڃي. شهيد ڀٽي جي نعري اٿي، لٿي، اجهي تي عمل نہ ڪرايو ويو، تہ عوام جون اميدون اڌوريون رهجي وينديون.

امر لغاري

# اي فرشتہ اجل توکي ڇا مليو

محترمہ بينظير ڀٽي تي ڇا لکجي؟ سڄي دنيا جا صحافي ليکڪ ۽ دانشور ايڏو تہ سنو لکن پيا، جو دل چئي ٿي ويهي سندن هڪ هڪ لفظ کي پڙهجي ۽ پڙهي دل جو بار هلڪو ڪجي. پر ڇا ڪجي جو دل بہ لفظ چوڻ کان سواءِ بہ رهي نہ ٿي سگهي!

ان پر تجسس ۽ غير تسلي بخش ماحول ۾، دل ۽ دماغ اهو ساڳيو نہ رهيو، جيڪو ٿوري دير اڳ سنگت جي ٽہ ماهيءَ جي پروگرامن جي پلاننگ ڪرڻ ۾ مشغول هو.

ستاويهين ڊسمبر جي ان شام جو سنڌي ادبي سنگت شاخ سانگهڙ جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي اجلاس ۾ وينا هئاسين. جو اوچتو ڪراچيءَ مان منهنجي هڪ ڪالمست دوست جو ايس.ايم.ايس آيو تہ پنڊي شهر ۾ محترمہ جي جلسي ۾ ڌماڪو ٿيو آهي، جنهن ۾ 32 ماڻهو شهيد ٿي ويا آهن. دل کي ڌڪ لڳو تہ خدا خير ڪري جتي ايترا ماڻهو مئا آهن، اتي ضرور ڪو ٽارگيٽ هوندو. اڃا سوچي ئي رهيو هوس تہ ٻيو ميسيج پهتو تہ محترمہ زخمي ٿي آ. پر آصف مطابق هوءَ سيريس آهي ۽ قوم سندس حياتيءَ لاءِ دعائون گهري. ان ميسيج اسان سڀني کي ڊسٽرب ڪري ڇڏيو. مون فون ڪري حيدرآباد ۾ ڪم ڪندڙ هڪ ٻئي اخباري ڪالمست دوست کان پڇيو تہ پنڊي ڌماڪي بابت وڌيڪ ڪا تازي ڄاڻ آهي؟ هن وراڻيو: نہ يار، اڃا خبرون اچن پيون. خدا خير ڪندو.

ان پر تجسس ۽ غير تسلي بخش ماحول ۾، دل ۽ دماغ اهو ساڳيو نہ رهيو، جيڪو ٿوري دير اڳ سنگت جي ٽہ ماهيءَ جي پروگرامن جي پلاننگ ڪرڻ ۾ مشغول هو. سڄي سنگت ٽڙيپکڙ ٿي ويئي. سيئي ٽيوين، ڪيبلن ۽ ڊش ڏانهن ڀڳا. مون وٽ انهن مان فقط ٽي.وي هئي، سا بہ پي.ٽي.وي، ٻيو جي ڪو رابطو هو تہ فقط دوستن سان، اهو بہ موبائل تي. نيٺ اهو بدبخت پيغام بہ پهتو، جنهن ۾ بيبيءَ جي شهيد ٿيڻ جي خبر هئي. ان وقت تائين مان پنهنجي گهر پهچي چڪو هوس. ڳالهہ برداشت کان ٻاهر هئي. جيتوڻيڪ منهنجو مٿو ڦريو پئي، پر لڳو پئي تہ سڄو شهر پيو گهمي. مان زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ پاڪستان پيپلز پارٽي جو ساراهيندڙ نہ رهيو آهيان، پر اڄ الائي ڇو ايئن ڀاسيو جڻ ڌرتي پيرن جي هيٺان نڪري وئي هجي، ۽ آسمان

سر ٽان ڪسڪي ويو هجي. ذهن ۾ سوال اٿيا تہ آخر بينظير کي ڇو ماريئون؟ بينظير کان قاتلن کي ڪهڙو خطرو هو؟ ڇا هن جي هٿ ۾ تلوار هئي؟ ڇا هوءَ ڪو ريوالور هلائڻ ڄاڻندي هئي؟ جنهن کان هن ملڪ جي جنرلن ۽ آمرن کي خطرو هو. جيڪي بينظير خلاف گند اوڳاڇي رهيا هئا. هن تہ سندن ڪردار تي لفظ بہ نہ ٿي ڳالهايو. نہ هوءَ اليڪشن کٽي آئي هئي، نہ هوءَ اڃا وزيراعظم ٿي هئي نہ ئي بينظير جي مارجڻ سان طالبان مٿان لٽڪيل تلوار ۽ اپي ٿيل بندوق واپس ٿي ۽ نہ ئي القائده نالي آمريڪا، برطانيا ۽ پاڪستان پاران ٺاهيل تنظيم جو بينظير کي قتل ڪري دلي وزن هلڪو ٿيڻو هو. پوءِ ڇو هن کي گوليءَ جو نشانو بڻايو ويو؟ اهي اهڙا سوال هئا جن جو جواب گهٽ ۾ گهٽ انهن سوالن جي سببن ۾ ڪٿي بہ نظر نہ ٿي آيو. جڏهن سبب نظر نہ ٿي آيا تہ اندر جي موسم ۾ ڏيرج ۽ سڪون بہ پيدا ٿي نہ پئي سگهيو. اهڙي صورتحال ۾ جيئن جيئن ٿي دوستن جا ميسيج آيا، تيئن تيئن ٿي دل رني، تيئن تيئن ٿي اکيون وهيون. سڄي زندگيءَ جي محرومين، ڏکن، ڏولاون ۽ زيادتين جو درد بينظير جي جسماني وڇوڙي جي علامت بنجي اکين مان نيسارا ڪري پئي وهيو. سنگت ساٿ پئي فونون ڪيون. دوست آيا ويا پئي. ايس.ايم.ايس سان موبائل فون پرجي وئي، پر هڪ پل لاءِ بہ اکين روئڻ نہ ڇڏيو.

سانگهڙ شهر بہ سوڳ ۾ ٽي ڏينهن بند رهيو. ڪجھ ماڻهن (بنهي پاسن کان) صورتحال خراب ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون، پر شهر جي سياسي ۽ سڄاڻ ماڻهن اهڙين سازشن کي سختيءَ سان ٺنجو ڏيئي ڇڏيو. سانگهڙ شهر اهڙي نموني بند تڏهن ٿيو هو. جڏهن پير صاحب پاڳاري جي موبي پاءُ سائين نادر شاهہ راشديءَ جو لاڏاڻو ٿيو هو. شايد ئي ڪو ماڻهو هجي جنهن جي دل بينظير جي بي رحمانہ قتل تي ٻڏي نہ هجي!، سندس قتل جو ٻڌي مرد تہ مرد، پر عورتن بہ ڳوٺن مان نڪري اچي روڊ بلاڪ ڪيا. ڪنهن ڪاٺ کي باهہ ڏني، ڪنهن ٽائر ساڙي پنهنجي اندر جي باهہ هلڪي ڪئي. ڪنهن گاڏيءَ کي تہ ڪنهن بينڪ کي، ڪنهن ٽرالر کي تہ ڪنهن سرڪاري دفتر کي ساڙيو، جيڪا باهہ بينظير جي قتل تي ماڻهن جي اندر ۾ پڙڪي، تنهن جو رخ هنن سرڪار ڏانهن ڪري ڇڏيو. ڇو تہ سرڪار بيبيءَ جي بار بار چوڻ جي باوجود هن کي تحفظ جي يقين دهاني نہ پئي ڪرائي بلڪ هن جي جلسن، جلوسن، ريلين ۽ عوامي رابطن ۾ وڏيڪ رڪاوٽون پئي وڌيون.

پاڪستان ۾ اها ڳالهہ هاڻ عام ٿي چڪي آهي تہ خودڪش بمن جي پنيان حڪومت جي ڪهڙن ادارن جو هٿ آهي. ڇو تہ جي پاڪستان مخالف يا ڪا ملڪ دشمن قوت اهڙا ڪم ڪريَ ها تہ حڪومت يقيناً ڪنهن هڪ کي تہ ٽريس ڪرڻ ۾ ڪامياب وڃي ها. جيڪا حڪومت هندستان جهڙي ملڪ جي ملٽري پاور جو مقابلو ڪرڻ جي دعويٰ ڪري ٿي. تنهن لاءِ پنهنجي ملڪ ۾ هڪ معمولي خودڪش بمبار ٽريس نہ ٿو ٿئي؟ ڇا ڪيس اها

خبر نہ ٿي پوي تہ انهن ماڻهن کي ايڏي سافسٽيڪيٽڊ بارود واري جيڪيٽ ڪير ٿو پارائي موڪلي؟ پاڪستان ۾، جتي چيف جسٽس ۽ ٻيا جج صاحبان پنهنجي گهر جي پرائيويسي نہ ٿا بچائي سگهن، اتي ملڪ دشمن ايئن پنهنجي پيءُ جو ملڪ سمجهي پيا جاوا ڪن! ٻي ڳالهہ جيڪا ماڻهن جي ان يقين کي اجا بہ پختو ڪري ٿي، سا آهي حڪومت پاران قاتلن جا پيرا ڊاهڻ، هر ڌماڪي کان پوءِ لاش اجا گهر ڪونہ ٿا پهچن، جاءِ واردات تي واردات جا نالا نشان راتو رات گم ڪيا ٿا وڃن. جڻ چور پاڻ ويس مٽائي واردات جا نشان صاف ڪري ويندو هجي.



قاتلن سان وقت جي حڪومت جو اهڙو سهڪار ظاهر ڪري ٿو تہ پاڪستان ۾ خودڪش بمبارن جا مينٽر، فنانسر ۽ فيسيليٽر پاڪستان جي پاور جي ٻنهي ٻانهن کي قابو ڪيو ويٺا آهن. نہ تہ ڪنهن کي جرئت ٿئي جو جديد هٿيارن سان ليس ۽ دنيا جي بهترين جاسوسي ادارن واري هن ڍهہ لک فوج واري ملڪ ۾ قاتل ايئن ملڪ جي سورنهن ڪروڙ عوام جي محبوب اڳواڻ، اعليٰ پائي جي عالمن، سياسي ڪارڪنن، سائنسدانن، آرٽسٽن، استادن ۽ صحافين کي ماريندا وتن! عوام جي رد عمل مان ئي ظاهر آهي تہ ان (عوام) بيبيءَ جي قاتلن کي صحيح سڃاتو آهي. بينظير جي قتل تي مٿين مافيائن مان ڪجهہ خاموش آهن ۽ ڪجهہ جيڪا ٻولي استعمال ڪن پيا، تن مان صاف ظاهر آهي تہ اهي ايترا طاقتور آهن، جو عوام جي گڏيل طاقت ئي هنن کي گهر پيڙو ڪري سگهي ٿي. جيستائين عوام جي هٿ ۾ باهہ هئي، اهي ٻرن ۾ وڃي لِڪا ها، پر جيئن ئي عوام ملڪ جي هٿان وڃڻ جو سوچي خاموشي اختيار ڪئي، تہ هي ساڳئي سج ڏڄ سان ٻاهر نڪري آيا آهن. هنن کي پاڪستان جي ڪابہ پرواهہ ناهي.

ڪنهن بہ ملڪ جي وڏي ۾ وڏي طاقت عوام آهي، ۽ ان کان وڏي عوام کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪندڙ طاقت محترمہ بينظير ڀٽو هئي، عوام جي اميد کي چٿيندڙن کي بدلي ۾ ڇا ملندو؟ ملڪ کي درپيش اندرين توڙي ٻاهرين خطرن کان اڄ تائين اسان نہ ٻڌو آهي تہ ڪنهن ملڪ کي ايٽم بم بچائي سگهيو هجي، يا لکن جي فوج بچائي سگهي هجي. دنيا جي تاريخ گواهہ آهي تہ جنگيون عوام کٽيون آهن. جڏهن پنهنجي ئي ملڪ جي بالاتر طبقن طرفان پنهنجي ئي ملڪ جي ماڻهن تي بار بار وار ٿيندو تہ جواب ۾ ان کي ڳل ڪونہ ملندا. ٻاهہ جي سوغات ئي نصيب ٿيندي.

بينظير سان اختلاف ڪرڻ وارا سوين ٿي

”مان انهن کي سڌو سنئون ٻڌائڻ چاهيان ٿي ته جن پاڪستان کي ايٽمي ٽيڪنالاجيءَ جي اسمگلنگ وارن سنگين الزامن ۾ ملوث ڪرايو آهي، اسان انهن جو احتساب ڪنداسين ۽ انهن تي ڪيس هلائينداسين“.

محترمه بينظير ڀٽو ئي اها سياستدان هئي، جنهن پاڪستان کي ٻاهرئين دنيا ۽ اندرون درپيش خطرن ۽ چيلينجن جو وڏيءَ بهادريءَ سان ذڪر پئي ڪيو. هن جو هن پيري تاثر طاقتور ۽ پڪي ارادي وارو هو. ”اسان اقتدار ۾ اچي فوج جو سياست مان عمل دخل ختم ڪري ڇڏينداسين. فوج کي بيريڪن ۾ ويٺو ئي پوندو.“

اهي جيڪي نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل قيام ڪري فوج کي ملڪ جي سول معاملن ۾ ڇڪي آيا هئا، تن کي چا اهي ڳالهيون منظور هيون؟ مشرف جي انن سالن جي آمريت ۾ وزيراعليٰ، گورنرز ۽ وزيراعظم فقط ٻڙ اسٽيپ هئا. اصل طاقت ٻن ڪراس تلوارن واري ورديءَ ۾ هئي. چا اهي چوڌري، جن وٽ پاڪستان ۾ فقط هڪ سيٽ آهي، تن کي اهو منظور هو ته هنن جو سڄي پنجاب ۽ باقي ملڪ مٿان قبضو ختم ٿي وڃي؟ چا اسٽيبلشمينٽ جي پيدا ڪيل سياستدانن کي اهو گوارا هو ته هنن جي تاحيات پٽا خوري بند ٿي وڃي ۽ هو جيل ۾ وڃن؟ انن سالن ۾ هنن جيڪي به ڪڌا ڪم ڪيا، جيڪي به ملڪي ادارا پڳڙن جي مٺ تي وڪيا، جيڪي به غيرقانوني آرڊر ڪيا، جيڪي به حقيقي آرڊر رد ڪيا، انهن سيني بدعنوانين ۽ گناهن جا مزا هو چکڻ لاءِ تيار هئا؟ آخري ڏينهن ۾ پنهنجن غيرقانوني ڪمن ۾ اهي ايترا ته اڳتي وڌي ويا جو طاقت جي نشي ۾ انڌا ٿي اهي ڪم ڪيائون جن جا وٽن اختيار به ڪونه هئا، ڪين اها به خبر ڪونه هئي ته چيف سيڪريٽريءَ کي بدلي ڪرڻ جا اختيار ڪنهن وٽ آهن؟ ڪراچيءَ ۾ 12 مئي تي سر عام ماڻهو ماريائون، هاءِ ڪورٽن جو گهيراءُ ڪيائون، ججن ۽ وڪيلن کي ماريائون. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته جن ملڪ جي خود اها حالت ڪئي پئي، تن جي احتساب جي ڳالهه جڏهن بينظير پنهنجي انتخابي مهم ۾ عوام آڏو ڪڍي آئي ته ان طبقي جي خود سروائيول جو مسئلو سندن رهبرن سامهون ايري آيو. اهي هاڻ محترمه کي برداشت ڪري نه ٿي سگهيا. پر هوءَ بهادريءَ سان وڙهي. سياست، جنهن لاءِ هو چوندي هئي ته اسان جي خون ۾ آهي، پٽي خاندان جي ميراث آهي، هن ڪري ڏيکاريو. هوءَ وطن پرست سپاهي جيئن هئي. هن جي زندگي فردوسيءَ جي شاهنامي جي ان ڪردار جيان هئي. جنهن پنهنجي ملڪ جي دنيا ۾ نيڪنامي ٿي چاهي. سنڌ ڪيئي سورميون پيدا ڪيون، پر بينظير جي جدوجهد ۽ شهادت جو درجو سيني کان مٿاهون رهندو، ڇو ته هوءَ ڪنهن فرد جي محبوب نه هئي، پر ڪروڙين ماڻهن جي دلين جي ڌڙڪن هئي.

هن جي قتل جو فائدو يقيناً پاڪستان جي بدخواهن کي ئي پهچندو جا گولي بينظير کي ختم ڪرڻ لاءِ فائر ٿي آهي، سا پاڪستان جي عوام جي سيني مان پار ٿي وئي آهي. باقي اسان جهڙن ننڍڙن قلمي پورهيتن ۽ عوام سياست ڪندڙ سياستدانن لاءِ هن جي شهادت ڪيئي فڪر جا لمحا ڇڏي وئي آهي!

**ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو**

# ماڻهو سڀ نه سهڻا

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ٽوڙي ٻين شاعرن ۽ اڪابرن جا شعر ۽ گفتا بامعنيٰ ۽ بامقصد آهن. اُنهن جا چيل لفظ سچائي ۽ صداقت جا مظهر آهن، دنيا ۾ اهڙا ماڻهو رهيا آهن، جن بابت اڪابر اشارا ڪري ويا آهن. اهڙن گفتن جو اطلاق به انهن تي ٿئي ٿو جيڪي غيرمعمولي انسان آهن. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ چيو ته ”وياسي وينجهار“ ته اهڙو گفتو سچ ته انهن ڏانهن هو جيڪي وينجهار هئا. دنيا سٺن ۽ خراب، اهل ۽ نااهل، معمولي ۽ غيرمعمولي ماڻهن ڪان ڪڏهن به خالي نه رهي آهي.

جڏهن شاهه عبداللطيف چيو ته ”جهڙو پنهون پاڻ، تهڙي سِڻاءَ سات جي“ ته اِها ست شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سان لاڳو ڪجي ته ٻيجا نه ٿيندي. جهڙو هُو پاڻ اڪابر هو اهڙي سندس نياڻي محترمه بينظير، جنهن کي ’شهيد راڻيءَ‘ جي نالي سان ياد ڪريون ٿا. سا به پيءُ وانگر اڪابر ۽ شيردل هئي، جنهن کي ڪنهن قاتل، آمر ۽ دهشتگرد جو ذرو به خوف نه هو، بهادر پيءُ جي بهادر ڌيءَ آسمان ٻي نه ڏٺي هوندي. سندس سياسي زندگي ايتري



شاندار هئي، جو حامي ٽوڙي مخالف کي ڏندين آڱريون هيون. حاسد ته ڪاسد آهي، پر حامي بنا دير جي ڪيس رهبر تسليم ڪري چڪو.

آءٌ اُن ڏينهن (27- ڊسمبر 2007ع) حيدرآباد کان گهر (بدين) پهچي اجان چانهه جو ڪوپ پي لئبرريءَ ۾ وينو مس هوس ته



منهنجي نياڻي بدر اندر اچي هي لفظ چيا: ”بابا! بينظير شهيد ٿي وئي.“ هنن لفظن جو تاثر اهڙو هو جو اڄ به سوچيان ٿو ته ڇا معنيٰ هئي؟ جسم کان جان ڪيئن جدا ٿيندي؟ گل کان خوشبو ۽ اکين کان روشني ڪيئن جدا ٿيندي! مون کي انهن لفظن جو آواز ڪافي وقت تائين ڪنن ۾ ٻُرندي محسوس ٿيو ۽ تسليم ڪرڻو پيو ته هاڻي اسان کي بينظير شهيد جي سوچ جي سهاري جيئڻو پوندو! اُهو جيئڻ هوندو يا رڳو ساهه کڻڻ هوندو! بقول شاهه صاحب جي ”پيئي ڪٺي پساهه“ واري صورت حال ۾ هونداسين آمر کان بقول شهيد راڻيءَ جي جمهوريت آڻڻ جي صورت ۾ بدلو وٺنداسين. اهڙي دل اسان جي ٿي سگهندي جو بدلي جو سوچينداسين به نه پلا! بدلو ڪهڙو ٿي سگهندو؟ شهيد راڻيءَ جو بدلو ڪهڙو ونبو! فقط سندس عزم، همت، سوچ ۽ سمجهه جي پوئواري ڪجي. عزم ۽ همت سان پنهنجي زندگيءَ کي سينگاربو ته اُهوئي بدلو آهي.

محترمه شهيد راڻيءَ جي شخصيت ۾ ڪي اهڙيون خوبيون هيون جيڪي سندس والد شهيد پُٽي ۾ به هيون. هڪ هڪ کي هن مختصر تاثر ۾ ڳڻڻ مشڪل آهي. جيڪڏهن پٽي صاحب وانگر دنيا جي تاريخ ۽ سياست جي مطالعي کي ڏسجي ته هوءَ پٽي صاحب جي مطالعي واري عادت جي پوئلڳ هئي. اُهو مطالعو به باقصد هو. اُن جي روشنيءَ ۾ ماڻهن جي رهبري ڪرڻ جو جذبو اوليت جو حامل هو. پنهي سياسي سوچ موجب ميدان عمل ۾ اچي عوام جي خدمت ڪئي ۽ پنهنجا هم خيال بنايا. انهن مان گهڻا آخر تائين ساٿ ۾ رهيا، پر مطلب پرست جلدي پڌرا ٿي پيا ۽

پارٽي بہ ڇڏي ويا. جن ساٿ نہ ڇڏيو اُنهن ۾ ڀٽي صاحب جا عاشق ۽ شهيد راڻيءَ جا سپاهي نشانبر آهن.

ڪي سياسي سُڄاڻ شخصيت پرستيءَ جا مخالف هوندا آهن. اُصولي طور اِها سوچ صحيح آهي. پر هتي پُراثر ۽ اعليٰ شخصيت جو معاملو آهي. ڀُٽو صاحب هڪ غيرمعمولي شخصيت جو مالڪ هو. سندس زور خطابت جي اثر انگيزي بيمثل هئي. اهائي خوبي محترمہ شهيد راڻيءَ جي بہ رهي. اِنڪري عوام جون دليون موهي وڌائون. آءٌ ڪنهن کي گهٽ ڪري نٿو ڄاڻائڻ گهران، پر ايترو چوندس تہ شهيد راڻيءَ زور خطابت ۽ اثر انگيزيءَ ۾ لاجواب هئي. وڏي ۾ وڏا جلسا بہ سندس هئا. پنهنجي سياسي جدوجهد ۾ ڪڏهن بہ ٿڪي نہ هئي شاهہ ڀٽائيءَ جي سِٽ "ٿڪيائي ٿر تيلهہ چڙهہ چُڪيائي چوٽين" جو نمونو هئي، ڀٽي صاحب جي جدوجهد جو تسلسل هئي ۽ شاهہ صاحب جي بقول "چڄ ۾ قطاران، ساٿ چڙهندو لڪيين" جي مصداق هميشہ ميدان عمل ۾ روان دوان رهي. ڪڏهن بہ ٿڪي ۽ مايوس ٿي نہ ويٺي. ڪڏهن بہ پنهنجي عزم ۾، ارادي ۾ ڪمزوري نہ ڏيکاريائين سسئي تہ اسان نہ ڏٺي، پر بينظير ڏٺيسون جنهن ثابت ڪري ڏيکاريو تہ:

آڏو ٿکر ٿر، متان روهہ رتيون ٿئين....
يا
تون جو پهڻ پٻ جو تہ لڳ منهنجا لوهہ

هتي عورت ۽ مرد جي ڳالهہ ڪرڻ بہ بيسود آهي نہ سڀ مرد پُرعزم آهن نہ سڀ عورتون ڪمزور آهن. فارسيءَ جو شعر آهي تہ:

نہ هر زن زن است و نہ هر مرد مرد
خدا پنج انگشت يڪسان نہ ڪر

بينظير هر مخالفت جو مردانہ وار مقابلو ڪيو ۽ ثابت ڪيو تہ "جان جان تپي ڏينهن تان تان تاڻي پنڌ ۾". زندگيءَ جي ڪنهن بہ ڏؤر ۾، ڪنهن بہ پل ۾ ورچي نہ ويٺي، هُوءَ اسان کان جدا ٿي پر دلين ۾ گهر ڪري ويئي. فارسيءَ جي شاعر صحيح چيو آهي تہ:

اي هم نفسان ز محفل ما
رفتيد و ز نہ دلِ ما

الائجي ڪيترا شعر، ڪيترا مقولا شهيد راڻيءَ جي عزم ۽ شخصيت سان نهڪن ٿا. سندس جدائيءَ بابت ڇا لکي ڇا لکبو! بس ڏاتڪي واري چيو آهي تہ "سدا نہ سنگ سهيليان، سدا نہ ڪالي ڪيس." هيڏانهن شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو رسالو جدائيءَ جي لمحن جو ذڪر ڪندي دلين کي گهائي ٿو وجهي ۽ مجمل طور جي اهڙي اعليٰ شخصيت جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ اجهو هيئن:

ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج
ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ اچي بوءِ بهار جي.

شوڪت حسين شورو

# سوريءَ سڏ ٿيو

سوريءَ سڏ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون،
وڃڻ تن پيو، نالو نيهَ ڳنهن جي.

18- آڪٽوبر 2007ع تي جڏهن بينظير سنڌ ڌرتي جي مارئي بنجي ملير تي موٽي آئي هئي تہ هوءَ بدليل بينظير هئي. هوءَ جيڪا پهرين ماڻهن جي پيڻ بينظير سڏبي هئي. سا هاڻ ماءُ جي روپ ۾ آئي هئي. هوءَ هاڻ امڙ بينظير هئي ۽ عوام هن جا ٻچا هئا. هن جي ڳالهائڻ ۾ ماءُ جي شفقت ۽ پيار پريل هو. هن پنهنجي ڌرتيءَ تي پير رکڻ سان ئي موت جي اکين ۾ اکيون وجهي دهشتگردي ۽ مذهبي انتهاپسندي کي بهادريءَ سان للڪاريو هو. هن غربت، بدحالي ۽ بيروزگاري خلاف جهاد ڪرڻ جو سڏ ڏنو. بينظير ڀُٽو بنا ڪنهن مصلحت پسنديءَ جي لبرلزم، سيڪيولرزم ۽ جمهوري روين جي ڳالهہ ڪئي جن کي هن مملڪت مان نيڪالي مليل آهي.

بينظير ڀُٽو سياسي اڳواڻن وانگر روبوٽ ڪانہ هئي. هن جي ڳالهائڻ، تقرير ڪرڻ جي انداز ۾ زندگي هئي، تحرڪ هو. جوش ۽ ولولو هو. هن جي شخصيت ۾ حيرت انگيز ڪشش هئي ۽ هن جي ڪرشماتي شخصيت سياست کان لاتعلق ڪيل عوام کي گهرن مان ڇڪي ٻاهر ڪڍي سياست جي ميدان ۾ آسن جا وسائل ڏيئا ٻيهر روشن ڪيا. سنڌس اچڻ سان سڄي ملڪ جو وايو منڊل بدلجي ويو. ملڪي سياست ۾ جيڪو راڪاس ڦري ويل هو ان جو ڏپ بينظير ماڻهن جي دلين مان ڪڍيو.

بينظير ملڪي تاريخ جي اڪيلي اڳواڻ آهي، جنهن پنهنجي مختصر زندگيءَ ۾ ٻن آمرن جو بهادريءَ سان مقابلو ڪيو. هن جنرل ضياءالحق جي 11 سالن جي آمريت ۽ جنرل پرويز مشرف جي 9 سالن جي آمريت سان ويڙهہ وڙهي.

سنڌس اچڻ جو ٻڌي آمر ۽ سنڌس چاڙتن ۾ ٽرڙلو پئجي ويو ۽ مٿس خوفناڪ حملو ڪرايو ويو. بينظير جي بچي وڃڻ تي اهي ڏپ ۾ وڏيڪ بدحواس بنجي ويا ۽ پوءِ هنن هڪ هڪاٽي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

سياري جون شامون بيحد اداس ۽ وحشتناڪ هونديون آهن. پر 27- ڊسمبر 2007ع جهڙي اُداس ۽ وحشتناڪ شام شايد ئي ڪڏهن دنيا ۾ آئي هجي.

27- ڊسمبر 2007ع جي بلترين ۽ منحوس شام مهل امڙ بينظير پنهنجن ٻچن کان وڇڙي وئي. موت برحق آهي، هر جيو کي هڪ ڏينهن مرڻو آهي، پر ڪي ڪي موت ڌرتي کي ۽ ڌرتي تي موجود ماڻهن کي لوڏي ڇڏيندا آهن لڳندو آهي تہ قيامت اچي وئي.

امڙ بينظير جو موت ڪو معمولي موت ڪونہ هو. اهو موت ڪيڏو نہ شاندار آهي جنهن ۾ ماڻهو ڪلندي، مرڪندي، هٿ لوڏيندي الوداع ڪري وڃي.



شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي سنڌالاجي ۾ اچڻ تي آجيان 14- جولاءِ 1994ع

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سان ڀٽي خاندان جو تعلق شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کان وٺي آهي. سنڌالاجي جڏهن اولڊ ڪيمپس حيدرآباد ۾ هئي ته 31- جنوري 1971ع ۾ سنڌ دشمنن ان جي لائبريري کي ئي باهه ڏئي ساڙيو هو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو 9- فيبروري 1971ع ۾ ان سڙيل لائبريري ۾ آيو. واقعي تي ڏک ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪندي هن وعدو ڪيو ته هو سنڌالاجي کي شاندار عمارت اڏائي ڏيندو.

وزيراعظم ٿيڻ کان پوءِ هن پنهنجو وعدو پاڙيو. سندس حڪم تي سنڌ جي ڏهوڪي وزيراعليٰ ممتاز علي ڀٽي 10- ڊسمبر 1972ع ۾ سنڌالاجي جي موجوده عمارتن جو سنگ بنياد رکيو. موجوده عمارتون 1978ع ۾ جڙي راس ٿيون. شهيد راڻي بينظير ڀٽو وزيراعظم پاڪستان 14- جولاءِ 1994ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ آئي. ان موقعي تي هوءَ سنڌالاجي ۾ به آئي ۽ هن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪارنر جو افتتاح ڪيو. هن خواهش ظاهر ڪئي ته سنڌالاجي ۾ سندس نالي سان گئلري قائم ڪئي وڃي. ان مقصد لاءِ هن سينيٽر حسين شاهه راشدي کي هدايتون ڏنيون ته سنڌالاجي ميوزيم سان لڳ هڪ عمارت ٺهرائي وڃي.

بينظير ڀٽو گئلري جي لاءِ هن پنهنجو قيمتي سامان حسين شاهه راشدي جي هٿان ڏياري موڪليو.

جڏهن اها عمارت جڙي راس ٿي ته پاڻ ملڪ کان ٻاهر جلاوطني جي زندگي گذاري رهي هئي. ان وقت به ڪيس سنڌالاجي سان ايتري دلچسپي هئي جو ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ جي معرفت هن ڏهه لک روپين جو عطيو ڏياري موڪليو. 28- نومبر 2005ع ۾ بينظير ڀٽو گئلري قائم ٿي. ڊاڪٽر سليمان شيخ ڪيس

بينظير ڀٽو گئلري جو وڊيو ۽ فوٽوگرافس ڏيئي ۾ پهچايا جيڪي ڏسي هوءَ بيحد خوش ٿي.
بينظير ڀٽو گئلريءَ جي وسيع هال جو اڄا اڌ حصو رهيل آهي. جتي محترمہ جي وڏيڪ يادگار شين رکڻ جي رٿا آهي. اميد آهي تہ صدر پاڪستان جناب آصف علي زرداري ۽ محترمہ جو لائق پٽ بلاول ڀٽو زرداري توڙي سندس لائق ڌيئر بختاور ۽ آصفہ پنهنجي ماءُ جي ان اڌوري خواهش جي تڪميل لاءِ سنڌالاجي کي محترمہ جي يادگار شين ڏيڻ جي عنايت ڪندا.
سنڌالاجي جي بينظير ڀٽو گئلري ۾ شهيد راڻيءَ جون ڏنل يادگار شيون محفوظ ڪيل آهن. انهن ۾ سندس هڪ خوبصورت فوٽو بہ شامل آهي. جڏهن هوءَ 14- جولاءِ 1994ع ۾ سنڌالاجي ۾ آئي هئي تہ هن پنهنجي ان فوٽوءَ تي سنڌالاجي بابت راءِ لکي هئي تہ:

I am pleased to see excellent work of Sindhology institute.

شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي شهادت جي پهرين ورسي تي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان تصويرن، پينٽنگس ۽ خطن جي نمائش ڪري ڪيس خراج عقيدت پيش ڪيو ويو آهي. انهن تصويرن ۾ اوهان هڪڙي خاص ڳالهہ ڏٺي هوندي جيڪا سندس مُرڪ آهي.
شهيد راڻي جي اها مرڪ جيڪا مونليزا جي مُرڪ کان وڌيڪ خوبصورت آهي سا گولي لڳڻ سان فريز ٿي وئي آهي. ماڻهن جي دلين ۾، ذهنن ۾ ۽ اجتماعي حافظي ۾ اها جوان، خوبصورت ۽ لازوال مُرڪ هميشہ زندہ رهندي ۽ هڪڙي نسل کان ٻئي نسل تائين منتقل ٿيندي رهندي. شهيد راڻي پنهنجي ان خوبصورت مُرڪ سان زندہ آهي ۽ زندہ رهندي



شهيد راڻي سنڌالاجي طرفان ڇپايل ڪتاب ڏسي رهي آهي. سنڌ جو تڏهوڪو گورنر محمود هارون، سينيٽر حسين شاهہ راشدي ۽ تڏهوڪو وائيس چانسيلر ڊاڪٽر الانا ساڻس گڏ آهن.

جئہ پرڪاش موراڻي

# خوشبوءِ جو موت

هوءِ جيڪا بهار جي خوشبودار هوا جي جهوٽي جيان هئي، هوءِ جيڪا اداس دلين لاءِ آٿت، مايوس ماڻهن لاءِ همت، ملڪ لاءِ اڪيلو آسرو، جمهوريت پسندن لاءِ اميد جو آخري ڪرڻو هئي، هوءِ جيڪا لکين ماڻهن جي ميڙ ۾ جڏهن مسڪرائي نعرن جي جواب ڏيڻ لاءِ هٿ ڪڻندي



هئي، تہ غريبن کان غربت، بڪايلن کان بک ۽ بيروزگارن کان بيروزگاري وسري ويندي هئي. هر طرف جڻ تہ خوشين، اميدن ۽ سونهري خوابن جا گل ٽڙي پوندا هئا. هوءِ جڏهن ملڪ کان پري هوندي هئي، تہ سندس غيرموجودگيءَ ۾ بہ سندس هئڻ جو احساس سڄي ملڪ جي جمهوريت پسند عوام لاءِ آٿت جو سبب بڻبو هو ۽ اهي ان آس سهاري تہ هاڻي آمريت جا ڪارا ڪڪر جلد هٽي ويندا، پنهنجي جدوجهد جو سفر اڃا بہ وڌيڪ تيزيءَ سان جاري رکندا هئا. هوءِ جڏهن ملڪ ۾، پنهنجي ماڻهن ۾، پنهنجي ماروئڙن ۾، پنهنجي ڏيهہ واسين ۾ هوندي هئي، تہ هرڪو ڪيس پنهنجي ڇپر ڇانوَ سمجهندو هو ۽ ان گهڙي ڪو بہ نڏڪو نہ هوندو هو، ڪو بہ اباڻڪو نہ هوندو هو، ڪو بہ مايوس نہ هوندو هو، هر طرف هڪ ئي گونج ٿي ويندي هئي، تہ آئي آئي بينظير، آئي آئي بينظير.

پر وقت جي ويرين، خوشين جي ويرين، روشنين جي ويرين، جمهوريت جي ويرين، مسڪراهٽن جي دشمنن، روشن خياليءَ جي ويرين، عوامي خوشحاليءَ جي دشمنن، پيار جي ازلي ويرين کي اهي خوشيون، اهي آسون اهي اميدون، اهي آٿتون، بلڪل نہ وڻيون ۽ انهن روشنيءَ کي وسائي ڇڏيو. ان خيال سان تہ هاڻي ڪو بہ خوشين جي آس نہ رکندو، هاڻي ڪو بہ خوشحاليءَ جي اميد نہ رکندو، ڪو بہ جمهوريت جي جدوجهد نہ ڪندو، هاڻي ڪو بہ اک کڻي انهن ڀيانڪ چهرن کي ڏسڻ جي ڪوشش نہ ڪندو. جيڪي پنهنجي ناپاڪ ارادن سان اسان جي خوشين جو قتل ڪري رهيا آهن.

پر اسان نہ بلڪ اهي ڀُليل آهن. رت جو هر قطرو اميدن جا نوان ڏيئا ٻاريندو ۽ خاتمو

عوام جي اميدن جو نہ پر انهن مکروه چهرن جو ٿيندو.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ڀنڪي جيڪا وڏي ٿي سندس جانشين بڻي، اها نہ رڳو پاڪستان پر اسلامي دنيا توڙي سڄيءَ دنيا جي اهم ترين ۽ مقبول ترين اڳواڻن مان هڪ هئي، هوءَ ان شهيد ڀٽي جي نياڻي هئي، جيڪو اسلامي دنيا جي ٻڌيءَ جي علامت هو ۽ ان کي جڏهن دنيا جي لٽ سردارن پنهنجي لاءِ خطرو سمجهيو، تڏهن انهن پنهنجن چاڙتن معرفت کيس رستي تان هٽائي ڇڏيو ۽ ان وقت هنن اهو سمجهيو تہ اهو باب بند ٿي ويو آهي پر ائين نہ ٿيو ۽ بينظير ڀٽي ان مشن ۽ ان قافلي کي انهيءَ جاءِ تان اڳتي وڌايو، جتي سندس محترم والد ڇڏي ويو هو. هوءَ مقبوليت جي ميدان ۾ پنهنجي پيءُ کان بہ اڳتي نڪري وئي، اهو ئي سبب هو جو 2 ڀيرا سندس حڪومت اچڻ ۽ هر ڀيري اليڪشن ۾ سندس پارٽيءَ پاران سڀ کان وڌيڪ ووٽ کڻڻ باوجود کيس سک سان حڪمراني ڪرڻ نہ ڏني وئي. نہ وري کيس عوامي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ فري مينڊيٽ ڏنو ويو. انهن سمورين رڪاوٽن بينظير ڀٽي کي جمهوريت لاءِ جدوجهد هلائڻ کان روڪڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي، پر هوءَ تہ خوشبوءِ جي ان جهوٽي وانگر هئي، جيڪا پنهنجي منزل پاڻ تلاش ڪري وٺندي آهي. شهيد ڀٽي کان پوءِ پاڪستان تي مسلط ٽيل هر آمر اها ڪوشش ڪئي تہ هو پيپلزپارٽي يا بينظير ڀٽي کانسواءِ هِتان هُتان ڪک پن گڏ ڪري ملڪ کي هلائيندو، ماڻهن کي ڀُلائيندو ۽ پنهنجو مقصد ڪڍندو ۽ هن حڪومت بہ اهڙي ئي ڪوشش ڪئي پر نيٺ کين وري بہ مشرق جي نياڻيءَ ڏانهن ڏسڻو پيو، هوءَ جڏهن پاڪستان موٽي، تہ ڪراچيءَ ۾ عوام جي سمنڊ ڇوليون هڻي سندس مقبوليت جي سند تي مهر هڻي ۽ اها مقبوليت ڪجهہ اندر جي ڪارن کي نہ وڻي ۽ ان جو نتيجو اهڙي سانحي جي صورت ۾ سامهون آيو، جنهن بابت سوچڻ تي بہ دل نٿي چوي. اڃا اسان 18 آڪٽوبر واري سانحي کي صحيح طرح وساري نہ سگهيا هئاسون، تہ هيءُ گهرو گهاءُ اندر کي ڇهڪ ڏئي ويو، خبر ناهي تہ هاڻي ڇا ٿيندو. اهي ماڻهو جيڪي هن ڇوندڙ مهم دوران پرأميد هئا، تہ هاڻي جمهوريت جو سج اڀرندو ۽ آمريت جي اونده ختم ٿيندي. ملڪ ۾ خوشحالي ايندي ۽ غربت دور ٿيندي، انهن وري پنهنجو منهن مونن ۾ ڏئي ڇڏيو آهي ۽ مايوسيءَ جي اوڙاه ۾ غرق ٿي ويا آهن. ڇوندا آهن تہ مايوسي ڪفر آهي پر جڏهن چوڌس ماتم هجي ۽ ڪنهن بہ پاسي کان اميد جي ڪا روشني نظر نہ اچي، تہ پوءِ مايوس نہ ٿجي، تہ ڇا ڪجي.

اسان مايوس آهيون، ڏکويل آهيون پر اسان اميد ناهي ڇڏي، اسان آس جو ڏيئو هينئر بہ جلائي رکيو آهي. انڪري تہ اسان چاهيون ٿا، تہ هيءُ ملڪ جيڪو عوام لاءِ نهيو ، جيڪو خوشحاليءَ لاءِ نهيو، جيڪو محبتن لاءِ نهيو، ان تي ويرين جو وس نہ هلي، ان ڪري دعائن سان گڏ اهو عزم بہ ڪرڻ گهرجي تہ زندگي جيڪا روان رهڻي آهي، ان جي مستقبل کي ۽ ايندڙ نسلن کي ان قسم جي اندوهناڪ سانحن کان بچائڻ لاءِ ڪو نہ ڪو گس، ڪو نہ ڪو ڏس ضرور ڳولي ڪڍنداسين.

مسرت جبين/ ثمينه ميمڻ

# بينظير کان پوءِ ...

جڏهن هوءَ زنده هئي ته منهنجو اُن سان
کو جذباتي لڳاءُ نه هو. سچ پڇو ته
ذوالفقار علي ڀٽي کان پوءِ اهڙو کو
جذباتي لڳاءُ ڪنهن سياستدان سان ٿيو ئي
نه آهي. پيءُ جي حوالي کان ۽ ڪجهه
حالتن جي سببن ڪري بينظير لاءِ پهرئين
دل ۾ هڪ نرم گوشو هو جيڪو ويجهي
وڃڻ کان پوءِ ڪجهه جانثارن ڪي مايوس
ڏسي بلڪل لاتعلقيءَ ۾ بدلجي ويو. هيءَ
لاتعلقي! شايد پاڻ کي جذباتي صدمن کان
محفوظ رکڻ لاءِ قدرت جي ڍال آهي.

سياست ۽ اقتدار جي ايوانن کان ٿورو
پري رهڻ جي تربيت مون کي پنهنجي پيءُ
کان ورثي ۾ ملي هئي، شايد ان لاءِ پيپلز
پارٽي جي ترجمان هفت روزه جون
ذميداريون سنڀالڻ جي ڳالهه ٿي هئي،
تڏهن اها ڳالهه دل ۾ گهٽو ڪونه آئڙي
هئي، پر ڏکئي وقت ۾ ڪنهن جو ساٿ
ڏيڻ جي خيال ۽ اسان جي گهٽي وقت کان
بيروزگار هئڻ کان پوءِ هيءُ فيصلو ڪيو
ته اسان هن پرچي کي سنڀاليون.

منهنجو نالو ايڊيٽر طور تجويز ٿيو. جڏهن ته
سموريون انتظامي ذميداريون منهنجو مڙس
سنڀاليندو هو. هيءُ 1977ع جو زمانو هو. ڀٽو
صاحب جيل ۾ هو. بيگم نصرت ڀٽو جيئن
تيئن ڪري حالتن کي منهن ڏيڻ جي
ڪوشش ڪري رهي هئي. انهن ڏينهن ۾
بينظير سان منهنجي پهرين ملاقات سنڌ
ڪلفٽن جي ڊائننگ هال ۾ ٿي. صحافين سان
هن جي پهرين ملاقات هئي. گهٽي ڀاڳي ڳالهه
ٻولهه بيگم ڀٽو ئي ڪري رهي هئي. هارورڊ
۽ ڪيمبرج جي تعليم حاصل ڪيل هيءَ
نوجوان ڇوڪري ڪجهه لاتعلقي ڏيکاريندي
صرف ماحول کي جاچي رهي هئي.

ان کان پوءِ هفت روزه جي حوالي سان
بيگم ڀٽي سان اسان جون جيتريون به
ملاقاتون سنڌ ڪلفٽن ۾ ٿيون بينظير ڀٽو
موجود هوندي هئي پر هن ڪڏهن به
مشورو ڏيڻ يا ماءُ جي ڪنهن ڳالهه ۾ دخل
ڏيڻ جي ڪوشش نه ڪئي، شايد هوءَ صرف
معاملن جي عمل کي سمجهي رهي هئي.

گهٽي خراب مالي حالتن کان پوءِ (پيپلزپارٽي
جا سڀ اڪائونٽ سيل ڪيا ويا) هفت روزه
جي جاري هئڻ ڪري انهيءَ وقت به پنهنجا
پهريان رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا. اسان جي ڪوشش
۽ محنت جي ڪري يا شايد وقت جي تقاضا به
هئي. ماڻهو پارٽيءَ جي حالتن ۽ معاملن جي
ڄاڻ چاهيندا هئا. پر پوءِ مارشل لا لڳي وئي ۽
فوجي انتظاميا ڪجهه گائيڊ لائينز پيش
ڪيون، جن کي ظاهر آ منهنجي مڙس قبول
نه ڪيو، تنهنڪري ٻئي ٽئين ڏينهن مارشل
لا هيڊ ڪوارٽر وٽان ايڊيٽر شپ ختم ٿيڻ جو

آرڊر مون کي وصول ٿيو. ايئن بينظير سان ڳنڍيل هيءُ سلسلو بہ ڪٽجي ويو. پوءِ جي ڏکي ڪهاڻيءَ ۾ اسان هڪ همدرد تماشائي طور تي شريڪ رهياسين، جنهن جو تعلق صرف ڪيڏنڌڙ جي راند جي حد تائين هوندو آهي. پر ڪنهن جي خراب ڪارڪردگيءَ تي ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن جو انفرادي عمل بہ اکين ۾ چُڀڻ لڳندو آهي.

ميڊيا جي ذريعي اسان تائين پهچڻ ڪن خبرن کان وحشت ٿيڻ لڳندي هئي. ڏک تہ ٿيندو هو، ڪنهن جي ڳالهين تي. ڏک صرف انهيءَ وقت تي ٿيندو آهي جڏهن ڪير ايترو ويجهو هجي.

پر 27 ڊسمبر يعني خميس جي ٽيپهري مهل مان پنهنجو هفتيوار ڪالم لکي رهي هيس، تہ فون جي گهنٽي وڳي: "امي! توهان خبرون ٻڌي ورتيون"؟ وڏي پٽ جي فون هئي. "ڇو ڇا ٿيو؟" "پنڊيءَ ۾ خودڪش ڌماڪو ٿيو آهي بينظير جي جلسي ۾، ٽي.وي کوليو" پين هٿ مان هيٺ رکي مون ٽي. ويءَ کي کوليو. ڌماڪي وارن جي باري ۾ اطلاع ڏنا پئي ويا ۽ انهيءَ سان گڏ هيءُ ڪرالر بہ هلي رهيو هو تہ "بينظير مڪمل طور تي محفوظ آهي. ان کي صرف ميڊيڪل چيڪ اپ لاءِ جنرل اسپتال نيو پيو وڃي. ٿوري دير تائين ٽي. وي ڏسڻ کان پوءِ پين وري هٿ ۾ کنئي هئي تہ آصف زرداريءَ جي حوالي سان هيءُ بيان ٻڌايو ويو تہ بينظير گهڻي زخمي آهي.

مان اجا ٻڌتر جي ڪيفيت ۾ ئي هيس تہ ٽيليفون هڪ دفعو وري وڳي- "امي شهيد ٿي وئي."

"ڪير شهيد ٿي وئي پٽ؟"

"بينظير" امي! انهيءَ سان گڏ پٽ جون اوڇنگارون ٻڌڻ ۾ آيون "نہ پٽ! غلط خبر هوندي. ڪنهن چيو. مان ٿُلهہ ڦٿل جملا ڳالهائي رهي هيس. ۽ دماغ اوچتو سُن ٿي ويو. ٽي.وي اسڪرين تي ڏسو نہ" انهيءَ ڪان وڌيڪ هن ڪان ڳالهايو نہ ٿيو. منهنجي اکين آڏو اُها خبر حقيقت بنجي ٽي. وي اسڪرين تي موجود هئي. اڪيلي گهر ۾ ويهي رسيور هٿ ۾ پڪڙي مان رڙيون ڪري روئي رهي هيس. مان پنهنجي ماءُ جي مرڻ تي بہ ايترو نہ رني هيس. پر مان ڪڏهن وڏي آواز ۾ تہ ڪڏهن رُني نہ آهيان. انتهائي گهڻي ڏک جي عالم ۾ جڏهن ڪوئي دل کي مُٺ ۾ پڪوڙي وٺندو آهي تہ ڳوڙهن تي اختيار نہ رهندو آهي.

پر وات کولي رڙيون ڪرڻ جو عمل اڄ منهنجي وس ۾ نہ هو ۽ هيءَ اها بينظير، جنهن سان منهنجو ڪوبہ رت جو تعلق نہ هو.

اڄ هڪ ڏينهن گذرڻ کان پوءِ پنهنجي ڪيفيت تي غور ڪريان ٿي تہ هڪ ئي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ٿي. تہ هيءَ واويلا ۽ ماتم شايد بينظير لاءِ نہ هو.

هتي تہ مان پاڻ مري وئي هيس منهنجي اميد مري وئي هئي ۽ اميد جيڪا نہ چاهيندي بہ منهنجي لاشعور ۾ بينظير جي ذات سان جڙيل هئي. مون پنهنجي ننڍپڻ ۾ پنهنجي وڏڙن کي قائد اعظم جي وفات تي اهڙي طرح رڙيون ڪندي روئندي ڏٺو،

هاڻي مان سمجهان ٿي ته ڪهڙي طرح انهن جون اميدون ٽٽيون هونديون جيڪي انهن 'بابا' جي ذات سان جوڙي ڇڏيون هيون. هجرت جا ڏک سهڻ ڪان پوءِ هڪ بهتر مستقبل جي اميد هڪ خواب ٽٽڻ تي انهن جو اهو عمل فطري هو. ڪجهه اهائي صورتحال بينظير سان به هئي.

مون وانگر لکين ماڻهن! شايد لاشعوري طور تي هن اُميد کي هڪ ڪرڻو سمجهيو هو. صدمو ته ماڻهن کي قائد ملت لياقت علي خان جي شهادت تي به ٿيو هو. صدمي ڪان وڌيڪ هڪ خوف ۽ بي يقينيءَ جي ڪيفيت جنهن ماڻهن جي دلين تي مُهر لڳائي هئي.

ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت ته ماڻهن جي چيلهه ئي ڀڃي ڇڏي هئي. هرطرف هڪ موت جهڙي خاموشي هئي ۽ مارشل لا جي سختين يا ڪوڙن جي ڊپ ڪان ڪير به اهڙي طرح روئڻ تي نه نڪتو. غم جي گهرائي ۽ بي وسيءَ جي ڪاوڙ جو اظهار جيڪو بينظير جي شهادت کان پوءِ ڏسڻ ۾ آيو اهو ته هڪ فطري رد عمل آهي.

جيڪڏهن توهان جي باغيچي ۾ ٽڙيل اڪيلي گلاب جي گل کي ڪير توهان جي سامهون ڀڃي مروڙي ڇڏي ته توهان ڇا محسوس ڪندؤ؟

بينظير اهڙو ئي گلاب هئي. هوءَ ٽڙيل گلاب ته هئي جنهن جي خوشبو سڄي دنيا محسوس ڪري سگهي ٿي. انهيءَ سان اسان جي پوري گلستان تي رونق هئي. هوءَ انصاف پسند روشن خيال جنهن جي اسان ڏاڍي پرچار ڪندا آهيون، بينظير انهيءَ جو جيئرو جاڳندو ثبوت هئي. هاڻي خدا ٿو ڄاڻي زندگيءَ ۾ ڀيهر ڪڏهن اهڙي رونق اهڙي خوشبو هن گلستان کي نصيب ٿئي يا نه ٿئي چو ته ڪنڊن واري ٻوٽي تي بي ڪابه مُڪڙي موجود نه آهي. اسين هن محروميءَ تي جيترو ڏک ڪريون، اهو گهٽ آهي.

ڏک ۽ ڪاوڙ جي شدت ۾ ماڻهن جي ڀڃ ڊاهه ڪرڻ، ساڙڻ، مارڻ، ٻين کي ۽ پاڻ کي نقصان پهچائڻ عمارتن، گاڏين، بينڪن، پيٽرول پمپن ۽ ريلوي ٽريڪ کي نقصان پهچائڻ. هيءُ سڀ ڳالهيون مون کي هميشه ڏاڍي تڪليف ۽ اذيت ڏينديون هيون. پر اهو پهريون دفعو هو جو مون ماڻهن کي معاف ڪري ڇڏيو هو. جڏهن زندگيءَ ۾ اميد جو آخري ڪرڻو به ٻُڏي وڃي ته اونداهيءَ جي وحشت ۾ انسان جيڪو به ڪري گُذري انهيءَ کي معاف ڪري ڇڏجي، انهن کي مون جيان پاڻ تي اختيار نٿو رهي.

كزبانو سنڌو

# تنهنجي ياد جي وري آ وير

هر انسان اهو ٿو چاهي، ته اسان جو ملڪ خوشحال هجي، بيروزگارن کي روزگار ملي، بي گهرن کي گهر ملي. مظلومن کي انصاف ملي. پر اهو تڏهن ممڪن آهي جڏهن ملڪ جا ليڊر ايماندار ۽ حب الوطن هجن. انصاف پسند ۽ صداقت پسند هجن. بنا غرض بنا مطلب پنهنجي ملڪ جي خدمت ڪن. سچ ته اها ليڊر ذوالفقار علي ڀُٽي جي نياڻي محترمه بينظير ڀُٽو هئي.

جڏهن به ذوالفقار علي ڀُٽي جو ذڪر هليو ٿي. مان پنهنجي والد صاحب کي غمگين ٿيندي ڏٺو. پر ڀٽو ته زنده هو. بلڪ زنده آهي. ڀٽو نٿو مري سگهي. بينظير والد جو مشن کڻي ظلم خلاف جنگ جوٽي. حق جو نعرو هڻي عوام جي دلين تي راڄ ڪرڻ لڳي. جنهن ڪان پوءِ ’جيئي ڀٽو‘ جو نعرو گونجڻ لڳو. سياسي شعور وڌڻ ڪان پوءِ بينظير صاحبه ملڪ جي پهرين عورت وزير اعظم بنجي آئي. هاري ناري مزدور ۽ غريب خوشيءَ ۾ جهومڻ لڳا. مخالفن کان اهو برداشت نه ٿيو پارليامينٽ ٽوڙي وئي. ملڪ مخالفن جي هٿن ۾ اچي ويو ۽ عوام جا ارمان اڌورا رهجي ويا. پر بينظير ڀُٽي همت نه هاري. والد جو مشن جاري رکيائين. دشمن اڳيان نه جهڪي.



16 ڪروڙ عوام چاهيو ٿي، ته اسان جو ملڪ پاڪستان مضبوط هٿن ۾ هجي. ناپاڪ ارادن کان محفوظ هجي. بيروزگارن کي روزگار ملي. هڪ دفعو وري بينظير ڀُٽو عوام جي پڪار ٻڌي. ملڪ کي مسئلن ۾ جڪڙيل ڏسي وطن ورڻ جو فيصلو ڪيائين. پاڪستان کي بينظير ڀُٽو جي ضرورت هئي ۽ بينظير 18- آڪٽوبر تي پنهنجا معصوم ٻچڙا ڇڏي وطن وري. عوام جي خاطر ملڪ جي خاطر، هن کي خبر هئي، ته دشمن کيس زنده نه ڇڏيندا، ليڪن پوءِ به همت نه هاريائين. جان جي پرواهه نه ڪيائين. جڏهن بينظير ڀٽو پاڪستان

جي سرزمين تي قدم رکيو، تہ عوام جو سمنڊ اٿلي پيو. ڌرتي جھومڻ لڳي. جيئي ڀُٽو جو نعرو بلند ٿي ويو. عوام جي چھرن تي مُرڪون رقص ڪرڻ لڳيون. هر طرف خوشيءَ جو منظر هو. اميدن جا ڏيئا روشن ٿي ويا. خواهشن هڪ دفعو ٻيهر جنم ورتو. دشمنن کان اهو سڀ برداشت نہ ٿيو، هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيائون. ڪئين ڪونڌر ڪُسجي ويا. موت جو راڪاس لامارا ڏيڻ لڳو، ڪھڙو قصور هو هن جو، جو موت کي رحم نہ آيو، ظالمن جو ڪو نہ مذهب آهي نہ دين آهي. بينظير ڀٽو تہ ڪرامتاً بچي وئي، عوام جي دعائن ڪيس هڪ دفعو ٻيهر بچائي ورتو. مائرن تہ پنھنجا جوڌا جوان بينظير ڀُٽي تان قربان ڪري ڇڏيا.



اها حب سچي ليڊر لاءِ ئي تہ هئي جيڪا وطن کي وطن جي عوام کي سمجھي پئي سگھي. بينظير مشڪل سان مقابلو ڪرڻ پنھنجي والد صاحب کان سکيو هو. هوءَ پوئتي هٽڻ واري نہ هئي. هڪ دلير ليڊر هڪ بهادر ليڊر هئي.

27 ڊسمبر جي شام ڪيڏي ڀيانڪ شام هئي. بينظير ڀُٽي جي شهادت جي شام. 16 ڪروڙ عوام جي ارمانن کي قتل ڪرڻ جي شام. 27- ڊسمبر جي شام جڏهن مون ٽي.وي آن ڪئي، بينظير ڀٽي جي شهادت جي خبر ٻڌي سارو وجود سُن ٿي ويو. يقين ئي نہ پئي آيو.

ڪاش! اهو چون: اِها خبر غلط آهي. هر فرد بيچينيءَ جي عالم ۾ هو. ڄڻ زلزلو آيو هجي. ڄڻ طوفان آيو هجي. ڇا ٿي ويو شام شامِ غريبان بنجي وئي. ڪيڏو ظلم ٿي ويو. پاڪستان جي قسمت جو ڏيئو جلائڻ واري ليڊر جي جيون جو ڏيئو اجھايو ويو. ڪئين خواب دفن ٿي ويا، بينظير شهيد ٿي وئي. چو يقين نہ پيو اچي. بينظير ڀٽي کي شهيد ڪرڻ وارا ڇا انسان آهن!

شهيد بينظير ڀٽو بظاهر اسان ۾ موجود نہ آهي.پر هوءَ اسان جي دلين ۾ زنده آهي. شهيد ڪڏهن مرندا نہ آهن. شهيد جي معنيٰ ئي زنده آهي. هوءَ عوام جي دلين ۾ آهي. بلاول، بختاور ۽ آصف جي روپ ۾ آهي. عوام پيپلز پارٽي کي ڪامياب ڪري، اهو ثابت ڪيو، تہ شهيد بينظير ڀٽو زنده آهي ۽ ڀٽو هميشہ زنده رهندو. هيءَ ڌرتي ڀُٽي خاندان کي سلام ڪري ٿي، جنهن قربانيون ڏئي ملڪ جي حفاظت ڪئي. اميد تہ هيءَ حڪومت، بينظير ڀُٽي جو مشن جاري رکندي. بيروزگارن کي روزگار ڏيندي، مهانگائي گھٽ ڪندي. غريب عوام جي سپنن کي ساپيان ڏيندي.

حسين مسرت شاهه

# شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو

جوڙڪي تو کو گران تهي هم
جو چلي تو جان سي گذر گئي
رهِ يار هم ني قدم قدم
تجهي يادگار بناديا.
(فيض)

محبت هر روپ ۾ امتحان ۽ آزمائش آهي، ڀلي اها مجازي هجي يا حقيقي انسان سان هجي يا وطن سان هجي، محبت جي هام هڻندڙ لاءِ وِک وِک تي امتحان، قدم قدم تي آزمائشون هونديون آهن. انهن لاءِ هر رستو اڙانگو ۽ دشوار ٿي پوندو آهي.

بي موت مُئا، تولاءِ ڪُٺا انسان هزارين مان نہ رڳو،
هن دنيا ۾ اي ديس! هيا نادان هزارين مان نہ رڳو.
جنهن وقت اياز هي سٽون رچيون هيون تہ خبر نہ آهي تہ هن جي ذهن ۾ ڪهڙا ڪهڙا سورهيہ هئا، پر اڄ اهي سٽون پڙهندي هر شهيد سان گڏ اسان جي ذهن ۾ پنهنجي شهيد ڀيڻ جو عڪس تري ٿو اچي.

ڌرتي پنهنجن پيارن کي آزمائيندي رهندي آهي، اها آزمائش ازل کان هلندي اچي. ڪجهہ گهر، ڪجهہ خاندان، ڪجهہ ماڻهو، ڪجهہ دليون محبتن لاءِ مخصوص هونديون آهن، يا ائين ڪٿي چئجي تہ منتخب ڪيا ويندا آهن، محبتن لاءِ، عبادتن لاءِ، آزمائشن لاءِ! اهڙن انتخاب ٿيل ماڻهن مان شهيد ڀيڻ بہ هڪ آهي، سندن والد صاحب جڏهن پارٽي لاءِ جهنڊي جو رنگ منتخب ڪيو هو تہ شايد ملڪ جي خوشحاليءَ سان گڏوگڏ ان ۾ شهادت ۽ سوڳ جو رنگ شامل ڪرڻ ۾ ڪا حڪمت هئي. ۽ انهن سيني عوام سان محبت جي قيمت، شهادت جي روپ ۾ چڪائي ڇڏي.

هن جي شهادت کي سال ٿي ويو آهي. اها ڳالهہ تہ هرڪو ٿو مڃي تہ هوءَ هڪ عالمي شخصيت هئي. اهڙي شخصيت جيڪا دنيا ۾ پسند ڪئي وڃي ٿي ۽ سندس علمي قابليت کي بين الاقوامي سطح تي مڃيو ويو آهي. ڪيس مليل ايوارڊ ان مڃتا جو ثبوت آهن.

اسين انهيءَ ڳالهہ تي فخر ڪندا آهيون تہ محترمہ سنڌ جي نياڻي آهي. سندس آمد تي فضا مارئي ملير جي بينظير بينظير جي نعرن سان گونجڻ لڳندي هئي. سندس جلسا سندس تقريرون ۽ ماڻهن جا هجوم، هشام ان ڳالهہ جو ثبوت آهن تہ هو ڪيتريقدر عوام جي ويجهو هئي.

سندس شخصيت هر روپ ۽ هر ڪردار ۾ قابل تقليد آهي، ڀلي اهي تعليمي ڪاميابيون هجن، والد جي شهادت کان پوءِ پارٽي جي قيادت هجي، جلاوطني جو دور، جيل جو دور هجي، اقتدار ۾ اچڻ، اپوزيشن ۾ ويهڻ وري اقتدار ۾ اچڻ ۽ جلاوطن ٿيڻ، وطن کان پري رهڻ جي باوجود بہ دلي ۽ ذهني طرح پنهنجن جي ويجهو رهڻ هجي. انهن سيني مصروفيتن سان گڏوگڏ گهر ۽ ٻارن کي توجهہ ڏيڻ هجي، هن جي زندگي جو هر لمحو، هر سيڪنڊ،

هڪ جدوجهد ۽ هلچل ۾ گذريو. سنڌس لکئيون سنڌس تقريرون ان ڳالهہ جون گواهہ آهن تہ هوءَ پنهنجيءَ ڌرتيءَ سان ڪيتريقدر سچي هئي. هن جي سوچ ۽ نظر ڪيتري اڳتي هئي. اهڙا ليڊر ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن، جيڪي ملڪ سان گڏوگڏ سڄي دنيا جي سياست تي نظر رکن ۽ هر تبديليءَ تي غور ۽ فڪر ڪن.

محترمہ هميشہ پنهنجي وطن جي ترقي، عوام جي خوشحالي ۽ عورتن جي سجاڳيءَ جا خواب ڏٺا هئا. اڄ جي سماج ۾ جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو آهي ۽ اسان جي معيشت جتي بيٺي آهي، اهي حالتون ڏسي اسانُ جو ڪنڌ جهڪي ٿو وڃي تہ اسان جو سماج اهو سماج آهي جنهن ۾ اڃا تائين عورت کي هڪ فرد جا حق حاصل ڪونہ آهن.

اڄ جي عورت هر طرح جي تشدد جو شڪار آهي، ذهني توڙي جسماني طرح سان هوءَ پنهنجي عورت هئڻ کي ڀوڳي رهي آهي. ڪيتريون ئي رسمون آهن جيڪي سماج ۾ رائج ٿي ويون آهن، ڪارو ڪاري جي رسم، سڱ چٽيءَ جي رسم، ڀيڻ لکي ڏيڻ، وغيره وغيره. عورتن کي مارڻ لاءِ مختلف بهانا بنائڻ، انهن جا نڪ، چپ ڪٽڻ، وار ڪوڙڻ، انهن جي ٻارن کي مارڻ وغيره. اسين جيتريقدر سماجي سجاڳيءَ جي دعويٰ ڪريون ٿا اوتري اسان ۾ ڪونهي. عورتن تي ٿيندڙ تشدد جي واقعن کي نِنديو بہ وڃي ٿو پر تڏهن بہ انهن ۾ ڪا ڪمي ڪانہ ٿي اچي.

جيڏي مهل اسين پنهنجي شهيد ڀيڻ کي ڀيٽا ڏيڻ جو سوچون ٿا تہ اسان کي پنهنجا هٿ دل خالي ٿا محسوس ٿين، ڇاڪاڻ تہ شهيد کي ياد ڪرڻ ۽ ڀيٽا ڏيڻ جو هڪ ئي طريقو آهي، اهو آهي ان جي مقصد کي زنده رکڻ ان جي رت جي رنگ کي جهڪو نہ ڪرڻ، پر اسين ڪيئن قابل ٿيون جو پنهنجي ڀيڻ کي فخر سان شهيد ڀيڻ چئي سگهون؟

اڄ 25 نومبر محترمہ کي گڏيل قومن جي طرفان انساني حقن جو ايوارڊ ڏنو پيو وڃي. ۽ اسين پنهنجي بنيادي حقن جي ڄاڻ کان بہ محروم آهيون!

اهو آخر ڪيستائين ٿيندو رهندو؟ محترمہ جي شروع ڪيل جدوجهد کي ڪامياب بنائڻ لاءِ سجاڳ ٿيڻو پوندو ۽ جڏهن عورتون ذهني طرح سجاڳ ٿي علم حاصل ڪنديون تڏهن ئي شهيد جي رستي تي هلي ڪيس ڀيٽا ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهنديون.

اياز جون هي سٽون هڪ اميد ٿيون ڏيکارين:

**هي دؤر ”اياز“ گذرڻو آهي، ۽ پنهنجو وارو ورڻو آ، ڪو ٻارڻ نيٺ تہ ٻرڻو آ، امڪان هزارين مان نہ رڳو.**

عورت جي ڄاڻ هڪ نسل جي ڄاڻ آهي، عورت جو تعليم يافتہ هئڻ هڪ نسل جو تعليم يافتہ هجڻ آهي. جيستائين اسان جي سماج جي سوچ مثبت نہ ٿيندي ان وقت تائين اسين ذهني طرح سان وڪريل ۽ پريشان ئي رهنداسين. مثبت سوچ سان ئي اسين پنهنجا حق وٺي سگهون ٿا، سماج ۾ امن قائم ٿي سگهي ٿو، ۽ اسين محترمہ شهيد جي اڳيان ڪنڌ کڻي ان کي ڀيٽا ڏيئي سگهون ٿا.

سگھي ٿي ۽ مرد ۽ عورتون ڪيس پنهنجو ليڊر تسليم ڪري سگھن ٿا. آءٌ اهڙي اعزاز ڏيڻ لاءِ پاڪستان جي عوام جي ٿورائتي آهيان.

جڏهن جديديت پسندن ۽ انتهاپسندن وچ ۾ مباحثو جاري آهي، ان وقت مسلمان عورتون ڇڻ ڪافي اڳتي وڌي آيون. جڏهن مون 2- ڊسمبر 1988ع ۾ پهريون ڀيروَ (وزير اعظم جي) عهدي جو قسم کنيو. هن دنيا ۾ فقط ڪجھ ئي ماڻهن کي اهو اعزاز ملندو آهي ته هو سماج کي بدلائي سگھن.

هڪ ملڪ کي نئين دور سان روشناس ڪرائي سگھن، جنهن ۾ فقط اجا بنيادي انفرا اسٽرڪچر هجي، عورت جي ڪردار بابت پڪل ويچارن کي ختم ڪري سگھن ۽ نيٺ انهن لکين ماڻهن کي تبديليءَ جي هڪ نئين اميد ڏئي سگھن، جيڪي نا اُميد ٿي چڪا هجن.

اهو ضروري ناهي ته مون کي ان زندگيءَ جي چونڊ ڪرڻ گھرجي ها، پوءِ به اها ذميواري، ڪاميابي ۽ موقعي ملڻ واري زندگي رهي آهي ۽ محسوس ڪريان ٿي، ته مستقبل ۾ اجا مون کي ۽ منهنجي وطن پاڪستان کي وڏيڪ چئلينجن کي منهن ڏيڻو آهي.

اڄ کان ويهه سال اڳ، منهنجي زندگيءَ جي ترقيءَ جي روشنيءَ ۾ منهنجي والد جو دغا سان (سياسي) قتل، منهنجو جيل ۾ وڃڻ ۽ سياسي ذميوارين کي پنهنجي سِرَ تي کڻڻ- مون کي پنهنجي ذاتي خوشين بابت ڪا گھڻي اميد نه هئي ته مون کي ڪنهن جو پيار ملندو، شادي ٿيندي ۽ ٻار هوندا. مون ته سمجهيو هو ته آءٌ به انگلينڊ جي راڻي ايلزبيٿ- 1 جيان، جنهن پڻ قيد ۽ بند جون تڪليفون برداشت ڪيون ۽ شادي نه ڪئي، آءٌ به شادي نه ڪري سگھنديس. پر منهنجي ذاتي زندگيءَ انهن تنگ نظريءَ وارين ڳالهين جو مقابلو ڪيو. مشڪل حالتن هئڻ جي باوجود مون کي شاديءَ جي خوشي ۽ تڪميل ملي. مون کي پنهنجي وَرَ جي همت ۽ وفاداريءَ تي فخر آهي، ته هو شاديءَ کان پوءِ 19 سالن تائين مون سان گڏ رهيو. انهي سموري عرصي ۾ يا ته آءٌ پرائم منسٽر هائوس ۾ رهيس يا وري سياسي قيدي بنجي پنهنجي Career جي يرغمال بڻي رهيس. جسماني طور هڪبئي خلاف ڪرڻ جي ڪوشش جي باوجود مون کي لڳو ته اسان جو تعلق اجا به مضبوط ٿيو هو. زندگيءَ بابت آءٌ ڪا پيشنگوئي نه نٿي ڪري سگھان پر مون کي نٿو لڳي ته ڪا عورت منهنجي جاءِ والاري سگھندي.

---

جڏهن جديديت پسندن ۽ انتهاپسندن وچ ۾ مباحثو جاري آهي. ان وقت مسلمان عورتون ڇڻ ڪافي اڳتي وڌي آيون. جڏهن مون 2- ڊسمبر **1988**ع ۾ پهريون ڀيرو (وزير اعظم جي) عهدي جو قسم کنيو. هن دنيا ۾ فقط ڪجھ ئي ماڻهن کي اهو اعزاز ملندو آهي ته هو سماج کي بدلائي سگھن.

هڪ ملڪ کي نئين دور سان روشناس ڪرائي سگھن، جنهن ۾ فقط اجا بنيادي انفرا اسٽرڪچر هجي، عورت جي ڪردار بابت پڪل ويچارن کي ختم ڪري سگھن ۽ نيٺ انهن لکين ماڻهن کي تبديليءَ جي هڪ نئين اميد ڏئي سگھن، جيڪي نا اُميد ٿي چڪا هجن.

---

آءُ اها عورت آهيان، جنهن کي پنهنجي ثقافت ۽ مذهبي ورثي تي فخر آهي. آءُ ذاتي طرح اهو فرض سمجهان ٿي، ته اسلام جي سچي روح کي قائم رکان، اهو مذهب جيڪو سهپ سيکاري ٿو ۽ سڀني فرقن ۽ مذهبن ۽ نسل جي ماڻهن کي سماج ۾ قبول ڪري ٿو، ان روح کي، منهنجي عقيدي موجب، دهشتگرد (Hijack) اغوا ڪري چڪا آهن. آءُ ڄاڻان ٿي ته آءُ هڪ اهڙي علامت آهيان، جنهن کان نام نهاد 'جهادي'، طالبان ۽ القاعده سڀني کان وڌيڪ خوفزده آهن. آءُ هڪ عورت سياسي ليڊر آهيان جيڪا پاڪستان ۾ جديديت، ابلاغ عام، تعليم ۽ ٽيڪنالاجي کي آڻڻ لاءِ وڙهي رهي آهي. آءُ ان ڳالهه ۾ ويساهه رکان ٿي ته پاڪستان هڪ (Billion) ارب کان مٿي، سڄي دنيا ۾ رهندڙ مسلمانن لاءِ اميد جي هڪ علامت بڻجي سگهي ٿو. جن کي ماضيءَ جي قوتن ۽ مستقبل جي قوتن مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪرڻي آهي.

مون جيڪي سياسي جنگيون وڙهيون، سي ڪنهن انت خاطر هيون. انهن جو مرڪز آزادي ۽ سماجي انصاف رهيو. اهي قدر ئي سچ پچ اهڙا آهن جن لاءِ وڙهڻ گهرجي، مون کي ان ڳالهه جو شدت سان احساس آهي ته منهنجو ڪم (Career) وڌيڪ چئلينجن وارو رهيو آهي چو ته آءُ هڪ عورت آهيان. اسين ڪٿي ڪٿي ته رهون، عورت لاءِ جديد سماج ۾ ڪٿي به آساني ڪونهي. اسان کي مردن سان برابري ڪرڻ لاءِ وڌيڪ پنڌ ڪرڻو پوندو آهي. اسان کي وڌيڪ ڪم ڪرڻو پوندو آهي ۽ وڌيڪ قربانيون ڏيڻيون پونديون آهن. اسان کي انهن غليظ ۽ غلط حملن کان به جذباتي طور پنهنجي حفاظت ڪرڻي پوندي آهي، جيڪي اسان جي جي مردن پاران اسان تي ڪيا ويندا آهن. افسوس جي ڳالهه آهي ته اڃا به ڪيترا ماڻهو ان ڳالهه ۾ ويساهه رکندا آهن ته مرد عورتن تي، پنهنجو قبضو رکندا آهن ۽ وري مردن تي زور پري، عورتن کي زير ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي.

ان جي باوجود اسان کي سماج جي ان ٻٽي رويي تي شڪايت نه ڪرڻي آهي بلڪ انهن روين تي قابو پائڻو آهي. اسان کي ان ڳالهه لاءِ تيار رهڻو آهي. اسان کي مردن کان بيڻو ڪم ڪرڻ لاءِ پڻ تيار رهڻ گهرجي، آءُ پنهنجي ماءُ جي ٿورائتي آهيان، جنهن مون کي سيکاريو ته (Pregnancy) اُميد واري هڪ قدرتي حياتياتي حالت هوندي آهي، جنهن سان اسان جي نارمل معمول جي زندگي متاثر نه ٿيڻ گهرجي، سندس مشورن تي عمل ڪندي ۽ اميدن تي پورو لهندي، مون هر قسم جي جسماني ۽ جذباتي مجبوريءَ کي نظر انداز ڪري ڇڏيو. مون کي ان ڳالهه جو شدت سان احساس هو ته ڪو به خانداني معاملو سياسي بحث جو باعث بڻجي سگهي ٿو، ملٽري جي هيڊ ڪوارٽرن کان وٺي ايڊيٽوريل بورڊن تائين ان ڳالهه کي ذهن ۾ رکندي / هوشيار رهندي مون پنهنجي (Pregnancies) اميدوارين جا تفصيل هميشه لڪائي رکيا. آءُ خوشنصيب هيس جو مون کي ڊاڪٽر فريڊي سيٽنا (Dr. freddy setna) جي ذريعي سٺي طبي سهوليت ملي، جنهن منهنجي ساٿ ان سلسلي جي ملاقاتن کي سدائين پاڻ تائين رکيو.

منهنجا ٻه پيارا ٻارڙا آهن- بلاول، بختاور ۽ آصف، اهي مون لاءِ خوشيءَ ۽ فخر جو باعث آهن. جڏهن 1988ع ۾ مون کي پنهنجي پهرئين ٻار بلاول جي اميدواري هئي، تڏهن ملٽريءَ جي آمر پارليامينٽ کي ٽوڙي ڇڏيو هو ۽ عام چونڊن جو اعلان ڪيو هو. سندس ۽ سندس اعليٰ فوجي ماڻهن جو خيال هو ته هڪ ڳورهاري (Pregnant) عورت اليڪشن جي مهم هلائي نه سگهندي، سندن خيال غلط هو. آءٌ ائين ڪري سگهيس پئي ۽ مون ائين ڪيو. 21- سيپٽمبر 1988ع تي، بلاول جي پيدائش کان پوءِ جلدئي مون اليڪشن کٽڻ لاءِ مهم هلائي. بلاول جي پيدائش جو ڏينهن منهنجي زندگيءَ جي خوشيءَ سان ڀرپور ڏينهن مان هڪ هو. مون اها اليڪشن کٽي، باوجود انهن پيشگوئين جي ته هڪ مسلمان عورت ماڻهن جون دليون نٿي کٽي سگهي.

وزيراعظم ٿيڻ کان پوءِ جلدئي منهنجي ماءُ مون کي چيو: ”جلدي سان ٻيو ٻار به ڄڻي وٺ“ سندس خيال جي ٻين ذميوارين جي چئلينجن کان اڳ ئي ماءُ کي جلدي ٻار پيدا ڪرڻ گهرجن، مون سندس مشوري تي عمل ڪيو.

جڏهن اجا منهنجي ٻي اميدواري راز ۾ هئي، منهنجن آرمي جي جرنلن مون کي هڪ بريفنگ لاءِ سياچن گليشئر ڏانهن وڃڻ جو فيصلو ڪيو، جيڪا پاڪستان جي سڀ کان مٿاهين اوچائي آهي. پاڪستان ۽ انڊيا وچ ۾ ذري گهٽ اتي 1987ع ۾ جنگ لڳڻ واري هئي (۽ ٻيهر 1999ع ۾ پڻ ذري گهٽ جنگ ٿي هئي.) مون کي ان ڳالهه جي پريشاني هئي ته گليشئر جي چوٽين تي جتي آڪسيجن جي گهٽتائي هوندي آهي، ڪٿي منهنجي ٻار تي خراب اثر نه پوي، منهنجي ڊاڪٽر مون کي يقين ڏياريو ته آءٌ اتي وڃي سگهيس ٿي. هن ٻڌايو ته ماءُ تي اثر پوڻ سان هن کي آڪسيجن ماسڪ ڏئي سگهجي ٿو، جڏهن ته ٻار محفوظ رهندو، سندس انهيءَ يقين ڏيارڻ جي باوجود آءٌ تمام گهڻي گهٻراهٽ ۾ اتي ويس.

سياچن گليشئر جي اوچائين تي پنهنجي وزير اعظم کي ڏسي اسان جي فوجي جوانن جا حوصلا بلند ٿيا. اهو هڪ شاندار نظارو هو. اسان جي چوڌاسي، گليشئر جي برفيلي اڃاڻ آسمان جي نيري وسعتن ۾ گم ٿي رهي هئي. دنيا جي گوڙ گهمسان کان آجون اهي برفيلي چوٽيون آسماني خاموشيءَ کي هڪ نئين معنيٰ بخشي رهيون هيون. سرحد جي هن پار آءٌ انڊيا جون فوجي چانوٽيون ڏسي رهي هيس، انهن مان ثابت ٿيو هو ته امن جي اميد رکڻ اجائي هئي.

جڏهن سياسي مخالفن کي منهنجي اميدواري جي خبر پئي ته ڄڻ ٽرٽلو مچي ويو. هنن صدر ۽ فوج کي منهنجي حڪومت ختم ڪرڻ لاءِ چيو.

هنن اهو دليل ڏنو ته پاڪستان جي حڪومت جا قانون هڪ Pregnant وزير اعظم لاءِ نه آهن، جنهن کي ٽن مهينن لاءِ ويم جي موڪلن تي وڃڻو پوندو. هنن جو چوڻ هو ته ويم جي دوران آءٌ ڪم ڪرڻ جي قابل نه هونديس. ان ڪري ان عرصي ۾ حڪومتي مشينري ڪم ڪرڻ جهڙي نه هوندي، ان ڪري سندن نظرن ۾ اها ڳالهه آئين جي خلاف هئي. ان لاءِ صدر لاءِ ضروري آهي ته فوج جي پٺڀرائيءَ سان وزيراعظم کي هٽائي،

هڪ وچٽري حڪومت ناهي، جيڪا نيون چونڊون ڪرائي.

مون پنهنجن سياسي مخالفن جي انهن ڳُهرن کي رد ڪيو، جو ته اسانَ جي قانون موجب هڪ نوڪري ڪندڙ عورت کي ميٽرنٽي جي قانون موجب، ويمر جي موڪل ڏنل آهي. (ويمر جي موڪل وارو قانون وزير اعظم تي به لاڳو ٿئي ٿو، منهنجي حڪومت جا رڪن منهنجي پاسي هئا. اهو به چيو ويو ته مرد اڳواڻ جيڪو بيمار ٿئي، ته آئيني بحران نٿو اچي، پوءِ ڇا ٿيو جيڪڏهن عورت ليڊر بيمار ٿي پوي.

مخالف ڌر هڙتالون ڪرڻ جو منصوبو ناهيو ته جيئن منهنجي حڪومت کي ختم ڪرڻ لاءِ صدارتي دباءُ وجهي سگهي. مون کي پنهنجا منصوبا ناهڻا هئا. منهنجي والد مون کي سيکاريو هو ته سياست ۾ وقت جي تمام گهڻي اهميت هوندي آهي. مون پنهنجي ڊاڪٽر کان مشورو ورتو ته هن چيو ته منهنجو ٻار full term ۾ هو ۽ سندس اجازت سان هڙتالن جي سڏ جي عمل واري شام تي، مون آپريشن ذريعي ويمر ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو.

مون چاهيو پئي ته انهن پڪي ٿي ويل ذهن رکندڙ ماڻهن کي ٻڌايان ته اُميدواري جي حالت ڪارڪردگيءَ ۾ رنڊڪ نه وجهندي آهي. انڪري اميدواري هئڻ جي باوجود مون تمام گهڻو ڪم ڪيو ۽ شايد هڪ مرد وزيراعظم کان به گهڻو ڪم ڪيو. آخر ۾ آءٌ گادي واري هنڌ ڪابينا جي ميٽنگ ۾ چئرپرسن طور وينيس ۽ پوءِ ڪراچي رواني ٿي ويس. صبح جو سوير اٿي آءٌ پنهنجي ساهيڙيءَ جي ڪار ۾ اسپتال لاءِ رواني ٿيس. اها هڪ نِنڍڙي ڪار هئي، ان ڪاري مرسيڊيس کان مختلف جيڪا منهنجي سرڪاري ڪمن لاءِ استعمال ٿيندي هئي. انڪري حفاظت لاءِ بيٺل پوليس ان ڏانهن ذرو به ڌيان نه ڏنو.

هو منهنجي گهر ۾ اچڻ وارين گاڏين ڏانهن ڌيان ڏيندا هئا، ويندڙ گاڏين ڏانهن نه.

جڏهنَ آءٌ اسپتالَ پهتيس ته منهنجي دل زور زور سان ڌڙڪي رهي هئي، جتي ڊاڪٽر سِتنا اسان جو انتظار ڪري رهيو هو. جڏهن آءٌ ڪار مان لٿيس ته مون اسپتال جي عملي جي چهرن تي اچرج جا تاثر ڏٺا. مون کي خبر هئي ته اها خبر موبائل فونن ۽ پيجرن وسيلي، جيڪي منهنجي حڪومت متعارف ڪرائي چڪي هئي (اسان جو ملڪ ڏکڻ ايشيا ۾ وچ اوير پهريون ملڪ آهي. جن وٽ اهي اڳ ۾ پهتا). آءٌ تڪڙي تڪڙي هال ڏانهن هلندي آپريشن ٿيئٽر ڏانهن وڌيس، مون کي خبر هئي ته منهنجو مڙس ۽ منهنجي ماءُ پڻ پهچڻ وارا هوندا جيئن ته اسين اڳ ۾ طئي ڪري چڪا هئاسين. ۽ پوءِ جڏهن مون کي اينسٽيزيا (بيهوشيءَ جي دوا) جي ڳهر مان هوش آيو ته منهنجي اسپتال جي ٽراليءَ کي آپريشن جي ڪمري مان پرائيويٽ ڪمري ڏانهن ڌڪيلو پئي ويو ۽ مون پنهنجي مڙس جو آواز ٻڌو:

"نياڻي ڄائي آهي."

مون ڏٺو ته منهنجي ماءُ جو چهرو خوشيءَ مان ٻهڪي رهيو هو. مون پنهنجي ڌيءُ کي 'بختاور' سڏيو جنهن جو مطلب آهي- "سنو بخت آڻيندڙ" ۽ سچ پچ ته ائين ئي ٿيو. هڙتالون ناڪام ٿيون ۽ مخالف ڌر جي تحريڪ ختم ٿي وئي.

مون کي سڄي دنيا مان مبارڪباد جا پيغام مليا. حڪومتي سربراهن کان وٺي عام ماڻهن مون کي خط لکيا ۽ منهنجي خوشيءَ ۾ شريڪ ٿيا.

خاص طور تي جوان عورتن لاءِ اهو هڪ اهڙو موقعو هو، جنهن ۾ مون ثابت ڪيو ته هڪ عورت پنهنجي نوڪريءَ ۽ ڪم دوران، پوءِ اها سپ کان وڏيڪ اعليٰ قيادت جو چئلينج رکندڙ حيثيت جو نه هجي، ٻار به ڄڻي سگهي ٿي. ٻئي ڏينهن تي آءٌ پنهنجي نوڪريءَ تي پهتيس، حڪومتي معاملا ڏٺا ۽ سرڪاري فائلن تي صحيون ڪيون. پوءِ مون کي خبر پئي ته آءٌ تاريخ جي اها واحد سرڪاري سربراهه هيس، جنهن پنهنجي ڪم دوران ٻار ڄڻيو، اها ڳالهه هڪ عورت وزيراعظم لاءِ ان روايت کي ٽوڙڻ جي شروعات هئي، جنهن ۾ عورتن کي اعليٰ نوڪرين ڪرڻ جو اهل نه سمجهيو ويجي ٿو.

بختاور جنوري 1990ع ۾ ڄائي ستن مهينن بعد، 6 آگسٽ تي، جڏهن دنيا جو ڌيان عراق جو ڪويت تي قبضي ڏانهن هو، صدر غير جمهوريءَ طرح منهنجي حڪومت کي ختم ڪري ڇڏيو. منهنجي مڙس کي گرفتار ڪيو ويو، تڏهن منهنجي ماءُ مون کي صلاح ڏني ته آءٌ پنهنجي ٻارن کي ملڪ کان ٻاهر موڪلي ڇڏيان. منهنجي لاءِ اها ڳالهه دل کي ڏاريندڙ هئي ته بلاول کان جدا ٿيان جيڪو سيپٽمبر 1990ع ۾ ٻن سالن جو ٿيڻ وارو هو، ۽ بختاور ته اجا سال جي به نه هئي. منهنجي ڀيڻ، جيڪا لنڊن ۾ رهندي آهي، ٻنهي کي محبت سان پاڻ وٽ اچي رکيو. منهنجا ساهرا به لنڊن ۾ هليا ويا. آءٌ جڏهن واپس وطن پهتيس ته مون کي پوائتا خواب نظر ايندا هئا ۽ مون کي لڳندو هو ته منهنجا ٻار مون لاءِ روئي رهيا آهن. آءٌ جڏهن پنهنجي ڀيڻ سان فون تي ڳالهائيندي هيس ته هوءَ چوندي، هئي ته آءٌ بالڪل فڪر نه ڪريان. پر پوائتا خواب بند نه ٿيا.

منهنجي حڪومت ختم ٿيڻ سان، ڪراچيءَ جو بندرگاهه وارو شهر هنگامن ۽ ابتريءَ جي ور چڙهي ويو. دهشتگردي حد کان وڌي وئي. بي گناهه شهرين کي پبلڪ سوارين، گهرن کان ٻاهر ۽ سندن آفيس ۾ بيدرديءَ سان قتل ڪيو پئي ويو. مون کي خبر هئي ته منهنجا ٻار لنڊن ۾ ئي محفوظ هئا پر پوءِ به مون لاءِ هر رات انهن پوائتن خوابن سبب سمهڻ ناممڪن هو.

آءٌ ۽ منهنجي ماءُ هاڻي گهڻو ڪري گاديءَ جي هنڌ اسلام آباد ۾ رهنديون هيونسين. منهنجي مڙس کي، جيڪو 1990ع جي چونڊن ۾ پارليامينٽ لاءِ چونڊيو ويو هو، پارليامينٽ جي ويهڪن دوران گهر ۾ نظر بند رکيو ويندو هو. آءٌ پنهنجي ماءُ ۽ مڙس سان گڏ هيس ۽ منهنجي لاءِ اهو تمام ڏکيو هو ته پنهنجن ٻارن کان پري رهان. مون کي لڳندو هو ته آءٌ انهن تان هٿ کڻي چڪي هيس ۽ منهنجي لاءِ اها ڳڻتي جوڳي ڳالهه هئي ته اها دوري سندن جذباتي پلائي ۽ واڌ ويجهه لاءِ خطرو هئي.

1991ع تائين بلاول لنڊن جي Queens Gate area ۾ هڪ ننڍي ڪنڊر گارٽن اسڪول ۾ وڃڻ لڳو هو. بختاور اجا سال جي هئي. مون فيصلو ڪيو ته آءٌ ڪيس پاڪستان ۾ پنهنجي گهر ۾ حفاظت سان لڪائي سگهان ٿي. آءٌ اڌام ذريعي لنڊن پهتيس، آءٌ صنم جي فليٽ تائين پهچڻ لاءِ اتاولي هيس.

جيئن ئي مون سندس دَرَ کي ڪڙڪايو، مون پنهنجي ڏيءُ جي روئڻ جو آواز ٻڌو، ساڳيو روئڻ، جنهن جو آواز مون کي پنهنجن خوابن ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو هو. مون يڪدم ڪيس پاڪر ۾ پريو ۽ پنهنجي پٽ کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو. مون پنهنجي پيڻ کي چيو: "مون فيصلو ڪيو آهي، ته بختاور کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃان"

هن سک جو ساهه کنيو ۽ چيائين:

"مون تو کي پريشان نه پئي ڪرڻ چاهيو، پرهن ڇوڪريءَ مهينن کان روئڻ بند ئي ناهي ڪيو." ڪجهه ڇوڻ ڪانسواءِ ئي جڻ ٻئي بار سمجهي ويا ته اڳتي ڇا ٿيڻو آهي. جيستائين آءٌ زنده آهيان، مون کي اهو منظر نه وسرندو جڏهن بلاول کي اڇي قميص ۽ نيرن پٽن سان ٽرائوزر پاتل هو، اڇا جوراب ۽ ڪارو جوتو پاتل بلاول ڪاريڊور ۾ پٽ کي ٽيڪ ڏيو وينو هو. هو مون ڏانهن پنهنجي اداس برائون اکين سان خاموش ۽ بي انتها ڏک سان تڪ ٻڌي ڏسي رهيو هو، جڏهن آءٌ ڪيس ڇڏي ۽ بختاور کي پاڻ سان گڏ ڪٽي وڃي رهي هيس. ڪو به بار اهو محسوس ڪري نٿو سگهي ته ان ماءُ تي ڇا گذرندي آهي جيڪا هڪ بار کي پاڻ سان ڪٽي اچي ۽ ٻئي کي ڇڏي اچي.

بختاور کي پاڪر ۾ ڪٽي آءٌ هيٿرو جي هوائي اڏي تي پهتيس هوءَ منهنجي ڪَڇَ ۾ خاموشيءَ سان ليٽيل هئي. آءٌ پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائين ۾ چڙهي پنهنجي سيٽ تي وينيس. نون ڪلاڪن جي ان اڏام دوران مشهور ڳائڻي ميڊم نورجهان به ساڳي فلائيٽ تي هئي ۽ منهنجي پرسان وينل هئي. هوءَ اچرج ۾ هئي، اها ڪيڏي مختلف بارڙي هئي، جنهن پنهنجي ماءُ کي بلڪل به تنگ نه ڪيو. هن چيو:

"مون ڪڏهن به اهڙو ٻار نه ڏٺو جيڪو اڏام دوران ائين ماٺ ۾ هجي."

منهنجي سس ۽ سهري لنڊن ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو ته جيئن بلاول جي سار سنڀال لهي سگهن جيڪو منهنجي پيڻ وٽ هو. مون کي اطمينان هو ته بلاول سان گڏ سندس خاندان هو جيڪو ڪيس هائيڊ پارڪ ۾ گهمائي ڦيرائي بدڪن ۽ نوريئڙن کي چوڳو ڪارائي وندرائي سندس ڏيان کي ٻئي پاسي هٽائيندو.

1990ع ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ختم ٿيڻ، اليڪشن جي مهم، منهنجن ٻارن جي جدائي ۽ منهنجي خاندان ۽ منهنجي پارٽي خلاف ٿيندڙ حملن سبب منهنجو وزن تمام گهٽ ٿي ويو. 1992ع جي بهار جي مند ۾ مون کي خبر پئي ته مون کي وري اميد واري هئي، اسين چار پاءُ پيڻ هئاسين، ان لاءِ مون لاءِ اها ڳالهه خوشيءَ جي هئي، ته اسان جو خاندان وڏي پيو.

پر ان وقت غير يقيني صورتحال هئي. ڪراچيءَ ۾ فوجي آپريشن جو حڪمنامو جاري ٿي چڪو هو. مهاجر قومي موومينٽ MQM نالي هڪ علحدگي پسند پارٽيءَ خونريزي شروع ڪري ڏني هئي. نواز شريف ان تي الزام هنيو ته هو ملڪ کي ٽوڙڻ ۽ جناح پور نالي هڪ جدا رياست ناهڻ جي سازش ۾ ملوث هئي. فوج اهڙا نقشا جاري ڪيا، جنهن ۾ جناح پور جي رياست لاءِ تجويزون هيون. فوج ۾ ڦڙڦوٽ شروع ٿي. پر گهڻن شهرين، جيڪي خونريزيءَ ۽ جهيڙن مان بيزار هئا، اطمينان

جو ساھ ڪنيو تہ MQM لاءِ ملڪ اندر ھڪ بئي رياست ناھڻ جو منصوبو ناڪام ٿي ڪيو ويو. جڏھن فوجي ٽينڪن انھن ڪيترن ئي دروازن کي بلڊوزرن جي مدد ساڻ ڪيرايو، جيڪي MQM ڪڙا ڪيا ھئا تہ ڇيئن ماڻهن کي قيد ڪيو ويو، تڏھن پاڪستان ھڪ وڏي بحران ۾ ڦاسي پيو.

وزيراعظم سعودي سرشتي جي حڪومت تي موھت ٿي پيو ھو. ھن پاڪستان کي خدائي رياست ۾ تبديل ڪرڻ پئي چاھيو ۽ ھڪ بل پارليامينٽ ذريعي ملڪ ۾ مذھبي نوعيت جي رياست ناھڻ لاءِ پيش ڪيو. منھنجي پارٽي ان بل کي سينيٽ ۾ شڪست ڏني پر وقت بدلجي رھيو ھو. 1994ع تائين وزيراعظم کي سينيٽ ۾ اڪثريت ملڻي ھئي ۽ تڏھن ھو پاڪستان کي 'اسلامائيز' ڪري پئي سگھيو.

پاڪستان کي خدائي (theocracy) مملڪت بنائڻ خلاف پاڪستانين جي اڪثريت ان جي مخالفت ڪئي. ھنن انھن سيڪيولر اصولن جي پاسداري ڪرڻ پئي چاھي جيڪي خيال کي پاڪستان جي باني قائد اعظم محمد علي جناح پيش ڪيا ھئا، البت فوج جي طاقتور Elements وزيراعظم جي پٺڀرائي ڪئي جيڪو ھاڻي ھائوس آف پارليامينٽ ۾ Two third اڪثريت سندن مدد سان حاصل ڪري چڪو ھو.

غير ذميواري ڪري سرڪاري خزاني جي بربادي سبب عام شھرين جو زندگيون تباھ ٿي رھيون ھيون. ڪرپشن جا اسڪينڊل اخبارن جي ھيڊلائينس ۾ ھوندا ھئا. بئي پاسي سرحد پار انڊيا ۾ ٽينڊڙ بمن جا ڌماڪا ٻنھي ملڪن وچ ۾ تعلقات کي ڇيھو رسائي رھيا ھئا. نئين دھليءَ پاران اسلام آباد تي انھن جا الزام ھنيا پئي ويا. نيويارڪ جي ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي پھريون حملو ٿي چڪو ھو. پاڪستان ھاڻي دھشت گرد ملڪ ھئڻ جي اعلان ٿيڻ جي ڪنڌيءَ ھو.

سيني مخالف ڌر جي پارٽين گڏجي ھڪ اتحاد ناھيو، جنھن کي پاڪستان ڊيموڪريٽڪ الائنس (PDA) سڏيو ويو، ان ھڪ احتجاج لاءِ 18- نومبر 1992ع تي راولپنڊيءَ ۾ ميٽنگ سڏائي.

آءٌ ايڏي تہ سنھي ٿي چڪي ھيس جو ڪنھن کي بہ شڪ نہ ٿيو تہ مون کي اميدواري ھئي. شايد وزن جي گھٽتائي سبب ئي مون پاڻ کي صحتمند ۽ توانائيءَ سان ڀرپور محسوس ڪيو. اسان جي احتجاج جي سڏ منھنجي اندر وري ھڪ سگھہ پيدا ڪئي. سڄي ملڪ جي عوام ان جي موٽ ڏني. عوامي طاقت جو مظاھرو ڪرڻ لاءِ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان قافلا راولپنڊي اچڻ لاءِ تيار ھئا. ان احتجاج جو مقصد جمھوريت کي بحال ڪرڻ، خدائي مملڪت نھڻ کان روڪڻ ۽ عوام جي روزي روٽيءَ جي مسئلن کي پيش ڪرڻ ھو.

احتجاج واري شام اسان کي خبر پئي تہ حڪومت اسان جي ميڙ کي روڪڻ لاءِ بي رحمانہ طاقت استعمال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آھي.

مون پنھنجي سياسي سيڪريٽريءَ ناھيد خان کي چيو تہ

"ان جو مطلب تہ حڪومت ڳوڙھا گيس (Tear-gas) بہ استعمال ڪري سگھي ٿي."

ناھيد خان اسان لاءِ عينڪون وٺڻ وئي. ڪنھن واعدو ڪيو تہ ھو اسان لاءِ بالڪل اھڙن گيس جي ماسڪن جو انتظام ڪندو، جھڙا فوج استعمال

ڪندي آهي، پر ٻي ڏينهن تائين اهي، اسان کي ملي نہ سگهيا. انڪري اسان پاڻ سان پُسيل ٽوال ڪنيا. رات وچ ۾ منهنجي گهر آڏو هڪ ميڙ جمع ٿي چڪو هو. ٻي صبح جو منهنجي گهرجي چوڌاري نوڪدار لوهي ڪنڊن جون تارون لڳي چڪيون هيون.

جيئن ئي پارٽيءَ جي ليڊرن سميت مون پنهنجي گهر جو اڳيون دروازو پار ڪيو تہ اسان تي لنين جو وسڪارو لائي ڏنو ويو. جڏهن ڪنڊي دار لوهي تارون ٽپڻ دوران اسان کي ماريو پئي ويو تہ ڪيترائي پارٽيءَ جا ميمبر منهنجي حفاظت ڪندي مار ڪائيندا رهيا.

آخر اسان جو هڪ ننڍو ٽولو لوهي ڪنڊيدار تارن کي ٽپڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، ۽ هڪ گاڏيءَ ۾ سوار ٿي اسلام آباد کان راولپنڊيءَ ڏانهن روانو ٿيو. ڪجھ دير بعد اسان کي پوليس جي گاڏين آڏو اچڻو هو جيڪي اسان کي تلاش ڪري رهيون هيون ۽ اسان کي آهستگيءَ سان لڪائڻ خاطر پنهنجن مٿن کي هيٺ ڪري گذرڻو هو. اسان جي هڪ وين نوڪدار لوهي تارن ۾ الهجي اسان کان رهجي وئي هئي. بند ٿيل رستن تي فقط ڪجھ گاڏيون هلي رهيون هيون.

اسان هڪ کي سڏ ڪيو، اها اسان سان همدردي رکندڙن جي هئي، هن اسان کي اها جيپ ڏني. اهڙيءَ طرح ملڪ قاسم، PML (قاسم گروپ)، ايئر مارشل اصغر خان، موجوده پرڏيهي وزير خورشيد قصوري، منهنجي سياسي سيڪريٽري ناهيد خان، سندس گهر وارو سينيٽر صفدر عباسي ۽ منهنجي سيڪيورٽي آفيسر منور سهروردي (جنهن جو 2004ع ۾ سياسي قتل ٿيو) گڏجي جيپ ۾ چڙهياسين.

نوڪدار لوهي تارن جون رڪاوٽون صرف اسلام آباد جي چوڌاري هيون. هڪ ڀيرو جڏهن اسين راولپنڊيءَ ۾ داخل ٿياسين تہ ان جي ننڍين سڙڪن تي موجود عوام ۾ خوشيءَ جي نعرن جي لهر ڊوڙي وئي. هو نعرا هڻندا اسان جي گاڏيءَ جي چوڌرد جمع ٿيڻ لڳا. اسين لياقت باغ ڏانهن وڌيا سين جتي اسان جي گڏجاڻي رٿيل هئي.

بعد ۾ پوليس مون کي ٻڌايو تہ جڏهن کين اهو اطلاع مليو تہ آءٌ راولپنڊيءَ ۾ موجود هيس تہ هو (بي يقينيءَ سبب) ڪلڻ لڳا.

پر ٿوري دير بعد جڏهن کين ان بابت ڪيترين ئي فونون ڪيون ويون تہ هنن خود ان معاملي کي ڏسڻ جو فيصلو ڪيو. پوءِ کين خبر پئي تہ اهڙا اطلاع صحيح هئا. هاڻي هو چرين جيان راولپنڊيءَ جي سڙڪن تي اسان جي پويان ڊوڙي رهيا هئا، هڪڙي جيپ جي چوڌاري ڳوڙها آڻيندڙ گيس چڏي وئي.

پوليس جا سائرن گوڙ ڪري رهيا هئا. هر طرف افراتفري متل هئي. گاڏيءَ جي پيڇي ڪرڻ جو منظر جڻ جيمس بانڊ جي ڪنهن مووي جو منظر هو يا شايد جڻ بالي ووڊ جي فلم هئي.

ماڻهن جو ميڙاڪو بار بار پوليس ڪارن ۽ اسان جي جيپ وچ ۾ اچي ٿي ويو. پوليس ڳوڙها گيس جا شيل اڇلڻ شروع ڪيا. ۽ پنهنجي "انجا" جهڙي يونيفارمن ۾ نڪري ميڙاڪي کي چڙوچڙ ڪرڻ لاءِ ماڻهن تي لنيون وسائڻ لڳا. جڏهن ڳوڙها گيس جا شيل ڦاٽا ۽ دونهون پکڙجي ويو تہ اسان جي گاڏي واپس موٽ کائي سائيڊ واڪ تي چڙهي ٻي گهٽي

ڏانهن مڙي وئي. ماڻهن جو ميڙاڪو خوشيءَ مان نعرا هڻي رهيو هو، جن سان سمورو وايو منڊل گونجي رهيو هو. پوليس جا ٻيا لشڪر گهرايا ويا. گهٽين ۽ سڙڪن کي پوليس وينن ۽ ڪارن وسيلي بند ڪيو ويو. هاڻي پوليس سڌو سنئون اسان ڏانهن حملو ڪرڻ لاءِ گاڏيءَ جي اڳين شيشي تي ڳوڙها گيس جا شيل اڇلڻ لڳي جنهن سبب شيشي ۾ ڏار پئجي ويا. آخر اسان جو ڊرائيور ٽڪجي پيو.

هن بريڪ هڻي ۽ ٽپ ڏئي ڪار مان لٿو ۽ اونده ۾ غائب ٿي ويو. پوليس اسان جي گاڏيءَ جي چوڌاري قري آئي ۽ اسان سڀني کي گرفتار ڪيو. بعد ۾ اسان کي آزاد ڪيو ويو پر ان ڏينهن جي واقعن حڪومت کي ڪمزور ڪري ڇڏيو هو.

ڳوڙها گيس واري واقعي کان پوءِ مون کي پيٽي ۾ سور رهڻ لڳو. مون هوميوپيٿيءَ جون دوائون ڪاڌيون پر سور ۾ گهٽتائي نه ٿي. اڪثر اهو مون کي شديد عذاب ڏيندو هو. جيڪڏهن آءٌ آپريشن ڪرايان ها ته مون کي پنهنجي ٻار کي وڃائڻ جو رسڪ کڻڻو هو. مون اهو رسڪ نه پئي کڻڻ چاهيو. جڏهن سور ڏينهون ڏينهن شديد ٿيندو ويو ته آءٌ لنڊن پهتس. ڊاڪٽر مون کي مشورو ڏنو ته مون کي جيترو به جلد ممڪن هو سيزرئن (آپريشن ذريعي ويم) ڪرائڻ کپي جنهن کان پوءِ هو پيٽي کي ڪيئڻ لاءِ سرجري ڪندا. 3 فيبروري 1993ع تي منهنجي ننڍي ڌيءَ آصفه پورٽ لينڊ اسپتال ۾ جائي. مون پنهنجي ننڍڙيءَ کي ياڪر ۾ پري ڇڏيو.

جيتوڻيڪ ان وقت مون کي خبر نه هئي ته آصفه جي پيدائش سان منهنجو خاندان مڪمل ٿي ويو هو. جلدئي 24- آڪٽوبر 1993ع تي پي پي پي ٻيهر چونڊجي وئي. پاڪستاني سياست جي ورجاءَ واري چڪر موجب منهنجي ٻي حڪومت به غير جمهوري طرح ختم ڪئي وئي ۽ منهنجي گهر واري آصف کي گرفتار ڪيو ويو. افسوس جو جڏهن هن کي نومبر 2004ع ۾ آزاد ڪيو ويو ته آءٌ ٻئي ٻار جڻڻ جي عمر کان چڙهي چڪي هيس.

جڏهن اسان آصفه جي پيدائش جي خوشي پئي ملهائي ته ان مهل مون کي ڪجهه احساس ٿيو ته منهنجي ماءُ هاڻي آهستي آهستي، غير محسوس طور ذهني طرح ختم ٿي رهي هئي. سندس دماغي بيماريءَ سان جنگ ان دور کان شروع ٿي هئي جڏهن 16 ڊسمبر 1977ع تي جنرل ضياء جي حڪم تي، ان مهل ڪيس وحشيانه طريقي سان ماريو ويو، جڏهن اسين ڪرڪيٽ ميچ ڏسڻ ويون هيونسين. ڪيس مٿي تي شديد ڌڪ لڳا هئا، جنهن بعد هوءَ نه ساڳي رهي هئي پر سندس حالت دل ڏکوئيندڙ بڻجي وئي.

مون پنهنجي خوبصورت، موهيندڙ ۽ رعبدار ماءُ کي ڪمزور ۽ ضعيف ٿيندي ڏٺو. اها مضبوط عورت جنهن فوجي ڊڪٽيٽرن سان جنگ جوٽي ۽ عورتن جي حقن جو پايو وجهندڙ هئي، هاڻي ڪنهن کي سڃاڻي به نٿي، نه ئي ڳالهائي ٿي سگهي. هوءَ اهو به ٻڌائي نٿي سگهي ته ڪيس بڪ لڳي آهي يا ڪيس ڏاٽ ۾ سور آهي. منهنجي هانوَ کي چيري ٿي ڇڏي ته منهنجي بلند حوصلي واري ماءُ هاڻي لاچار ٿي وئي آهي. آءٌ پاڻ کي پوءِ به خوشنصيب ٿي سمجهان، ته هوءَ مون سان گڏ آهي. سندس "هجڻ" ئي منهنجي لاءِ وڏو ڏڍ آهي. اهو هڪ زنده تعلق آهي منهنجي خاندان جو. اسان جيڪي تڪليفون ۽ آزمائشون گڏ سَنيون آهن ۽ پيار جي ڳنڍ اسان کي هڪٻئي سان گڏ جوڙي

ڇڏيو آهي. سڀ لاها چاڙها ۽ هر غم ۽ خوشيءَ جي حالت ۾ آصف جو ڏکھو قيد اسان جي خاندان لاءِ ڏک جو باعث هو. ٻارن جي زندگيءَ جي شروعاتي دور ۾ هن جي غير موجودگي مون لاءِ ڏکيائيءَ جو باعث هئي. ڪا بہ شيءِ ان نقصان کي پورو نٿي ڪري سگھي پر آءٌ سمجھان ٿي، تہ اهو اسان جي سماج ۾ جنس جي بنياد تي ٿيندڙ ڏاڍ جو هڪ مثال آهي. ڇا هڪ زال کي بنا ثبوت ۽ ڏوهہ جي اٺن سالن لاءِ قيد ڪري سگھجي ٿو يا سندس مڙس جي سياسي مستقبل کي يرغمال بنائي سگھجي ٿو؟ يقيناً نہ، پر اها صورتحال اسان کي برداشت ڪرڻي آهي. آصف جي قيد مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ جلد ئي ڪيس هڪ شديد دل جو دورو پيو، جنهن سبب هو ذري گھٽ موت ڪنڌيءَ تي هو.

آءٌ هاڻي ملڪ کان ٻاهر پنهنجي ملڪ جي صورتحال ڏسان ٿي تہ مون کي پاڪستان اڳ کان وڌيڪ جوکي ۾ نظر اچي ٿو. مون کي ان ڳالھ جي پڪ آهي تہ جيڪڏهن مغربي ملڪ پاڪستان جي آمرن کي پاليندا رهندا جيڪي آزاديءَ کي گھٽين ٿا تہ طالبان ۽ القائده بعد دهشتگردن جي نالي کي بدنام ڪري مغربي دنيا سان تشدد وسيلي مقابلو ڪندو. فقط پاڪستان کي ئي آزادي ۽ جمهوريت جي بحاليءَ جو اونو ڪونهي ڪرڻو پر سموري دنيا جو مقصد اهو ئي هئڻ گھرجي جيڪا 'تهذيبن جي ٽڪراءُ' کان بچڻ چاهي ٿي.

جڏهن آءٌ لنڊن ۾ اهو ڪجھ لکان پئي تہ مون کي محسوس پيو ٿئي تہ منهنجي زندگي جيتري دلچسپ آهي اوتري ئي سخت بہ آهي. آءٌ هڪ جاءِ تان ٻي جاءِ تي رهندي رهي آهيان ۽ دنيا ۾ سفر ڪندي اسلام تي، عورتن جي حقن تي، يونيورسٽين ۾،بزنس ايسوسيئيشن آڏو، پرڏيهي پاليسين جي ٿينڪ ٽينڪن آڏو ليڪچر ڏيندي رهي آهيان. آءٌ هائوس آف ڪامن ۽ ڪانگريس جي هالن ۾ ويندي رهي آهيان. آءٌ اڃا تائين پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرپرسن آهيان. آءٌ پنهنجي مڙس وٽ نيويارڪ ويندي آهيان جتي سندس علاج پيو هلي. آءٌ دبئي وڃي پنهنجن ٻارن کي امتحانن جي تياري ڪرائيندي آهيان. آءٌ گڏيل جمهوري مخالف سيڪيولر پارٽين جي اڳواڻي ڪري رهي آهيان، جيڪي پاڪستان ۾ آئين موجب، آزاد ۽ شفاف چونڊن لاءِ، جيڪي 2007ع ۾ ٿي رهيون آهن، وڙهي رهي آهيان. ائين ٿو ڀانئجي تہ ڪم تمام گھڻو آهي پر اها منهنجي زندگيءَ جي طرز آهي ۽ مون ان کي قبول ڪيو آهي. هيءَ ان کان پوءِ جو احوال آهي، جتي مون پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ جو جڏهن اها ڇپريون پيرو ڇپي، ان جو آخري باب 'وزير اعظم ۽ ان کان اڳتي' لکيو، آءٌ هنن واقعن تائين پهتي آهيان.

آءٌ تمام خوشنصيب آهيان ۽ مون کي تمام گھڻي عزت ملي آهي. انشاءالله، آءٌ ٻيهر وطن موٽنديس ۽ ٻيهر جمهوري قوتن جي، چونڊن جي جنگ ۾ اڳواڻي ڪنديس، جن کي ڊڪٽيٽرن، جنرلن ۽ انتهاپسندن جڪڙي رکيو آهي. اها ئي منهنجي منزل آهي ۽ جيئن تہ جان.ايف ڪينيڊيءَ هڪ ڀيرو چيو هو: "آءٌ ان ذميواريءَ کان پوئتي نہ هٽندس، بلڪ ان کي ڀليڪار چوندس."

**بينظير ڀٽو**

لنڊن

اپريل 2007ع

عرفانه ملاح

# واويلا وٺڪار



واويلا وٺڪار
ماڻهو تنهنجي موت تي
رُنا زارون زار!
(اياز)

ڪيس پيتا ڏيڻ لاءِ اسان وٽ ماتم آهي، سيناڪوبي آهي، آهون ۽ دانهون آهن، ڳوڙها آهن، پر لفظ اڄ معذور ٿي ويا آهن. لامحدود ڏک سان گڏ بي انتها مايوسي آهي. هڪ عظيم سياستدان، اڳواڻ، روشنيءَ ۽ اميد کي هڪ دفعو وري گوليءَ جو نشانو بنايو ويو. هڪ دفعو وري هن ملڪ جي سياهه سفيد جا مالڪ (اقتدار تي قابض ٽولو) ماڻهن جي ويساهه، اُميد کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن. ياد ڪيو ٽيهارو ڪن سال اڳ به هڪ اهڙو ئي ظلم ٿيو هو. ماڻهو ساڳئي نموني زارون زار رُنا هئا. ٽيهارو سال کن اڳ واري نسل کي سنڌ جي ارڏي، بهادر ۽ بيباڪ سياستدان جي شهادت تحفي ۾ ملي هئي. ان نسل جي مستقبل ۽ حوصلي ۽ اميد کي اقتدار تي قابض غاصب ٽولي ڦاهي تي چاڙهيو هو... توهان جي اميد کي گولي جو نشانو بڻايو ويو هو. اسان جي اندر کي بينظير ڀٽو جي شهادت سان پروڻ ڪيو ويو. شهيدن جا لاش اسان جي ڪُلهن تي آهن ۽ محبوب اڳواڻن جي وڇوڙي جا الم اسان جي سينن ۾ آهن.

ٽيهارو سال اڳ جيڪي آهون، ڳوڙها ۽ اوڇنگارون شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي وڇوڙي تي هئا، اڄ سندس لاڏلي ڌيءَ جي جدائي تي آهن. پر ٽيهارو سال اڳ ماتم ۽ احتجاج ڪرڻ ڏوهه هئا، آهون خاموش هيون، ماڻهو بند ڪمرن ۾ اوڇنگارون ڏيئي رهيا هئا. احتجاج جي سزا ڪوڙا ۽ جيل جي ڪال ڪوٺڙي هئي. ڪلي عام درد ۽ غم جي اظهار تي به پابندي هئي.ڪيترائي ماڻهو اندر ئي اندر ڪڙهندا رهيا ۽ ڪيترن ئي سر جو سانگو لاهي جيئي ڀٽو جو نعرو هنيو ۽ سرعام ڪوڙا کاڌا، پر اهو رياستي ڏاڍ به سندن حوصلا ٽوڙي نه سگهيو هو.

شهيد ڀٽي جي جدائي به بينظير ڀٽي جي

وچوڙي وانگر ماڻهن جو اندر ڪائي ڇڏيو هو. سندس لاش به چڻ گهر گهر مان نڪتو هو. اسان جو جهونو نسل هميشه سندس حڪومتي دور کي ياد ڪندي چوندو رهيو ته "ڀٽو هجي ها ته هيءُ ملڪ الاءِ ڪٿي هجي ها". ۽ محترمه بينظير ڀٽي جي شهادت واري ڪيفيت ان وقت به هئي، ماڻهو ساڳي ئي سياسي ۽ روحاني طور پاڻ کي يتيم سمجهڻ لڳا هئا. جيڪڏهن ڪنن مرحلي ۾ پيپلز پارٽيءَ جو ورڪر ساٿ نه ڏئي ها ته هوند پارٽي موجوده صورت ۾ Survive نه ڪري ها. پاڪستان پيپلز پارٽي جي جيالن پنهنجي سياسي سمجهه، جذباتي ڪمٽمينٽ جو مظاهرو ڪندي، پارٽي سان پنهنجو ساٿ نڀايو. اهو هڪ اهڙو دور هو جڏهن پارٽيءَ جي قيادت يا ته جيل ۾ هئي يا ملڪ بدر هئي. پاڪستان پيپلز پارٽي شديد رياستي عتاب هيٺ هئي. انهي خوني مارشل لا ۾ پارٽيءَ قيادت ۽ ورڪرن ۾ ڪو رابطو به نه هو، تنهن دور ۾ به پارٽي ورڪرن، جيالن بيگم نصرت ڀٽي ۽ بينظير جي قيادت کي ڀٽي جي نشاني طور قبوليو ۽ پنهنجي حوصلي سان آمر ضياءَ پاران پارٽي کي ٽوڙڻ جون سڀ ڪوششون ۽ سازشون ناڪام ڪيون، جنهن آمر ضياءَ کي به حيران ڪري ڇڏيو.

محترمه بينظير ڀٽو جڏهن ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سان ملاقات لاءِ ويندي هئي، تڏهن سندس عمر به شايد ايڪيهه، ٻاويهه سال هئي. اهو سچ آهي ته هو هڪ ذهين شاگرد هئي ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جي پهرين ايشين خاتون پريزيڊنٽ هئي، پر ان وقت به هو پيلي رنگ جي اسپورٽس ڪار ڊرائيو ڪندي هئي، جنهن جو ڪيترا ڀيرا تيز ڊرائيونگ تي چالان به ٿي چڪو هو. هو ڪتابي ڪيڙو بلڪل نه هئي، سندس آڪسفورڊ جي سهيلين مطابق بينظير ڀٽي کي مستي ڪرڻ ۽ سهيليون ناهڻ وڻندو هو. سندس آڪسفورڊ جا دوست ٻڌائين ٿا ته ڪيس



پنهنجي يونيورسٽيءَ واري دور ۾ سياست سان ڪا به دلچسپي نه هئي، نه ئي وري هن ڪڏهن سياست ڪرڻ جو سوچيو هو. سندس سياست ڏانهن لاڙو ان وقت ٿيو جڏهن سندس والد شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو. پيلي اسپورٽس گاڏي ڊرائيو ڪندڙ ڀنڪي پنهنجي زندگيءَ جو بهترين دور آڪسفورڊ ۾ ئي گذاريو. ايتري قدر جڏهن 21- جون 1977ع ۾ هو

پنهنجي آڪسفورڊ ۾ آخري برٿ ڏي ملهائي رهي هئي ته هن کي ذرو به اندازو ڪونه هو ته سندس پيءُ کهڙين مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي پر پنجين جولاءِ 1977ع جي ڪاري رات ڪيس مست ڊرائيو ڪندڙ پنڪيءَ مان ڦيرائي محترمه بينظير ڀٽو بنائي ڇڏيو. اهو ئي موڙ هو جڏهن هن آڪسفورڊ جي خوبصورت روڊن کي الوداع چيو ۽ پيلي اسپورٽس ڪار بجاءِ لاڙڪاڻي جي ڪيڙي جهڙن رستن تي پوليس جي چڪڙن جهڙين گاڏين ۾ ويهڻ تي مجبور ڪئي وئي.

مقام فيض راهه مين ڪوئي جچا ئي نهين
جو ڪوئي يار سي نڪلي تو سوئي دار چلي.
(فيض)

آڪسفورڊ مان آيل پنڪي ڏاڍي جذباتي ۽ تکڙي هئي، هوءَ ڊپلوميسيءَ کي پسند ڪندي هئي ۽ واپسيءَ بعد ملڪ جي سفارتڪار ٿيڻ پسند پئي ڪيائين. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪيس سندس خواهش مطابق ايڊجسٽ ڪرڻ لاءِ انتظام ڪري رهيو هو، هن برٿ ڏي دوران لکيل خط ۾ پنڪي کي انهيءَ ڳالهه جو يقين ڏياريو ته هو واپسي تي ڪيس سندس طبيعت مطابق پوسٽ ڏيندو. ان سان گڏ هن سندس جذباتي مزاج بابت لکيو هو ته :

"The trouble is that you have a temper and tears frickel down from your eyes as readily as they come down from my own, this is because we are the same blood and flesh."

(مسئلو اهو آهي ته ڳوڙها ۽ غصو تنهنجي اکين ۾ ايترو جلدي اچن ٿا، جيترو منهنجي



اکين ۾ پرجن ٿا، ڇاڪاڻ ته اسان جو رت ۽ ماس ساڳيو ئي آهي.)

اهڙي تکڙي مزاج واري پنڪي جڏهن پاڪستان پهتي ته ضياءَ سان ملاقات دوران سندس قد ڪاٺ ۽ ڳالهائڻ کان مايوس ٿي، سندس خيال مطابق، هن ضياءَ کي انتهائي سادو سودو شخص سمجهيو ٿي. ان وقت هوءَ حليي کي معيار ناهي ضياءَ جي مزاج کي جج ڪري رهي هئي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، سندس سياسي بصيرت معلوم ڪرڻ لاءِ ساڻس شديد بحث ڪندو هو، جيئن سندس پنڪيءَ جي سياسي تربيت ٿئي. هو ملڪ جي هر خطي جي ماڻهن جي روايتن، رسمن ۽ مزاجن مطابق ڪيس آگاهي ڏيندو هو. ايتري قدر جو جڏهن هوءَ سرحد وڃي رهي هئي، ڀٽي صاحب ڪيس تاڪيد ڪيو ته اتي سندس

متي تان پوتي نہ لهي، چاڪاڻ جو هو قدامت پسند ماڻهو آهن متي تي رئو ڍڪڻ کان وٺي تقرير ڪرڻ تائين پٽو ڪيس رهنمائي ڏيندو رهيو. بينظير جي سياسي سمجهہ جي ڪٽ تہ ان وقت ذوالفقار علي ڀٽي ڪي ٿي هئي، پر هو جڏهن ٽرين ذريعي پهريون ڀيرو عوامي مهم تي نڪتي تہ ماڻهن جو سمنڊ اٿلي پيو ضياءَ جي خوني مارشل لا باوجود سندس تاريخي پذيرائي ٿي. ماڻهن جي ايتري هجوم ملڪ جي بدترين آمر ضياءَ کي خوفزده ڪري ڇڏيو. ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت کان پوءِ پارٽي قيادت پاران جڏهن نصرت ڀٽي سان گڏ بينظير کي بہ شريڪ چيئرپرسن ناهيو ويو تہ ان وقت بہ ڪيترن ئي سينيئر پارٽي اڳواڻن جن کي بينظير انڪل چوندي هئي، انهن پنهنجي قد ڪاٺ ۽ سياسي عقل جي گهٽتائي سمجهي هئي. ڪيتري جهوني قيادت کيس قبولڻ لاءِ تيار نہ هئي، هو هن جذباتي ۽ ناتجربيڪار ڇوڪريءَ جي قيادت هيٺ ڪجهہ وقت تہ رهيا پوءِ پارٽي ڇڏي ويا. پر پ. پ. پ ڪارڪنن ڀٽي جي نظريي ۽ سندس 'خون' جو ساٿ نہ ڇڏيو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ماڻهن کي سياسي شعور ڏنو هو، اهو سندس ئي پورهيو هو جنهن تي کيس جيل جي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ بہ ويساهہ هو. هن پنڪيءَ کي چيو هو عوام وٽ وڃي ۽ کين چئي تہ ، "توهان جو پيءُ جيل ۾ آهي تہ ڇا ٿي پيو، توهان جي ماءُ تہ ٻاهر آهي. مون وٽ ٽينڪ يا گن نہ آهن پر مون وٽ ناقابل فتح پاور آهي، اهو آهي توهان جو ساٿ."



شيرين رحمان ۽ محترمہ شهيد راڻي

ضياءَ جي دور ۾، پيءُ جي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ قيد ٿيڻ کان بيگم نصرت ڀٽي سان گڏ ٻاويهہ سالن جي بينظير انتخابي مهم هلائي ٿي. ان مهم دوران کيس پهريون ڀيرو ماءُ جي چوڻ تي فيصل آباد ۾ عوامي هجوم کي خطاب ڪرڻو هو. بيگم نصرت کيس تقرير لکي ڏني ۽ بينظير کي اهو بہ سمجهايو تہ "هوءَ تقرير ڏسي نہ ڪري، پر اکيون ماڻهن ڏانهن ڪٽي ڳالهائي. ان سان گڏ پنهنجي تقرير ۾ اهڙي ڪا بہ ڳالهہ نہ ڪري جنهن سان ماڻهو مڃرجن، چاڪاڻ تہ اسين ضياءَ کي اليڪشن ملتوي ڪرڻ جو بهانو ڏيڻ نہ ٿا چاهيون." جڏهن پهريون ڀيرو فيصل آباد ۾ هو تقرير ڪرڻ لاءِ اسٽيج تي آئي تہ سندس ٽنگون ڏڪي رهيون هيون ۽ هو ماءُ جي پاسي ٻارن جيان ويٺي هئي. چاڪاڻ تہ آڪسفورڊ جي ڊبيٽر پنڪيءَ کي هاٿي عقلي دليلن بجاءِ

جذباتي رستن تي ڳالهائڻو هو ۽ بلاول ڀٽي وانگر هوءَ بہ ڳيتون ڏيئي ڳالهائي رهي هئي. جيتوڻيڪ هن، آئيني سامهون ڪيترائي دفعا اها تقرير پڙهي ياد بہ ڪئي هئي. پر بيگم نصرت ڀٽي ڪيس ساڻ ڪٺي پنجاب جي شهر شهر، گلي گلي گهمائي هئي، ملڪ جي عظيم پاور (عوام) سندس اهڙو تہ ساٿ ڏنو جو آمر ضياءُ اها اليڪشن ڪڏهن بہ نہ ڪرائي سگهيو. اهو پ. پ. پ ڪارڪنن ۽ عوام جو ئي ساٿ هو جو ان ڏکنڊڙ بينظير پنهنجي للڪار سان مضبوط ڪان مضبوط اسٽيبلشمينٽ کي لوڏي ڇڏيو. تيهن سالن گذرڻ جي باوجود بہ هو ڪانئس ڏڪندا ڏڄندا رهيا. ضياءَ جي باقيات، اقتدار تي قابض ٽولو، ساڻس ۽ عوام سان جنگ جاري رکي ڪيس بہ سندس محبوب پيءُ جيان گوليءَ سان شهيد ڪرايو. چوويهن سالن جي "اتو چوڪري" هاڻي دنيا جي مجيل اڳواڻ تي چڪي هئي. دوست توڙي دشمن سندس سياسي قد ڪاٺ جا هڪ جيترا حامي تي چڪا هئا. ملڪ جي سياسي لاهين چاڙهين، اقتدار تي قابض عوام دشمن سياسي بازيگرن سان منهن ڏيندي ڏيندي هوءَ هڪ سياستدان تي چڪي هئي. شهيد پيءُ وانگر هوءَ بہ آمرن ۽ غاصبن جي هر سياسي بازيگريءَ جي چال کي چڱي طرح سمجهي سياست ڪري رهي هئي. هو سندس ئي سياسي پهچ تي کين هارائي رهي هئي. هن پوري ملڪ جي دانشورن ۽ پڙهيل لکيل ڪلاس جي تنقيد جي باوجود اليڪشن جو بائيڪاٽ نہ ڪيو. چاڪاڻ تہ هوءَ ڄاڻي پئي

تہ"آمر اليڪشن ڪرائڻ لاءِ نہ ايندا آهن" کين وائکو ۽ ڪمزور ڪرڻ لاءِ اليڪشن ئي بهترين طريقو آهي. اقتدار تي قابض ٽولي سان بظاهر سندس رويو نرم بہ هو پر تنهن جي باوجود کين پلي پت ڄاڻ هئي عوام جهڙو ناقابل فتح پاور رکندڙ بينظير سندن ڪنٽرول ۾ نہ ايندي، هڪ دفعو کيس اقتدار مليو تہ هوءَ ڪانئن هميشہ لاءِ اقتدار کسي ونندي، چاڪاڻ تہ هوءَ جمهوريت ۽ عوام جي سياستِ پئي ڪري، هن ملڪ تي قابض ٽولي جي حڪمرانيءَ لاءِ هوءَ اصل خطرو هئي، جنهن ڪري غاصبن هڪ دفعو ساڳي غلطي ورجائي ۽ شهيد ڀٽي جيان هنن بينظير کي بہ شهيد ڪري ڇڏيو. اسان جي گهرن ۾ تڏو وڇايو ويو پر هاڻي فرق اهو هو جو ماڻهو بند ڪمرن ۾ سڏڪا نہ پر روڊن تي اوڇنگارون ڏئي رهيا هئا، هو جيلن ۾ قيد نہ پئي ٿيا پر سندن غصي جيلن جي اوچين ديوارن کي بہ ٽوڙي ڇڏيو. تنها هتين خالي ماڻهن جي ڪاوڙ ۽ ڏک جو جوالا مکي تي ڦاٽو، هتين خالي ماڻهو پوليس وارن کي ڊُڪائي رهيا هئا. ان وقت ڀٽي جي نالي ونڻ تي ڪال ڪوٺڙين ۾ قيد ڪيو ويندو هو پر هاڻي هر ماڻهو پارٽي جهنڊو ڪٺي گهمڻ کي ئي جان جو پروانو سمجهن پيا. هر گاڏيءَ تي پاڪستان پيپلز پارٽي جو جهنڊو هٽي روڊ تي گهمي سگهجي ٿو. هنن بينظير ڀٽي کي شهيد ڪري اصل ۾ کيس صدين جي زندگي ڏئي ڇڏي آهي. وزيراعظم هائوس کان لال حويلي تائين غائبانہ جنازه نماز تي رهي آهي، قرآن خواني

ٻه حق آهي. جيڪڏهن هو پنهنجي ماءُ جي محبتن کي ميجتا ڏيندي پنهنجي نالي پويان سندس نالي لڳائڻ جو فيصلو ڪيو آهي ته ان کي واڪائڻ گهرجي. آخرڪار ماءُ ٻارن کي ڄڻي ۽ پالي ٿي. هوءَ ٻارن جي شناخت جو ڀرپور حوالو هجڻ گهرجي، تنهن ڪري اسين سمجهون ٿا ته رڳو بلاول يا بينظير جا ٻار ئي نه پر سيني ٻارن کي ماءُ جي شناخت کي ٻه پنهنجي نالي جو حصو ناهي سندس محبت کي ميجتا ڏيڻ ڪپي. جيتري قدر "آصف" جو سوال آهي ته هو شهيد بينظير ڀٽي جو وَرُ آهي ۽ هُن زندگيءَ جا ويهه سال بينظير ڀٽي سان گڏ گذاريا آهن. ننڍي کنڊ جي روايتن مطابق ان کان ڀرين ٻه بنگلاديش ۾ خالده ضياءَ ۽ نصرت ڀٽي جهڙيون غير سياسي عورتون پنهنجي گهروارن کان پوءِ پارٽي ليڊ ڪري چڪيون آهن ته آصف جي اڳواڻيءَ تي تنقيد ڇو آهي، بنگلاديش ۽ پاڪستان کي ڇڏيو پر دنيا جي وڏي ۾ وڏي جمهوريت رکندڙ انڊيا ملڪ ۾ ٻه ساڳي روايت رهي آهي. راجيوگانڌي، نهرو جو ڏهٽو هو، سندس وفات کان پوءِ پارٽيءَ جون واڳون سندس بيواهه سونيا گانڌيءَ کي سنڀالڻيون پئجي ويون، جيڪا اٽالين پڻ آهي. جنهن ملڪ ۾ سٺ سالن کان جمهوري ڪلچر آهي جيڪڏهن انهن ملڪن ۾ ٻه خانداني ڪرزما (Chrisma) جي ضرورت آهي ته پوءِ طويل آمريت هيٺ رهندڙ پاڪستان ۾ اهڙن قدرن جي گهر غير ضروري آهي. عملي سياست جون رمزون پنهنجون ئي ٿين ٿيون.

جيڪڏهن پارٽي ورڪرن ۽ ووٽرن کي ڀٽي جي نالي سان اُنسيت، عشق آهي، محبت آهي ته پوءِ سگريٽي، اوطاقي ۽ الڪوحلڪ دانشورن کي پنهنجا رايا پنهنجي ڊرائينگ روم سياست ۽ حلقه احباب تائين ئي محدود رکڻ گهرجن.

پي.پي کي انهيءَ ڪرائيسز (بحران) مان نڪرڻ لاءِ وقت ڏيڻ گهرجي. پارٽيءَ جي نئين قيادت کان بينظير جي سياسي بصيرت جي اميد نه ڪرڻ گهرجي، نه ئي ان کي بينظير ڀٽي سان ڀيٽڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته محترمه بينظير ڀٽي پويان ٽيهن سالن جو تجربو ذوالفقار علي ڀٽي جهڙي ذهين، بهادر اڳواڻ جي سياسي تربيت هئي. پر انهن ٻنهي ڳالهين سان گڏ ماڻهن جي بيپناهه محبت ۽ پارٽي ورڪر جي سياسي سمجهه ٻه هئي. اڄ ٻه پارٽي ورڪر پنهنجي پوري سچائي سان پارٽيءَ سان گڏ بيٺو آهي، جيڪو پارٽيءَ جو عظيم سرمايو آهي. لياريءَ جي عام عورت چئي ٿي ته، "ڀٽي کي سياست جي ڏوهه ۾ شهيد ڪرايو ويو ته محترمه کي جمهوريت جي ڏوهه ۾ شهيد ڪيو ويو آهي. پر اسان سندس مشن جاري رکنداسين". جنهن پارٽيءَ ۾ اهڙا باشعور ڪارڪن هجن. جنهن پارٽيءَ سان عوام جي طاقت هجي، ان پارٽيءَ مان اسان کي مايوس نه ٿيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته پيپلز پارٽيءَ جو روح جيڪڏهن محترمه بينظير ڀٽو هئي، ته شهيد محترمه جي سگهه ٻه پاڪستان پيپلز پارٽي ئي آهي.

حميرا علواڻي

# هڪ دل، ۽ درد!

ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي، جو محترمه جي شهادت کان پوءِ سندس چاليهي وارا ڏينهن هلن پيا، ۽ انهن ئي ڏينهن دوران محرم الحرام جو ڏهو به اڄ کان شروع ٿي ويو آهي، ۽ ڏک، ۽ درد آهن، جيڪي گڏوگڏ سفر ڪري رهيا آهن. دل هڪڙي ۽ درد ٻه!!

عجيب دل ڪا عالم هي ميري بستي مين،
مين تيري ذات ڪا حصه بن نهين سڪتا،
جدا تمهاري ذات بهي هوتي نهين ليڪن!

گذريل هڪ هفتي دوران ٻيو دفعو ڳڙهي خدا بخش کان موٽان پئي، عجب خوشبو آهي ڳڙهي خدا بخش ۾، هر طرف ياحسين حسين آهي، هر ڪنڊ ۾ سڏڪا آهن، ماتم آهي، سينه ڪوبي آهي.. ٻار هجن، عورتون هجن، پيرسن هجن، پوڙها جوان جيڪو اتي اچي ٿو ، ان وٽ درد کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي، انهن جي ٻڪن ۾ محترمه لاءِ گل آهن ۽ هڪ ٻئي سان ونڊڻ لاءِ بس درد آهي، محترمه سان هزارين ماڻهو زندگيءَ ۾ گڏ گڏ هلندا هئا، طاقتور ترين انهن هزارين ماڻهن کي محترمه کان ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس شهادت هزارين جي جاءِ تي ڪروڙين ماڻهن کي ان جي نظرئي جو پوئلڳ بڻائي ڇڏيو. هوءَ يارهن سالن جي ڏمر، ڏاڍ ۽ ڌڪاءَ جو شڪار رهي، سکر جي جيل جو ظلم هجي، يا پوءِ جلاوطني جي تنهائي، شادي کان پوءِ مڙس کانسواءِ زندگي گذارڻ هجي، يا اڪيلي ٻارن ۽ والده جي سنڀال ڪرڻ، هوءَ هر محاذ تي پوري لٿي. شادي جي 18 سالن ۾ 11 سال آصف زرداري جيل جون سختيون ڀوڳيندو رهيو ۽ ٻارن جي پرورش محترمه اڪيلي سر پئي ڪئي. آصف جي پيدائش دوران به آصف جيل ۾ هو، بينظير ڀٽي سان شادي آصف علي زرداريءَ لاءِ پڻ هڪ وڏي آزمائش هئي، شادي کان پوءِ آصف سان خوشيون گهٽ ۽ ڏک تمام گهڻا ڏٺا، حڪومت طرفان ميڊيا ٽرائيل ، ڪردار





کشي، انتقامي ڪاروائين تحت ڪوڙا ڪيس، ڪرپشن چارجز، آصف علي زرداري تي 14 ڪيس مڙهيا ويا، پر ڪو به ڪيس ثابت ڪونه ٿي سگهيو. آصف علي زرداري ملڪ جو واحد سياسي قيدي هو، جنهن بنا ڪنهن ڏوهه ثابت ٿيڻ جي ايترو عرصو جيل جي اذيتن ۾ گذاريو.

محترمه ته پاڪستان جي عوام ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي خواب کي پوري ڪرڻ لاءِ پنهنجي زندگي قربان ڪئي، پر آصف ته رڳو محترمه سان محبت ڪرڻ عيوض حڪمرانن جي عتاب هيٺ رهيو. واقعي محترمه سان محبت ڪرڻ ڏوهه هو ۽ آهي، جو اڄ به هزارين ورڪر وري سندس شهادت کان پوءِ سياسي انتقام جو شڪار ٿي رهيا آهن. پيپلز پارٽيءَ جي ڪيترن ئي ورڪرن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. ليڊر به اسان جي جدا ڪئي وئي ۽ ڪوڙا ڪيس به اسان مٿان، اهو احتجاج، اهو جلائو گهيرائو، اهو ملڪ مڙئي منصور، پيپلز پارٽي جي ورڪرن نه، پر پاڪستان جي عوام ڪيو آهي. عوام روڊن رستن تي نڪري آيو هو. جڏهن توهان عوام کان جيئڻ جو آسرو، اميدون، خوشيون، سندن زندگيءَ جو محور ڦريندؤ ته پوءِ عوام ڪيئن گهرن ۾ ويهندو؟ ڇا انڊيا جو عوام اندرا گانڌيءَ جي شهادت تي گهرن مان ٻاهر ڪو نه نڪري آيو هو؟ ڇا رفيق حريري جي شهادت تي لبنان جي عوام احتجاج ڪو نه ڪيو هو؟ پوءِ پاڪستان جي عوام جيڪڏهن محترمه جي شهادت تي سوڳ ملهائڻ لاءِ گهرن مان نڪري احتجاج ڪيو ته ان جو مطلب اهو آهي ته اوهان هڪ پارٽيءَ کي ٽارگيٽ بڻائي انهن جي ورڪرن ۽ باقي بچيل قيادت تي ڪيس داخل ڪري ڇڏيو ته جيئن اهي اليڪشن ۾ به حصو نه وٺي سگهن.

سرڪار جي پنهنجي مشينري اهي سوڳ وارا ڏينهن منظر تان ڇو غائب هئي؟ ڇا ان کي ايئن انڊر گرائونڊ ٿي وڃڻ جون ڪي هدايتون ڏنيون ويون هيون؟ عوام جي ملڪيت تي به جيڪي ڏينهن ڏني ڏاڙا هنيا ويا. انهن ڏينهن ۾ ڪجها ادارا ۽ قانون

لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار ڪيڏانهن گم ٿي ويا هئا؟ ڇا ان کي به پاڪستان پيپلز پارٽي ورڪرن خلاف سازش تصور نه ڪجي؟ ڇا محترمه کي شهيد ڪرڻ پوءِ ڏوهارين کي ڇوٽ ڏيڻ ۽ وري پيپلز پارٽي جي لکين ورڪرن مٿان ڪيس داخل ڪرائڻ هڪ ئي سازش جون ڪڙيون ته نه آهن؟ جنهن جا پيرا اليڪشن نه ڪرائڻ تائين وڃي پهچن ٿا. رڳو 29 نومبر تي جنرل صاحب جي صدارتي حلف کان پوءِ حالتون ڪيئن بدلجي ويون. اليڪشن جو اعلان اليڪشن شيڊيول جو اعلان پارٽين طرفان اميدوارن جو اعلان نامزدگيءَ جا ڪاغذ جمع ڪرائڻ، منظور ۽ نامنظور ٿيڻ جون تاريخون، محترمه جا ملڪ گير شايان شان جلسا، حڪمران ليگ جون وايون بتال ٿيڻ ، پرويز الاهي جو بيان ته ”اسان محترمه کي پنجاب ۾ اچڻ ڪونه ڏينداسين.“ 27 آڪٽوبر تي پنڊي ۾ عظيم الشان جلسو، ۽ پوءِ محترمه جي شهادت، پوءِ مسلم ليگ ’ق‘ طرفان لساني قسم جي ميڊيا مهم هلائڻ، ڏسو ته سڄي مهيني دوران ملڪ کي ڪيڏانهن کان ڪيڏانهن وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي؟ چئني صوبن جي زنجير کي ٽوڙي ڇا ملڪ کي نقصان ڏيڻ جي ڪا سازش رٿي وئي آهي؟ اسان کي هاڻي پاڪستاني ٿي سوچڻ بدران سنڌي، پنجابي، بلوچ ۽ پٺاڻ ٿي سوچڻ تي مجبور ته نه پيو ڪيو وڃي؟ نيٺ به ڇو 1971ع واري تاريخ ورجائي پئي وڃي؟ اهو جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي، سو ايئن ڪونه آهي، جيئن نظر پيو اچي، ڇون ته تا ته بش انتظاميا اسان وٽ ڪنهن وڏي آپريشن لاءِ غور شروع ڪري ڇڏيو آهي. قبائلي علائقن ۾ آپريشن ڪرڻ جي ڪوششون ڪيون وڃن پيون، القائده ۽ طالبان پاڪستان ۾ مضبوط ڪرائي آمريڪا ۽ ويسٽ جون قوتون اسان جي ايٽمي اثاثن تائين رسائي ته حاصل ڪرڻ نه پيون چاهين؟

اسان جو مشن رڳو محترمه جي خواب جي تعبير ڪرڻ آهي، ۽ اهو خواب آهي ’جمهوريت‘ ۽ فقط ’جمهوريت‘ ڇو جو اهو ئي هڪڙو حل آهي، هن عوام جي سمورن مسئلن جو. پيپلز پارٽي هڪ نظريوآهي، هڪ فلسفو آهي ۽ هڪ جدوجهد آهي. اڄ محترمه جي جدائي ۽ پيپلز پارٽيءَ کي هڪ نئون جذبو، هڪ نئين قوت ڏني آهي. قيادت جي حوالي سان محترمه جي سمجهداري، دور انديشي فيصلي تي مڪمل اعتماد آهي، بلاول جا هٿ يقيناً پ پ کي مضبوط ڪندا. واقعي پيپلز پارٽي جي قيادت گلن جي سيج نه، پر قربانين جي سيج آهي، شهيدن جي سيج آهي، گڙهي خدا بخش جون اهي چار قبرون اسان لاءِ روشنيءَ جا چار مينا آهن.

شبنم گل

# ڳڙهي خدا بخش ۾ نهيل هڪ نئين قبر!

انسان جي ڪيمسٽريءَ ۾ بغاوت لفظ جي هڪ عجيب چاشني سمويل آهي، جيڪا ڪيس ڪڏهن بہ سک سان ويهڻ نہ ڏيندي آهي. ٻولي، ڌرتي حق، وحدانيت ۽ آدرش جي اهميت سمجهڻ وارن بهادرن کي سمجهوتي جي سيج تي وينل سورهيہ، غدار جي نالي سان ياد ڪندا آهن.

تاريخ گواهہ آهي تہ انسانيت ۽ آدرش سان پيار ڪرڻ وارا ڪنڌن تي هلڻ کي اعزاز سمجهندا آهن. چي گويرا کي ٻيهر ڪيوبا ۾ دفنائڻ واري موقعي تي فيڊرل ڪاستري چيو هو، ”هو چو تا سمجهن تہ ڪيس ماري ڇڏڻ سان هو هڪ ويڙهاڪ جي وجود کي ختم ڪري ڇڏيندا؟ اڄ هو هر ان جڳهہ تي موجود آهي، جتي وڙهڻ لاءِ ڪو مقصد نظر اچي ٿو.“ اها حقيقت آهي تہ اهڙا موت انسانن کي امر بڻائي ڇڏيندا آهن. 27 هين ڊسمبر جي بدنصيب شام بينظير ڀٽي جي شهادت، حقيقت ۾ هن جي روحاني طور تي هڪ نئين زندگيءَ جي سفر جي علامت بڻجي وئي آهي. خوبصورت چهري، سوچ ۽ لهجي واري بينظير بگهڙن جي ديس ۾ حوصلي، همت ۽ بهادريءَ جو انوکو مثال قائم ڪري وئي آهي. سندس قتل جتي انساني قدرن، جمهوريت ۽ ملڪ جي غريب عوام ۽ ڏتڙيل طبقن لاءِ ناقابل تلافي نقصان آهي، اتي اقتدار جي نشي ۾ جهومندڙ حڪمرانن ۽ سندس مخالفن لاءِ عارضي فتح جو اهڃاڻ بڻجي وئي آهي. اهي مفاد پرست طبقا سدائين سندس اڏول، بي خوف ۽ سگهاري آواز کان خوف کائيندا رهيا آهن. بينظير جي شهادت سونهن سچائي ۽ اميد جو قتل آهي. هوءَ جمهوريت جي علمبردار هئي، چو تہ کيس يقين هو تہ جمهوريت ئي هن ملڪ جي ڏتڙيل عوام جي هر مسئلي جو يقيني حل آهي. اها حقيقت آهي تہ هن ملڪ جو اڏوهي ڪاڏل سياسي نظام ترقي پسند سوچ، نون لاڙن ۽ رجحانن آڏو بند گهٽيءَ جيان هڪ وڏي رڪاوٽ ثابت ٿيو آهي. اقتدار جي لالچ ۽ ذاتي مفادن واري سياست هتان جي عوام جي خوابن، خواهشن ۽ خوشين جو گلو گهٽيندي رهي آهي. آمريت جو ٻج پوکيندڙ جنرل ضياءَ



جي اونداهي دور جي نحوست مستقل پاڪستان جي سلامتي ۽ خوشحاليءَ جو تعاقب ڪري رهي آهي. پاڪستان نهڻ کان هن وقت تائين هن ملڪ جي حصي ۾ جمهوريت جون فقط سورهن بهارون آيون آهن. تنگ نظر مفاد پرست ٽولي جمهوريت جي ٻوٽي کي وڌي وڻ ٿيڻ جو ڪڏهن موقعو ئي نه ڏنو.

ستر واري ڏهاڪي ۾ ذوالفقار علي ڀٽو هڪ فصيح بيان مقرر ۽ جوشيلي حب الوطن سياستدان طور سامهون آيو. هو پاڪستان جي سياست ۾ پهريون شخص هو، جنهن عوام کي سياسي شعور عطا ڪيو. سندس تقريرن سادي ۽ اٻوجهه عوام ۾ هلچل ۽ جاڳرتا پيدا ڪري ڇڏي هئي. هو انقلابي سوچ رکندڙ هڪ اهڙو باغي هو، جيڪو ظلم، ڏاڍ ۽ جبر خلاف آواز اٿارڻ جو ڏانءُ رکندو هو. 5 جولاءِ 1977ع تي جنرل ضياءَ، ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري هن ملڪ جي سياست تي بدنصيبي جي مهر هڻي ڇڏي. ذوالفقار علي ڀٽي جي ڦاهي کان پوءِ اڄ ڏينهن تائين هن ملڪ جو سياسي نظام بدنظميءَ جو شڪار رهيو آهي.

بينظير ڀٽو مثبت انداز فڪر رکندڙ اها عوامي ليڊر هئي، جنهن پنهنجي عمل جي سچائيءَ سان عوام جون دليون فتح ڪيون. هوءَ اميد جو استعارو هئي، ڏتڙيل طبقن جي نجات جو واحد سهارو هئي. هوءَ آمريت جي گهٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ هڪ تازي ۽ خوشگوار هوا جي جهوٽي جيان لڳندي هئي.

28 هين نومبر تي جڏهن هو واپس آئي ته اڳي کان وڌيڪ مضبوط ۽ پُراعتماد نظر اچي رهي هئي. سندس جلوس ۾ ٽيل بم ڌماڪي ۽ ان کان پوءِ ملندڙ ڌمڪين جي باوجود به هوءَ سياسي سرگرمين ۾ خود اعتماديءَ سان رڌل نظر آئي. هن دفعي هو اڳي کان مختلف هئي. مقصد جي سچائي سندس لهجي کي هڪ عجيب جلا بخشي ڇڏي هئي. ننڍي عمر کان مليل ڏکن، تڪليفن ۽ پريشانين سندس ذات کي جيڪا گهرائي ۽ ڏاهپ عطا ڪئي هئي. اها عمر جي تجربي جي ڪري عروج تي نظر آئي تي. هن ڀيري سندس تقريرن ۽ لهجي ۾ آمريت سان ٽڪرائڻ جو هڪ نئون عزم محسوس ٿي رهيو هو. مسلسل ڌمڪين هن جي عزم ۽ ارادي ۾ ڪا لرزش نه آندي. هن ڀيري سندس لفظن ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي لهجي کي محسوس ڪري رهي هيس. آخر هوءَ ان ئي روشنيءَ جو تسلسل هئي، جنهن عوام جي ڀٽڪيل قافلن کي منزل جا اهڃاڻ ڏنا هئا.

مون کي ياد آهي ته 1994ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي حڪومت جي ترجمان مون سان فون تي رابطو ڪندي لاڙڪاڻي ۾ ترڪمانستان جي وزير جي آمد جي موقعي تي رٿيل ثقافتي پروگرام جي ڪمپيرنگ لاءِ چيو. مون حسب معمول اهو چئي معذرت ڪئي ته مان فقط علمي ادبي پروگرامن جي ڪمپيرنگ ڪندي آهيان، پر مون کي دليل ڏيئي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته اهو پروگرام مون کي ئي ڪرڻو آهي. ان وقت جي پرائم منسٽر

محترم بينظير ڀٽي جو نانءُ ٻڌي مون حامي ڀري ورتي. پروگرام ۾ مصطفيٰ قريشي مون سان گڏ اها ڪمپيئرنگ ڪئي هئي. مون کي ياد ٿو اچي ته جڏهن مون شهيد ذوالفقار علي ڀٽي لاءِ هي الفاظ چيا هئا ته: "ڪجهه ماڻهن کي فنا جا هٿ ڪڏهن به ڇهي نه سگهندا آهن، ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي مقصد جي سچائيءَ ۾ زنده آهي، هو امر آهي" ته بي اختيار محترمه بلند آواز ۾ جهومي، واهه واهه ڪئي هئي، ان وقت سندس چهري تي عزم جي روشني ٻکندي محسوس ٿي. مون سندس اکين ۾ ذوالفقار علي ڀٽي لاءِ ناقابل تسخير محبت جو اڻ کٽ سمنڊ ڏٺو. ڌيءُ ۽ پيءُ جي مقصد جي سچائيءَ سان سرشار لازوال محبت وقت جي تاريخ ۾ هميشه ياد رکي ويندي. جون ٿا ته پارٽيءَ جي ڪنهن به ڪارڪن جي جسم مان ڳڙندڙ رت جي خبر پوڻ تي سندس اکين ۾ رت جي اها آلاڻ لهي ايندي هئي. شايد تڏهن هوءَ پنهنجي شهيد جانثارن جي صف ۾ وڃي بيني آهي. پيءُ سان وچن نڀائيندي هوءَ ڌرتيءَ تي رت جا ڳاڙها گلاب پوکي وئي آهي! ڪيس مسلسل ڌمڪيون ملي رهيون هيون. ان باوجود به هوءَ بناڪنهن خوف يا ڊپ جي ملڪ جي مختلف شهرن ۽ علائقن ۾ دورا ڪري رهي هئي، هر ڪامياب جلسي کان پوءِ سندس چاهيندڙن سک جو ساهه ٿي کنيو. ائين محسوس ٿي رهيو هو، ڄڻ ڪجهه ٿيڻ وارو آهي، ڪيس پنڊيءَ مان ڌمڪيءَ وارو خط موصول ٿيو، ان باوجود به 27هين ڊسمبر تي هن لياقت باغ ۾ هڪ تاريخي جلسي کي خطاب ڪيو. ان ڏينهن لمحو لمحو عذاب تي گذري رهيو هو. اهو ئي ساڳيو خوف ذهن تي بار بار دستڪ ڏيئي رهيو هو ته پنڊيءَ کان مليل ڌمڪي وارن خطن ۽ لياقت باغ ۾ ٿيندڙ ان جلسي ۾ ڪو ربط نه هجي. ڪٿي دشمن پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب نه ٿي وڃن. پوءِ اهو ئي ٿيو، جنهن جو خوف هو، 27 هين ڊسمبر جي اها بدنصيب شام جمهوريت لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ سج جي روشني به پاڻ سان گڏ کڻي وئي ۽ پنهنجي پنيان هڪ خلش ۽ نه ختم ٿيندڙ سوال ڇڏي وئي آهي. اڄ ڳڙهي خدا بخش ۾ چار قبرون سموري سنڌ، پوري ملڪ ۽ تمام انسانيت کان هڪ ئي سوال پڇي رهيون آهن ته ڇا سرت، ساجاهه، ڏاهپ ۽ مقصد سان سچائيءَ جو اهو ئي انجام ٿيندو آهي؟

هي شهزادن ۽ شهزادين جيان هڪ پر آسائش زندگي گذاريندڙ ڏتڙيل قوتن جي تقدير بدلائڻ جي ڌن ۾ مٽي ماءُ جي حوالي ٿي ويا. هنن جو قصور اهو هو ته هنن عوام جي ڀلائي لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي هئي. اهي ڪڏهن به اسٽيبلشمينٽ جي چوڻ تي نه هليا. هنن رهزن ليڊرن ۽ وڏيرن وڏيرن جيان عوام سان دوکا نه ڪيا. هنن جو ڏوهه اهو هو ته هنن عوام کي سياسي شعور عطا ڪيو. کين سندن حقن کان آگاهه ڪيو ۽ حقن گهرڻ جو سليقو سيکاريو. هو انفرادي سوچ کڻي نه هليا. نه ئي هنن ذاتي مفاد لاءِ سوچيو. هنن دنيا جي هر عيش ۽ عشرت کي ٺڪرائي ڇڏيو. هو دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ عيش ۽

آرام واري زندگي گذاري تي سگهيا، پر هو بار بار پنهنجي اصليت، پنهنجي اباڻن ڪکن، پنهنجي غريب ۽ ابوجهه عوام ڏي موٽي تي آيا. هنن وري غريبن ۽ ڌتڙيل طبقن جي بي ستي وجود ۾ ويساهه جو هڪ نئون روح تي ڦوڪيو، هنن جي اچڻ سان اکين جي اجهاميل روشني بيهر ٻري تي اٿي. ويران چهرن تي مرڪن جا شگوفا ٽڙي پون پيا. تقدير هنن جي زندگين سان اڪبوت کيڏي رهي هئي. ڪڏهن ڪرسيون، صدارتون ۽ اعزاز هنن کي مليا رهيا هئا، ته ڪڏهن بيهر الزام تراشيون، جيل ۽ جلاوطني سندن حصي ۾ تي آئي. ڳڙهي خدا بخش ۾ اهي چار قبرون نه آهن، اهي روشنيءَ جا چار بلند مينار آهن، مخاطب هوائن ۾ رکيل چار ديپ آهن، جن جي جوت کي لکين ڪروڙين اکين جا لڙڪ سدائين روشن رکندا.

هن چوٿين قبر سنڌ جي محرومين کي شدت سان وڌائي ڇڏيو آهي، عدم تحفظ، بي وسي ۽ جلاوطنيءَ جي جر سنڌ واسين جي ذهن ۽ دلين کي گهائل ڪري وڌو آهي. ڪنهن پناهه، ڇپر ڇانوَ جي ڳولا ۾ زخمي احساس پولارن ۾ پٽڪي رهيو آهي، ڪالهه هڪ ڌيءُ پنهنجي شهيد پيءُ سان وچن ڪيو هو، اهو وچن هن جنهن جذبي جي سچائي سان پورو ڪيو، تاريخ ۾ ان جا مثال گهٽ ئي ملن ٿا. اڄ تاريخ هڪ ڀيرو بيهر پاڻ ورجايو آهي. اڄ ساڳي صدمي ڪان بيحال پٽ پنهنجي شهيد ماءُ سان بيهر وچن ڪيو آهي، جيڪو هن کي پورو ڪرڻو آهي. ڏک رڳو تباهه ڪندڙ نه هوندا آهن ڏکن ۾ تعميري سگهه پوشيده هوندي آهي. ڏکن کي پنهنجي شڪتي بنائڻ وارن وٽ هڪ ناقابل تسخير دل هوندي آهي. آخري ڏينهن ۾ بينظير ڀٽي جي هن نعري ۾ هڪ وڏي صداقت نظر اچي ٿي: ”تم ڪتني ڀٽو مارو گي، تم ڪتني ڀٽو مارو گي، هر گهر سي ڀٽو نڪلي گا، هر گلي سي ڀٽو نڪلي گا.“

ڪالهه جي ڳالهه آهي، ذوالفقار علي ڀٽي جي بيگناهه قتل جي ڏک ذهنن ۾ شعور جا انيڪ ديپ جلايا هئا. تڏهن مان هڪ ننڍڙي عام ڳوناڻي ڇوڪري هيس، ٽڙي ۾ اٽڪيل ان ڏک ان عام ڇوڪريءَ کي لفظن جو ڏانءُ عطا ڪيو هو، جنهن عوامي جاڳرتا جي سفر کي اڳتي وڌائڻ لاءِ قلم جو سهارو ورتو. اڄ مان پنهنجي نون سالن جي ڌيءُ عرين انصاريءَ کي ڏسان ٿي. هوءَ ٽي.وي اڳيان ويٺي آهي ۽ بينظير ڀٽي کي اسڪرين تي تقرير ڪندي ڏسي، اکين مان بار بار پنهنجا ڳوڙها اگهي رهي آهي. سندس بيڊ تان ڪتاب کڻندي، سندس کليل ڊائريءَ جي صفحي تي نظر پئي ته مان ڇرڪي پوان ٿي، هن لکيو آهي، ”منهنجي زندگيءَ جو بدترين ڏينهن.“

27 هين ڊسمبر منهنجي زندگيءَ جو بدترين ڏينهن آهي، وري سنڌ جي هڪ بهادر ليڊر بينظير ڀٽي کي لياقت باغ ۾ شهيد ڪيو ويو آهي، مان بينظير سان گهڻو پيار ڪريان ٿي، ڇو ته هوءَ غريبن جي ليڊر هئي ۽ غريبن جو خيال رکندي هئي.

I Love You Benazir!
I miss You Benazir!

هن جو ايمان ڪامل ۽ جاڻ قابل تحسين آهي، اها هستي، جيڪا هر هنڌ مغرب جي فضا ۾ اسلام جي متان لڳل الزام ته مسلمان دهشتگرد آهن، تن تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ليڪچر ڏيندي رهي.

پريس ۽ پنهنجن جلسن ۾ چوندي رهي اسان جي آخري نبي ﷺ جو ارشاد آهي ته جنگ ۾ فاتح جي صورت ۾، عورتن ۽ ٻارن کي نقصان نه پهچايو. ان جي روشنيءَ ۾ هر هنڌ اُهو واضح ڪيائين ته ڪو به مسلمان پنهنجي پيڻ کي ماري نٿو سگهي- پوءِ اُهي ڪير هئا؟........

محترمه بينظير ڀٽو نه صرف سياسي قائد هئي پر هوءَ هڪ جمهوريت جي يونيورسٽي به هئي. جنهن سنڌي، بلوچ، پنجابي، پناڻ ۽ ڪشميري ڀائرن کي هڪ جاءِ تي ويهاريو. هن نفرتن واري ديوار کي ڊاهي ڇڏيو محبت جو مثال قائم ڪري ڏيکاريو.

**محترمه بينظير ڀٽو نه صرف سياسي قائد هئي پر هوءَ هڪ جمهوريت جي يونيورسٽي به هئي. جنهن سنڌي، بلوچ، پنجابي، پناڻ ۽ ڪشميري ڀائرن کي هڪ جاءِ تي ويهاريو. هن نفرتن واري ديوار کي ڊاهي ڇڏيو محبت جو مثال قائم ڪري ڏيکاريو.**

پاڻ پنهنجي دردن کي عوام جي طاقت ۾ تبديل ڪيو.

ننڍڙي هونديون ”پيءُ جو درد سنو. ضيا دؤر جي بنديخاني جون تڪليفون سنيون، ڪاڏي ۾ زهر ملائي مارڻ جو سازشون سنيون. معصوم ڀاءُ جو ديارغير مان لاش ڪٽي اچي مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو، مختصر عرصي لاءِ حڪومت جو ملڻ ۽ سندس ڀاءُ کي سندس حڪومت ۾ شهيد ڪرڻ. درجنن جي تعداد ۾ ملڪ توڙي ٻاهر داخل ڪيس هڪ ڪورٽ کان ٻي ڪورٽ تائين ٽڪائيندڙ سفر ۽ آخر ۾ سندس ور کي طويل قيد وبند جون صعوبتون برداشت ڪرڻيون پيون.

ڪيڏا درد اندر ۾ سانڍي وري به نعرا عوام لاءِ. پاڻ پتوڙيندي رهي. 8 سال جلاوطنيءَ ۾ گهاريائين پنهنجي پونءَ کان دور ائين تڙپندي رهي جيئن مارئي ملير لاءِ.

18 آڪٽوبر جڏهن هن ڌرتي تي قدم رکيائين ته بند ٽيل درد، نيسارن جيئن نيڻن مان وهي اٿيا، وطن جي فضا کي تڪيندي سندس نيڻن ڌرتي ماءُ کي نيرن جا سلام پيش ڪيا.

اسٽبلشمينٽ کي ڌڪڪو لڳو ڇو جو سنڌ جائي جي استقبال لاءِ ملڪ جي چپي چپي مان اوشاڪن جا قافلا ڪاهي آيا هئا. انسانن جي ان سمنڊ ۾ ڪلانچي جو سمنڊ به شرمندو هو. هن سمنڊ ۾ ٽئين نسل شامل هئا!

دنيا ڏٺو پر دشمن جي اک اُهو برداشت نه ڪري سگهي. دشمن جو اُهو نعرو ته غدار پيدا ڪيو ۽ حڪومت ڪيو“ اڄ به اُهو نعرو ڪارگر آهي.

ڪارساز جو واقعو جڻ آگاهي هئي ته عوام جي راءِ کي ختم ڪري- دهشتگردي جي سياست ڪئي وڃي.

پر هي سنڌ امڙ جي دلير ڌيءَ سورمي جيڪا دليريءَ ۾ هوشو، هيمون، دودي کان به اڳيري هئي. هن جي جيءَ جون جڙون پنهنجي عوام ۾ کتل هيون، هو ڪيئن هنن جي محبت ۽ عقيدت کي ڇڏي.

هن تہ وري ماضيءَ جي جذبن کي جاڳايو. هر زبان تي اُهو نعرو هو قوم جو هر فرد انهن نعرن جي گونج ۾ گم هو تہ "اج بہ ڀٽو زندهہ آهي، ڪالهہ بہ ڀٽو زندهہ هو."

توهان ڪيترا ڀٽا ماريندا هر گهر مان ڀٽو نڪرندو.

انهن گونجن جي گجگوڙ دشمنن کي ماضي ياد ڏياري ڇڏي ۽ انسانن جي سمنڊ انهن جا حوصلا پست ڪري ڇڏيا.

شهيد پيءُ جي دلير ڌيءُ تاريخ جا پنا پلٽيا ٿيون نسل بہ ڀٽي کي ڀيٽا ڏيندو رهيو. هيءُ شهيد 21هين صديءَ جي قلندر هئي. هن جي آواز تي، نعرن تي انسانن جا هجوم پنهنجي جذباتن تي قابو رکي نہ سگهيا، جهومندا ڌمال هڻندا، وجد ۾ وڏندا رهيا.

قومي سجاڻپ جو اهڙو اظهار جيڪو رياست جي ساري عوام کي دل سان قبول هو.

سو صرف اها هستي هئي، جنهن جو ثاني اڻلڀ آهي. پنهنجي نعرن وانگر چئن صوبن جي زنجير، بينظير- بينظير- ايڪيهين صديءَ جي پهرين بهادر عورت جي شهادت دنيا ۾ شهادتن جي نئين تاريخ واري ڪتاب جو مهاڳ بڻجي وئي.

جيستائين ڪائنات آهي، باغ باغيچا ۽ گل ڦل موجود آهن تيستائين اي هن واديءَ جي دلير ڌيءُ، تنهنجي وجود جي خوشبو مٽيءَ مان ايندي رهندي ۽ معطر ڪندي رهندي.

27- ڊسمبر جو ڏهاڙو ان 10 محرم جيان هر سال هڪ ٻي ڪربلا جي ياد تازي ڪندو رهندو جنهن غريبن جي دلين ۾ اڏيل محل سپنا، اميدون آسون لٽي ڇڏيون ۽ دلين تي ڪڏهن نہ مٽجندڙ گهاءُ ڏنا.

تاريخ گواهہ آهي تہ هر دؤر ۾ سنڌ امڙ پنهنجا دادلا جوڌا دودا جن جانين جا نذرانا ڏيئي ان آمريت کي جهڪايو ۽ هر صدي هر دؤر ۾ پتنگن جيان قربان ٿيندڙ هن امڙ جا لعل هئا.

مرحبا... مرحبا اي سنڌ امڙ تنهنجي ڇائي هن واديءَ جي مارئي سسئي ۽ ٻين سيني سورمين کي پنيان ڇڏي اڳ پري رهي سرخرو ٿي. گلن جي مالها. اڳ تہ ڪڏهن بہ نہ مون هن جي گلي ۾ ڏٺي، پر ان آخري ڏينهن هوءَ سولي تي گلن جي مالها پائي چڙهي ۽ ڳڙهي خدابخش ۾ ڀائرن ۽ پيءُ سان گڏ، گلن هينان آرامي ٿي.

ڳڙهي خدابخش جي مٽي تو ۾ ايترو ست آهي جو هن قربانين جي سرچشمي کي تو پاڻ ۾ سمايو!

شهيد بابا جي طاقت حشمت ۽ ٻن دودن دليرن ۽ هڪ نازڪ اپسرا! جيڪا مردن کان مٿانهين هئي.

خالق! جيڪڏهن هن دنيا جي خاتمي کان پوءِ ٻيهر ڪو جهان ناهڻ چاهين، تہ اها دعا ۽ التجا آهي تہ آدم جي ابتدا ڳڙهي خدابش جي مٽيءَ سان ڪجانءِ. جيئن شهيد ذوالفقار ڀٽي شهيد شاهنواز ڀٽي ۽ مير مرتضيٰ ڀٽي ۽ شهيد سنڌراڻي بينظير ڀٽي جهڙا انسان پيدا ٿين ۽ انهن شهيدن جي منزل ماڻڻ جي اميد پوري ٿئي ۽ اُهوئي خواب ساڀيان ماڻن پنهنجي مارن وٽ اج بہ دلين ۾ زندهہ آهن ۽ زندهہ رهندا.

ﺑﻪ ﺑﻪ سال اڳي هو شهيد ٿي چڪو هو، منهنجي هوش سنڀالڻ جي وقت کان وٺي ملڪ ۾ آمريت جو راڄ هو ۽ 'ڀٽو' بس هڪ لفظ هو، جنهن جو ذڪر ڪڏهن ڪڏهن اسان جي گهر ۾ ٿيندو هو، 1986ع ۾ جڏهن مان حيدرآباد جي تلڪ چاڙهيءَ تي حمايت الاسلام اسڪول ۾ پڙهندي هيس، جنهن ۾ سنڌي اٽي ۾ لوڻ برابر هئا، هڪ ڏينهن هڪ ڪلاس جي در تي جنهن ۾ اندر ڪي وڏا ڪم ڪري رهيا هئا، بينظير جو فوٽو ڏٺم، سڄاتم انهيءَ ڪري جو هيٺان سنڌس نالو لکيل هو، ۽ بيڪ گرائونڊ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جا ٽي رنگ هئا: ڳاڙهو، ڪارو ۽ سائو.

منهنجي يادگيريءَ تي بينظير جو اهو پهريون عڪس آهي. شايد انهيءَ ئي سال هڪ اردو مئگزين ۾ بينظير جو هڪ تمام ننڍڙو انٽرويو پڙهيو هئم، جنهن ۾ ڪانئس پڇيو ويو هو ته اڪثر عورتن کي پنهنجي گهر، شادي ۽ ٻارن جي ڳڻتي هوندي آهي، پوءِ توهان ڇو سياست جو خفو پاليو آهي؟ تڏهن مسڪرائي بينظير جواب ڏنو، "پاڪستان ئي ته گهر آهي منهنجو! مان سڀ ڪجهه هن ملڪ جي لاءِ ڪرڻ گهران ٿي." تڏهن اڃا بينظير ڀٽي جي شادي به ڪانه ٿي هئي! سيپٽمبر 1977ع ۾ جڏهن بينظير ڀٽو پنهنجي والد سان ڪوٽ لکپت جيل ۾ ملاقات ڪرڻ وئي ته ذوالفقار علي ڀٽي ڪيس چيو ته، تو پنهنجي تعليم پوري ڪري ڇڏي آهي، پر جيڪڏهن تون برطانيا واپس وڃي پنهنجي زندگي بچائڻ چاهين ۽ زندگي سولي ڪرڻ چاهين ته توکي مان دل سان اجازت ڏيندس، پر جيڪڏهن تون هتي رهڻ چاهين ٿي ته پوءِ سخت موسمن جي لاءِ تيار ٿي وڃ ۽ بينظير عيش ۽ آرام جي زندگي گذارڻ جي بدران ڏکن ۽ رڃن سان ڀرپور سياسي زندگيءَ کي قبوليو. 24 سالن جي عمر ۾ بينظير وٽ اها جستجو ۽ سياسي سمجهه هئي، جنهن سيني قيامتن جي باوجود سنڌس جرئت ۽ مستقل مزاجيءَ کي قائم رکيو، جنهن سنڌس ملڪ کان ٻاهر هجڻ ۽ پاڪستاني اليڪشن جي سيني ڏانڊلين جي باوجود پ پ کي پارليامينٽ کان جدا نه ڪيو، جنهن سيني خطرن جي باوجود 18 هين آڪٽوبر تي ماڻهن جو هڪ سمنڊ ڪراچيءَ تائين ڇڪي ورتو، جنهن سرڪاري پروپيگنڊا مشينري جي سيني ڪوشش کي رائيگان ڪري ڇڏيو ۽ جنهن ڪنڌ اوچو ڪري پنهنجي موت کي قبول ڪيو ۽ جنهن هن شعر جي حقيقت کي سچو ڪري ڏيکاريو ته، "جس دهج سي ڪوئي مقتل مين گيا، وو شان سلامت رهتي هي، يه جان تو آني جاني هي، اس جان کي تو ڪوئي بات نهين" انهيءَ سڄي جادوءَ جو نالو هو بينظير!

منهنجي هڪڙي انگريز دوست چوندي هئي ته، "برطانيا ۾ اڪثر مايون بينظير تي رشڪ ڪنديون آهن. وٽس ڪيڏيون نه نعمتون آهن، خوبصورتي، ذهانت، دولت ۽ اقتدار." پر مان سمجهان ٿي ته خوبصورتي، ذهانت، دولت ۽ اقتدار کان به وڌيڪ اهم ڳالهيون، جن ڪيس بينظير (Matchless) ڪيو، سي هيون سنڌس سنجيدگي، ثابت قدمي، دور انديشي ۽ انتهائي صبر، جنهن ڪيس پنهنجي والد ۽ ڀائرن جي

شهادت کان پوءِ بہ ٽٽڻ نہ ڏنو. پنهنجي آتم ڪٿا 'ڊاٽر آف دي ايسٽ' ۾ هن لکيو آهي تہ ڪيئن هوءَ ۽ مير مرتضيٰ ڀٽو هڪ ٻئي سان ضياء جي آمريت کي منهن ڏيڻ بابت سياسي حڪمت عمليءَ تي سهمت ٿي نہ سگهندا هئا، ڇاڪاڻ جو بينظير جو خيال هو تہ ماڻهن جو ڪو ٽولو يا گروپ ڪيترو بہ هٿياربند ٿي وڃي، اهو ڪنهن ملڪ جي فوج سان جنگ جوٽي نٿو سگهي.



هينئر آمريڪا جون اخبارون ۽ ٽي.وي چينل وڏي زور شور سان بينظير جي ساراهہ ۽ ڪردارڪشيءَ جا پل ٻڌندي مٿس اها تنقيد ڪري رهيا آهن تہ بينظير پنهنجي چوڌگرد پنهنجي سياسي قداوري اڳيان ڪنهن بہ شخصيت کي اُڀرڻ ڪونہ ڏنو، يا اهو تہ هن پنهنجي مڙس کي حڪومت ۾ طاقت جو ناجائز استعمال ڪندي ذاتي فائدا ڏنا، يا اهو تہ هو مصلحتن جو شڪار ٿي ڀٽي جا خواب وساري ويٺي. ان سڀ ڪجهہ کي سچ مڃجي تڏهن بہ مان سمجهان ٿي تہ پاڪستان جهڙي آمريتن جي سٽايل ملڪ ۾ جتي جنازو ذوالفقار علي ڀٽي کي شهيد ڪرڻ جي صورت ۾ ڪڍيو ويو، اتي جلاوطنيون، ڀائرن جي شهادت ۽ مردن جي دنيا ۾ هڪ عورت ٿي ڪري بينظير جيڪو ڪجهہ ڪيو، اهو ڪنهن معجزي کان گهٽ ڪونهي، هوءَ انهيءَ سنڌيءَ جي ڌيءُ هئي، جنهن جي قيادت هن ملڪ جي عوام جي زخمن تي ڦها رکڻ آئي هئي، جنهن هڪ وڏيرو ۽ جاگيردار هجڻ جي باوجود ڪنهن حد تائين هن قوم کي آواز ڏنو. ذوالفقار علي ڀٽي رڳو سنڌين، پاڪستانين يا مسلمانن جي قيادت جو خواب ڪونہ ڏٺو هو، بلڪ هن جي اعتماد ۽ جرئت جو اندازو انهيءَ واقعي مان لڳائي سگهجي ٿو تہ جڏهن هو آڪٽوبر 1963ع ۾ وائيٽ هائوس ۾ آمريڪي صدر جان.ايف ڪينيڊي سان (جي.ايف.ڪي جي قتل کان مهينو اڳ) مليو تہ ڪينيڊي ڪانئس متاثر ٿيڻ کانسواءِ رهي نہ سگهيو ۽ چيائين "جيڪڏهن تون آمريڪي هجين ها تہ هينئر منهنجي ڪيبينٽ ۾ هجين ها." انهيءَ تي ذلفي ڀُٽي نہ پهہ ورائيو، "صدر صاحب، ٿورو خيال ڪجو، جيڪڏهن مان آمريڪي هجان ها تہ هينئر مان توهان جي جاءِ تي آمريڪا جو صدر هجان ها." جيتوڻيڪ ذلفي ڀٽي جي انهيءَ جواب تي ڪينيڊي ۽ هو وڏا ٺهڪ

ڏئي ڪليا هئا، پر گهرو ۽ عالمي طاقتن ڪڏهن بہ ذلفي ڪي دل سان پسند نہ ڪيو، چاڪاڻ جو طاقت، اعتماد ۽ بي خوفيءَ جي طوفان واري انهيءَ سنڌي ذلفيءَ ۾ ڪين هڪ اهڙو خطرو نظر پئي آيو، جنهن خود آمريڪا کي للڪاريندي نٿي ڪيبايو. هن مسلمانن ۽ نئين دنيا جي مظلوم قومن جو بلاڪ ناهڻ تي گهريو، هن ويٽنام جي جنگ جي حوالي سان آمريڪا جي مذمت ۽ مخالفت ڪئي هئي. هن پاڪستان کي ايٽمي طاقت بنايو، هُن هِن ابوجهہ ملڪ جي عوام کي پنهنجي قسمت جا فيصلا پاڻ ڪرڻ جو حق ڏيڻ چاهيو ٿي، اهو ئي ڪجهہ جيڪو هن لنڊن ۽ ڪيليفورنيا جي يونيورسٽين مان ۽ آمريڪا ۽ برطانيا جي سماجن منجهان پرايو هو، پر هڪڙي انگريزي چوٽي تہ، Do as I say, but not as I do جيڪو مان چوان (حڪم ڪريان) اهو ڪيو، پر جيڪو مان ڪريان اهو نہ ڪريو. اسان جيڪي سوين سالن کان اچي چمڙي جي سڌي يا اڻ سڌي غلاميءَ ۾ رهيا آهيون، تن کي ڪڏهن بہ اها اجازت نہ ڏني وئي آهي تہ ڪو اسان پنهنجي قسمت جو فيصلو پاڻ ڪري سگهون. بهرحال اهي تہ ٿيون ماضيءَ جون ڳالهيون، هاڻي ڪريون ٿا ڪجهہ حال جا احوال ۽ بينظير جي شهادت کان ونئي جيڪو سندس سياسي ورثي جي ورچ وارو بحث هلي پيو آهي، ان جو رُخ بلاول جي پُٽي ٿيڻ ۽ آصف زرداريءَ تي تنقيد ڏانهن ٿي ويو آهي. گهڻا ماڻهو بينظير جي وصيت جي حوالي سان آصف تي تنقيد ڪن ٿا، جيڪا هڪ جمهوري عمل جي گهرج آهي. انهيءَ بحث کي اڳتي وڌائڻ کان اڳ ۾ سڀ کان پهريان تہ مان آصف زرداريءَ جي اخلاقي جرئت جي ساراهہ ڪرڻ گهران ٿي، جيڪا مون کي سچ پچ تہ تمام غير معمولي محسوس ٿئي ٿي. چڱا ڀلا مرد پنهنجين قابل زالن جي ڪارنامن ۽ ترقين تي فخر ڪرڻ يا ڪين همٿائڻ بدران احساس ڪمتريءَ جو شڪار بنجي پنهنجو ۽ پنهنجي زالن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيندا آهن. انهيءَ سڄي سرشتي جي ابتڙ آصف زرداري بينظير جو سڀ کان وڏو پرجهلو ۽ وڪيل رهيو آهي. مان سمجهان ٿي تہ پنهنجي اولاد کي پنهنجي ماءُ جي ذات سڏائڻ جي اجازت ڏيڻ بہ اسان جي نام نهاد غيرت مند سماج ۾ هڪ سنو مثال آهي. مردن جي بالادستيءَ جو تصور سڄي دنيا ۾ آهي ۽ اولهہ جي ملڪن کان بہ وڌيڪ اسان جا ملڪ انهيءَ بيماريءَ جو شڪار آهن. اڪثر مرد پنهنجي نفسيات ۽ پرورش جي ڪري پنهنجين ڏيئرن کي تہ ڪٽي اڳيرو ڏسڻ چاهيندا. پر زال کي هميشہ پنهنجو زيردست ڪرڻ چاهيندا آهن، انهيءَ جي باوجود آصف زرداري بينظيرَ کي پنهنجو ليڊر سڏيندو رهيو آهي. مان اهو بہ سمجهان ٿي تہ منظر عام تي جيڪو ڪجهہ ايندو رهيو آهي، تنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ بينظير سان شادي ڪري آصف زرداريءَ خوشيون گهٽ ۽ ڏک گهڻا ڏٺا آهن. شايد تڏهن ئي بينظير آمريڪا جي هڪ صحافيءَ

ڪي ذميواريءَ سان اهو چوندي به نه ڪيبايو ته، ”وقت ثابت ڪندو ته آصف زرداري پاڪستان جو نيلسن منديلا آهي.“

پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪنهن به سياسي قيديءَ ايترو جيل ڪونه ڪاٽيو آهي، جيترو آصف زرداريءَ ڪاٽيو آهي. تنقيد ڪرڻ وارا ائين چوندا ته هو سياسي قيدي هو ۽ قيد جي اڪثر عرصي ۾ وٽس اي.سي ڪان وٺي ٽي.وي تائين هر سهولت موجود هئي، پر مان سمجهان ٿي ته قيديءَ ڪي ڪٽي سوني تخت تي ويهاريو وڃي، تڏهن به قيد جي پيٽ آزاديءَ سان نٿي ڪري سگهجي، ٻئي پاسي انهيءَ حقيقت کان به انڪار نٿو ڪري سگهجي ته آصف زرداريءَ تي جيڪي 14 ڪيس مڙهيا ويا هئا، انهن مان هڪ به ثابت ٿي نه سگهيو، بلڪ نواز شريف بينظير ۽ آصف کان انهيءَ ڳالهه تي معافي ورتي ته ڪيئن هن پنهنجي حڪومت ۾ کين بدنام ڪرڻ ۽ سياسي طور مفلوج ڪرڻ لاءِ اهي ڪيس مڙهيا هئا، پر بدقسمتيءَ سان اسان جي عجيب دنيا ۾ ڪنهن جي خواريءَ جون خبرون ته زبان زد عام ٿي ويندون آهن پر جڏهن انهن خوارين جي پنيان لڪل سازشن ۽ نيڪ نامين جي ظاهر ڪرڻ جو وقت ايندو آهي ته انهن تي ڪير به ڳالهائڻ يا لکڻ لاءِ تيار ڪونه ٿيندو آهي. آصف زرداري تي هڪ ڪيس جو اجا فيصلو ٿيو پئي ته تيسٽائين ٻيو ڪيس تيار بينو هو ۽ ڪجهه ڪيس ته اهڙا هئا، جن جي جوڙڻ جو ڪارنامو هن ملڪ جو جگر ئي جهلي سگهي ٿو. ضرور آصف زرداريءَ ڪان گذريل ويهن ورهين ۾ ننڍيون وڏيون ڪوتاهيون ٿيون هونديون، پر ڇا هو هن دنيا جو واحد ماڻهو آهي، جنهن ڪان غلطيون ٿيون آهن؟ آصف زرداريءَ جي مثبت سوچ ۽ ثابت قدميءَ کي نظرانداز ڪرڻ ڪوتاهه نظري جي برابر هوندو. 30 ڊسمبر 2007ع تي جڏهن بينظير جي سياسي ورثي بابت پريس ڪانفرنس ۾ اعلان ٿيڻو هو. تڏهن سڄي دنيا جي سياست ۽ صحافت جون اکيون انهيءَ فيصلي تي اٽڪيل هيون، جنهن جي غلط ٿيڻ سان نه رڳو پاڪستان پيپلز پارٽي پر سڄي پاڪستان جو نقصان ٿي سگهي پيو.

مون کي ڪجهه ماڻهن جي اهڙي سوچ تي به عجب ٿو لڳي، جنهن تحت هو چون ٿا ته، ”هڪ بادشاهت جيان ڇو بلاول کي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمن ڪيو ويو؟“ وڏي سوچ کان پوءِ مان انهيءَ نتيجي تي پهتي آهيان ته پ پ جو چيئرمين بڻجڻ ڪا سکن جي سيج ڪانهي ۽ جيڪڏهن پُٽن جي خاندان کي شهيد ڪرڻ جي لاءِ کين باقاعدي چونڊيو وڃي ٿو ته پوءِ پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻيءَ جي لاءِ جيڪڏهن آصف زرداري يا بلاول ڀٽي جي چونڊ ٿي آهي ته انهيءَ تي ڇو عالمي ميڊيا ۽ اسان جا سڀاجها سنڌي ۽ پاڪستاني ارها ٿين ٿا؟

گهڻين ڳالهين جو فيصلو وقت ڪندو، پر ڏکڻ ايشيا، پاڪستان ۽ سنڌ جي موجوده سياسي ۽ سماجي تاريخ ۽ حقيقتن کي آڏو رکندي انهيءَ کان بهتر فيصلو منهنجي نظر ۾ ٻيو ٿي نه ٿي سگهيو.

سمجهندي هئي. هوءَ هن مصرعہ جي زنده تصوير هئي تہ:

”ميري قاتلون کو نويد هو،
صفِ دشمنان کو خبر کرو“

هوءَ شان سان صفِ دشمنان جي وچ مان گذري ۽ هن جوش ۽ جذبي سان قاتلن کي للڪاريو. هڪ دردناڪ حقيقت آهي تہ هن جي قاتلن هن کي شڪار ڪيو هو، اهو سمجهي رهيا هئا تہ



ان طرح هو جمهوريت جي بحالي ۽ آئين جي بالادستي، عدليہ جي آزادي ۽ عام انسانن جي وقار لاءِ اُٿندڙ سڀ کان بلند آواز کي خاموش ڪري رهيا آهن. پنهنجي راهہ جو سڀ کان وڏو ڪنڊو ڪڍي رهيا آهن، پر افسوس تہ اُنهن تاريخ مان ڪجهہ بہ نہ سکيو هو. هنن وساري ڇڏيو تہ 1979ع ۾ جڏهن ڀٽي کي رات جي اونداهيءَ ۾ هنن دفن ڪري اهو سمجهيو هو تہ انهن جمهوري جدوجهد جي سڀ کان وڏي سورميءَ کان نجات حاصل ڪري ڇڏي آهي. هو شهادت جي رتبي تي فائز ٿي امر ٿي ويو ۽ انهن جي راهہ ۾ هماليہ پهاڙ وانگر بيهي رهيو.

بينظير ڀٽو بہ شهيد ٿي هڪ اهڙي زندگيءَ کان همڪنار ٿي سگهي آهي، دوست جنهن تي رشڪ ڪن ٿا ۽ دشمن حسد. هن جي قتل جو حڪم ڏيندڙن جو خيال هوندو تہ پيپلز پارٽي جا 10، 20 يا 25، 50 هزار ڪارڪن هن جو غم ملهائيندا. سنڌ جي ڀهراڙيءَ وارن علائقن ۾ هن جو سوڳ ڪيو ويندو ۽ بس ڳالهہ اڃٽي وڃٽي تي ويندي، پر انهن کي ياد نہ رهيو تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي لاءِ سوين ماڻهن ڪوڙا کاڌا هئا، جيل ويا هئا ۽ ڪن کي ڦاسي بہ ڏني وئي.

اسان جا حڪمران تاريخ کان ڪڏهن بہ نہ سکندا آهن. ڪڏهن انهن جي وهم ۽ گمان ۾ بہ نہ هو تہ بينظير جي رخصت جي خبر ٻڌندي ئي خيبر کان ڪراچي ۽ لاڙڪاڻي کان لاهور تائين ملڪ ڀري اُٿندو ۽ عوام روڊن رستن تي اچي ويندو. وفاق جي زنجير ٽوڙڻ جي لاءِ جنهن جانباز عورت کي شهيد ڪيو ويو، پنهنجي جان وڃائي اُن ثابت ڪيو تہ هو زندگيءَ ۾ بہ وفاق جي زنجير هئي ۽ ان جي شهادت ان زنجير کي غم ۽ غصي جي ٻنيءَ ۾ تپائي ڪري اچا وڌيڪ فولادي ٺاهي ڇڏيو. تڏهن ئي اقتدار تي براجمان طاقتن جون تمام ڪوششون اڻ ڏٺل هٿن جو سفاڪانہ قتل ۽ لٽ مار جي بدترين واقعن باوجود ڇٽني صوبن جا ماڻهو هڪٻئي جي خلاف صف بند نہ ٿيا. انهن جي لاءِ بينظير جي رخصت انهن جو ڳڏيل غم، انهن جو ڳڏيل نقصان آهي.

هو اهو بہ نہ سمجهي سگهيا تہ ڳڏريل ڪئين سالن جي عذابناڪ جلاوطني ۽ اڻ ڳڻيل

الزامن بہ بينظير جا حوصلا نہ گھٽايا. هوءَ ڪيترن ئي ملڪن ۾ سفر ڪندي رهي هئي. پنهنجي ماڻهن جي لاءِ جمهوري سماج جا خواب ڏسندي رهي هئي. پنهنجي عوام خاطر پوري دنيا ۾ ڦرندي رهي هئي.

ان دوران هن پنهنجي لڪڻين، ليڪچرن ۽ ذاتي تعلقاتن ۾ اولهہ ۽ اوڀر جي ملڪن ۾ اڻ ڳڻيا بااثر دوست پيدا ڪيا. انهن مان اڪثر ان جا ذاتي دوست هئا ۽ سياست، صحافت، علم، ادب ۽ قانون جي دنيا سان تعلق رکندا هئا. بينظير جي اعتدال پسندي، ان جي روشن خيالي ۽ جمهوريت سان ان جي وابستگي هئي. هن کي دنيا جي بااثر حلقن ۽ صحافتي حلقن ۾ هر دلعزيز بڻائي ڇڏيو هو. هن جي ظالماڻي قتل عالميءَ برادري کي لوڏي رکيو ۽ ان سان اوڀر ۽ اولهہ ٻنهي دنيائن جي ماڻهن کي اندازو ٿيو تہ پاڪستاني عوام. اتان جا جمهوريت پسند سياستدان، ڪهڙي خونخوار بلا کي منهن ڏئي رهيا آهن. هن جي قاتلن کي پلا اهو ڪيئن وهم ۽ گمان ۾ هجي تہ هن جي شهادت کا چند ڪلاڪن بعد اقوام متحده جي سلامتي ڪائونسل پنهنجو هنگامي اجلاس طلب ڪري هن جي شهادت جي تعزيت ڪندي. بش حڪومت جا پاڪستاني لاڏلا اها ڳالهہ ڪيئن سمجهن تہ آمريڪا ۾ ايندڙ صدارتي چونڊن جي اميدوار هيلري ڪلنٽن هن جي قتل جي آزاداڻي تحقيقات جي ڳالهہ ڪندي ۽ رفيق حريري جي قتل جي تحقيقات لاءِ نهيل ٽربيونل جهڙو هڪ انٽرنيشنل ٽربيونل جوڙڻ جو مطالبو ڪندي.

ٻاهرين ملڪن کان تعزيتي پيغامن جو هڪ نہ رڪندڙ سلسلو جاري آهي. ملڪ جي اندر شهر شهر ۽ نگر نگر ماڻهن ۾ آه و زاري آهي. رڙيون ڪري روئي رهيا آهن. هن جي تصوير ڪنهن چوڪ تي رکي ان تي گل رکي رهيا آهن. ميڻ بتيون روشن ڪري رهيا آهن. نواز شريف هن جي شهادت تي اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ ان جي مٿان بيهي سڏڪا ڀري روئي رهيو هو. پنهنجي ساٿين سان گڏ ان جي گهر تي وڃي پرسو ڪري رهيو هو، ان جي قبر تي فاتحہ پڙهي رهيو هو ۽ گل چاڙهي رهيو هو. ڪجهہ سالن کان هن جو بينظير ڀٽي سان گهرو تعلق ۽ رشتو هو. جنهن ۾ ٻنهي جا گهر وارا بہ شريڪ هئا پر ماڻهن حيرت سان اهو منظر ڏٺو تہ قاضي حسين احمد پنهنجي ساٿين سان گڏ نئين ديري پهچي رهيو آهي، ان جي قبر تي وڃي رهيو آهي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ هن کي شهيد چئي ڪري ياد ڪري رهيو آهي. بينظير جي موڪلاڻي جمهوري جدوجهد جي لاءِ ئي هڪ وڏو سانحو نہ آهي، پر قاتلن پاڪستان ۾ زندگي گذاريندڙ هرهڪ عورت جي سيني ۾ بہ خنجر وهائي ڇڏيو آهي. هي جنس مساوات جو خواب ڏسڻ وارين تمام فقير ۽ امير عورتن جي لاءِ هڪ وڏو نقصان آهي. بينظير  ڀٽو جڏهن پهريون ڀيرو وزيراعظم جو حلف کنيو هو تہ شهرن جي روڊن تي ٻهارو ڏيندڙ ۽ ڳوٺن ۾ مال کي گاهہ وجهندڙ عورتون بہ فخر سان پئي گهميون. بينظير جي وجود ۾ انهن کي پنهنجو پاڻ ساهہ کڻندي محسوس ٿيو هو. انهن جي آس

هئي تہ انهن جي ادي، انهن جي ڏيءُ، انهن جي ببيي، انهن جي ڌيئرن ڏوهٽين ۽ پوٽين جو مقدر بدلائي ڇڏيندي. پاڪستان جي عورت سياسي حوالي سان فاطمہ جناح، رعنا لياقت علي، شائستہ سهرورديءَ جي رهنمائيءَ ۾ جمهوري جدوجهد جو سفر شروع ڪيو هو، ان ڪان پوءِ ايندڙن ۾ نصرت ڀٽو، نسيم ولي خان ۽ پوءِ سڀ ڪان وڏو نالو بينظير جو آهي، جنهن جمهوريت جي لاءِ شاندار جدوجهد ڪئي.

بينظير جي چوڌاري اعليٰ تعليم يافتہ ۽ مغربي ذهن رکندڙ عورتن ڪان علاوه وچولي طبقي جون پڙهيل لکيل باشعور ۽ پروفيشنل عورتن سان گڏوگڏ هن جو ساٿ ڏيڻ جي ڏوهہ ۾ ملڪ جي ظالم پوليس جون لنيون بہ کاڌيون، انهن جي خون سان رستن تي ڦوهارا بہ ٿيا. اهي جيل بہ ويون، اٽڪ قلعي ۾ بہ رکيون ويون آهن. انهن بدترين جسماني ۽ جنسي تشدد بہ برداشت ڪيو، ان اميد تي تہ جڏهن بينظير اقتدار ۾ ايندي تہ هڪ نئون زمانو آڻيندي.

8 جنوري جون چوندون، جن ۾ حڪمران جماعت ۽ ان جي سرپرستن جي ٻيڙي ٻڏي رهي هئي، ان کي بچائڻ جي لاءِ سوين حيلا گهڙيا ويا ۽ ان اليڪشن کي ملتوي ڪيو ويو. اُهي ماڻهو جن اُن چوندن جي ٻئي تاريخ 18 فيبروري طئي ڪئي آهي، اُهي ڄاڻن ٿا تہ ان مهلت جي باوجود شڪست انهن جو مقدر آهي، شڪست کي ڪجهہ وڌيڪ ڏينهن ٽارڻ جي لاءِ حڪمرانن جي ٽيٽيءَ مان هاڻ ڪهڙو خوفناڪ واقعو ٻاهر اچي ٿو، هاڻ قاتل جو هٿ ڪنهن طرف وڌي ٿو؟ هاڻ نسلي ۽ لساني فسادن جي لاءِ ڊرامي جي اسڪرپٽ کي بيگناهہ ماڻهن جي خون ۽ اُنهن جي ملڪيتن کي بيدردي سان لٽ مار ۽ ٻاهہ لڳڻ جي واقعن سان سنسني خيز بڻايو پيو وڃي ۽ ان جي ايف.آءِ.آر بہ انهن جي نالي تي ڪٽي وڃي ٿي، جيڪي لٽجي ويا، برباد ٿي ويا.

انهن حالتن ۾ چوندن جي ملتوي ڪرڻ جي گنجائش نہ هئي، پر اسان وٽ اقتدار جي لاءِ هر ڳالهہ جي گنجائش پيدا ڪئي ويندي آهي. شيخ مجيب الرحمانؒ جي خلاف جيڪڏهن سازش ڪيس تيار ڪري سگهجي ٿو. بينظير ڀٽي ۽ ميان نواز شريف کي بدترين لٽيرو ۽ وطن دشمن قرار ڏئي سگهجي ٿو تہ پوءِ اها ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي؟ هاڻ چوندن جي لاءِ نئين تاريخ ائين ڏني وئي آهي، جڻ تہ ڪاوڙ ۽ رنج ۾ مبتلا قوم تي ڪوئي احسان ڪيو پيو وڃي. پر ڏسڻو اهو آهي تہ چوندون ٿين بہ ٿيون يا نہ؟ ۽ جيڪڏهن ٿين بہ ٿيون تہ هڪ ڀاڱي بہ اڪثريت ”حاصل“ ڪرڻ جي لاءِ پنهنجن مخالفن کي ڪهڙي طريقي سان ”فتح“ سان همڪنار ڪيو وڃي ٿو.

18 فيبروريءَ جي چوندن کي ٽارڻ جي لاءِ جيڪڏهن وري قوم کي ڪنهن شهيد جو جنازو ڏنو ويو يا ديوانگيءَ جي انداز ۾ بدترين ڌانڌلي ڪئي وئي تہ پوءِ اسان ڏسنداسين تہ طيش ۽ تخريب جي اها لهر اُٿندي جيڪا اسلام آباد جي محفوظ قلعي ۾ پنهنجي ئي ملڪ کي فتح ڪندڙن کي پاڻ



سان وهائي ويندي، ظلم ۽ ڏاڍ سان وجود ۾ ايندڙ خون جو اهو درياهه خبر ناهي ڇا ڇا پاڻ سان گڏ وهائي وڃي! سياڻي ڇا ٿيندو، اسان مان ڪنهن کي به حتمي طور تي ناهي خبر پر آسمان تي جمع ٿيندڙ ڪارن بادلن کي ڏسي حالتن جو اندازو لڳائڻ لاءِ ستاره شناس ٿيڻ جي ضرورت ڪونهي.

بينظير ڀٽو هڪ اهڙي ئي نادر ۽ بيمثال شخصيت هئي، جنهن جي آرزو هر سماج ڪندو آهي، ان کي جنهن بيدرديءَ سان پائمال ڪيو ويو، اها اسان جي بدبختي آهي، ان تي جيترو به غم ڪجي اهو گهٽ آهي.

27 ڊسمبر کان 30 ڊسمبر جي رات تائين مان بيشمار ٻين ماڻهن وانگر ٽي.وي جي سامهون ويٺي رهيس ۽ مختلف اردو، سنڌي ۽ انگريزي چئنلن تي ان جون تقريرون ڏسندي رهيس. هن جو مستانو نعرو ٻڌندي رهيس ”ڪل ڀي ڀٽو زنده ٿا، آج ڀي ڀٽو زنده هي... زنده هي“ ڪهڙي نه عجيب ڳالهه آهي ته جڏهن هو هٿ کڻي مسلسل اهو نعرو لڳائي رهي هئي ته پيلي رنگ جي لباس ۾ هئي، ان رنگ جو لباس جيڪو راجپوت سورما جيڪڏهن پائي ڇڏين ته پوءِ جنگ جي ميدان مان زنده واپس نه ايندا آهن ۽ جنهن کي هو ڪيسري بانا چوندا هئا. بيبي به اهوئي ڪيسري بانا پاتو هو. پنهنجي متيءَ کان جدائي هن جي اندر هڪ عجيب گداز پيدا ڪري ڇڏيو هو. هڪ بيقراري، هڪ بيچيني جيڪا هن جي ڳالهائڻ مان ٽپڪندي هئي، هن جي لاءِ ”ندر ۽ بهادر“ جا لفظ بار بار استعمال ڪيا پيا وڃن پر اُهي سڀ لفظ هن جيءَ جياري جي بهادري جي لاءِ گهٽ آهن. ان کي صبح کان شام تائين دشمنن کان ڌمڪيون ملي رهيون هيون. دوست خبردار ڪري رهيا هئا. هن 16 آڪٽوبر تي پنهنجي وصيت لکي. هفتي کان پوءِ پنهنجي قبر جي جڳهه رکرائي آئي. هن حڪومت کي پنهنجيِ سلامتيءَ جي حوالي سان خط لکيا. هن مارڪ سگل کي اي ميل ڪئي ته مان قتل ٿي وڃان ته ڪيس ڪنهن جي نالي تي درج ڪيو وڃي. هو ڇا ته جيءَ جياري ۽ سورمي هئي جو پنهنجي طرف قاتلن جا هٿ وڌندي ڏسي به وڏي بي نيازيءَ سان انهن کي نظرانداز ڪندي پنهنجي ماڻهن جي وچ ۾ وڏي شان سان هلندي رهي. مقتل کان گذرندي به هن جي چهري جي چمڪ گهٽ نه ٿي. هن جي لهجي کي خوف بدلائي نه سگهيو. هن جي زندگيءَ جون آخري جهلڪيون ڏسي مون کي يقين آيو ته شهادت جا متوالا ڪهڙي طرح جهومي جهومي ڦاسي گهاٽن تي ايندا هوندا.

حميره نور

# شهيد بينظير ڀٽو جي خاندان ۾ هڪجهڙايون

شهيد ذلفي جي شهيد ٿيڻ کانپوءِ متعلق ڪنهن کي خبر هئي، ڪنهن کي ڄاڻ هئي يا ڪنهن کي پتو هو تہ هوءَ پنهنجي پيءُ کي عظمت جي حوالي سان وڃي پهچندي. اڄ بينظير شهادت ماڻڻ کان پوءِ جنهن اعليٰ مقام تي پهتي آهي، اهو صرف ۽ صرف صالحن ۽ قابل ماڻهن جي ئي ميراث آهي ۽ اها ميراث هن وقت صرف ڀٽو خاندان کي مليل آهي، ڳڙهي خدابخش جي آهي ۽ صرف سنڌ ۽ سنڌين کي نصيب ٿي آهي.

ڀٽي خاندان جو شان شهادت آهي ۽ شهيد ماڻهو تاريخ ۾، ۽ رب جي حضور ۾ زنده رهي ٿو ۽ هر وقت هرحال ۾ زنده رهڻ ۾ ئي انسانيت جو معراج آهي ۽ رب جي مهربانين سان ڀٽو خاندان، خانداني روايتن جو امين، ڄاڻو، تعليم يافتہ، اخلاق سان مالا مال، عزت شهرت ۽ پيسو سندن ملڪيت رهيا آهن ۽ انهن سيني آسائشن ۽ سهولتن جي باوجود هن خاندان جو جيئڻ مرڻ عوام لاءِ رهيو آهي ۽ عوام سندن ها ۾ ها ملائيندي هر وقت سندن خدمت ۾ حاضر رهيو آهي، اهو ئي سبب آهي جو اڄ بہ بينظير جي مزار تي سوين ماڻهو موجود رهن ٿا ۽ لڙڪ لاڙيندي نظر اچن ٿا.

شهيد ذلفي شهادت جو جام پي جيڪي روايتون ڇڏي ويو، ان تي سندس اولاد تہ ڪاربند رهيو ۽ سندس ڇڏيل مشن کي پورو ڪرڻ ۾ سندس وڏور نياڻي وسان ڪين گهٽايو ۽ انهن ئي قاتلن هٿان شهيد ٿي وئي، جن جي هٿن تان اڃا شهيد ڀٽي جو خون صاف ئي ڪو نہ ٿيو هو.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي، شهيد شاهنواز ڀٽي، شهيد مير مرتضيٰ ڀٽي، شهيد بينظير ڀٽي ۽ سندس مويي پٽ بلاول ڀٽي ۽ سندس ننڍي ڀيڻ صنم ڀٽي جي شخصيتن تي ۽ زندگيءَ جي ڪجھ اهم معاملن ۽ ڳالهين تي نظر وجهنداسين تہ ڪافي شيون، ڪوڙ معاملا، ڪوڙ ڳالهيون ۽ وڏي ڳالھ تہ قدرتي طور الاهي معاملا هڪجهڙا نظر اچن ٿا، جيئن.

بينظير شهيد 18 آڪٽوبر تي پاڪستان پهتي ۽ 27 ڊسمبر تي شهيد ٿي وئي، جي ڪڏهن اسان محترمہ جا اهي ٻئي ڏينهن ڪڍي ڇڏيون، تہ باقي 69 ڏينهن محترمہ ملڪ ۾ گذاريا. جلاوطنيءَ کان پوءِ آزاديءَ ۾ گذاريا يا ڪٽي چئجي تہ پنهنجي مارن سان خوشيءَ ۾ گذاريا انهيءَ 69 انگ تي اسان ڌيان ڏيون، تہ بينظير جي اباڻي قبرستان ۾ 69 قبرون هيون. اهڙيءَ طرح 69 انگ نمايان نظر اچي ٿو، جيڪو هڪ جهڙو آهي.

شهيد بينظير جنهن ڏينهن مٽيءَ ماءُ حوالي ڪئي وئي، اهو ڏينهن پاڪستان ۾ محترمہ جو 70 هون ڏينهن هو ۽ سندس خانداني قبرستان ۾ سندس لاءِ ناهيل قبر بہ 70 نمبر واري قبر آهي. شهيد بينظير جو جنم 21 جون تي ٿيو ۽ سندس مويي پٽ بلاول ڀٽي جو جنم 21 سيپٽمبر تي ٿيو، ٻنهي ماءُ پٽ جي جنم تاريخ 21 آهي.

شهيد بينظير ۽ بلاول ڀٽي زرداريءَ جو جنم ڪراچي شهر ۾ ٿيو. شهيد بينظير دنيا جي سڀ کان ننڍي عمر واري وزير اعظم ٿيڻ جو اعزاز ماڻيو ۽ سندس پٽ بلاول دنيا جي سڀ کان ننڍي ۾ ننڍي عمر وارو پارٽي چيئرمين ٿيڻ جو اعزاز حاصل ڪيو.

شهيد ذلفي 1927ع ۾ پيدا ٿيو ۽ سندس نياڻي پنڪي 27 ڊسمبر تي شهيد ٿي وئي. بنهي پيءُ ڌيءُ جي زندگي ۽ موت جي معاملي ۾ 27 انگ اهميت اختيار ڪري ويو.

شهيد بينظير جي شادي 18 ڊسمبر تي ٿي. جلاوطنيءَ کان پوءِ سندس واپسي 18 آڪٽوبر تي ۽ محترمہ جي پهرين حڪومت 18 مهينا هلي هئي. اهڙيءَ طرح 18 جو انگ محترمہ جي زندگيءَ جي اهم فيصلن تي حاوي رهيو.

ذوالفقار علي ڀٽو سندس ٻن پٽن ۽ سندس نياڻيءَ بہ شهادت جو جام پي تاريخ ۾ هڪ جهڙائي حاصل ڪري پاڻ کي قيامت تائين امر ڪري ڇڏيو.

ڀٽي جي شهادت راولپنڊي شهر ۾ ٿي ۽ سندس پنڪي جي شهادت بہ انهيءَ ساڳي قاتل شهر ۾ ٿي. ڀٽي شهيد جو لاش C-130 ۾ ڳڙهي خدابخش پهتو ۽ شهيد پنڪيءَ جو لاش بہ C-130 جهاز ذريعي پهچايو ويو.

ذلفي ۽ بينظير آڪسفورڊ يونيورسٽي لنڊن جا تعليم يافتہ ليڊر هئا ۽ بلاول هن وقت آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جو شاگرد آهي.

بينظير جي سياسي تربيت سابق وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي ڪئي هئي، جڏهن تہ بلاول ڀٽي جي تربيت سابق وزيراعظم بينظير ڀٽي ڪئي آهي. ذوالفقار علي ڀٽي وانگر بينظير ڀٽو بہ ڏاڍي دلير ۽ بردبار اڳواڻ هئي ۽ بنهي ۾ هڪجهڙائي آخر تائين اها رهي تہ ٻئي موت کان ڪو نہ ڊڄندا هيا.

ڀٽي جي شهادت جي ٺيڪ 27 سالن کان پوءِ بينظير ڀٽو 27 ڊسمبر تي شهيد ٿي هئي، 27 انگ معنيٰ خيز آهي.

شهيد شاهنواز 1985ع، شهيد مير مرتضيٰ 1996ع ۽ شهيد بينظير 2007ع ۾ وفات ڪئي. اهڙيءَ طرح ذلفي جي اولاد ٽنهي يعني ٻن ڀائرن ۽ ڀيڻ ۾ 11،11 سالن جو وقفو واضح نظر اچي ٿو.

ڀٽو صاحب 1979ع، شاهہ نواز، 1985ع، مير 1996ع ۾ پنڪي 2007ع ۾ هيءُ جهان ڇڏيو. ان سڀني خاندان چئن ڏهاڪن ۾ پنهنجي پنهنجي جان تان هٿ کنيو.

ڀٽي ۽ سندس صالح اولاد جو موت غيرطبعي ٿيو آهي. صنم ڀٽو، ڀٽو شهيد جي آخري نشاني آهي ۽ بدقسمتيءَ سان صنم ڀٽي جو پنهنجي اباڻي شهر اچڻ صرف ۽ صرف موت ٿيڻ جي صورت ۾ ٿيندو آهي.

ڀٽو خاندان پنهنجي حيثيت ۽ قابليت جي حوالي سان پوري پاڪستان ۾ منفرد حيثيت رکي ٿو ۽ اهو ئي سبب آهي جو هن عظيم خاندان تي قدرت بہ مهربان آهي، ۽ عوام جي بي انتها محبت رهي آهي ۽ مثبت جو جواب ڀٽي خاندان شهادتن جي صورتن ۾ عوام کي ڏيئي ڇڏيو آهي، مون پنهنجي ڄاڻ موجب ڀٽي خاندان جون ڪجهہ هڪجهڙايون اوهان پڙهندڙن آڏو رکيون آهن، جيڪڏهن اجا بہ ڪي هڪ جهڙايون رهجي ويون آهن، تہ ان ۾ واڌارو ڪري ڇڏيو يا جيڪڏهن ڪٿي غلط هجان، تہ رهنمائي ڪجو.

آمنہ ابڙو

# هُوءِ جيڪا بينظير آ

ڪاليج واري زماني ۾ نيشنل ويمن گارڊ جي سکيا دوران نشاني بازي جي مشق ڪرائيندي، انسٽرڪٽر مون کي رائفل هٿ ۾ ڏيندي آرڊر ڪيو "دشمن تي نشانو بڌ" تہ مون هڪدم رائفل جو رُخ هُن ڏانهن ڪري ڇڏيو. سيڪنڊن ۾ منهنجي ورتل اُن فيصلي سندس متيون منجهائي ڇڏيون ۽ اکيون حيرت منجهان ڦاٽي ويس، ٿوري دير ۾ پاڻ سنڀالي مرڪي ڏنائين رائفل کي هٿ سان هٽائيندي، مون کان پڇيائين، ڇا تنهنجي علائقي جون سڀ نينگريون ايتريون جرئت مند ٿينديون آهن ۽ فائر ڪرڻ کان پوءِ ڪارتوسن جا ٽانڊن جهڙا گرم شيلز منهنجي ٻڪ ۾ پڪڙائيندي ٺهڪ ڏئي چيائين "بغاوت جي سزا" مون کِلي ڏنو چيومانس، سر! هيءَ تہ ڪجھ بہ ناهي هن کان بہ وڌيڪ اذيتون ڏيڻ جي باوجود توهان اسان جي ارڏائي ۽ جرئت ڏسي چڪا آهيو.

ڪجھ سالن کان پوءِ، يونيورسٽيءَ کان گهر ڏانهن وڃڻ لاءِ ڄام شوري ريلوي اسٽيشن پهتاسين تہ ٽرين آهستي آهستي رڙهڻ شروع ڪري چڪي هئي، تڙتڪڙ ۾ سامهون جيڪو ڪمپارٽمنٽ آيو ان ۾ چڙهي پياسين. فوجي جوانن سان ڀريل بوگي اسان کي پندرهن ويھ ڄڻيون هيونسين اسان مان الاهي ڄڻيون فوج جي روايتي هيسائيندڙ تصور کان هراسجي ويون. پر هاڻي ڇا ٿو ڪري سگهجي، ٽرين پنهنجي رفتار پڪڙي چڪي هئي ۽ ٻي اسٽيشن اچڻ تائين اسان ان بوگيءَ ۾ ترسڻ لاءِ مجبور هئاسين.



نيٺ مون پنهنجي ساهيڙيءَ کي ٻانهن کان پڪڙي ويجهو ڪيو ۽ همت ڪري فوجي جوانن کان پڇيو "توهان جو هيڊ ڪير آ؟" هنن هڪ سيٽ ڏانهن اشارو ڪيو، ڪيس چيوسين، پنهنجي جوانن کي هڪ پاسي

ويهاريو ۽ اسان کي ويهڻ جي لاءِ جڳهه ڪري ڏيو، اسان توهان جي قوم جون نياڻيون آهيون، اسان جي مدد ۽ حفاظت توهان جو فرض آ. آفيسر جي چهري تي مُرڪ اچي وئي هُنَ پنهنجي چوڪرن کي هِتان هُتان اُٿاري اسان کي جڳهه ڪري ڏني ۽ اسان کان اسان جي پڙهائي ۽ سبجيڪٽس جي باري ۾ پڇڻ لڳو، آخر ۾ پڇيائين ڪٿي ڪٿي لهنديون ته مون ٻڌايو "لاڙڪاڻو" اوهه، تڏهن تو ۾ ايتري ارڏائي آ.... تون لاڙڪاڻي جي آن... بينظير جي شهر جي.... انڪري!؟

ذوالفقار علي ڀُٽو، بينظير ڀُٽو، لاڙڪاڻو، طاقت جرئت، ڏاهپ، همت، سچائي ۽ ڪمٽمينٽ جون نشانيون ۽ مان لاڙڪاڻي جي آهيان، من ۾ هڪ غرور!

بينظير پيءُ جي شهادت، جيل جي صعوبتن ۽ جلاوطنيءَ جي عذات جا رڻ لتاڙي جڏهن پاڪستان جي وزيراعظم ٿي ته اسان جي مَنَ ۾ پيار ۽ ٻَڪَ جا پهاڙ ڦُٽي پيا، محسوس ٿيو جڻ مالڪ ننڍي ڪنڌ جي مٿي تي ڀاڳ ۽ بخت جو تلڪ لڳايو هجي. اميدن ۽ آسرن جا انيڪ چنڊ تارا ڪڙي پيا هر منجهيل مَنَ ۾... تخت، بخت نهندا رهيا ڍهندا رهيا. اميدن ۽ نااميدين جي هِنَ ڳڏيل سڏيل احساس ۾ جيئندي وري پنهنجي ڌرتي بدر ڪيل محبوب اڳواڻن جي اوسيئڙي ۾ عمريون گذرنديون رهيو.... ماڻهن جا ڏک، انهن جون پيڙائون، انهن جي بک ۽ دربدري سڀ ڪيفيتون ملي هڪ جبل جيڏي اميد بنجي ويون، هوءَ ايندي، هُوءَ ايندي ته داد رسي ٿيندي، ۽ نيٺ هوءَ آئي، پنهنجي انتهائي خوبصورت شانائتي، مانائتي وجود سان جڏهن هُن پنهنجي ڌرتيءَ تي پير رکيو ۽ پنهنجي هوائن ۾ ساهه کنيو ته سينې جون دليون اکين ۾ لهي جرجر جرڪڻ لڳيون، بينظير ڀُٽو... سونهن ۽ سچ جي راڻي.

عشق جي راهه ڏاڍي اوکي آ، ۽ محبتون ۽ منزلن پنهنجو وجود داوَ تي لڳائڻ وارا ئي ماڻيندا آهن، تڏهن ئي ته، سندس واپسي جي لمحي جو جادو اڃا ٽُٽو ئي نه هو جڏهن ڪنهن لرزندڙ، جهرندڙ آواز ۾ ٻڌايو "بينظير تي قاتلاڻو حملو ٿيو آ" ته هرڪو مَنُ ماءُ وانگر بس خير جي خبر ٻڌڻ لاءِ دعائن، آزين نيازين يقين ۽ بي يقيني جي ٿياس تي ٽنگجي پيو، پر.... هُوءَ ڌرتي جي عشق ۾ ٽمٽار، عوام جي عشق سان لبريز، پنهنجو پاڻ مِٽائي موجود رهڻ واري فلسفي کان آگاهيءَ سان سرشار، بارود وچايل ڌرتيءَ تي شينهڻ وانگر گجگوڙ ڪندي، وچ جهڙا وراڪا ڏيندي، پنهنجي وعدن ۽ ارادن سان وِڪَ وِڪَ جان نثاريءَ جون سرڪون پريندي جام شهادت پيئندي ڪروڙين اکين ۽ دلين کي ڳوڙهن جي سمونڊن ۾ لوڙهيندي اسان جي وجود ۾ ساهه وانگر سمائنجندي امر ٿي وئي. هوءَ جيڪا بينظير هئي، بينظير آهي ۽ بينظير رهندي.

*

دين محمد ڪلهوڙو

# بينظير: هڪ گهڻ رُخي شخصيت

بينظير ڀُٽي جي شهادت کان پوءِ پاڪستان ۾ جمهوريت وارو سوال مُنجهيل صورت ۾ ۽ هڪ غير يقيني دائري ۾ بيٺل نظر اچي ٿو. اڄ جڏهن هي سٽون لکجي رهيون آهن تڏهن پاڪستاني رياست تمام وڏن بحرانن ۽ مسئلن ۾ ڦاٿل نظر اچي ٿي، جن مان انتهاپسندي ۽ دهشتگردي اهم ترين مسئلا آهن. اهو واضح طور تي نظر اچي رهيو آهي ته حڪومتي رٽ ڪي جتي ڪٿي چئلينج ساموهون آهن، خاص طرح جنهن انهيءَ رٽ واري معاملي کي ملڪ اندر موجود انتهاپسند قوتن، جن ۾ پاڪستاني طالبان، القائده ۽ لشڪر جهنگوي ۽ اهڙين بين طاقتن جي پسمنظر ۾ ڏسجي ٿو. ساڳئي وقت جڏهن انهن جي سڌي يا اڻ سڌي حمايت ڪندڙ ڌرين کي سامهون رکجي ٿو ته اهو چوڻ تي مجبور ٿي وڃجي ٿو ته ايندڙ وقت ۾ ڪڏهن به پاڪستان تي اهي ڌريون ”ٽيڪ اوور“ ڪري سگهن ٿيون. هن سڄيءَ صورتحال کي ”پوسٽ بينظير ڀٽو مارٽدم سيناريو“ چئي سگهون ٿا. جڏهن رياست جي پنهنجي سلامتيءَ ۽ بقاء کي اندروني توڙي ٻاهريون طاقتون خطري طور سامهون آهن. هن وقت وڏي ۾ وڏو سوال اهو آهي ته آخر ڪهڙي پاسي تي بيهجي. جڏهن انهيءَ سوال تي سوچجي ٿو ته پيپلزپارٽيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو به آپشن نظر نه ٿو اچي. ڇاڪاڻ ته ٻيون سڀ ڌريون پنهنجي سياسي صفبنديءَ ذريعي جيڪو نظام لاڳو ڪرڻ چاهين ٿيون اهو ڪنهن به طرح نه ته هن ملڪ ۽ ان ۾ رهندڙ مختلف صوبن جي عوام لاءِ فائديمند آهي نه ئي سڄيءَ دنيا ۾ اهڙي نظام کي اڳ ڪا قبوليت ملي سگهي آهي.

---

**بينظير ڀُٽي جي شهادت کان پوءِ پاڪستان ۾ جمهوريت وارو سوال مُنجهيل صورت ۾ ۽ هڪ غير يقيني دائري ۾ بيٺل نظر اچي ٿو. اڄ جڏهن هي سٽون لکجي رهيون آهن تڏهن پاڪستاني رياست تمام وڏن بحرانن ۽ مسئلن ۾ ڦاٿل نظر اچي ٿي، جن مان انتهاپسندي ۽ دهشتگردي اهم ترين مسئلا آهن.**

---

هيءَ ڳالهه چٽي ڪجي ته اسين مٿي پيپلزپارٽيءَ جي سياسي ڍانچي بابت ڳالهائي رهيا هئاسون، جيڪو پروگريسو، عوام دوست ۽ سيڪيولر نوعيت جو آهي، جيتوڻيڪ هن وقت پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت جي ڪيترين ئي پاليسين سان اختلاف رکي سگهجي ٿو. ان هوندي به اِهو چوڻ هڪ صحتمند رويو نه چئبو ته پيپلزپارٽيءَ جي سياسي اهميت ۽ ان جي عوامي پسمنظر کان انڪار ڪيو وڃي! مٿي جنهن ڍانچي جي ڳالهه ڪئي وئي ان جي تياري ۽ نفاذ جي سلسلي ۾ سڄو ڪريڊٽ ٻن شخصيتن ذوالفقار علي ڀٽي ۽ بينظير ڀٽي جي

ڪاتي ۾ وجي ٿو. ائين بہ آهي تہ هن پارٽيءَ جي اڳواڻن توڙي ڪارڪنن، پيپلزپارٽيءَ جي انهيءَ ڍانچي کي هڪ جمهوري ماڊل طور لاڳو ڪرڻ لاءِ ڪيتريون ئي قربانيون ڏنيون آهن ۽ محنتون ڪيون آهن. تنهن هوندي بہ بنيادي حيثيت وري بہ شهزادي محترمہ بينظير ڀُٽي ۽ ذوالفقار علي ڀُٽي جي ليکي ويندي جن هن ملڪ ۽ هن جي مختلف صوبن ۾ رهندڙ عوام جي ترقي، خوشحالي، عزتِ نفس ۽ انهن جي سک لاءِ پنهنجون جانيون بہ قربان ڪري ڇڏيون.

**ذوالفقار علي ڀٽو سنڌ جائو هو ۽ هن جي حصي ۾ اها ڳالهہ اچي ٿي تہ هُن هِن ملڪ کي پهريون ڀيرو باقاعدہ عالمي سطح جي سڃاڻپ ڏني. ذوالفقار علي ڀُٽي کان اڳ ۾ پاڪستان جي ڪا گهڻي پذيرائي نہ هئي. جڏهن سنڌس سحرانگيز ۽ جادوئي شخصيت ۽ پنهنجي ڪمال صلاحيتن جي اظهار سان هن خطي توڙي عالمي سطح تي پنهنجا اثر ظاهر ڪرڻ شروع ڪيا تڏهن پاڪستاني رياست کي ”ڀٽي جو پاڪستان“ جي نالي سان سڏيو ويو.**

ذوالفقار علي ڀٽو سنڌ جائو هو ۽ هن جي حصي ۾ اها ڳالهہ اچي ٿي تہ هُن هِن ملڪ کي پهريون ڀيرو باقاعدہ عالمي سطح جي سڃاڻپ ڏني. ذوالفقار علي ڀُٽي کان اڳ ۾ پاڪستان جي ڪا گهڻي پذيرائي نہ هئي. جڏهن سنڌس سحرانگيز ۽ جادوئي شخصيت ۽ پنهنجي ڪمال صلاحيتن جي اظهار سان هن خطي توڙي عالمي سطح تي پنهنجا اثر ظاهر ڪرڻ شروع ڪيا تڏهن پاڪستاني رياست کي ”ڀٽي جو پاڪستان“ جي نالي سان سڏيو ويو. جڏهن هيءُ ملڪ ٺهيو تہ ان وقت مسلم ليگ صرف اڪيلي پارٽي هئي، پر مسلم ليگ جا نصب العين ۽ هدف واضح نہ هئا، انهيءَ ڪري سياسي انتشار پيدا ٿيو، خاص طور تي اوڀر ۽ اولهہ پاڪستان ۾ ڇڪتاڻ وڌي ويئي. سياسي، معاشي ۽ سماجي بحران وڌي ويا، جنهن جو نتيجو اڳتي هلي ملڪ جي ٻنهي حصن جي علحدگيءَ جي صورت ۾ نڪتو. اوڀر ۽ اولهہ پاڪستان جو ورهاڱو درحقيقت مسلم ليگ جي فرقيوار سياست جي ناڪامي هو. مسئلو هيءُ هو تہ جنهن وقت مسلم ليگ گڏيل هندستان جي ورهاڱي ۽ ان جي نتيجي ۾ هندستان جي مسلمان اقليت لاءِ ڌار نصب العين جي وڪالت ڪئي ٿي ۽ جڏهن هنن اهو نصب العين حاصل بہ ڪري ورتو تہ هنن وٽ باقي ڪرڻ لاءِ ڪجهہ نہ هو، يعني هڪڙي نصب العين کان پوءِ ٻيو نصب العين ڪو نہ هو، جنهن جي نتيجي ۾ اوڀر ۽ اولهہ پاڪستان جي وچ تي سياسي اختيارن ۽ معاشي برابريءَ تان اختلاف بہ اڀري سامهون آيا، پر وڏي ۾ وڏو مسئلو هيءُ هو تہ عوام جي رياست ۾ ڪا بہ دلچسپي نہ رهي، اهو پوريءَ طرح ويڳاڻپ ۾ هليو ويو. ماڻهن جي اهڙي ويڳاڻپ ذوالفقار علي ڀٽي اچي ختم ڪئي، جنهن عوام جي نالي ۾ پيپلزپارٽي ٺاهي ۽ هن اهو نعرو ڏنو تہ طاقت جو سرچشمو عوام آهي. جهڙيءَ ريت ذوالفقار علي ڀٽو عوامي تصور ۽ پسمنظر واري سياست جو خاڪو ڪڍي آيو ائين اڳي ڪڏهن بہ نہ ٿيو هو. ملڪ جي سيني وفاق ٺاهيندڙ ڌرين جو عوام رڍن ۽ ٻڪرين جي هڪ ڌڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو، جيڪو هر طرح جي رياستي ۽ سياسي عمل کان پري

رکيو ويو هو. ذوالفقار علي ڀٽي جي هن پارٽيءَ کي مقبوليت انهيءَ ڪري ئي ملي جو اُن پنهنجو اساس (پيڙهه) عوام کي ئي ڄاڻايو. ڀُٽي جي دور ۾ عوام جي ترقيءَ جا ڪيترائي پروگرام شروع ڪيا ويا، مزدورن جي اجوري تي نظرثاني ڪئي وئي، اڌ بٽئيءَ جو قانون پاس ڪري هارين کي طاقتور بڻايو ويو، ملڪ ۾ اڻاٺن ناهڻ جي مهم شروع ڪئي وئي ۽ ڪيترائي صنعتي يونٽ شروع ڪيا ويا ۽ معاشي سرگرميءَ کي وڌائڻ ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ نيون نيون رٿائون شروع ڪيون ويون. انهيءَ ڏس ۾ قيصر بنگاليءَ جي هن موقف سان جيڪو هن ڪجهه وقت اڳ ڊان اخبار ۾ پنهنجي لکيل مضمون ۾ پيش ڪيو هو سهمت تي سگهجي ٿو ته ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ پاڪستان هڪ معاشي رياست هو، جڏهن ته اهو ان کان پوءِ هڪ ’سڪيورٽي‘ رياست بڻجي ويو.

ذوالفقار علي ڀٽي جو هڪ ڪارنامو هيءُ به هو ته هن پاڪستان کي پهريون باضابطا آئين ڏنو. انهيءَ کان اڳي پريا 26 سال هيءُ ملڪ عارضي آئيني انتظامن وسيلي هلايو تي ويو. هڪ وڏيءَ سازش وسيلي ذوالفقار علي ڀُٽي کي دار جي تختي تي رسايو ويو، ڇاڪاڻ ته هن جي شخصيت هڪ خوشحال پاڪستان جو خواب ڏنو هو، جنهن ۾ عوام کي وڏي ۽ بنيادي اهميت حاصل هئي. ذوالفقار علي ڀٽي جو عدالتي قتل هڪ وڏي بين الاقوامي سازش جو نتيجو هو. هن کي راهه تان هٽائي اهو سمجهيو ويو ته هاڻ هن ملڪ تي قبضي ڪرڻ جو رستو ڪليل آهي، پر اها سڀني غير عوامي ۽ غيرجمهوري قوتن جي غلط فهمي هئي، ڇاڪاڻ ته ذوالفقار علي ڀٽو، هڪ مستقل عوامي ۽ سماجي قدر جي صورت اختيار ڪري عوام جي ذهنن ۾ گهرُ ڪري ويو. هو هڪ ازم يا نظريي جي صورت اختيار ڪري ويو هو ۽ جنهن جي مالڪي ۽ وارثي عوام تي ڪئي، ان ڪري ڪيس مارڻ ڏکيو هو. ذوالفقار علي ڀُٽي جي شهادت کان پوءِ پيپلزپارٽيءَ کي قيادت وارو مسئلو سامهون نه رهيو، ڇاڪاڻ ته سندس وڏ ور ڌيءُ محترمه بينظير ڀٽو موجود هئي، جنهن جي تربيت ڀُٽي صاحب وڏي پيار ۽ ڌيان سان ڪئي هئي.

ڀٽي صاحب، بينظير ۾ ڪيترين ئي صلاحيتون ڏٺيون هيون، جنهن جو اظهار هن قاسيءَ کان اڳ ڪال ڪوٺڙيءَ مان بينظير ڀٽو کي لکيل هڪ تفصيلي خط ۾ ڪيو هو، جيڪو هن سندس سالگرهه جي نسبت سان لکيو هو: ”تو ۽ اندرا گانڌيءَ ۾ هڪ شيءِ ساڳي آهي ته اوهان ٻئي هڪ جيترين بهادر آهيو، اوهان ٻئي رُڪَ جون نهيل آهيو، يعني ٻنهي جي ارادي جي قوت رُڪ جهڙي آهي. پر تنهنجي صلاحيت ۽ ذهانت توکي ڪيڏانهن وٺي ويندي. عام طرح اها صلاحيت ۽ ذهانت توکي اعليٰ ترين ماڳ تي رسائيندي.“

انهيءَ اقتباس مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته ڀُٽو صاحب، محترمه بينظير ڀٽو جي نه رڳو ارادي جي قوت تي ڀروسو ڪندو هو، پر انهيءَ سان گڏ هو سندس خداداد صلاحيتن ۽ ذهانت جو به قائل هو.

ڀٽو صاحب هڪ صاحبِ بصيرت سياسي مدبر ۽ مفڪر هو، هن گهڻو اڳتي پيش ايندڙ واقعا ۽ منظر پنهنجي سياسي صلاحيتن ۽ ذهانت جي اعتراف ڪرڻ ڪان پوءِ به هيءُ چوڻ تي مجبور ٿيو: ”پر اسان اهڙي سماج ۾ زندگي گذاري رهيا آهيون، جتي ذهانت ۽ صلاحيت هڪ خامي ڳڻجي ٿي ۽ ساهه گهٽيندڙ معمولي قسم جي ذهانت هڪ اثاثو ڳڻي وڃي ٿي. سواءِ تنهنجي پيءُ جي، قائداعظم ۽ شايد سهروردي، جي هن ملڪ تي حڪومت شعبدي بازن ۽ ڪپتانن ڪئي آهي.“

ذوالفقار علي ڀٽي اهو ڄاتو ٿي ته سندس سلڇڻي، سدوري ۽ لاڏڪوڏ سان پاليل ڌيءُ جي چوڏاري باهه ٻاري وئي آهي. اهو ڄاڻندي به هن ڪيس چيو ته جهڙيءَ ريت الله جي جنت ماءُ جي پيرن هيٺان آهي، تهڙيءَ ريت سياست جي جنت عوام جي پيرنِ هيٺان آهي. انهيءَ ڪان سواءِ ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي هن ڀرپور صلاحيتن واري ڌيءُ کي مٽيءَ جي خوشبوءِ جو پيغام پڻ ڏنو: ”تون تيستائين وڏي نه ٿي سگهين ٿي، جيستائين تون ڌرتيءَ کي چُمڻ لاءِ تيار نه هجين يعني عاجزيءَ وارو رويو اختيار نه ڪرين. تون ڌرتيءَ جو بچاءُ ان وقت تائين نه ٿي ڪري سگهين جيستائين تون مٽيءَ جي خوشبوءِ ڪان واقف نه هجين.“ انهيءَ عوام جي پيغام ۽ ڌرتيءَ جي پيغام ڪان پوءِ ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي ساڳئي ئي مشهور خط ۾ پنهنجيءَ هن ڀاڳڀري ڌيءُ کي هڪ تهذيبي نياپو به ڏنو هو: ”آءٌ پنهنجو هٿ به ٻاهر نه ٿو ڪڍي سگهان! ان ڪري آءٌ توکي عوام جو هٿ تحفي ۾ ڏيان ٿو. آءٌ تولاءِ ڪهڙي تقريب منعقد ڪري سگهان ٿو؟ مان توکي هڪ مشهور نانءَ ۽ هڪ مشهور يادگيريءَ جي تقريب جو تحفو ڏيان ٿو ته تون هڪ قديم ترين تهذيب جي وارث آهين.“

ذوالفقار علي ڀٽي جي هن بهادر، اڏول ۽ رُڪ جهڙي ارادي جي سگهه رکندڙ ڌيءُ پنهنجي پيءُ جي شهادت ڪان پوءِ سندس ڇڏيل مشن کي اڳتي وڌايو ۽ اهڙيءَ ريت جو ڪنهن کي به ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪمي محسوس نه ٿي، ڇاڪاڻ ته ملڪ جي ماڻهن بينظير ڀٽو ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي تصوير ڏٺي ٿي. ڀٽي صاحب جي شهادت ڪان پوءِ وارو زمانو بينظير ڀٽي لاءِ حقيقي امتحانن جو زمانو هو، جڏهن سندس خاندان سميت گرفتاري عمل ۾ آئي ۽ رياستي جبر جو هڪ نه ڪٽندڙ سلسلو هلي نڪتو. انهيءَ سڄي صورتحال کي محترمه بينظير ڀٽي پنهنجي ڪتاب ‘Daughter of the East’ ۾ بيان ڪيو آهي، جيڪو 1979ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت ڪان پوءِ 70 ڪلفٽن مان گرفتاريءَ ڪان وٺي سندس ملڪ جي پهرين عورت وزيراعظم ٿيڻ تائين وارا سمورا تفصيل پنهنجي پاڻ ۾ سموهي ٿو.

محترمه بينظير ڀٽي جو شمار ٿين دنيا جي عظيم سياسي اڳواڻن ۽ عالمي سطح جي مشهور ۽ ڀهڳڻين عورتن ۾ ٿئي ٿو. جيڪڏهن هن جي ڪنهن مشهور عوامي پارٽيءَ کي سربراهه هئڻ وارو واقعو ڪنهن

ترقي ڪيل ملڪ ۾ پيش اچي ها، ته اهو ڪو اچرج ڏياريندڙ واقعو نه هجي ها، پر هوءَ هڪ اهڙي سماج ۾ جائي هئي جتي عورتن کي ذاتي ملڪيت تصور ڪيو ويندو هو/آهي، جتي عورتون صرف گهر جي در مان ليئو پائڻ تي ڪهاڙين مان ڪٽيون وينديون هيون/آهن، جتي عورتن ۽ ڇوڪرين کي تعليم ڏيارڻ بي عزتي سمجهيو ويندو هو/آهي، جتي عورتن کي گهر جي سونهن ۽ ٻارن ڄڻڻ جي مشين سڏيو ويندو هو/آهي. جتي گهرو توڙي زندگيءَ جي ڪنهن به معاملي ۾ عورت کان ڪا به راءِ نه ورتي ويندي هئي/آهي، جتي عورتن کي ضنف نازڪ قرار ڏئي، سندن صلاحيتن کان انڪار ڪيو ويندو هو/آهي، جتي عورت جي ملازمت ڪرڻ کي سٺو نه سمجهيو ويندو هو ۽ ان تي تهمتون مڙهيون وينديون هيون/آهن ۽ ان لاءِ افسانا گهڙيا ويندا هئا/آهن. هڪ اهڙي پٺتي پيل دنيا جي تبديلين ۽ نين روشنين کان ڪٽيل سماج ۾ هڪ عورت اُتي ملڪ جي سيني ماڻهن، مرد توڙي عورتن جي سربراهي ڪري ته نه رڳو جاگيرداراڻي سماج کي برقرار رکندڙ قوتن تان اها ڳالهه ڳري ٿي گذري، پر ان سان گڏوگڏ مذهبي ۽ شرعي سَند رکندڙ لاءِ به اهو معاملو ڪنهن شر يا باطل جي علامت کان گهٽ نه هو. اهوئي سبب آهي جو جڏهن ضياء شاهيءَ سان لڳاتار ٽڪر کائڻ کان پوءِ هڪ عوامي، جمهوري ۽ ماڻهن جي چونڊيل حڪومت جي اچڻ جا آثار پيدا ٿيا ۽ جڏهن شهيد سنڌ راڻي محترمه بينظير ڀٽي جي اسلامي دنيا جي پهرين عورت وزير اعظم ٿيڻ جا آثار چٽا ٿيا، ته گهڻن اهي فتوائون جاري ڪيون ته هڪ اسلامي رياست جي اڳواڻ ڪا عورت نه ٿي ٿِي سگهي. هيءَ هڪ وڏي خوشنصيبيءَ جي ڳالهه چئبي جو ملڪ جو قانون ۽ آئين اهڙي ڪنهن رجعت پسند ۽ پوئتي پيل تصور کي پنهنجي ڪنهن به نقطي ۾ جاءِ نه ٿي ڏني، نه ته شايد اهڙي فتوا هڪ اصول جي حيثيت اختيار ڪري وڃي ها.

ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته محترمه بينظير ڀٽو پاڪستان جي هڪ وڏي سياستدان هئي. سياسي مفڪر ۽ مدبر هئي. اهو ئي سبب آهي جو، پنهنجي شهادت ٿائين هوءَ پنهنجي شهيد پيءُ کان شهرت ۽ مقبوليت ۾ بلڪل به گهٽ نه هئي. پر اسين بينظير ڀٽي کي هڪ سياستدان جي روپ ۾ يا هڪ عوامي پارٽيءَ جي سربراهه جي حيثيت ۾ ڏسنداسين ته سندس شخصيت جو پوريءَ طرح احاطو نه ڪري سگهنداسين. سندس شخصيت جا ڪيترائي پهلو آهن، جيڪي گهڻا اتساهيندڙ، من ۽ ذهن ۾ اُڀار پيدا ڪندڙ آهن. جيڪڏهن اسين هن کي هڪ عورت جي روپ ۾ ڏسون ٿا ته هوءَ اسان کي سڀ کان پهرين هڪ سلڇڻي ۽ سدوري ڌيءُ نظر اچي ٿي. هڪ ڌيءُ هئڻ جو حق جيئن اسان جي ڀيڻ محترمه بينظير ڀٽي ادا ڪيو، اُن جو مثال دنيا ۾ ملڻ مشڪل آهي. ذوالفقار علي ڀٽو يا ڀٽو خاندان ملڪ جي وڏن شاهوڪار ماڻهن/ گهراڻن مان هڪ هو. جيڪڏهن محترمه بينظير ڀٽو

سياست نہ ڪري ها پر پنهنجي ابن ڏاڏن جون چڏيل ملڪيتون ۽ ٻيا ڪاروباري معاملا وڃي سنڀالي ها تہ بہ هُن کي هڪ ڪامياب عورت چئي سگهجي ها، پر جيڪڏهن هوءَ جوانيءَ ۾ ئي ٻين انيڪ عورتن وانگي پنهنجي ئي خاندان اندر شادي ڪري ٻار ٻچا پالي ها تہ بہ اها سندس مرضي ليکي وڃي ها. بينظير ڀٽو، جنهن کي ذوالفقار علي ڀٽي صلاحيتن پري ۽ ذهين ڌيءُ پئي ڪوٺيو، اُن جاتو پئي تہ هڪ ڌيءُ جو فرض هوءَ تڏهن ئي نڀائڻ ۾ ڪامياب ٿيندي جڏهن هوءَ پنهنجي پيءُ جي ڇڏيل ملڪيتن بدران سندس سياسي اثاثن جي وارث بڻبي. ۽ سڄيءَ دنيا ڏٺو، جهڙي نموني هڪ ڌيءُ جي حيثيت ۾ محترمہ بينظير ڀٽو پنهنجي پيءُ جي سياسي وارثي ڪئي ۽ ان جي ڇڏيل مشن کي اڳتي وڌايو، اهو هتي ڪنهن بہ طرح لفظن ۾ بيان ڪري نہ ٿو سگهجي. ان لاءِ اهو چوڻ ڪافي ٿيندو تہ شل سنڌ جي ۽ دنيا جي هر ڪنهن پيءُ کي اهڙي ڌيءُ نصيب ٿئي جيڪا نہ رڳو سندس نانءُ روشن ڪري، پر انهيءَ جي مقصد سان اهتري محبت ۽ لڳاءُ رکي جو پنهنجي جان جي بہ ڪا پرواهہ نہ ڪري.

هڪ عورت جي حيثيت ۾ محترمہ بينظير ڀٽي جو ٻيو روپ هڪ گهرڌياڻيءَ وارو آهي. انهيءَ معاملي ۾ هن اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ هوءَ پنهنجن فيصلن ۾ آزاد ۽ صاحبِ راءِ هئي. اها ڳالهہ ريڪارڊ جي آهي تہ محترمہ مٿان اهو تمام گهڻو دٻاءُ هو تہ هوءَ پنهنجي ڪٽنب مان وهانءُ ڪري، ان ڪان سواءِ هن

سدا ملوڪ ۽ سون ڳڻن سان ٽمٽار شخصيت سان شادي ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي وڏن ۽ مشهور سياسي گهراڻن جا فرد خواهشمند هئا، پر هن هڪ آزاد ۽ خودمختيار روح وانگي پنهنجي زندگيءَ جو هيءُ اهم ترين فيصلو پاڻ ڪيو ۽ آصف علي زرداريءَ کي پنهنجي ور طور چونڊيو، جيڪو تنهن زماني ۾ ڪا وڏي شخصيت نہ هو، پر بينظير ڀٽي جي اهڙي فيصلي کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهجي. سندس شهادت کان پوءِ آصف علي زرداري نہ رڳو سندس ڇڏيل مشن کي اڳتي وڌايو آهي، پارٽيءَ کي منظم ڪيو آهي ۽ ساڳين پاليسين کي اڳتي وڌائڻ جون ڪوششون وٺي رهيو آهي، جن کي محترمہ اڌ ۾ ڇڏي وئي هئي. پر ان سان گڏ پاڪستان جو صدر بہ بڻيو آهي.

پيپلزپارٽيءَ جون پويون بہ حڪومتون ان ڪري گهڻو جٽاءُ نہ ڪري سگهيون جو انين ترميم جي آڙ ۾ صدر جي مسند تي ويٺل فردن سندس حڪومتن کي گهر پيڙو ڪري ڇڏيو.

هن ڀيري جڏهن پيپلزپارٽي عام چونڊن ۾ کٽي آئي تہ انهن کي پوين حڪومتن جي گهر پيڙي ٿيڻ جا تجربا سامهون هئا. پهريون ماڻهو فاروق لغاري هو جنهن کي محترمہ بينظير پارٽيءَ.جو وفادار سمجهي صدر بڻايو، پر اڳتي هلي هن ان ئي ڏار کي وڍيو جنهن تي هو ويٺو هو يا ڪيس وهاريو ويو هو. جڏهن تہ ٻيهر اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ پيپلزپارٽيءَ کي اسحاق خان

صدر طور قبولڻو پيو، جيڪو اڳي ئي آئين جي آڌار تي انهيءَ سيٽ تي ’براجمان‘ هو. هن پيري پارٽي قيادت جي مشوري سان آصف علي زرداري صدر بڻيو ته جيئن آئيني مدي ڪان ۽ سنڌس حڪومت جي خاتمي جو امڪان نه رهي. هاڻوڪين حالتن ۾ اها ڳالهه چٽي نظر اچي رهي آهي ته جيڪڏهن مخصوص حلقن پاران ڪا به روايتي غير جمهوري سازش نٿي ٿئي ۽ ان جي نتيجي ۾ هن عوامي حڪومت جو تختو اونڌو نٿو ڪيو وڃي ته نه رڳو هيءَ حڪومت پنهنجو آئيني حڪومتي مدو پورو ڪري سگهندي، پر ان سان گڏ اڳين چونڊن ۾ به سنڌس ٻيهر چونڊجي اقتدار تي اچڻ جا امڪان روشن هوندا. اهڙيءَ طرح اهو چئي سگهجي ٿو ته آصف علي زرداريءَ جي صدر ٿيڻ سان پيپلزپارٽيءَ جي وڏي عرصي تائين حڪومت ۾ رهڻ ۽ اهڙيءَ ريت عوام جي صحيح خدمت ڪرڻ ملڪ ۾ جمهوريت ۽ جمهوري ادارن کي مضبوط ڪرڻ ۽ ملڪ کي ترقي ونرائڻ جا امڪان گهڻا وڌي ويا آهن. آصف علي زرداري جنهن همت ۽ بردباريءَ جو مظاهرو ڪري پارٽيءَ جي قيادت سنڀالي آهي ۽ انهيءَ جي صفن ۾ سڏائي ۽ ضابطو برقرار رکيو آهي انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو ته محترمه بينظير ڀٽي جو آصف زرداريءَ کي ور چونڊڻ وارو فيصلو درست هو.

اهڙيءَ ريت اسان ڏسون ٿا ته محترمه بينظير ڀٽو هڪ اهڙي ماءُ به هئي. جنهن هر طرح سان پنهنجي ٻارن جي تربيت ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي. هوءَ هڪ ڪل وقتي سياستدان هئي. هن جون سياسي مصروفيتون بي انتها هيون، ان هوندي به هن ڪڏهن به پنهنجي ٻارن تان پنهنجيءَ ممتا جي ڇانوَ هٽڻ نه ڏني، خاص طور انهيءَ سلسلي ۾ سنڌس جلاوطنيءَ وارو عرصو جيڪو لڳ ڀڳ 1997ع کان شروع ٿئي ٿو، اهم آهي. پرڏيهه ۾ رهندي هن پنهنجي گهريلو زندگيءَ تي به تمام گهڻو ڌيان ڏنو. ٻارن جي تربيت ڪئي، ايتري تائين جو هن پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو ته هوءَ پنهنجي ٻارن کي هوم ورڪ پڻ ڪرائيندي هئي ۽ پنهنجي هٿن سان رڌپچاءُ به ڪندي هئي. جيئن ته هوءَ بنيادي طرح هڪ حساس عورت هئي ۽ شين، لقائن ۽ حالتن جي گهرائيءَ تائين وڃي رسندي هئي. انهيءَ ڪري جلاوطنيءَ لاءِ به سنڌس رايو اهو هو ته قدرت جي اها مرضي آهي ته هوءَ وڌ ۾ وڌ پنهنجي ٻارڙن سان وقت گذاري ۽ سندن تربيت ڪري.

محترمه بينظير ڀٽي پنهنجي ٻارڙن جي ڪهڙيءَ ريت تربيت ڪئي، انهيءَ جو اظهار تڏهن ٿيو جڏهن سنڌس ٿيڄهي جي موقعي تي سنڌس پٽ بلاول، ميڊيا جي سامهون اچي ڳالهايو. هڪ ڳڀرو جوان، جنهن پنهنجي بلوغت واري وهيءَ ۾ مس پير رکيو هجي انهيءَ جي جرات ۽ اعتماد کي ڏسي اهو

ويساهہ ٿيو تہ هُن پنهنجي ٻارن جي تربيت ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏي آهي. هن نہ صرف پنهنجن ٻارن کي اخلاق جا سبق ۽ دنيا ۾ اٿي وهڻ جا طريقا سمجهايا پر سندن سياسي تربيت بہ ڪئي، اهو ئي سبب هو جو سنڌس ٽيجهي جي موقعي تي سندس همر شڪل پٽ بلاول هيءُ تاريخي جملو ڳالهايو تہ: "Democracy is the best revenge" يعني "جمهوريت ئي اعليٰ ترين انتقام آهي." هن ننڍي عمر جي نوجوان جي واتان اهي لفظ نڪرڻ، ڪنهن اوچتي اڌمي جي اپٽار نہ هئي، پر ان جملي جو هڪڙو ڊگهو پسمنظر آهي، جنهن ۾ اهي سيئي ڏينهن هڪ محرڪ طور موجود آهن، جن ۾ محترمہ بينظير ڀٽو پنهنجي مويي ۽ سڪيلڊي پٽ سان ويهي سياست جي موضوع تي ۽ ان جي پيچيدگين تي پيرائتو ڳالهايو هو. جڏهن بلاول ڀٽو زرداري اڃا پنهنجي اوسر وارن ڏهاڙن ۾ هوتہ سندس والد جيل پئي ڪاٽيو. انهيءَ سموري عرصي دوران محترمہ بينظير ڀٽي هڪ ئي وقت پيءُ ۽ ماءُ جي ٻٽي ذميواري ڪنئي ۽ انهيءَ کي ان ريت نڀايو جيئن ذميوار پيءُ ماءُ کي پنهنجون ذميواريون محسوس ڪرڻ کپن. محترمہ جي هڪ ڪامياب ماءُ هئڻ جو ڪاتو اُتان بہ ڪري سگهجي ٿو جو سنڌس اولاد، سنڌس ئي محبت ۽ شفقت کي ڏسندي اهو اعلان ڪيو تہ کين ڀٽو زرداري ڪري سڏيو وڃي. انهيءَ معاملي کي گهڻو غلط نموني اُپار ڏنو ويو ۽ هڪ پٽ جي پنهنجي ماءُ سان لڳاءُ کي سياسي پسمنظر ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. جنهن وقت ۾ ان مسئلي تي ميڊيا ۾ گرما گرم بحث هلي رهيو هو، تڏهن محترمہ عرفانہ ملاح پنهنجي هڪ ڪالم 'واويلا وٺڪار'، جيڪو عبرت اخبار ۾ ڇپيو هو، ان ۾ هيءُ بهترين ۽ ڪنهن حد تائين منطقي ڳالهہ ڪئي هئي تہ "بينظير ڀٽي جي عظمت تي ان جي ٻارن کي بہ حق آهي. جيڪڏهن هن پنهنجي ماءُ جي محبتن کي مڃتا ڏيندي پنهنجي نالي پويان سنڌس ذات (ڀٽو) لڳائڻ جو فيصلو ڪيو آهي تہ ان کي واڪائڻ گهرجي. آخرڪار ماءُ ٻارن کي ڄڻي ۽ پالي ٿي. هوءَ ٻارن جي شناخت جو پهريون حوالو هئڻ گهرجي. ان حوالي سان بہ ڏسبو تہ پنهنجي ماءُ سان محبت جي اظهار طور جڏهن محترمہ جا ٻار پاڻ سان گڏ 'ڀٽو' جو حوالو ڳنڍين ٿا تڏهن بہ محترمہ بينظير ڀٽي جي تربيت ظاهر ٿئي ٿي. هڪ ماءُ لاءِ ڇا اها ڳالهہ وڏي فخر جي نہ هوندي تہ سنڌس ٻار سنڌس ئي ذات سان سڃاتا وڃن. اهو بہ هڪ اهڙي سماج ۾، جتي هڪ عورت جا سڀ گهريلو، سماجي ۽ انساني ۽ اخلاقي حق اهڙي نموني غصب ڪيا ويا هجن جو انهن جي هڪ عورت ڏانهن واپسيءَ وارو سوال جڻ تہ مرداڻي سماج جي ڪڏهن بہ ترجيح تي ايندو ئي نہ."

ساڳئي نموني، جڏهن اسين ڪيس هڪ پيڻ ۽ پڪيءَ طور ڏسون ٿا ۽ جاچيون ٿا تڏهن بہ اسان کي اهو ميٺو پوي ٿو، تہ هوءَ پنهنجي انهيءَ عورتاڻي حصي ۾ بہ سوڀاري هئي.

هوءَ هڪ اهڙي بهادر عورت/ڀيڻ هئي. جنهن نہ رڳو پنهنجي پيءُ کي دفن ٿيندي ڏٺو هو، پر پنهنجي ڀائرن جا لاش بہ پاڻ کڻائي وڃي دفنايا هئا. هڪ بهادر ڀيڻ اڳيان پنهنجن جوان ڀائرن جا لاش ڪيس هوش مان ڪڍي ڇڏڻ لاءِ ڪافي هوندا آهن. پر هيءَ نيٺ هڪ بهادر پيءُ جي بهادر ڌيءُ هئي، ان ڪري هن پوري ميدان ۾ اڪيلي رهجي وڃڻ ڪان پوءِ بہ همٿ نہ هاري. هن جي يادگيرين تي ٻڌل ڪتاب 'پورب ڄائي' کي پڙهجي تو تہ ان مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ سندس پنهنجي ڀائرن خاص طور تي مير مرتضيٰ ڀٽي سان سندس ڪيتري محبت هئي. ان جا مثال متي حوالي ڏنل ڪتاب ۾ هنڌين ماڳين موجود آهن. هڪ ڀڄيءَ جي حيثيت ۾ هن جي مير مرتضيٰ جي ٻارن خاص طور تي فاطمہ ڀٽي سان تمام گهٽي دل هئي. انهيءَ ڏس ۾ جنگ اخبار ۾ ڇپيل نذير لغاريءَ جو آرٽيڪل اهم آهي، جنهن ۾ هن ڄاڻايو آهي تہ فاطمہ جي سخت رويي جي ڪري بينظير ڀٽو اسان جي اڳيان روئي رهي هئي. جڏهن تہ خود فاطمہ ڀٽي ساڳيءَ اخبار ۾ ڇپيل هڪ ڪالم پڻ انهيءَ ڏس ۾ اسان جي رهنمائي ڪري ٿو تہ ساڻس پنهنجي ڀڄي محترمہ بينظير ڀٽي جي ڪيتري محبت هئي، جيڪا ڪيس ننڍيءَ عمر ڪان گهمائڻ ڦيرائڻ ويندي هئي ۽ ڪيس چاڪليٽ وغيره وٺي ڪارائيندي هئي. اهو آرٽيڪل اها شاهدي ڏئي ٿو تہ هڪ ڀڄيءَ جي حيثيت ۾ بہ محترمہ پنهنجو فرض خوب نڀايو هو.

اسان ڏسون ٿا تہ سياست ۾ هڪ سنڌي عورت جو اچڻ ۽ ان جو نہ رڳو ملڪي سياست بلڪ عالمي سياست تي ڇانئجي وڃڻ ۽ سو بہ پاڪستان جهڙي اُڀري ملڪ ۾، وڏو ڪرشمو لڳي ٿو. اڳ پاڪستان جي سياست ۾ عورتن جي شموليت بلڪل نہ هئڻ جي برابر هئي. محترمہ بينظير ڀٽي جي جادوئي شخصيت ۽ سحرانگيز تقريرن گهرن ۾ ويٺل پردي‌دار عورتن کي بہ سياست جي پليٽفارم تي آڻڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو. اهو حقيقت ۾ محترمہ جي سياسي بصيرت ۽ ادراڪ جو ڪمال هو. محترمہ بينظير پاڪستان جي سياست ۾ عورت جي انفرادي ۽ اجتماعي مسئلن کي آندو، عورتن ۾ سياسي ۽ سماجي جاڳرتا پيدا ڪئي ۽ انهن کي پنهنجا حق ڇني وٺڻ ۽ ظالم قوتن سان اکيون اکين ۾ ملائي ڳالهائڻ ۽ جيئڻ سيکاريو. هوءَ هڪ اهڙي تحريڪ هئي جنهن جا ڪي ئي تسلسل ڦٽي نڪرن ٿا. هن جا سمورا خواب پاڪستاني عوام سان لاڳاپيل هئا. ڪالمسٽ نصرت لاشاريءَ جي چوڻ مطابق محترمہ جي ذات سان پاڪستان جي هر هڪ ماڻهوءَ جا سوين خواب لاڳاپيل هئا. هوءَ سوين اميدون، ٻاٽ اونده ۾ روشنيءَ جون اميدون، نئين جمهوري دور جون اميدون، خوشيون، اتساهہ ۽ پيار کڻي آئي هئي.

ظفر جوڻيجو

# بينظير جي شهادت ۽ سنڌ جي وچولي طبقي جو ڪردار

وِل ڊيورانٽ جڏهن منيلا ڪان آمريڪا پئي ويو، ته هن جي دل ۾ خيال آيو، ته انساني تهذيب جون اهي اهم تاريخون ڪهڙيون ٿي سگهن ٿيون، جن تي ٿيندڙ واقعن انساني تهذيب تي گهرا اثر ڇڏيا. هن قبل مسيح کان ويهين صديءَ تائين ڪل 12 تاريخون ڏنيون آهن مصري ڪئلينڊر جو متعارف ٿيڻ گوتم ٻڌ جي وفات، ڪنفيوشس جي وفات، سقراط جو زهر پيالو پيئڻ، بئڪن جي وفات، گٽن برگ پاران ڇاپخاني جي ايجاد، ڪولمبس جو آمريڪا ڳولهي لهڻ، جيمس واٽ پاران ٻاڦ واري انجڻ ناهڻ ۽ فرينچ انقلاب.. مٿئين خيال جي نموني تي جڏهن اهڙي فهرست نندي ڪنڊ بابت ناهي ويندي، ته ان ۾ ٻين ڪيترن ئي واقعن سان گڏ بينظير جي شهادت جو ذڪر پڻ ضرور شامل هوندو. بينظير ڀُٽي جي شهادت اسان لاءِ ائين آهي، جيئن آمريڪين لاءِ ”ورلڊ ٽريڊ سينٽر ٽاور“ جي تباهي، هتي هڪ ڳالهه واضح ڪجي ته بينظير جي شهادت بين الاقوامي سازش جو نتيجو آهي، جنهن ۾ ڪير ڪيئن ۽ ڪيترو ملوث آهي. مستقبل جا تاريخ لکندڙ ضرور انهن، جي نشاندهي ڪندا، انهيءَ پسمنظر ۾ اسان کي سوچڻ گهرجي ته اسين ڪٿي ۽ ڪيئن هڪ باشعور فرد طور پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهون ٿا.



## آدرشن ۽ خوابن ڏانهن واپسي:

1990ع واري ڏهاڪي کان پوءِ سنڌ جي مچي مانيءَ وارو طبقو، سنڌ جي خوشحالي ۽ اجهي واري خواب کي پٺي ڏئي، ڏهاڙيءَ جي ڪمن

ڪي پنهنجي زندگيءَ جو نصب العين سمجهي وينو آهي، اهو طبقو بظاهر خوش ته آهي پر سندس اندر جهُريل ۽ ڏک ۾ ٻڏل آهي. چاڪاڻ ته خوشي ۽ غم جي شدت وقت، جڏهن ڪين پنهنجو ضمير چُهنڊڙي هٽي ٿو ته هو پنهنجي منهن پڇڪن ٿا، "ڇا آئون واقعي انهيءَ خواب تان هٿ ڪڻان، جنهن لاءِ مون پنهنجي جواني ڏني ۽ ٻڌي ڪان ٻُري قيمت ڏيڻ لاءِ به تيار هئس." سچ پچ جڏهن جواب "نه" ۾ اچي ٿو، ته ڪين "يارن جون محفلون" "اسٽيٽسڪو جون ڳالهيون" ۽ سڀ حواسي، حاصلاتون، بي معنيٰ لڳن ٿيون. ان ڪيفيت ۾ هو پنهنجو پاڻ کي اپاڪو ۽ اڪيلو سمجهن ٿا ۽ ان جو حل روحانيت، لاتعلقي ۽ تصوف ۾ ڳولين ٿا. پر حقيقت ۾ ان اضطرابي ڪيفيت مان نڪرڻ جو هڪ ئي طريقو آهي پر پوءِ به اسان کي پنهنجي خواب جي تعمير لاءِ سياست جي سبزباغ ڏانهن واپس هلڻ گهرجي. ڇو ته سياسي عمل ئي اسان جي دردن جو درمان آهي. هيٺ ڪجهه نقطا پيش ڪجن ٿا، جن تي عمل ڪندي، سنڌي وچولو طبقو سنڌ جي قومي زندگيءَ ۾ بنا ڪنهن وڏي جاکوڙ جي تعميري ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

## سياست جو نئون تعارف:

هڪ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته گذريل 20 سالن ۾ دنيا سان گڏ سنڌ به گهڻو تبديل ٿي چڪي آهي، تنهنڪري هاڻي هتي به سياست اسان کان نئين تعارف جي گهُر ڪري ٿي، پر ان کان اڳ اسانَ کي سياست جي اهميت کي سمجهندي، انهيءَ مفروضي کي سچ سمجهڻ گهرجي ته "ڪا به قوم رضاڪارانه طور پنهنجي بقا تان هٿ تڏهن کڻي ٿي، جڏهن اها سياست ڪرڻ ڇڏي ڏئي ٿي." انڪري اسان جي مڃي مانيءَ واري طبقي کي هي "سارو سانگ" سجايو ڪرڻ لاءِ انفرادي توڙي اجتماعي طرح هينيان عملي قدم اهو سمجهندي کڻڻا پوندا، ته هر ننڍڙو يا وڏو ڪم پنهنجن نتيجن ۾ دراصل سياسي هوندو آهي، ان ڪري پهريون عملي ڪم هي آهي ته پنهنجين ڪچهرين، بحث مباحثن ۽ ڳالهين ٻولهين ۾ اسين سياست جي وڪالت ڪريون، ڇو ته سياست ۽ سياسي ادارن جي معرفت ئي قوم جون تقديرون تبديل ٿين ٿيون. سياسي عمل سبب ئي قوم جي ڀلي لاءِ عقلي ۽ عملي واٽون ملن ٿيون ۽ سياسي ادارن ۾ ئي قوم جي مستقل مفادن جون اوليتون طئي ٿين ٿيون. هن وقت تائين سياست ۽ سياسي ڪارڪنن لاءِ 'هو' ۽ 'اسان' جهڙن اصطلاحن هيٺ تنقيد ڪئي وئي آهي، جنهن جو ڪليل لفظن ۾ مطلب آهي: 'هو' يعني سياسي ڪارڪن، جيڪي نااهل، ناڪاره ۽ ڪرپٽ آهن. 'اسين' معنيٰ تنقيد ڪندڙ، جيڪي اهل، ڪارائتا ۽ اشراف آهيون. اهڙي تعارف جو خاتمو تڏهن ٿيندو، جڏهن پڙهيل لکيل ۽ هوند وارو طبقو بهتر سياست ڪندو ۽ ان جي صحيح وڪالت ڪندو.

## مستقل مفادن بابت عام راءِ جوڙڻ:

ڪنهن جي نظريي، پارٽي ۽ اڳواڻ لاءِ ڪا رٿا ناهڻ واسطي يا چڱي راءِ جوڙڻ لاءِ سياسي ڪچهرين، بحث مباحثن، اخباري ڪالمن ۽ نين ڪميونيڪشن ٽيڪنالاجيز جو مکيه ڪردار هجي ٿو، انهن جي افاديت کي نظر ۾ رکندي. جڏهن به موقعو ملي، پنهنجو نقطهءِ نظر قومي

مفادن کي نظر ۾ رکندي ڏيڻ گهرجي، جو تہ ڪوبہ موقف نہ رکڻ بہ دراصل هڪ موقف آهي، پائلو فراري چوي ٿو، ”ڏاڍي ۽ هيٺي جي ويڙهہ ۾ جيڪڏهن ڪو چوي تہ مان اڻ ڌريو آهيان، تہ حقيقت ۾ هو ائين چئي ڏاڍي جو ساٿ ڏئي ٿو.“ انڪري قومي مفادن جي پذيرائيءَ لاءِ عام مقبول اخبارن جا ايڊيٽوريل صفحا ۽ خطن وارا حصا اهم هوندا آهن، جو تہ ايڊيٽوريل واري صفحي ۾ ڪوبہ پنهنجو خيال ڪنهن ليک جي صورت ۾ پيش ڪري سگهي ٿو ۽ خطن جي صورت ۾ اخبارن ۾ ڇپيل ڪنهن بہ خبر ۽ مضمون تي پنهنجا ويچار پيش ڪري سگهجن ٿا، اهڙي طرح اي ميل جي ذريعي پنهنجي مفادن جي پذيرائي ڪري سگهجي ٿي پر اهو سڀ ڪجهہ ايستائين نہ ٿي سگهندو، جيستائين اسان وٽ مستقل مفادن لاءِ ڪو واضح نقطہءِ نظر موجود نہ آهي.

## ٽيڪنالاجيءَ کي اختيار ڪرڻ:

اسان پنهنجو گهڻو وقت لاحاصل بحثن، اجاين اختلافن، هڪ ٻئي کان وڌيڪ اڪابر ثابت ٿيڻ ۽ عمل هيٺ نہ ايندڙ رٿائن تي وڃايو آهي. تنهنڪري اسان مان ڪيترائي رڳو پور پچائن ٿا ۽ منزل جي رڻ ۾ خواهشن جا گهوڙا ڊوڙائيندا رهن ٿا. عمر جو گهڻو حصو ائين گذارڻ کان پوءِ جڏهن وقت وڃائڻ جو احساس ٿئي ٿو تہ اها ڳالهہ بہ سمجهہ ۾ اچي ٿي، تہ وڃايل وقت واپس ڪونہ ايندو، پر پنهنجي مجموعي قومي زندگيءَ ۾ جيڪڏهن ٽيڪنالاجيءَ کي اختيار ڪيون تہ ٿوري وقت ۾ گهڻو ڪجهہ حاصل ڪري سگهون ٿا. جو تہ هڪ ٽيڪنالاجي پنهنجي جوهر ۾ سيڪيولر آهي، ٻيو تہ ان جي ذريعي وقت بچندو ۽ محنت گهٽ ڪرڻي پوندي ۽ ٽيون تہ ٽيڪنالاجي هڪ ڀرپور تنظيم ۽ هنر جي گهر ڪندي، ان ڪانسواءِ ٽيڪنالاجيءَ سبب سماج ۾ فني ڏانءُ ۽ فني تعليم جي شرح وڌندي. اسان جي سماج ۾، فني ڏانوَ جو شاندار مثال ڪيبل آپريٽر ۽ نيٽ ڪيفي هلائيندڙ فرد آهن. جيتوڻيڪ انهن ٻنهي ادارن هلائڻ لاءِ هڪ قابل قبول علمي لياقت گهرجي، پر نوجوان پنهنجي علمي ڏانوَ ۽ تجربي سبب هڪ ڀرپور ڊگريءَ کان سواءِ مٿي ذڪر ڪيل ٻئي ڌنڌا ڏاڍي ڪاميابيءَ سان هلائي رهيا آهن، ان سان گڏ ٽيڪنالاجيءَ سبب ان کي ڪتب آڻيندڙ ۽ ان سان لاڳاپيل فردن وٽ فني لفظن ۽ اصطلاحن جو اضافو ٿي رهيو آهي، جنهن جا هڪ کان وڌيڪ فائدا ٿي رهيا آهن، هڪ تہ ٻوليءَ ۾ لفظن جو اضافو ٿي رهيو آهي ۽ ٻيو تہ فني لٽريسيءَ جي مڪيہ اصطلاحن کان واقف هجڻ سبب ڪين دنيا سان رابطو رکڻ ۾ گهڻي حد تائين آساني ٿئي ٿي، جو تہ ٽيڪنالاجي، خاص ڪري انفارميشن ٽيڪنالاجي دنيا جي ڪجهہ حصن کي ڇڏي هڪ ئي وقت ترقي ڪرڻ سان گڏ هرهنڌ پهچي بہ رهي آهي، انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ سبب هڪ تہ انتظامي ۽ حڪومتي حد بنديون بي معنيٰ ٿي رهيون آهن تہ ٻئي طرف دنيا ۾ فاصلا گهٽجڻ جو احساس بہ وڌي رهيو آهي. جنهن جو شاندار مثال اي ميل ۽ انٽرنيٽ آهي، پر هڪ ڳالهہ ذهن نشين هجڻ گهرجي تہ ٽيڪنالاجيءَ کي ڪتب آڻڻ لاءِ

جيڪڏهن ڪا رٿا ۽ گهربل اهليت ناهي ۽ بنهه ضروري تنظيم نہ آهي تہ ٽيڪنالاجيءَ مان گهٽو فائدو نٿو وٺي سگهجي، انڪري جڏهن بہ ٽيڪنالاجي (ڪار ڪان ڪمپيوٽر تائين) اختيار ڪئي وڃي تہ مقصد کي ضرور مدِنظر رکيو وڃي، چو تہ ٽيڪنالاجي رڳو زيبائش جو اسم نہ آهي، نہ ئي اها ڪا خود منزل آهي، ٽيڪنالاجي تہ منزل طرف ويندڙ راهہ جو وسيلو آهي، انڪري هر دور ۾ هرهنڌ ٽيڪنالاجيءَ اتي فائدو ڏنو آهي، جتي ان کي ڪتب آڻڻ لاءِ گهربل انساني سگهہ ۽ صلاحيت موجود آهي.

## ادارن جي مالڪي:

انهيءَ ڳالهہ تي ڪي بہ بہ خيال موجود نہ آهن، تہ نوان ادارا نهڻ گهرجن، چو تہ هر دور جا پنهنجا معاملا ٿين ٿا ۽ انهن کي حل ڪرڻ لاءِ نوان ادارا ۽ گهربل صلاحيتون هجڻ گهرجن، پر هڪ نقطو ذهن ۾ ضرور رکڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ نئين اداري کي هلائڻ لاءِ وسيلا کپن، يعني وقت، انساني صلاحيتون ۽ ناڻو، هاڻي اهي ٽيئي شيون هڪ هنڌ هڪيون تڪيون تہ حاضر ڪونہ آهن. اهي ڳولٽيون پون ٿيون، ناهٽيون پون ٿيون ۽ حاصل ڪرٽيون پون ٿيون، جنهن لاءِ زندگيءَ جو چڱو خاصو حصو کپي، ان لاءِ ڪوشش ضرور ڪرڻ کپي پر سنڌ جي صورتحال کي ذهن ۾ رکندي هڪ تڪڙي ۽ ٿوري عرصي واري رٿا جلدي شروع ڪرڻ گهرجي، اها رٿا هيءَ آهي تہ سياسي، سماجي، تعليمي ۽ ثقافتي ميدان ۾ اڳوات ڪم ڪندڙ ادارن کي پنهنجون خدمتون انهن تي قبضي ڪرڻ جي خيال ڪان نہ، پر انهن کي بهتر بنائڻ لاءِ هلي وڃي آڇجن. اهڙين رٿائن جا ڪيترائي عملي نمونا ٿي سگهن ٿا. مثال طور ڪنهن هوٽل تي هڪ چانهہ جي ڪوپ تي بہ ڪلاڪہ وڃائڻ بجاءِ ڪنهن اسڪول ۾ رضاڪارانہ طور ڪلاس وٺڻ وڌيڪ بهتر ۽ ڪارائتي مصروفيت آهي. بلڪل ساڳئي طرح بي عمل ماڻهن جي گڏجاڻين ۾ وڃڻ بجاءِ، ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ چڱو ڪم آهي. ڪنهن تعليمي اداري ۾ ڪنهن شعبي جي شاگردن کي رضاڪارانہ طور پڙهائڻ انهيءَ جذبي هيٺ هڪ سڄاڻ فرد طور اسين نہ صرف شاگردن کي پڙهڻ لکڻ ۾ مدد ڪيون پر سندن مسئلن ۾ بہ دلچسپي وٺون. ساڻن گڏ ڪلاس اٽينڊ ڪيون، سندن هاسٽلون ڏسون، سندن ميس ڏسون ۽ پوءِ جيڪڏهن ڪنهن بہ هنڌ ڪي اوڻايون آهن تہ انهن جي نشاندهي ڪريون، اهڙيءَ طرح شاگردن، استادن ۽ انتظاميہ سان هڪ رشتو جڙندو ۽ اڳتي هلي اهڙو جذبو مالڪيءَ جو احساس ڏياريندو. هتي هڪ ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ انهيءَ بظاهر سولي ۽ سهنجي عمل ۾ بہ ڪيتريون ئي مشڪلاتون پيش اينديون، پر جيڪڏهن ارادو پڪو آهي تہ پوءِ واٽون ويهہ آهن، جيڪڏهن انتظاميہ ڪلاس رومن ۾ اچڻ نہ ٿي ڏئي تہ لان ۽ ميدان تي ويهڻ ۽ شاگردن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ کان تہ ڪير بہ ڪونہ روڪيندو، بلڪل ساڳئي طرح ڪنهن ڳوٺ ۽ شهر جي ڪنهن اسڪول ۾ ڪو استاد ڀلي اسان کي اچڻ نہ ڏئي، پر ڪنهن خانگي هنڌ تي ٻارڙن کي پڙهائڻ کان تہ

روڪي ڪين سگهندو، پر اها ڳالهه ياد رکجي ته رضاڪارانه ڪمن جا نتيجا به تڏهن نڪرندا، جڏهن اهي ڪم تڪڙا ۽ وڏي پيماني تي ٿيندا.

## صلاحيتون وڌائڻ:

هڪ ڳالهه عام طرح مشاهدي ۾ آئي آهي ته اسان جي پڙهيل طبقي، خاص طرح نوڪري ڪندڙن ڪي جيڪا هو نوڪري ڪري رهيا آهن، اها پسند ناهي استاد ڪجهه بيو ٿيڻ ٿو چاهي، انجنيئر ۽ ڊاڪٽر ڪي ڪرڻ لاءِ ڪجهه نئون گهرجي. سماجي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ فردن کي ڪجهه بيو ٿيڻو آهي، اهڙيءَ طرح اسان جي سماج جو هڪ وڏو حصو بي دليو مصروف آهي، نتيجي ۾ اهڙو طبقو/ حلقو پنهنجي لياقت آهر نه سماج جي خدمت ڪري ٿو سگهي ۽ نه ئي پنهنجو ڪو مقام ناهي سگهي ٿو، حالانڪ اسان زندگيءَ جي مختلف دورن ۾ قدم سنڀالي ڪٿي سگهون ٿا. اسان وٽ پهريون موقعو مئٽرڪ جو هوندو آهي، جنهن جي بنياد تي اسين انٽرميڊيئيٽ ۾ چڱي ڪارڪردگي ڏيکاري سگهون ٿا، پر جيڪڏهن اهو ڏاڪو به وڃايوسين ته پوءِ بيچلر آرٽس يا سائنس ۾ ڪو ڪارنامو ڪري سگهون ٿا، پر جيڪڏهن اجا به ائين نه ڪري سگهياسون ته پوءِ ماسٽرس جي ڊگري وقت ڪجهه ڪيون، پر جيڪڏهن اسان اهي سڀ موقعا وڃايا آهن ته پوءِ هاڻي نوڪريءَ دوران پنهنجي ڪم کي سمجهون ۽ ان ۾ نالو ڪمايون. جيڪڏهن ڪو اتي به ناڪام ٿيو آهي ته هو پنهنجن ٻارن جو بهتر مستقبل ڏسي ڪا ڪرت اختيار ڪري. جيڪڏهن اسان جو پڙهيل طبقو خاص ڪري نوڪري پيشه ماڻهو ائين نٿا ڪري سگهن ته پوءِ جاڻ جي بنياد تي جڙندڙ سماج ۾ چٽاڀيٽيءَ واري هن دنيا ۾ شايد هو پنهنجي ڪا سماجي حيثيت نه ناهي سگهن. هتي هڪ ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته سنڌ پرست سياست ڪرڻ لاءِ اسان کي باصلاحيت سياسي طرح باخبر ۽ مالي طور پاڻ ۾ مڊل ڪلاس گهرجي ۽ اهڙي طبقي ٺهڻ لاءِ به بنهه ضروري آهي ته اسين اول گهربل صلاحيتون پيدا ڪيون ۽ پنهنجون صلاحيتون مسلسل وڌايون، ڇو ته سياست تي اثرانداز ٿيڻ لاءِ مڊل ڪلاس جي فردن جو هڪ ڪامياب شخصي تعارف هجڻ نهايت ضروري ڳالهه آهي.

## عورتن کي اڳتي آڻڻ ۽ همٿائڻ:

جڳ مشهور سماج سڌارڪ ڊاڪٽر اختر حميد خان چوندو هو ته، ”مان ننڍي کنڊ ۾ صرف ٻن سياسي پارٽين جي عزت ڪندو آهيان، هڪ انڊين نيشنل ڪانگريس جي ۽ ٻيو سنڌياڻي تحريڪ جي“. هو انهن پارٽين لاءِ احترام جو سبب هيءُ ٻڌائيندو هو ته انهن ئي جديد ننڍي کنڊ ۾ عورتن کي متحرڪ ۽ باشعور ڪيو آهي، هونئن به سماجي سائنس ۾ اهو قابل قبول قاعدو آهي ته سياسي سرگرمي ئي هڪ شخص کي سڀ ڪان وڌيڪ بااختيار بڻائيندڙ سرگرمي آهي، ان ڪري عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ اقتصادي طرح پاڻ ڀرو ٿيڻ لاءِ موقعا فراهم ڪرڻ گهرجن، اهڙا قدم شخصي طرح، ڪٽنبي طرح ۽ گڏيل رٿائن هيٺ کڻڻ گهرجن، سچ پچ اسين جيڪڏهن سياسي ۽ سماجي طرح عورتن کي متحرڪ ڪري وياسين ته ان جا سڄي سنڌ تي سگهارا ۽ مثبت اثر پوندا.

*

غلام مصطفيٰ بلوچ

# بي بي بينظيران

”منهنجي پياري ڌيءُ توهان کي خبر آهي- ته هي ڪائنات ڪيئن وجود ۾ آئي؟ هن ڪائنات ۾ ڪيترا سيارا آهن؟ اسان جي زمين به هڪ سيارو آهي. زمين تي حيات ڪيئن رهندي آهي؟ انهيءَ جي فطرت ڪيئن آهي؟“ هي لفظ

هندستان ڏاڍي ترقي ڪئي. هندستان ڪيس پيءُ کان به وڏيڪ مدبر ليڊر سمجهڻ لڳو. سندس تربيت ۾ سندس دانشور پيءُ جو هٿ شامل هو. اندرا گانڌي پنهنجي مرضيءَ سان فيروز گانڌي سان شادي ڪئي. برهمڻ خاندان جي خوبصورت نينگريءَ اندرا جو هي عمل خاندان وارن کي پسند ڪونه هو. پر هندستان ۾ جنهن طبقي جي هو نمائنده هئي انهيءَ ۾ ايتري وسعت ضرور موجود هئي جو نهرو




جواهر لال نهرو جيل مان پنهنجي ڌيءُ اندرا گانڌي کي لکيا هئا. جيڪا ڪشمير ۾ پڙهندي هئي، بعد ۾ اها ننڍڙي اندرا نه صرف هندستان جي پر برصغير جي وڏي ليڊر ثابت ٿي، اندرا گانڌي پنهنجي چاليهن ورهين جي سياسي ڪيريئر ۾ ٽي دفعا هندستان جي وزيراعظم ٿي، سندس دور حڪومت ۾

خاندان اها شادي قبول ڪئي. ساڳئي طرح اندرا پنهنجي ٻنهي پٽن سنجي گانڌيءَ جي شادي سک خاتون مانيڪا ۽ راجيو گانڌيءَ جي شادي اطالوي خاتون سونيا گانڌي سان قبول ڪئي. اندرا هندستان جي هندو اڪثريت واري سماج ۾ سيڪيولر هئي، نه صرف ملڪ پر پنهنجي خاندان ۾ به سيڪولر هئي،

هن پنهنجي پوري سياسي ڪيريئر ۾ ٻه وڏيون غلطيون ڪيون. هڪ سکن جي عبادتگاهه گولڊن ٽيمپل تي فوج ڪشي، ٻيو دفعو ايمرجنسي نافذ ڪئي. جنهن سان هندستان ۾ ڏهاڪا راڄ ڪندڙ ڪانگريس شڪست کائي وئي. آخر هڪ ڏينهن اهڙو به آيو جو اندرا گانڌي پنهنجي ئي سک باڊي گارڊن هٿان ماري وئي. هن جي مارجڻ سان هندستان ۾ طوفان اچي ويو. پورو هندستان باهه جي شعلن ۾ وڪوڙجي ويو. سکن جي ملڪيتن تي حملا ٿيا. صرف ٻن ڏينهن ۾ هڪ هزار کان مٿي سک مارجي ويا.

سک جيڪي پنهنجي روايتي انداز سان رهندا آهن اهي پنهنجون پٽڪيون لاهي ڪلين شيو تي رهڻ لڳا. اندرا گانڌيءَ جو موت جڻ سيڪيولرازم کي پاڻ سان دفن ڪري ويو. هندستان انتهاپسنديءَ جي هٿن ۾ اچي ويو. سندس هڪ پٽ هوائي حادثي ۾ ۽ ٻيو پٽ جنگجوئن هٿان مارجي ويو. نهرو جي دانشمندانه تربيت رکندڙ هندستان جي هن اهم اڳواڻ کي اهو ذرو به خيال نه آيو هوندو ته هندوستان جي پُرفضا مقام شملا ۾ پاڪستان جي وزيراعظم سان گڏ جيڪا ڳنڍيءَ جهڙي ڌيءَ گڏ آئي آهي، جنهن کي بار بار وزيراعظم پنڪي ڪري سڏي رهيو آهي. سا به پنهنجي پيءَ وٽ ائين زير تربيت آهي جيئن هوءَ پنهنجي پيءُ وٽ هوندي هئي. تاريخ برصغير جي ٻنهي اهم عورت اڳواڻن کي ساڳي سماجي ٻيهڪ 'مشرقي روايتن' هڪجهڙو نصيب، پر مختلف دور ڏنا. ٻنهي اڳواڻن جي تربيت سندن ڏاهن والدين ڪئي. ٻنهي جا والد وزيراعظم هئا. برصغير جا سياسي اڳواڻ هئا. پر ٻنهي ملڪن جا سياسي طريقا مختلف آهن. هڪ ۾ هميشه جمهوريت ته ٻئي ۾ اڪثر آمريت رهي. هڪ ۾ سياسي انتظامي ادارا وزيراعظم جي تابع ته ٻئي ۾ ادارا پاڻ کي عوامي راڄ کان مٿانهون سمجهندا رهيا آهن. هڪ مهاتما گانڌي جي اهنسا جو ڪلچر رکندڙ ملڪ ته ٻي وري شاهه، سچل، سامي ۽ ڀڳت رام جي صوفياڻي سماج ۾ پيدا ٿي. هڪ سڀاش ندر بوس ۽ ڀڳت سنگهه جهڙن بهادر انسانن جي زمين جي رهواسڻ هئي ته ٻي مخدوم بلاول، شاهه عنايت، سورهيه بادشاهه ۽ هيمون ڪالاڻي ۽ مائي بختاور جي سرزمين تي جنم ورتو هو. ٻنهي کي ٻهترين خانداني تعليم سان گڏ روايتي تعليم به مليل هئي. محترمه بينظير ڀٽو آڪسفورڊ يونيورسٽي مان نه صرف تعليم حاصل ڪئي پر هو ايشيا جي پهرين خاتون هئي جيڪا آڪسفورڊ يونيورسٽي جي يونين جي صدر رهي. اهي کي اهڙيون خوبيون هيون جيڪي هن کي ايشيا ۾ تمام اڳواڻن کان منفرد ۽ مٿانهون رکن ٿيون. اندرا گانڌي برهمڻ باوجود هڪ اهڙي سماج ۾ پيدا ٿي جنهن ۾ اها وسعت هئي، بينظير ڀٽو صوفين شاهه عنايت، شاهه لطيف ۽ مخدوم بلاول جي ڌرتي تي ۽ مارئي، سسئي ۽ بختاور جي سرزمين تي پيدا ٿي. اهڙيءَ طرح سندس شعور به وسيع هو ته ڪردار به بيمثال هو.

آڪسفورڊ جي گريجوئيٽ ۽ مغربي معاشري ۾ تعليم حاصل ڪرڻ باوجود سندس اولاد جا نالا بلاول ۽ بختاور آهن. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سندس آئيڊيل ڪير هئا، هن نه صرف نالا رکيا هئا پر سندس ڪردار به صوفياڻو هو. مخالف سندس ڪيتري ڪردار ڪشي ڪندا رهيا. سندس خلاف بيان بازي ڪندا رهيا پر هي صوفياڻو مزاج رکندڙ عظيم شخصيت ڪڏهن به پنهنجي زبان انهي لهجي ۾ نه آندي جيڪا زبان سندس خلاف استعمال ڪئي پئي وئي. مون کي ياد آهي ته جام صادق جڏهن لنڊن کان بيهر موٽي آيو ته محترمه هڪ بيان ۾ چيو ته "جام صاحب بيمار آهي ۽ هو وزيراعليٰ طور پنهنجا فرض نڀائڻ نه پر پنهنجي ڌيءُ جي شادي ڪرائڻ آيو آهي." انهيءُ تي جام صادق بيان ڏنو ته منهنجي ڌيءُ خوشقسمت آهي جو هو پنهنجي پيءُ جي سائي (نگراني) ۾ رخصت ٿي رهي آهي ۽ بدنصيب آهن اُهي ڌيئرون جيڪي والدين جي سائي کان محروم هجن ۽ لياري وارن جي سائي ۾ رخصت ٿين.

ياد رهي ته محترمه جي شادي جي تقريب ڪڪري گرائونڊ لياري ۾ ٿي هئي. پر قدرت جو انتقام ڏسو ته جام صادق جي طبيعت شادي جي دوران خراب ٿي پئي ۽ ڪيس انتهائي خراب حالت ۾ آغا خان اسپتال پهچايو ويو ۽ سندس ڌيءُ سندس سائي کان بغير رخصت ٿي نه صرف ايئرو پر پوري سنڌ مان آيل بيورو ڪريٽ انهي تقريب جو هڪ عجيب منظر ڏٺائون ته. محترمه کي ته پنهنجي مزاج ۽ شخصيت ۾ جيڪو مشرقي انداز ۽ پروقار شخصيت رکي. اُتي هن پنهنجي اولاد ۾ بختاور شهيد ۽ مخدوم بلاول جو ويزن رکيو ۽ اڄ هو اسان وٽان هلي وئي آهي پر سندس قاتلن کان وٺي ساٿس توهين آميز رويو رکڻ وارا به ڏينهن رات ساٿس وابستگيءَ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. ڪروڙين انسانن جون اکيون اڄ به آليون آهن. سياسي ڪارڪنن کي سندس وڇوڙي جو ڏک آهي. پر مخدوم بلاول جو نالو ۽ مائي بختاور جي روح سان رچيل اولاد مان اُميدون به آهن. سندس شهادت جي ڏينهن جتي ڏک سان گڏ ڪروڙن انسانن کي سخت غصو به هو پر هندستان وانگر هتي ڪنهن به انسان کي ايذاءُ نه رسايو ويو. پر حيدرآباد جي بلديا، ڪلهوڙا ڪالوني، حر ڪئمپ ۽ ٽنڊو آدم جي ڳوٺن ۾ هزارين قاتل انسانن کي عزت ۽ احترام سان رهايو ويو. مون کي خبر نه آهي ته دهليءَ ۽ سنڌ جي انهن مزاجن جي فرق جو سبب سنڌ جو صوفياڻو سماج آهي. يا محترمه بي نظير ڀٽو جون اهي ويليوز ۽ قدر جيڪي هو پنهنجي مخالفن جي بدتميز هوندي به پاڻ سان گڏ رکي آهي. تنهن هتي جي سماج کي شديد ڪاوڙ جي باوجود هٿن ۾ چُرا نه ڏنا جيڪي اندرا گانڌي جي قتل بعد دهليءَ وارن جي هٿن ۾ هئا.

*

نصرت لاشاري

# هوءَ هڪ تحريڪ هئي

سال 2007ع جي پڇاڙي تي، پر ويندي ويندي اهڙو درد ڏيئي ويو، جو ان کي صدين تائين وساري نه سگهبو. هوءَ پنهنجي نالي جيان بينظير هئي، اڃا ته دل مڃي ئي نٿي ته هوءَ هاڻ اسان سان ناهي. آڪٽوبر 2007ع ۾ هڪ عيد هئي ۽ ٻيو هر طرف جشن هو، روشنين جو شهر ٻهڪي پيو هو، هر پاسي پليڪار جا راڳ هئا. هر ڪو گهرن مان نڪري سندس آجيان ۾ رقص ڪرڻ لڳو هو. وڏي عرصي کان پوءِ مايوسين مان نڪري ماڻهو خوشيون ملهائڻ لڳا هئا. ان ڏينهن سڄي دنيا ڏٺو ته هن ڏيهه جي عوام ڪين خوشين جي جشن سان پنهنجي ليڊر جو تاريخ ساز استقبال ڪيو.

**18 آڪٽوبر تي جنهن مهل هوءَ پنهنجي گهران دبئي مان رواني پئي ٿي، سندس سندر مکڙي تي نور جي لاٽ وڌيڪ چٽي ٿي اڀري هئي. اهو سفر ڪو عام سفر نه هو، اهو جمهوري عمل کي حقيقي ويس پارائڻ ڏانهن پهرين وک هو.**

سادا اٺ سال جلاوطنيءَ کان پوءِ جڏهن ڪيس پنهنجي ڌرتيءَ جي هوا ۽ آسمان نظر آيو ته هوءَ هنجون هاري ويٺي. اهو درد ۽ خوشيءَ جو

**عجيب منظر هو، محترمه جي ذات سان پاڪستان جي هر هڪ ماڻهوءَ جا سوين خواب سلهاڙيل هئا. هوءَ سوين اميدون، ٻاٽ اونده ۾ روشنيءَ جون اميدون، نئين جمهوري دور جون اميدون، خوشيون، اتساهه ۽ پيار کڻي آئي هئي.**

عجيب منظر هو، محترمه جي ذات سان پاڪستان جي هر هڪ ماڻهوءَ جا سوين خواب سلهاڙيل هئا. هوءَ سوين اميدون، ٻاٽ اونده ۾ روشنيءَ جون اميدون، نئين جمهوري دور جون اميدون، خوشيون، اتساهه ۽ پيار کڻي آئي هئي. ڏکي جلاوطنيءَ کان پوءِ جيئن هوءَ آئي، ته ڪيس مارڻ جو سانگ رچيو ويو، پر ماڻهن جي دعائن سان ڌڻي تعاليٰ ڪيس حفاظت ۾ رکيو. موت کي ناڪامي ٿي، هو سندس سامهون اچي، شرمسار ٿي موٽي ويو. ڌماڪي کان ٻئي ڏينهن تي ئي هوءَ نڪري پئي. لياري جي شهيدن جي يتيم ٻارن کي جهوليءَ ۾ جهلي، پيار ڪندي رهي. سندن مائرن ۽ بيواهن کي ڀاڪر ۾ ڀري ورتائين، اسپتالن ۾ وڃي زخمي ڪارڪن جي عيادت ڪيائين. سندس

ساتين ڪيس چيو تہ توهان جي زندگيءَ ڪي خطرو آهي، ائين نہ نڪرو، هوءَ مرڪي پئي ۽ وراڻيائين: ”موت کان بہ ڪو ڏڄبو آهي ڇا؟“ هوءَ موت سان قلم، قلم تي، اکيون اکين ۾ وجهي، اڳتي وڌندي رهي. هن جي بهادريءَ تي سڀ حيران هئا. جلاوطنيءَ جي ساڍن انن سالن کان پوءِ هوءَ هن ملڪ ۾ فقط بہ مهينا ۽ اٺ ڏينهن رهي، ان وچ ۾ هوءَ ڪراچيءَ کان ڪشمور، ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين، ڪوئيٽا، سوات، پشاور، تي پيرا لاڙڪاڻي ۾ پوءِ پنڊي ويئي.

هيءُ شهر اهو هو، جتي هن دردناڪ ڏينهن گذاريا هئا. پاڻ ئي آخري تقرير ڪندي چيائين تہ هن شهر ۾ مون خوشيون ۽ غم ڏٺا آهن، پر سچ تہ اهو هو تہ ان شهر ۾ ئي ننڍي عمر ۾ سندس ليڊر پيءُ ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاسيءَ جي سزا ڏني وئي. هيءُ اهو شهر هو، جتي هو پنهنجي پياري پيءُ سان جيل ۾ ملڻ ويندي هئي. هيءُ اهو شهر هو، جتي هوءَ پنهنجي دلبر پيءُ سان آخري ملاقات ڪرڻ وئي هئي. هوءَ لکي ٿي تہ ”اسان کي آخري ملاقات لاءِ فقط اڌ ڪلاڪ ان شخص کان موڪلائڻ لاءِ مليو هو، جنهن کي آءٌ پنهنجي زندگيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ پيار ڪريان ٿي. منهنجي سيني ۾ سور جون سٿون اڀرن ٿيون. مون پنهنجي اندران نڪرندڙ دانهن کي ضبط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. مون کي هرگز دانهن ڪرڻ نہ گهرجي، مون کي همت هرگز هارڻ نہ گهرجي. مون کي بابا جي آزمائش کي وڌيڪ مشڪل نہ ڪرڻ گهرجي.“ هوءَ وڌيڪ لکي ٿي تہ ”آءٌ فقط هڪ ڀيرو بابا کي ڀاڪر پائڻ چاهيان ٿي، ان لاءِ بہ منع ڪيو ويو ٿو. آءٌ پنهنجي وجود کان بي خبر امان سوڙي، جنهن هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو. هوءَ سڄو وقت سڏڪندي رهندي هئي. گاڏيءَ ۾ اچي وينيس جڻ تہ پاڻ کي گهلي ڪٺي آئي هجان. اسان جي ڪار جيئن جيل مان ٻاهر نڪتي تہ مون پنهنجي سهيلي ياسمين کي ڏٺو ۽ رڙ ڪري چيم هو اڄ رات هن کي قتل ڪري ڇڏيندا. وري پاڻ کان پڇان ٿي. ڇا هن منهنجو آواز ٻڌو؟ ڇا منهنجو آواز بہ نڪتو؟“

رات جو ٻين وڳي راولپنڊي جيل ۾ پنڪي جي پيءُ کي موت جي ننڊ سمهاريو ويو، ڪيس 136 جهاز ذريعي چڪ لالا ايئربيس تان لاڙڪاڻي آندو ويو. ان خبر اچڻ سان هڪ ڪربلا جهڙو منظر هو هر طرف، پر ذوالفقار علي ڀٽو عوام جو ليڊر پنهنجي پنڪيءَ کي قوم جي پارت ڏيئي ويو هو. هوءَ اڃا ٽين ايجر هئي، هن پنهنجي ڏک کي نئون روپ ڏنو. اهو درد ڪٺي ماڻهن وٽ آئي. اهي ماڻهو بہ موت ۾ ڪيس پنهنجون

محبتون ۽ وفائون ارپيندا ويا. ماڻهن کي گوليون هنيون ويون، بم هنيا ويا، پر ماڻهوءَ پوءِ به بينظير سان هر قدم تي هم قدم ٿي بيٺا. منهنجي ساڻس ملاقات ڏکهي عرضي کان نه ٿي هئي، پر خط و ڪتابت هميشه رهي. حيرت ان مهل ٿيندي هئي، جو کيس ڪيل اي ميل جو جواب اڌ ڪلاڪ ۾ اچي ويندو هو. هر عمل ۾ ڏاڍي تڪڙي هئي، کيس وقت جو بي انتها قدر هو. انڪري ئي هن پنهنجي زندگيءَ جو هڪ به لمحو زيان نه ڪيو.

**جلاوطنيءَ دوران ٻارن جي تعليم و تربيت کان سواءِ دنيا جي اهم ترين يونيورسٽين توڙي آمريڪا ۽ برطانيا جي پارليامينٽ جي ميمبرن کي ليڪچر ڏيندي هئي، جنهن ۾ مليل پئسا پارٽيءَ جي يتيمن ۽ بيواهن کي وظيفي طور موڪليندي هئي.**

ٻاهر وڃي به هر وقت پنهنجن ماڻهن سان گڏ هئي. ڏيڍ سال اڳ پٽي صاحب جي ورسيءَ ۾ ويندڙ ٽٽي جا به پيپلز پارٽي جا ڪارڪن ايڪسيڊنٽ ۾ گذاري ويا. اسان کي لکيائين ته تفصيل هٿ ڪيو ته انهن کي ڪيترا ٻار آهن، ڪمائڻ وارو ڪو اٿن يا نه وغيره. جڏهن کيس تفصيل موڪليا ويا ته محترمه سندن لاءِ هر مهيني ڪجهه پئسا مقرر ڪيا. اهوڪم هن ڪنهن کي به ٻڌائڻ لاءِ ڪونه پئي ڪيو، پر هڪ ليڊر جون خوبيون کيس خدا تعاليٰ ٻاران مليل هيون. هڪ ڀيرو محترمه آمريڪا پئي ويئي، اهي ضياء دور جا پڇاڙڪا ڏينهن هئا، کيس ڌمڪايو ويو هو ته کيس زهر ڏنو ويندو. آمريڪا جو سفر ڪافي ڏکهو هو ۽ محترمه جهاز ۾ ڪجهه کائڻ نه پئي چاهيو، کيس بک به محسوس ٿي رهي هئي. اها صورتحال جهاز ۾ موجود هڪ سنڌي اسٽي ورڊ سمجهي ويو ۽ هڪ ٿري ڪاڏي جي تازين شين جي ڀري ڪٺي آيو، محترمه سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندي کيس پيش ڪيائين. محترمه کلي کيس جواب ڏنو ته "هي آءِ ڪائينديس، ڇو ته اها منهنجي دل کي پڪ آهي ته ڪوبه سنڌي مون کي ماري نٿو سگهي."

محترمه اسان لاءِ وڏو اعزاز هئي. سندس اوچتي وڇوڙي هر گهر ۾ روج راڙو مچائي ڇڏيو آهي. هن جو درد اسين نه چا، پر اسان جا ايندڙ نسل به وساري نه سگهندا. جيئن محترمه، پٽي صاحب جي درد کي نئون روپ ڏنو، ائين اسان تي به فرض آهي ته سندس ڏسيل رستي تي هلندي، سندس وڇوڙي جي درد کي نئون روپ ڏيون.

ناهيد نواز

# بينظير هڪ ماءُ جي روپ ۾



’ماءُ‘ ڪيترو نه مٺو نالو ۽ ڪيترو محبت ڀريو تعلق آهي. ’ماءُ‘ جو نالو وٺندي ئي دل مان دعا نڪري ٿي ته شل تحفظ ۽ چانوَ سڀ تي قائم رهي. (آمين)

ٻن چپن جي ملڻ سان جيڪو لفظ ادا ٿئي ٿو سو آهي ته ٽن اکرن جو مختصر لفظ، پر انسان جي سڄي ڪائنات ان لفظ سان روشن رهي ٿي. اهو لفظ آهي: ’ماءُ‘ (امڙ، امان، جيجي). امڙيون ته سڀني جون ساڳيون هونديون آهن، جيڪي پنهنجن ٻچن لاءِ ٿڌي چانوَ هونديون آهن.

بقول شاعر:

”منهنجي امڙ، پياري امڙ
پنڌ ڪندي ٿي ڏکو ڪاڏم
ڪنهن ڪٽي ٿي چاتيءَ لاتم
پيار منجهان ٿي پاڪر پاتم!“

پر مان اڄ هتي ڪنهن عام ’ماءُ‘ جو ذڪر ڪرڻ نه پئي وڃان، پر هڪ عظيم ليڊر ۽ آدرش ماءُ شهيد راڻي بينظير ڀٽي جو ذڪر آهي، جيڪا ظاهري طور رڳو بلاول، بختاور ۽ آصفه جي امڙ آهي، پر نه، هوءَ ته پوري قوم جي ڏتڙيل، غريب، مفلوج الحال ٻچڙن جي امڙ هئي.

جيڪا صرف نالي جي ’بينظير‘ نه هئي، جنهن جو مثال ملڻ ناممڪن آهي. محترمه بينظير ڀٽو صاحبه پنهنجي ٻچن- بلاول، بختاور ۽ آصفه لاءِ هڪ نهايت حساس ماءُ هئي. جنهن کي پنهنجي ٻچن سان بي پناهه محبت هئي. ڇا؟ ڪير اهو تصور ڪري سگهي ٿو ته وقت جي وزيراعظم پنهنجي ٻچن لاءِ نيرن پاڻ تيار ڪري ۽ انهن کي پنهنجن هٿن سان کارائي، حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه آهي. ڇاڪاڻ جو عام و خاص ۾ اهو ڏٺو ويو آهي ته اها عورت جيڪا گهر ۾ ويني آهي ۽ اها عورت جيڪا نوڪري پيشه آهي، ٻئي نيرن پچائڻ جي معاملي ۾ سست آهن. پر آفرين! ان عظيم ماءُ کي جنهن جون ذميواريون به تمام گهڻيون هيون، پر ان جي باوجود هوءَ پنهنجن ٻچن کي ڀرپور وقت ڏيندي هئي. ايتريقدر جو پنهنجن ٻارڙن کي اسڪول جو ڪم به پاڻ ڪرائيندي

هئي ۽ روزاني سندن گھر جو ڪم بہ ڏسندي هئي. ٻارن جي اسڪول جي گڏجاڻين ۾ بہ باقاعدگيءَ سان شريڪ ٿيندي هئي.
اهو هڪ فطري عمل آهي تہ هر ماءُ ڪي پنهنجي نندي ٻار سان وڌيڪ پيار هوندو آهي، سو بينظير کي بہ پنهنجي نندي نياڻي آصفہ سان تمام گهڻو پيار هو.
محترم بينظير صاحبہ جمعي جو ڀلارو ڏينهن نہ صرف پنهنجن ٻچڙن سان گڏ گذاريندي هئي پر ٻارن کي گهمائڻ لاءِ بہ ٻاڻ وٺي ويندي هئي. انهن جي بازار مان خريداري پاڻ ڪندي هئي ۽ ٻارن کي بہ گڏ وٺي ويندي هئي.
بينظير صاحبہ تي هميشہ مخالفن مختلف الزام هنيا، جنهن ۾ مذهب کان پري هجڻ جو الزام بہ شامل آهي. اهو الزام مخالفن براءِ مخالفت ئي هنيو هو. بينظير صاحبہ جي حياتي اسلامي قدرن جو مڪمل مجموعو هئي. جنهن جي عڪاسي ان ڳالھ مان ٿئي ٿي تہ ايتري مصروف زندگيءَ ۾ کهڙي مسلمان ماءُ پنهنجن ٻچن لاءِ وقت ڪڍي انهن کي قرآن پاڪ پاڻ پڙهائي ٿي، پر بلاول، بختاور ۽ آصفہ جي ماءُ بينظير پنهنجن ٻچن کي قرآن پاڪ پاڻ پڙهائيندي هئي ۽ روزانو ڪنهن نہ ڪنهن آيت سڳوريءَ جو ترجمو بہ ياد ڪرائيندي هئي. تحسين اهڙي امڙ لاءِ جيڪا پنهنجن ٻچن جو دين ۽ دنيا ٻئي سنواري ٿي.
حقيقت تہ اها آهي تہ بينظير جهڙي ماءُ ٿيڻ تمام ڏکيو آهي. بلاول، بختاور ۽ آصفہ جو وڏو ڀاڳ ٿيو جو کين بينظير جهڙي ماءُ عطا ٿي.

**اهڙي عظيم ۽ آدرشي ماءُ جو اولاد بہ وڏين وصفن وارو آهي: جنهن جو هڪ مثال هت پيش ڪجي ٿو تہ بينظير صاحبہ پنهنجي ٻارڙن کي پوليو کان بچاءُ جا قطرا پياري رهي هئي تہ اوچتو آصفہ پنهنجي امڙ کان پڇيو تہ "اهي قطرا پاڪستان جي هر ٻار کي ملن ٿا يا نہ؟" ان معصوم جي ان ننڍڙي سوال تي ئي پاڪستان ۾ پوليو جي قطرن پيارڻ جي مهم شروع ڪئي وئي: جيڪا اڄ تائين جاري آهي.**

27- ڊسمبر 2007ع هڪ شام جو هن عظيم ماءُ کي شهيد ڪيو ويو ٿو. سندس شهادت سان نہ رڳو بلاول، بختاور ۽ آصفہ ممتا کان محروم ٿيا پر سڄي قوم خاص طور سنڌ واسي تہ ننڌڪا ٿي ويا. سندس ٻچن کي تہ خالق ڪائنات صبر جميل عطا ڪيو: پر قوم اڃا بيچين ۽ مغموم آهي. جنهن قوم تي اڳ ۾ ئي غمن جا پهاڙ ڪِريل هئا. بي روزگاري، بدحالي، جهالت ۽ بدامني سو سندس شهادت کان پوءِ هن قوم جو جيئڻ کهڙو آهي؟ اهو درد هر ماڻهو اندر ۾ محسوس ڪري ٿو.
اسين مسلمان آهيون ۽ ٻئي جنم تي يقين نٿا رکون تہ بہ دل ۾ اهو خيال ۽ اها خواهش بار بار پيدا ٿئي ٿي: ڪاش! بينظير هڪ ڀيرو ٻيهر جنم وٺي! ڪاش..... ڪاش......
"اي موت شل توکي موت اچي.
اي قوم جي عظيم ماءُ توکي سلام آ.

رضيه هگورو

# هن عورتن لاءِ روزگار فراهم ڪيو

ڪاش! محترمہ جيڪر وطن واپس نہ اچي ها. نہ وري اسان کان هميشہ لاءِ وڇڙي وڃي ها. پاڪستان جو ايڏو وڏو نقصان ٿي ويو جنهن کي زمانو ياد رکندو. وقت ۽ تاريخ ان کي پيو دهرائيندو. اهو ڏک۔۔اهو خال ڪير ڪونہ پري سگهندو. چو جو هوءَ هڪ ناياب شخصيت هئي. هنن اهو عهد ڪري ڇڏيو هو تہ سندن خاندان جو هر فرد قرباني ڏيندو. شهادت جو لقب سندن نصيب بڻجي ويو. اسان سنڌي تہ خاص ڪري محترمہ کان پوءِ اڪيلا نڌڻڪا ٿي ويا آهيون. ڪو ئي بہ اسان جو آسرو سهارو هن جهڙو ڪونهي. اسان جي ملڪ جي وڏي بد قسمتي آ جو اسان ان هيري جو قدر نہ ڪيو. هن کي وقت کان اڳ وڃائي ويناسين.

**حقيقت ۾ تہ اجا پيٽي صاحب مير مرتضيٰ ۽ شاهنواز جو ئي سور نہ لٿو هو. اڃان انهن جا ڦٽ ئي نہ ڇٽيا هئا جو مٿان هي ڪاپاري ڏک لڳي ويو.**

محترمہ جو ڪهڙو ارمان ڪيون ڪهڙو ڏک ڪيون ڪا طاقت ئي ڪانهي. اسان جي بدقسمتي آهي جو اسين سچن ليڊرن، مخلص محافظن جي حفاظت نہ ڪري سگهون.

هوءَ تہ مڃتا ماٽيل ليڊر هئي. هن عورتن لاءِ خاص روزگار فراهم ڪيا. جنهن ملڪ جون عدالتون آزاد نہ هجن ان ۾ انصاف جي ڪهڙي اميد رکجي. بهرحال هوءَ پيٽي صاحب جي اهڙي تصوير هئي جنهن کي دنيا قيامت تائين نہ ٿي وساري سگهي.

مون کي اڄ بہ اهو ڏينهن ياد ٿو اچي. جڏهن اسان جي ننڍڙي شهر هالاڻيءَ ۾، ضلع نواب شاهہ جي وائيس چيئرمن هالاڻي شهر جو نالي وارو وڪيل سياستدان چاچا قاضي غلام هادي صاحب جن جي دعوت تي محترمہ پهرين هالاڻيءَ قاضي صاحب جي حويليءَ اندر آئي. صبح کان وٺي شام تائين هن جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ ايترا تہ ماڻهو گڏ ٿيا جيئن ڪو سمنڊ هو ماڻهن جو. سڄي شهر ان ڏينهن چلهہ نہ ٻاري هئي. بس چاچا جي بنگلي تي لنگر هلي رهيو. پر ڪنهن کي بہ ڪائڻ پيئڻ جو ڪو هوش نہ هو. هرهڪ اک هن کي ڏسڻ لاءِ بيچين ۽ بيتاب هئي.

**ڪاش! محترمہ جيڪر وطن واپس نہ اچي ها. نہ وري اسان کان هميشہ لاءِ وڇڙي وڃي ها. پاڪستان جو ايڏو وڏو نقصان ٿي ويو جنهن کي زمانو ياد رکندو. وقت ۽ تاريخ ان کي پيو دهرائيندو. اهو ڏک... اهو خال ڪير ڪونہ پري سگهندو. چو جو هوءَ هڪ ناياب شخصيت هئي.**

مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته ڪنهن کي به بک جو احساس ئي نه هو رڳو اسين محترمه بينظير صاحبه کي اکين سان ڏسون.
اسان کي خاص ڊيوٽي ڏنل هئي ته انتظام سنڀاليون جيئن محترمه کي ڪائي تڪليف نه اچي. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو هالاڻيءَ ۾ ايڏي وڏي رونق ڏٺي. مرد ته خير تمام گهڻا هئا ٻاهر بنگلي تي پر، ڳوٺ ۾ پردي باوجود جيڪي عورتن پنهنجي چاهه جو نظارو ڏيکاريو، سلام آ انهن عورتن کي جيڪي پنهنجا ٻچا ٻار وساري محترمه جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ آيون هيون. ائين ڪندي شام جا 5 ٿي ويا. هڪدم هڪ وڏو شور مچي ويو. ڊانسون جهُمريون لڳي ويون. محترمه حويلي اندر آئي، ٻن منٽن جو رستو ٻن ڪلاڪن ۾ پار ٿيو. مس مس محترمه کي چاچا جي گهر ۾ اسٽيج تي ويهاريو ويو. هوءَ قدرت جو هڪ تحفو هئي. هوءَ واقعي بلڪل پِنِي صاحب جي پنڪي هئي. تمام نازڪ نفيس هردلعزيز پرڪشش پرسنلٽي، محترمه کي بخار به هو ان جي باوجود هوءَ خوشي مان سيني سان هٿ ملائي پئي. پر اوچتو هڪ ٻار تيزيءَ سان ڊوڙيو جنهن سبب محترمه جي پير تي چيپٽ اچي وئي، پر محترمه ان کي پيار سان سنڀاليو. محترمه کي ٿورو ڏک لڳي ويو. چاچي آصف ماءُ جيڪا چاچا قاضي غلام هادي جي بيگم هئي ان محترمه کي پيار ڪيو. سوني خارڪ ڳچيءَ ۾ پارائي ۽ ٻيون ڪوڙ سوکڙيون جن ۾ محترمه جون خاص پسنديده بادام جون مانيون جيڪي چاچي آصف ماءُ پاڻ هٿن سان ناهيون هيون اهي به ڏنيون. اسان جو ارادو هو ته اندر حويلي ۾ ٿورو ڪجهه وقت ونون. پر محترمه کي ٻاهر بنگلي ۾ وٺي ويا، جتي هن خيالن جو اظهار ڪيو. ان وقت پِنو صاحب جنرل ضياءُ جي دور ۾، قصوري جي ڪوڙي ڪيس ۾ جيل اندر هو. هر ماڻهو جو نعرو هو ته بيبي اسان توهان سان گڏ آهيون تون پرواهه نه ڪر. اسين سڀ سر جي بازي هڻنداسين.
رب جا لک لائق آهن جو اهو شرف مون کي نصيب ٿيو هو جو مون محترمه کي تمام ويجهي کان ڏٺو. ملياسين، ڳالهايوسين ان جو تاب بيحد تکو هو. ماڻهو پنهنجو هوش وڃائي ويٺا. هرهڪ جي بس اها رڙ هئي ته اف خدا هي بلڪل پُتي جو عڪس آ هيڏو نور هيڏي روشني. هن جو نوراني چهرو جنهن ۾ هڪ چمڪ هئي.

**هينئر تائين دل نه ٿي مڃي ذهن نه ٿو قبولي ته محترمه اسان کان جدا ٿي وئي آ. هوءَ اسان جي رڳن ۾ خون جيان هلي رهي آ. اسان جو جيئڻ مرڻ محترمه سان آهي. سنڌس شان ۾ چا چوان مون وٽ ته اهي لفظ ئي ڪونه آهن جو بيان ڪريان.**

هوءَ ته هڪ انمول هيرو هئي. هن کي مالڪ شهادت جو رتبو نصيب ڪيو. رب پاڪ جنت الفردوس ۾ ڪيس جاءِ ڏني، ۽ اسان جهڙن پرستارن کي صبر عطا فرمائي.

اختر مرزا

# يادگيريون

## سورهيه ﭘيءَ جي سورهيه نياڻي

27 ڊسمبر 2007ع
لياقت باغ راولپنڊي
شام جو 6:16 منٽ
محترمه بينظير ڀٽو
هڪ وڏي جلسي عام کي خطاب ڪري، واپس وڃي رهي هئي، ڏاڍي خوش هئي، پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويٺي، پوءِ سن روف مان پنهنجو چهرو ڪڍي استقبال لاءِ آيل ماڻهن کي هٿ لوڏي جواب ڏيئي رهي هئي ته ڪنهن پاسي کان گولين جي بوڇاڙ تي محترمه کي لڳيون ۽ هڪ ئي لمحي ۾ سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو.
اُميد ۽ خواب شيشي وانگر چڪنا چور ٿي ويا، سڄي ملڪ ۾ هنگاما شروع ٿي ويا.
راولپنڊيءَ مان 4 اپريل 1979ع تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو مڙهه ﮔڙهي خدا بخش پهچايو ويو.
ٺيڪ اٺاويهن سالن کان پوءِ سنڌس سياسي وارث محترمه شهيد بينظير ڀٽو جو مڙهه ﮔڙهي خدا بخش پهچايو ويو.
هڪ دور جو خاتمو!
پاڪستان جي عوام جو نقصان!
غريب ۽ بيڪس عوام اڄ يتيم ٿي ويا.
سنڌ اڄ وري يتيم ٿي وئي.
محترمه بينظير ڀٽو سان گڏ ڪم ڪندي 27 سال ٿي ويا.
ستاويهه سال ائين گذري ويا. خبر به نه پئي.
1980ع ۾ اشرف ميمڻ مرحوم، بينظير صاحبه ۽ بيگم صاحبه جو سيڪريٽري ٿيو.
جنرل ضيا جي فوجي حڪومت، ڏاڍ ڏمر جو دور هو.
محترمه بينظير ڀٽو صاحبه 70 ڪلفٽن ۾ قيد هئي، اشرف مرحوم کي ذاتي ملازم هئڻ ڪري اتي رهڻ جي اجازت هئي.
محترمه صاحبه جي نمائندي جي حيثيت ۾ منهنجي ڊيوٽي ڪراچي سينٽرل جيل ۾ پرويز شاهه سان رابطي رکڻ جي هئي، مان سياسي قيدين کي محترمه جي طرفان موڪليل شيون ۽ ڊوڪٽر پرويز شاهه جي ذريعي ڏيندو هئس.
هڪ دفعي جام ساقي جيڪو ان وقت بغاوت جي ڪيس ۾ قيد هو. اُن لاءِ فوجي عدالت ۾ محترمه کي گواهي ڏيڻي هئي، ان جو فائل پرويز شاهه ڏنو، جيڪو مان لڪائي ڪٽي محترمه تائين پهچايو. اُنهن ڏينهن ۾ محترمه صاحبه سنڌ پيپلز يوٿ ناهي، ان وقت آدم جي نگر ۾ سائين قائم علي شاهه رهندو هو،

**محترمه صاحبه مون کي اشرف ميمڻ جي دوست جي حيثيت سان سڃاڻندي هئي، ۽ ان زماني ۾ ڪراچي ٽيليويزن تان روشن تارا پروگرام هلندو هو، جنهن جي ميزباني مان ڪندو هئس. اشرف اهو پروگرام محترمه کي ڏيکاري منهنجو چهرو شناس ڪرايو.**



ڀٽ شاهه: شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه شاهه لطيف جي ميلي جي افتتاحي تقريب جي موقعي تي شاهه جي گنج جو افتتاح ڪري رهي آهي محمود اي- هارون، آفتاب شعبان ميراڻي، ممتاز مرزا ۽ ٻيا بيٺل آهن.



ڀٽ شاهه: شاه عبداللطيف ڀٽائي جي ميلي جي افتتاحي تقريب ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه پنهنجي اوايس ڊي اختر مرزا سان ڳالهائي رهي آهي. سيد قائم علي شاهه، مهتاب اڪبر راشدي ۽ ٻيا پڻ موجود آهن



شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ پاڪستان جي اڳوڻي صدر غلام اسحاق خان، پنهنجي ور جناب آصف علي زرداري صاحب، پارٽي سربراهن راجيوگانڌي ۽ سونيا گانڌيءَ سان گڏ



هڪ تقريب جي پڄاڻيءَ کان پوءِ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ صحافين سان ڳالهائي رهي آهي.
جناب آصف علي زرداري صاحب بہ ساڻس گڏ آهي

سندس گهر جو نمبر 144 هو، مان اشرف مرحوم ۽ عالم شاهه مرحوم رات جو ساڍس خفيه ملاقات ڪندا هئاسين.

منهنجي شادي 13 سيپٽمبر 1983ع ۾ ٿي، بيگم صاحبه ۽ محترمه صاحبه کي به دعوت ڏنم، جيل ۾ هئڻ جي ڪري اچي نه سگهيون، پر شادي لاءِ چانديءَ جو تحفو موڪليائون. جيڪو اشرف مرحوم کڻي آيو هو. اشرف ۽ مان تقريباً گڏ رهندا هئاسين، محمد عرس ٻڌايو ته تنهنجي شادي ۾ تحفي ڏيڻ لاءِ محترمه لنڊن واچ هائوس تان گهڻيون ئي شيون گهرايون، انهن مان محترمه اها پسند ڪئي.

محترمه صاحبه آڪٽوبر 1983ع ۾ جلاوطن ٿي لنڊن هلي وئي. 1985ع ۾ شهيد شاهنواز جو مڙهه کڻي ڳڙهي خدابخش آئي ۽ پوءِ ترت

**محترمه صاحبه جي شادي ٿي، ته مون کي دعوت موڪليائين، منهنجي ڪارڊ تي لکيل هو، 'اختر مرزا معرفت 70 ڪلفٽن ڪراچي' هي اها دعوت هُئي جيڪا بيگم نصرت ڀٽو جي طرفان مخصوص ماڻهن کي ڏني وئي هُئي.**

واپس هلي وئي.

محترمه صاحبه سان پهرين ملاقات تڏهن ٿي، جڏهن محترمه صاحبه اپريل 1986ع تي واپس پاڪستان آئي، لاهور ۾ وڏو استقبال ٿيو، تقريباً ڏهه لک ماڻهو هئا.

مئي ۾ ڪراچي آئي، ڪراچي ۾ به وڏو استقبال ٿيو. لکين ماڻهن محترمه صاحبه جو استقبال ڪيو.

مون اصغر شاهه راشدي کي چئي، محترمه صاحبه کان اشفاق صديقي لاءِ وقت ورتو. جمعي جي ڏينهن 71 ڪلفٽن ۾ ملاقات ٿي، محترمه صاحبه اشفاق صديقي کي پيپلز يوٿ جي باري ۾ هدايتون ڏنيون. مون سان ڪابه ڳالهه ٻولهه نه ڪيائين. مان پريشان ٿي ويس ته شايد مون کي محترمه صاحبه سڃاتو نه هو. ڪجهه ڏينهن رکي وري اصغر شاهه کي چئي ملڻ لاءِ نالو لکرايم. ملاقات جو ٽائيم مليو. 70 ڪلفٽن جي لان ۾ ڇهه ست ڪرسيون رکيون هيون. شام جو وقت هو سج اجا به بيٺو هو. سج جي روشني سامهون شيشن تي پئي رفليڪٽ ڪري محترمه صاحبه جي چهري تي پئجي رهي هئي. خير محترمه صاحبه مون کي چيو ته "آپ اشرف ميمڻ کي دوست هين" مون چيو "ها، مان اشرف ميمڻ جو دوست آهيان." اها منهنجي محترمه سان پهرين ملاقات هئي ان کان پوءِ ملاقاتن جو سلسلو 26 آڪٽوبر 2007ع تائين جاري رهيو. محترمه صاحبه انتهائي دلير ۽ همت واري خاتون هئي. هاڻي محترمه جون ته بس يادون رهجي ويون آهن.

جڏهن محترمه صاحبه جي شادي ٿي، ته مون کي دعوت موڪليائين، منهنجي ڪارڊ تي لکيل هو، "اختر مرزا معرفت 70 ڪلفٽن ڪراچي" هي اها دعوت هُئي جيڪا بيگم نصرت ڀٽو جي طرفان مخصوص ماڻهن کي

ڏني وئي هُئي. اها شادي ڪلفٽن پارڪ ۾ تي هئي. ياد رهي ته هي اهو هنڌ آهي جتي 20 سيپٽمبر تي مير مرتضيٰ کي شهيد ڪيو ويو هو. هي دعوت پٽي خاندان وارن ۽ جن سان انهن جو خانداني رستو هو انهن جي اهتمام ۾ ڪئي وئي هئي. مون کي اسٽيج تي ويهڻ جي جاءِ ملي مون سان مرحوم عالم شاهه به گڏ هو. جنرل ٽڪا خان مرحوم، سرڳواسي سنيل دت جيڪو هندستان مان خاص طور تي شادي ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ آيو هو. سنيل دت پارت جو وڏو اداڪار ۽ مشهور اداڪاره نرگس جو مڙس. اها شادي عوامي هئي. جنهن ۾ لکين ماڻهن شرڪت ڪئي.

شادي کان پوءِ محترمہ لنڊن هلي وئي. لنڊن مان واپسي کان پوءِ رمضان جي عيد جي ٽئين ڏينهن مون کي 70 ڪلفٽن کان فون آيو ته محترمہ ملاقات لاءِ سڏايو آهي. مان تقريبن 2:20 منٽن تي ستر ڪلفٽن پهتس. ADC روم ۾ وڃي وينس، محترمہ جي سيڪريٽري فريده هئي، اندر مخدوم خليق الزمان ۽ مرحوم نصير شاهه محترمہ سان ملاقات ڪري رهيا هئا. نيڪ ادائي وڳي محترمہ انهن کي خدا حافظ چئي. ADC روم ۾ آئي، مون تي نظر پيس ته چوڻ لڳي "مرزا صاحب مين پانچ منٹ مين آتي هون" ۽ مٿي هلي وئي، ان وچ ۾ حميد (ملازم) مون کان چانهه جو پڇيو. مان انڪار ڪيو، ڪجهه لمحن کان پوءِ ڪاٺ جي ڏاڪڻ تان ڪنهن جي لهڻ جو آواز آيو. مان سمجهي ويس ته محترمہ صاحبہ هيٺ لهي رهي آهي. هاٽي انٽرڪام تي فريده کي چوندي ته مرزا صاحب کي اندر موڪل. پر ائين نه ٿيو، محترمہ پاڻ آئي ۽ مون کي چيائين "آئيي مرزا صاحب". مان به اٿي محترمہ صاحبہ جي پويان اندر ويس، اندر محترمہ صاحبہ جي عزيز فخري بيگم ويني هئي. محترمہ صاحبہ حميد کان پڇيو ته مرزا صاحب کي چانهه پياري آهي، تنهن تي حميد چيو ته مرزا صاحب چانهه پيئڻ کان انڪار ڪيو آهي. محترمہ صاحبہ مون کي چيو ته لسي پيئندي، مون ها ڪئي، تنهن تي محترمہ صاحبہ پنهنجي پي. اي کي ڪجهه چيو ٿوري دير کان پوءِ چولا ڏهي بڙا ۽ بيون ڪافي ڪائڻ جون شيون ٽيبل تي حميد رکيون. اسان ڪائيندا رهياسين ۽ ڳالهيون به ڪري رهيا هئاسين، محترمہ صاحبہ ٻڌايو ته جڏهن پاڻ محمد خان جوڻيجي جي گول ميز ڪانفرنس ۾ وئي هئي، اتي رسول بخش پليجو ۽ غلام مصطفيٰ جتوئي، (محمد خان جوڻيجو، جنرل ضيا جي غير جماعتي انتخاب جي ذريعي وزير اعظم ٿيو هو) به هئا، تن ڊفينس جي معاملن تي سوال ڪيا، محمد خان جوڻيجو هڪدم پريشان ٿي ويو، تنهن تي مون هنن کي روڪيو چو ته وزيراعظم جوڻيجو انهن سوالن جا جواب نه ڏئي سگهي ها تنهنڪري جنرل ضيا، جيڪو ان وقت اسٽيٽ گيسٽ هائوس ۾ انتظار ڪري رهيو ۽ هو چيف آف آرمي اسٽاف پڻ هو ڪانفرنس ۾ اچي وڃي ها جيڪو اصل مقصد هو. محترمہ صاحبہ وڌيڪ چيو ته "اختر منهنجي مُٺ بند آهي، جنهن ڏينهن مون مٺ کولي ته سڀ ٽتر بتر ٿي ويندو." اهي لفظ اڄ به منهنجن ڪنن ۾

گونجي رهيا آهن. اُن زماني ۾ مان محترمہ صاحبہ جون تقريرون، جيڪي هن سنڌ جي حوالي سان مختلف جاين تي ڪيون هيون، انهن کي هڪ هنڌ ميڙي، ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرائڻ لاءِ ڪم شروع ڪيو. محترمہ صاحبہ جو خيال هو تہ ڪتاب تي ظفر اُجڻ (ظفر اُجڻ پاڪستان جي هڪ مشهور شاعره جو مڙس آهي) کان لکرايان محترمہ صاحبہ جي ڳالهہ ٻڌي مون پاڻ کي ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏيڻ واري انداز ۾ پويان ڪيو. محترمہ صاحبہ منهنجي باڊي لينگويج سمجهي وئي تہ مون کي اها ڳالهہ پسند نہ آهي. ۽ چيائين تہ تنهنجي مرضي تون جنهن کان بہ لکرائين.

اش ف مرحوم جي وفات کان پوءِ محترمہ صاحبہ مون کي چيو تہ مون کي هڪڙو اهڙو چوڪرو کپي، جنهن جو پيءُ ۽ ماءُ سنڌي هجن. هو فقط ٽيليفون ريپسشنٽ طور ڪم ڪندو، تنهن تي مون چيو تہ محترمہ اوهان جيڪڏهن چاهيو تہ مان ڏينهن جو هڪ وڳي کان پوءِ اچي اِها ڊيوٽي سر انجام ڏيان. تنهن تي پاڻ چيائين تہ نہ توکي اڳي ئي گهڻا ڪم آهن ۽ تنهنجي ڏانءُ جو ڪم بہ نہ آهي.

ان سلسلي ۾ مون مرحوم عالم شاهہ بخاريءَ سان ڳالهايو. مرحوم زاهد معصومي جو ضد هو تہ ڪيس اتي رکرائجي. پر ان جي ڳالهہ مون نہ مڃي ۽ صالح ڪاتيار کي اتي رکرايو. مس فريده (محترمہ صاحبہ جي سيڪريٽري مون کي ٻڌايو تہ محمد صالح کان محترمہ پاڻ انٽرويو

> مان پهريون شخص آهيان جنهن **71** ڪلفٽن جي گارڊن ۾ موسيقي ۽ ڪتاب جي رونمائي جو پروگرام ڪيو. ڊاڪٽر اشرف عباسي مون کي چيو تہ پٽي صاحب جي شهادت کان پوءِ **71** ڪلفٽن تي موسيقي جي محفل تي پابندي آهي. مون سندس ڳالهہ تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو ۽ محترمہ صاحبہ جي حڪم موجب پروگرام کي آخري شڪل ڏئي ڇڏي.

ورتو. جڏهن تہ هو ڪنهن کان بہ انٽرويو نہ وٺندي آهي. محترمہ صاحبہ هن جو نالو صالح محمد رکيو. سال کن هن 70 ڪلفٽن تي ڪم ڪيو. محترمہ صاحبہ جو هن تي اعتماد پيدا ٿيو. هڪ دفعي منهنجي محترمہ صاحبہ سان ملاقات هئي. مون کي ڪتاب جي سلسلي ۾ -/30000 هزار زيبا ڏنائين ۽ پوءِ چيائين تہ 71 ڪلفٽن ۾ وڃ ۽ ناهيد کي چئو تہ مون سان اچي ملي. ان مان لڳو تہ ناهيد ۽ منور 70 ڪلفٽن ۾ اجازت کان سواءِ نہ ايندا هئا. محترمہ صاحبہ اهو احساس ڏياريندي هئي تہ جيڪو ماڻهو ڏيو سو انتهائي اعتماد جوڳو هجي. سنڌ جي راڻي شهيد محترمہ بينظير جن ماڻهن تي اعتماد ڪندي هئي اهي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن ذاتي مفادن جي خاطر محترمہ

ڪي دوکو ڏيندا هئا. مان خوش قسمت آهيان جو آخر تائين ان اعتماد کي ڇيهو نہ رسايو. اهوئي سبب آهي جو محترمہ صاحبہ سدائين عزت جي نگاهہ سان ڏسندي هئي.

مان، عالم شاهہ مرحوم، علي گوهر شاهہ ۽ راز ناٿن شاهي، محترمہ سان ملڻ وياسين. مون محترمہ کي سندس تقريرن جي مجموعي جو ٽائيٽل ڏيکاريو. بہ ٽائيٽل هُئا. انهن مان هڪ محترمہ صاحبہ پسند ڪيو. هن کان اڳ پيپلز سيڪريٽريٽ شيرين جناح ڪالوني ۾، محترمہ صاحبہ مون کي چيو تہ سيد غلام مصطفيٰ شاهہ جي گهر تعليم جي سلسلي ۾ هڪ گڏجاڻي آهي. تون ان ۾ وڃي شريڪ ٿي. سيد غلام مصطفيٰ شاهہ (اڳوڻو وائيس چانسلر) هڪ سخت گير قسم جو ماڻهو هو. هن جي اندر ۾ هڪ سخت قسم جو وڏيرو ويٺل هو. هن سان منهنجي ملاقات فقط هڪ دفعو ٿي جو هن وٽ پنهنجي دوست نبي بخش کوسو سان گڏ ويو هئس. غلام مصطفيٰ شاهہ جي ملڻ ۽ ڳالهائڻ جو انداز حاڪمن جهڙو هو، اهوئي سبب هو جو مان ان گڏجاڻي ۾ نہ ويس. هڪ ٻي ملاقات ۾ محترمہ مون کان پڇيو تہ تون ان گڏجاڻي ۾ ويو هئين. مان جيستائين جواب ڏيان. ان کان پهرين ئي محترمہ سمجهي وئي تہ مان نہ ويو هئس. پوءِ خبر پئي تہ محترمہ فون ڪري سيد غلام مصطفيٰ شاهہ کي چيو هو تہ منهنجي طرفان اختر مرزا ان گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيندو. اها منهنجي بدقسمتي هُئي. مون کي ان ميٽنگ ۾ وڃڻ کپندو هو.

محترمہ پنهنجن اعتماد وارن ماڻهن جو ڏاڍو قدر ڪندي هئي ٻين ماڻهن جي سامهون هنن جي وڏي عزت ڪندي هئي ۽ ٻين کي اهو احساس ڏياريندي هئي تہ هي منهنجا ماڻهو آهن. جيئن مان هنن جي عزت ڪريان ٿي. تيئن اوهان بہ هنن جي عزت ڪريو. ڪتاب 'وقت ماڻهو ۽ مقصد' ڇپائي جي مرحلي ۾هو. مان محترمہ صاحبہ سان مليس ۽ اُن ڪتاب جي افتتاح لاءِ وقت گهريو، محترمہ صاحبہ چيو تہ 16 سيپٽمبر 1988ع. ٻي اجازت اها گهري مانس تہ اهو فنڪشن 71 ڪلفٽن تي ڪرڻ جي موڪل ڏيو. محترمہ ان جي بہ موڪل ڏني. مان پهريون شخص آهيان جنهن 71 ڪلفٽن جي گارڊن ۾ موسيقي ۽ ڪتاب جي رونمائي جو پروگرام ڪيو. ڊاڪٽر اشرف عباسي مون کي چيو تہ پِٽي صاحب جي شهادت کان پوءِ 71 ڪلفٽن تي موسيقيءَ جي محفل تي پابندي آهي. مون سندس ڳالهہ تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو ۽ محترمہ صاحبہ جي حڪم موجب پروگرام کي آخري شڪل ڏني چڏي. 14 سيپٽمبر 1988ع. شام جو وقت 71 ڪلفٽن تي.

• • • • • • • • • • • • • • • • • • • • • • • • • •

**محترمہ کان سائين غلام مصطفيٰ شاهہ کان تقرير ڪرائڻ جي موڪل گهري. محترمہ صاحبہ چيو تہ سائين تقرير ڪندو تہ جلسو جيئي سنڌ جو ٿي ويندو. محترمہ صاحبہ چيو تہ اقبال حيدر اڄ پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪندو.**

• • • • • • • • • • • • • • • • • • • • • • • • • •

پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ پيپلز پارٽي جي ڪريم موجود هئي پروگرام شروع ٿيو. سيد

قائم علي شاهه، امير حيدر ڪاظمي ۽ تاج حيدر تقريرون ڪيون.

سامعين ۾ سيد غلام مصطفيٰ شاهه به وينو هو. مون محترمه کان سائين غلام مصطفيٰ شاهه کان تقرير ڪرائڻ جي موڪل گهري. محترمه صاحبه چيو ته سائين تقرير ڪندو ته جلسو جيئي سنڌ جو ٿي ويندو. محترمه صاحبه چيو ته اقبال حيدر اج پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪندو. محترمه جي تقرير جو وارو آيو ته ان کان پهرين مون محترمه کي چيو ته اوهان صوفي تي ويهي تقرير ڪريو. محترمه چيو ته نه مان بيهي تقرير ڪنديس. چاڪاڻ ته محترمه صاحبه پورن مهينن سان هُئي ۽ بيو ته رستورم به نه هو فقط مائيڪ رکيل هئا. محترمه اتي بيهي تقرير ڪئي ۽ سڀ کان پهرين منهنجو شڪريو ادا ڪيائين ۽ چيائين ته مرزا صاحب پورو سال لڳائي هن ڪتاب کي مڪمل ڪيو آهي. محترمه لڳاتار پنجيتاليهه منٽ ڪمال ڪري ڇڏيو. محترمه صاحبه جي تقرير کان پوءِ راڳ رنگ جي محفل ٿي. پٽي صاحب جي شهادت کان پوءِ پهريون دفعو راڳ رنگ جي محفل ٿي. هن ۾ مرحوم محمد يوسف، مرحوم وحيد علي ۽ پيا به گهٽائي فنڪار هئا. انهن دوستن بغير پئسن جي پرفارم ڪيو. هن ئي محفل ۾ صالح ڪاتيار کي 70 ڪلفٽن وڃڻ کان روڪيو ويو. (چاڪاڻ ته هن ويچاري جو ذهني توازن ٺيڪ نٿو رهي. هن کي مٿي ۾ ڌڪ لڳل آهي) پٽي صاحب جي جلوس ۾ ٽرين جي مٿان وينو هو ۽ ڪوٽڙي جي پل سان ٽڪرائجي ڪري پيو. ان وقت کان وٺي هن جو ذهني توازن صحيح نه آهي. محترمه هن کي علاج لاءِ لنڊن به گهرايو هو. ۽ چار پنج مهينا اتي رهيو.

**عثمان (فليش مين) هي بنيادي طور تي وادو آهي. عثمان ٻڌايو ته پٽو صاحب وزير اعظم هو ۽ لاڙڪاڻي ۾ ايران جو شهنشاهه اچڻو هو. مان ڪجهه تصويرون ۽ اسٽيچو لڳائي رهيو هئس ۽ پٽو صاحب ڪمري ۾ آيو ۽ هن کي ڪابه ڳالهه نه وڻي ۽ مون کي ڪاوڙ مان چيائين "تون ته ڪو فولش آهين". ان ڏينهن کان پوءِ مون تي اهو نالو پيو.**

6 جنوري 1982ع جي ڳالهه آهي پٽي صاحب جي سالگرهه لاءِ محترمه صنم ڀٽو کي ڪراچي کان لاڙڪاڻي وٺڻو هو ۽ پٽي صاحب جي سالگرهه جو ڪيڪ ڳڙهي خدا بخش ۾ ڪاٽڻو هو. محترمه صاحبه ۽ بيگم صاحبه 70 ڪلفٽن ۾ جيڪو سب جيل هو اتي قيد هيون انهن کي اجازت نه هئي. محترمه صاحبه اشرف ميمڻ کي چيو ته تون ۽ مرزا صاحب صنم بيبي سان گڏ بولان ميل ۾ لاڙڪاڻي وڃو.

ٻي ڏينهن مان ۽ اشرف ڪراچي ڪينٽ ريلوي اسٽيشن پهتاسين. صنم ٻيبي سندس وَرَ ۽ فخري بيگم جون ٻه نياڻيون ۽ ٻه ڇٽا ڪي ٻيا هئا اهي مان ۽ اشرف ٽرين ۾ سوار ٿياسين. اتفاق سان اشرف جو ٿيلهو ڪو شاهينگ ڪٽي ويو. بهرحال اسين رات جو لاڙڪاڻي المرتضيٰ هائوس ۾ پهتاسين، صنم ٻيبي اسان جو شڪريو ادا ڪيو اسان وري نئين ديري هليا وياسين. رات اتي رهياسين، قيوم صاحب عباسي، اصغر شاه، اشرف ميمڻ مرحوم ۽ بشير گڏ هئا.

صبح جو سوير المرتضيٰ هائوس پهتاسين ۽ صنم ٻيبي سان گڏ گڙهي خدا بخش پهتاسين. صنم بي بي ڪيڪ ڪاٽيو ۽ شهيد بابا جي مزار تي دعا گهري واپس المرتضيٰ هائوس پهتاسين. شام جو صنم ٻيبي واپس ڪراچي هلي وئي. صنم بي بي گڙهي خدا بخش ۾ پهريون ۽ آخري دفعو پٽي صاحب جي سالگرهه تي هلي هئي. اسان ٻه ٽي راتيون المرتضيٰ هائوس ۾ رهياسين. پٽي صاحب جي باري ۾ تمام گهڻي معلومات ملي. پٽي صاحب جي ذاتي ملازمن ڪي واقعا ٻڌايا. عثمان (فليش مين) هي بنيادي طور تي واڊو آهي. عثمان ٻڌايو ته پٽو صاحب وزير اعظم هو ۽ لاڙڪاڻي ۾ ايران جو شهنشاهه اچڻو هو. مان ڪجهه تصويرون ۽ اسٽيچو لڳائي رهيو هئس ته پٽو صاحب ڪمري ۾ آيو ۽ هن ڪي ڪاٻه ڳالهه نه وٽي ته مون کي ڪاوڙ مان چيائين، تون ته ڪو فولش مين آهين. ته ان ڏينهن کان پوءِ مون تي اهو نالو پيو.

محترمه صاحبه جي چاليهي تي نئين ديري ۾ هن سان ملاقات ٿي محمد عرس بشير ۽ ٻيا به مليا. جن جو چوڻ هو ته اسين يتيم ٿي وياسين. عرس ٻڌايو ته ان ڏينهن 26-10-2007 تي محترمه توسان ڳالهائڻ پي چاهيو. پر تون ڪمري مان اٿي وئين. اها منهنجي بدقسمتي هئي. مون ڪي ڪهڙي خبر ته محترمه صاحبه جي شهادت ٿيڻ واري آهي.

سنڌ پيپلز يوٿ جو پهريون چيئرمين مرحوم عالم شاهه بخاري ٿيو. عالم شاهه جي لنڊن وڃڻ کان پوءِ علي گوهر شاهه صدر ٿيو.

هڪ دفعي اقبال يوسف صوبائي سيڪريٽري اطلاعات پ پ مون کي هڪ ڪتاب جي فوٽو ڪاپي ڏني جنهن جو نالو هو "پاڪستان طوفان کي زمين" هي ڪتاب پارٽ ۾ ڇپيو هو. محترمه صاحبه کان مون پڇيو ته هي ڪتاب اوهان لکيو آهي ته محترمه صاحبه انڪار ڪيو ۽ چيائين ته مان اهو ڪتاب نه لکيو آهي.

محترمه صاحبه جي ڪم جي سلسلي ۾ مان ۽ اشرف مرحوم الائجي ڪٿان جو ڪٿان وڃي دستاويز ٽائيپ ڪرايا هئا. هي اهو زمانو هو جو 70 ڪلفٽن وٽان لڳهندي ماڻهو ڊڄندو هو. جڏهن محترمه بينظير صاحبه ۽ بيگم صاحبه لاڙڪاڻي ويندڙيون هيون. ته اسين 70 ڪلفٽن ۾ رهندا هئاسين مان، اشرف، اصغر شاهه، دوست محمد، عرس، عثمان ۽ ٽيڊي (70 ڪلفٽن جو بورچي) ڪڏهن ڪڏهن عالم شاهه به هوندو هو. مون کي ادا ممتاز مرزا موٽر سائيڪل وٺي ڏني. اشرف کي محترمه هڪ پراڻي موٽر سائيڪل وٺي ڏني هئي. پر هو ضد ڪري منهنجي موٽر سائيڪل ڪٽي ويندو هو. مون

ڪي اشرف تي ڪاوڙ ٻه ايندي هئي پر مرحوم منهنجي ڳالهه نه ٻڌندو هو. مون کي رات جو کير پيئڻ جي عادت آهي اسان ٻنهيءَ جو روز ان ڳالهه تان جهيڙو ٿيندو هو ته اڄ ملائي آئون کائيندس. اشرف چوندو هو ته نه مان کائيندس. هڪ ڏينهن اشرف چيو ته مان محترمه صاحبه جي نوڪري ڇڏڻ چاهيان ٿو. مون پڇيومانس

**هي اهو زمانو هو جو 70 ڪلفٽن وٽان لڳهندي ماٺهو ڏڄندو هو. جڏهن محترمه بينظير صاحبه ۽ بيگم صاحبه لاڙڪاڻي ويندڻيون هيون. ته اسين 70 ڪلفٽن ۾ رهندا هئاسين مان، اشرف، اصغر شاهه، دوست محمد، عرس، عثمان ۽ ٽيڊي (70 ڪلفٽن جو بورچي) ڪڏهن ڪڏهن عالم شاهه ٻه هوندو هو. مون کي ادا ممتاز مرزا موٽر سائيڪل وٺي ڏني. اشرف کي محترمه هڪ پراڻي موٽر سائيڪل وٺي ڏني هئي. پر هو ضد ڪري منهنجي موٽر سائيڪل ڪٽي ويندو هو.** **مون کي اشرف تي ڪاوڙ ٻه ايندي هئي پر مرحوم منهنجي ڳالهه نه ٻڌندو هو.**

ته چو جنهن تي هن چيو ته محترمه صاحبه ڪيڏي ڪيڏي مهل ناراض ٿي ويندي آهي ۽ پوءِ اسان کي (اصغر شاهه) دڙڪا ڏيندي آهي. پوءِ خبر پئي ته ٻنهي جي انگريزي سٺي نه هئي. محترمه صاحبه انهن جي لاءِ هڪ ليڊي ٽيچر جو بندوبست ڪيو. اها ليڊي ٽيچر صدر ۾ رهندي هئي. اهي ٻئي ڄڻا روز اتي پڙهڻ ويندا هئا. ٽيچر کي في ڏينڻ لاءِ محترمه صاحبه مون کي ۽ اصغر شاهه کي موڪليندي هئي. اهو سلسلو اشرف جي حياتي تائين جاري رهيو. اشرف 3- اپريل 1984ع تي لاڙڪاڻي مان قمبر ويندي ڪار ايڪسيڊنٽ ۾ فوت ٿي ويو. ڪار اصغر شاهه پي هلائي. هن تازي ڳاڏي هلائڻ سکي هئي. اصغر شاهه کي سخت ڏک رسيا. پوئين سيٽ تي بشير ۽ پرويز پيچوهو ويٺل هئا. انهن کي ڪجهه ٻه نه ٿيو، اشرف واري سائيڊ وڻ سان ٽڪرائجڻ جي ڪري هو سخت زخمي ٿي پيو. اسپتال تائين زنده هو. وقت سر علاج نه ٿيڻ جي ڪري ۽ چيلهه جي هڏي ڀڃي پوڻ جي ڪري فوت ٿي ويو.

مان ڪراچي ۾ هئس ان کان پهرين، 1 اپريل 1984ع تي اشرف فون ڪري مون کي پٽي صاحب جي ورسي تي هلڻ لاءِ چيو. مان نه وڃي سگهيس. 3 اپريل تي منهنجا ساهرا ڪراچي مان شفٽ ٿي لاهور ويا پي انهن کي ڪراچي ڪينٽ اسٽيشن تي الوداع چئي مان اسلاميه ڪاليج پهتس. ٿوري دير ويهي نقوي صاحب سان ملڻ لاءِ ويس. اتي ئي حيدرآباد مان فون آيو. نقوي صاحب رسيور مون کي ڏنو. فون ڪرڻ واري ٻڌايو ته اشرف ميمڻ لاڙڪاڻي کان قمبر ويندي حادثي ۾ وفات ڪري ويو. مون کي ڪا ڳالهه سمجهه نه پئي آئي ته هيءَ اوچتو ڇا ٿي ويو ۽ پوءِ ڪرسي کي ٽيڪ ڏئي اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ منهنجي اڳيان اشرف جون يادون ڦرڻ لڳيون.

عبدالغفار صديقي

### تاريخ جو هڪ يادگار ورق

# ’شهيدراڻيءَ جي پهرين حڪومت جا ويهه مهينا‘

## (2 ڊسمبر 1988ع کان 6 آگسٽ 1990ع تائين)

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جنرل ضياءُ الحق جي آمريت خلاف تقريباً ٻارهن سالن تائين وڏي جدوجهد ڪئي. پارٽيءَ جي ان وقت جي چيئرپرسن محترمه بيگم نصرت ڀٽو ۽ سندس لاڏلي ڌيءَ محترمه بينظير ڀٽو (شهيد) ڇهن سالن تائين مختلف جيلن ۾ اڪيلي رهڻ جون صعوبتون برداشت ڪيون پر ملڪ ۾ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ پنهنجي تحريڪ ختم نه ڪئي، جن جي لائق قيادت ۾ ملڪ جا ڪروڙين انسان آمريت خلاف جنگ جوٽيندا رهيا.

**محترمه بينظير ڀٽو (شهيد) جو رشتو هميشه عوام سان رهيو، پاڻ ڪڏهن به نوڪرشاهي ۽ حڪمران طبقن سان ملي سازشون نه ڪيائين، بلڪ حڪمران طبقن جي عوام جي خلاف سازشن جو زبردست مقابلو ڪيائين. پنهنجي حڪومت جي غيرآئيني ۽ غير اخلاقي طور تي ختم ٿيڻ بعد پاڻ هڪ دفعو ٻيهر پنهنجي محنتڪش ۽ مظلوم عوام جي عدالت ۾ آئي. ان لاءِ جو عوام جي عدالت کي ئي پاڻ اعليٰ عدالت سمجهندي هئي.**

جنرل ضياءالحق جي حادثاتي موت کان پوءِ نومبر 1988ع ۾ ملڪ ۾ عام چونڊون ٿيون. حڪمرانن کي يقين هو ته ٻارهن سالن جي تشدد ۽ جبر ڪري پارٽيءَ جا ڪارڪن اندران اندران ٽٽي چڪا هوندا ۽ عوام خوف جي ور چڙهيل هوندو، جنهن ڪري پيپلز پارٽي اڪثريت حاصل ڪري نه سگهندي. پر سندن سڀ اندازا غلط ۽ سڀ حربا ناڪام ثابت ٿيا. ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي، جيتوڻيڪ قومي اسيمبلي ۾ ٻه ڀاڱي ٽي جي تناسب سان اڪثريت حاصل ڪري نه سگهي، تنهن هوندي به اها قومي اسيمبلي ۽ بلوچستان کان سواءِ باقي ٽن صوبن يعني سنڌ، پنجاب ۽ سرحد ۾ واحد اڪثريتي پارٽيءَ طور ڪامياب ٿي. حڪمران طبقن هر ممڪن ڪوشش ڪئي ته مرڪز (وفاق) ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت قائم ٿي نه سگهي ليڪن عوام جي شديد دٻاءَ اڳيان اهي بيهي نه سگهيا ۽ محترمه بينظير ڀٽو (شهيد) 2 ڊسمبر 1988ع تي پاڪستان جي وزيراعظم جي حيثيت ۾ قسم کنيو. محترمه بينظير ڀٽو (شهيد) تاريخ جي پهرين مسلمان عورت هئي جا ڪنهن مسلم ملڪ جي وزيراعظم بڻي.

ان جي باوجود جو پنجاب ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي واحد اڪثريتي پارٽيءَ جي طور تي اُڀري سامهون اچي چڪي هئي، پر حڪمران طبقن سازش ڪري اتي ان جي صوبائي حڪومت نهڻ نه ڏني ۽ يارهن ننڍين ننڍين جماعتن کي ملائي صوبائي حڪومت ناهي، ميان نواز شريف کي پنجاب جو وزيراعليٰ ڪري ڇڏيو.

مرڪز (وفاق) ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت جڙڻ سان ئي ان جي خلاف سازشون شروع ٿي ويون، پارٽي انهن سازشن کي همت ۽ دانائيءَ سان ٽوڙيندي رهي. آخرڪار جڏهن مخالف طبقن کي يقين ٿي ويو ته وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو (شهيد) قطعي طور تي مضبوط حڪمران بنجي چڪي آهي ۽ هاڻي اها ڪنهن به وقت قومي اسيمبليءَ کان پاڪستان جي آئين ۾ جنرل ضياءَ جي آندل اٺين ترميم خلاف بل منظور ڪرائيندي ته 6 آگسٽ 1990ع تي صدر غلام اسحاق خان بي بنياد الزامن جو سهارو وٺي، نه صرف محترمه بينظير ڀٽو (شهيد) جي حڪومت برخواست ڪئي، بلڪ قومي اسيمبلي به ٽوڙي ڇڏي. سنڌ اسيمبلي ۽ سرحد اسيمبلي کي گورنرن ذريعي ٽوڙايو ويو جڏهن ته پنجاب ۽ بلوچستان اسيمبلين کي اتان وڏن وزيرن جي سفارشن تي ختم ڪيو ويو.

محترمه بينظير ڀٽو (شهيد) جو رشتو هميشه عوام سان رهيو، پاڻ ڪڏهن به نوڪر شاهي ۽ حڪمران طبقن سان ملي سازشون نه ڪيائين، بلڪ حڪمران طبقن جي عوام جي خلاف سازشن جو زبردست مقابلو ڪيائين. پنهنجي حڪومت جي غيرآئيني ۽ غير اخلاقي طور تي ختم ٿيڻ بعد پاڻ هڪ دفعو وري پنهنجي محنتڪش ۽ مظلوم عوام جي عدالت ۾ آئي. ان لاءِ جو عوام جي عدالت کي ئي پاڻ اعليٰ عدالت سمجهندي هئي. پنهنجي ويهن مهينن جي اقتدار ۾ سازشن جي باوجود به پاڪستان جي سالميت ۽ بقا لاءِ عوام ۽ محنتڪش طبقن جي مستقبل کي روشن بنائڻ لاءِ پاڻ جيڪا جاکوڙ ۽ جدوجهد ڪيائين، ان جو مختصر جائزو هتي پڙهندڙن لاءِ پيش ڪجي ٿو:

## دين اسلام جي خدمت

* هڪ بين الاقوامي سيرت ڪانفرنس منعقد ڪيائين.
* 1989ع ۾ حج ڪرڻ وارن جي تعداد ۾ اضافو ڪيو ويو، جنهن پاليسيءَ تحت 1990ع ۾ هڪ لک وڏيڪ ماڻهن کي حج ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو.
* چئن ئي صوبن ۾ عالمن جا ڪيترائي اجتماع ۽ ميڙاڪا ۽ مجلسون (Conventions) منعقد ڪرايون ويون.
* ٻه سيرت ڪانفرنسون منعقد ڪرايون ويون.
* تقريباً ٽن هزار غريب ۽ نادار فردن کي سرڪاري خرچ تي حج ڪرايو ويو.

## مزدورن جا حق

* محترمه بينظير ڀٽو (شهيد) اقتدار ۾ اچڻ سان هڪدم ٽريڊ يونين سرگرمين تي وڌل پابندي هٽائي ڇڏي.
* مزدورن جي پگهارن ۾ ٻه دفعا اضافو آندو ويو.
* مزدورن جي اولاد جي تعليم لاءِ اسڪالرشپ مقرر ڪئي وئي.
* ڪارخانن جي آمدنيءَ ۾ مزدورن جو حصو مقرر ڪيو ويو.

* مزدورن کي پينشن جو حق ڏنو ويو.
* ليبر پاليسي تيار ڪئي وئي جنهن جو اعلان 14 آگسٽ 1990ع تي ڪرڻو هو پر 6 آگسٽ تي سندس حڪومت برطرف ڪئي وئي.

## صحت

* ملڪ جي هرهڪ يونين ڪائونسل ۾ عوام جي علاج معالجي جون سهوليتون فراهم ڪرڻ لاءِ سرڪاري ڊسپينسرين جي منظوري ڏني وئي.
* سيني اسپتالن ۾ داخلا في ۽ بيڊ في ختم ڪئي وئي.
* دوائن جون قيمتون گهٽايون ويون.
* ڊاڪٽرن لاءِ وڌيڪ الائونس ۽ رهائشي سهوليتن جي منظوري ڏني وئي.
* پيرا ميڊيڪل عملي لاءِ تعليم ۽ تربيت جو انتظام ڪيو ويو.
* اسپتالن ۾ ڪم ڪندڙ ڪچن (ايڊهاڪ) ڊاڪٽرن کي پڪو ڪيو ويو.
* جعلي دوائن جي روڪڻ لاءِ خاص بندوبست ڪيو ويو.

## تعليم

* پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو 90-1989ع ۽ 91-1990ع جي بجيٽ ۾ تعليم لاءِ رکيل رقم ۾ اضافو ڪيو ويو.
* 91-1990ع ۾ پنجاهه هزار نوان استاد مقرر ڪري، روزگار فراهم ڪيو ويو.
* غريب ٻارن کي مفت ڪتاب ڏيڻ لاءِ تعليمي ادارن ۾ ڪتابن جون بينڪون قائم ڪرڻ لاءِ فيصلو ڪيو ويو.
* اٺين ڪلاس تائين لازمي تعليم ڪئي وئي.
* فني ۽ سائنسي تعليم لاءِ نئون نصاب جوڙيو ويو.

* شاگردن جي يونين تان پابندي ختم ڪئي وئي.
* بالغن جي تعليم لاءِ 80 هزار نوان مرڪز قائم ڪيا ويا.

## يوٿ پاليسي

* نوجوانن جي مسئلن کي حل ڪرڻ ملڪ ۾ پهريون ڀيرو هڪ جدا وزارت قائم ڪئي وئي.
* بي روزگار نوجوانن لاءِ ٻاهرين ملڪن ۾ روزگار فراهم ڪرڻ جي رٿابندي ڪئي وئي.
* ڏهن هزارن کان وڌيڪ نوجوانن مان هرهڪ کي پنجاهه هزار روپيه قرض طور ڏنا ويا ته جيئن اهي پنهنجو ڪاروبار ڪري سگهن.

## عورتن لاءِ

* عورتن جي مسئلن کي حل ڪرڻ پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون دفعو هڪ جدا وزارت قائم ڪئي وئي.
* عورتن لاءِ پهريون دفعو جدا بينڪ قائم ڪيو ويو.
* عورتن کي ڪاروبار هلائڻ لاءِ قرض ڏنا ويا.
* قومي ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ عورتن کي وڌيڪ جايون ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو.
* محترمه بينظير ڀٽو (شهيد) جي ڪابينا ۾ پنجن عورتن کي شامل ڪيو ويو.
* عورتن جي سکيا لاءِ اسلام آباد، لاهور ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪمپيوٽر جا مرڪز کوليا ويا.
* سرڪاري نوڪرين ۾ عورتن لاءِ ڪوٽا مقرر ڪئي وئي.

## مواصلات ۽ پيداوار

* گوادر، گلگت ۽ اسڪردو کي اسلام آباد سان ملائڻ لاءِ سيٽلائيٽ اسٽيشن قائم ڪئي وئي.

* ڪراچي ۽ پشاور کي ملائڻ لاءِ مائڪرو ويو چينل قائم ڪئي وئي.
* 600 نوان ٽپال گهر (پوسٽ آفيس) قائم ڪري نوڪريون ڏنيون ويون.
* پورٽ قاسم ۾ توسيع ڪئي وئي.
* پاڪستان اسٽيل ۾ توسيع ڪري، ان جي پيداوار وڌائي وئي.
* بلوچستان جي ٽيڪسٽائيل ملن کي ٻيهر چالو ڪري پنج هزار ماڻهن کي بيروزگار ٿيڻ کان بچايو ويو.
* سوزوڪي موٽرسائيڪلون ٻيهر تيار ڪرڻ شروع ڪيون ويون.
* پاڪ عرب ۽ پاڪ امريڪن فرٽيلائيزر فيڪٽرين ۾ واڌارو ڪيو ويو.
* ملت ٽريڪٽرن جي ناهڻ ۾ ساليانو انن هزارن جو اضافو آندو ويو.
* سوزوڪي ڪار تيار ڪرڻ جو هڪ نئون يونٽ لڳايو ويو.
* نوي هزار نيون ٽيليفون ايڪسچينج لائينون وڇايون ويون.
* ڏيڍ لک کان وڌيڪ نوان ڪنيڪشن ڏنا ويا.
* ارڙهن ٻاهرين ملڪن کي ڊائريڪٽ ڊائلنگ سان ملايو ويو.

**صنعت**

* ٻهراڙيءَ ۾ صنعت قائم ڪرڻ لاءِ رٿابندي ڪئي وئي ته جيئن اتان جي ماڻهن کي روزگار ملي سگهي.
* ننڍين ننڍين صنعتن قائم ڪرڻ لاءِ قرض ڏنا ويا.
* اليڪٽرانڪس، دوائن ناهڻ ۽ ڪاٽين ڪوٽڻ جي صنعتن کي مالي سهولتون ڏنيون ويون.
* ڊرگ ائڪٽ تحت هرقسم جي رجسٽرڊ دوائن جي تياريءَ لاءِ فارموسيوٽيڪل جي ڪچي مال جي ٻاهران گهرائڻ تي ڪسٽم ڊيوٽي ۽ سيلز ٽيڪس معاف ڪيا ويا.
* ڊيوٽي ۽ سيلز ٽيڪس جي چوريءَ کي روڪڻ لاءِ جنرل سيلز ٽيڪس متعارف ڪرائي وئي.
* سڄي ملڪ ۾ اهڙين بنيادي صنعتن کي ڇئن سالن تائين ٽيڪس کان آجو ڪيو ويو جي 30 جولاءِ 1993ع تائين قائم ڪري سگهجن.

**دفاع**

* حملي آور طيارن جي جانچ لهڻ لاءِ جديد ترين راڊار لڳايو ويو.
* ايف.سورهن 60 طياره آمريڪا کان گهٽ قيمت تي خريد ڪيا ويا.
* دفاع جي خرچ کي ڏيڍوڻو ڪيو ويو.

**ميڊيا**

* پريس. سينسرشپ جو ڪارو قانون ختم ڪيو ويو.
* نيوز. پرنٽ جو ڪوٽا سسٽم ختم ڪيو ويو.
* مخالف جماعتن جي ليڊرن کي ٻه ٽي.ويءَ تي ڳالهائڻ جي آزادي ڏني وئي.
* نيشنل پريس ٽرسٽ جي اخبارن مان ڪڍيل صحافين کي ٻيهر بحال ڪيو ويو.
* صحافين جي ٻاهرين ملڪن جي دوري لاءِ اين.او.سي جو شرط ختم ڪيو ويو.
* صحافين، اديبن ۽ شاعرن کي قومي ايوارڊ سان نوازيو ويو.

*

ذوالفقار هاليپوٽو

# جهُڙالي هَوا، گُلابي گلي

آءُ اڪيلو، پنڌ پري آ
ڳاٽ نہ ڪنهن جو ڳلي !
ڪوئي تہ مون سان هلي
(شيخ اياز)

ممڪن آهي تہ ڪن ماڻهن لاءِ اهو سفر رڳو پنڌ جي ڊيگهہ ۽ ڪلوميٽرن جي ڳڻپ جو سفر هجي پر مون لا هڪ وڏي عرصي کان پوءِ ڳڙهي خدا بخش ۾ نئين ديري جو سفر، سنڌ جي شانائتي مزاحمتي تاريخ جي يادگيريءَ سان ٻڪ هٿي طويل مسافت جو پنڌ هو.

شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي تعزيت (يا حسين! هن حياتيءَ ۾ يا گهٽ ۾ گهٽ ايترو تڪڙو، زندگيءَ ۾ اهڙي ڏينهن اچڻ جون مون تصور بہ نہ ڪيو هو) لاءِ حيدرآبد ۾ سنڌ جي حقيقي مرشد ڀٽائيءَ جي نالي تي جڙيل شاهہ لطيف آباد مان اسان پندرنهن ڄڻن جو قافلو نئين ديري روانو ٿئي ٿو. ان قافلي ۾ سنڌ جي ساڃاهہ جا وڏا نالا ڊاڪٽر رجب ميمڻ، ابرار قاضي، پروفيسر اعجاز قريشي، نذير ميمڻ، شوڪت شورو، مشتاق شورو، سليم ميمڻ، نذير عيساڻي، ظفر جوڻيجو، نصير ميمڻ، اسلم بلوچ، ذوالفقار قادري ۽ منهنجا پاڙيجا ۽ شهيد ٿي ويل ڀُٽن جا شيدائي لاريب ۽ عريب شامل هجن ٿا.

گاڏيءَ ۾ ويهڻ شرط محترمہ بينظير ڀٽو سان اي ميل رستي ڇهن سالن تي ٻڌل هڪ مضبوط رشتي جي ڪهاڻي ياد اچڻ لڳي ٿي. شهيد راڻيءَ سان ڪنهن وقت حمايت ۽ ڪنهن وقت مخالفت ۾ ٿيندڙ هر رابطو ڄڻ هڪ مڪمل ڪهاڻيءَ جو پلاٽ هجي ۽ سوچيان ٿو تہ ڀر ۾ ويٺلي سنڌ جي ڀلوڙ ڪهاڻيڪارن کي انهن رابطن جا تفصيل ٻڌايان انهن رابطن ذريعي سنڌ جي اشوز تي محترمہ جي پاليسين ۽ حڪمت عملين جا داستان ٻڌايان تہ جيئن محترمہ کان سنڌ جي تناظر ۾ پڇيل هر سوال ۽ اي ميل ذريعي هر مليل جواب تي ڪهاڻي لکي سگهجي.

حيدرآباد، ڄامشوري، دادو ۽ لاڙڪاڻي جي ڇئن ضلعن جي ڏکهي هاءِ وي تي ٻڌل سوين ڪلوميٽرن جو اهو پنڌ، سنڌ جي سياسي ۽ فڪري شعور جي اٿاهہ اونهائين ۽ بلندين جي هڪ وڏي تاريخ ساهہ ۾ سانڍي ڪنهن ڦيٿي وانگر من ۾ تيز رفتاريءَ سان ڊوڙڻ لڳي ٿو. ڏامر تي ڊوڙندڙ ويگن جي ٽائر کان منهنجي خيال جي شاهراهہ تي ڊوڙندڙ يادگيرين جو ڦيٿو وڌيڪ تيز ڊوڙي رهيو هو.

سنڌ جي ساڃاهہ ۽ وطن پرستيءَ جي درس جي مادر علمي سنڌ يونيورسٽي جيتوڻيڪ هن وقت ڳڙهي خدا بخش ۾ دفن شهيدن کان سوين ميل پري آهي پر انهن ٻنهي جڳهين ۾ وڏو گهرو ۽ اونهو رشتو آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي هن يونيورسٽيءَ کي هڪ اهڙو شخص وائيس چانسلر ڏنو جيڪو منهنجي سمجهہ موجب اڄ بہ سنڌ جو هڪ سو سال ايڊوانسڊ (مستقبل جو يا اڳيان جو) شاعر آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اسان کان

پوءِ اينڊڙ هاءِ فاءِ ٽيڪنالاجيءَ جي سکيا ورتل نسل هُن جي شاعريءَ ۾ موجود نياپي. کي سمجهي سگهي.

فقره جوڙ کي خوب درست کيتا،
جيها ڦُل گلاب دا توڙيا اي.
(وارث شاهه)

هن جي شاعري، ذوالفقار علي ڀٽي جي ڦاهيءَ. جي ڦندي کي ڏنل چُمي، شهيد راڻي بي نظير ڀٽو جي گوليءَ کي ائين للڪار، اهي ٽئي مزاج نه ڄاڻ تاريخ جي ڪهڙي دور ۾، ايمانداريءَ ۽ محبتن سان، پنهنجي عظمت جي بلندين سان بيان ڪيا ويندا...؟؟

سفر ڊگهو ٿيندو ته وڃي. ڳالهين، قصن ۽ يادگيرين جا تاڪيا هڪ ٻئي مٿان کُلندا تا وڃن. ٿورڙي پنڌ کان پوءِ ٿوڙهي ڦاٽڪ اچي ٿو، جتي ان ساڳي گولي جنهن سنڌ ڄائي بي نظير ڀٽو کي شهيد ڪيو، ان گوليءَ سنڌ جي جوانيءَ کي به اِئين ئي هٿ قتل ڪرڻ گهُريو هو. پيرا ڪٽبا ته گوليءَ جا خول ساڳيا، هٿ به ساڳيا ۽ پس پرده ڪردار به ساڳيا نظر ايندا.

ٿوڙهيءَ وارن شهيدن سنڌ جي جاگرافيءَ جي آزادي ٿي چاهي. زميني محترمه بينظير ڀٽو پاڪستان ۽ سنڌ جي عوام جي معاشي ۽ سماجي آزادي ٿي چاهي. آئين ۽ قانون جي حڪمراني ٿي چاهي، انساني حقن جي بالادستي ٿي چاهي، آزاد عدليه، آزاد ميڊيا ۽ ٽڪي اڪ رڪنڊڙ سول سوسائٽي ٿي چاهي. ٿوڙهيءَ وارن آزاديءَ جو نعرو هنيو هو ۽ هن شهيد راڻي زميني حقيقتن کي آڏو رکي اجوڪي عالمي سياست ۾ آزاديءَ جي حقيقي مفهوم واري نظام يعني جمهوريت رستي عوام جي سياسي، معاشي، سماجي ۽ اخلاقي آزادي ٿي چاهي. هن آزاديءَ جهڙي اهمل نعمت جي اهميت کي سمجهندي جمهوريت رستي غريب عوام جو اقتدار کين موٽائڻ ٿي گهريو. نعرا الڳ الڳ هئا پر منزل، جستجو ۽ تمنا ساڳي هئي.

رُت بدلي آ
ٻاڪ ڦُٽي جا
رنگ نچن ٿا
رڳ رڳ ۾ رَتُ ٺهڪي ٿو
چاٻين جي ڇَلي جيئن منهنجا
انگ نچن ٿا
رُت به جڻ ڪا ڪُنجي آهي
آزاديءَ جي دروازي جي
جا مون ڳولي لڌي آهي!
(شيخ اياز)

”رُت به جڻ ڪا ڪنجي آهي“ اِها سٽ آخر شهيد راڻي بينظير ڀٽو تائين ڪنهن پهچائي؟ اُن کي ڪيئن خبر پئي ته آزاديءَ لاءِ“ جمهوريت جي واپسي لاءِ سِر جي قرباني سڀ کان وڏي ڪُنجي آهي. ان رستي ۽ ڏڳ ڏانهن هلڻ جا انداز هن کي ڪنهن سيکاريا؟ ها هُن اياز جي اِها سٽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ڦاهيءَ واري ڦندي ۾ ويڙهيل ڏٺي هوندي يا ٿي سگهي ٿو ته اِها سٽ اکر اکر ان زهر جي پيالي ۾ اُتيل هُجي، جيڪو شهيد شاهنواز ڀٽو جي حصي ۾ آيو هو يا اِها سٽ هُن شهيد مير مرتضيٰ جي گولي ڪاڏل ڳچيءَ ۾ ڪنهن رومال وانگيان ويڙهيل ڏٺي هجي. اها سٽ هُن، ان وقت به جهُونگاري هوندي جنهن وقت ساڳي گوليءَ هڪ ساهي ڀَٽي نئين انداز ۾ سندس مٿان حملو آور ٿي.

انهيءَ ڪري ته هن 18 آڪٽوبر 2007ع تي پاڪستان اچڻ کان اڳ پنهنجي آمريڪي دوست

حساب ڪتاب سان جوڙيو آهي، جو ڳڙهي خدا بخش ۾ دفن تيل ڪردارن جي جدوجهد، مزاحمت ۽ قربانين جو عڪس هڪ تسلسل ۾ مسلسل نظر ايندو رهي ۽ يقينن ائين ئي آهي جو جام شوري ڪان ٺوڙهي ڦاٽڪ، سن، مخدوم بلاول، ڪير ٿر جبل، خيرپور ناٿن شاهه، دادو، پان سعيد آباد، ايم آر ڊي جون تحريڪون ۽ مارشلائي ملامتن سان مهاڏا اٽڪائيندڙ ڪاچو، سنڌ جي مزاحمتي سياست، علم ۽ فڪر جا سڀ مينارا ۽ سڀ سڃاڻپون هڪ تسلسل ۾ اوهان کي ڳڙهي خدا بخش پهچائين ٿا.

۽ هوڏانهن هو ڏسو سنڌ جو البيلو شاعر حسن درس ڪيئن نه لکي شاهه صدر جي اڱڻ ۾ جهُول جهَليو ڳڙهي خدا بخش ڏانهن تعزيت تي ويندڙ هر مسافر کي جڻ ته آڇي رهيو هجي هيءُ گل:

"تون جا پاڻ پکيءُ جهڙي آن
لکي شاهه صدر تي لهنديئن"

۽ سندس پنيان ڪير ٿر جهڙو ئي وشال ۽ اُوچو شاعر شيخ اياز هيءُ وراڻي ڏئي رهيو هجي:

ڪير ٿر جي پُنيانَ ڪائي چنگهاڙ آ
جي ٻڌو تا پيا پوءِ مانار چو
ڪن لاتار چو

اهڙن ئي سڻن جي ورنديءَ ۾ ئي بينظير ڀٽو هيڏو مانداڻ مچايو هو. وطن واپسيءَ سان هڪ طويل مانار کي هڪ جهٽڪي سان ٽوڙي ڇڏيو هو ۽ هڪ اهڙي رڙ- هڪ اهڙي چنگهاڙ ڪئي هئي جو آڌي رات جي بگهڙن جا پگهر نڪري ويا. هو ڪيس مارڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ لڳا پر هو وڏي جوش ۽ بهادريءَ سان موت کي للڪاريندي جڻ ته پوري قوم کي چئي رهي هجي ته مرو ته موت سان اکين ۾ اکيون ملائي جو موت برحق آهي. هن کي زندگيءَ سان بي انتها محبت هوندي به يا اها خبر هئي ته موت ئي دراصل زندگيءَ جي سائيڪل پوري ٿيڻ جي پراسيس جو نالو آهي.

سندس بهادريءَ تي رشڪ ڪندي ڪاڇي ڏانهن نهار ڪيم ته وري اياز اڳ جهليو کي سٽون جهونگاري رهيو هو جڻ ته بي بي جي احساسن جي ترجماني ڪري رهيو هو.

تون هونءَ به مرندي ڪاڇي ۾
آءُ پهاڙي پاڇي ۾

رستو هاڻي ڪٽڻ لڳو آهي، ايم آر ڊي جي تحريڪن جا رول ماڊلز، سنڌ جون ڀهراڙيون ڪراس ڪندا لاڙڪاڻي کي ويجهو ٿي رهيا آهيون ۽ سوچي رهيو آهيان ته ڪيئن سنڌ جي زرخيز جمهوريت پسند ۽ وطن پرست سر زمين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري نسل پرست دهشتگردن ۽ آمريتي دلالن، جعلي وڏيرن ۽ سردارن ۾ مال غنيمت سمجهي ورهائڻ جي سازشَ ڪئي پئي وڃي. پرويز مشرف جي اهڙي ناپاڪ سازشن ۽ حڪمت عملين جا عملي مظهر ڏسندا دادو ڪراس ڪندا لاڙڪاڻي ۾ داخل ٿي رهيا آهيون.

زندگيءَ جو ڪار وهنوار جاري آهي. چهرن تي اداسي صاف نظر اچي رهي آهي. سنڌ جو ڏک ماڻهن جي مُهاندن ۽ ڳالهين مان پڌرو آهي. پر زندگي چاڪاڻ ته هڪ سفر جو نالو آهي سو اُهو جاري آهي. لاڙڪاڻي شهر پهچڻ شرط اسان جي دوست محمد اسلم بلوچ جا ڪي ساٿي اڳواٽ ئي گلن جون چادرون ۽ گل ڪنيون بيٺا آهن. شهر مان نئين ديري ڀٽو هائوس تي فون ڪري دوستن، پروٽوڪول ۽ هائوس انتظاميا کي ٻڌايون ٿا ته پهچڻ وارا آهيون.

نئين ڏيري اچڻ جو مقصد محترمہ بينظير ڀٽو جي تعزيت ڪرڻ ۽ ڳڙهي خدا بخش جي شهيدن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ آهي تنهن ڪري ڪنهن بہ دوست کي اها پريشاني نہ آهي تہ ڪير مليو ڪير نہ مليو پر ڇاڪاڻ تہ دوستن کي اڳواٽ ٻڌايل آهي تہ جيئن آصف علي زرداريءَ صاحب سان تعزيت ٿي سگهي. انتهائي رش ۽ عوام جي هجوم هجڻ باوجود شفقت .سومرو ۽ احمد سولنگي انتهائي قرب سان ڀٽو هائوس جي مين گيٽ کان سيڪيورٽي ڪراس ڪرائيندي ان ڪمري ۾ ويهارين ٿا جتي آصف صاحب واقفن، دوستن ۽ ويجهن عزيزن کان تعزيت وٺي رهيو آهي. آصف صاحب جي ڪمري ۾ اچڻ کان اڳ محترمہ جي ميڊيا ٽيم جي اهم ڪارڪنن شيري رحمان، فرحت الله بابر، برگيڊيئر امان، جميل سومري ۽ ٻين دوستن سان ملون ٿا. جيتوڻيڪ کي ڏکيون ڳالهيون نہ ٿا ڪريون پر هڪ ٻئي کي ڏسي چهرن تي آيل اُداسي ذريعي هڪ ٻئي کي پُرسو ڏيون ٿا، ڏک ونڊيون ٿا.

آءٌ ڀٽو هائوس جي ڊرائنگ روم ۾ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو داخل ٿي رهيو آهيان. آءٌ هڪ قبرستان ۾ چئن شهيدن جي موجودگي تي اُداس ٿيندي سوچيان ٿو تہ سنڌ کي انهن قربانين جي عيوض ڇا مليو آهي. فقط چند مهينن جو ڪنٽرولڊ اقتدار ۽ ايجنسين جي ٻگهڙن جي قبضي ۾ آيل نام نهاد جمهوريت. جيئن جيئن سنڌ پنهنجي سياسي ميچوئرٽي ۽ فڪري سگهہ جي سفر ۾ اڳ ڀري ٿيندي ٿي وڃي تيئن تيئن آڏي رات جا ٻگهڙ سنڌ کي ڪو نئون ماتم مهيا ڪن ٿا. سنڌ ڄڻ تہ مستقل بنيادن تي جوڙيل ڪو مقتل گاهہ هجي جتان هر ڀيري ڪو سِر اڏيءَ تي اڏي، ملڪ کي، وفاق کي ۽ جمهوريت کي بچائڻ جو ڍونگ ڪيو ٿو وڃي.

ڏسان ٿو تہ ڀٽو هائوس جي هر دري ۽ وڻ اُداس آهي. فرش تي پير رکندي محسوس ٿئي ٿو تہ ڄڻ باهہ جي ماتم ۾ سرخ ٽانڊن تي اُگهاڙا پير رکي ڇڏيا هجن. هر در مان بي پناهہ هجوم سان گڏوگڏ ڳُٽپ کان باهر درد جا ڏکيا پاڇا پڻ لنگهي رهيا آهن. لڳو تہ ڄڻ ڪائنات جي هر شيءِ ماتم ۽ تعزيت ۾ آهي. مون کي هر چهرو ۽ هر شخص ڪو پنجابي تہ ڪو سنڌي، ڪو پختون تہ ڪو بلوچي، ڪو سرائڪي تہ ڪو ڪشميري هر چهرو هڪ جهڙو اداس لڳو.

اسين آصف علي زرداري سان تعزيت ڪري ڳڙهي خدا بخش لاءِ نڪرون ٿا. جيئن زندگي ۽ موت جي وچ ۾ هڪ سنهيءَ ليڪ جو فرق آهي ائين ئي مون کي ان مهل لڳو هو تہ نئين ديري جي تنهڻ اس ۽ ڳڙهي خدابخش جي درد ڀري ڇانوَ ۾ بس رڳو هڪ رتيءَ جو مفاصلو آهي.

مقامِ فيض ڪوئي راه مين جچا هي نهين
جو ڪوئي يار سي نڪلي تو سوئي دار چلي
(فيض احمد فيض)

هيءُ ڪوئي يار کان سوئي دار جو جيڪو اڙانگو ۽ ڪنڊيدار سفر آهي اهو شاهہ عنايت کان وٺي ذوالفقار علي ڀٽي ۽ ٻاگهل ٻائيءَ کان بينظير ڀٽو تائين سنڌ کان سواءِ ڪير سمجهي بہ نٿو سگهي.

هر طرف لڙڪ آهن، محترمہ جي تازي قبر تي گلن جا انبار آهن، رڙيون ۽ هاءِ گهوڙا آهي ۽ هيءُ ڏسو هڪڙي ڪنڊ ۾ امان امير بيگم چئي رهي آهي، ڏيندو ڪو منهنجي ٻچن جهڙو، آهي ڪو ٻهادر منهنجي ذلفي ۽ ان جي اولاد جهڙو ۽ هوڏانهن هڪ ٻي ڪُنڊ تي سنڌ جا ڪجهہ ڪاوڙيل ۽ ڏکويل نوجوان ماتم ڪندي چئي رهيا آهن.

حد هو گئي حسين تيري انتقام ڪي
هر دور ڪي يزيد ڪو گالي بنا ديا.

غلام رباني آگرو

# شهيد بينظير ڀٽو

بينظير ڀٽو، ذوالفقار علي ڀٽي جي وڏي نياڻي هئي. ڀنهي حڪومت به ڪئي ۽ شهادت جو درجو به پاتو.

**محترمه بينظير ڀٽو نهايت ذهين عورت هئي. انگلستان مان تعليم حاصل ڪري آئي هئي. والد بزرگوار جي شهادت کان پوءِ، ملڪ تي ڇانيل فوجي ٽولي ڪيس ۽ ماءُ کي اول قيد ڪيو ۽ پوءِ نظربند رکيو. سو، هن کي ننڍيءَ عمر ۾ ئي ڏاڍو ڏک ڏسڻو پيو. پر، قدرت ڪيس وڏو حوصلو عطا ڪيو هو. سو، هوءَ نه فقط پنهنجي والد جو سياسي ورثو سنڀالڻ ۾ ڪامياب وئي. پر، ملڪ جي حڪمران پڻ ٿي. اهو اسان جي پنهنجي دؤر جو هڪ معجزو آهي، جيڪو هن ڪري ڏيکاريو.**

انساني تاريخ ۾، هر دؤر ۾، مرد کي هرهنڌ برتري حاصل رهي آهي. پر، انهيءَ جي باوجود ڪي اهڙيون غيرمعمولي صلاحيتن واريون عورتون به پيدا ٿيون آهن، جن مردن کي مطيع ڪري، متن حڪمراني ڪئي آهي. اهڙن عورتن ۾ پهريون پهريون نالو ملڪه صبا جو آهي، جا هزارين ورهيه اڳ يمن ملڪ تي حڪمراني ڪندي هئي.

يمن انهيءَ زماني ۾ تمام متمدن ۽ طاقتور ملڪ هو. پر، حضرت سليمان عليه السلام ملڪه صبا کي پيش پوڻ جو حڪم موڪليو، جو ڪانئس به وڏي طاقت رکندڙ هو. اسان مسلمان حضرت سليمان عليه السلام کي نبي مڃيندا آهيون. پر، يهودي ڪيس توڙي سندس والد حضرت دائود عليه السلام کي بادشاهه ڪوٺيندا آهن. اڳي انگريزن جي بادشاهيءَ ۾ درسي ڪتابن اندر (King Solomon) ۽ (King David) تي سبق هوندا هئا.

ملڪه صبا کان پوءِ تاريخ جي ورقن ۾، عورتن ۾ ٻيو اهم نالو ملڪ قلوپطرا آهي. هوءَ مصر ملڪ جي راڻي هئي. فرعونن جي خاندان مان هئي. مصر ان زماني ۾ تمام طاقتور ملڪ هو ۽ ان جو حاڪم جنهن کي 'فرعون' ڪوٺيندا هئا، وڏو جابر هوندو هو. قرآن ڪريم ۾ به ان جو گهڻو ذڪر آهي. قلوپطرا بيحد حَسين هئي. پر، ان کان به وڌيڪ ذهين هئي. ديسان ديس سندس نالو هو. سندس شادي پنهنجي سؤٽ سان ٿيل هئي، جنهن کي پوءِ مارائي ڇڏيو هئائين ۽ پاڻ ئي مصر ملڪ جي حڪمران ٿي وئي. سندس دؤر ۾، روم دنيا جي وڏي طاقت

هئي، جنهن جي حاڪم کي ’سيزر‘ ڪوٺيندا هئا. جوليس سيزر به روم جو حڪمران هو. هن مصر تي ڪاهه ڪئي ۽ ان کي فتح ڪيو.
پر، قلوپطرا پنهنجي حُسنَ سان ڪيس مَسحورُ ڪري ڇڏيو ۽ هوءَ اڳي وانگر مصر جي راڻي رهي.
جوليس سيزر کان پوءِ روم جي جرنيل، مارڪ- اينٿونيءَ ملڪ ۾ غلبو اختيار ڪيو ۽ مصر تي حملو ڪري، ان کي فتح ڪيو، پر قلوپطرا ڪيس به پنهنجي حُسنَ سان مطيع ڪري ڇڏيو. اهڙن غيرمعمولي ڪارنامن، تاريخ جي ورقن ۾ قلوپطرا کي لافاني بنائي ڇڏيو.
مصر ملڪ جي حڪمرانن ۾ ٻيءَ به هڪ عورت جو اهم نالو نظر اچي ٿو. اها به راڻي هئي پر، پنهنجي ئي خريد ڪيل غلام تي پاڻ عاشق ٿي پئي. سندس نالو زليخا هو ۽ غلام جو نالو يوسف عليه السلام هو. قرآن ڪريم ۾ حضرت يوسف عليه السلام ۽ زليخا جو قصو به بيان ٿيل آهي. ان سبب سان، زليخا پڻ عورتن ۾ اڄ وڏي نالي واري آهي. ايران جي هاڪاري عالم درويش ۽ شاعر مولانا عبدالرحمان جاميءَ جي لکيل ’مثنوي يوسف زليخا‘ دنيا ۾ مشهور آهي.
هندستان م راڻي نورجهان به گهڻي مشهور آهي. سندس سونهن ۽ سمجهه جا ڪيئي داستان آهن.
ايتري ته ذهين هئي جو ٿي چار سؤ ورهيه اڳ هاڻوڪي هندستان ۽ پاڪستان جي حڪومت سندس مُٺ ۾ قابو هوندي هئي. ايڏي وڏي ملڪ ۾، وڏن وڏن جرنيلن جون مقرريون ۽ معزوليون، سندس ابروءَ جي فقط هڪ اشاري سان ٿي ويندڀون هيون. گورنر وزيراعظم ته ڇا، خود بادشاهه ئي سندس هٿن ۾ ڪٺ پتلي حڪمران هو.
اصل حڪمران پاڻ هئي مغل گهراڻي جي خاتمي ۽ انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ، اسان وٽ هندستان ۽ پاڪستان ۾، ٽن ڇئن عورتن وڏو نالو ڪڍيو: منجهن اندرا گانڌي وزيراعظم هندستان ۽ محترم بينظير ڀٽو، وزيراعظم پاڪستان، حسينه واجد ۽ خالده ضيا وزيراعظم بنگلاديش کان علاوه مسز بندرا نائڪي وزيراعظم سريلنڪا سرفهرست آهن. سونيا گانڌي به وڏو نالو آهي.
محترم بينظير ڀٽو جي شهادت وقت، جنرل پرويز مشرف فوج جي طاقت سان پاڪستان تي حڪمراني ڪري رهيو هو. ڪيس آمريڪا جي پنيرائي حاصل هئي ان جي چوڻ تي هن ملڪ ۾ عام چونڊون ڪرائڻ قبول ڪيون، جو خاطري هئس ته سندس ئي سياسي جماعت طاقت ۾ ايندي ۽ پاڻ ئي ملڪ جو حڪمران رهندو. پر، محترم جي شهادت عوام ۾ غمَ ۽ غصي جي اهڙي ته زوردار لَهَرَ اُڀاري، جنهن فوجي حڪمرانَ ۽ سندس جماعتي ٽولي کي لوڙهي، غرق ڪري ڇڏيو!
محترم بينظير ڀٽو هاڻي هن جهان ۾ ڪانه آهي. پر، پنهنجي عوام جي دلين ۾ زنده آهي. سندس تربت هر وقت گلاب جي گلن جي پنکڙين سان ڍڪي پئي آهي.
روزانو، بيشمار مرد، زالون ۽ ٻار صبح کان شام تائين، قطار در قطار اتي حاضري ڏين ٿا ۽ پنهنجين تمنڌڙ اکين سان، آسمان مان وسنڌڙ ٻوندن وانگر نذرانو پيش ڪن ٿا. اهو هڪ بيمثال منظر آهي. پر، شهيد بينظير ڀٽو به هڪ لافاني نالو آهي. سنڌ جي اُتر ۽ ڏکڻ، اولهه ۽ اوڀر ۾ ننڍن ۽ وڏن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ رهنڌڙ سمورن رهاڪن، ٻيڙن ۽ ٻارڙن جومٽس سلام آهي.

قهر ڪيئن ڪيو؟ آسمان ڏک ۽ ڪاوڙ وچان ٻاڙهو ٿي وڃي ٿو. درد جون مُنيون پڪوڙجي وڃن ٿيون، بزرگن جي مرجهايل چهري جا گهنج اڃا به نمايان ٿي وڃن ٿا. آس جا در پيچي پون ٿا، بار رانديون ڪرڻ وساري ويهن ٿا، مائرن جا چيهه ڇرجي پون ٿا. درد پنهنجي ڇاتي چني ٿو. سچ پنهنجي تپش سان پاڻ کي ساڙي ٿو. چنڊ ڏک وچان ڪڪرن جي اوٽ ۾ لڪي روئي ٿو ۽ متان وري

ٿي وڃي ٿي اهو گيت آلاپجي ٿو..........

"سنڌ جي نياڻي، نياڻي نماڻي
سنڌ کي روئاري وئي."

پوءِ سڏڪن جو سمنڊ آهي جيڪو نه کُٽڻ جو آهي ۽ نه جهلجڻ جو آهي.

اِلاهي! هيءَ ڪهڙو قهر ٿي ويو!!؟

عجيب طرح جي گهٽ ٻوسٽ اسان جي اندر کي ساڙي ٿي ته ڪڏهن ماري ٿي، اها مار جيڪا وچوڙي جي به آهي ته ناموس جي به آهي ته غيرت جي به آهي. اسان جي ڌرتيءَ جي ارڏي ڌيءَ شهيد ٿي آهي. جا بهادر هئي ته بي بها به هئي ان جي رت جي هڪ هڪ ڦڙي جو حساب ونجي. جي سنڌي قوم ايترو هوندي به مانار ۾ رهي ته پوءِ اها مانار شايد آخري گهڙين تائين اسان جي وجود کي مارينديي رهندي ۽ ٻارينديي رهندي.

جتي هن ڌرتي جي هڪ دلير ڌيءَ هزارين تڪليفن هوندي به نه جهڪي اتي اهي رنڊڪون ڪا معنيٰ نه ٿيون رکن، اوهين جو بزدليءَ جي چادر ويڙهي پنتي ٿا رهو. اتو اڳتي وڌو ۽ سچ کي ساڻ کڻو. شيخ اياز جي بيت کي جهونگاريو:

"سگهه ڏي اهڙي سچ، منهنجي جڪڙيل جيءَ کي،
ٻڇي ٿئي ٻچ ته به چوان، جو چوڻو هجي."

جڏهن ته هن ڌرتيءَ جي ڌيءَ ڪنهن به غاصب ۽ غدار کان نه ڊني. نيٺ جام شهادت پي امر ٿي وئي ته پوءِ اوهين ته هن ڌرتيءَ جا دلير آهيو ۽ دلبر به آهيو پوءِ پوئتي ڇو؟ ايڏي دير جو سبب!؟

ڪٿي وقت هٿن مان هليو نه وڃي ۽ ماضي جيان وري پنهنجن پيارن جا مياري ٿيون.

اڃا هاڻي ته مس پير ڪوڙيا هئا.

وري پيرن هينان زمين کسڪائي وئي.

اڄ تنهنجي دلربائي جي ڳالهه نڪتي.

اڄ تنهنجي نباهڻ جو وقت آهي

اڄ تنهنجي دلير پائي جي ڳالهه نڪتي.

جنهن ماءُ منيءَ تو کي ساهه ۾ سانديو

ان سان وفائيءَ جي ڳالهه نڪتي.

اچو، لاٽ سان ٻاٽ اونداهه کي چيري

پنهنجو عزم پختو رکو،

هو جو بزدل اسان جو قاتل آهي

ڪٿي آس پاس آهي

۽ وقت جو وار بيقرار آهي

وار تي وار ڪريو.

ائين نه ٿئي جو اها بيقراري ٿمجي وڃي

۽ ڪو گهاءُ سيني ۾ رهجي وڃي.

چو ته حوصلو!

سلسلو آهي ڪنهن ڏونگر کي ڏاري وڃڻ جو حوصلو، پرجهلو آهي ڪنهن تتيءَ کي تاري وڃڻ جو

هي راتين جا رولاڪا، درد جا سفر، رڻ جا رولڙا ڪجهه به ناهن، ارڏو عزم، سڀ تڪليفون بي معنيٰ ڪري ڇڏيندو آهي.

موت ته هر ماڻهو تي اچڻو آهي، رلي ۾ منهن لڪائي مرڻ کان بهتر آهي، مهاڏو اٽڪائي موت ماڻجي.

هر ان چال کي ناڪام بڻائجي جنهن اسان سان هر دور ۾ دوکا ڪيا آهن.

۽ اتي پوءِ موت به قبول آهي ۽ اها عظيم جنگ چئبي جيڪا ڌرتي جي آجپي لاءِ هجي،

هوءَ جا ڪنهن دلربا ۽ دلير شهزاديءَ جيان پنهنجي مٽي کي چمي اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندي اسان جي اڳڻ تي آئي پنهنجي اڳڻ تي آئي.

پوءِ او ظالم! تو هن ٻاگهي تي پويان وار ڪيو. حيف هجئي ڪانئر. تون سامهون اچين ها ته خبر پوي ها ته هن ڌرتيءَ رڳو دودا ۽ جوڌا نه ڄڻيا آهن پر هن ڌرتيءَ جون ڌيئر به پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

ڪيئن نه درد مان دل ڦاٽي پئي هئي، هانو ۾ جڻ ته ڪو، ڪوڪو ٽنبجي پيو هو، ٻاهر پڙڪيل باهه جيان اسان جي اندر ۾ هڪ مچ ٻريو جڏهن اسان ٻڌو ته هوءَ هلي وئي. رڙيون، واڪا هجن، اڙي چڳيءَ طرح ڏسو، متان اها خبر ڪوڙي هجي پر ائين نه ٿيو، خبر سچي نڪتي، اسين ڪوڙا ٿي پياسين. اکين ۾ نير هئا ۽ پوءِ رڳو سُڏڪا هئا.

سڏڪي ساري رات پئي آ، ڪارائيو جيون

سڀ ڪو آهي. صليب تي.

نه ته پلئه پراڻا ته ٿيندا ئي ناهن.

مون هڪ پيري بدر ابڙو جي جيل ڊائري ۾ پڙهيو هو جنهن ۾ هن ذڪر ڪيو هو (Thoru Bird) جو جيڪو زندگي ۾ رڳو هڪ دفعو ڳائيندو آهي ۽ ايترو ته سنو ڳائيندو آهي جو دنيا جي ڪابه مخلوق نه ٿي ڳائي سگهي ۽ اهو پکي جڏهن اڏامڻ لائق ٿيندو آهي ته پنهنجو آکيرو ڇڏي ڪنهن ڪنڊائين وڻ جي تلاش ۾ نڪرندو آهي تيستائين سک جو ساهه نه کڻندو آهي جيستائين اهو ڳولي نه لهي.

۽ پوءِ جڏهن اهو ڪنڊن ڀريو وڻ ملندو اٿس ته سريلي آواز ۾ آلاپيندي آلاپيندي هو پاڻ کي سڀ کان ڊگهي ۽ تيز اُڀي ڪنڊي جي مٿان ڇڏيندو آهي ۽ ڪنڊو سندس جسم ۾ گهڙي ويندو آهي ۽ هو موت سان راند ڪيڏندي ڪيڏندي اهڙو ته سرور ماڻيندو آهي ۽ تنواريندو آهي جو دنيا جي سڀ کان پياري ۽ امر گيت کي جنم ڏيندو آهي.

ائين ئي اسان جي شهيد راڻي به هڪ (Thoru Bird) جيان هئي جيڪا جڏهن پنڪي هئي تڏهن کان عوام سان پيار ۾ پويل هئي آخري دم تائين ان سان ئي ائين پيار ڪندي رهي. زندگي جي آخري لمحن تائين ان پيار جي سرور ۾ رهي. نيٺ اهي محبتون ۽ شفقتون ونڊيندي ونڊيندي آخر ۾ جان جو نذرانو ڏئي اسان تي نه ڄاڻ ڪيترائي ٿورا ڪري امر ٿي وئي. جيڪي ٿورا الائي ڪيترا جنم اسان لاهي نه ٿا سگهون.

هن ـي احسانن جي رتبن جي جا ڳالهه ڪجي، هوءَ ته پنهنجي شخصيت جي ڀرپور رنگن جا پنهنجي لمحن جا پنهنجي عظمت ڀريئي ڪردار جا ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته سنڌ جي نياڻي هجڻ جي الائي ڪيترا جنم ڇڏي وئي. جنهن جي ياد اسان کي جتي روئاريندي ته اتي اهو به ڏسيندي ته اها واٽ ڳوليو، جتي آجپو هجي اهو انسان ڳوليو جيڪو پاڻ کي سچائي اها شڪتي ڳوليو، جيڪا محبتن سان ٽمٽار هجي ته اتي ڏونگرن کي ڏارڻ جو حوصلو به رکندي هجي.

بهادر انسان پنهنجي ضمير سان پنهنجي خمير سان سچا هوندا آهن. موت جو هڪ ڏينهن مقرر هوندو آهي جيڪو موت سان اکيون ملائي مُرڪي ملي تو اهوئي جيئي ٿو ۽ اَمرتا ماڻي ٿو. هنگري جي شاعر زولٽن زيلڪ جي سٽ آهي ته:

"مون کي موت کان به وڌيڪ خود فريبي ۽ ذلت جي زندگي کان خوف ٿئي ٿو.

سچ آهي ته ان بزدلي جهڙي حياتيءَ کان ته موت کي ترجيح ڏجي.

جي تون ڪانئر ڪک ۾، سنڌي ماءُ نه تون، هيٺي هٿ نه هيريون، ڏاڍي کان نه ڏرون، ڪيئي پهڻ پٿون، لڳ اسان جا لوهه جا.

نجم پنهور

# لڙڪ سُڪن ڪانه!

اُها 27 ڊسمبر جي ڳاڙهي رنگ سان رتيل شام هئي، جڏهن محترمه بينظير ڀٽو راولپنڊيءَ جي لياقت باغ ۾ ڪنهن دشمن جي گوليءَ سان شهيد ڪئي وئي، گولي هڻندڙ شخص جا هٿ به ڪونه ڏڪيا. ڊسمبر ۾ اسڪول جي سياري جي موڪل هجڻ سبب آءٌ به آفيس کان موڪل ڪري ساهُرن ۾ پراڻي ميرپور ۾ ٽڪيل هيس، صبح جو آءٌ، حميد، پڪي ۽ ڳوٺ جا ٻار ٻنيءَ تي وڻ جي هينان ويهي ڪچهريون ڪرڻ لڳاسين، رشيد ٻارن کان بينظير جا نعرا پئي هڻايا ۽ موبائل ۾ ريڪارڊ ٿي ڪيا، ٻار زور زور سان نعرا هڻي رهيا هئا، سياري جو ڏينهن ننڍو هجڻ ۽ ٻنپهرن جو ننڊ نه اچڻ ڪري ڪيٽ جي پر واري ڇپراٽي تي وينا هئاسين، دل تي هڪ عجيب مونجهه محسوس پئي ڪيم، ساڍي پنجين جو وقت هوندو ادا يونس جو موبائيل وڳو، ادا ايڏي زور سان رڙ ڪئي "بينظير شهيد ٿي وئي" جو سيني جو ڏيان ڇڪجي ويو، ادا جي ڪنهن دوست جو فون هو ته بينظير کي راولپنڊي واري جلسي ۾ گولي لڳي آهي ۽ هوءَ شهيد ٿي وئي آهي. اتفاق سان اُن وقت لائيٽ بند هئي ۽ ٽي. وي به نه پئي هليو. جيئن صحيح صورتحال جي خبر پئي.

مون کي يقين نه پيو اچي هڪدم جام شوري پنهنجي پائٽي علي بابا کي فون ڪري پڇيم ته اُن چيو ته ها ڳالهه بلڪل صحيح آهي. هِت ٽي. وي تي نيوز هلن پيون، بينظير شهيد ٿي وئي؟!! اکين مان لڙڪ لارون ڪري وهڻ لڳا جڻ ته دنيا سڄي ويران ٿي وئي هجي، هيڪلي برپٽ ويراني ۾ بيٺي هجان! هر گهر مان رڪي رڪي تي روج ۽ راڙي جا آواز اُٿي پولارن ۾ گُم ٿي ٿي ويا.

ڳوٺ جون ڪيتريون ئي مائٽياڻيون هڪ هنڌ اچي گڏ ٿيون ۽ منهن تي پوتيون ڏئي پار ڪڍي روئينديون رهيون، مرد گهر جا سڀ حيران ۽ پريشان..... هيءَ ڇا ٿي ويو؟ هيڏو ظلم؟ "زنده آ بينظير زنده آ."

لائيٽ نه هجڻ ڪري ڪا خبر به نه پئي پوي. ان مهل ئي ڇوڪرا ڊوڙيا گاڏين ۾ پيٽرول پرائڻ لاءِ ۽ جنريٽر جو تيل وٺڻ لاءِ ڇو ته اندازو هو ته سڄي سنڌ ۾ باهه ٻري ويندي ۽ حالات خراب ٿي ويندا، پرسان ئي چاچا جن جو گهر هو سڀ اوڏانهن وياسين ته اُتي ٽي. وي هلي پئي، سڀ چينل واري واري سان هلائي ڏٺاسين جيڪي جتي هئا، اُهي اُتي ئي رهجي ويا، بس فون جو رابطو هو.

هي مايون ڇو ٿيون روئن بينظير انهن جي ڇا لڳي، ڇا هنن جي سڳي ڌيءَ هئي؟ ڇا هنن جي سڳي ڀيڻ هئي؟ هي هُن لاءِ پار ٿيون

ڪڏين ۽ آءٌ به انهن سان گڏ تي رُئان يا الله
هيءُ ڪهڙو ظلم ٿي ويو، هوءَ برصغير جي
ليڊر هئي، هوءَ اسان جي سنڌ جو شان هئي!
مانُ هئي! اسان جو اوچو ڳاٽ هو. هوءَ
سنڌياڻي هئي، هوءَ سنڌ جي ڄائي هئي، ظالمن
ڪان اُهو سَنو ڪونہ ٿيو تہ هوءَ حڪمران ٿئي؟
هوءَ بہ ڀيرا وزيراعظم ٿي، هوءَ مري بہ مات
ناهي ٿيڻي. هوءَ تہ اسان جي دلين ۾ زنده
رهندي، هوءَ ننڍين وڏن پوڙهن ٻڪن ۽ ٻارن
جي دلين تي راڄ ڪندي هئي، ڪير مڃڻ لاءِ
تيار نہ هو تہ هوءَ ظالمن جي هٿان شهيد ٿي
وئي آهي. اُها رات بہ قيامت جي رات جهڙي
هئي، سڄي سنڌ ۾ باهہ ٻري وئي. ڪيترن
هنڌن تي ڪيترو بہ نقصان ٿيو پر محترمہ جي
شهادت ڪان وڏو ڪو نقصان ڪونهي، پر
ڪارڪنن جي اندر جي باهہ ٿڌي نہ ٿي، اُها
ٿئي بہ ڪيئن؟

18 آڪٽوبر تي محترمہ جي وطن ورڻ وقت
سندس آجياڻي ريليءَ ۾ جيڪا خوشي هئي،
دهل ۽ شرنايون وڄائي آجيان ڪئي وئي هر
ماڻهو سڄي رات ٿي. وي آن ڪري ريليءَ جي
ڪوريج پئي ڏٺي ۽ اُن خوشيءَ جي ڪا انتها
نہ هئي ۽ اُها خوشي اُن وقت ڪافور ٿي وئي
جڏهن محترمہ جي ريليءَ تي خودڪش بم
ڌماڪو ٿيو، لائيوَ ڪوريج ڏيکاري پئي وئي
۽ اُن ريليءَ ۾ شريڪ 30 لک ماڻهو هئا. اهو
ريڪارڊ آهي ايتري گهڻي تعداد ۾ ماڻهن جي
ريليءَ ۾ شرڪت ۽ اُهو ظاهر پيو ڪري تہ
هوءَ هر دؤر ۾ معتبر ۽ مقبول هئي:
ڪيڏي مقبول آهي

اسان جي بينظير ڀُٽو!
جنت جو گل آهي!
اسان جي بينظير ڀُٽو!

جيڪو ماڻهو ٽي. وي جي اسڪرين تي اکيون
کُپائي ڏسي رهيا هئا ۽ اوچتو ڌماڪو ٿيو،
ايڏو خوفناڪ ڌماڪو جو 150 ڪان وڌيڪ
وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا، ۽ الاهي زخمي بہ
ٿيا. رب پاڪ محترمہ کي زندگي ڏني ۽ هوءَ
بچي وئي.
ڪنهن کي خبر هئي تہ هوءَ پنهنجي جان جي
پرواهہ نہ ڪندي جلسن ۽ جلوسن ۾ تقرير
ڪندي امر شهيد ٿي ويندي.
نہ اهڙي بهادر ليڊر نہ ڪا ٿي آهي؟ نہ ئي پيدا
ٿيندي، هُوءَ پنهنجي پيءَ ذوالفقار علي ڀٽي،
پنهنجي ڀاءُ مرتضيٰ علي ڀٽي ۽ شاهنواز ڀٽي
جيان شهادت ماڻي ۽ شهيدن جي لسٽ ۾
پنهنجو نالو لکرائي وئي، شهيدن جي پر ۾
وڃي آرامي ٿي.
محترمہ جي شهادت ڪان پوءِ سڄي پاڪستان
جون پر خاص ڪري سنڌ جون حالتون تمام
گهڻيون خراب ٿي ويون، هر گهر ۾ تڏو
وڇائجي ويو. هوءَ پيءَ جيان بهادر پُراعتماد
هئي ۽ هن ۾ بي ڊپائي هئي، هوءَ سنڌ جي
بهادر نياڻي هئي، هن کي خبر هئي تہ
ڪراچيءَ جيان سڄي ملڪ جا ڪارڪن ڪيس
بچائي وننڊا. پر هو پنهنجي جانين جو نذرانو
ڏيئي بہ ڪيس نہ بچائي سگهيا، پر اِهو مهڻو
سنڌ تي نہ آيو جو محترمہ جو لاش پنڊيءَ
مان ”نئين ديري“ وارن کي مليو.
سنڌين کي خاص ڪري سنڌ جي عورتن کي فخر

ريحانہ نظير

# توکي ڪيئن وساري سگهبو....!؟

انڌا اُونڌا ويچ، ڪل ڪُڄاڙا ڪائين،
اسان ڏکي ڏِيل ۾ تُون، پيارين پيچ،
سُوري جنين سيج، مَرڻ تن مشاهدو.
(شاهه)

شاهه سائين جي هنن سٽن جي پيٽا مان ان سنڌ جائي کي ڏيڻ چاهيان ٿي جنهن نہ صرف سنڌ جي نياڻين جو، پر پوري دنيا جي نياڻين جو ڳاٽ اوچو ڪيو، سنڌ ڌرتي هونئن بہ صدين کان سورمن، صوفين، ولين ۽ شهيدن جي ڌرتي رهي آهي جن سر ڏنو. اهڙين هستين مان هڪ صوفي هڪ شهيد هڪ تاريخ ساز شخصيت وادي مهراڻ جي شهيد راڻي بينظير ڀٽو بہ هئي.

**هر اک هرهنڌ ان کي ڳوليندي رهي جا ڪڏهن بہ وسرڻ جهڙي نہ آهي. هوءَ تہ تاحيات آهي اسان جي دلين ۾، جا نمايان نظر اچي ٿي بلاول جي عڪس ۾، جا سمايل آهي سورنهن ڪروڙ عوام جي دلين ۾، جا قائم ۽ دائم شاهه سائين جي هنن سٽن ۾:**

قدرت سندس ذات ۾ دنيا جون سڀئي خصلتون رکيون آهن جيڪڏهن اسان سندس شخصيت جو مطالعو ڪنداسين تہ پاڻ اسان کي هڪ پيار ڪندڙ ڌيءَ، ڀيڻ، زال، ننهن، ماءُ، مطلب تہ زندگيءَ جي هر روپ ۾ سونهن، عظمت، پاڪ دامني، همت، بهادري جو هڪ اعليٰ مثال ڏيندي نظر ايندي. اسين جڏهن هن جي سياسي زندگيءَ تي نظر وجهنداسين تہ هوءَ اسان کي هڪ ذهين بردبار، پراعتماد، دانشور، بين الاقوامي سياسي ساڃاهه رکندڙ سياستدان جي روپ ۾ نظر ايندي اها اسان جي بدقسمتي آهي جو اڄ اسان هن شخصيت کان محروم ٿي ويا آهيون.

محترمہ جڏهن اٺن سالن جي جلاوطني کان پوءِ سنڌ ڌرتي تي پهريون قدم رکيو ۽ سندس اکيون پنهنجي ڌرتي ۽ ماروئڙن کي ڏسي پرجي آيون اتي ئي ڌرتي ڪيس سڏ ڏني تہ هلي وڃ، هلي وڃ، هتي ظالم هر روڊ، هر گهٽي، هر شهر ۾ تنهنجي لاءِ بارود وڇايو آهي، پر هن عظيم پيءُ جي عظيم جائي حالتن سان سمجهوتو ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ انهن بارودي روڊن ۽ رستن تي پنهنجي ماروئڙن سانگيئڙن جهانگيئڙن سان گڏ هلندي رهي، بلڪل شاهه سائين جي هنن سٽن جيان تہ

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
مَتان ٿيئي اونداهہ، تہ پير نہ لهين پرين جو.

جڏهن هوءَ پنهنجي مقصد ۽ منزل تي پهچڻ واري هئي، تڏهن هن عظيم ليڊر کي دشمنن سازش ڪري گولين ۽ بمن جا وسڪار ڪندي عوام کان ڌار ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي. هوءَ جسماني طور ڀلي اسان وٽ موجود ڪانهي پر روحاني طرح اڄ بہ ڪروڙن ماڻهن جي اکين ۾ احترام ۽ دلين ۾ محبت جي صورت ۾ موجود آهي.

غاصب هن کي شهيد ڪري سمجهيو تہ هو ڪٿي ويو پر اها سندس ڀُل ثابت ٿي ڇو تہ بينظير هڪ فرد نہ آهي بينظير هڪ قوم آهي اها قوم جيڪا ڪڏهن بہ مري نٿي سگهي.

هوءَ جيڪا ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪرڻ واري ليڊر هئي، سندس شهادت جتي سندس جانثار پيار ڪندڙ عوام کي رت جا ڳوڙها روئاريا، اتي ڪين هڪ سبق، هڪ صلاح، هڪ مقصد، هڪ منزل پڻ ٻڌائي تہ اجا وقت ڪونہ ويو آهي متحد ۽ منظم ٿي دشمنن جي اکين ۾ اکيون وجهي ميدان عمل تي اچو، منزل هاڻي تمام ويجهي آهي. سندس شهادت هڪ پيغام آهي، هڪ مقصد آهي، هڪ منشور آهي، ڙڳو ان تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي، جنهن ۾ ذاتي مفادن کي ڇڏي وسيع تر قومي مفادن کي نظر ۾ رکڻ جي ضرورت آهي، سندس پيغام جدوجهد جو پيغام آهي، شيخ اياز جي هنن سٽن وانگي:

اي چنڊ ستارا ساکي ٿيو، مون جيڪو گيت چيو آهي.

تنهن آزادي جي رستي تي، هڪ لمحو پنڌ ڪيو آهي.

اڄ سندس قرباني رنگ لاتو ۽ سندس پارٽي اڪثريت سان ڪٽي آئي، پر اڄ جڏهن ايوان اندر هزارين ماڻهن هوندي هڪ ويراني ۽ ويڳاڻپ واري حالت نظر آئي تڏهن هڪ دفعو وري دل پرجي آئي ۽ شاهہ سائين جون هي سٽون دل تي تري آيون:

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين،
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جيءَ جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

جڏهن وزيراعظم جو اعلان ڪرڻو هو تڏهن سندس ور آصف جيڪو نہ صرف سندس شريڪ حيات هو پر هو، سندس ان جدوجهد ۾ شريڪ سفر رهيو جنهن اليڪشن کان پوءِ ڏينهن رات پارٽين سان ملي هڪ اتحاد هڪ حڪومت قائم ڪئي ۽ سندس پٽ بلاول ڀٽو زرداري جنهن عظيم ماءُ جي عظيم قرباني کي مرڪي قبول ڪيو ۽ چيو تہ My Mother said, "Democracy is the best revenge" ۽ جنهن لاءِ تعصب پرست چئي رهيا هئا تہ شايد هو پريس جي سوالن کان گهبرائي رهيو آهي (جڏهن تہ ڪجهہ عرصو اڳ هن انٽرنيشنل پريس گهرائي ان جا جواب ڏيئي سڄي دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو هو) پوءِ ڇا سبب هو جو آصف ۽ بلاول وزيراعظم جي نالي جو اعلان پارٽي جي هڪ ڪارڪن کان ڪرايو، ڇاڪاڻ تہ اڄ وري هوءَ شدت سان ياد آئي ۽ جڏهن ماڻهن "جيئي ڀٽو جيئي ڀٽو" جا نعرا هنيا ۽ جڏهن اتي وزيراعظم بينظير جو نعرو نہ لڳو تڏهن ڪنهن سوچيو تہ ان پٽ ۽ ان مڙس تي ڇا گذري هوندي. اڄ قوم کي وزيراعظم ملي ويو، پارٽي کي ليڊر مليو. پوءِ ڇا آصف جي شريڪ حيات موٽي آئي؟ ڇا بلاول، بختاور ۽ آصفہ کي بہ ماءُ ملي وئي؟ ڇا صنم کي بہ ڀيڻ ملي وئي....؟؟؟ هوءَ جيڪا سياسي بصيرت ۾ قرت العين طاهره، صوفين ۾ بيبي رابعہ بصري، همت ۽ شجاعت دانشوريءَ ۾ بيبي زينب عليه السلام ۽ نهنائي نماڻائپ پيار محبت صبر شڪر ۾ حضرت بيبي فاطمہ رضہ جي پوئلڳ هئي اها اڄ ڪٿي آهي؟ هر اک هرهنڌ ان کي ڳوليندي رهي جا ڪڏهن بہ وسرڻ جهڙي نہ آهي. هوءَ تہ حيات آهي اسان جي دلين ۾، جا نمايان نظر اچي ٿي بلاول جي عڪس ۾، جا سمايل آهي سورنهن ڪروڙ عوام جي دلين ۾، جا قائم ۽ دائم شاهہ سائين جي هنن سٽن ۾:

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري نہ ٿين مات،
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيا.

*

زينب سردار بنگوار بلوچ

# ڀٽو هڪ عظيم خاندان

تاريخ قومن جي روزمره جو اهو سچو رڪارڊ آهي، جنهن کان ڪوبہ انڪار نٿو ڪري سگهي، جنهن جي گهرائي ۾ وڃي انسان ماضي، حال ۽ مستقبل جو اندازو چڱيءَ طرح لڳائي سگهي ٿو. منهنجي هنن ڳالهين جو اشارو ڪنهن ٻئي ڏانهن نہ پر منهنجي پنهنجي ئي وجود طرف آهي ڇو تہ منهنجو تعلق شعر و شاعري يا ادبي دنيا سان ناهي رهيو، پر جڏهن ڳالهہ نڪري ٿي عظيم شهيدن جي خاندان جي يعني ڀٽو خاندان بابت تہ دل ۾ سمايل سموري محبت ۽ درد پريل آهون قلم جي ذريعي لفظن جو روپ وٺي ظاهر ٿي پون ٿيون. دلين جي درد کي درد مند دليون ئي سمجهي سگهنديون ۽ اندر جي اڌمن ۽ درد کي ظاهر ڪرڻ جو واحد ذريعو قلم ئي آهي، هونئن تہ قلم هڪ بي جان شيءِ آهي مگر ڳالهہ جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي هجي شهيد شاهنواز جي، مير مرتضيٰ شهيد جي يا شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي تہ قلم ۾ بہ جان اچي ويندي آهي، جذبا درد جي رنگ سان پرسوز لفظن جو روپ وٺي بيهندا آهن.

ڀٽو خاندان جنهن نہ صرف پاڪستان بلڪ دنيا جي تاريخ ۾ عظمتن ۽ بي پناهہ قربانين جا اهڙا باب رقم ڪيا آهن جيڪي ايندڙ نسل لاءِ مذهبي، سياسي جرئت ۽ سماجي رهنمائي جو ڪردار ادا ڪندا. سندن ڪردار ۾ حب الوطني ۽ هڪ سچي انسان جون صفتون سج جي روشني جيان عيان ڪري ٿو. نيڪ نيتي سان عوام جي خدمت ڪرڻ وارو جذبو ۽ عوام جي خاطر جان جي قربانيءَ جو اجر قدرت ڪين ضرور ڏيندي. آمين.

هتي مان اها ڳالهہ ڪرڻ ضروري سمجهنديس تہ سياست کي عبادت سمجهندڙ ڀٽي خاندان جا قدرت ڪيئن درجا بلند ڪيا، ضيا آمر پاڪستان پيپلز پارٽي کي ختم ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي پ پ پ جي ليڊرن تي بي انتها تشدد ڪيو ويو، پ پ پ جو پارٽي نشان هٽائڻ جو حڪم جاري ٿيو ۽ اجا وڌيڪ ڏڪوئيندڙ واقعو فرانس ۾ شاهنواز ڀٽو کي سازش تحت زهر ڏئي شهيد ڪيو ويو. اهي مڙئي سازشون ميدان خالي ڪرائڻ جون هيون تہ جيئن پاڪستان ۾ آمرن کي للڪارڻ وارو ڪوبہ نہ رهي. پر شايد ظالم اهڙو انڌير ڪندي هي وساري ڇڪا هئا تہ سندن مقابلي ۾ بينظير آهي جيڪا شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي تصوير ۽ آمرن جي

آمريت جو منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ جي سگهه رکڻ واري هئي، ڪين اندازو نه هو ته هيءَ ڇٽنگ هڪ ڏينهن پنيٺ ڀڄي ڪين ساڙي رک ڪري ڇڏيندي، محترمه 24 سالن جي جمار ۾ پارٽيءَ جون واڳون سنڀاليون، ڪڏهن جيل جي سلاخن پويان ڪڏهن گهر ۾ نظربند ته ڪڏهن جلاوطني جهڙين صعوبتن کي منهن ڏيندي رهي پر ڪڏهن به ظالمن جي اڳيان نه جهڪي بلڪ حق سچ جي واٽ تي صبر ۽ تحمل سان هلندي رهي، دشمنن جا ڪوڙا ڪوٽ ڪيرائيندي رهي. محترمه آمرن جي خلاف هي نعرو بلند ڪيو ته: "جمهوريت بهترين انتقام آهي."

هڪ مسلمان ملڪ جي ٻه ڀيرا وزير اعظم ٿيڻ جو اعزاز حاصل ڪيائين پر افسوس جو سندس ٻئي دور ۾ سازش ڪري جلاوطني ختم ڪري ڏيهه پهتل سندس ڀاءُ مير مرتضيٰ کي ڪراچيءَ ۾ بيدرديءَ سان شهيد ڪيو ويو، حڪومت ختم ڪرائڻ جي اها ڪوشش ڪامياب وئي، پر محترمه شهيدن جي شهادت جو بار ڪلهي پنهنجي عوام آڏو هميشه مرڪندي رهي.

18 آڪٽوبر تي، ڪيترن سالن جي جلاوطني ختم ڪري جڏهن ملڪ واپس پهتي ته ڪيس هڪ ٻئي آمر جو مقابلو ڪرڻو پيو. ديس جي ڌرتيءَ تي قدم رکڻ شرط بندوقن جا منهن ڏانهس ڪوليا ويا، بينظير دشمنن جي دلين ۾ تير جيان چڀندي رهي، سندس اڏول وجود دشمنن جي هانو تي بار هو، 27 ڊسمبر تي انتقامي سازش ڪامياب ٿي ۽ محترمه شهادت جو جام پيتو. محترمه کي راولپنديءَ ۾ ائين شهيد ڪيو ويو جنهن ۾ ذوالفقار علي ڀٽي کي شهيد ڪيو ويو هو. هڪ ڀيو قافلو اپ ڏاريندو ڳڙهي خدا بخش ڏانهن روانو ٿي ويو، آسمان وري رنو 18 آڪٽوبر جي رات چنڊ ۾ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جو چهرو مبارڪ نظر آيو، 27 ڊسمبر جي دلين جي جيڪا ڌڙڪن رڪجي وئي هئي اها 30 ڊسمبر جي شام جو ڀيهر آهستي آهستي شروع ٿي چو ته ان رات سندس فرزند کي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمن مقرر ڪيو ويو. جمهوريت بهترين انتقام آهي، هڪ دفعو ڀيهر اهو نعرو بلند ٿيو **"ڀٽو کي تصوير بينظير- بينظير کي تصوير بلاول"** عوام جي اميدن جو ڏيئو بلاول جي نالي سان روشن ٿيو. شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي تصوير جو عڪس بلاول جي تصوير ۾ نظر آيو. ڌڻيءَ در دعا آهي ته شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو، شهيد شاهنواز ڀٽو ۽ شهيد راڻي جي ٻارن جي حفاظت پنهنجي رحمت جي ڇانو ۾ هميشه ڪري هميشه خوشيون ۽ ڪاميابيون نصيب ڪرين ۽ ڪين صحت ۽ وڏي جمار بخشي ۽ سدائين هيءَ دنيا سندن نعرن سان گونجندي رهي... آمين.

**سدا رهي آباد ڀٽو، جيئي ڀٽو سدا جيئي.**

زيب لغاري

# دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ لکيل محترمه بينظير جي آخري ڪتاب جو خلاصو

هڪ اڳواڻ جو ڪم قوم جي رهنمائي ڪرڻ هوندو آهي. اڳواڻ جو اهو ڪردار خاص اهميت اختيار ڪري ويندو آهي. جڏهن قوم ڪنهن مشڪل ۾ ڦاٿل هوندي آهي. دنيا جي تاريخ ۾ عظيم اڳواڻن پنهنجين پنهنجين قومن جي رهنمائي ڪري کين مشڪل حالتن مان ٻاهر ڪڍيو.

اڄ اسان جو پيارو ملڪ پاڪستان دهشتگرديءَ جي عالمي جنگ ۾ الجهيل آهي. هي جنگ صرف پاڪستان جي متعلق نه آهي پر هن جنگ اسلامي ۽ اولهه جي ملڪن جي وچ ۾ عالمي فساد جي شڪل اختيار ڪري چڪي آهي. ڪجهه مفڪر هن جنگ کي تهذيبن جي جنگ قرار ڏين ٿا، جنهن ڪري نه صرف پاڪستان پر سڄي دنيا جو امن خطري ۾ پئجي ويو آهي.

انهن حالتن ۾ اسان جي اڳواڻ محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي قائدانه صلاحيتن کي استعمال ۾ آڻيندي قوم جي رهنمائي ڪرڻ لاءِ هي ڪتاب لکيو. هن ڪتاب جو نالو آهي:

(Reconciliation: Islam, Democracy and west)

هن ڪتاب جي ذريعي بينظير ڀٽو نه صرف پاڪستاني قوم پر سڄي اسلامي دنيا ۽ اولهه جي ملڪن کي دهشتگرديءَ جي نه ختم ٿيندڙ جنگ جي ڇوٽڪاري لاءِ نوس نڪتا ڏنا آهن. هي ڪتاب بينظير ڀٽو جي سياسي سوچ ۽ راءِ جو مظهر آهي. جيتوڻيڪ هن ڪتاب جي ڇپجڻ کان ڪجهه ڏينهن پهرين بينظير ڀٽو جام شهادت نوش ڪيو، پر سندس هي ڪتاب اسان جي رهنمائي جي لاءِ موجود آهي.

هن ڪتاب جا ڇهه حصا آهن، پهرين حصي ۾ بينظير ڀٽو آڪٽوبر 2008ع ۾ پنهنجيءَ پاڪستان واپسي وارين حالتن جو منظرنامو پيش ڪيو آهي.

ٻئي حصي ۾ اسلام جي اندر جاري آمريت ۽ جمهوريت يعني ميانه روي ۽ انتهاپسنديءَ جي ڪشمڪش جو جائزو ورتو آهي.

ٽئين حصي ۾ اسلام ۽ جمهوريت جي تاريخ ۽ اسلامي ملڪن ۾ ان جي عملي مظاهري جي تفصيل ڏني آهي. چوٿين حصي ۾ پاڪستان جو مثال ڏنو آهي.

پنجين حصي ۾ ان سوال جو مطالعو ڪيو ويو آهي ته ڇا تهذيبن جي جنگ هاڻي ناگزير ٿي وئي آهي؟

آخري حصي ۾ اولهه ۽ اسلامي ملڪن جي وچ ۾ سرچاءِ جي لاءِ مختلف ذريعن جي سڃاڻپ ڪئي وئي آهي.

ڪتاب جي هن خلاصي ۾ بينظير ڀٽو جي طرفان اٿاريل ڪجهه اهم نڪتن جو ذڪر هيٺ پيش ڪجي ٿو:

1. بينظير ڀٽو تحقيق ڪري ثابت ڪيو آهي ته اسلام جمهوري اصولن مثلاً شوريٰ، اجماع ۽ اجتهاد تي تعمير ٿيل مذهب آهي.
2. سماج ۾ عورت ۽ مرد جي ڪردار جي برابريءَ جي حوالي سان پڻ بينظير ڀٽو مختلف قرآني آيتن جو ذڪر ڪندي ثابت ڪيو آهي ته اسلام ۾ حضرت آدم عليه السلام جي سيني ٻارن کي الله تعاليٰ جي اڳيان هڪجهڙو مانُ ۽ مرتبو آهي. عورت ۽ مرد جون معاشرتي ذميواريون به برابر آهن. صرف انهن جي

نوعيت انهن جي صلاحيتن جي لحاظ کان مختلف آهي.

3. هن ڪتاب ۾ اولهه ۾ اسلام جي لاءِ موجود هن تاثر کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ اسلام جديديت، ترقي، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي خلاف آهي. اسلامي تاريخ ۾ انهن مضمونن ۾ ڪيل ترقيءَ جو تفصيلي جائزو پڻ پيش ڪيو ويو آهي.

4. بينظير ڀٽو دليل ڏئي ظاهر ڪيو آهي تہ اها جنگ اصل ۾ اسلام جي اندر انتهاپسندن ۽ برابري رکڻ وارن جي وچ ۾ آهي ۽ دنيا جي هڪ ارب مسلمانن جي وڏي اڪثريت برابري جي حمايتي آهي.

5. بينظير ڀٽو ان جي مخالفت بہ ڪئي آهي تہ ڪو انسان ڪنهن ٻئي انسان کي سنو يا خراب مسلمان قرار ڏيڻ جو حق رکي ٿو. اهو حق جتائڻ وارن اسلام ۾ فِرقن جو بنياد رکي، مسلمان کي مسلمان جي خلاف ڪيو.

6. اسلام جي اندر مختلف فِرقن جي حوالي سان ڪتاب چئي ٿو تہ هر مسلمان کان الله تعاليٰ الڳ الڳ حساب وٺندو تہ آيا ان قرآن پاڪ تي عمل ڪيو يا نہ؟ قرآن پاڪ چا ٿو چوي اهو هر انسان قرآن پاڪ پڙهي پاڻ فيصلو ڪري، ڪوبہ انسان اهو چئي قيامت جي ڏينهن پاڻ کي بيگناهہ ثابت نٿو ڪري سگهي تہ ڪنهن نڪتي جي باري ۾ قرآن پاڪ جو مطلب ۽ مفهوم ان کي ڪنهن خاص عالم هي ٻڌايو هو، هر انسان پنهنجي ذهني ۽ جسماني عملن جو پاڻ ذميوار آهي.

7. بينظير ڀٽو جهاد جي معنيٰ ۽ مطلب جو تحقيقي جائزو پيش ڪندي دهشتگرديءَ جي جنگ جا محرڪ پيش ڪيا آهن.

8. مسلمان ملڪن ۾ اولهہ جي حمايت ۾ هلندڙ آمر حڪومتن اهو موقعو ڏنو آهي تہ انتهاپسندن ان ملڪ جي ڌتڙيل عوام کي اولهہ جي خلاف نام نهاد جهاد جي لاءِ اُڪساهڻ جو سبب انهن عوامن جو معاشي ۽ معاشرتي استحصال آهي. جيڪو اولهہ جي ملڪن جي آمريت جي حمايت ڪري ٿيو آهي. اولهہ اها حمايت پنهنجي معاشي ۽ سياسي فائدن جي لاءِ ڪري ٿو. اسلامي ملڪن جا عوام انڪري اهو سمجهڻ لڳا آهن تہ اهو سڀڪجهہ اولهہ پنهنجي تهذيب، اقتدار ۽ اخلاقيات جي فروغ لاءِ ڪري رهيو آهي. انتهاپسند ان کي جهاد جي لاءِ ڪافي سبب قرار ڏيڻ لڳا آهن ۽ مسلمانن کي اولهہ جي ملڪ جي عوام خلاف اُڪساهن ٿا.

9. بينظير ڀٽو قرآن پاڪ جي آيتن جو حوالو ڏيندي ثابت ڪيو آهي تہ اسلام دنيا جي اندر مختلف مذهبن جي موجودگيءَ کي برداشت ڪرڻ لاءِ چوي ٿو، هڪ ڪتاب کي مڃڻ وارن جو قدر ڪري ٿو.

10. آمر حڪومتون پنهنجي اقتدار کي بچائڻ ۾ مصروف رهن ٿيون ۽ ان لاءِ ”ورهايو ۽ ويڙهايو“ جي پاليسي تي عمل ڪن ٿيون ان ڪري مذهبي فرقيواريت کي فروغ ڏين ٿيون جيڪي اڪثر انهن جي ڪنٽرول مان بہ ٻاهر نڪري وڃن ٿيون، انتهاپسند قوتون انهن آمرن جي نظام ۾ چوٽ چڙهن ٿيون.

بينظير ڀٽو ان سلسلي ۾ لڳ ڀڳ ٽيهن مسلمان ملڪن جو تاريخي جائزو پيش ڪيو آهي. جتي اولهہ جي حمايت سان هلندڙ آمريت انتهاپسنديءَ کي فروغ ڏنو. ان سلسلي ۾ پاڪستان جو مثال تفصيلي طور تي پيش ڪيو آهي.

11. آخر ۾ بينظير ڀٽو اولهہ جي ملڪن کي آمريت نہ، پر جمهوريت جي حمايت ڪرڻ لاءِ چيو آهي ۽ مسلمانن کي برابريءَ جو مشورو ڏنو آهي جيئن تهذيبن جي جنگ کي ٽاري سگهجي ۽ دهشتگرديءَ جي جنگ مان ڇوٽڪارو حاصل ڪجي.

امر سنڌو

# ضياء جي لڪايل گولي، نيٺ بينظير کي نشاني بڻائي ويئي!

قاتل کي پنهنجي دست وگريبان تي هن جي خون جا داغ ڇٽا نظر تي آيا. هُن، تڏهن ئي جڏهن اجا مقتول جي جسم تان رت ڌوئي صاف نہ ڪيو ويو هو تہ اهي خون جا ڇٽا رستن تان ڌوئڻ شروع ڪيا. هو فائربرگيڊ جون گاڏيون ڪٺي آيا، هو خون جا داغ رستن تان ڌوئڻ ۾ ڪامياب پڻ ويا هجن، پر Street Wisdom کي هن جي خون جا داغ سندن دست و گريبان تي ڇٽا نظر اچن ٿا. اها Street Wisdom آهي، جنهن جي خواب کي، اتساهہ کي جنهن جي دل جي ڌڙڪن کي سندن خوابن، خواهشن، محبتن، چاهتن جي مرڪز، سندن دلين جي راڻيءَ کي هو ڏينهن اول کان نشانو بنائيندا تي ويا.

”مون کي ڪجهہ ماڻهن سياست ڇڏڻ جي نصيحت ڪئي آهي، انهن مون کي خبردار ڪيو آهي تہ منهنجي قسمت بہ منهنجي والد ۽ منهنجي پائن جهڙي ٿي سگهي ٿي، پر منهنجو ڪين جواب آهي تہ منهنجي پارٽيءَ جا ڪارڪن هر خطري ۾ منهنجي حفاظت ڪندا. مون پنهنجي مرضيءَ سان ڪندن جي رستي جي چونڊ ڪئي آهي ۽ موت جي واديءَ ۾ قدم رکيو آهي.“

هوءَ پنهنجي پيءُ جو جسم ڇهي بہ نہ سگهي هئي، ڪيس ياڪر پائي بہ نہ سگهي هئي. جڏهن ڪيس موت جي ڪال ڪوٺڙي ۾ قيدي پيءُ سان آخري ملاقات لاءِ آندو ويو هو، اها اڌ ڪلاڪ جي ملاقات هئي. آخري ملاقات... ان کان پوءِ سندس پيءُ فقط تاريخ ۾ زنده رهڻو هو.

”اڄ رات مان دنيا جي غم مان آزاد ٿي ويندس!“ پنڪي پنهنجي پيءُ جي چهري تي روشني ڏٺي هئي. ”مان پنهنجي والده ۽ والد ڏانهن هليو ويندس، مان لاڙڪاڻي پنهنجي ابن ڏاڏن جي زمينن ڏانهن واپس وڃي رهيو آهيان، مان ان سرزمين جو، ان جي خوشبوءِ ۽ ان جي فضا جو حصو بڻجي ويندس.... خِلق خدا اها فقط آمرن پاران ماريل، مقتول شهيد پٽي جي پنڪي ئي نہ هئي، اها ڪروڙين دلين تي راڄ ڪندڙ راڻي هئي، جنهن جي تعاقب ۾ اها گولي تڏهن کان هئي. جڏهن هن پنهنجي پيءُ پاران يتيم ڪيل عوام جي وارثي جو اعلان ڪيو هو. ”بينظير کي زنده ڇڏڻ وڏي ۾ وڏي غلطي هئي.“اهو ضياءُ الحق جو سندس دوست کي چيل جملو، جيڪو مشرق جي هن راڻيءَ پنهنجي آتم ڪٿا جي نئين ايڊيشن ۾ لکيو هو، آمر کي غم هو تہ هن بينظير کي ڪمزور سمجهي زنده ڪيئن ڇڏيو. آمر جي ان پڇتاءَ کي پاڻي ڏيڻ لاءِ هڪ گولي سندس تعاقب ۾ تنهن ڏينهن کان هئي.

منهنجي باري ۾ گيت ڳائيندي ۽ مان سندن ڪهاڻين، لوڪ داستانن جو زنده جاويد حصو بڻجي ويندس.“

پنڪيءَ جي پيءُ کي پنهنجي جدوجهد ۽ عوامي پيار تي ويساهہ هو، پنهنجي زندگيءَ جي آخري رات ۾، هن پنهنجي پنڪيءَ کي چيو، ”پر لاڙڪاڻي ۾ اڄ تہ ڏاڍي گرمي آهي.... مان اُتي هڪ سائبان نهرائيندس. اسان جڏهن بيهر ملنداسين تيستائين خدا حافظ.“ هن پنهنجي پيءُ کي آخري الوداع چيو هو، هن جي عمر تنهن وقت فقط 25 سال هئي. هوءَ پهريون دفعو پير اگهاڙا ڪري پنهنجي پيءُ جي مدفن تي ويئي هئي، ڪيس ياد آيا هئا، پيءُ جا اکر.... جڏهن هوءَ هارورڊ پئي وئي.... پنڪي جو پيءُ ڪيس آمريڪا موڪلڻ کان اڳ گڙهي خدا بخش جي ان پٽن جي اباڻي قبرستان ڏانهن وٺي ويو هو ۽ ڪيس چيو هئائين تہ ”تون گهڻو پري آمريڪا وڃي رهي آهين، اتي تون گهڻيون

ئي شيون ۽ گهٽيون ئي جڳهيون ڏسنديءَ پر آخرڪار توکي واپس هتي ئي اچڻو آهي. اها ئي تنهنجي جڳهه آهي، تنهنجون پاڙون هتي آهن. لاڙڪاڻي جي مٽي، ڌوڙ ۽ گرمي. تنهنجي هڏين ۾ موجود آهي ۽ اها ئي جڳهه آهي، جتي توکي دفن ٿيڻو آهي.“ هن پنهنجي ڳوڙهن ۾ پنهنجي پيءُ جي قبر ڳولهي هئي ۽ هن وقت سندس پهلو ۾ سندس مدفن، پاڻ ڳوڙهن ۾ تلاشيندا سين.

هن مٽي ۽ گلاب جي پتين سان ڍڪيل قبر ۾ پنهنجي پيرن واري جاءِ ڳولهي ۽ چُمي، سندس چاهيندڙ، اڄ سندس گلاب پتين ۾ ڍڪيل مدفن ۾ سندس اها گلاب پتين جهڙي ڳچي ڳولهي چمندا هوندا، جنهن تي لڳل گولي سندن خواب، سندس آس، سندس اميد، سندن بينظير کسي ورتي هئي. اها گولي... بينظير جا شيدائي سندس وارث ۽ سندس سياسي ورثي ۽ بصيرت جا مڃيندڙ ڳچيءَ ريت سڃاڻين ٿا. نه رڳو ان گوليءَ کي جيڪا سندن محبوب رهنما جي تعاقب ۾ هئي، پر انهن هٿن کي پڻ جيڪي اها گولي هلائيندڙ آهن. هوءَ اڃا هارورڊ ۾ هئي ته اتي پاڪستان جي سڃاڻپ مشرقي پاڪستان ۾ بربريت جي حوالي سان قائم ٿي هئي. تنهن وقت هن اتان جي اخبارن ۾ اهو ٿي پڙهيو ته، ڍاڪا کي ساڙي رک ڪيو ويو آهي. گولي هلائڻ وارا يونيورسٽي جي پرپاسي ۾ شاگردن، استادن، شاعرن، ناول نويسن، ڊاڪٽرن ۽ وڪيلن جي قتل لاءِ موڪليا ويا آهن. اهي اتي بربريت ڪري رهيا آهن.“ ان وقت بينظير کي اهو سڀ ڪجهه ڪوڙ ٿي لڳو. ڪيس اهو تڏهن سچ لڳو هو، جڏهن هن ضياءَ پاران سنڌ ۾ جبر ۽ اذيت جو برپا ڪيل طوفان ڏٺو هو، ڪيس يقين آيو هو ته عام ماڻهن کي بنا ڏوهه، سياسي وابستگيءَ جي آڌار تي گولي جو نشانو بڻائي سگهجي ٿو. اها ساڳي ئي پنڊي هئي، ساڳي ئي پنڊي جتان پنڪيءَ جو جسد خاڪي ڪنيو ويو. اها پنڊي، جنهن سندس پيءُ جي قاتل کي پناهه ڏني هئي، ساڳي ئي پنڊي جنهن مٽس به آخري ڪامياب وار ڪيو. پنڊيءَ ۾ 5 جولاءِ تي وزيراعظم هائوس ۾ اهي ديوارون ٽپي آيا هئا. سندن سنڌي ملازم عرس ٻڪندو آيو هو ۽ رڙ ڪندي چيو هئائين، ”پٽي صاحب کي ٻڌايو اهي ان کي قتل ڪرڻ لاءِ اچي ويا آهن. صاحب کي لڪڻ کپي.... لڪڻ کپي.“

”منهنجي زندگي خدا جي هٿ ۾ آهي. جيڪڏهن اُنهن مون کي قتل ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي ته اهي ضرور مون کي قتل ڪندا.“ ڪيس تڏهن ته قتل نه ڪيو ويو پر قتل جو اهو ارادو، هڪ عدالتي ڪيس وسيلي پورو ڪيو ويو. مک بنگالين جي قتل جا چندا سندن لباس تي صاف ظاهر هئا. ان ڪري اهوخون ان آمر پنهنجي ورديءَ تي ڏسڻ نه ٿي چاهيو ۽ عدالتي ڪيس جو ڊرامو ٿيو، پوءِ اهو تاريخ ثابت ڪيو ته هيءُ سياسي قتل نه، پر رياستي قتل هو، جنهن ۾ رياست جا سيئي ادارا پنهنجا دامن عوام جي محبوب رهنما جي خون جي ڇنڊن کان بچائي نه سگهيا هئا.

پنڪي تڏهن سياست ۾ اڃان ٻار هئيءَ پنهنجي پيءُ جي پڇڻ تي ڪيس يقين سان چيو هئائين ته ضياءُ اليڪشن ڪرائيندو، ”بيوقوف نه ٿي پنڪي، اهي اقتدار ڇڏڻ لاءِ قابض نه ٿيندا آهن، ۽ نه ئي اهي بغاوت ان ڪري ڪندا آهن ته اليڪشن ڪرائي جمهوري آئين بحال ڪن.“ سيپٽمبر ۾ سندس محبوب پيءُ بيهر 70 ڪلفٽن مان ڪنيپيو ٿو وڃي. ڊسمبر.... ساڳي ئي سورنهن ڊسمبر، جڏهن پاڪستان جو جرنل نيازي هندستان جي جنرل جي اروڙا اڳيان پنهنجا هٿيار ۽ پنهنجو فوجي پٽو لاهي 6 لک بنگالين جي قتل کان پوءِ شڪست جو اعلان ڪري ٿو. ان ئي ڏينهن 16 ڊسمبر تي هوءَ پنهنجي والده سان گڏ قذافي اسٽيڊيم ۾ ميچ ڏسڻ لاءِ وڃي ٿي. وينل تماشائي ڪين پنهنجي وچ ۾ ڏسي آجيان لاءِ بيهن ٿا. نصرت ڀٽي جي مٿي مان پوليس جي لنبازي سان رت جا فوهارا وهڻ شروع ڪن ٿا. ڪين اسپتال بجاءِ هڪ آفيسر آڏو آندو وڃي ٿو. ”آفيسر اڄ جو ڏينهن ياد

تہ ايئرپورٽ تي ڏهہ لک ماڻهو توهان جي انتظار ۾ بيٺا آهن.“ ڏهہ لک نہ، هوءَ سورنهن ڪروڙ عوام جي آزادي لاءِ واپس موٽي هئي. ڪروڙين عوام کي مقيد رکندڙ، جن جا رائفل جي ٽريگرتي ۽ بارود تي نشانا پڪا هوندا آهن. تن سندس تعاقب ۾ هڪ گولي کي لڳائي ڇڏيو، راولپنڊي مان ئي ڪيس ڪنهن خبردار ڪيو هو تہ، سندس قتل جو منصوبو ٺهي چڪو آهي. حڪومت هڪ مصنوعي قتل جي مشق بہ ڪري چڪي آهي. ان ڏينهن ڪيس پنهنجي پڄيرو ۾ لاڙڪاڻي وڃڻو هو. مهمانن جي آمد تي هن گاڏين کي موڪلي ڇڏيو ۽ پاڻ مهمانن ۾ مصروف ٿي ويئي.

اها سنڌ ئي هئي، مانجهند جي ويجهو اجا گاڏيون پهتيون ئي مس هيون تہ پڄيرو تي فائرنگ ڪئي ويئي. هاڻ جيان تنهن وقت بہ حڪومت تڙ تڪڙ ۾ اهو بيان ڏنو تہ، اها ڌاڙيلن جي ڪارروائي آهي. (حسن مجتبيٰ پنهنجي ڪالم ۾ لکيو آهي تہ، انهن بعد ۾ اعتراف ڪيو تہ انهن خفيہ ايجنسين جي چوڻ تي اهو حملو ڪيو هو.) ياد رهي تہ ڌاڙيل تن ڏينهن ۾ ڏينهن جي ٽين بجي ڪارروائي نہ ڪندا هئا ۽ نہ ئي سن واري ان ٽريڪ تي ٻي ڪا واردات ڏينهن ڏٺي ٿي هئي.

بينظير جو چوڻ هو تہ سنڌ جا ڌاڙيل تن ڏينهن ۾ عورتن جو احترام ڪندا هئا. بينظير جي قتل جو الزام سنڌ تي نہ اچڻو هو، ايشيا جي ماڊل ڊڪٽيٽر سان سندس براهہ راست ٽڪر هو ۽ ان ماڊل ڊڪٽيٽر کي بينظير کي ماري نہ سگهڻ وارو غم تيستائين سيني ۾ سانڍي ئي رکڻو پيو، جيستائين هو بارود سان هوائن ۾ اڏامي نہ ويو، جيتوڻيڪ ضياءَ اڏامي ويو هو پر سندس legacy قائم هئي.

88ع واري چونڊن لاءِ جڏهن عدالتن بينظير جي درخواست تي سياسي پارٽين کي حصو وٺڻ جي اجازت ڏني، تڏهن سندس قتل جا منصوبا ٻيهر قاتلن جي ٽولي جي ٽيبلن تي اچڻ لڳا. ڪيس وري بہ بڌايو ويو تہ سندس قتل جو منصوبو ٺاهيو پيو وڃي، جنهن ۾ هن دفعي هوپنهنجا سنڌي اتحادي بہ ان سازش ۾ شريڪ ڪندا. ساڻس تڏهن بہ مقابلو مشڪل هو، هنن گڏ جوڙ ڪئي، سازش ڪئي ۽ سيني پٽو مخالفن کي آءِ جي آءِ ۾ ڪنيو. بينظير ناقابل شڪست رهي. ”ڪائيندا سين، مير جو پير جو ووٽ بينظير جو.“ يا وري ”سرسائينءَ جو ووٽ بينظير جو“ وارا نعرا گونجڻ لڳا. سنڌن خلاف توقع بينظير واضح اڪثريت سان چونبون ڪٽيون. ڪيس اقتدار ڏيڻ لاءِ حڪومت ۾ ڏاڍي هچڪچاهٽ هئي. ”بينظير“ هن وقت سنڌن مجبوري ٻڻجي پئي هئي جو سنڌن ”سربراهہ“ مري ويو هو. ايترو تڪڙو اهي ٻي ڪا جڙتو ۽ نقلي قيادت آڏي نہ سگهيا هئا. هنن پئسا هلايا، پر هوءَ عوامي ووٽ سان ڪٽي آئي هئي، ان هوندي بہ ضياءُ جي ڇڏيل legacy مان ڪير بہ ڪيس قبولڻ لاءِ تيار نہ هو، ڪيس اڪثريت سان ڪٽي اچڻ باوجود بہ صدارتي آفيس مان مبارڪ نہ موڪلي وئي. البت حڪومت سندس پارٽي جي ڪٽيل ميمبرن کي خريدڻ لاءِ رابطا شروع ڪيا، ڪين فقط ڏهہ ميمبر بہ پيپلز پارٽيءَ جا ملن تہ هو مخالف پارٽين جي اتحاد کي اقتدار جي ڪرسيءَ تي ويهارين. بينظير سنڌن نيت کي چڱيءَ ريت سمجهيو ٿي. ان ڪري مجبور ٿي ان پاڪستاني اسٽيبلشمينٽ تي دٻاءُ وجهڻ لاءِ عالمي طاقتن کي خط لکڻ شروع ڪيا. آمريڪا، برطانيہ، يورپي يونين سميت هن مسلم دنيا کي پڻ اهو خط موڪليو.

صدر اسحاق، اسٽيبلشمينٽ جو چلتو پرزو ضرور هو، پر کو عالمي دنيا لاءِ طاقتور صدر نہ هو، تنهن وقت بہ عالمي دنيا جي دٻاءُ تي، آمريڪا جي مداخلت تي صدر اسحاق کي اقتدار اڪثريت سان ڪٽيل پارٽي حوالي ڪرڻو پيو. اهو 2 ڊسمبر 1988ع جو ڏينهن هو، هوءَ عوام جي چونڊيل سنڌن محبوب رهنما جي ڌيءَ، مسلمان دنيا جي پهرين چونڊيل عورت وزيراعظم طور قسم کڻڻ لاءِ پاڪستاني پرچم واري سائي ۽

اچي رنگ جي باوقار لباس ۾ ريڊ ڪارپيٽ تي هلندي ڊائس تي آئي.... ٻئي پاسي پوڙهو صدر اسحاق خان ڪانئس قسم کڻائڻ لاءِ بيٺل هو.

"هيءَ لمحو منهنجو نه، پر هيءُ تاريخي لمحو، انهن جو آهي، جيڪي جمهوريت لاءِ قربان ٿيا." سائنس گڏ بيٺل شخص جيڪو صدر ٻڌجي ڪانئس قسم کڻائي رهيو هو، سندس دل ۾ ان جملي جو لڪل اهو خنجر صاف نظر اچي رهيو، جنهن ۾ ضياءُ جو عڪس چٽيل هو. هن پوڙهي صدر ڪانئس قسم کڻائڻ شروع ڪيو، قسم کڻ واري تقريب ۾ صدر ڪانئس هڪ مخصوص انداز ۾ قسم کڻائڻ شروع ڪيو ڪڏهن ٽڪرو پڙهندي، ڪٿي رڪجندي ڪٿي فل اسٽاپ ڪاما ڪائيندي، هن دنيا کي ڏيکارڻ ٿي چاهيو ته پاڪستاني عوام جي چونڊيل اها 35 سالہ خاتون هڪ واڙي ۽ ناتجربيڪار آهي، جيڪا قسم به صحيح پڙهي نٿي سگهي. هن نفسياتي طرح بينظير کي مات ڏيڻ ٿي چاهي، پر هن ان پوڙهي صدر جو تعصب سمجهي ورتو. هن قسم کنيو. پر نهايت ئي باوقار طريقي سان، فخر سان، قسم کڻندي هن سول بيوروڪريسي ۽ نان سولين بيورو ڪريسي جي ڦڪي ٿيندڙ چهرن کي ڏٺو پر ٻئي پاسي هن پنهنجي امڙ کي ڏٺو، پيپلزپارٽيءَ جي جيالن کي ڏٺو، جن جا چهرا خوشي، فتح ۽ فخر سان ٻهڪي اٿيا هئا. ان وقت ئي صدارتي محل، جتي ڀٽو فيمليءَ خلاف سازشن جو سلسلو شايد ڪڏهن ڪٽو ئي ناهي، اتي هڪ منصوبو ٺهيو، سندس حڪومت جو پهريون ئي هفتو هو، (گولي، سندس تعاقب ۾ هئي) هوءَ لاهور پهتي، جتي هڪ بم گلن جي ڪونڊيءَ هيٺان پلانٽ ڪيو ويو ته ڪيس ماريو وڃي. اليڪشن جي هڪ مهيني اندر ئي چون ٿا پارليامينٽ جي خريد و فروخت شروع ڪئي ويئي. جيتوڻيڪ ان وقت القائده نه هئي، پر اسامہ ان وقت مخالف ڌر جي سياسي ماڻهن سان ملڻ شروع ڪيو هو، اسامہ کي بينظير جي حڪومت جي خاتمي لاءِ گهرايو ويو، ان وقت ڏهہ ملين ڊالر اسامہ پاران بينظير جي حڪومت خلاف نوڪانفسيڊنس تحريڪ ۾ پيپلزپارٽي جا ميمبر خريد ڪرڻ لاءِ استعمال ۾ آندا ويا، اها تحريڪ ناڪام ٿي.

ساڳي وقت سعودي مان آيل جهاز تي انبن جي ڪوڪن جي پهچڻ تي ڪيس تشويش ٿي ته سعودي مان ڪجور اچڻ کپي انب ڪٿان آيا؟ ڪيس سعودي حڪومت به ٻڌايو هو ته اهي پئسا اسامہ پاران موڪليا ويا آهن. هن کي وزيراعظم ته مجبوري ۾ ڪيو ويو، پر رياستي ڍانچي ۾ هن جي موجودگيءَ کي ڪونه سنو ويو. ڪرپشن جي الزامن ۾ پوڙهي صدر ڪيس گهر پيڙو ڪرڻ جي رٿ رٿي هئي. هن کي جلد ئي واپس ڪيو ويو، جنهن تي پيٽر جننگس ABC ٽي وي جي ميزبان ان تي تبصرو ڪندي چيو، "آئيني لباس ۾ بغاوت" ٻيهر چونڊبن جو اعلان ٿيو، هن ڀيري هڪ ڳجهي اداري باقاعده ڌر تي ڪروڙين رپيا خرچ ڪيا. مهراڻ بينڪ اسڪينڊل ئي ان کي چڱيءَ ريت پڌرو ڪيو. جن کي پتو هو ته ڪين وزيراعظم کي سليوٽ ڪرڻو ئي پوندو، ڪين بينظير ۽ عوام جي چونڊ کي سليوٽ ڪرڻو ئي پوندو، هو بينظير کي سليوٽ ڪرڻ کان ڇرڪيل هئا. هو عوام جي چونڊ، عوام جي اميدن ۽ عوام جي خواهش آڏو سرخم ڪرڻ جا ڪڏهن به عادي نه رهيا هئا. هو چون ٿا ته اها القائده آهي. ۽ هو رت جي ڇٽن جا نشان رستن تان ڌوئن ٿا. شيڪسپيئر جو ميڪبيٿ ياد ڪريو، جنهن ۾ هر ڪنهن کي قاتل چونلو رهي ٿو ته، "مون قتل نه ڪيو آهي، مون قتل نه ڪيو آهي. "ها، پر خون جا نشان دست قاتل تي، سڄي ملڪ جي عوام کي، محبان بينظير کي، مداحان ڀٽو کي، Street wisdom کي بنهہ چٽا نظر اچي رهيا آهن. هو ڀلي ته داغ مٽائڻ لاءِ رستا ڌوئن، هو ڀل ته ان ۾ القائده کي ملوث ڄاڻائن، پر ڏسو... قاتل پڌرو آهي. ضياءَ جي لڪايل گولي نيٺ بينظير جي گلاب پتين جهڙي ڳلي کي رتو رت ڪري ويئي.

*

آپا اختر جبين صديقي

# شهيد راڻي جو وڇوڙو

**پاڪستان** جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ جيڪي وڏا سانحه ٿيا آهن، تن ۾ منهنجي لاءِ ٽي سانحه تمام گهڻو صدمو ڏيندڙ ۽ سڄي زندگيءَ به نه وسرندڙ عذاب آهن.

پهريون 16 ڊسمبر 1970ع ۾ جڏهن مشرقي پاڪستان- پاڪستان کان جدا ٿيو جيڪا هڪ ذلت آميز قومي شڪست هئي.

ٻيو شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ڦاسيءَ جي ذريعي شهادت 4 اپريل 1979ع تي ٿي. ٽيون صدمو بينظير ڀٽو جي شهادت 27 ڊسمبر 2007.

جيستائين 16 ڊسمبر 1970 جو تعلق آهي جنهن ڏينهن پاڪستان ٻه حصا ٿيو ۽ هڪڙو ڀاءُ ٻئي ڀاءُ کان وڇڙي ويو. پر ان کان وڌيڪ ڏوڏيندڙ جنهن ٻئي سانحي جو تعلق آهي يعني شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت جو ته اهو ايڏو وڏو صدمو آهي، جنهن کي پاڪستان جي قوم ڪڏهن به وساري نه سگهندي!

ٽيون صدمو جيڪو ايترو ئي وڏو ڏک ڏيندڙ قومي نقصان آهي، جهڙو شهيد ڀٽي وارو واقعو، پر انهيءَ جو اسان جي دل تي جيڪو ڌڪاءُ پيو، جنهن جي نتيجي ۾ قوم غم ۽ غصي جو جنهن شدت سان اظهار ڪيو ان جو دنيا ۾ ڪو مثال نٿو ملي، سو آهي محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت! شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي سوريءَ تي سوار ٿيڻو هئو سو مختلف زاوين کان نظر اچي رهيو هئو. سندس شهادت جو سڀ کان وڏو سبب سندس حب الوطني هئي ۽ قومي دفاع جو جذبو هئو، جنهن جي تحت هن پاڪستان جي دفاع لاءِ ايٽمي پروگرام جي نه فقط ابتدا ڪئي هئي بلڪ مختلف طريقن سان اهو سڀ سازو سامان ۽ سائنسدان يڪجاءِ ڪيا هئا جنهن سان ائٽمي طاقت جو حصول يقيني بڻيو.

توهان کي ياد هوندو ته کهڙي ڌمڪي آميز لهجي ۾ فرعوني طاقت يعني يونائيٽيڊ اسٽيس جي وزير خارجه هينري ڪسنجر کيس وارننگ ڏني هئي ته جيڪڏهن ڀٽو پاڪستان جي ائٽمي پروگرام تان دست بردار نه ٿيندو ۽ انهيءَ کي ويڙهي سيڙهي ختم نه ڪندو ته کيس اهڙي عبرتناڪ سيکت ڏني ويندي جو ٻين ماڻهن کي سبق ملندو ته جيئن اهڙن عزمن جي ڪڏهن به خواهش نه ڪن.

ٻيو سبب جنهن جي ڪري شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت ڏسڻ ۾ پئي آئي اهو هو ضياءالحق جو ڪائنر وارو ڊپ ته جيڪڏهن ڀٽي کي زنده ڇڏيو ته ضياءالحق ڦاسيءَ جي تختي تي لٽڪندو ڇو ته پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل نمبر 6 جي تحت پاڪستان سان غداري ڪرڻ ۽ آئين ٽوڙڻ جي ڏوهه ۾ ڦاهي چاڙهيو ويندو.

ٽيون سبب اسلام جي ڪوڙن محافظن ۽ دعويدارن جي طرفان هڪ تحريڪ هلي هئي انهن اهو ظاهر ڪرڻ ٿي چاهيو ته ڀٽو اگر اختيار ۾ رهيو ته اسلام ۽ اسلامي قدر خطري

۾ پئجي ويندا. يعني شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت يقيني ڏسڻ ۾ ٿي آئي پر جيستائين سندس نياڻي محترم بينظير ڀٽو جو تعلق آهي ته آئون چوندس ته جمهوريت دشمن آمريت کي برقرار رکڻ واريون قوتون انهيءَ عمل ۾ مصروف هيون ته بينظير ڀٽو کي موت کان ڊيڄاري کيس خاموش ويهي رهڻ تي مجبور ڪن. ٻي صورت ۾ هن تي اهو ظاهر ڪن ته هوءَ ٻاهر ايندي ته يقينن ماراڻي ويندي. محترم بينظير ڀٽو انهن ڀنهي ڌمڪين کان نه ڊني ۽ آمر کي للڪاريندي پاڪستان کي بچائيندي يقيني منزل ڏانهن وڌندي رهي. هن کي اهو خوف هو ته جيڪڏهن هوءَ خاموش ٿي، چار ديواريءَ ۾ بند ٿي ويهندي ته کيس ۽ جان نثار ڪندڙ عوام کي نه فقط مايوسي ٿيندي، پر پاڪستان ۾ جمهوريت کي هميشه لاءِ وڏو نقصان به ٿيندو ۽ جمهوريت هميشه لاءِ دفن ٿي ويندي. کيس هڪ جڙتو عام چونڊن جي ذريعي ڪجهه سيٽون ڏنيون وينديون ته نالي ماتر هوءَ اقدار ۾ شريڪ ٿئي جيئن سندس پارٽي هميشه هميشه لاءِ تباهه ۽ برباد ٿي وڃي.

سندس شهادت کان پوءِ تبصري نگارن دانشورن ۽ صحافين جو اهو رايو آهي ته هن چڱيءَ طرح ڄاتو ٿي ته جيڪڏهن پاڻ اهڙي بهادريءَ ۽ جرئت سان اڳيان نه ايندي ته سندس پارٽيءَ کي نه صرف پذيرائي نه ملندي، پر نڳي ۽ دوکي جي ذريعي انهن جي مٿان ذلت مڙهي ويندي. انهيءَ جو نه صرف سندس پارٽي ۽ سندس حمايتن کي وڏو نقصان ٿيندو، پر پاڪستان جو بقا ۽ وجود به خطري ۾ پئجي ويندو. سنڌ ۽ بلوچستان ڪنهن صورت ۾ پاڪستان ۾ نه رهندا بغاوت ۽ خونريزي ٿيندي ۽ پاڪستان جي آئين کي ٽوڙيندڙ آمر ڪنهن به صورت ۾ ملڪ کي هلائي نه سگهندو، جنهن کان پوءِ ٻاهريون قوتون پنهنجن ارادن کي پايهء تڪميل تي پهچائينديون. پوءِ نه هوندو، پاڪستان نه هوندو سندس ائٽمي پروگرام.

هن انهيءَ وڏي خطري کي سامهون رکندي، جمهوريت ۽ پاڪستان جي بقا جي جنگ جي سپهه سالاري قبول ڪئي ۽ آمر کي للڪاريندي اڳيان وڌي. محترم کي يقين هو ته کيس شهادت نصيب ٿيندي ۽ انهي ذريعي ئي پنهنجي شهادت کان پوءِ پنهنجي ريٽي رت سان مظلوم عوام جي رهبري ڪندي ۽ انهن کي اقتدار ڏياريندي. محترم کي يقين هو ته سندس شهادت کان پوءِ عوام جو هڪ هڪ فرد شينهن ٿي نڪرندو. ۽ هر گهر، هر گهٽيءَ مان هر هڪ ٻچو ڀٽي جو آواز ٿي گونجندو ۽ بزدل آمر کي پڇڙو پوندو.

محترم کي آمرجا خوني هٿ صاف نظر اچي رهيا هئا جيڪي هن پنهنجي پرجوش تقريرن ۾ ماڻهن جي اڳيان عيان پي ڪيا. آمر کي واڪ ڪرڻو ئي ڪرڻو پر کيس پنهنجي شهادت سان پاڪستان ۽ جمهوريت کي واپس آڻڻو هو ۽ پاڪستان کي بچائڻو هو.

اسان کي يقين نه پئي آيو ته انهن سيني حالتن ۾ سندس بي پرواهيءَ واري جرئت ٿي هوءَ اسان کان ائين جدا ٿي ويندي. سندس اهڙي اوچتي جدائي جي صدمي سڄي قوم کي نه فقط غم ۽ غصي ۾ وجهي ڇڏيو آهي پر ڏيڍ سال گذرڻ کان پوءِ به سندس وڇوڙي جي درد ۾ دل خون جا ڳوڙها روئي رهي آهي.

امينہ اڪرم انصاري

# خواب، سوچ ۽ شعور ۾ بينظير

ڪنهن بہ شخصيت تي لکڻ تمام ڏکيو آهي پر مان پنهنجي خواب تي لکان تي... ڪجهہ گهڙين ڪاڻ وري خاموش تي ويس چو تہ خوابن تي لکڻ بہ جوکم جو ڪم آهي. مون خواب ڏٺو هو تہ اسان جي سنڌ جي تهذيب جائي ضرور هن ملڪ جي تاريخ مٽائيندي چو تہ هو گهڻ رخي اڳواڻ هئي. مون کي پنهنجي سنڌ مٽيءَ تي بہ فخر آهي جو قائداعظم، قائد عوام جهڙيون هستيون سنڌ مٽي ئي پيدا ڪيون آهن. پوءِ چو نہ آءُ پنهنجي خواب تي فخر محسوس ڪريان. آخر خواب بہ منهنجي سنڌ مٽيءَ جي بينظير جو هو!

مون پنهنجي مطالعي مان ڏٺو آهي تہ دنيا جي ڪيترن ئي اڳواڻن پنهنجي ملڪ جي تقدير بدلائي آهي ۽ پوءِ آءُ پنهنجي 'خواب بينظير' تي سوچڻ لڳس، مون ڏٺو تہ ڪيئن رب پاڪ اهڙن اڳواڻن کي ماڻهن جو درد سمجهڻ ۽ ماڻهن جي دلين ۾ رهڻ سيکاريو آهي. پر منهنجي بينظير ماڻهن ۾ پاڻ کي ڳوليندي هئي. هوءَ ماڻهن کي پنهنجي اک مان ڏسڻ ۽ سوچڻ سيکاريندي هئي ۽ انهن جو قد اجا بہ اوچو ڪندي هئي.

مون کي ياد آهي جڏهن بينظير ڀٽو پنهنجي پيءُ عظيم اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽي سان آخري ملاقات ڪري رهي هئي تہ ذوالفقار علي ڀٽي چيس: ”توهان جيڪڏهن چاهيو تہ هي ملڪ ڇڏي وڃي سگهو ٿا. توهان لاءِ ٻاهر رهڻ لاءِ ڪافي ڪجهہ آهي.“

بينظير جملو اڌ ۾ ڪٽيندي چيو ”اسان اوهان سان گڏ آهيون. اسان عوام سان گڏ آهيون. اوهان جي قرباني هن قوم جو مقدر بدلائيندي.“

منهنجي خواب جا اهي جواب هئا.

ذوالفقار علي ڀٽو، جيل جي لوهي سيخن جي پويان بہ اهو ٻڌي خوش هو ڪجهہ وقت سوچي ضرور رهيو هوندو تہ منهنجي مٽي جي خوشبو ڪيتري پياري آهي جو جيل ۾ بہ مون سان گڏ آهي. مون ڪاڻ بينظير هڪ

---

**هنج پکيءَ جي موجودگيءَ ساڻ ڊنڊ ڪڏهن بہ سينواريل ڪونہ ٿيندي آهي بلڪ اها زندهہ دليءَ جو اثاثو هوندي آهي. بينظير بہ اسان کي جيئڻ سيکاريو ۽ سندس سوچ خواب ۽ شعور شاهہ سائين جي سرن وانگر ٻنجي ويا. هو پاڻ ڄڻ ڪي شاهہ جو ڪردار ٿي بيٺي. اسان وٽ سندس خواب، سوچ ۽ شعور زندهہ آهي. ڪنهن سمنڊ جي ڇوليءَ وانگر جنهن سان مٽي هر وقت ٽاڪر پائيندي آهي ۽ پنهنجي وجود جو اظهار ڪندي آهي.**

---

سوچ هئي جيڪا پنهنجي وجود جي ڪائنات جي اڪيلي ديوي هئي. جنهن وٽ لاشعور ۾ بہ شعور جا چمڪندڙ ستارا ۽ ڪوڙ ساريون ڪهڪشائون هيون ۽ اهوئي هن جو شعور هو جنهن SZABIST جهڙو عظيم تعليمي درسگاهہ ڪجهہ سالن ۾ سڄي سنڌ کي ڏنو. جنهن جو نالو ايشيا جي سنن تعليمي ادارن ۾ اچي ٿو اهوئي منهنجو خواب بينظير جو شعور هو جنهن پنهنجي پهرين حڪومتي دؤر ۾ مسلمان ملڪن ۾ غلامي کان جدوجهد سان آزادي ورتل ملڪن جا دؤرا ڪيا. ۽ انهن سان نئين سر پاڪستان جا لاڳاپا قائم ڪيا ۽ پاڪستان کي معاشي بحران مان ڪڍي هڪ الڳ سڃاڻپ ڏنائين ۽ اسلامي ملڪن ۾ الڳ سوچڻ جو شعور بيدار ڪيائين. ڪراچي کي نئين سر تجارتي شهر ناهيائين ۽ عالمي سرمائيدارن کي دعوت ڏنائين.

هونئن تہ بينظير جي هر ڳالهہ جي مٿان اک هئي جيئن ڪنهن عظيم اڳواڻ جي هوندي آهي. بينظير جديد دؤر جي گهرجن کي سمجهي عورتن کي پاڪستان جي ترقيءَ جو حصو بنايو ۽ عورتن لاءِ مخصوص ڪوٽا سسٽم متعارف ڪرايو جنهن ۾ اسيمبلي جي در کان وٺي سفارتڪاريءَ تائين عورتن کي آندائين. سنڌس ئي جاکوڙ سان سڄي پاڪستان ۾ صحت جي شعبي ۾ 'ليڊي هيلٿ ورڪر' جو بنياد پيو، جن جي ذريعي پري وارن علائقن جي عورتن جون صحت جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪيون ويون. انهيءَ اهم ڪم لاءِ هيٺئين طبقي جي عورتن کي نامزد ڪيائين. سنڌس انهيءَ سوچ ۽ Strategy کي عالمي دنيا ڏاڍو ساراهيو.

سنڌس سوچ ۽ شعور جوڳل اجا ٽڙيو ئي مس تہ هن پنهنجي عوام جي دلين ۾ جاءِ جوڙي ورتي. شاهہ سائين اهڙن اڳواڻن کي عوام جي دل جي ڌڙڪن ڪوٺيو آهي ۽ پنهنجي شعر ۾ پڪي جو مثال ڏئي فرمايو آهي:

> مون ڪاٿ بينظير هڪ سوچ هئي جيڪا پنهنجي وجود جي ڪائنات جي اڪيلي ديوي هئي. جنهن وٽ لاشعور ۾ بہ شعور جا چمڪندڙ ستارا ۽ ڪوڙ ساريون ڪهڪشائون هيون.

"هنج مڙوئي هنج، ميرو منجهن ناهہ ڪو.
جتي .رهن سنجهہ، سو سرڪن سرهو.

هنج پکيءَ جي موجودگيءَ سان ڍنڍ ڪڏهن بہ سِينواريل ڪونہ ٿيندي آهي بلڪ اها زندهہ دليءَ جو اثاثو هوندي آهي. بينظير بہ اسان کي جيئڻ سيکاريو ۽ سنڌس سوچ خواب ۽ شعور شاهہ سائين جي سرن وانگر بنجي ويا. هو پاڻ ڄڻ کي شاهہ جو ڪردار ٿي بيني. اسان وٽ سنڌس خواب، سوچ ۽ شعور زندهہ آهي. ڪنهن سمنڊ جي ڇوليءَ وانگر جنهن سان مٿي هر وقت ياڪر پائيندي آهي ۽ پنهنجي وجود جو اظهار ڪندي آهي.

سعيد: شفيق ميمڻ

# دلين جي فاتح

اها ستاويهين ڊسمبر 2007ع جي سرد-شام هئي،جڏهن آءٌ پنهنجي پٽ جواد کي ڪوچنگ سينٽر ڊراپ ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتيس. سردين ۾ سج 12 لڳي ئي لڙيل هوندو آهي. انهيءَ وقت ته شام جا تقريباً پوڻا پنج ٿيا هئا سو سج بلڪل ئي لهي چڪو هو. رات به آهستي آهستي پنهنجا پَر کوليا ۽ وري ڊرائيور به موڪل تي هو. انهيءَ ڪري جواد کي ڪوچنگ سينٽر تي اوليول جي تياريءَ لاءِ ڇڏڻ جو ڪم منهنجي حوالي هو.

ڪلاس صرف هڪ ڪلاڪ جو هو سو مون سوچيو ته جواد کي ڊراپ ڪري آءٌ شهر جا ڪجهه ڪم اڪلائي وٺنديس. ڪوچنگ سينٽر قاسم آباد جي علائقي ۾ واقع هو سو نسيم نگر جي پڳل ٽنل روڊن تان گذرندي اچي ڪوچنگ سينٽر پهتس، کيس ڊراپ ڪري، حسب پروگرام مون ٽڏي سڙڪ ڏانهن رخ رکيو. ڪار جو دروازو کولي لهڻ وقت ٽائيم ڏٺم 6:10 ٿيا هئا. ان وقت محسوس ڪيم ته ڪا غير معمولي چرپر آهي. خبر ناهي ڇو؟ پنهنجي عادت موجب ڪنهن به اڻ وڻندڙ ڳالهه جو خيال ذهن ۾ ايندي ئي درود شريف ۽ آيت الڪرسيءَ جو ورد ڪندي مٺي دڪان ۾ داخل ٿي، سنت ئي ڪم اڪلائي جيئن ئي گاڏيءَ ۾ واپس وينيس، ته پنج منٽ اڳ جي دوکي کي سچائيءَ ۾ بدلجندي ڏٺم جو گاڏيون تمام تيزيءَ سان روڊ تي هلي رهيون هيون ۽ دڪانن جا شٽر ڪِري رهيا هئا. سوچيم شايد ڪو بم بلاسٽ ٿيو آهي، جو هيتري افراتفري مچي وئي آهي. فوراً گاڏيءَ کي واپسيءَ جي روڊ تي وڌم، پويان ايندڙ ڪارن جا هارن، موٽر سائيڪلن جي ڊوڙ، رڪشائن جا اوچتا بريڪ ۽ ڪَٽ، مون کي لڳو ته ڪا قيامت اچي وئي آهي! اڃا اڌ روڊ تي پهتيس ته منهنجي موبائيل فون وڄڻ لڳي، هاڻي رسيو ڪيئن ڪريان، پهريان ته سوچيم اگنور ڪريان، وري جيئن ئي موبائيل جي چمڪندڙ اسڪرين تي نظر پيئي ته جواد جو نالو ڏٺم. اعصابن کي ڪنٽرول ۾ رکندي، فون سيٽ آن ڪيم ته جواد جو پريشان آواز ٻڌڻ ۾ آيم.

”ممي! بينظير ڀٽو شهيد ٿي ويئي آهي. فوراً مون وٽ پهچ!“

لمحي لاءِ ته اکين تي ڏند جا پردا چڙهي ويا اوهه! جواد جو خيال ايندي ئي مون قاسم آباد مين روڊ ڏانهن ڪنهن به گاڏيءَ کي نه مڙندو ڏسڻ جي باوجود پنهنجي ڪار جو رخ اوڏانهن رکيو، روڊ تي گاڏيءَ جي داخل ٿيڻ سان ئي منهنجي نظر سامهون، ايندڙ مچريل گروپ تي پيئي، جيڪو ٽائرن کي باهه ڏيئي رهيو هو. پوءِ الائي ته ڪيئن پاسي وارين گلين مان ڪار کي ڪڍي وري به واڌو واهه روڊ تان ٿيندي ڪوچنگ سينٽر وڃڻ چاهيم، پر رڪاوٽن ۽ پٿرن مون کي ائين ڪرڻ نه ڏنو. سوچيم ته گهر پهچي ڪو متبادل حل ڪيان.

آغا خان اسپتال وٽ جيئن ئي پهتيس ته اڳيان باهه جا شعلا ۽ مچريل ماڻهن جا هجوم ڏسي سوچيم يا خدا! ڇا آءٌ ڪنهن جنگ جي ميدان

۾ اچي وئي آهيان؟ پوءِ شفيق سان رابطو ڪيم جيڪو ڪافي وقت کان پريشانيءَ جي عالم ۾ هو. ڪيس حالات ٻڌائيندي فوراً خيال آيم ته هن عالم ۾ سواءِ آغا خان هاسپيٽل وڃڻ جي ٻيو ڪو چارو ڪونهي، سوڪيس آگاهه ڪندي آغا خان هاسپيٽل ويس جتي مڪمل بليڪ آئوٽ هو. مون جيان ٻيا به سوين ماڻهو اتي ئي اچي پهتا هئا. رات جا تقريباً اٺ ٿيڻ وارا هئا. آغا خان هاسپيٽل جي ويٽنگ ايريا ۾ ٽيلي ويزن آن هئي ۽ اسڪرين تي لکيل هو:

"بينظير ڀٽو اب هم مين سي نهين رهي."

هڪڙو عجيب درد جو احساس دل ۾ پيدا ٿيو جنهن ماندڪائيءَ ۽ ٿڪ کي جنم ڏنو. اکين جا ڪنارا آلا ٿيا ۽ جسم ۾ لرزش اچي ويئي. ٿڪ ڪاري رات مٿان وري شفيق، جواد، پائرن ۽ پيڻ سان رابطو نه ٿيڻ هڪ عجيب منظر هو، جنهن ۾ اسين سڀ مبتلا هئاسون.

رات جو ٽين وڳي جواد خير سان گهر پهتو، تڏهن وڃي، هانوَ مان اٽڪيل ڪندو نڪتو. پر بينظير جو ڏک ڪيئن لهي؟ سڄي دنيا جي ميڊيا تي آيل تبصرا. اخبارن ۾ ڇپيل تاثر، عوام جي اکين جا لڙڪ، محبتن جا عجيب اظهار. الائي ڇو مون کي لڳو ته بلاول جواد جو روپ ڌاري ويو آهي.

ڇا اها ماءُ انهن کي وري ملي سگهندي، توري دير اڳ جواد لاءِ پنهنجي تڙپ ياد آيم، سوچيم ته هڪ ماءُ جيڪا پوري قوم جي ماءُ هئي، هوءَ به ڪيڏي نه بي سڪون هوندي پنهنجي ٻچن لاءِ. ماءُ، جيڪا ٻچن جي اکين ۾ توري آلاڻ به برداشت نه ڪري سگهندي آهي، ماءُ، جيڪا هر ڪوسي ٿڌي کان پنهنجن ٻچن کي بچائيندي آهي. ماءُ جيڪا دعا آهي، ماءُ جيڪا درد جو درمان آهي، انهيءَ ماءُ جو ڀلا ڪهڙو نعم البدل ٿي سگهي ٿو؟ انجم نياز، ڊان اخبار ۾ پنهنجي ڪالم ۾ ڪيس ڏاڍن سهڻن لفظن ۾ خراج عقيدت پيش ڪندي لکيو آهي:

"تاهم اهو ٻار بلاول هو. جنهن آمريڪنس کي موهي وڌو هو، جڏهن سندس ماءُ پنهنجي ٻانهن ۾ پريندي جهاز مان ٻاهر نڪتي هئي ۽ ڪيس اسٽرائڪينگ بلو سوٽ پاتل هو. هوءَ پنهنجي پهرئين اسٽيٽ وزٽ تي واشنگٽن آيل هئي. اسين سڀ پريس گئلريءَ ۾ هئاسين ۽ هن ڪانگريس جي جوائنٽ سيڪشن کي خطاب ڪيو هو.

هن جي تقرير جا لفظ ڄڻ مقناطسني هئا ۽ ان وقت وائيٽ هائوس هن کي ڪنهن شهزاديءَ جيان ٽريٽ ڪيو هو. هوءَ جيڪا ڪينڊي کان خوبصورتيءَ ۾ گهٽ نه هئي ۽ جاڻ ايف ڪينڊي ذهانت ۾ سندس مٽ نه هو. اها پاڪستان لاءِ جنت مان موڪليل هئي. هن جي خالق هن کي دلين ۽ روحن جو فاتح بڻائي موڪليو هو. الوداع بي نظير جنهن جو ڪو مٽ ۽ ڪو برابر انسان ڪونهي."

انجم نياز جي خراج عقيدت دراصل منهنجي دل جو آواز پڻ آهي. اڄ به اسان ڪيس ياد ڪريون ٿا ته دل درد سان پرجي اچي ٿي. ڇا ڪنهن انسان جي انهيءَ کان وڌيڪ بي ڪا خوشقسمتي ٿي سگهي ٿي ته هو جڏهن زنده رهي ته ماڻهو سانس ملڻ جي آرزو ڪن ۽ جڏهن مري وڃي ته ڪيس ساري روئن!؟

بلاشڪ ته بينظير ڀٽو دلين جي فاتح آهي.

محبوب قائد جي آجيان لاءِ لڏڻ لڳا. ۽ مريضن سندس خوشيءَ ۾ نعره هنيا. عوام جي محبوب ليڊر ۽ عوامي زنجير جو لقب ماٺيندڙ شهيد راڻيءَ جي اکين ۾ اُن وقت به لڙڪ هئا جڏهن هوءَ خوني واقعي ۾ شهيد ٿيل عوام جي مائرن ۽ ڀينرن ۽ بيواهن سان ڀاڪر پائي ملي رهي هئي ۽ کين دلداريون ڏيندي چيائين ته اوهان جو ۽ منهنجو درد ساڳيو ئي آهي.

جلاوطني کيس بلڪل تبديل ڪري ڇڏيو. سندس تڪڙين سرگرمين، بنا ڊپ جي جلسن کي خطاب ۾ للڪار عوام جي سمنڊ ۾ ڇوليون ۽ طوفان برپا ڪندڙ تقريرون، ٻه ٻه ڪلاڪ پريس سان هم ڪلام ٿيڻ، ڪڏهن نواب خير بخش مري جي پُٽ جي تعزيت لاءِ تڏي تي ويهڻ، چوڌري افتخار جي دروازي تي پهچڻ، پرڏيهي وفدن سان ملڻ ۽ مضبوطي سان پنهنجي مؤقف تي قائم رهڻ. ۽ انهن ايترين سرگرمين ۽ مصروفيتن جي باوجود پنهنجي گهر ٻچن ڏانهن وڃڻ ۽ تڪڙو واپس اچڻ، سڀ شيون ٻڌائن ٿيون ته کيس ڄاڻ هئي ته کيس ماريو ويندو. انڪري هُن پنهنجو پاڻ کي مڪمل طاقت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. کيس ڄاڻ هئي ته هتي انهن کي ئي شهيد ڪرايو وڃي ٿو جيڪي ديس کي سنوارڻ چاهين ٿا. ۽ ٿيو به ائين فرشته صفت، معصوم شڪل، گرجدار سگهاري آواز کي ائين راهه تان هٽايو ويو ۽ اهو گلاب خوشبو ڏيڻ کان اڳ ئي باغ مان پٽيو ويو. ڪيتري نه دردناڪ ڪيفيت آهي. ۽ الميو ته اُن ماءُ جو آهي جنهنجو گهرئي خالي ٿي ويو. وقت جي هن وهڪري ۾ ان خالي ٿيل جهوليءَ ۾ لکن جي تعداد ۾ مائرن ۽ ڀينرن جون اوڇنگارون جمع آهن. پر اسين چو ٿا وساريون ته بيگم نصرت ڀٽو پهرين اسلامي دنيا جي چونڊيل عورت وزيراعظم جي امڙ آهي. خوش قسمتي سان گڏوگڏ بدقسمتي اها ته بيگم نصرت ڀٽو جي وَرَ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سالگره واري ڏينهن ڪاري ورديءَ وارن کيس گوليءَ جو نشانو پئي بڻايو، پر هڪ سرفروش ڪارڪن سيني تي اها گولي کائي کيس بچايو. ان واقعي کان پوءِ بيگم نصرت ڀٽو امڙ کي شهيد بينظير پاڻ سان گڏ رهايو.

شهيد بينظير ڀٽو ۽ سندس خاندان جو رت دنيا جي ڪنهن به ڌوٻي گهاٽ ۾ نٽو ڌوپجي سگهي. شهيد شاهنواز ڀٽو جو زهر اوتيل جسم ۽ قوهه جوانيءَ ۾ اجهامي ويل اکيون، شهيد مير مرتضيٰ جو ڪراچيءَ جي 70 ڪلفٽن آڏو شهيد ٿيڻ، بينظير ڀٽو ياءُ جي چهري کي چمندي رهي. واڪا ڪري اسپتال ۾ ڀچندي رهي ۽ روئيندي رهي. سازشي ذرين، عورت جي حڪمرانيءَ کي دل سان تسليم نه ڪيو، بينظير ڀٽو شهيد کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ اها سازش ڪئي. ۽ پوءِ نصرت ڀٽو کي سندس ڌيءَ ۽ ناٺي خلاف ڪرڻ جون سازشون ڪيون.

شهيد بينظير ڀٽو جا اهي سڀ ڏک، اهڃ، جدايون، شهادتون ۽ پرچاءَ سندس روح ۾ اوتيل هئا. جناب آصف علي زرداري بلڪل درست چيو آهي ته ”منهنجي راڻيءَ زندگيءَ ۾ ڪاٻه خوشي نه ڏٺي“!

شبانه سنڌي

# هڪ بهادر پيءُ جي بهادر ڌيءُ

مون کي سياست ۾ ڪڏهن به دلچسپي ناهي رهي. سياست نه ڪنهن ڳالهه ۾ ايندي اٿم، نه ئي وڻندي اٿم. انڪري ئي مان هتي هڪ سياسي ليڊر کي نه، پر هڪ بهادر پيءُ جي بهادر ڌيءُ کي، سندس سچائيءَ، بي ڊپائيءَ ۽ بهادريءَ تي لفظن جي مالها پارائڻ چاهيان ٿي. ائين سمجهو، خراج تحسين پيش ڪرڻ چاهيان ٿي. ان عظيم عورت کي، جنهن موت کي مات ڏئي پنهنجو پاڻ کي عوام جي دلين ۾ هميشه لاءِ زنده رکيو آهي.

مُحترمه بينظير ڀٽو سنڌ جي نياڻي هئي. سنڌين جي ماءُ به هئي ته ڀيڻ به. سنڌي ماڻهن جو منجهس ساهه به هو ته ويساهه به هو.

سنڌي ماڻهن جي دلين ۾ پنهنجي لاءِ جاءِ پيدا ڪرڻ، پيار محبت، سِڪَ ۽ چِڪ وارو ناتو جوڙڻ واري مُحترمه پاڻ هئي. هن جي اندازِ گفتگوءَ ۾ جيڪا معصوميت، بيباڪي ۽ پنهنجائپ هئي، ان ڌارين کي به پنهنجو ڪري ڇڏيو هو.

عورتن جي شهيد محترمه سان ايڏي محبت ۽ عقيدت هوندي هئي جو پنهنجي مردن جي مخالفت جي باوجود، منع ڪرڻ جي باوجود به مُحترمه کي ئي ووٽ ڏئي ايندي يون هيون.

هڪ اليڪشن ۾ ڊيوٽيءَ دوران، مون کان هڪ پيرسن عورت جا هي الفاظ نه ٿا وسرن:

"امان، سڄي عمر گذري آهي ڀُٽي جي نياڻيءَ کي ووٽ ڏيندي. هاڻي ته اسان جا مرد چون ته، اسان جو ڪو ڪم نه ٿو ٿئي اسين ووٽ نه ڏينداسين. مون کي به چيائون ته ووٽ PPP کي ناهي ڏيڻو. پر مان ائين ڪيئن ٿي ڪري سگهان."

"بينظير نياڻي آهي. نياڻيءَ سان ويساهه گهاتي ڀلا هڪ ماءُ ڪيئن ٿي ڪري سگهي. جيستائين جيئري آهيان، ووٽ نياڻيءَ جي امانت آهي."

مون ڏٺو هو، ان عورت جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. جيڪي شاهدي ڏئي رهيا هئا. محترمه سان ان پوڙهي عورت جي پيار سڪ ۽ محبت جو ان کان وڌ ٻيو ڪهڙو ثبوت ٿي سگهي ٿو.

مُحترمه بينظير ڀٽو اڄ جسماني طور تي اسان سان گڏ ناهي. ليڪن هوءَ اسان جي دلين ۾ زنده آهي. اسان سان گڏ آهي ۽ سدائين رهندي.

✡ ✡

وقت
تيزيءَ سان
گذرندو وڃي پيو
بلڪل ائين جيئن
هٿن مان واري...
وقت گذرڻ سان
هر ڏک وسري ويندو آ
هر زخم پرجي ويندو آهي
پر او سنڌ جي نياڻي!
نياڻي نماڻي
تنهنجي شهادت وارو ڏک
وسري ئي نٿو
زخم اڃان تازو آهي
اڄُ به توکي ياد ڪري
اکيون رت ڦيون روئن
دل درد سان پرجيو وڃي
توڙي جو تون...
اسان جي دلين ۾
زنده آهين
زنده رهندينءَ
پوءِ به الاءِ ڇو
مونجهارو ٿئي ٿو
ڪا ڳالهه نٿي وڻي
جڏهن به ڊسمبر اچي ٿو
من بيچين ٿي وڃي ٿو
من بيچين ٿي وڃي ٿو.



شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ شاگرديءَ واري دور ۾



”جهان کي ڏيو مبارڪون، اسين پيا ڪاهيندا اچون“

ڪراچي: (14- آگسٽ 1986ع) شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ پاڪستان ۾ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ جنرل ضياء الحق جي لڳايل مارشل لا دوران ورڪرن جي نعرن جا جواب ڏيئي رهي آهي.



اسلام آباد: (1988ع ) شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ پهرين وزارت اعظميٰ جو قسم کڻي رهي آهي، تڏهوڪو صدر غلام اسحاق خان کانئس قسم کڻائي رهيو آهي



اسلام آباد: ( 1993ع) شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ ٻي وزارت اعظميٰ جو قسم کڻي رهي آهي، تڏهوڪو قائم مقام صدر وسيم سجاد کانئس قسم کڻائي رهيو آهي

ڊاڪٽر سحر امداد حسيني

# شهيد بينظير ڀٽو کي پينا

هوءَ خوابن جهڙي شهزادي
جا خواب نِگر مان آئي هئي.

هوءَ سندر سپنا ساڻ کڻي
۽ سوچن ۾ سرهاڻ کڻي
۽ اکين ۾ آلاڻ کڻي
هن ڌرتيءَ تي هوءَ آئي هئي

ٻُڪ ڪان پاهه ٿيل ماڻهن لئه
هن چنڊ جي ماني آندي هئي
ٻُڪ ڪان پاهه ٿيل ٻارن لئه
چانڊوڪيءَ جي کير ڪٽوري آندي هئي

۽ پياسن روحن جي لئه
نير ندي هن آندي هئي
اڌ اگهاڙن جسمن لئه هن
بادل جي چادر آندي هئي

بي گهر ماڻهن لاءِ سائين
اندلڻ رنگا گهر ها هِن وٽ
اونداهين سان سينو تاڻي
ڏور گگن تان تارا آڻي

پيشانين جي ڪيتين ۾ هوءَ
تازا تازا ٻج ڇٽي وئي

۽ تنهنجي منهنجي اکين لئه
هن خواب ڏسڻ جي هير ٻه آندي
هن خواب ڏسڻ جي وير ٻه آندي
هن ڪيڏا سپنا آندا ها!
۽ ڪهڙا سپنا آندا ها!
اندين جي ڌرتيءَ تي
هوءَ سورج ٻڌجي آئي هئي

۽ صدين ڪان ڪنڌ جهڪائي بيٺل
سورج مکين ڳاٽ کنيا ها
سپنا اُٿندي اُٿندي هوءَ
پاڻ ئي سپنو ٻڌجي وئي

هوءَ سپنو هئي، هوءَ سپنو آ
سو سپنو مُور نه مرڻو آ!
هوءَ تنهنجو منهنجو سپنو آ
گولي سان يا بم گولي سان
تون ۽ آءٌ مري ويندا سين
پر تنهنجو سپنو منهنجو سپنو
هُن جو سپنو پنهنجو سپنو
سو سپنو مُور نه مرڻو آ!

احمد خان مدهوش

# هَئي هَئي بينظير



قومَ جي تقدير! هَئي هَئي بينظير
پيءُ جي تصوير، هَئي هَئي بينظير
پيارَ جي زنجير، هَئي هَئي بينظير
ملڪ جي توقير، هَئي هَئي بينظير!

تو ۾ آبائي ڪشش ڪيڏي ڪثير
ذوالفقاري ذهن تو ۾ ۽ ضمير
تو ۾ جيجلَ ماءُ نُصرت جو خمير
ميرَ جي همشير! هَئي هَئي بينظير!

تُنهنجي آمد سان هئا احساس خوش
واهپا، ويچار خوش، وِشواسَ خوش
هو سجو عوّام خوش ۽ خاص خوش
ڪندِ ۾ جيئن ڪِيرُ، هَئي هَئي بينظير

اوچتوئي سَڏ ڪيو توکي قضا
ڪربلا پويان اچي وئي ڪربلا
وئي وطن مان چڻ وسامي آهه ڪا
نورَ جي تنوير! هَئي هَئي بينظير!

واءِ حسرت آ بلوچستان ۾
ملڪ سارو ويو ٻُڏي سُنسان ۾
اِنڊيا پيئجي وئي ارمان ۾
تو ڪري ڪشمير، هَئي هَئي بينظير!

توکي مان عوّام جو عاشق چوان
سنڌ راڻي، دُخترِ مشرق چوان
تنهنجي شهرت بي بها بَرحق چوان
شانَ جي تشهير، هَئي هَئي بينظير!

رتُ ڏنو تو آ، اَمُن جي واسطي
آشتِي آندءِ سَين جي واسطي
پر لُٽيرن ڪانئِرن جي واسطي
حيدري شمشير، هَئي هَئي بينظير!

رُوح جا تو رابطا جوڙي ڇڏيا
قرب جا تو قافلا جوڙي ڇڏيا
حوصلن سان حوصلا جوڙي ڇڏيا
هوشَ جي تعمير، هَئي هَئي بينظير!

وَتُ اَمينن جي اَمانتَ جو اِنعام
عاشقيءَ جو ۽ عقيدت جو اِنعام
عزمَ جي ساري امامَت جو اِنعام
اَي نشانِ تيرَ! هَئي هَئي بينظير!

توکي مان 'مدهوش' نياڻي تو سڏيان
دل ڏياڻي، روحَ راڻي تو سڏيان
سمجهه هاڻي ۽ سياڻي تو سڏيان
فهم جي تدبير! هَئي هَئي بينظير!

نصير مرزا

# سلام بينظير کي

سلام بينظير کي
سلام شاهنواز مير کي
سلام اُن جي تير کي
سلام خاندان بينظير جي ضمير کي
سلام سنڌ جي خمير کي.

لهوءَ جي روشني ڏئي
سڪا جن سنوان ڪيا
گُلاب جن نوان رکيا
وفا جي واٽ واٽ تي
۽ گهُگهه گهاٽ گهاٽ تي
جلائي جن ڏيئا رکيا.

جنين نه ڪوبه آسرو
نه واهرو ڪو آچيو
تنين لئه دَرَ کليا رکيا.

دلين کي جستجو ڏني
وطن کي آرزو ڏني
۽ خواب جابجا رکيا.

۽ اُس ۾ اُساڻيل
۽ راهه ۾ وڃائيل
۽ گهُپ ۾ گهوگهاٽيل
مسافرن کي ماڳَ جا
اَتا ڏِنا پَتا ڏنا.

۽ سِڄُ ڪو انهن منجهان
نه ڪوئي چنڊَ جي سمان
اِها جا ساري ڪهڪشان
ڪٿو ڪٿو ٿي سپ الا
ٿني ويا ڇٽي ويا.

لهو لباس ويس ۾
زمين ۾ لهي ويا
مگر قطار در قطار
جنهن طرف نظر ڪٿو
سپيئي اڄ جيئن پيا
سنيهه سک مان، ڏين پيا.

سلام بينظير کي!
سلام بينظير کي!

نجمہ شيخ

# بيت

بادشاهي بينظير جي، رهندي دلين متان،
مورک پائين متان، وسري ويندي ويڙهيچن کان.

ملڪن ۾ مشهور هئي، سنڌ جي هيءَ راڻي،
تو جاتي اُجهاڻي پر روشن رهندي روز قيامَ.

مومل آنڌائون ملڪ ۾، لکي ڪوفين وانگر خط،
ڪنهن نياڳي بيبخت ڪيو قتل ڪوئل کي.

غريبن مظلومن جو هئي بينظير آواز،
نماڻن مسڪينن جو متس هو ناز.

شهيدياڻي شهيد ٿي، ملڪ ۾ ماڻهن ڪاڻ،
ڪري روح رهاڻ، هاڻي حورن وچ ۾.

وڏائي واحد جي پر ٿيو ڪيس ڪلور،
ملڪ سندي ماڻهن جون ٿي ويون خوشيون ڪافور.

ڪنهن نہ پيدا ڪئي مثل بينظير،
پرهہ ڦٽي جو هير، وري نہ گهُلندي ملڪ ۾.

"نجمہ" نهاري ورٺي ناهي بينظير،
پائئي هيئن تقدير، لکيو لوح قلم ۾.

وئي وڏي وٺڪار ڏي، ڪري جلدي جدائي،
ڌرتيءَ جي جائي، موٽي نہ ملندي مارئين.

گلشن لغاري

# محترمہ شهيد بينظير ڀٽو صاحبہ کي پيغام

ڏکي هن ديس جي زخمن تي
مرهم جان هو تنهنجو وجود
تنهن جي هستي پاڻ ۾ ئي پاڻ هئي
جڻ تہ ڪوئي معجزو! جڻ تہ ڪوئي انقلاب!
پورب جائي! تون هئينءَ اسان جي،
جڻ اميدن جو مڪمل آفتاب!
جو اوچتو ئي اوچتو
ڌرتيءَ جي سيني ۾ لهي ويو!
خلق جي ان بيوسيءَ کي آسمان
چپ چاپ ڏسندو ئي رهيو!
تنهنجي ناحق خون تي،
رت رڳو نيڻن منجهان ناهي ٽميو،
درد جا ٿوهر دلين تي گهائي ويا.
الفاظ ويا مصلوب ٿي
درد کي اظهار پورو ڪين پيو!
ديس واسين جون دليون ٿيون درد ۾ ائين چور
جڻ تہ ڪجهہ ڏونگر ڏري پيا،
اُپ تان تارا، سجا سارا ڪِرِي پيا.
دردن جي ماريل ديس لاءِ
تون اڪيلي آس هئينءِ،
باٽ اونداهين ۾ پيي،
جرڪيو پئي جنهن جوتي نور!
توڙي جو منزل آ اسان کان ڏاڍي ڏور!
پر تو پنهنجي رت سان، توڙي ڇڏيو،
ازلي انڌيرن جو غرور!
تون روشني هئينءِ،
۽ روشني!
هڪ ڏينهن ورٺي آ ضرور!

تنهنجو تڙپڻ تنهنجو ڦتڪڻ شهيد لاءِ
بي سهارا ماءُ پيڻ ۽ ڀن ڳيرو پائرن لاءِ
شهيد والد جي آخري ديدار کان محروم
او منهنجي يتيم ۽ يتيمن جو آسرو محترم
او منهنجي بينظير

وطن کان بي وطن توکي ڪيائون
ڌرتيءَ جيجل کان توکي دور ڪيائون
شاهنواز کي شهيد ڪيائون پرڏيهه ۾
لاش تو ان جو آندو راڻي ڏيهه ۾
قوم ريهون ڪري تنهنجي لاءِ اٿي
۽ تنهنجو هر طرح کان هڪ سهارو بڻي
هڪ نعرو لڳو پُٽي جي تصوير بينظير
تو پڻ پاڻ ملهايو ڏاڍو بينظير
او منهنجي بينظير

عِلم جي اڪابر تون
جاڻ جي عالم تون
ساعت جي سدوري تون
تنهنجي لاءِ ڪيئي پروانا اٿيا
مون جهڙا تنهنجا ديوانا
دعائن وظيفن ۽ جاڪوڙ ساڻ
او منهنجي بينظير

هڪ دفعو نه ٻه دفعا ٿئينءَ وزيراعظم
ايشيا جي تون عورت وزيراعظم
ٿڪ سيني جا لهي ويا، درد دل جا دور ٿيا
جڻ شهيد جو ڪجهه قرض لٿو حقدارن کي حق مليا
او منهنجي بينظير

پر بيضمير وري پڙڪيا
سازشي ٽولا وري نڪتا
ڳيرو ياءُ تنهنجو شهيد ڪيو ويو

سند ماءُ جي سيني تي هن جو رت وهايو ويو
هنن کي نه کپن سازشي ۽ دغاباز
عيار، مڪار، دوکيباز جاسوس ۽ ڪيچلا
اهڙي مڪار جي مڪاري تي ڪامياب
او منهنجي بينظير

ڏيهه توکان کسيو ويو
توکي وري جلاوطن ڪيو ويو
ٽن ٻچڙن جي امڙ تون
بي سهارا ماءُ جو سهارو تون
تنهنجي سحر انگيز شخصيت ۽ ذهانت
پر اعتماد، باوقار، عقلمند ۽ وجاهت
ڪروڙين انسان ٿيا تنهنجا گرويده
تو ڏنو سبق امن، خوشحالي رواداري جو
او منهنجي بينظير

تنهنجي همت ۽ جرئت تي ٿي حيران دنيا
پنهنجي عقل ۽ فهم سان توڪئي حيران دنيا
سڄي دنيا قائل ٿي تنهنجي قول سان
سڄي دنيا فهم پرايو تو منجهان
او منهنجي بينظير

پر هاڻي اکين مان تو مينهن وسي
هنياءُ منهنجو پڄري تو ڏري
دل کي ڪا ڳالهه ڪانه ٿي وڻي
دل و دماغ ۾ وسين ٿي تون
او منهنجي بينظير

ها اُهي آڪٽوبر جا ڏهاڙا هئا
هر طرف ويلڪم ويلڪم جا نعرا هئا
پسيم اهي سڀ نظارا مون اکين سان
اهي قافلا اهي نعرا ۽ جهنڊا اکين سان
تنهنجي ڪامراني ۽ تنهنجي سوچ جي گونج سان

او منهنجي بينظير
اکيون منهنجون لڳل چينل تي هيون
جڏهن تنهنجو چوڏهين جهڙو چهرو پسيو مون
خوشيءَ سان ٽلڪي پيون هي اکيون
شل ڪوسو واءُ نہ لڳئي دعا ڪئي مون
او منهنجي بينظير

پر وري آهي سازشي ٽولا
عيار مڪار دغاباز ۽ ڪيچلا
لکن ۾ تعداد ڏسي سڙي ويا
۽ بم گولا ۽ گوليون ڪٺي نڪري پيا
او منهنجي بينظير

ماتم غريبن ۾ ڏاڍو وجهي ڇڏيائون
جسم پروانن جا چيهون ڪري ڇڏيائون
انهن ئي رستن تان جتان خوشيون پئي لنگهيون
لاش انهن جا لنگهيا نڪتيون پئي سسڪيون
او منهنجي بينظير

پر آها نياڳي شام ستاويهين ڊسمبر جي
جڏهن ڏنم پئي تنهنجو جلسو نينهن سان
اوچتو آهي ظالم ڪانئر ۽ قاتل آيا
تو سائڻ سهڻي تي اچي ڪڙڪيا
گوليون هنيائون بم هنيائون
هاٺي ساهہ منهنجو سڪي ويو
ٽيو اعلان بينظير زنده آهي
ڪجهہ آٿت مليو دعا لاءِ هٿ ڪنيا
او منهنجي بينظير

اوچتو اعلان ٿيو ڪاري قيامت اچي وئي
بينظير ڀُٽو گوليءَ ۾ شهيد ٿي ويئي
سڀ طريقا وسري ويا سڀ رواج بدلجي ويا
سينہ ڪوبي ڪئي، زمين ٿامو ٿي ويئي

ڪاراڪڪر چانئجي ويا
او منهنجي بينظير

تنهنجي ٻچن کي يتيم ڪرڻ وارا
تنهنجي سر جا قاتل اهي عيار مڪار
دغاباز سازشي بي ضمير ۽ ڪيچلا
اڄ وري ڪيائون ڪربلا وارو نظارو
هر طرف آهي ياحسين ياحسين جو نعرو
او منهنجي بينظير

اکين مان ٿو مينهن وسي هر
مرد ٻار ۽ عورت روئي ٿا ڪن
هڪ ٻئي سان تعزيتون ڪيئي ميڙاڪا ۽ گڏجاڻيون
دل مان سور جون سٽون ٿيون اُڀرن
ڏک غم اداسي حيراني ۽ اڪيلائي اتم
او منهنجي بينظير

تنهنجو غم نہ ڏسان ها
هاءِ غم بينظير نہ ملي ها
اڃا تہ ڀُٽو ئي نہ وسريو هو
ان جو قرض اڃا تہ نہ لٿو هو
او منهنجي بينظير

معصوم بلاول، بختاور، صنم ۽ آصفہ
۽ تنهنجو وفادار ور صاحب
صبر و غم افسوس جي تصوير بڻيل
لاچار ماتم ۾ هئا حيرانگي جي تصوير بڻيل
او منهنجي بينظير

دل تنهنجي ماتم ۾ ٻڏل آ
دماغ تنهنجي سوچن ۾ ٻڏل آ
جڻ هماليہ جبل ڪِري پيو آ
جڻ سڄي ڪائنات جُهري وئي آ

او منهنجي بينظير
دل مان ٿي دانهن نڪري
او پنڊي شل ڪاري واري ٿئي
تو سان ڪئي اسان وفا
تو ڪئي اسان سان دغا
ڪڏهن لاش ڏٺئہ ذوالفقار پُٽي جو
ڪڏهن لاش ڏٺئہ بينظير پُٽي جو
او منهنجي بينظير

بس تنهنجي لاءِ آهي اها دعا
شهيد شل جنت الفردوس ۾ هوندينءَ سدا
شال فاطمة رضہ سان هوندينءَ گڏ
شال شهيد بابي ۽ ڀائرن سان هوندينءَ گڏ
سنڌ جي راڻي بينظير
او منهنجي بينظير

اڄ دل کي ڪجهہ آٿت مليو
منهنجو رضا مون ڏانهن ڀڄندو آيو
پتڪڙي هٿ ۾ ڪتاب مٿي جهلي
هڪ نعرو هنيائين ڏاڍي زور سان:
"بلاول پُتو قدم بڑهائو
هم تمهاري ساث هين".



گلبدن جاويد

# غزل

سونهن تنهنجي ۾، عجب سحر جادوگري هئي،
گفتار تنهنجي ۾ قرب ڪمال، ڪاريگري هئي.

حُسن تنهنجي جي تشبيهہ ڏجي، تہ ڪنهن سان ڏجي،
مٺ نہ تنهنجو ڪائي حور، نہ ڪوهہ ڪاف جي پري هئي.

قاتل توتي وار ڪيو، هر سينو دل ڪان ڏار ٿيو،
وجود تي ويا ريزا ريزا، ڌرتي ٻري ڏري هئي.

ڪير لهندو تو جيئن، مارو‌ئڙن جي سار او مارئي،
تنهنجي دل ۾ پريم، سندن هو درد هو دلبري هئي.

هو ڏس تنهنجي غم ۾، آسمان پيو روئي،
لرزش ۾ هو، هر نظارو ڪائنات جهري هئي.

حميره نور

# او پُراسرار پري

او
اڇي رئي واري
اڇي پري
او پراسرار پري
تون اسان کي ڇڏي ڪيڏانهن وئين!؟
اڄ اسان سنڌ واسي
لڙڪ اکڙين منجهہ لڪائي
ڳيت نڙي ۾ اٽڪائي
صبر جو دامن جهلي جهلي
عڪس ڏسون پيا
سڀ ڪجهہ پسون پيا
سڀ ڪجهہ سمجهون پيا
پر پوءِ بہ
توکي ڳوليون پيا، ڳوليون پيا.....
او پراسرار پري
تون اڇو ويس پهري
سوين دليون غمگين ڪري
مڻ متين ڏانهن پير پري
سوين بلاول پويان ڇڏي
اسان کي ائين نڌڻڪو ڪري
پٽڪي منجهہ راڄ ڇڏي
ڪهڙي راهہ جي راهي ٿئينءَ!
مٽي منجهہ آرامي ٿئينءَ!
او پراسرار پري
او اسان جي جيجل
لاڙڪاڻي کان لنڊن تائين
ڪراچي کان دبئي تائين
تنهنجا گهر
توکي سارين پيا
تنهنجا ٻچا پنهنجا نيڻ
ڏيئڙن جيان ٻارين پيا
لڙڪ زمين تائين لاڙين پيا
۽ توکي پڪارين پيا
او پراسرار پري
سنڌ رستي ايندي ويندي
هڪ فروٽ وارو
هڪ سموسن وارو
هڪ پڪوڙن وارو
هڪ شهيد جو ٻار
هڪ ڪارساز جو زخمي
هڪ نظام جي ماءُ
هڪ لياري جي عورت
۽ نہ ڄاڻ
هڪ هڪ ڪري
الائي تہ ڪيترا جگر
تنهنجي الميائي موت تي
خود پاڻ هي پاڻ
الميائي فرد بڻجي ويا آهن
سنڌ لاءِ وِرڌ بڻجي ويا آهن
او پراسرار پري
او شهيد راڻي
او سنڌ جي نياڻي نماڻي
توسان جيڪو ڪجهہ بہ ٿيو
تون پڪ ڄاڻ اهو سڀ ڪجهہ

سنڌ سان ٿيو آهي
مون سان ٿيو آهي
تون پڪ سمجهجان
مان رنگين ڪپڙن ۾ ملبوس هوندي به
اڇي ڪفن ۾ ويڪيل آهيان
ڪائيندي پيئندي به
بک اڄ تي آهيان
ڌرتيءَ تي هوندي به
پاڻ کي اونهي کوهه ۾
ڪريل محسوس ڪريان ٿي
بي وس لاچار سمجهان ٿي
۽ اهو به ڄاڻان ٿي ته
تون مون کي واپس ڪونه ملندينءَ
بلڪل ائين جيئن
تنهنجو جاني بابا ۽ جوان ڀائر
توکي واپس ڪين مليا
۽ تو عمر گذاري ڇڏي
هڪ نعري پويان
هڪ خطاب پويان
هڪ علامت پويان ۽
هڪ نانءُ ”ڀُٽو“ پويان
۽ اسان
ڀُٽي جي نشاني پنڪي پويان
عمر گذاري ۽ گذاريون پيا
ته
(ڪالهه به ڀُٽو زنده هو)
(اڄ به ڀُٽو زنده آهي)
پر او پراسرار پري
تنهنجا قاتل
قاتل شهر راولپنڊي ۾
آزاد گهمن پيا
اسان ڪيئن هڪ نعري پويان
سڀ ڪجهه وساري ويهي رهون!
۽ انهن کي ڏسندا رهون!
اهي قاتل تنهنجي نشاني
بلاول جا به ويري آهن
تنهنجي سڄاڻپ سنڌ جا به ويري آهن
اسان جي جند ۽
همت حوصلي جا به
ويري آهن
جيڪي اسان کي ائين
سولو جيئڻ ڪونه ڏيندا
توڙي جو
ڀُٽو زنده آهي
ڀُٽو زنده رهندو
پر او پياري پنڪي
اسان کي ڀُٽي جو
وجود کپي وجود کپي
جنهن تي
تو ساهه ڏنو- ويساهه ڏنو
انداز ڏنو- آواز ڏنو
او ڀُٽي جي پنڪي
او پراسرار پري
اسان تنهنجا مياري آهيون
تو ڀُٽي جي ميار لاٿي
اسان تنهنجي ميار لاهڻ لاءِ
آتا ويٺا آهيون
تون يقين ڪر
تون يقين ڪر
او اڇي رئي واري
او پراسرار پري

مريمَ مجيدي

# ديس جي اڻين سورمي!

پنهنجي نالي جي تصوير،
مٽ نہ هن جو ڪوبہ نظير،
مظلومن جي آس اُڪير،
جيئي جيئي بينظير،

هن جا سڏ پڙاڏا ٿيا،
دشمن جي دل هڄائي ويا،
هر ڪو ٻول عوامي ٻولي،
انقلابي هر تقرير،
جيئي جيئي بينظير!

رات جا رهزن، قهري قاتل،
ڏيھ جي ڏينهن کي جن ڪيو گهائل،
رت جي خوشبوءِ ساڻ لکي وئي،
سڏڪن جا سمنڊ اٿلي پيا،
زخمي خوابن تاڻياتير،
جيئي جيئي بينظير!

مات ڏني آ مردن کي،
ٻسئي جيان سورن، دردن کي،
جمهوريت جي جان بڻي جا،
ٽوڙي آمريت جا زنجير،
جيئي جيئي بينظير!

ڪربل جي هن ريت نڀائي،
ڀٽو ازم جي ساک مڃائي،
سورهيہ پيءُ جي دلير ڌيءُ،
آزادي جي ارڏي هير،
جيئي جيئي بينظير،

ديس جي اڻين سورمي آهين،
قوم سڄي جي ڀيڻ سڏائين،
هر هڪ من آ ماتامي اڄ،
تاريخ رچي، ريٽي تحرير،
جيئي جيئي بينظير!

پاڻان اربي امر ٿي آ،
سچ کي ڏيئي عزت وئي آ،
تدبيرن کي ماڳ ڏسيو هن،
جڳ جا جاڳائي ضمير،
جيئي جيئي بينظير!

خليل عارف سومرو

# نظم

سوجهري جي سفير هُئي
صُبح جي ٽڙي هيِر هُئي

وحيءَ جهڙي تحرير هُئي
هُوءَ ڪند، ماڪي، ڪير هُئي

لافاني لاثاني هُئي
جمهوريت جي باني هُئي

خوشبو جو تفسير هُئي
يُتي جي تقدير هُئي

سوُنهن جي تنوير هُئي
سَچَ جي تقرير هُئي

ماڻهن لئہ ويساهه هُئي
سنڌ جو تہ جڻ ساهه هُئي

هوءَ جيڪا بينظير هُئي
قوم جي تقرير هُئي
قوم جي تقرير هُئي

# وائي

سُڏڪي ساري سنڌ
شهزادي شهيد ٿي.

ساڻونڻ جو وَسڪار ٿي
بَرسي ساري سنِڌ
شهزادي شهيد ٿي.

ساري دُنيا سوڳ ۾،
تڙپي سِاري سنِڌ
شهزادي شهيد ٿي.

چوڏاري باهيَون هُيون،
اُٿلي سِاري سنِڌ
شهزادي شهيد ٿي.

عارف مون کي لڳي،
اُجڙي ساري سنِڌ
شهزادي شهيد ٿي.

# وائي

ڪير اُڪَهي ڳوڙها،
ڳڙهي خدا بخش جا!

اڄ به پنهنجي پيڻ لئه
رُئڻ تا رستا.
ڳڙهي خدا بخش جا.

مِٽي ماءُ ۽ مَقبرا،
پَٿرا ئي پَٿرا.
ڳڙهي خدا بخش جا.

مُلڪن جا ماڻهو هِتي،
ڏِس اچي مِيلا.
ڳڙهي خدا بخش جا.

پُٺن جي ڪري ٽِيا،
درجا ۽ رُتبا.
ڳڙهي خدا بخش جا.

عارف مُون آهن ٻُڌا،
سُڏڪن تي سُڏڪا.
ڳڙهي خدا بخش جا.

# وائي

توتي رحمت بينظير
تنهنجا قاتل مرده باد

ڪنڌ جهُڪائيي ڪين ڪي،
باأصُول ۽ باضمير
تنهنجا قاتل مرده باد

جان جمهوريت لئه ڏنئي،
ڇنئي صوبن جي زنجير
تنهنجا قاتل مرده باد

اڄ به تو لئه دل اداس،
اڄ به نيڻن منجهه نير.
تنهنجا قاتل مرده باد

توتي لکندا شاعري،
سوجهري جا سَيَ سَفير
تنهنجا قاتل مرده باد

تنهنجا ٻچڙا پِي آهن،
ملڪ جي لئه تَدڙي هير.
تنهنجا قاتل مرده باد

تنهنجي آصف ڪي ڏسي،
ياد جي ورندي آ وِير
تنهنجا قاتل مرده باد

پيئن هُونديئن ٻهشت ۾،
ميوا ملنديئي ڪنڌ ڪير.
تنهنجا قاتل مرده باد

اڄ به اڪيون آليون عارف،
جيءُ ڪي ايندو آهي جهير.
تنهنجا قاتل مرده باد

ڪزبانو سنڌو

# وائي

گهوري ڇڏيان تو مٿان جان
آهين تون منهنجي پهچان
اي ماءُ توکي سلام

ڏنا نظرن نظارا دنيا جا ڪئين
هر هنڌ هو تنهنجو شان
اي ماءُ توکي سلام

تنهنجي قربت ۾ ٿڌڙي هير آ
مهڪ تنهنجي گهر بنايو گلستان
اي ماءُ توکي سلام

سايو تنهنجو رهي سدا سلامت
تنهنجي آغوش ۾ ٿي ننڊ مهربان
اي ماءُ توکي سلام

"سنڌو" سوا تو جيئندي ڪيئن
هر دعا تنهنجي پهچي آسمان
اي ماءُ توکي سلام

* * * * * *

غلام شبير پٽو "ناز" حسيناڻي

# وائي

سنڌ جي راڻي،
هڏ ڏوڪياڻي،
پيڻ بينظير هُئي.

شهيدن جي ڳوٺ جي،
نِجُ سنڌياڻي،
هَڏ ڏوڪياڻي،
پيڻ بينظير هُئي.

ماڪي، کير ۽ مصري،
مَکڻ جي چاڻي،
هَڏ ڏوڪياڻي،
پيڻ بينظير هئي.

شهيد بنت شهيد ٿي،
هي نياڻي نماڻي،
هَڏ ڏوڪياڻي،
پيڻ بينظير هُئي.

هُوءَ مارن مان، مارو هُن مان،
"ناز" خسيناڻي،
هَڏ ڏوڪياڻي،
پيڻ بينظير هُئي.

* * * * *

عظيم آديسي

کنهن چاتو تہ هيل بهار جي منڊ
ٿيندي تنهنجي تعزيت اظهار جي منڊ

پورهيت پيار ڪن توسان،
مزدورن کي بہ محبت آ،

منهنجي شاعري زبان بينظير آهي،
ٿڌن هر سٽ بيان بينظير آهي،

شهيد بي جي شهيد ٿيءُ آهيان،
سر ڏئي مان سرخرو ٿي آهيان.

ڌرتي سان پيچ اتم پختا،
جائي مان بہ تہ سنڌ جي آهيان.

آسمان جون ساريون فضائون، ٿيون اشڪبار آهن،
ڌرتي تي گهلندڙ هوائون، تعزيت جو اظهار آهن

پنهنجي خوشبوءِ کي، سي دفنا ئي اندر،
”مزارِ بينظير“ تي، سپ گل سوڳوار آهن

ايوب گل

## شهيد بينظير ڀٽو کي پيغام.....!

قدم قدم تي هلياسين توسان، اسان وِڪن ۾ زنجير هوندي،
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ اسان جي رت جا، قصا پڙهيا تي زماني وارن،
ذرا ذرا تي جسم اڏيا ها، حصا ڏٺا تي زماني وارن،
زخم زخم تي چُلياسين توسان، اندر ۾ تنهنجي اڪير هوندي،
قدم قدم تي هلياسين توسان، اسان وِڪن ۾ زنجير هوندي

قاضي منظر حيات

## سنڌِ سَجي مَاتمُ.....

هر آسَ ٿڦل آهي!
ماتمَ جو منظر آ،
هَر اکِ پنلَ آهي!

## رنگُ — رينو...

رنگُ- رينو پُونءِ تي هاريو ويو،
سنڌ جي خوشبو هئي، تڪڙو اُڏي!
چا تہ اذيت جو چٽيو نقشو لطيف:
”رڻ گجيو، رَاڙو ٿيو، ڌرتي ڏڌي!“

شبنم گل

## ڳڙهيءَ جي گلن جي خوشبو

هڪ گهري ڏنل خاموشي
هڪ اڌوري خواب مان جنم ورتي
هڪ خواب جيڪو زمين جي
متحرڪ خلين مان
سائي سلي جيان ساهه کڻي تو
جنهن جي خاموش ساوڪ مٿان
سج جا روشن ڪرڻا
هڪ پرامید پيغام ڏين ٿا
پر پوءِ به ڌرتي ڏنل رهي ٿي
پنهنجي ڪک ۾ سانديل ڏک ۾
هوريان هوريان ساهه کڻي ٿي
هن جي سهميل ساهن ۾
صدين جي ٿڪ جو پڙلاءُ
ان خاموشيءَ کي ٽوڙي ڇڏي ٿو
۽ خاموشي ڳالهائڻ لڳي ٿي
ڌرتيءَ جي سيني هو سنڌو
لهرون پيڙي ۽ سڙهه جا پاڇا
موهن جي مٽيءَ جي هر خوشبو
کيتن ۾ سارين جا رنگ
چنگ چرڻ سان مرڪي پون ٿا
هوا جو ڏنل هلڪو گيت
بيهر فضا ۾ ٻري اٿي ٿو
ڳڙهيءَ جي گلن جي خوشبو
درد جيان مهڪي پوي ٿي
بيوس اکين ۾ ڪرنڊڙ لڙڪن جو
هڪ جيئري قبرستان رابطي ۾
ان منظر جي گهرائيءَ مان
ساهن جي سگهرن ۾ چڻ
ڳيرن جهڙا گيت رچن ٿا
خالي اکين جي پنبڻين هيٺان
بيهر سپنن جو سنسار جُڙي ٿو
هڪ گهري خاموشيءَ مان ڪيئن
سج جي طاقت جنم ورتي ٿي!

صنم اياز

## جُدائي

هاءِ بينظير! اڄ توکي ساريون ٿا،
تنهنجيءَ جُدائيءَ ۾ هنجون هاريون ٿا،

اڄ تنهنجي پارٽي جي ڪاميابي ڏسي،
تنهنجي عظمت سان پاڻ اُجاريون ٿا!

فياض چنڊ ڪليري

# شهيد جمهوريت ڪي پيتا

پنڌي! پهاڙ ٿنهنجا،
اڄ سرنگون آهن.
مقتول موسمن جو
نوحو ٻري رهيو آ،
تهذيب، سونهن، ساڃهه
ڏاهپ جو خون توڪان،
عدل گهري رهيو آهي.
او وقت! نيڻ ٿنهنجا،
پڇائجي ويا ڇو؟
موهن جي ديس جي هوءَ،
جنهن جي رڳن ۾ ٻاگهل،
هو خون ماريءَ جو
جنهن جي اکين سجايا،
او ديس! خواب تنهنجا،
صديون سنيار ٻڌجي،
پنڪيءَ جو پيار ٻڌجي،
ڳائيندين ڳات ڪٿنديون.

زاهده "زادو" ابڙو

# وري ورندي بينظير

چنڊ جهڙي سحر آميز سحر بيان
وري ورندي بينظير
بخت جي ديوي شهيد راڻي
وري ورندي بينظير
سچ ڳالهائيندڙ همت واري
دانشمند جرئت واري
اهڙي ته ڪا جڙندي تصوير
وري ورندي بينظير
سڀ کي سوڳ ۾ روڳ ڏئي
دشمن کي به جوڳ ڏئي
هر دل تي ملندي تحرير
وري ورندي بينظير
سودو جن کي ڪرڻ نه آيو
سر سورميءَ جو ڏيڻ نه آيو
اَمن امان جي رهندي سفير
وري ورندي بينظير
سنڌ ماتيءَ جي شهزادي
ڙڳو گهري جنهن آزادي
بگڙيل ڪيئن نهندي تقدير
وري ورندي بينظير
ڪم ظرفن ڪيڏو قهر ڪيو
ڪونج ڪنوار کي ڪفن ۾ ڍڪيو
سڏڪا اريي ڪندي آسير
وري ورندي بينظير

ضمير شيخ

# اگر جي انسان هُجين ها!

اي ظالم!
پيڻ بينظير جا قاتل
اگر جي انسان هُجين ها
ته ائين ڪروڙين دلين ۾ ڏک
۽ ڪروڙين اکين مان
پاڻي نه وهي ها
اي ظالم!
اي قاتل!
نه ئي منهنجي دل جي واريءَ ۾
خزان جو قافلو رڪجي ها
اگر تون انسان هجُين ها
اي ظالم!
اي قاتل!
ڪاش!
اسان جي زخمي هٿن تي
پنهنجي هٿن سان
ڪوئي گُل رکين ها
۽ چوين ها
وطن جي محبت روشني آهي.
زندگي آهي
خوشبو آهي.
ڪاش!
چوين ها
مون کي قسم آهي سنڌ جي مٽيءَ جو
تون سنڌ جي نياڻي ۽
بهادر راڻي آهين.
تون اسان جي محبوب ليڊر
۽ پياري پيڻ آهين
مگر اهو تون تڏهن چوين ها
جڏهن تون انسان هجُين ها.

* * *

# بينظير جي نانءُ

تون زندگيءَ جو
هڪ احساس آهين
تون
هڪ مجيل حقيقت آهين
تون ناهين هن دنيا ۾......
.... يقين نٿو اچي
پر حقيقت اها آهي.
تون زنده آهين
ڪروڙين دلين ۾.

* * * * *

# تنهنجي وڃڻ کان پوءِ

سنڌ جي ماڻهن ڏاڍو ڏنو آهي.
انهن پنهنجين دلين کي
اُداس ڪيو آهي.
جن جي دلين ۾
اميدون هيون
هر هڪ دل
رت ڏنو آهي.
تنهنجي وڃڻ کان پوءِ
هي سنڌ...
بي رونق بنجي وئي آهي.
ڪوبه زندگيءَ ۾ مزو نه رهيو آهي
سارا احساس
فنا ٿي ويا آهن.

خوشيون خوشيون نہ رهيون آهن
هر پل
ڪوجهو ڪِنو آهي
تنهنجي وڃڻ ڪان پوءِ
جن رستن تان
تو گذر ڪيو آهي.
اُتي تنهنجون تصويرون ڏسي
اِکيون پٿر بڻجي وڃن ٿيون
اسان جي دلين تي
ڇا گذري ٿو
اهو اسان کي پتو آهي
تنهنجي وڃڻ ڪان پوءِ.
اسان جا سارا سپنا
پڄي پورا پورا ٿي ويا آهن
ڪهڙي خبر هُئي
اسان جي پيڻ
ايئن جدا ڪئي ويندي.
ءِ رئندي رئندي
اکين جو پاڻي سڪي ويندو
ڇا حال ٿيو آهي؟
تنهنجي وڃڻ ڪان پوءِ
وڏي عقيدت سان
توکي ياد ڪيون ٿا.
زندگي رهي نہ رهي
پر تنهنجو نانءُ
هميشہ
رهندو آهي.
تنهنجو نانءُ
هميشہ
رهندو آهي!

By: Masood Lohar

## We have become a news BB!

Few marks of a juge's daughter
Loud barks from a terrorist's bunker
Bomb dhamaka in a girls' school
Pouring oil from a crashed tanker

We are breaking news BB!
We have become a news BB!

Politician only talk of events
Intellectuals are Kaka Achar
No one knows what are facts
Who is pery and who is hunter?

We are obsessed with coups BB!
We have become a news BB!

You were light at the end of tunnel
Darkness prevails with dying twinkle
Bad time has taken us over
Who will light my hope's candle?

We are just a juloos BB!
We have become a news BB!

One year ago on this day
You wrote a new Kedaro
For what you sacrificed I wonder
When my nation has refused to grow

We are under heavy dues BB!
We have become a news BB!




ڀٽي صاحب جي شهادت کان پوءِ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪارنر قائم ڪيو ويو، جنهن ۾ ڀٽي صاحب جو استعمال ٿيل سامان (جيڪو هاڻ املهه اثاثو آهي) سنڌالاجيءَ کي ڏيڻ ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جو سهڪار نصيب ٿيو. ۽ اها ميڻ بتي به محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي مهربانيءَ سان سنڌالاجي جي ڀٽو ڪارنر کي نصيب ٿي، جيڪا پنڊي جيل جي ڪال ڪوٺڙيءَ مان ڀٽي صاحب پنهنجي سالگره ملهائڻ لاءِ محترمه بينظير ڀٽو جي حوالي ڪئي هئي.

14 جولاءِ 1994ع تي شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه پنهنجي عظيم شهيد والد جي سنڌالاجي طرفان سجايل ڀٽو گئلري جو افتتاح ڪيو، جيتوڻيڪ پروگرام موجب شهيد محترمه کي سنڌ يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن ۾ قانون جي اعزازي ڊگري ڏيڻ جي سلسلي ۾ مدعو ڪيو ويو هو ان ڏينهن هتي تيز برسات پئجي رهي هئي پرپوءِ به محترمه ڪانووڪيشن هال، ۾ وڃڻ کان اڳ، سنڌالاجي ۾ اچي ڀٽو گئلري جو افتتاح ڪيو، ان دوران محترمه بينظير صاحبه سنڌالاجي جي ان وقت جي ڊائريڪٽر ۽ وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽي ڊاڪٽر غلام علي الانا کي چيو ته ڪيس ڏيهه توڙي پرڏيهه مان جيڪي به تحفا ملندا اهي هو سنڌالاجي کي ڏينديون ۽ پوءِ اهي تحفا سنڌالاجي کي مليا. ائين ئي هن پنهنجون سموريون تاريخي شيون خوشبوئن سميت هميشه لاءِ سنڌالاجي کي ڏئي ڇڏيون هيون.

اڄ سنڌالاجي ۾ سندس زندگي جي خوبصورت يادن سميت سڀ قيمتي ۽ سندس ذاتي استعمال ۾ ايندڙ ۽ تحفن ۾ مليل شيون سنڌالاجي جي محترمه بينظير ڀٽو گئلري ۾ ڏسي سگهجن ٿيون.

سنڌالاجي ۾ جتي ڀٽي صاحب جي زير استعمال بوٽ، جوراب، ڪپڙا سگريٽ، ايش-



ٽري، جيل ۾ رهڻ دوران مٽي جي سور جي گوري جي پني به حفاظت سان موجود آهي. اُن کان علاوه محترمه بينظير صاحبه جا ناياب

فوٽو بالڪپٽي ڪان جواني تائين، پنهنجي والد سان گذاريل خوبصورت گهڙيون تصويرن جي روپ ۾ سنڌالاجي ۾ محفوظ آهن. هن گئلري ۾ ڪيٽريون ئي شيون سجايل آهن، جن ۾ ڪرگزستان جي صدر طرفان شهيد محترمہ کي تحفي طور مليل آف وائيٽ خوبصورت ۽ پررونق وڳو بہ موجود آهي ڪازڪستان جي دوري دوران ڪازڪ يونيورسٽي طرفان ڊنل بلو گائون جي پرسان ڪازڪ يونيورسٽي طرفان مليل آف وائيٽ گائون اسڪارف ۽ ڪازڪستان جي دوري دوران شهيد محترمہ کي ميرون ”ناسي“ گائون بہ تحفي ۾ مليو، جيڪو پڻ رکيل آهي. 27 فيبروري 1995ع تي منيلا جي دوري تي منداناؤن يونيورسٽي طرفان شهيد محترمہ کي مليل ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري ڏيڻ دوران پيلي بخمل جو خاص يونيفارم، گائون، اسڪارف ٽوپي سميت ڏنو ويو جيڪو پڻ هن گئلري جي سونهن بڻيل آهي.

ان ڪان پوءِ ترڪمانستان جو مڪمل ثقافتي وڳو (قميض، گائون، پرس، بيلٽ، جوراب بہ آهن، اهي شيون بہ شهيد محترمہ کي ترڪمانستان جي صدر طرفان تحفي طور مليون.

هن گئلري ۾ شهيد محترمہ کي انڊين هاءِ ڪمشنر ستيندرا ڪمارا لانبا طرفان فريم ٿيل خوبصورت راجستاني آئينو



(آرسي) پڻ تحفي ۾ مليو. اهو بہ گئلري ۾ موجود آهي. هن جي پرسان شهيد محترمہ کي تحفي طور مليل جيولري باڪس (زيورن رکڻ



جي خوبصورت چٽسالي سان ٺهيل پيٽي) بہ رکيل آهي جيڪا 23 آڪٽوبر 1995ع تي شهيد محترمہ کي عمر فاروق چيئرمن حريت پارٽي طرفان تحفي ۾ ملي هئي.

شهيد محترمہ کي مليل لڳ ڀڳ 30-35 شيلڊون، ٽرافيون/ ڳڙيون، ڪيترائي ماڊلز موجود آهن. ان جي ئي پرسان بحري ٻيڙي جو خوبصورت ماڊل 29-06-1995 تي CNS جي ڊنر دوران شهيد محترمہ کي تحفي ۾ مليو هو. ان جي ويجهوئي رکيل هڪ خوبصورت ماڊل چاندي سان ٺهيل (ٻيڙي) انڊونيشيا جي وائيس پريزيڊنٽ طرفان تحفي طور شهيد محترمہ کي مليو جيڪو بہ بينظير ڀٽو گئلري ۾ رکيل آهي، ان ڪان سواءِ 20-04-1995 تي پورٽ قاسم تي آئل ٽرمينل جي افتتاح مهل شهيد محترمہ کي مليل ٻيڙي جو ماڊل بہ يادگار طور رکيل آهي.

حبيب بئنڪ جي ڍڍوڪي صدر يونس ڊاليا طرفان پيش ڪيل حبيب بئنڪ پلازه ڪراچيءَ جو سونهري ماڊل پڻ گئلري ۾ رکيل آهي ۽ ان سان گڏوگڏ سکر جي معصوم شاهہ جي مناري جو ماڊل پڻ يادگار طور رکيل آهي.



آبادڪار خوشحال
ملڪ مالامال
عوامي حڪومت پاران آبادگار ڀائرن جي خوشحالي
۽ ملڪي زراعت جي ترقيءَ لاءِ نمايان قدم
• سڄي سنڌ جي واٽر ڪورسن کي پڪي ڪرڻ جو قومي منصوبو
(واٽر ڪورس جي پڪي هجڻ ڪري پاڻيءَ جي ضايع ٿيڻ ۾ 30 سيڪڙو تائين ڪمي)
• ڊرپ اسپرنڪلر آبپاشي جو منصوبو
(ڊرپ اسپرنڪلر آبپاشي جي ڪري پاڻيءَ جي استعمال ۾ 50 سيڪڙو تائين بچت)
• ليزر لينڊ ليولر جي ڪرائي ۽ سبسڊي قيمت تي فراهمي
(ليزر لينڊ ليولر سان زمين جي هموار هجڻ ڪري پاڻي جي استعمال ۾ 30 سيڪڙو تائين بچت)
• 2 کان 3 لک روپين جي سبسڊي تي 5000 ٽريڪٽرن جي آبادگارن کي فراهمي
• ٽيوب ويل لڳائڻ جي لاءِ ڊرلنگ ۽ بورنگ جي سهولت
• بلڊوزر جي رعايتي ڪرائي تي فراهمي
پاران
ڊائريڪٽر جنرل
زرعي انجنيئرنگ ۽ واٽر مينيجمينٽ حيدرآباد سنڌ
بلاڪ سي - شهباز بلڊنگ حيدرآباد فون نمبر 46-9200045-022

# TASSCO

The Shining Star Of Private Seed Sector In Pakistan
The First Research Based Seed Company In Pakistan
One Of The Biggest Seed Company In Pakistan
The Name Of Trust In Pakistan




## ®TASSCO SEED CORPORATION

PH: 022-3890422 MOBILE: 0300-3086370
E-mail: tasscoseeds@yahoo.com web: www.tasscoseeds.itgo.com



کھاد اور دوائی ایک ساتھ
OPAL AGRO
PAKISTAN
طاقت بھی تحفظ بھی
اوپل ایگرو کیمیکلز پاکستان
www.opalagropakistan.com
اب آپ کو زیادہ کھادیں خریدنے کی ضرورت نہیں کیونکہ اب
اوپل ایگرو کیمیکلز پاکستان فصلوں کی حفاظت کیلئے پیش کرتا ہے
OPAL
سونا سنگھار
Net Weight 9 Kg.
Imported Material
پوٹاشیم، نائٹریٹ اور کیلشیم کی ایک خاص مقدار کے ساتھ
نیا اُجالا
کوالٹی کی پہچان
اوپل کا نشان
آپ کی فصل اور زمین کی طاقت کیلئے اس میں شامل ہیں
پوٹاشیم، نائٹریٹ، کیلشیم، زنک اور جپسم زیادہ طاقت کے ساتھ




اسلام آباد:شهيد محترم بينظير ڀٽو صاحبہ اسلام آباد جي
ميريٽ هوٽل ۾ اڳوڻي صدر فاروق احمد لغاري جي ڪرپشن بابت
پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي



اسلام آباد:پرڏيهي سربراهن سان شهيد محترم بينظير ڀٽو صاحبہ جي يادگار تصوير





لندن:شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ، محمد نواز شريف، مخدوم محمد امين فهيم، محمد شهباز شريف جمهوريت جي بحالي واري ٺاهہ تي صحيحون ڪندي



ڪراچي: (22- نومبر 2007ع) محترمہ شهيد راڻي سردار خير بخش مري سان سندس پٽ بالاچ مري جي وفات تي تعزيت ڪري رهي آهي.



مُنهنجي لاءِ مارو رُنا ڪيئن نہ هوندا،
پَلوَ پاند تن جا پِنا ڪيئن نہ هوندا.

(خميس- 27 ڊسمبر 2007ع ) شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جو راولپنڊي سينٽرل هاسپيٽل راولپنڊي ڪان چڪ لالا ايئر بيس تائين سفر



ڳڙهي خدا بخش ڀٽو: (29 — ڊسمبر 2007ع) صنم ڀٽو، بلاول ڀٽو زرداري، بختاور ڀٽو زرداري
آصفہ ڀٽو زرداري ۽ ٻيا شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي مزار تي دعا گهري رهيا